سُوۡرَةُ الۡفَاتِحَةِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ سَبۡعُ اٰيَاتٍ

سورت فاتحہ مکي آهي ۽ اها ست آيتون آهي. ❶

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الله ٻاجهاري نهايت رحم واري جي نالي سان شروعات. ❷

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ① الرَّحۡمٰنِ

سڀ ساراهہ ❸ الله لاءِ آهي جو پالڻهار جهانن جو. گھڻو ٻاجهارو

الرَّحِيۡمِ ② مٰلِكِ يَوۡمِ الدِّيۡنِ ③ اِيَّاكَ

وڏي رحم وارو. مالڪ ڏينهن حساب جو آهي. ❹ تنهنجي ئي

نَعۡبُدُ وَ اِيَّاكَ نَسۡتَعِيۡنُ ④ اِهۡدِنَا الصِّرَاطَ

ٻانهپ ٿا ڪريون ۽ توکان ئي مَدد ٿا گُهرون. ❺ ڏيکار اسان کي واٽ

الۡمُسۡتَقِيۡمَ ⑤ صِرَاطَ الَّذِيۡنَ اَنۡعَمۡتَ عَلَيۡهِمۡ ⑥

سِڌي. واٽ انهن جي فضل ڪيو تو ❻ جن تي

غَيۡرِ الۡمَغۡضُوۡبِ عَلَيۡهِمۡ وَ لَا الضَّآلِّيۡنَ ⑦ ع

نہ ڏمر پيو ❼ جن تي ۽ نہ گمراھ ٿيا. ❽

سُوۡرَةُ الۡبَقَرَةِ مَدَنِیَّةٌ وَّھِیَ مِائَتَانِ
وَسِتٌّ وَّثَمَانُوۡنَ اٰیَۃً وَّاَرۡبَعُوۡنَ رُکُوۡعًا

سورت بقره مدني آهي ۽ اها ٻہ سؤ ڇهاسي آيتون ۽ چاليهہ رکوع آهي.

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

الله ٻاجهاري نهايت رحم واري جي نالي سان شروعات.

الٓمّٓ ۚ ① ذٰلِکَ الۡکِتٰبُ لَا رَیۡبَ ۚۛ فِیۡہِ ۚۛ ھُدًی لِّلۡمُتَّقِیۡنَ ۙ②

الٓمّٓ. ❶ هي كتاب ناهي كوئي شڪ ان ۾❷واٽ ڏيکاريندڙ❸خدا ترسن کي❹

الَّذِیۡنَ یُؤۡمِنُوۡنَ بِالۡغَیۡبِ وَ یُقِیۡمُوۡنَ الصَّلٰوۃَ وَ مِمَّا

جيڪي مڃين ٿا اڻ ڏٺي کي❺ ۽ ساري پڙهن ٿا نماز ❻ ۽ ان مان

رَزَقۡنٰھُمۡ یُنۡفِقُوۡنَ ۙ③ وَ الَّذِیۡنَ یُؤۡمِنُوۡنَ بِمَاۤ اُنۡزِلَ

جو ڏنو اسان انهن کي خرچ ڪن ٿا.❼ ۽ جيڪي مڃين ٿا ان کي جو نازل ڪيو ويو

اِلَیۡکَ وَ مَاۤ اُنۡزِلَ مِنۡ قَبۡلِکَ ۚ وَ بِالۡاٰخِرَۃِ ھُمۡ یُوۡقِنُوۡنَ ؕ④

❽ تو ڏانهن ۽ جو نازل ڪيو ويو تو کان اڳي، ۽ ٻئي جهان تي اهي يقين رکن ٿا.

اُولٰٓئِکَ عَلٰی ھُدًی مِّنۡ رَّبِّھِمۡ ٭ وَ اُولٰٓئِکَ ھُمُ الۡمُفۡلِحُوۡنَ ⑤

اُهي آهن هدايت تي جا سندن رب کان آهي ۽ اُهي ئي ڪامياب آهن.❾

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا سَوَآءٌ عَلَيْهِمْ ءَاَنْذَرْتَهُمْ اَمْ لَمْ
بيشڪ جن انڪارڪيو برابر آهي انهن لاءِ جو تون ڊيڄارين انهن کي يا نه
تُنْذِرْهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٦﴾ خَتَمَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ وَ
ڊيڄارين نه مڃيندا. (١) مُهر هنئي (٢) الله انهن جي دلين تي ۽
عَلٰى سَمْعِهِمْ ط وَ عَلٰٓى اَبْصَارِهِمْ غِشَاوَةٌ ز وَّ لَهُمْ عَذَابٌ
انهن جي ڪنن تي، ۽ انهن جي اکين تي آهي پردو ۽ انهن لاءِ آهي عذاب
عَظِيْمٌ ﴿٧﴾ ع وَ مِنَ النَّاسِ مَنْ يَّقُوْلُ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَ
وڏو. ۽ ڪي ماڻهو آهن جي چوَن ٿا ته ايمان آندوسون الله تي ۽
بِالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَ مَا هُمْ بِمُؤْمِنِيْنَ ﴿٨﴾ م يُخٰدِعُوْنَ اللّٰهَ
ڏينهن قيامت تي ۽ ناهن اهي ايمان آڻيندڙ. (٣) اهي دَلبو ڏين ٿا الله کي
وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ج وَ مَا يَخْدَعُوْنَ اِلَّآ اَنْفُسَهُمْ وَ مَا
۽ ايمان وارن کي، ۽ نه ٺڳي ڪن ٿا مگر پاڻ سان ۽ نٿا
يَشْعُرُوْنَ ﴿٩﴾ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ لا فَزَادَهُمُ اللّٰهُ مَرَضًا ج وَ
سمجهن. (٤) انهن جي دلين ۾ مرض آهي (٥) پوءِ وڌايو الله انهن جي مرض کي، ۽
لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۵ لا بِمَا كَانُوْا يَكْذِبُوْنَ ﴿١٠﴾ وَ اِذَا قِيْلَ
انهن لاءِ آهي عذاب ڏکوئيندڙ جو ڪوڙ هڻندا هُئا. ۽ جڏهن چئجي ٿو
لَهُمْ لَا تُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ لا قَالُوْٓا اِنَّمَا نَحْنُ مُصْلِحُوْنَ ﴿١١﴾
انهن کي ته نه وِڳوڙ وجهو ملڪ ۾ چوَن ٿا ته رڳو اسان سُڌارو آڻيندڙ آهيون.
اَلَآ اِنَّهُمْ هُمُ الْمُفْسِدُوْنَ وَ لٰكِنْ لَّا يَشْعُرُوْنَ ﴿١٢﴾ وَ اِذَا
خبردار! بيشڪ اهي ئي فساد وجهندڙ آهن پر نه ٿا سوچين. (٦) ۽ جڏهن
قِيْلَ لَهُمْ اٰمِنُوْا كَمَآ اٰمَنَ النَّاسُ قَالُوْٓا اَ نُؤْمِنُ كَمَا
چئجي ٿو انهن کي ايمان آڻيو جيئن ايمان آندو ماڻهن، چوَن ٿا ڇا اسين ايمان آڻيون جيئن

اٰمَنَ السُّفَهَآءُ ؕ اَلَآ اِنَّهُمْ هُمُ السُّفَهَآءُ وَ لٰكِنْ لَّا

ايمان آندو بي سمجهن؟ خبردار! بيشڪ اهي ئي بي سمجهه آهن پر نه

يَعْلَمُوْنَ ﴿١٣﴾ وَ اِذَا لَقُوا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قَالُوْٓا اٰمَنَّا ۚۖ وَ

ٿا ڄاڻن. ① ۽ جڏهن گڏجن ٿا انهن سان جن ايمان آندو ته چَوَن ٿا اسان ايمان آندو آهي ۽

اِذَا خَلَوْا اِلٰى شَيٰطِيْنِهِمْ ۙ قَالُوْٓا اِنَّا مَعَكُمْ ۙ اِنَّمَا نَحْنُ

جڏهن وڃن ٿا پنهنجن شيطانن ڏانهن چَوَن ٿا اسان توهان سان آهيون رڳو اسان

مُسْتَهْزِءُوْنَ ﴿١٤﴾ اَللّٰهُ يَسْتَهْزِئُ بِهِمْ وَ يَمُدُّهُمْ فِيْ طُغْيَانِهِمْ

چٿرون ٿا ڪريون. ② الله چٿر ٿو ڪري انهن تي ۽ ڍَر ٿو ڏئي انهن کي سندن شرارت ۾

يَعْمَهُوْنَ ﴿١٥﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا الضَّلٰلَةَ بِالْهُدٰى ص

نوڪرون ٿا ڪائين. ③ اهي اهڙا آهن جن ڳِڌو گمراهيءَ کي هدايت جي عِوض

فَمَا رَبِحَتْ تِّجَارَتُهُمْ وَ مَا كَانُوْا مُهْتَدِيْنَ ﴿١٦﴾ مَثَلُهُمْ

پوءِ نه نفعو ڏنو واپار سندن ۽ نڪي ٿيا هدايت وارا. ④ مثال انهن جو

كَمَثَلِ الَّذِى اسْتَوْقَدَ نَارًا ۚ فَلَمَّآ اَضَآءَتْ مَا حَوْلَهٗ

ان جي مثال جهڙو آهي جنهن ٻاري باهه پوءِ جڏهن روشن ڪيائين ان جي آسپاس کي

ذَهَبَ اللّٰهُ بِنُوْرِهِمْ وَ تَرَكَهُمْ فِىْ ظُلُمٰتٍ لَّا يُبْصِرُوْنَ ﴿١٧﴾

ته گُم ڪئي الله روشني انهن جي ۽ ڇڏيائين انهن کي انڌيرين ۾ جو نه پيا ڏسن. ⑤

صُمٌّۢ بُكْمٌ عُمْىٌ فَهُمْ لَا يَرْجِعُوْنَ ﴿١٨﴾ ۙ اَوْ كَصَيِّبٍ

ٻوڙا، گونگا، انڌا آهن پوءِ اهي نه موٽندا. يا جيئن مِينهن وَسي

مِّنَ السَّمَآءِ فِيْهِ ظُلُمٰتٌ وَّ رَعْدٌ وَّ بَرْقٌ ۚ يَجْعَلُوْنَ

ڪڪر مان ان ۾ هجن اونداهيون ۽ گاج ۽ وڄ، وجهن ٿا

اَصَابِعَهُمْ فِىْٓ اٰذَانِهِمْ مِّنَ الصَّوَاعِقِ حَذَرَ الْمَوْتِ ؕ وَ اللّٰهُ

آڱريون پنهنجون ڪنن پنهنجن ۾ ڪڙڪن ڪان، ڀؤ مرڻ جي ڪان، ۽ الله

مُحِيْطٌۢ بِالْكٰفِرِيْنَ ﴿١٩﴾ يَكَادُ الْبَرْقُ يَخْطَفُ اَبْصَارَهُمْ ؕ كُلَّمَآ

گهيرو ڪندڙ آهي ڪافرن تي. اجهو وڄ تي جهٽي سندن اکين کي، جڏهن بہ

اَضَآءَ لَهُمْ مَّشَوْا فِيْهِ ۙ وَ اِذَآ اَظْلَمَ عَلَيْهِمْ قَامُوْا ؕ

روشني ڪري ٿي انهن لاءِ تہ هلن ٿا ان ۾ ۽ جڏهن اونده ڪري ٿي مٿن تہ بيهن ٿا،

وَ لَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَذَهَبَ بِسَمْعِهِمْ وَ اَبْصَارِهِمْ ؕ اِنَّ

۽ جيڪڏهن گهري ها الله تہ نئي ها سندن ڪنن ۽ اکين کي، بيشڪ

اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٢٠﴾ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اعْبُدُوْا رَبَّكُمُ

الله هر شيءِ تي سگهه رکندڙ آهي. ❶ اي انسانو! ٻانهپ ڪريو پنهنجي پاليندڙ جي

الَّذِىْ خَلَقَكُمْ وَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿٢١﴾

جنهن پيدا ڪيو توهان کي ۽ انهن کي جي توهان کان اڳ هئا تہ مَن توهان بچي وڃو. ❷

الَّذِىْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ فِرَاشًا وَّ السَّمَآءَ بِنَآءً ۪ وَّ اَنْزَلَ

جنهن ڪئي اوهان لاءِ ڌرتي فرش ۽ آسمان ڇت ۽ وَسايو

مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَخْرَجَ بِهٖ مِنَ الثَّمَرٰتِ رِزْقًا لَّكُمْ ۚ فَلَا

آسمان کان پاڻي پوءِ ڪڍيائين ان سان ڪيترائي ميوا توهان جي کاڌي لاءِ، پوءِ نہ

تَجْعَلُوْا لِلّٰهِ اَنْدَادًا وَّ اَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٢﴾ وَ اِنْ كُنْتُمْ فِىْ رَيْبٍ

ڪريو الله سان ڪي برابر حالانڪ توهان ڄاڻو ٿا. ❸ ۽ جيڪڏهن آهيو توهان شڪ ۾

مِّمَّا نَزَّلْنَا عَلٰى عَبْدِنَا فَاْتُوْا بِسُوْرَةٍ مِّنْ مِّثْلِهٖ ۪ وَ ادْعُوْا

ان کان جيڪي لاٿوسون ٻانهي پنهنجي تي پوءِ آڻيو ڪا سورت ان جهڙي ۽ سڏيو

شُهَدَآءَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٢٣﴾ فَاِنْ

پنهنجي رهبرن کي الله کان سواءِ جيڪڏهن توهان آهيو سچا. ❹ پوءِ جيڪڏهن

لَّمْ تَفْعَلُوْا وَ لَنْ تَفْعَلُوْا فَاتَّقُوا النَّارَ الَّتِىْ وَقُوْدُهَا النَّاسُ

اوهان ائين نہ ڪيو ۽ هرگز نہ ڪري سگهندؤ تہ پوءِ بچو انهيءَ باهه کان جنهن جو ٻارڻ آهن ماڻهو

ع ٢ ١٣ ٢

وَ الْحِجَارَةُ ۚۖ اُعِدَّتْ لِلْكٰفِرِيْنَ ﴿۲۴﴾ وَ بَشِّرِ الَّذِيْنَ

۽ پٿر اهاتيار ڪيئي وئي آهي ڪافرن لاءِ. ❶ ۽ خوشخبري ڏيءِ انهن کي

اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اَنَّ لَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا

جن ايمان آندو ۽ ڪم ڪيا چڱا ته انهن لاءِ باغ آهن وهن ٿيون جن جي هيٺان

الْاَنْهٰرُ ؕ كُلَّمَا رُزِقُوْا مِنْهَا مِنْ ثَمَرَةٍ رِّزْقًا ۙ قَالُوْا هٰذَا

واهيون. جڏهن به کين ڏنو ويندو انهن مان ڪو ميوو کائڻ لاءِ چوندا ته هي

الَّذِيْ رُزِقْنَا مِنْ قَبْلُ ۙ وَ اُتُوْا بِهٖ مُتَشَابِهًا ؕ وَ لَهُمْ

اهو ئي آهي جو ڪارايو ويو اسان کي اڳ ۾ ❷ ۽ ملندو کين اهو ميوو ساڳي شڪل ۾ ❸ ۽ انهن لاءِ

فِيْهَآ اَزْوَاجٌ مُّطَهَّرَةٌ ۙۗ وَّ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۲۵﴾ اِنَّ اللّٰهَ لَا

اتي آهن زالون ❹ پاڪ ۽ اهي اتي سدائين رهندا. بيشڪ الله نه

يَسْتَحْيٖٓ اَنْ يَّضْرِبَ مَثَلًا مَّا بَعُوْضَةً فَمَا فَوْقَهَا ؕ فَاَمَّا

ٿو لڄ ڪري جو بيان ڪري مثال ڪوئي، مڇر يا ان کان مٿيري شيءِ جو پوءِ

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا فَيَعْلَمُوْنَ اَنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّهِمْ ۚ وَ اَمَّا الَّذِيْنَ

جن ايمان آندو اهي ڄاڻن ٿا ته اهو حق آهي سندن رب طرفان ۽ پر اهي جن

كَفَرُوْا فَيَقُوْلُوْنَ مَاذَآ اَرَادَ اللّٰهُ بِهٰذَا مَثَلًا ۘ يُضِلُّ بِهٖ

ڪفر ڪيو سي چون ٿا ڇا ارادو ڪيو الله انهيءَ مثال مان؟ ڀُلائي ٿو ان سان

وقف لازم

كَثِيْرًا ۙ وَّ يَهْدِيْ بِهٖ كَثِيْرًا ؕ وَ مَا يُضِلُّ بِهٖٓ اِلَّا الْفٰسِقِيْنَ ﴿۲۶﴾ ۙ

گهڻن کي ۽ رستو ڏئي ٿو ان سان گهڻن کي، ۽ نه ٿو ڀُلائي ان سان مگر بدڪارن کي. ❺

الَّذِيْنَ يَنْقُضُوْنَ عَهْدَ اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مِيْثَاقِهٖ ۠ وَ يَقْطَعُوْنَ مَآ

جيڪي ڀڃن ٿا انجام الله جو ان کي پڪي ڪرڻ کان پوءِ ۽ ڇنن ٿا ان کي

اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖٓ اَنْ يُّوْصَلَ وَ يُفْسِدُوْنَ فِي الْاَرْضِ ؕ اُولٰٓئِكَ

حڪم ڪيو الله جنهن جي ڳنڍڻ جو ۽ فساد ڪن ٿا ملڪ ۾ اُهي

هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿٢٧﴾ كَيْفَ تَكْفُرُوْنَ بِاللّٰهِ وَ كُنْتُمْ اَمْوَاتًا

ئي اهن چيهي وارا. ① ڪيئن ٿا انڪار ڪريو الله جو؟ هوڏانهن هيو توهان بيساها

فَاَحْيَاكُمْ ۚ ثُمَّ يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ يُحْيِيْكُمْ ثُمَّ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٢٨﴾

پوءِ جيارائائين توهان کي، پوءِ ماري ٿو توهان کي پوءِ جياريندو توهان کي پوءِ ان ڏانهن موٽايا ويندؤ.

هُوَ الَّذِيْ خَلَقَ لَكُمْ مَّا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا ۗ ثُمَّ اسْتَوٰٓى

هو اهو آهي جنهن اپايو توهان لاءِ جيڪي زمين ۾ آهي سڀ پوءِ ارادو ڪيائين

اِلَى السَّمَآءِ فَسَوّٰىهُنَّ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ ۭ وَ هُوَ بِكُلِّ شَيْءٍ

آسمان ڏانهن پوءِ ڪري ڇڏيائين انهن کي ست آسمان، ۽ اهو هر شيءِ کي

عَلِيْمٌ ﴿٢٩﴾ ع وَ اِذْ قَالَ رَبُّكَ لِلْمَلٰٓئِكَةِ اِنِّيْ جَاعِلٌ

ڄاڻندڙ آهي. ② ۽ جڏهن چيو تنهنجي پالڻهار فرشتن کي ته آءٌ بڻائيندڙ آهيان

فِي الْاَرْضِ خَلِيْفَةً ۭ قَالُوْٓا اَتَجْعَلُ فِيْهَا مَنْ يُّفْسِدُ فِيْهَا

زمين ۾ خليفو، چيائون ڇا بنائين ٿو ان ۾ جيڪو وڳوڙ وجهي اتي

وَ يَسْفِكُ الدِّمَآءَ ۚ وَ نَحْنُ نُسَبِّحُ بِحَمْدِكَ وَ

۽ رتو ڇاڻ ڪري؟ ۽ اسان پاڪائي بيان ڪريون ٿا تعريف تنهنجي سان ۽

نُقَدِّسُ لَكَ ۭ قَالَ اِنِّيْٓ اَعْلَمُ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٣٠﴾ وَ

پاڪائي ڪريون ٿا تو لاءِ، فرمايائين مون ڄاڻان ٿو جيڪي توهان نٿا ڄاڻو. ③ ۽

عَلَّمَ اٰدَمَ الْاَسْمَآءَ كُلَّهَا ثُمَّ عَرَضَهُمْ عَلَى الْمَلٰٓئِكَةِ ۙ

سيکاريائين آدم کي نالا سمورا پوءِ سامهون آنديائين انهن کي ملائڪن تي

فَقَالَ اَنْۢبِـُٔوْنِيْ بِاَسْمَآءِ هٰٓؤُلَآءِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٣١﴾ قَالُوْا

پوءِ چيائين ٻڌايو مون کي نالا ④ هنن جا جيڪڏهن اوهين سچا آهيو. چيائون

سُبْحٰنَكَ لَا عِلْمَ لَنَآ اِلَّا مَا عَلَّمْتَنَا ۭ اِنَّكَ اَنْتَ

تون پاڪ آهين نه آهي ڪا ڄاڻ اسان کي مگر جيترو تو اسان کي سيکاريو. ⑤ بيشڪ تون ئي

الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ ﴿٣٢﴾ قَالَ يٰٓاٰدَمُ اَنْۢبِئْهُمْ بِاَسْمَآىِٕهِمْ ۚ

خوب ڄاڻندڙ پڪي ڪم وارو آهين. ① فرمايائين اي آدم! تون ٻڌاءِ هنن کي نالا انهن جا،

فَلَمَّآ اَنْۢبَاَهُمْ بِاَسْمَآىِٕهِمْ ۙ قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكُمْ اِنِّيْٓ

پوءِ جڏهن کين ٻڌايائين انهن جا نالا ② تہ فرمايائين ڇا ڪونہ چيو هيم توهان کي تہ آءٌ

اَعْلَمُ غَيْبَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۙ وَاَعْلَمُ مَا تُبْدُوْنَ

ڄاڻان ٿو ڳجهہ آسمانن ۽ زمين جو ۽ آءٌ ڄاڻان ٿو جيڪي توهان ظاهر ڪريو ٿا

وَمَا كُنْتُمْ تَكْتُمُوْنَ ﴿٣٣﴾ وَاِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓىِٕكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ

۽ جيڪي پيا لڪايو. ۽ جڏهن چيوسون فرشتن کي تہ سجدو ڪريو آدم ڏانهن

فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ ۭ اَبٰى وَاسْتَكْبَرَ ۤ وَكَانَ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٣٤﴾

پوءِ انهن سجدو ڪيو مگر شيطان انڪار ڪيو ۽ وڏائي ڪئي ۽ هئو ڪافرن مان. ③

وَقُلْنَا يٰٓاٰدَمُ اسْكُنْ اَنْتَ وَزَوْجُكَ الْجَنَّةَ وَكُلَا مِنْهَا رَغَدًا

۽ اسان چيو تہ اي آدم! ٽڪي پوءِ تون ۽ تنهنجي زال جنت ۾ ۽ کائو ان مان مزي سان

حَيْثُ شِئْتُمَا ۠ وَلَا تَقْرَبَا هٰذِهِ الشَّجَرَةَ فَتَكُوْنَا مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٣٥﴾

جتان چاهيو ۽ نہ ويجها ٿجو هن وڻ کي پوءِ ٿيندؤ ظالمن مان. ④

فَاَزَلَّهُمَا الشَّيْطٰنُ عَنْهَا فَاَخْرَجَهُمَا مِمَّا كَانَا فِيْهِ ۠ وَقُلْنَا

پوءِ ترڪايو انهن ٻنهي کي شيطان اتان پوءِ ڪڍيائين ٻنهي کي ان مان جنهن ۾ هئا ۽ چيوسون

اهْبِطُوْا بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ ۚ وَلَكُمْ فِي الْاَرْضِ مُسْتَقَرٌّ

هيٺ لهو اوهين هڪ ٻئي جا ويري آهيو ۽ اوهان لاءِ زمين ۾ رهڻ جي جاءِ

وَّمَتَاعٌ اِلٰى حِيْنٍ ﴿٣٦﴾ فَتَلَقّٰٓى اٰدَمُ مِنْ رَّبِّهٖ كَلِمٰتٍ فَتَابَ عَلَيْهِ ۭ

۽ سامان آهي ڪنهن وقت تائين. پوءِ سکي ورتا آدم پنهنجي پالڻهار کان ڪي لفظ پوءِ ان مهر ڪئي مٿس،

اِنَّهٗ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿٣٧﴾ قُلْنَا اهْبِطُوْا مِنْهَا جَمِيْعًا ۚ فَاِمَّا

بيشڪ اهو معاف ڪندڙ مهربان آهي. ⑤ اسان چيو تہ لهي وڃو ان مان سمورا، پوءِ جيڪڏهن

يَاْتِيَنَّكُمْ مِّنِّيْ هُدًى فَمَنْ تَبِعَ هُدَايَ فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ

اچي اوهان وٽ مون کان هدايت پوءِ جيڪي هليا ڏس منهنجي تي پوءِ ناهي ڊپ انهن تي ۽

لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٣٨﴾ وَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَآ اُولٰٓئِكَ

نڪي اُهي ڏُکارا ٿيندا. ❶ ۽ جن انڪار ڪيو ۽ ڪوڙو ڪيو اسان جي آيتن کي اُهي آهن

اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٣٩﴾ ع يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اذْكُرُوْا نِعْمَتِيَ

دوزخي، اهي ان ۾ پيا هوندا. ❷ اي يعقوب جي اولاد! ❸ ياد ڪريو ڳڻ منهنجو

الَّتِيْٓ اَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ وَ اَوْفُوْا بِعَهْدِيْٓ اُوْفِ بِعَهْدِكُمْ ۚ وَ

جيڪو مون ڪيو توهان تي ۽ پاڙيو انجام منهنجو ته مان پاڙيان انجام توهان جي ڪي، ۽

اِيَّايَ فَارْهَبُوْنِ ﴿٤٠﴾ وَ اٰمِنُوْا بِمَآ اَنْزَلْتُ مُصَدِّقًا لِّمَا مَعَكُمْ

مون کان ئي ڊڄو. ❹ ۽ مڃيو ان کي جيڪي مون لاٿو سچو ڪندڙ ڪري توهان واري کي

وَ لَا تَكُوْنُوْٓا اَوَّلَ كَافِرٍۭ بِهٖ ۖ وَ لَا تَشْتَرُوْا بِاٰيٰتِيْ ثَمَنًا

۽ نه ٿيو توهان پهريان منڪر ان جا ۽ نه وٺو منهنجي آيتن تي مُلهه

قَلِيْلًا ۬ وَّ اِيَّايَ فَاتَّقُوْنِ ﴿٤١﴾ وَ لَا تَلْبِسُوا الْحَقَّ بِالْبَاطِلِ وَ تَكْتُمُوا

ڪجهه ۽ مون کان ئي ڀؤ ڪريو. ❺ ۽ نه ملايو سچ کي ڪوڙ سان ۽ نه لڪايو

الْحَقَّ وَ اَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٤٢﴾ وَ اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتُوا الزَّكٰوةَ وَ

سچ کي حالانڪ توهان ڄاڻو ٿا. ❻ ۽ پڙهو نماز ۽ ڏيو زڪوات ۽

ارْكَعُوْا مَعَ الرّٰكِعِيْنَ ﴿٤٣﴾ اَ تَاْمُرُوْنَ النَّاسَ بِالْبِرِّ وَ تَنْسَوْنَ

رڪوع ڪريو رڪوع ڪندڙن سان. ڇا توهان حڪم ڪريو ٿا ماڻهن کي چڱائي جو ۽ وساريو ٿا

اَنْفُسَكُمْ وَ اَنْتُمْ تَتْلُوْنَ الْكِتٰبَ ۗ اَ فَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿٤٤﴾ وَ

پاڻ کي هوڏانهن توهان پڙهو ٿا ڪتاب، ڇا پوءِ عقل نه ٿا ڪريو. ❼ ۽

اسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَ الصَّلٰوةِ ۗ وَ اِنَّهَا لَكَبِيْرَةٌ اِلَّا عَلَى الْخٰشِعِيْنَ ۙ ﴿٤٥﴾

مدد وٺو صبر ۽ نماز سان، ❽ ۽ بيشڪ اها ڳري آهي مگر نيازمندن تي.

الَّذِيْنَ يَظُنُّوْنَ اَنَّهُمْ مُّلٰقُوْا رَبِّهِمْ وَ اَنَّهُمْ اِلَيْهِ رٰجِعُوْنَ ﴿٤٦﴾ ع

جيڪي يائين ٿا تہ اهي ملڻا آهن پنهنجي رب سان ۽ اهي ان ڏانهن موٽڻا آهن.

يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اذْكُرُوْا نِعْمَتِيَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ وَ اَنِّيْ

اي آلِ يعقوب! يادڪريو منهنجو احسان جو ڪيومون توهان تي ۽ بيشڪ آءٌ

فَضَّلْتُكُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٧﴾ وَ اتَّقُوْا يَوْمًا لَّا تَجْزِيْ نَفْسٌ

ڀلارو ڪيم توهان کي سيني قومن تي. ① ۽ ڊڄو ان ڏينهن کان جو نہ ٽاريندو ڪو ماڻهو

عَنْ نَّفْسٍ شَيْـًٔا وَّ لَا يُقْبَلُ مِنْهَا شَفَاعَةٌ وَّ لَا يُؤْخَذُ

ڪنهن کان ڪجھ بہ ۽ نہ قبول ڪئي ويندي ان جي ڪا سفارش ۽ نہ ورتو ويندو

مِنْهَا عَدْلٌ وَّ لَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿٤٨﴾ وَ اِذْ نَجَّيْنٰكُمْ

ان کان ڪو عوض ۽ نہ ڪي اهي مدد ڪيا ويندا. ② ۽ جڏهن ڇڏايو اسان توهان کي

مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ يَسُوْمُوْنَكُمْ سُوْٓءَ الْعَذَابِ يُذَبِّحُوْنَ

فرعون وارن کان جو پهچائن پيا توهان کي بُڇڙو عذاب ڪُهن پيا

اَبْنَآءَكُمْ وَ يَسْتَحْيُوْنَ نِسَآءَكُمْ ؕ وَ فِيْ ذٰلِكُمْ بَلَآءٌ

توهان جي پُٽن کي ۽ جيئرو پيا ڇڏين اوهان جي عورتن کي، ۽ ان (ڇڏائڻ) ۾ مدد هئي

مِّنْ رَّبِّكُمْ عَظِيْمٌ ﴿٤٩﴾ وَ اِذْ فَرَقْنَا بِكُمُ الْبَحْرَ فَاَنْجَيْنٰكُمْ

توهان جي رب کان وڏي. ③ ۽ جڏهن چيريوسون اوهان لاءِ سمنڊ کي پوءِ بچايوسون توهان کي

وَ اَغْرَقْنَآ اٰلَ فِرْعَوْنَ وَ اَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ ﴿٥٠﴾ وَ اِذْ وٰعَدْنَا مُوْسٰٓى

۽ ٻوڙيوسون فرعون وارن کي ۽ توهان پئي ڏٺو. ۽ جڏهن وعدو ڪيوسون موسيٰ سان

اَرْبَعِيْنَ لَيْلَةً ثُمَّ اتَّخَذْتُمُ الْعِجْلَ مِنْۢ بَعْدِهٖ وَ اَنْتُمْ ظٰلِمُوْنَ ﴿٥١﴾

چاليهن راتين جو پوءِ بڻايو توهان گابو ان کان پُٺيان ۽ توهان ظالم ٿي پيا. ④

ثُمَّ عَفَوْنَا عَنْكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٥٢﴾

پوءِ معاف ڪيوسون توهان کي ان کان پوءِ بہ تہ من توهان شڪر ڪريو.

وَ اِذْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ وَ الْفُرْقَانَ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿٥٣﴾

۽ جڏهن ڏنوسون موسىٰ کي ڪتاب ۽ فيصلي ڪندڙ بيان تہ من توهان سِڌو رستو وٺو. ❶

وَ اِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ يٰقَوْمِ اِنَّكُمْ ظَلَمْتُمْ

۽ جڏهن چيو موسىٰ پنهنجي قوم کي اي منهنجي قوم! بيشڪ اوهان ظلم ڪيو آهي

اَنْفُسَكُمْ بِاتِّخَاذِكُمُ الْعِجْلَ فَتُوْبُوْٓا اِلٰى بَارِئِكُمْ فَاقْتُلُوْٓا

پاڻ تي بڻائي هن ڳابي کي پوءِ موٽو پنهنجي پيدا ڪندڙ ڏانهن ۽ قتل ڪريو

اَنْفُسَكُمْ ؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ عِنْدَ بَارِئِكُمْ ؕ فَتَابَ عَلَيْكُمْ ؕ

پاڻ کي، ❷ اهو ڀلو آهي توهان لاءِ توهان جي خالق وٽ، پوءِ مهربان ٿيو توهان تي،

اِنَّهٗ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿٥٤﴾ وَ اِذْ قُلْتُمْ يٰمُوْسٰى لَنْ

بيشڪ اهوئي معاف ڪندڙ نهايت مهربان آهي. ❸ ۽ جڏهن توهان چيو اي موسىٰ! هرگز نہ

نُّؤْمِنَ لَكَ حَتّٰى نَرَى اللّٰهَ جَهْرَةً فَاَخَذَتْكُمُ الصّٰعِقَةُ

يقين ڪندا سون توتي جيستائين ڏسون الله کي پڌرو پوءِ ورتو توهان کي وڄ

وَ اَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ ﴿٥٥﴾ ثُمَّ بَعَثْنٰكُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَوْتِكُمْ لَعَلَّكُمْ

۽ توهان ڏسو پيا. وري اُٿاريوسون توهان کي بعد مرڻ توهان جي تہ من توهان

تَشْكُرُوْنَ ﴿٥٦﴾ وَ ظَلَّلْنَا عَلَيْكُمُ الْغَمَامَ وَ اَنْزَلْنَا عَلَيْكُمُ الْمَنَّ

احسان مڃيو. ❹ ۽ ڇانوَ ڪياسي اوهان تي ڪڪر ۽ لاٿاسي توهان تي شَڪر

وَ السَّلْوٰى ؕ كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ ؕ وَ مَا

۽ ٻٽيرا، کائو سُٺيون شيون جيڪي ڏنيون سي توهان کي، ۽ نہ

ظَلَمُوْنَا وَ لٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿٥٧﴾ وَ اِذْ

نقصان ڪيائون اسان جو پر اهي پنهنجوئي نقصان ڪندا رهيا. ❺ ۽ جڏهن

قُلْنَا ادْخُلُوْا هٰذِهِ الْقَرْيَةَ فَكُلُوْا مِنْهَا حَيْثُ شِئْتُمْ

چيوسون گهڙو توهان هن شهر ۾ پوءِ کائو اُتان جتان چاهيو

رَغَدًا وَّ ادۡخُلُوا الۡبَابَ سُجَّدًا وَّ قُوۡلُوۡا حِطَّةٌ نَّغۡفِرۡ

مزي سان ۽ لنگهو دروازي کان سجدو ڪندي ۽ چئجو "بخش ڪر" تہ معاف ڪنداسون

لَكُمۡ خَطٰيٰكُمۡ ؕ وَ سَنَزِيۡدُ الۡمُحۡسِنِيۡنَ ﴿۵۸﴾ فَبَدَّلَ

اوهان کي خطائون اوهانجون، ۽ زياده ڏينداسون نيڪي ڪندڙن کي. (١) پوءِ مَٽائي ڪئي

الَّذِيۡنَ ظَلَمُوۡا قَوۡلًا غَيۡرَ الَّذِىۡ قِيۡلَ لَهُمۡ فَاَنۡزَلۡنَا عَلَى

انهن جن ظلم ڪيو ٻي ڳالھ ان کان سواءِ جا ڪين چئي وئي پوءِ لاٿوسون مٿان

الَّذِيۡنَ ظَلَمُوۡا رِجۡزًا مِّنَ السَّمَآءِ بِمَا كَانُوۡا يَفۡسُقُوۡنَ ﴿۵۹﴾ ع

ع ١٣ ٦ ٦

انهن تي جن ظلم ڪيو عذاب آسمان کان هن ڪري جو بي فرماني ڪندا هئا. (٢)

وَ اِذِ اسۡتَسۡقٰى مُوۡسٰى لِقَوۡمِهٖ فَقُلۡنَا اضۡرِبۡ بِّعَصَاكَ

۽ جڏهن پاڻي گهريو موسيٰ پنهنجي ماڻهن لاءِ پوءِ چيوسون هڻ پنهنجي لٺ

الۡحَجَرَ ؕ فَانۡفَجَرَتۡ مِنۡهُ اثۡنَتَا عَشۡرَةَ عَيۡنًا ؕ قَدۡ عَلِمَ كُلُّ

پٿر کي، پوءِ ڦُٽي نڪتا ان مان ٻارهن چشما، سڃاتي ورتي هر

اُنَاسٍ مَّشۡرَبَهُمۡ ؕ كُلُوۡا وَ اشۡرَبُوۡا مِنۡ رِّزۡقِ اللّٰهِ وَ لَا تَعۡثَوۡا

قبيلي پنهنجي پيچ، کائو ۽ پيئو الله جي ڏني مان ۽ نہ ڦرو

فِى الۡاَرۡضِ مُفۡسِدِيۡنَ ﴿۶۰﴾ وَ اِذۡ قُلۡتُمۡ يٰمُوۡسٰى لَنۡ نَّصۡبِرَ

زمين ۾ فساد ڪندڙ ٿي. (٣) ۽ جڏهن توهان چيو اي موسيٰ! هرگز بس نہ ڪنداسون

عَلٰى طَعَامٍ وَّاحِدٍ فَادۡعُ لَنَا رَبَّكَ يُخۡرِجۡ لَنَا

ڪاڏي هڪڙي تي دعا گهر اسان لاءِ پنهنجي رب کان تہ پيدا ڪري اسان لاءِ

مِمَّا تُنۡۢبِتُ الۡاَرۡضُ مِنۡۢ بَقۡلِهَا وَ قِثَّآئِهَا وَ فُوۡمِهَا

جيڪي ڄمائيندي آهي زمين پنهنجو ساڳ ۽ پنهنجا بادرنگ ۽ پنهنجي ڪڻڪ

وَ عَدَسِهَا وَ بَصَلِهَا ؕ قَالَ اَ تَسۡتَبۡدِلُوۡنَ الَّذِىۡ هُوَ اَدۡنٰى

۽ پنهنجي دال ۽ پنهنجا بصر، فرمايائين ڇا مٽائي ٿا وٺو جيڪو اهو سادو آهي

بِالَّذِىۡ هُوَ خَيۡرٌ ؕ اِهۡبِطُوۡا مِصۡرًا فَاِنَّ لَكُمۡ مَّا

ان جي عوض جو تمام سنو آهي، لهي پئو ڪنهن شهر ۾ ته ملندو توهان کي جيڪي

سَاَلۡتُمۡ ؕ وَضُرِبَتۡ عَلَيۡهِمُ الذِّلَّةُ وَالۡمَسۡكَنَةُ ق وَبَآءُوۡ بِغَضَبٍ

گهريو اٿوَ. ① ۽ هنئي وئي انهن تي خواري ۽ تنگي ۽ موٽيا ڏمر

مِّنَ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمۡ كَانُوۡا يَكۡفُرُوۡنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَيَقۡتُلُوۡنَ

الله جي سان، اهو هن ڪري جو نه مڃيندا هئا حڪمن الله جي کي ۽ قتل ڪندا هئا

النَّبِيّٖنَ بِغَيۡرِ الۡحَقِّ ؕ ذٰلِكَ بِمَا عَصَوْا وَّكَانُوۡا يَعۡتَدُوۡنَ ﴿٦١﴾ ع

نبين کي نا حق سان، اهو هن ڪري جو بي فرمان ٿيا ۽ حد کان لنگهي ويندا هئا. ②

اِنَّ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَالَّذِيۡنَ هَادُوۡا وَالنَّصٰرٰى وَالصّٰبِـِٕيۡنَ

بيشڪ جيڪي مسلمان ٿيا ۽ جيڪي يهودي ٿيا ۽ عيسائي ۽ ستارن جا پوڄاري

مَنۡ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ وَعَمِلَ صَالِحًا فَلَهُمۡ

جن به يقين ڪيو الله تي ۽ ڏينهن قيامت تي ۽ ڪم ڪيا چڱا پوءِ انهن لاءِ

اَجۡرُهُمۡ عِنۡدَ رَبِّهِمۡ ۚ وَلَا خَوۡفٌ عَلَيۡهِمۡ وَلَا هُمۡ يَحۡزَنُوۡنَ ﴿٦٢﴾

اجر آهي سندن پالڻهار وٽ ۽ ناهي ڪو ڊپ انهن تي ۽ نه ڪي اُهي ڏُکارا ٿيندا. ③

وَاِذۡ اَخَذۡنَا مِيۡثَاقَكُمۡ وَرَفَعۡنَا فَوۡقَكُمُ الطُّوۡرَ ؕ خُذُوۡا مَآ

۽ جڏهن ورتوسون انجام اوهان کان ۽ ڪڙو ڪيوسون اوهان جي مٿان جبل کي. وٺو جيڪي

اٰتَيۡنٰكُمۡ بِقُوَّةٍ وَّاذۡكُرُوۡا مَا فِيۡهِ لَعَلَّكُمۡ تَتَّقُوۡنَ ﴿٦٣﴾ ثُمَّ

ڏنوسون توهان کي سوگهو ڪري ۽ ياد ڪريو جيڪي ان ۾ آهي ته من توهان پرهيزگار ٿيو. ④ وري

تَوَلَّيۡتُمۡ مِّنۡۢ بَعۡدِ ذٰلِكَ ۚ فَلَوۡلَا فَضۡلُ اللّٰهِ عَلَيۡكُمۡ وَرَحۡمَتُهٗ

ڦري ويؤ توهان ان کان بعد، پوءِ جيڪڏهن نه هجي ها ٻلائي الله جي توهان تي ۽ ٻاجهه اُن جي

لَكُنۡتُمۡ مِّنَ الۡخٰسِرِيۡنَ ﴿٦٤﴾ وَلَقَدۡ عَلِمۡتُمُ الَّذِيۡنَ اعۡتَدَوۡا مِنۡكُمۡ

ته ٿيو ها ڇيهي وارن مان. ⑤ ۽ بيشڪ توهان ڄاتو انهن کي جن زيادتي ڪئي توهان مان

فِي السَّبْتِ فَقُلْنَا لَهُمْ كُوْنُوْا قِرَدَةً خٰسِئِيْنَ ﴿٦٥﴾ فَجَعَلْنٰهَا

چنچر ۾ پوءِ چيوسون انهن کي ٿي پئو يولا ذليل. (١) پوءِ بڻايوسين ان واقعي کي

نَكَالًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهَا وَ مَا خَلْفَهَا وَ مَوْعِظَةً لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿٦٦﴾ وَ اِذْ

دهشت اتي جي حاضرن لاءِ ۽ پوين لاءِ ۽ نصيحت خدا ترسن لاءِ. (٢) ۽ جڏهن

قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖٓ اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُكُمْ اَنْ تَذْبَحُوْا بَقَرَةً ط

چيو موسىٰ پنهنجي قوم کي ته الله حڪم ڪري ٿو توهان کي ته ڪُهو ڳئون،

قَالُوْٓا اَتَتَّخِذُنَا هُزُوًا ط قَالَ اَعُوْذُ بِاللّٰهِ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ الْجٰهِلِيْنَ ﴿٦٧﴾

چيائون ڇا ڪرين ٿو اسان سان يوڳ؟ چيائين الله جي پناهه جو ٿيان آءٌ جاهلن مان. (٣)

قَالُوا ادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ لَّنَا مَا هِيَ ط قَالَ اِنَّهٗ

چيائون دعا گهر اسان لاءِ پنهنجي رب کان ته ٻڌائي اسان کي ڪهڙي آهي اها، چيائين اهو

يَقُوْلُ اِنَّهَا بَقَرَةٌ لَّا فَارِضٌ وَّ لَا بِكْرٌ ط عَوَانٌ بَيْنَ ذٰلِكَ ط

فرمائي ٿو ته اها ڳئون نه ڪُراڙي هجي ۽ نه وهڙي، وچولي هجي ان ۾،

فَافْعَلُوْا مَا تُؤْمَرُوْنَ ﴿٦٨﴾ قَالُوا ادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ لَّنَا

پوءِ ڪريو جيڪو حڪم ڪيا وڃو ٿا. (٤) چيائون دعا گهر اسان لاءِ پنهنجي رب کان ته ٻڌائي اسان کي ته

مَا لَوْنُهَا ط قَالَ اِنَّهٗ يَقُوْلُ اِنَّهَا بَقَرَةٌ صَفْرَآءُ لا فَاقِعٌ

ڪهڙو آهي رنگ ان جو؟ چيائين يقيناً اهو فرمائي ٿو ته اها آهي ڳئون هيڊي سونهري

لَّوْنُهَا تَسُرُّ النّٰظِرِيْنَ ﴿٦٩﴾ قَالُوا ادْعُ لَنَا رَبَّكَ يُبَيِّنْ لَّنَا

رنگ ان جو. وڻي ٿي ڏسندڙن کي. (٥) چيائون گهر ڪر اسان لاءِ پنهنجي رب کان ٻڌائي اسان کي

مَا هِيَ لا اِنَّ الْبَقَرَ تَشٰبَهَ عَلَيْنَا ط وَ اِنَّآ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ

ڪهڙي آهي اها چو ته ڏڳيون گڏجي پيون آهن اسان تي، ۽ بلاشڪ جي گهريو الله

لَمُهْتَدُوْنَ ﴿٧٠﴾ قَالَ اِنَّهٗ يَقُوْلُ اِنَّهَا بَقَرَةٌ لَّا ذَلُوْلٌ تُثِيْرُ الْاَرْضَ وَ

ته راهه لهنداسون. (٦) چيائين اهو فرمائي ٿو ته اها ڳئون ناهي وَهُو جو کيڙي زمين ۽

لَا تَسْقِي الْحَرْثَ ۚ مُسَلَّمَةٌ لَّا شِيَةَ فِيهَا ۗ قَالُوا الْـٰٔنَ جِئْتَ

نه کي پياري ٿي پوک، بي عيب نه آهي کو ڏٻڪ ان ۾، چيائون هاڻي آندي تو

بِالْحَقِّ ۗ فَذَبَحُوهَا وَمَا كَادُوا يَفْعَلُونَ ﴿٧١﴾ وَاِذْ قَتَلْتُمْ نَفْسًا

پوري خبر، پوءِ ڪُنائون ان کي ۽ نه هئا ائين ڪرڻ وارا. ۽ جڏهن ماري وڌو توهان ماڻهو

فَادّٰرَءْتُمْ فِيهَا ۗ وَاللّٰهُ مُخْرِجٌ مَّا كُنْتُمْ تَكْتُمُونَ ﴿٧٢﴾ ۚ

پوءِ هڪ ٻئي تي پيا هٽو ان ۾، ۽ الله پڌرو ڪندڙ هو جنهن کي توهان لڪايو ٿي. (1)

فَقُلْنَا اضْرِبُوهُ بِبَعْضِهَا ۗ كَذٰلِكَ يُحْيِ اللّٰهُ الْمَوْتٰى ۙ وَ

پوءِ اسان چيو هڻو ان کي ان مان ڪو حصو، اهڙي طرح جياري ٿو الله مُئن کي ۽

يُرِيكُمْ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُونَ ﴿٧٣﴾ ثُمَّ قَسَتْ قُلُوبُكُمْ

ڏيکاري ٿو توهان کي نشانيون پنهنجون ته من توهان سمجهو. (2) پوءِ سخت ٿيون دليون توهان جون

مِّنْ بَعْدِ ذٰلِكَ فَهِيَ كَالْحِجَارَةِ اَوْ اَشَدُّ قَسْوَةً ۗ وَاِنَّ

ان کان بعد پوءِ اهي ٿيون جهڙو پٿر يا وڌيڪ سخت، ۽ البت

مِنَ الْحِجَارَةِ لَمَا يَتَفَجَّرُ مِنْهُ الْاَنْهٰرُ ۗ وَاِنَّ مِنْهَا لَمَا

پٿرن مان ڪو اهڙو آهي جو ڦٽن ٿيون ان مان نهرون، ۽ انهن مان ڪو اهڙو آهي جو

يَشَّقَّقُ فَيَخْرُجُ مِنْهُ الْمَآءُ ۗ وَاِنَّ مِنْهَا لَمَا يَهْبِطُ

ڦاٽي پوي ٿو پوءِ نڪري ٿو ان مان پاڻي، ۽ انهن مان ڪو اهڙو آهي جو ڪِري ٿو پوي

مِنْ خَشْيَةِ اللّٰهِ ۗ وَمَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُونَ ﴿٧٤﴾ اَ

الله جي خوف کان، ۽ ناهي الله بي خبر توهان جي ڪمن کان. (3) ڇا

فَتَطْمَعُونَ اَنْ يُّؤْمِنُوا لَكُمْ وَقَدْ كَانَ فَرِيقٌ مِّنْهُمْ

پوءِ توهان لالچ ڪريو ٿا ته اهي سچائي رکندا توهان لاءِ هوڏانهن هڪڙو ٽولو انهن مان

يَسْمَعُونَ كَلٰمَ اللّٰهِ ثُمَّ يُحَرِّفُونَهٗ مِنْ بَعْدِ مَا عَقَلُوهُ

ٻڌندو هو ڪلامُ الله جو پوءِ اهي ڦيرائيندا هئا ان کي هن کان پوءِ جو سمجهيائون ٿي ان کي

وَ هُمۡ يَعۡلَمُوۡنَ ﴿٧٥﴾ وَ اِذَا لَقُوا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا قَالُوۡۤا اٰمَنَّا ۖۚ وَ

۽ اُهي ڄاڻندا هئا. (1) ۽ جڏهن ملن ٿا مومنن سان چون ٿا اسان ايمان آندوسون ۽

اِذَا خَلَا بَعۡضُهُمۡ اِلٰى بَعۡضٍ قَالُوۡۤا اَ تُحَدِّثُوۡنَهُمۡ

جڏهن اڪيلا ٿين ٿا اهي هڪ ٻئي سان تہ چون ٿا ڇا ٻڌايو ٿا توهان انهن کي

بِمَا فَتَحَ اللّٰهُ عَلَيۡكُمۡ لِيُحَآجُّوۡكُمۡ بِهٖ عِنۡدَ رَبِّكُمۡ ؕ

جنهن جي سُڌ ڏني الله توهان کي جيئن تڪرار ڪن توهان سان ان تي توهان جي رب وٽ،

اَ فَلَا تَعۡقِلُوۡنَ ﴿٧٦﴾ اَوَ لَا يَعۡلَمُوۡنَ اَنَّ اللّٰهَ يَعۡلَمُ مَا يُسِرُّوۡنَ

ڇا پوءِ توهان نہ ٿا سمجهو. ڇا نہ ٿا سمجهن تہ الله ڄاڻي ٿو جيڪي لڪائن ٿا

وَ مَا يُعۡلِنُوۡنَ ﴿٧٧﴾ وَ مِنۡهُمۡ اُمِّيُّوۡنَ لَا يَعۡلَمُوۡنَ الۡكِتٰبَ اِلَّاۤ

۽ جيڪي ظاهر ڪن ٿا. (2) ۽ ڪي انهن مان اڻ پڙهہ آهن (3) جو نہ ٿا ڄاڻن ڪتاب کي مگر

النصف

اَمَانِىَّ وَ اِنۡ هُمۡ اِلَّا يَظُنُّوۡنَ ﴿٧٨﴾ فَوَيۡلٌ لِّلَّذِيۡنَ يَكۡتُبُوۡنَ

ڪوڙيون سَڌون ۽ اهي رڳو وهم ٿا ڪن. (4) پوءِ ويل آهي انهن لاءِ جيڪي لکن ٿا

الۡكِتٰبَ بِاَيۡدِيۡهِمۡ ۗ ثُمَّ يَقُوۡلُوۡنَ هٰذَا مِنۡ عِنۡدِ اللّٰهِ لِيَشۡتَرُوۡا

ڪتاب هٿن پنهنجن سان پوءِ چون ٿا تہ هي آهي الله جي طرفان جيئن وٺن

بِهٖ ثَمَنًا قَلِيۡلًا ؕ فَوَيۡلٌ لَّهُمۡ مِّمَّا كَتَبَتۡ اَيۡدِيۡهِمۡ وَ

ان سان رقم ڪجهہ، پوءِ خرابي آهي انهن لاءِ ان ڪري جو لکيو سندن هٿن ۽

وَيۡلٌ لَّهُمۡ مِّمَّا يَكۡسِبُوۡنَ ﴿٧٩﴾ وَ قَالُوۡا لَنۡ تَمَسَّنَا النَّارُ اِلَّاۤ

ويل آهي انهن لاءِ ان ڪان جو ڪمائن ٿا. (5) ۽ چون ٿا هرگز نہ لڳندي اسان کي باهہ مگر

اَيَّامًا مَّعۡدُوۡدَةً ؕ قُلۡ اَ تَّخَذۡتُمۡ عِنۡدَ اللّٰهِ عَهۡدًا فَلَنۡ

ڏينهن ٿورڙا، (6) (اي پيغمبر) چؤ ڇا توهان ورتو آهي الله وٽان انجام پوءِ نہ

يُّخۡلِفَ اللّٰهُ عَهۡدَهٗۤ اَمۡ تَقُوۡلُوۡنَ عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعۡلَمُوۡنَ ﴿٨٠﴾

ڦيريندو الله پنهنجي انجام کي يا چئو ٿا الله تي اهو جو نہ ٿا ڄاڻو. (7)

بَلٰی مَنۡ کَسَبَ سَیِّئَۃً وَّ اَحَاطَتۡ بِہٖ خَطِیۡٓـئَتُہٗ فَاُولٰٓئِکَ
هائو جنهن ڪمائي بڇڙائي ۽ ويڙهي ويو ان کي گناهن جو پوءِ اهي

اَصۡحٰبُ النَّارِ ۚ ھُمۡ فِیۡہَا خٰلِدُوۡنَ ﴿۸۱﴾ وَ الَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا وَ
باهه وارا آهن، اهي ان ۾ هميشه هوندا. ❶ ۽ جن ايمان آندو ۽

عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اُولٰٓئِکَ اَصۡحٰبُ الۡجَنَّۃِ ۚ ھُمۡ فِیۡہَا خٰلِدُوۡنَ ﴿۸۲﴾ ع ٩ ١١ ٩
ڪم ڪيا چڱا اُهي آهن صاحب جنت جا، اُهي ان ۾ هميشه رهندا.

وَ اِذۡ اَخَذۡنَا مِیۡثَاقَ بَنِیۡۤ اِسۡرَآءِیۡلَ لَا تَعۡبُدُوۡنَ اِلَّا اللّٰہَ ۟ قف
۽ جڏهن ورتوسون اقرار آلِ يعقوب کان ته نه ڪندؤ عبادت ڪنهن جي الله کانسواءِ

وَ بِالۡوَالِدَیۡنِ اِحۡسَانًا وَّ ذِی الۡقُرۡبٰی وَ الۡیَتٰمٰی وَ الۡمَسٰکِیۡنِ وَ قُوۡلُوۡا
۽ ماءُ پيءُ سان ڀلائي ڪريو ۽ مائٽن ۽ ڇورن ٻارن ۽ ڏتڙيلن سان به ۽ چئو

لِلنَّاسِ حُسۡنًا وَّ اَقِیۡمُوا الصَّلٰوۃَ وَ اٰتُوا الزَّکٰوۃَ ؕ ثُمَّ تَوَلَّیۡتُمۡ
ماڻهن کي چڱي ڳالهه ۽ ادا ڪريو نماز ۽ ڏيو زڪوات، پوءِ ڦري وياتوهان

اِلَّا قَلِیۡلًا مِّنۡکُمۡ وَ اَنۡتُمۡ مُّعۡرِضُوۡنَ ﴿۸۳﴾ وَ اِذۡ اَخَذۡنَا مِیۡثَاقَکُمۡ
مگر ٿورڙا توهان مان ۽ توهان آهيو منهن موڙيندڙ. ❷ ۽ جڏهن ورتوسون توهان کان اقرار

لَا تَسۡفِکُوۡنَ دِمَآءَکُمۡ وَ لَا تُخۡرِجُوۡنَ اَنۡفُسَکُمۡ مِّنۡ دِیَارِکُمۡ
ته نه ڪندؤ پاڻ ۾ رتوڇاڻ ۽ نه تڙيندؤ پنهنجن کي سندن گهرن مان

ثُمَّ اَقۡرَرۡتُمۡ وَ اَنۡتُمۡ تَشۡہَدُوۡنَ ﴿۸۴﴾ ثُمَّ اَنۡتُمۡ ہٰۤؤُلَآءِ تَقۡتُلُوۡنَ
پوءِ توهان اقرار ڪيو ۽ توهان اهو مڃو ٿا. ❸ وري اوهان اهي آهيو جو قتل ڪريو ٿا

اَنۡفُسَکُمۡ وَ تُخۡرِجُوۡنَ فَرِیۡقًا مِّنۡکُمۡ مِّنۡ دِیَارِہِمۡ ۫ تَظٰہَرُوۡنَ
پنهنجن کي ۽ ڪيو ٿا هڪ ٽولي پنهنجي کي سندن گهرن مان هڪ ٻئي جي مدد ڪريو ٿا

عَلَیۡہِمۡ بِالۡاِثۡمِ وَ الۡعُدۡوَانِ ؕ وَ اِنۡ یَّاۡتُوۡکُمۡ اُسٰرٰی
انهن تي گناهه ۽ زيادتي سان، ❹ ۽ جيڪڏهن اهي اچن ٿا توهان وٽ قيدي ٿي

تُفٰدُوْهُمْ وَهُوَ مُحَرَّمٌ عَلَيْكُمْ اِخْرَاجُهُمْ ؕ اَ فَتُؤْمِنُوْنَ

ته عوض ڀري ڪين ڇڏايو ٿا هو ڏانهن حرام آهي توهان تي ڪڍڻ انهن جو ، ڇا پوءِ توهان مڃيو ٿا

بِبَعْضِ الْكِتٰبِ وَ تَكْفُرُوْنَ بِبَعْضٍ ۚ فَمَا جَزَآءُ مَنْ يَّفْعَلُ

ڪجھ ڪتاب ۾ انڪار ٿا ڪريو ڪجھ حصي جو؟ پوءِ ناهي سزا ان جي جيڪو ڪري

ذٰلِكَ مِنْكُمْ اِلَّا خِزْيٌ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ يُرَدُّوْنَ

اهو ڪم توهان مان مگر خواري دنياجي حياتي ۾ ، ۽ قيامت ڏينهن موٽايا ويندا

اِلٰٓى اَشَدِّ الْعَذَابِ ؕ وَ مَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٨٥﴾ اُولٰٓئِكَ

تمام سخت عذاب ڏانهن ، ۽ نه آهي الله بي خبر توهان جي ڪمن ڪان. هي اُهي آهن

الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا بِالْاٰخِرَةِ ۫ فَلَا يُخَفَّفُ عَنْهُمُ الْعَذَابُ

جن خريد ڪئي زندگي دنياجي آخرت جي عوض پوءِ نه هلڪو ٿيندو انهن تان عذاب

وَ لَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿٨٦﴾ ع وَ لَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ وَ قَفَّيْنَا

۽ نه ڪي اهي مدد ڪيا ويندا. (١) ۽ بيشڪ ڏنوسون موسىٰ کي ڪتاب ۽ موڪلياسون

مِنْۢ بَعْدِهٖ بِالرُّسُلِ ۫ وَ اٰتَيْنَا عِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ الْبَيِّنٰتِ وَ

پُٺيانئس پيغمبر ۽ ڏناسون عيسىٰ پٽ مريم کي پڌرانشان ۽

اَيَّدْنٰهُ بِرُوْحِ الْقُدُسِ ؕ اَ فَكُلَّمَا جَآءَكُمْ رَسُوْلٌۢ بِمَا

طاقت ڏني سون ان کي روح پاڪ سان ، (٢) ڇا پوءِ جڏهن آندو توهان وٽ ڪنهن پيغمبر ان کي جو

لَا تَهْوٰٓى اَنْفُسُكُمُ اسْتَكْبَرْتُمْ ۚ فَفَرِيْقًا كَذَّبْتُمْ ۫ وَ

نه ٿي چاهيو توهان جي نفس ته وڏائي ڪيو ، (٣) پوءِ هڪ جماعت کي ڪوڙو ڪيو ۽

فَرِيْقًا تَقْتُلُوْنَ ﴿٨٧﴾ وَ قَالُوْا قُلُوْبُنَا غُلْفٌ ؕ بَلْ لَّعَنَهُمُ

هڪ جماعت کي قتل ڪيو. (٤) ۽ چيائون اسان جون دليون ڍڪيل آهن ، نه پر لعنت وڌي انهن تي

اللّٰهُ بِكُفْرِهِمْ فَقَلِيْلًا مَّا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٨٨﴾ وَ لَمَّا جَآءَهُمْ كِتٰبٌ مِّنْ

الله سندن ڪفر جي ڪري پوءِ ٿورا ايمان آڻن ٿا. (٥) ۽ جڏهن آيو وٽن قرآن طرفان

عِنۡدِ اللّٰهِ مُصَدِّقٌ لِّمَا مَعَهُمۡ ۙ وَكَانُوۡا مِنۡ قَبۡلُ يَسۡتَفۡتِحُوۡنَ
الله جي سچو ڪندڙ ان ڪي جيڪو انهن وٽ آهي هوڏانهن اڳ ۾ فتح گهرندا هئا

عَلَى الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا ۚۖ فَلَمَّا جَآءَهُمۡ مَّا عَرَفُوۡا كَفَرُوۡا
انهن تي جن ڪفر ڪيو ١ پوءِ جڏهن آيو انهن وٽ اهو جنهن کي سڃاتائون تہ انڪار ڪيائون

بِهٖ ۚ فَلَعۡنَةُ اللّٰهِ عَلَى الۡكٰفِرِيۡنَ ﴿٨٩﴾ بِئۡسَمَا اشۡتَرَوۡا بِهٖۤ اَنۡفُسَهُمۡ
ان جو پوءِ لعنت الله جي آهي ڪافرن تي. خراب آهي اهو وڪرو ڪيائون جنهن تي پاڻ کي

اَنۡ يَّكۡفُرُوۡا بِمَآ اَنۡزَلَ اللّٰهُ بَغۡيًا اَنۡ يُّنَزِّلَ اللّٰهُ
جو انڪار ڪيائون جيڪي نازل ڪيو الله ساڙ ڪندي تہ (چو) نازل ڪيو الله

مِنۡ فَضۡلِهٖ عَلٰى مَنۡ يَّشَآءُ مِنۡ عِبَادِهٖ ۚ فَبَآءُوۡ بِغَضَبٍ
پنهنجي فضل ڪي جنهن تي گهريائين پنهنجي ٻانهن مان، پوءِ ڪنيائون ڏمر

عَلٰى غَضَبٍ ؕ وَلِلۡكٰفِرِيۡنَ عَذَابٌ مُّهِيۡنٌ ﴿٩٠﴾ وَاِذَا قِيۡلَ لَهُمۡ
مٿان ڏمر ٢ ۽ ڪافرن لاءِ آهي عذاب خوار ڪندڙ. ٣ ۽ جڏهن چيو ويو انهن کي

اٰمِنُوۡا بِمَآ اَنۡزَلَ اللّٰهُ قَالُوۡا نُؤۡمِنُ بِمَآ اُنۡزِلَ عَلَيۡنَا
تہ مڃو جيڪي نازل ڪيو الله چيائون اسان مڃون ٿا جيڪو نازل ٿيو آهي اسان تي

وَيَكۡفُرُوۡنَ بِمَا وَرَآءَهٗ ۗ وَهُوَ الۡحَقُّ مُصَدِّقًا لِّمَا مَعَهُمۡ ؕ
۽ انڪار ڪن ٿا ان کان پٺيان آيل جو ۽ اهو حق آهي سچو ڪندڙ ان ڪي جيڪو انهن وٽ آهي،

قُلۡ فَلِمَ تَقۡتُلُوۡنَ اَنۡۢبِيَآءَ اللّٰهِ مِنۡ قَبۡلُ اِنۡ كُنۡتُمۡ
چؤ پوءِ چو توهان قتل ڪندا هئا الله جي نبين ڪي ٤ اڳي جيڪڏهن توهان

مُّؤۡمِنِيۡنَ ﴿٩١﴾ وَلَقَدۡ جَآءَكُمۡ مُّوۡسٰى بِالۡبَيِّنٰتِ ثُمَّ اتَّخَذۡتُمُ
ايمان رکندڙ آهيو. ٥ ۽ بيشڪ آيو اوهان وٽ موسىٰ معجزن سان پوءِ توهان بڻايو

الۡعِجۡلَ مِنۡۢ بَعۡدِهٖ وَاَنۡتُمۡ ظٰلِمُوۡنَ ﴿٩٢﴾ وَاِذۡ اَخَذۡنَا
گابي ڪي (خدا) انڪان بعد ۽ توهان بي انصاف ٿيا. ٦ ۽ جڏهن ورتوسون

مِيْثَاقَكُمْ وَ رَفَعْنَا فَوْقَكُمُ الطُّوْرَ ؕ خُذُوْا مَآ اٰتَيْنٰكُمْ
توهان کان انجام ۽ کڙو کيو سون توهان جي مٿان جبل طور، ونو جو ڏنو سون توهان کي

بِقُوَّةٍ وَّ اسْمَعُوْا ؕ قَالُوْا سَمِعْنَا وَ عَصَيْنَا ۗ وَ اُشْرِبُوْا
سگهه کري ۽ ٻُڌو، چيائون ٻڌو سون ۽ نه مڃيو سون ۽ ڏاپايو ويو

فِيْ قُلُوْبِهِمُ الْعِجْلَ بِكُفْرِهِمْ ؕ قُلْ بِئْسَمَا يَاْمُرُكُمْ بِهٖٓ
سندن دلين ۾ ❶ گابي کي سندن کفر سبب، چؤ بُرو آهي اهو جنهن جو حڪم ڪري ٿو اوهان کي

اِيْمَانُكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۹۳﴾ قُلْ اِنْ كَانَتْ لَكُمُ
ايمان اوهان جو جيڪڏهن آهيو اوهين ايمان وارا. ❷ تون چؤ جيڪڏهن آهي توهان لاءِ

الدَّارُ الْاٰخِرَةُ عِنْدَ اللّٰهِ خَالِصَةً مِّنْ دُوْنِ النَّاسِ فَتَمَنَّوُا
گهر آخرت جو الله وٽ نِجو ٻين ماڻهن کان سواءِ پوءِ طلب ڪريو

الْمَوْتَ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۹۴﴾ وَ لَنْ يَّتَمَنَّوْهُ اَبَدًاۢ بِمَا
موت جي جيڪڏهن آهيو سچا. ۽ هرگز نه چاهيندا موت کي ڪڏهن به ان ڪري

قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالظّٰلِمِيْنَ ﴿۹۵﴾ وَ لَتَجِدَنَّهُمْ
جو اڳي موڪليو سندن هٿن، ۽ الله ڄاڻندڙ آهي ڏوهارين کي. ❸ ۽ ضرور لهندين انهن کي

اَحْرَصَ النَّاسِ عَلٰى حَيٰوةٍ ۛۚ وَ مِنَ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا ۛۚ يَوَدُّ
وڏيڪ حريص ماڻهن کان حياتي تي، ۽ انهن کان جيڪي شرڪ ڪن ٿا، چاهي ٿو

اَحَدُهُمْ لَوْ يُعَمَّرُ اَلْفَ سَنَةٍ ۚ وَ مَا هُوَ بِمُزَحْزِحِهٖ
هرهڪ ڙو انهن مان ته ڪيس عمر ملي هزار سال، هو ڏانهن ناهي اها ڇڏائيندڙ ان کي

مِنَ الْعَذَابِ اَنْ يُّعَمَّرَ ؕ وَ اللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِمَا يَعْمَلُوْنَ ﴿۹۶﴾ ع
عذاب کان جو ڄمار مليس، ۽ الله ڏسندڙ آهي جيڪي ڪن ٿا. ❹

قُلْ مَنْ كَانَ عَدُوًّا لِّجِبْرِيْلَ فَاِنَّهٗ نَزَّلَهٗ عَلٰى قَلْبِكَ
چؤ (تون) جيڪو آهي دشمن جبرئيل جو پوءِ ته انهي لاتو آهي قرآن تنهنجي دل تي

ع ۲ – عند المتأخرين ۱۲ ع ۱۱

بِاِذۡنِ اللّٰهِ مُصَدِّقًا لِّمَا بَیۡنَ یَدَیۡهِ وَ هُدًی وَّ بُشۡرٰی
الله جي حڪم سان سچو ڪندڙ ان ڪي جو ان ڪان اڳي آهي ۽ هدايت ۽ خوشخبري

لِلۡمُؤۡمِنِیۡنَ ﴿۹۷﴾ مَنۡ کَانَ عَدُوًّا لِّلّٰهِ وَ مَلٰٓئِکَتِهٖ وَ رُسُلِهٖ
ايمان وارن لاءِ. جيڪو آهي دشمن الله جو ۽ ان جي فرشتن جو ۽ ان جي رسولن جو

وَ جِبۡرِیۡلَ وَ مِیۡکٰلَ فَاِنَّ اللّٰهَ عَدُوٌّ لِّلۡکٰفِرِیۡنَ ﴿۹۸﴾ وَ لَقَدۡ
۽ جبريل جو ❶ ۽ ميڪائيل جو پوءِ بيشڪ الله دشمن آهي ڪافرن جو. ۽ بيشڪ

اَنۡزَلۡنَاۤ اِلَیۡکَ اٰیٰتٍۭ بَیِّنٰتٍ ۚ وَ مَا یَکۡفُرُ بِهَاۤ اِلَّا الۡفٰسِقُوۡنَ ﴿۹۹﴾
اسان موڪليون آهن تو ڏانهن آيتون پڌريون، ۽ نه ٿا انڪار ڪن انهن جو مگر بڇڙا ماڻهو.

اَوَ کُلَّمَا عٰهَدُوۡا عَهۡدًا نَّبَذَهٗ فَرِیۡقٌ مِّنۡهُمۡ ؕ بَلۡ اَکۡثَرُهُمۡ
۽ ڇا جڏهن به ٻَڌِن پيا ڪو انجام ته ان کي ڀڳوتي هڪ ٽولي انهن مان، بلڪ گهڻا انهن جا

لَا یُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۱۰۰﴾ وَ لَمَّا جَآءَهُمۡ رَسُوۡلٌ مِّنۡ عِنۡدِ اللّٰهِ مُصَدِّقٌ
يقين نه ٿا ڪن. ❷ ۽ جڏهن آيو انهن وٽ پيغمبر الله جي طرفان سَچو ڪَندڙ

لِّمَا مَعَهُمۡ نَبَذَ فَرِیۡقٌ مِّنَ الَّذِیۡنَ اُوۡتُوا الۡکِتٰبَ ۙ کِتٰبَ اللّٰهِ
ان کي جيڪي وٽن هو ته اُڇلايو هڪ ٽولي انهن مان جن کي ڏنو ويو ڪتاب الله جي ڪتاب کي

وَرَآءَ ظُهُوۡرِهِمۡ کَاَنَّهُمۡ لَا یَعۡلَمُوۡنَ ﴿۱۰۱﴾ وَ اتَّبَعُوۡا مَا تَتۡلُوا
پويان پٺين پنهنجي ڄڻ ته اهي نه ٿا ڄاڻن. ❸ ۽ ڪيڏانهن لڳا ان کي جو پڙهندا هئا

الشَّیٰطِیۡنُ عَلٰی مُلۡکِ سُلَیۡمٰنَ ۚ وَ مَا کَفَرَ سُلَیۡمٰنُ وَ لٰکِنَّ
شيطان سليمان جي دور ۾، ۽ نه ڪفر ڪيو هو سليمان پر

الشَّیٰطِیۡنَ کَفَرُوۡا یُعَلِّمُوۡنَ النَّاسَ السِّحۡرَ ٭ وَ مَاۤ اُنۡزِلَ
شيطانن ڪفر ڪيو هو جو سيکاريائون ٿي ماڻهن کي جادو ۽ (ڪيڏانهن لڳا) ان کي لاٿو ويو

عَلَی الۡمَلَکَیۡنِ بِبَابِلَ هَارُوۡتَ وَ مَارُوۡتَ ؕ وَ مَا یُعَلِّمٰنِ
ٻن فرشتن تي بابل ۾ هاروت ۽ ماروت تي، ❹ ۽ اهي نه سيکاريندا هئا

مِنْ اَحَدٍ حَتّٰى يَقُوْلَآ اِنَّمَا نَحْنُ فِتْنَةٌ فَلَا تَكْفُرْ ؕ فَيَتَعَلَّمُوْنَ

ڪنهن کي به جيستائين چوندا هئا ته اسان پرکا آهيون سو تون ڪفر نہ ڪجانءِ پوءِ سکندا هئا

مِنْهُمَا مَا يُفَرِّقُوْنَ بِهٖ بَيْنَ الْمَرْءِ وَ زَوْجِهٖ ؕ وَ مَا هُمْ

انهن کان ❶ اهو جو ڦوٽ وجهن انسان مرد ۽ سندس زال جي وچ ۾ ۽ ناهن اهي

بِضَآرِّيْنَ بِهٖ مِنْ اَحَدٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَ يَتَعَلَّمُوْنَ مَا

نقصان ڪندڙ ان (جادو) سان ڪنهن جو به الله جي امر کانسواءِ ۽ اهي سکندا هئا جيڪو

يَضُرُّهُمْ وَ لَا يَنْفَعُهُمْ ؕ وَ لَقَدْ عَلِمُوْا لَمَنِ اشْتَرٰىهُ مَا لَهٗ

کين نقصان ڏئي ۽ نہ نفعو ڏئين ۽ ڄاتائون ٿي تہ جنهن خريد ڪيو ان کي ناهي ان لاءِ

فِى الْاٰخِرَةِ مِنْ خَلَاقٍ ؕ قف وَ لَبِئْسَ مَا شَرَوْا بِهٖٓ اَنْفُسَهُمْ ؕ لَوْ

آخرت ۾ ڪو پاڱو ۽ بُرو هئو اهو وڪيائون انسان پاڻ کي جيڪڏهن

كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٠٢﴾ وَ لَوْ اَنَّهُمْ اٰمَنُوْا وَ اتَّقَوْا لَمَثُوْبَةٌ

ڄاڻن ها. ❷ ۽ جيڪڏهن اهي يقين ڪن ها ۽ پرهيزڪن ها تہ بدلو هو

ع ١٢ ٧ ١٢ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ خَيْرٌ ؕ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٠٣﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

الله وٽان چڱو، جي اهو سمجهن ها. اي ايمان وارو!

لَا تَقُوْلُوْا رَاعِنَا وَ قُوْلُوا انْظُرْنَا وَ اسْمَعُوْا ؕ وَ لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابٌ

نہ چئو راعنا ۽ چئو انظرنا ۽ ٻڌو، ۽ منڪرن لاءِ عذاب آهي

اَلِيْمٌ ﴿١٠٤﴾ مَا يَوَدُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ وَ لَا

ڏکوئيندڙ. ❸ نہ ٿا چاهين اهي جن ڪفر ڪيو اهل ڪتاب مان ۽ نڪي

الْمُشْرِكِيْنَ اَنْ يُّنَزَّلَ عَلَيْكُمْ مِّنْ خَيْرٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ

جن شرڪ ڪيو تہ نازل ٿئي توهان تي ڪا چڱائي توهان جي رب طرفان، ۽ الله

يَخْتَصُّ بِرَحْمَتِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ اللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿١٠٥﴾

چُوندي ٿو پنهنجي رحمت سان جنهن کي گهري، ۽ الله صاحبُ فضلَ وڏي جو آهي. ❹

مَا نَنۡسَخۡ مِنۡ اٰيَةٍ اَوۡ نُنۡسِهَا نَاۡتِ بِخَيۡرٍ مِّنۡهَاۤ اَوۡ

جيڪا ميٽيون ٿا ڪا آيت يا ويساريون ٿا ان کي تہ آڻيون ٿا بهتر ان کان يا

مِثۡلِهَا ؕ اَ لَمۡ تَعۡلَمۡ اَنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ ﴿١٠٦﴾ اَ لَمۡ

ان جهڙي، ڇا نہ سمجهيو تہ بيشڪ الله هر شيءِ تي قادر آهي. ڇا نہ

تَعۡلَمۡ اَنَّ اللّٰهَ لَهٗ مُلۡكُ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ ؕ وَ مَا لَكُمۡ

ڄاتو تو بيشڪ الله لاءِ بادشاهي آهي آسمان ۽ زمين جي، ۽ ناهي توهان لاءِ

مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ مِنۡ وَّلِىٍّ وَّ لَا نَصِيۡرٍ ﴿١٠٧﴾ اَمۡ تُرِيۡدُوۡنَ اَنۡ

سواءِ الله جي ڪوئي دوست ۽ نڪي مددگار. ❶ ڇا توهان گهرو ٿا تہ

تَسۡـَٔلُوۡا رَسُوۡلَكُمۡ كَمَا سُئِلَ مُوۡسٰى مِنۡ قَبۡلُ ؕ

سوال ڪريو پنهنجي رسول کان جهڙو سوال ڪيو ويو موسيٰ کان هن کان اڳ ۾،

وَ مَنۡ يَّتَبَدَّلِ الۡكُفۡرَ بِالۡاِيۡمَانِ فَقَدۡ ضَلَّ سَوَآءَ السَّبِيۡلِ ﴿١٠٨﴾

۽ جيڪو وٺي ٿو ڪفر کي ايمان جي عوض پوءِ اهو وڃائي ٿو سڌي رستي کي. ❷

وَدَّ كَثِيۡرٌ مِّنۡ اَهۡلِ الۡكِتٰبِ لَوۡ يَرُدُّوۡنَكُمۡ مِّنۡۢ بَعۡدِ اِيۡمَانِكُمۡ

چاهين ٿا ڪيترا اهل ڪتاب مان تہ جيڪر ڦيرائين توهان کي مسلمان هجڻ کان پوءِ

كُفَّارًا ۚۖ حَسَدًا مِّنۡ عِنۡدِ اَنۡفُسِهِمۡ مِّنۡۢ بَعۡدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمُ

ڪافر ڪري ساڙ کان پنهنجي طرفان دلي طرح هن کان پوءِ جو پڌرو ٿي چڪو انهن لاءِ

الۡحَقُّ ۚ فَاعۡفُوۡا وَ اصۡفَحُوۡا حَتّٰى يَاۡتِىَ اللّٰهُ بِاَمۡرِهٖ ؕ اِنَّ

حق، پوءِ توهان ڇڏيو ۽ مڙي وڃو جيستائين آڻي الله پنهنجي حڪم کي، بيشڪ

اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ ﴿١٠٩﴾ وَ اَقِيۡمُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتُوا الزَّكٰوةَ ؕ

الله هر شيءِ تي قادر آهي. ❸ ۽ توهان قائم ڪريو نماز ۽ ادا ڪريو زڪوات،

وَ مَا تُقَدِّمُوۡا لِاَنۡفُسِكُمۡ مِّنۡ خَيۡرٍ تَجِدُوۡهُ عِنۡدَ اللّٰهِ ؕ اِنَّ

۽ جا اڳي موڪليندؤ پنهنجي لاءِ ڪا نيڪي تہ لهندؤ انهيءَ کي الله وٽ، ❹ بيشڪ

اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ۝١١٠ وَ قَالُوْا لَنْ يَّدْخُلَ الْجَنَّةَ اِلَّا
الله اوهانجي عملن کي ڏسندڙ آهي. ۽ اهي چوڻ لڳا هرگز نه ويندا بهشت ۾ مگر
مَنْ كَانَ هُوْدًا اَوْ نَصٰرٰى ؕ تِلْكَ اَمَانِيُّهُمْ ؕ قُلْ هَاتُوْا بُرْهَانَكُمْ
جيڪي هوندا يهودي يا نصارا، اهي سندن سڌون آهن، تون چوين ته آڻيو پنهنجو دليل
اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ۝١١١ بَلٰى ۗ مَنْ اَسْلَمَ وَجْهَهٗ لِلّٰهِ وَ هُوَ
جيڪڏهن اوهين سچا آهيو. ❶ هائو، جنهن جهڪايو پنهنجو منهن الله لاءِ ۽ اهو
مُحْسِنٌ فَلَهٗۤ اَجْرُهٗ عِنْدَ رَبِّهٖ ۪ وَ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا
چڱائي ڪندڙ آهي ته ان لاءِ ان جو اجر آهي سندس پالڻهار وٽ ۽ ناهي ڪو ڀؤ انهن تي ۽ نڪي
ع ١٣ ٩ ٣
هُمْ يَحْزَنُوْنَ ۝١١٢ ع وَ قَالَتِ الْيَهُوْدُ لَيْسَتِ النَّصٰرٰى عَلٰى شَیْءٍ ۪ وَّ قَالَتِ
اهي ڏکارا ٿيندا. ❷ ۽ چيو يهودين نه آهن نصارا ڪنهن راهه تي ۽ چيو
النَّصٰرٰى لَيْسَتِ الْيَهُوْدُ عَلٰى شَیْءٍ ۙ وَّ هُمْ يَتْلُوْنَ الْكِتٰبَ ؕ
نصارن نه آهن يهودي ڪنهن راهه تي هوڏانهن اهي پڙهن ٿا ڪتاب کي،
كَذٰلِكَ قَالَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ مِثْلَ قَوْلِهِمْ ۚ فَاللّٰهُ يَحْكُمُ
اهڙي طرح چئي انهن جيڪي نه ٿا ڄاڻن هنن جهڙي ڳالهه، پوءِ الله نبيرو ڪندو
بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ۝١١٣ وَ مَنْ اَظْلَمُ
انهن جي وچ ۾ قيامت ڏينهن ان ۾ جنهن ۾ اختلاف ڪندا هئا. ❸ ۽ ڪير آهي وڌو ظالم
مِمَّنْ مَّنَعَ مَسٰجِدَ اللّٰهِ اَنْ يُّذْكَرَ فِيْهَا اسْمُهٗ وَ سَعٰى
ان کان جنهن روڪيو مسجدن الله جي کان ته ونجي اتي نالو الله جو ۽ ڪوشش ڪيائين
فِيْ خَرَابِهَا ؕ اُولٰٓئِكَ مَا كَانَ لَهُمْ اَنْ يَّدْخُلُوْهَاۤ اِلَّا خَآئِفِيْنَ ؕ۬
انهن جي ڦٽائڻ ۾ ❹ اُهي، نه جڳائيندو هو انهن کي جو گهڙن انهن ۾ مگر ڊڄندڙ ٿي،
لَهُمْ فِي الدُّنْيَا خِزْیٌ وَّ لَهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ۝١١٤
انهن لاءِ دنيا ۾ خواري آهي ۽ انهن لاءِ آخرت ۾ عذاب وڏو آهي. ❺

وَ لِلّٰهِ الْمَشْرِقُ وَ الْمَغْرِبُ ق فَاَيْنَمَا تُوَلُّوْا فَثَمَّ

۽ الله جوئي آهي اوڀر ۽ اولهه پوءِ جيڏانهن منهن ڦيريندؤ تيڏانهن آهي

وَجْهُ اللّٰهِ ط اِنَّ اللّٰهَ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿١١٥﴾ وَ قَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ

ذات الله جي، بيشڪ خدا ڪشادگي ڪندڙ ڄاڻندڙ آهي. ❶ ۽ چيائون ورتي آهي الله

وَلَدًا لا سُبْحٰنَهٗ ط بَلْ لَّهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ط كُلٌّ

اولاد اهو پاڪ آهي، بلڪ ان جو آهي جو ڪجهه آسمانن ۽ زمين ۾ آهي، سمورا

لَّهٗ قٰنِتُوْنَ ﴿١١٦﴾ بَدِيْعُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ط وَ اِذَا قَضٰٓى

ان جا تابعدار آهن. ❷ اهو پيدا ڪندڙ آسمانن ۽ زمين جو آهي، ۽ جڏهن فيصلو ڪري ٿو

اَمْرًا فَاِنَّمَا يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿١١٧﴾ وَ قَالَ الَّذِيْنَ لَا

ڪنهن ڪم جو ته ڪرگو چوي ٿو ان کي "ٿيءُ" ته اهو ٿي پوي ٿو. ۽ چيو انهن جيڪي نه

يَعْلَمُوْنَ لَوْلَا يُكَلِّمُنَا اللّٰهُ اَوْ تَاْتِيْنَآ اٰيَةٌ ط كَذٰلِكَ قَالَ

ٿا ڄاڻن چونه ٿو ڳالهائي اسان سان الله يا چونه ٿي اچي اسان وٽ ڪا نشاني، اهڙي طرح چئي هئي

الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ مِّثْلَ قَوْلِهِمْ ط تَشَابَهَتْ قُلُوْبُهُمْ ط قَدْ

انهن کان اڳ وارن هنن جهڙي ڳالهه، هڪ جهڙيون ٿيون آهن سندن دليون، بيشڪ

بَيَّنَّا الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ ﴿١١٨﴾ اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ بِالْحَقِّ

اسان بيان ڪيون آهن نشانيون ماڻهن لاءِ جي يقين ڪن ٿا. ❸ بيشڪ اسان موڪليو توکي سچ سان

بَشِيْرًا وَّ نَذِيْرًا لا وَّ لَا تُسْئَلُ عَنْ اَصْحٰبِ الْجَحِيْمِ ﴿١١٩﴾ وَ

خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري ۽ نه پڇا ٿيندي توکان اهل دوزخ جي. ❹ ۽

لَنْ تَرْضٰى عَنْكَ الْيَهُوْدُ وَ لَا النَّصٰرٰى حَتّٰى تَتَّبِعَ

هرگز نه راضي ٿيندا توکان يهودي ۽ نڪي نصارا جيستائين تون تابع ٿئين

مِلَّتَهُمْ ط قُلْ اِنَّ هُدَى اللّٰهِ هُوَ الْهُدٰى ط وَ لَئِنِ اتَّبَعْتَ

انهن جي طريقي جو، ❺ چؤ بيشڪ ڏس الله جو ئي هدايت آهي، ۽ جيڪڏهن تون پوئلڳ ٿيندين

اَهْوَآءَهُمْ بَعْدَ الَّذِيْ جَآءَكَ مِنَ الْعِلْمِ ۙ مَا لَكَ مِنَ اللّٰهِ

سندن خواهشن جو هن کان پوءِ جو آيو تووٽ علم نه هوندو تو لاءِ الله کان

مِنْ وَّلِيٍّ وَّ لَا نَصِيْرٍ ﴿١٢٠﴾ اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَتْلُوْنَهٗ

ڪوئي بچائيندڙ ۽ نڪي واهرو. اهي ماڻهو ڏنوسون جن کي ڪتاب پڙهن ٿا ان کي

حَقَّ تِلَاوَتِهٖ ؕ اُولٰٓئِكَ يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ ؕ وَ مَنْ يَّكْفُرْ بِهٖ

جيئن حق آهي ان جي پڙهڻ جو، اهي ئي مڃين ٿا ان کي، ۽ جيڪو انڪار ڪري ٿو ان جو

فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿١٢١﴾ يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اذْكُرُوْا نِعْمَتِيَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتُ

پوءِ اهي ئي نقصان وارا آهن. (١) اي بني اسرائيل! ياد ڪريو منهنجو احسان جو ڪيم

عَلَيْكُمْ وَ اَنِّيْ فَضَّلْتُكُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٢٢﴾ وَ اتَّقُوْا يَوْمًا لَّا

توهان تي ۽ مون پلارو ڪيو توهان کي جهان وارن تي. (٢) ۽ ڊڄو ان ڏينهن کان جو نه

تَجْزِيْ نَفْسٌ عَنْ نَّفْسٍ شَيْـًٔا وَّ لَا يُقْبَلُ مِنْهَا عَدْلٌ وَّ لَا

ٽاريندو ڪوئي شخص ڪنهن تان ڪجهه به ۽ نه قبوليو ويندو انڪان عوض ۽ نه

تَنْفَعُهَا شَفَاعَةٌ وَّ لَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿١٢٣﴾ وَ اِذِ ابْتَلٰٓى

فائدو ڏيندي ان کي ڪا سفارش ۽ نڪي اهي مدد ڪيا ويندا. (٣) ۽ ياد ڪر جڏهن آزمايو

اِبْرٰهٖمَ رَبُّهٗ بِكَلِمٰتٍ فَاَتَمَّهُنَّ ؕ قَالَ اِنِّيْ

ابراهيم کي سندس رب ڪن ڳالهين سان پوءِ ان پورو ڪيو انهن کي، (٤) فرمايائينس آءٌ

جَاعِلُكَ لِلنَّاسِ اِمَامًا ؕ قَالَ وَ مِنْ ذُرِّيَّتِيْ ؕ قَالَ لَا يَنَالُ

ڪريان ٿو توکي ماڻهن لاءِ اڳواڻ، چيائين ۽ منهنجي اولاد مان به، فرمايائين نه پهچندو

عَهْدِي الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٢٤﴾ وَ اِذْ جَعَلْنَا الْبَيْتَ مَثَابَةً لِّلنَّاسِ

انجام منهنجو ظالمن کي. (٥) ۽ جڏهن ڪيوسون ڪعبي کي جاءِ گڏ ٿيڻ جي ماڻهن لاءِ

وَ اَمْنًا ؕ وَ اتَّخِذُوْا مِنْ مَّقَامِ اِبْرٰهٖمَ مُصَلًّى ؕ وَ عَهِدْنَآ

۽ جاءِ امن جي، ۽ وٺو بيهڻ واري جاءِ ابراهيم جي جاءِ نماز ڪري، ۽ تاڪيد ڪيوسون

اِلٰٓى اِبْرٰهٖمَ وَ اِسْمٰعِيْلَ اَنْ طَهِّرَا بَيْتِيَ لِلطَّآئِفِيْنَ وَ

ابراهيم کي ۽ اسماعيل کي ته پاڪ ڪريو منهنجي گھر کي طواف ڪندڙن لاءِ ۽

الْعٰكِفِيْنَ وَ الرُّكَّعِ السُّجُوْدِ ﴿١٢٥﴾ وَ اِذْ قَالَ اِبْرٰهٖمُ رَبِّ

اعتڪاف وارن ۽ رڪوع سجدي ڪندڙن لاءِ. (1) ۽ جڏهن چيو ابراهيم اي پروردگار!

اجْعَلْ هٰذَا بَلَدًا اٰمِنًا وَّ ارْزُقْ اَهْلَهٗ مِنَ الثَّمَرٰتِ مَنْ اٰمَنَ

ڪر هن شهر کي امن وارو ۽ ڪاراءِ اتان وارن کي ميوا جن ايمان آندو

مِنْهُمْ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ قَالَ وَ مَنْ كَفَرَ فَاُمَتِّعُهٗ

انهن مان الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي، فرمايائين ۽ جيڪو ڪافر ٿيندو پوءِ ان کي نفعو ڏيندم

قَلِيْلًا ثُمَّ اَضْطَرُّهٗۤ اِلٰى عَذَابِ النَّارِ ؕ وَ بِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿١٢٦﴾

ڪجھ وقت پوءِ ڇڪي آڻيندم انهي کي عذاب باهه ڏي، ۽ اها خراب جاءِ آهي. (2)

وَ اِذْ يَرْفَعُ اِبْرٰهٖمُ الْقَوَاعِدَ مِنَ الْبَيْتِ وَ اِسْمٰعِيْلُ ؕ

۽ ياد ڪر جڏهن ڪنيا تي ابراهيم بنياد ڪعبي جا ۽ اسماعيل،

رَبَّنَا تَقَبَّلْ مِنَّا ؕ اِنَّكَ اَنْتَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿١٢٧﴾

چون پيا اي رب اسان جا قبول ڪر اسان کان، بيشڪ تون ئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهين.

رَبَّنَا وَ اجْعَلْنَا مُسْلِمَيْنِ لَكَ وَ مِنْ ذُرِّيَّتِنَآ اُمَّةً

اي رب اسان جا ڪر اسان کي فرمانبردار پنهنجو ۽ اسان جي اولاد مان به هڪ جماعت

مُّسْلِمَةً لَّكَ ۪ وَ اَرِنَا مَنَاسِكَنَا وَ تُبْ عَلَيْنَا ۚ اِنَّكَ اَنْتَ

فرمانبردار پنهنجي ۽ ڏيکار اسان کي حج جا ارڪان ۽ معاف ڪر اسان کي، بيشڪ تون ئي

التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿١٢٨﴾ رَبَّنَا وَ ابْعَثْ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ

معاف ڪندڙ مهربان آهين. (3) اي اسان جا پاليندڙ ۽ اُٿار انهن ۾ وڏو رسول (4) انهن مان

يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِكَ وَ يُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَ الْحِكْمَةَ

جو پڙهي انهن تي تنهنجون آيتون ۽ سيکاري انهن کي ڪتاب ۽ حڪمت

١٥ ع ٨ ١٥

وَ يُزَكِّيْهِمْ ؕ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿۱۲۹﴾ ع وَ مَنْ

۽ پاڪ ڪري انهن کي، تون ئي زبردست آهين حڪمت وارو آهين. ۽ ڪير آهي

يَّرْغَبُ عَنْ مِّلَّةِ اِبْرٰهٖمَ اِلَّا مَنْ سَفِهَ نَفْسَهٗ ؕ

جو منهن موڙي دين ابراهيم کان مگر جنهن بي سمجهه بڻايو پاڻ کي،

وَ لَقَدِ اصْطَفَيْنٰهُ فِي الدُّنْيَا ۚ وَ اِنَّهٗ فِي الْاٰخِرَةِ

۽ تحقيق اسان چونڊيو هو ان کي هن جهان ۾ ۽ بيشڪ اهو ٻئي جهان ۾

لَمِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۱۳۰﴾ اِذْ قَالَ لَهٗ رَبُّهٗۤ اَسْلِمْ ۙ

يقينن ڀلارن مان آهي. جنهن وقت چيو ان کي سندس پروردگار حڪم مڃ

قَالَ اَسْلَمْتُ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۳۱﴾ وَ وَصّٰى بِهَاۤ اِبْرٰهٖمُ

چيائين آءٌ حڪم مڃيم جهانن جي پروردگار جو. ① ۽ پارت ڪئي ان جي ابراهيم

بَنِيْهِ وَ يَعْقُوْبُ ؕ يٰبَنِيَّ اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰى

پنهنجي پٽن کي ۽ يعقوب پڻ، ته اي منهنجا پٽئو بيشڪ الله پسند ڪيو آهي

لَكُمُ الدِّيْنَ فَلَا تَمُوْتُنَّ اِلَّا وَ اَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿۱۳۲﴾ ؕ

توهان لاءِ اِهو دين پوءِ هرگز نہ مَرجو مگر توهان هجو مسلمان. ②

اَمْ كُنْتُمْ شُهَدَآءَ اِذْ حَضَرَ يَعْقُوْبَ الْمَوْتُ ۙ اِذْ

ڇا توهان هئا موجود جڏهن آيو يعقوب تي موت جڏهن

قَالَ لِبَنِيْهِ مَا تَعْبُدُوْنَ مِنْۢ بَعْدِيْ ؕ قَالُوْا

چيائين پنهنجن پُٽن کي ڇا جي عبادت ڪندؤ مون کان پوءِ چيائون

نَعْبُدُ اِلٰهَكَ وَ اِلٰهَ اٰبَآئِكَ اِبْرٰهٖمَ وَ اِسْمٰعِيْلَ وَ

عبادت ڪنداسون تنهنجي خدا ۽ تنهنجي ابن ڏاڏن ابراهيم ۽ اسماعيل ۽

اِسْحٰقَ اِلٰهًا وَّاحِدًا ۚۖ وَّ نَحْنُ لَهٗ مُسْلِمُوْنَ ﴿۱۳۳﴾

اسحاق جي خدا جي هڪ خدا ڪري ۽ اسان ان جوئي حڪم مڃيندڙ آهيون. ③

تِلْكَ اُمَّةٌ قَدْ خَلَتْ ج لَهَا مَا كَسَبَتْ وَ لَكُمْ

اها جماعت هئي جا گذري وئي، انهن لاءِ هئي انهن جي ڪمائي ۽ توهان لاءِ آهي

مَّا كَسَبْتُمْ ج وَ لَا تُسْئَلُوْنَ عَمَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٣٤﴾ وَ قَالُوْا

توهان جي ڪمائي، ۽ توهان کان پڇا نہ ٿيندي انهن جي عملن جي. ١ ۽ چيائون

كُوْنُوْا هُوْدًا اَوْ نَصٰرٰى تَهْتَدُوْا ط قُلْ بَلْ مِلَّةَ

ٿيو يهودي يا نصارا تہ هدايت وارا ٿيندؤ، تون چؤ پر اسان دين

اِبْرٰهٖمَ حَنِيْفًا ط وَ مَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٣٥﴾

ابراهيم تي آهيون جو هڪ طرفو هو، ۽ نہ هئو مشرڪن مان. ٢

قُوْلُوْٓا اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَ مَآ اُنْزِلَ

توهان چئو تہ اسان ايمان آندو آهي الله تي ۽ ان تي جيڪو نازل ٿيو

اِلَيْنَا وَ مَآ اُنْزِلَ اِلٰٓى اِبْرٰهٖمَ وَ اِسْمٰعِيْلَ

اسان ڏانهن ۽ جيڪو نازل ٿيو ابراهيم ۽ اسماعيل

وَ اِسْحٰقَ وَ يَعْقُوْبَ وَ الْاَسْبَاطِ وَ مَآ اُوْتِيَ

۽ اسحاق ۽ يعقوب ۽ انجي اولاد ڏانهن ۽ ان تي جو مليو

مُوْسٰى وَ عِيْسٰى وَ مَآ اُوْتِيَ النَّبِيُّوْنَ مِنْ رَّبِّهِمْ ج

موسٰي ۽ عيسٰي کي ۽ ان تي جو مليو سڀني نبين کي سندن پروردگار کان،

لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْهُمْ ز صلے وَ نَحْنُ لَهٗ

اسان نہ ٿا سنڌو ڪريون ڪنهن جي بہ وچ ۾ انهن مان ۽ اسان انهيءَ جائي

مُسْلِمُوْنَ ﴿١٣٦﴾ فَاِنْ اٰمَنُوْا بِمِثْلِ مَآ اٰمَنْتُمْ

مڃيندڙ آهيون. پوءِ جيڪڏهن انهن بہ ايمان آندو جيئن توهان ايمان آندو آهي

بِهٖ فَقَدِ اهْتَدَوْا ج وَ اِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّمَا هُمْ

ان تي تہ يقينن اهي هدايت وارا ٿيا ٣ ۽ جيڪڏهن ڦري ويا تہ پوءِ رڳو اهي

فِيْ شِقَاقٍ ج فَسَيَكْفِيْكَهُمُ اللّٰهُ ج وَ هُوَ السَّمِيْعُ

مخالفت ۾ آهن، پوءِ اجهو پڄندو تو پاران انهن سان الله، ❶ ۽ اهوئي ٻڌندڙ

الْعَلِيْمُ ﴿١٣٧﴾ صِبْغَةَ اللّٰهِ ج وَ مَنْ اَحْسَنُ مِنَ اللّٰهِ صِبْغَةً ز

ڄاڻندڙ آهي. رنگ الله جو، ۽ ڪير آهي ڀلو الله کان رنگ ڏيڻ ۾

وَّ نَحْنُ لَهٗ عٰبِدُوْنَ ﴿١٣٨﴾ قُلْ اَ تُحَآجُّوْنَنَا

۽ اسان ان جي عبادت ڪندڙ آهيون. ❷ چؤ ڇا توهان جهڳڙو ڪريو ٿا اسان سان

فِي اللّٰهِ وَ هُوَ رَبُّنَا وَ رَبُّكُمْ ج وَ لَنَآ اَعْمَالُنَا

الله جي باري ۾ ۽ اهو اسان جو رب ۽ توهان جو رب آهي، ۽ اسان لاءِ آهن اسان جا عمل

وَ لَكُمْ اَعْمَالُكُمْ ج وَ نَحْنُ لَهٗ مُخْلِصُوْنَ ﴿١٣٩﴾ لا اَمْ

۽ توهان لاءِ آهن توهان جا عمل، ۽ اسان ان جا سچا ٻانها آهيون. ❸ ڇا

تَقُوْلُوْنَ اِنَّ اِبْرٰهٖمَ وَ اِسْمٰعِيْلَ وَ اِسْحٰقَ وَ يَعْقُوْبَ

توهان چئو ٿا ته ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق ۽ يعقوب

وَ الْاَسْبَاطَ كَانُوْا هُوْدًا اَوْ نَصٰرٰى ط قُلْ ءَ اَنْتُمْ

۽ سندن اولاد هئا يهودي يا عيسائي؟ تون چؤ ڇا توهان

اَعْلَمُ اَمِ اللّٰهُ ط وَ مَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ كَتَمَ شَهَادَةً

زياده ڄاڻو ٿا يا الله! ۽ ڪير وڌو ظالم آهي ان کان جو لڪائي شاهدي

عِنْدَهٗ مِنَ اللّٰهِ ط وَ مَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٤٠﴾

پاڻ وٽ الله جي، ۽ ناهي الله بي خبر توهان جي ڪمن کان.

تِلْكَ اُمَّةٌ قَدْ خَلَتْ ج لَهَا مَا كَسَبَتْ وَ لَكُمْ

اها جماعت هئي جا گذري ويئي، انهن لاءِ هئي سندن ڪمائي ۽ توهان لاءِ آهي

مَّا كَسَبْتُمْ ج وَ لَا تُسْـَٔلُوْنَ عَمَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٤١﴾ ع

توهان جي ڪمائي، ۽ توهان کان پُڇانه ٿيندي ان جي جيڪي اهي ڪندا هئا.

سَيَقُوْلُ السُّفَهَآءُ مِنَ النَّاسِ مَا وَلّٰىهُمْ عَنْ قِبْلَتِهِمُ الَّتِيْ

اجهو چوندا بي سمجهه ماڻهو ڪنهن ڦيرايو انهن کي سندن قبلي کان جو

كَانُوْا عَلَيْهَا ۭ قُلْ لِّلّٰهِ الْمَشْرِقُ وَ الْمَغْرِبُ ۭ يَهْدِيْ مَنْ

هئا انهي تي، چؤ الله جو آهي اوڀر ۽ اولهه، هلائي ٿو جنهن کي

يَّشَآءُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿١٤٢﴾ وَ كَذٰلِكَ جَعَلْنٰكُمْ اُمَّةً وَّسَطًا

چاهي رستي سنئين تي. ❶ ۽ اهڙي طرح ڪيوسون توهان کي اُمّت پلاري

لِّتَكُوْنُوْا شُهَدَآءَ عَلَى النَّاسِ وَ يَكُوْنَ الرَّسُوْلُ عَلَيْكُمْ شَهِيْدًا ۭ

جيئن هجو شاهد ❷ ماڻهن تي ۽ هجي رسول توهان تي شاهد،

وَ مَا جَعَلْنَا الْقِبْلَةَ الَّتِيْ كُنْتَ عَلَيْهَآ اِلَّا لِنَعْلَمَ مَنْ

۽ نہ مقرر ڪيو اسان اهو قبلو ❸ جنهن تي (اڳي) هئين مگر ڏسون تہ ❹ ڪهڙو

يَّتَّبِعُ الرَّسُوْلَ مِمَّنْ يَّنْقَلِبُ عَلٰى عَقِبَيْهِ ۭ وَ اِنْ كَانَتْ

پوئلڳ ٿئي ٿو رسول جو ۽ ڪهڙو ڦري ٿو پنهنجين ڪڙين تي، ۽ بيشڪ هئي اها

لَكَبِيْرَةً اِلَّا عَلَى الَّذِيْنَ هَدَى اللّٰهُ ۭ وَ مَا كَانَ اللّٰهُ لِيُضِيْعَ

وڏي ڳالهه پر نہ انهن تي جن کي راهه ڏيکاري الله، ۽ الله اهڙو نہ آهي جو وڃائي

اِيْمَانَكُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ بِالنَّاسِ لَرَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٤٣﴾ قَدْ نَرٰى تَقَلُّبَ

توهان جو ايمان، يقينن الله ماڻهن تي نرمي ڪندڙ رحم وارو آهي. ❺ اسان ڏسون ٿا ڦرڻ

وَجْهِكَ فِي السَّمَآءِ ۚ فَلَنُوَلِّيَنَّكَ قِبْلَةً تَرْضٰىهَا ۠

تنهنجي منهن جو آسمان ڏانهن، پوءِ ضرور ڦيرائينداسون توکي ان قبلي تي جنهن کي پسند ڪرين ٿو

فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۭ وَ حَيْثُ مَا كُنْتُمْ فَوَلُّوْا

پوءِ ڦيراءِ منهن پنهنجو طرف مسجد الحرام جي، ۽ جتي بہ هجو پوءِ ڦيرايو

وُجُوْهَكُمْ شَطْرَهٗ ۭ وَ اِنَّ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ لَيَعْلَمُوْنَ

پنهنجا منهن انجي طرف، ۽ بيشڪ جن کي مليو آهي ڪتاب البت اُهي ڄاڻن ٿا

أَنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّهِمْ ۚ وَ مَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٤٤﴾

ته اِهوئي حق آهي سندن پاليندڙ طرفان ۽ ناهي الله بي خبر انهن جي ڪمن کان. ❶

وَ لَئِنْ اَتَيْتَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ بِكُلِّ اٰيَةٍ مَّا تَبِعُوْا

۽ جيڪڏهن آڻيندين اهل ڪتاب وٽ سموريون نشانيون نه هلندا

قِبْلَتَكَ ۚ وَ مَآ اَنْتَ بِتَابِعٍ قِبْلَتَهُمْ ۚ وَ مَا بَعْضُهُمْ بِتَابِعٍ

تنهنجي قبلي تي، ۽ نڪي تون هلندين سندن قبلي تي، ۽ ناهي انهن مان ڪوئي هلندڙ

قِبْلَةَ بَعْضٍ ؕ وَ لَئِنِ اتَّبَعْتَ اَهْوَآءَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا

ٻئي جي قبلي تي، ۽ جيڪڏهن تابعداري ڪندين انهن جي خواهشن جي هن ڪان پوءِ جو

جَآءَكَ مِنَ الْعِلْمِ ۙ اِنَّكَ اِذًا لَّمِنَ الظّٰلِمِيْنَ ۘ ﴿١٤٥﴾ اَلَّذِيْنَ

آيو تو وٽ علم ته بيشڪ تون ان وقت بي انصافن مان ٿيندين. ❷ اهي

اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَعْرِفُوْنَهٗ كَمَا يَعْرِفُوْنَ اَبْنَآءَهُمْ ؕ وَ

جن کي اسان ڏنو آهي ڪتاب سڃاڻن ٿا ان کي جيئن سڃاڻن ٿا پنهنجن پٽن کي ۽

اِنَّ فَرِيْقًا مِّنْهُمْ لَيَكْتُمُوْنَ الْحَقَّ وَ هُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿١٤٦﴾

البت هڪ ٽولي وارا انهن منجهان لڪائن ٿا حق کي هوڏانهن اهي ڄاڻن ٿا. ❸

اَلْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُمْتَرِيْنَ ﴿١٤٧﴾ وَ لِكُلٍّ وِّجْهَةٌ

اهو حق آهي تنهنجي رب کان پوءِ نه ٿيءُ تون شڪ ڪندڙن مان. ۽ هر هڪ لاءِ طرف آهي

هُوَ مُوَلِّيْهَا فَاسْتَبِقُوا الْخَيْرٰتِ ؕ اَيْنَ مَا تَكُوْنُوْا يَاْتِ

جو اهو منهن ڪندڙ آهي ان ڏي پوءِ اڳرائيو چڱاين ۾، جتي به توهان هوندؤ آڻيندو

بِكُمُ اللّٰهُ جَمِيْعًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿١٤٨﴾ وَ مِنْ حَيْثُ

توهان کي الله گڏ ڪري، بيشڪ الله هر شيءِ تي قادر آهي. ❹ ۽ جنهن به جاءِ کان

خَرَجْتَ فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ؕ وَ اِنَّهٗ لَلْحَقُّ

نڪرين ته ڦيراءِ پنهنجو منهن ڪعبة الله جي طرف، ❺ ۽ يقينن اهوئي حق آهي

مِنْ رَّبِّكَ ؕ وَ مَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۴۹﴾ وَ مِنْ حَيْثُ
تنهنجي رب طرفان، ۽ ناهي الله بي خبر توهان جي عملن کان. ۽ جتان بہ
خَرَجْتَ فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ؕ وَ حَيْثُ مَا
نڪرين تہ ڦيراءِ پنهنجو منهن طرف مسجد الحرام جي، ۽ جتي بہ
كُنْتُمْ فَوَلُّوْا وُجُوْهَكُمْ شَطْرَهٗ ۙ لِئَلَّا يَكُوْنَ لِلنَّاسِ
هجو تہ ڦيرايو پنهنجا رُخ ان جي طرف جيئن نہ هجي ماڻهن جو
عَلَيْكُمْ حُجَّةٌ ۙۗ اِلَّا الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْهُمْ ۗ فَلَا تَخْشَوْهُمْ
اوهان تي الزام مگر جن بي انصافي ڪئي انهن مان پوءِ نہ ڊڄو انهن ڪان
وَ اخْشَوْنِيْ ۗ وَ لِاُتِمَّ نِعْمَتِيْ عَلَيْكُمْ وَ لَعَلَّكُمْ
۽ ڊڄو مون ڪان ۽ جيئن پوري ڪريان پنهنجي نعمت اوهان تي ۽ جيئن اوهين
تَهْتَدُوْنَ ﴿۱۵۰﴾ ۛ كَمَاۤ اَرْسَلْنَا فِيْكُمْ رَسُوْلًا مِّنْكُمْ يَتْلُوْا
هدايت وارا ٿيو. جيئن موڪليوسون توهان ۾ وڏو رسول اوهان مان جو پڙهي ٿو
عَلَيْكُمْ اٰيٰتِنَا وَ يُزَكِّيْكُمْ وَ يُعَلِّمُكُمُ
اوهان تي آيتون اسان جون ۽ پاڪ ڪري ٿو توهان کي ۽ سيکاري ٿو توهان کي
الْكِتٰبَ وَ الْحِكْمَةَ وَ يُعَلِّمُكُمْ مَّا لَمْ تَكُوْنُوْا تَعْلَمُوْنَ ﴿۱۵۱﴾ ؕ
قرآن ۽ ان جو علم ۽ سيکاري ٿو توهان کي اهو جو اوهان نہ ڄاڻندا هئا. ①
فَاذْكُرُوْنِيْۤ اَذْكُرْكُمْ وَ اشْكُرُوْا لِيْ وَ لَا
پوءِ ياد ڪريو مون کي تہ آءٌ ياد ڪريان توهان کي ۽ شڪر ڪريو منهنجو ۽ نہ
تَكْفُرُوْنِ ﴿۱۵۲﴾ ع يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَ الصَّلٰوةِ ؕ
ڪفر ڪريو. اي ايمان وارو! مدد وٺو صبر ۽ نماز سان،
اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۱۵۳﴾ وَ لَا تَقُوْلُوْا لِمَنْ يُّقْتَلُ
بيشڪ الله گڏ آهي صبر وارن سان. ② ۽ نہ چئو انهن لاءِ جي ماريا وڃن

مع — عندالمتأخرين ١٢
ع ١٨ ٥ ٢

فِیۡ سَبِیۡلِ اللّٰہِ اَمۡوَاتٌ ؕ بَلۡ اَحۡیَآءٌ وَّلٰکِنۡ لَّا

الله جي راهہ ۾ تہ اهي مُئل آهن، بلڪ اهي جيئرا آهن پر نہ

تَشۡعُرُوۡنَ ﴿۱۵۴﴾ وَ لَنَبۡلُوَنَّکُمۡ بِشَیۡءٍ مِّنَ الۡخَوۡفِ وَ

تا سمجهو. ۽ ضرور آزمائينداسون توهان کي ڪجهہ پوَ ۽

الۡجُوۡعِ وَ نَقۡصٍ مِّنَ الۡاَمۡوَالِ وَ الۡاَنۡفُسِ وَ الثَّمَرٰتِ ؕ وَ

بُک سان ۽ نقصان مالن ۽ جانين ۽ ميون جي سان، ۽

بَشِّرِ الصّٰبِرِیۡنَ ﴿۱۵۵﴾ الَّذِیۡنَ اِذَاۤ اَصَابَتۡہُمۡ مُّصِیۡبَۃٌ ۙ

بشارت ڏِج صبروارن کي. ❶ اُهي جڏهن پهچي ٿي انهن تي ڪا سختي

قَالُوۡۤا اِنَّا لِلّٰہِ وَ اِنَّاۤ اِلَیۡہِ رٰجِعُوۡنَ ﴿۱۵۶﴾ؕ اُولٰٓئِکَ

چَون ٿا تہ اسان الله جا آهيون ۽ اسان ان ڏانهن موٽندڙ آهيون. اُهي ئي آهن

عَلَیۡہِمۡ صَلَوٰتٌ مِّنۡ رَّبِّہِمۡ وَ رَحۡمَۃٌ ۟ وَ اُولٰٓئِکَ ہُمُ

جن تي مهربانيون آهن الله جون ۽ ٻاجهہ، ۽ اُهي ئي آهن

الۡمُہۡتَدُوۡنَ ﴿۱۵۷﴾ اِنَّ الصَّفَا وَ الۡمَرۡوَۃَ مِنۡ شَعَآئِرِ اللّٰہِ ۚ فَمَنۡ

سڌي رستي وارا. بيشڪ صفا ۽ مروه جبل الله جي نشانين مان آهن، پوءِ جيڪو

حَجَّ الۡبَیۡتَ اَوِ اعۡتَمَرَ فَلَا جُنَاحَ عَلَیۡہِ اَنۡ

حج ڪري خاني ڪعبي جو يا عُمرو ڪري پوءِ ناهي ڪو گناهہ ان تي جو

یَّطَّوَّفَ بِہِمَا ؕ وَ مَنۡ تَطَوَّعَ خَیۡرًا ۙ فَاِنَّ اللّٰہَ شَاکِرٌ

چڪر ڏئي ٻنهي جا، ۽ جيڪو خوشيءَ سان نيڪي ڪندو تہ برابر الله گڻ موڪيندڙ

عَلِیۡمٌ ﴿۱۵۸﴾ اِنَّ الَّذِیۡنَ یَکۡتُمُوۡنَ مَاۤ اَنۡزَلۡنَا مِنَ الۡبَیِّنٰتِ

ڄاڻندڙ آهي. ❷ البت اهي ماڻهو جي لڪائن ٿا جيڪي نازل ڪياسون چِٽا حڪم

وَ الۡہُدٰی مِنۡۢ بَعۡدِ مَا بَیَّنّٰہُ لِلنَّاسِ فِی الۡکِتٰبِ ۙ اُولٰٓئِکَ

۽ سِڌا رستا ان کان بعد جو بيان ڪياسون اهي ماڻهن لاءِ ڪتاب ۾ ❸ اهي آهن

يَلْعَنُهُمُ اللّٰهُ وَ يَلْعَنُهُمُ اللّٰعِنُوْنَ ﴿۱۵۹﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ

جو لعنت ڪري ٿو انهن تي الله ۽ لعنت ڪن ٿا انهن تي لعنت ڪندڙ. مگر جن

تَابُوْا وَ اَصْلَحُوْا وَ بَيَّنُوْا فَاُولٰٓئِكَ اَتُوْبُ عَلَيْهِمْ

توبه ڪئي ۽ سُڌريا ۽ حق ظاهر ڪيائون پوءِ اهي آءٌ مهرباني ڪندس انهن تي،

وَ اَنَا التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿۱۶۰﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ مَاتُوْا

۽ آءٌ ئي توبه قبول ڪندڙ مهربان آهيان. بيشڪ جن ڪفر ڪيو ۽ مري ويا

وَ هُمْ كُفَّارٌ اُولٰٓئِكَ عَلَيْهِمْ لَعْنَةُ اللّٰهِ وَ الْمَلٰٓئِكَةِ وَ

۽ اهي آهن ڪافر اهي انهن تي آهي ڦٽڪار الله جي ۽ ملائڪن جي ۽

النَّاسِ اَجْمَعِيْنَ ﴿۱۶۱﴾ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا لَا يُخَفَّفُ عَنْهُمُ

ماڻهن سڀني جي. هميشه رهندا ان (لعنت) ۾ نه هلڪو ڪيو ويندو انهن تان

الْعَذَابُ وَ لَا هُمْ يُنْظَرُوْنَ ﴿۱۶۲﴾ وَ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ

عذاب ۽ نڪي اهي مهلت ڏنا ويندا. ❶ ۽ مالڪ توهان جو خدا هڪ آهي،

لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الرَّحْمٰنُ الرَّحِيْمُ ﴿۱۶۳﴾ اِنَّ فِيْ خَلْقِ

ناهي ڪو عبادت جي لائق مگر اهو ٻاجهارو مهربان. ❷ بيشڪ پيدا ڪرڻ

السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ اخْتِلَافِ الَّيْلِ وَ النَّهَارِ وَ الْفُلْكِ

آسمانن ۽ زمين جي ۾ ❸ ۽ ڦير گهير رات ۽ ڏينهن جي ۾ ۽ انهن ٻيڙين ۾

الَّتِيْ تَجْرِيْ فِي الْبَحْرِ بِمَا يَنْفَعُ النَّاسَ وَ مَا

جيڪي ڪٽي هلن ٿيون درياءَ ۾ ان شي ڪي جا نفعو ڏئي ٿي ماڻهن کي ۽ جيڪو

اَنْزَلَ اللّٰهُ مِنَ السَّمَآءِ مِنْ مَّآءٍ فَاَحْيَا بِهِ الْاَرْضَ

وَسايو الله آسمان مان پاڻي پوءِ آباد ڪيائين ان سان زمين

بَعْدَ مَوْتِهَا وَ بَثَّ فِيْهَا مِنْ كُلِّ دَآبَّةٍ ۪ وَّ تَصْرِيْفِ الرِّيٰحِ

غير آباد ڪي ۽ پکيڙيائين ان ۾ هر قسم جا جاندار ۽ گردش هوائن جي

وَ السَّحَابِ الْمُسَخَّرِ بَيْنَ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ لَاٰيٰتٍ

۽ اهو ڪڪر جو وچ ۾ آهي آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ انهن ۾ نشانيون آهن

لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ﴿۱۶۴﴾ وَ مِنَ النَّاسِ مَنْ يَّتَّخِذُ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ

قوم عقلمندلاءِ. ۽ ماڻهن مان ڪي آهن جي بنائن ٿا غير خدا کي

اَنْدَادًا يُّحِبُّوْنَهُمْ كَحُبِّ اللّٰهِ ؕ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا

الله جي برابر پيارڪن ٿا انهن سان جهڙو پيار الله سان، ۽ جن ايمان آندو

اَشَدُّ حُبًّا لِّلّٰهِ ؕ وَ لَوْ يَرَى الَّذِيْنَ ظَلَمُوْٓا اِذْ

اهي وڌيڪ سِڪ رکندڙ آهن الله لاءِ. ۽ جيڪر ڄاڻن ها اهي ماڻهو جن ظلم ڪيو جڏهن

يَرَوْنَ الْعَذَابَ ۙ اَنَّ الْقُوَّةَ لِلّٰهِ جَمِيْعًا ۙ وَّ اَنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ

ڏسندا عذاب کي، بيشڪ طاقت الله جي آهي سموري ۽ الله سخت

الْعَذَابِ ﴿۱۶۵﴾ اِذْ تَبَرَّاَ الَّذِيْنَ اتُّبِعُوْا مِنَ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْا وَ

عذاب ڪندڙ آهي. ① جڏهن بيزار ٿيندا اڳواڻ پنهنجي پوئلڳن کان ۽

رَاَوُا الْعَذَابَ وَ تَقَطَّعَتْ بِهِمُ الْاَسْبَابُ ﴿۱۶۶﴾ وَ قَالَ الَّذِيْنَ

ڏسندا عذاب کي ۽ ڪٽجي ويندا ساڻن لاڳاپا. ② ۽ چوندا اهي جن

اتَّبَعُوْا لَوْ اَنَّ لَنَا كَرَّةً فَنَتَبَرَّاَ مِنْهُمْ كَمَا

تابعداري ڪئي جيڪر ٿئي ها اسان جو موٽڻ ته هوند بيزار ٿيون ها انهن کان جيئن

تَبَرَّءُوْا مِنَّا ؕ كَذٰلِكَ يُرِيْهِمُ اللّٰهُ اَعْمَالَهُمْ حَسَرٰتٍ

بيزار ٿي ويا اسان کان، اهڙي طرح ڏيکاريندو انهن کي الله ڪم انهن جا ارمان ڪرڻ لاءِ

عَلَيْهِمْ ؕ وَ مَا هُمْ بِخٰرِجِيْنَ مِنَ النَّارِ ﴿۱۶۷﴾ ع يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ كُلُوْا

پاڻ تي، ③ ۽ ناهن اهي نڪرندڙ باهه کان. اي ماڻهو! کائو

مِمَّا فِي الْاَرْضِ حَلٰلًا طَيِّبًا ۖ ز وَّ لَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ

ان مان جيڪي زمين ۾ آهي حلال پاڪ ④ ۽ نه هلو وکن

الشَّيْطٰنِ ؕ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿١٦٨﴾ اِنَّمَا يَاْمُرُكُمْ

شيطان جي تي، چو تہ اهو توهانجو دشمن پڌرو آهي. رڳو اهو حڪم ٿو ڪري اوهانکي

بِالسُّوْٓءِ وَ الْفَحْشَآءِ وَ اَنْ تَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿١٦٩﴾

بڇڙائي ۽ بي حيائي جو ۽ هن جو تہ ناهہ ناهيو الله تي جيڪي نہ ٿا ڄاڻو.

وَ اِذَا قِيْلَ لَهُمُ اتَّبِعُوْا مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ قَالُوْا بَلْ

۽ جڏهن چئجي ٿو انهن کي هلو ان تي جيڪي نازل ڪيو الله چون ٿا نہ پر

نَتَّبِعُ مَآ اَلْفَيْنَا عَلَيْهِ اٰبَآءَنَا ؕ اَ وَ لَوْ كَانَ اٰبَآؤُهُمْ

هلنداسون ان تي لڌوسون جنهن تي پنهنجن ابن ڏاڏن کي، ڇا جيتوڻيڪ سندن ابا ڏاڏا

لَا يَعْقِلُوْنَ شَيْئًا وَّ لَا يَهْتَدُوْنَ ﴿١٧٠﴾ وَ مَثَلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

عقل نہ رکندا هئا ذرو بہ ۽ نڪي رستي وارا هئا. (١) ۽ مثال ڪافرن جو

كَمَثَلِ الَّذِيْ يَنْعِقُ بِمَا لَا يَسْمَعُ اِلَّا دُعَآءً وَّ نِدَآءً ؕ

ان جي مثال جهڙو آهي جيڪو رڙ ڪري ٿو ان کي جو نہ ٿو ٻڌي مگر سڏ ۽ پڪار،

صُمٌّۢ بُكْمٌ عُمْيٌ فَهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿١٧١﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

اهي ٻوڙا گونگا انڌا آهن تنهنڪري اهي نہ ٿا سمجهن. اي ايمان وارو!

كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ وَ اشْكُرُوْا لِلّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ

کائو پاڪ شيون جي ڏنيون سي توهان کي ۽ شڪر ڪريو الله جو جيڪڏهن آهيو

اِيَّاهُ تَعْبُدُوْنَ ﴿١٧٢﴾ اِنَّمَا حَرَّمَ عَلَيْكُمُ الْمَيْتَةَ وَ الدَّمَ

انهي جي ئي عبادت ڪندا. رڳو حرام ڪيائين توهان تي ڍونڊي ۽ رت

وَ لَحْمَ الْخِنْزِيْرِ وَ مَآ اُهِلَّ بِهٖ لِغَيْرِ اللّٰهِ ۚ فَمَنِ

۽ گوشت سوئر جو ۽ جنهن تي نالو پڪاريو ويو الله ڪانسواءِ ٻين جو، پوءِ جيڪو

اضْطُرَّ غَيْرَ بَاغٍ وَّ لَا عَادٍ فَلَآ اِثْمَ عَلَيْهِ ؕ

لاچار ٿي پوي نہ بي فرماني ڪندڙ ۽ نڪي حد ٽپيندڙ پوءِ ناهي ڪو گناهہ ان تي، (٢)

إِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٧٣﴾ إِنَّ الَّذِيْنَ يَكْتُمُوْنَ مَآ أَنْزَلَ

بيشڪ الله بخشيندڙ مهربان آهي. بيشڪ جيڪي لڪائن ٿا ان کي جو لاٿو آهي

اللّٰهُ مِنَ الْكِتٰبِ وَ يَشْتَرُوْنَ بِهٖ ثَمَنًا قَلِيْلًا ۙ أُولٰٓئِكَ مَا

الله ڪتاب ۾ ۽ وڪڻن ٿا ان کي مُلھ ٿوري تي، اهي نہ

يَأْكُلُوْنَ فِيْ بُطُوْنِهِمْ إِلَّا النَّارَ وَ لَا يُكَلِّمُهُمُ اللّٰهُ يَوْمَ

ٿا کائن پنهنجي پيٽن ۾ مگر باھ کي ۽ نہ ڳالهائيندو انهن سان الله ڏينهن

الْقِيٰمَةِ وَ لَا يُزَكِّيْهِمْ ۚ وَ لَهُمْ عَذَابٌ أَلِيْمٌ ﴿١٧٤﴾ أُولٰٓئِكَ

قيامت جي ۽ نڪي پاڪ ڪندن، ۽ انهن لاءِ عذاب ڏکوئيندڙ آهي. (١) اهي ئي آهن

الَّذِيْنَ اشْتَرَوُا الضَّلٰلَةَ بِالْهُدٰى وَ الْعَذَابَ بِالْمَغْفِرَةِ ۚ

جن ڳڌو گمراهي کي بدلي هدايت جي ۽ سزا کي عوض بخشش جي،

فَمَآ أَصْبَرَهُمْ عَلَى النَّارِ ﴿١٧٥﴾ ذٰلِكَ بِأَنَّ اللّٰهَ نَزَّلَ الْكِتٰبَ

پوءِ ڪيڏا نہ صبر ڪندڙ آهن باھ تي! اهو هن ڪري تہ الله نازل ڪيو ڪتاب

بِالْحَقِّ ؕ وَ إِنَّ الَّذِيْنَ اخْتَلَفُوْا فِي الْكِتٰبِ لَفِيْ شِقَاقٍۢ بَعِيْدٍ ﴿١٧٦﴾ ع

حق جو، ۽ جن جهڳڙو ڪيو ان ڪتاب ۾ اهي ضد پرانهين ۾ آهن.

ع ٢١ ٩ ٥ الربع

لَيْسَ الْبِرَّ أَنْ تُوَلُّوْا وُجُوْهَكُمْ قِبَلَ الْمَشْرِقِ وَ الْمَغْرِبِ وَ لٰكِنَّ

ناهي ڀلائي جو ڦيرايو منهن پنهنجا طرف اڀرندي ۽ الهندي (٢) پر

الْبِرَّ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَ الْمَلٰٓئِكَةِ وَ الْكِتٰبِ وَ

ڀلائي آهي جنهن مڃيو الله کي ۽ ڏينهن پوئين کي ۽ ملائڪن ۽ ڪتابن ۽

النَّبِيّٖنَ ۚ وَ اٰتَى الْمَالَ عَلٰى حُبِّهٖ ذَوِي الْقُرْبٰى وَ الْيَتٰمٰى وَ

نبين کي ۽ ڏنائين مال ان سان محبت هوندي مائٽن کي ۽ يتيمن ۽

الْمَسٰكِيْنَ وَ ابْنَ السَّبِيْلِ ۙ وَ السَّآئِلِيْنَ وَ فِي الرِّقَابِ ۚ وَ

ڏتڙيلن ۽ واٽهڙوءَ ۽ پنندڙن کي ۽ ٻانهن جي آزاديءَ ۾، (٣) ۽

اَقَامَ الصَّلٰوةَ وَ اٰتَى الزَّكٰوةَ ۚ وَ الْمُوْفُوْنَ بِعَهْدِهِمْ اِذَا

قائم ڪيائين نماز ۽ ڏنائين زڪوات، ۽ پاڙيندڙ پنهنجي انجام کي جڏهن ته

عٰهَدُوْا ۚ وَ الصّٰبِرِيْنَ فِي الْبَاْسَآءِ وَ الضَّرَّآءِ وَ حِيْنَ الْبَاْسِ ؕ

انجام ڪن، ۽ صبر ڪندڙ سختي ۾ ۽ سجائي ۾ ۽ جنگ جي وقت،

اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ صَدَقُوْا ؕ وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُتَّقُوْنَ ﴿۱۷۷﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ

اُهي ئي آهن سچار، ۽ اُهي ئي آهن خدا ترس. ❶ اي اهي جن

اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الْقِصَاصُ فِي الْقَتْلٰى ؕ اَلْحُرُّ بِالْحُرِّ

ايمان آندو! فرض ڪيو ويو توهان تي پورو بدلو خون ٿيلن ۾، آجو عوض آجي جي

وَ الْعَبْدُ بِالْعَبْدِ وَ الْاُنْثٰى بِالْاُنْثٰى ؕ فَمَنْ عُفِيَ لَهٗ

۽ ٻانهو بدلي ٻانهي جي ۽ عورت عوض عورت جي، ❷ پوءِ معاف ڪيو ويو جنهن کي

مِنْ اَخِيْهِ شَيْءٌ فَاتِّبَاعٌ ۢ بِالْمَعْرُوْفِ وَ اَدَآءٌ اِلَيْهِ

سندس ڀاءُ طرفان ڪجهه ته گهرڪرڻ آهي جائز طرح ۽ ڏيڻ آهي ان کي

بِاِحْسَانٍ ؕ ذٰلِكَ تَخْفِيْفٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَ رَحْمَةٌ ؕ فَمَنِ

چڱي نموني، اها هلڪائي آهي توهان جي پاليندڙ طرفان ۽ مهرباني، پوءِ جيڪو

اعْتَدٰى بَعْدَ ذٰلِكَ فَلَهٗ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۱۷۸﴾ وَ لَكُمْ

زيادتي ڪندو هن کان بعد ته ان لاءِ عذاب دردناڪ آهي. ۽ توهان لاءِ

فِي الْقِصَاصِ حَيٰوةٌ يّٰٓاُولِي الْاَلْبَابِ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿۱۷۹﴾ كُتِبَ

قصاص ۾ حياتي آهي اي عقلمندؤ جيئن توهان بچندا رهو. ❸ فرض ڪيو ويو

عَلَيْكُمْ اِذَا حَضَرَ اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ اِنْ تَرَكَ خَيْرًا ۖۚ

توهان تي، جڏهن اچي توهان مان ڪنهن تي موت جيڪڏهن ڇڏي مال،

اِلْوَصِيَّةُ لِلْوَالِدَيْنِ وَ الْاَقْرَبِيْنَ بِالْمَعْرُوْفِ ۚ حَقًّا

ڏياري وڃڻ ❹ پيءُ ماءُ ۽ مائٽن کي دستور موجب، حق آهي

عَلَى الْمُتَّقِيْنَ ﴿١٨٠﴾ فَمَنْۢ بَدَّلَهٗ بَعْدَ مَا سَمِعَهٗ فَاِنَّمَآ

خدا ترسن تي. پوءِ جيڪو بدلائيندو ان کي ان کان پوءِ جو ٻڌائين انهيءَ کي تہ رڳو

اِثْمُهٗ عَلَى الَّذِيْنَ يُبَدِّلُوْنَهٗ ۭ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿١٨١﴾

ان جو گناهہ انهن تي آهي جيڪي بدلائين ٿا ان کي، بيشڪ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.

فَمَنْ خَافَ مِنْ مُّوْصٍ جَنَفًا اَوْ اِثْمًا فَاَصْلَحَ بَيْنَهُمْ

پوءِ جيڪو ڊجي تو ڏياريندڙ جي طرفداري يا گناهہ کان پوءِ ٺاهہ ڪري انهن جي وچ ۾

ع فَلَآ اِثْمَ عَلَيْهِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٨٢﴾ يٰٓاَيُّهَا

تہ ناهي ڪو گناهہ ان تي، ١ بيشڪ الله بخشيندڙ مهربان آهي. اي

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الصِّيَامُ كَمَا كُتِبَ

ايمان وارو! فرض ڪيو ويو توهان تي روزو رکڻ جهڙي طرح فرض ڪيو ويو

عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿١٨٣﴾ اَيَّامًا مَّعْدُوْدٰتٍ ۭ

انهن تي جي توهان کان اڳ هئا جيئن پرهيزگار ٿيو. ٢ ڏينهن ڳڻيل،

فَمَنْ كَانَ مِنْكُمْ مَّرِيْضًا اَوْ عَلٰى سَفَرٍ فَعِدَّةٌ مِّنْ اَيَّامٍ

پوءِ جيڪو هجي توهان مان بيمار يا هجي سفر تي پوءِ ڳڻتي رکڻا آهن ڏينهن

اُخَرَ ۭ وَعَلَى الَّذِيْنَ يُطِيْقُوْنَهٗ فِدْيَةٌ طَعَامُ مِسْكِيْنٍ ۭ

ٻيا، ۽ انهن تي آهي جيڪي طاقت رکن ٿا خيرات ڏيڻ کاڌو مسڪين جو،

فَمَنْ تَطَوَّعَ خَيْرًا فَهُوَ خَيْرٌ لَّهٗ ۭ وَاَنْ تَصُوْمُوْا خَيْرٌ

پر جيڪو وڌائي ڏئي خير تہ اهو ڀلو آهي انهيءَ لاءِ ۽ توهان جو روزو رکڻ گهڻو ڀلو آهي

لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿١٨٤﴾ شَهْرُ رَمَضَانَ الَّذِيْٓ اُنْزِلَ

توهان لاءِ جيڪڏهن ڄاڻو ٿا. ٣ مهينو رمضان جو اُهو آهي جو لاٿو ويو

فِيْهِ الْقُرْاٰنُ هُدًى لِّلنَّاسِ وَبَيِّنٰتٍ مِّنَ الْهُدٰى

ان ۾ قرآن راهہ ڏيکاريندڙ ڪري ماڻهن لاءِ ۽ چِٽا حُڪم هدايت جا

وَ الْفُرْقَانِ ۚ فَمَنْ شَهِدَ مِنْكُمُ الشَّهْرَ فَلْيَصُمْهُ ؕ وَ مَنْ

۽ فيصلي جا، پوءِ جيڪو ڏسي توهان مان ان مهيني کي تہ روزا رکي ان جا، ۽ جيڪو

كَانَ مَرِيْضًا اَوْ عَلٰى سَفَرٍ فَعِدَّةٌ مِّنْ اَيَّامٍ اُخَرَ ؕ يُرِيْدُ

هجي بيمار يا سفر تي پوءِ ڳڻتي رکڻا آهن ڏينهن ٻيا، گهري ٿو

اللّٰهُ بِكُمُ الْيُسْرَ وَ لَا يُرِيْدُ بِكُمُ الْعُسْرَ ۫ وَ لِتُكْمِلُوا الْعِدَّةَ

الله توهان لاءِ آساني ۽ نہ ٿو گهري توهان لاءِ ڏکيائي ۽ جيئن پورو ڪريو ڳاڻاٽو

وَ لِتُكَبِّرُوا اللّٰهَ عَلٰى مَا هَدٰىكُمْ وَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿١٨٥﴾

۽ وڏائي چئو الله جي ان تي جو هدايت ڪيائين توهان کي ۽ من توهان شڪر ڪريو.

وَ اِذَا سَاَلَكَ عِبَادِيْ عَنِّيْ فَاِنِّيْ قَرِيْبٌ ؕ اُجِيْبُ دَعْوَةَ

۽ جڏهن پُڇا ڪن توکان منهنجا ٻانها منهنجي پوءِ آءٌ ويجهو آهيان ورنايان ٿو سڏ

الدَّاعِ اِذَا دَعَانِ ۙ فَلْيَسْتَجِيْبُوْا لِيْ وَ لْيُؤْمِنُوْا بِيْ

هر سڏيندڙ جو جڏهن بہ سڏيم پوءِ حڪم مڃين منهنجو ۽ ايمان آڻين مون تي

لَعَلَّهُمْ يَرْشُدُوْنَ ﴿١٨٦﴾ اُحِلَّ لَكُمْ لَيْلَةَ الصِّيَامِ الرَّفَثُ

من اهي سڌرن. (١) جائز ٿيو توهان لاءِ روزي جي رات ميلاپ

اِلٰى نِسَآئِكُمْ ؕ هُنَّ لِبَاسٌ لَّكُمْ وَ اَنْتُمْ لِبَاسٌ لَّهُنَّ ؕ عَلِمَ

پنهنجي زالن سان، اُهي ڍَڪ آهن توهان لاءِ ۽ توهان ڍَڪ آهيو انهن جو، ڄاتو

اللّٰهُ اَنَّكُمْ كُنْتُمْ تَخْتَانُوْنَ اَنْفُسَكُمْ فَتَابَ عَلَيْكُمْ وَ

الله تہ توهان هٿ چراند ڪندا آهيو پاڻ ۾ سو بخشيائين توهان کي ۽

عَفَا عَنْكُمْ ۚ فَالْـٰٔنَ بَاشِرُوْهُنَّ وَ ابْتَغُوْا مَا كَتَبَ

ڇڏي ڏنائين توهان کي، پوءِ هاڻي ميلاپ ڪريو انهن سان ۽ گهرو اهو جيڪو لکيو

اللّٰهُ لَكُمْ ۖ وَ كُلُوْا وَ اشْرَبُوْا حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَكُمُ الْخَيْطُ

الله توهان لاءِ ۽ کائو ۽ پيئو (٢) جيستائين پڌرو ٿئي توهان لاءِ ڌاڳو

الْاَبْيَضُ مِنَ الْخَيْطِ الْاَسْوَدِ مِنَ الْفَجْرِ ۪ ثُمَّ اَتِمُّوا الصِّيَامَ

اڇو ڌاڳي ڪاري مان باک ڦٽيءَ جو پوءِ پوروڪريو روزن کي

اِلَى الَّيْلِ ۚ وَ لَا تُبَاشِرُوْهُنَّ وَ اَنْتُمْ عٰكِفُوْنَ ۙ

رات تائين، ۽ نه ميلاپ ڪريو انهن سان جڏهن جو توهان ڏهي ۾ آهيو

فِي الْمَسٰجِدِ ؕ تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ فَلَا تَقْرَبُوْهَا ؕ كَذٰلِكَ

مسجدن اندر، اهي حدون الله جون آهن پوءِ نه ويجها ٿِجو انهن کي، اهڙي طرح

يُبَيِّنُ اللّٰهُ اٰيٰتِهٖ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ ﴿۱۸۷﴾ وَ لَا تَاْكُلُوْٓا

بيان ڪري ٿو الله پنهنجون آيتون ماڻهن لاءِ ته من اهي پرهيزگار ٿين. ۽ نه کائو

اَمْوَالَكُمْ بَيْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ وَ تُدْلُوْا بِهَآ اِلَى الْحُكَّامِ

هڪبئي جا مال پاڻ ۾ ناحق سان ۽ نه پهچايو انهن کي حاڪمن تائين

لِتَاْكُلُوْا فَرِيْقًا مِّنْ اَمْوَالِ النَّاسِ بِالْاِثْمِ وَاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۱۸۸﴾ ع

جيئن ڪائي ونو ڪوحصو ماڻهن جي ملڪيت مان ظلم سان جاڻي واڻي. ❶

يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْاَهِلَّةِ ؕ قُلْ هِيَ مَوَاقِيْتُ لِلنَّاسِ وَ

پڇن ٿا توکان هرچند بابت، ❷ ٻڌاءِ ته اهي وقت جانشان آهن ماڻهن لاءِ ۽

الْحَجِّ ؕ وَ لَيْسَ الْبِرُّ بِاَنْ تَاْتُوا الْبُيُوْتَ مِنْ ظُهُوْرِهَا

حج لاءِ، ۽ ناهي اها نيڪي جو اچو توهان گهرن ۾ انهنجي پُٺ کان

وَلٰكِنَّ الْبِرَّ مَنِ اتَّقٰى ۚ وَ اْتُوا الْبُيُوْتَ مِنْ اَبْوَابِهَا ۪ وَ

پر نيڪ اهو آهي جو خدا ترس ٿئي، ۽ اچو گهرن ۾ دروازن کان ۽

اتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۱۸۹﴾ وَ قَاتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ

ڊڄو الله کان جيئن توهان ڇٽي وڃو. ❸ ۽ جنگ ڪريو رستي الله جي ۾ ❹

الَّذِيْنَ يُقَاتِلُوْنَكُمْ وَ لَا تَعْتَدُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ

انهن سان جنگ ڪن ٿا توهان سان ۽ زيادتي نه ڪجو، بيشڪ الله نه ٿو پسند ڪري

الْمُعْتَدِيْنَ ﴿١٩٠﴾ وَ اقْتُلُوْهُمْ حَيْثُ ثَقِفْتُمُوْهُمْ وَ اَخْرِجُوْهُمْ

زيادتي ڪندڙن کي. ۽ ڪُهوانهن کي جتي لهونِ ۽ ڪڍوانهن کي

مِّنْ حَيْثُ اَخْرَجُوْكُمْ وَ الْفِتْنَةُ اَشَدُّ مِنَ الْقَتْلِ ۚ وَ لَا

جتان ڪڍيائون توهان کي ۽ فتنو ڪرڻ ڏاڍو سخت آهي قتل ڪرڻ کان، ۽ نہ

تُقٰتِلُوْهُمْ عِنْدَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ حَتّٰى يُقٰتِلُوْكُمْ فِيْهِ ۚ

لڙوانهن سان مسجد الحرام وٽ جيستائين لڙائي ڪن توهان سان ان ۾،

فَاِنْ قٰتَلُوْكُمْ فَاقْتُلُوْهُمْ ؕ كَذٰلِكَ جَزَآءُ الْكٰفِرِيْنَ ﴿١٩١﴾

پوءِ جيڪڏهن وڙهن توهان سان تہ ماريوانهن کي، اهڙي طرح آهي سزا ڪافرن جي. (1)

فَاِنِ انْتَهَوْا فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٩٢﴾ وَ قٰتِلُوْهُمْ

پوءِ جيڪڏهن بس ڪن تہ الله بخشيندڙ مهربان آهي. (2) ۽ جنگ ڪريوانهن سان

حَتّٰى لَا تَكُوْنَ فِتْنَةٌ وَّ يَكُوْنَ الدِّيْنُ لِلّٰهِ ؕ فَاِنِ انْتَهَوْا

جيسين نہ رهي شرڪ ۽ رهي حڪم الله جو، پر جيڪڏهن بس ڪن

فَلَا عُدْوَانَ اِلَّا عَلَى الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٩٣﴾ اَلشَّهْرُ الْحَرَامُ

تہ پوءِ ناهي سزا مگر ظالمن تي. (3) مهينو عزت وارو

بِالشَّهْرِ الْحَرَامِ وَ الْحُرُمٰتُ قِصَاصٌ ؕ فَمَنِ

هر مهيني عزت واري جي بدلي آهي ۽ سڀ عزتون هڪٻئي جي بدلي آهن، پوءِ جيڪو

اعْتَدٰى عَلَيْكُمْ فَاعْتَدُوْا عَلَيْهِ بِمِثْلِ مَا اعْتَدٰى

زيادتي ڪري توهان تي تہ زيادتي ڪريو ان تي جيتري زيادتي ڪيائين

عَلَيْكُمْ ۪ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُتَّقِيْنَ ﴿١٩٤﴾ وَ

توهان تي ۽ ڊڄو الله کان ۽ يقين ڪريو تہ بيشڪ الله پرهيزگارن سان گڏ آهي. (4) ۽

اَنْفِقُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ لَا تُلْقُوْا بِاَيْدِيْكُمْ اِلَى التَّهْلُكَةِ ۛۚ وَ

خرچ ڪريو الله جي راهہ ۾ ۽ نہ اڇليو پنهنجو پاڻ کي هلاڪت ڏانهن، (5) ۽

اَحۡسِنُوۡا ۚۛ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الۡمُحۡسِنِيۡنَ ﴿۱۹۵﴾ وَ اَتِمُّوا الۡحَجَّ

نيڪي ڪريو، بيشڪ الله دوست رکي ٿو نيڪي ڪندڙن کي. ۽ پورو ڪريو حج

وَ الۡعُمۡرَةَ لِلّٰهِ ؕ فَاِنۡ اُحۡصِرۡتُمۡ فَمَا اسۡتَيۡسَرَ

۽ عمرو الله خاطر، پوءِ جيڪڏهن روڪيا وڃو ته (ڏيو) جيڪا سَولي هجي

مِنَ الۡهَدۡيِ ۚ وَلَا تَحۡلِقُوۡا رُءُوۡسَكُمۡ حَتّٰى يَبۡلُغَ الۡهَدۡىُ

قرباني، ۽ نه ڪوڙايو پنهنجا مٿا جيستائين وڃي پهچي قرباني

مَحِلَّهٗ ؕ فَمَنۡ كَانَ مِنۡكُمۡ مَّرِيۡضًا اَوۡ بِهٖۤ اَذًى

پنهنجي جاءِ تي، ① پوءِ جيڪو توهان مان بيمار يا هجيس اهنج

مِّنۡ رَّاۡسِهٖ فَفِدۡيَةٌ مِّنۡ صِيَامٍ اَوۡ صَدَقَةٍ اَوۡ نُسُكٍ ۚ

سنڌس مٿي ۾ ته پوءِ بدلو آهي روزا يا خيرات يا قرباني،

فَاِذَاۤ اَمِنۡتُمۡ وقفة فَمَنۡ تَمَتَّعَ بِالۡعُمۡرَةِ اِلَى الۡحَجِّ

پوءِ جڏهن توهان بي ڊپا ٿيو ته جيڪو فائدو وٺي عمري سان حج تائين

فَمَا اسۡتَيۡسَرَ مِنَ الۡهَدۡيِ ۚ فَمَنۡ لَّمۡ يَجِدۡ فَصِيَامُ ثَلٰثَةِ

ته ڏئي جا آسان هجي قرباني، پوءِ جيڪو نه لهي (قرباني) ته روزا ٽن

اَيَّامٍ فِى الۡحَجِّ وَ سَبۡعَةٍ اِذَا رَجَعۡتُمۡ ؕ تِلۡكَ عَشَرَةٌ

ڏينهن جا حج تائين ۽ ست جڏهن موٽ ڪريو، اهي ڏهه

كَامِلَةٌ ؕ ذٰلِكَ لِمَنۡ لَّمۡ يَكُنۡ اَهۡلُهٗ حَاضِرِى

پورا آهن، اهو اُن لاءِ آهي جو نه هجي سنڌس گهر ٻار پرسان

الۡمَسۡجِدِ الۡحَرَامِ ؕ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اعۡلَمُوۡۤا اَنَّ اللّٰهَ شَدِيۡدُ

مسجد الحرام کي، ۽ ڊڄو خدا کان ۽ ڄاڻو ته بيشڪ الله سخت

الۡعِقَابِ ﴿۱۹۶﴾ ع الۡحَجُّ اَشۡهُرٌ مَّعۡلُوۡمٰتٌ ۚ فَمَنۡ فَرَضَ فِيۡهِنَّ

عذاب ڏيندڙ آهي. ② حج جا مهينا معلوم آهن، پوءِ جيڪو لازم ڪري انهن ۾

الْحَجَّ فَلَا رَفَثَ وَ لَا فُسُوْقَ ۙ وَ لَا جِدَالَ
حج ڪي پوءِ ناهي بيحجابي ڪرڻ ۽ نہ گناھ ڪرڻ ۽ نڪي جهڳڙو ڪرڻ

فِي الْحَجِّ ؕ وَ مَا تَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ يَّعْلَمْهُ اللّٰهُ ؕ وَ تَزَوَّدُوْا
حج ۾، ❶ ۽ جيڪا بہ ڪريو ٿا ڪا چڱائي تہ ڄاڻي ٿو ان کي الله، ۽ راھ خرچ کڻو

فَاِنَّ خَيْرَ الزَّادِ التَّقْوٰى ۫ وَ اتَّقُوْنِ يٰۤاُولِي الْاَلْبَابِ ﴿۱۹۷﴾ لَيْسَ
بيشڪ ڀلو ٿمر آهي پرهيزگاري ۽ ڊڄو مون کان اي مغز وارؤ!. ❷ ناهي

عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَنْ تَبْتَغُوْا فَضْلًا مِّنْ رَّبِّكُمْ ؕ فَاِذَاۤ اَفَضْتُمْ
توهان تي ڪوڏوھ جو گهرو نفعو واپار ۾ پنهنجي رب کان، پوءِ جڏهن لهي اچو

مِّنْ عَرَفٰتٍ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ عِنْدَ الْمَشْعَرِ الْحَرَامِ ۪ وَ
عرفات کان تڏهن ياد ڪريو الله کي مُزدلفي وٽ، ۽

اذْكُرُوْهُ كَمَا هَدٰىكُمْ ۚ وَ اِنْ كُنْتُمْ مِّنْ قَبْلِهٖ
ياد ڪريو ان کي جهڙي طرح توهان کي سيکاريائين، ۽ بيشڪ توهان هئا ان کان اڳ

لَمِنَ الضَّآلِّيْنَ ﴿۱۹۸﴾ ثُمَّ اَفِيْضُوْا مِنْ حَيْثُ اَفَاضَ النَّاسُ وَ
بالڪل اڻ ڄاڻ. ❸ وري واپس ٿيو جتان واپس ٿين عام ماڻهو ۽

اسْتَغْفِرُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۹۹﴾ فَاِذَا قَضَيْتُمْ
معافي گهرو الله کان، بيشڪ الله بخشيندڙ مهربان آهي. پوءِ جڏهن توهان پورا ڪريو

مَّنَاسِكَكُمْ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَذِكْرِكُمْ اٰبَآءَكُمْ اَوْ
پنهنجي حج جا ڪم تڏهن ياد ڪريو الله کي جيئن ياد ڪرڻ توهان جو پنهنجن وڏن کي يا

اَشَدَّ ذِكْرًا ؕ فَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّقُوْلُ رَبَّنَاۤ اٰتِنَا
اجاب وڌيڪ ياد ڪرڻ، ❹ پوءِ ماڻهن مان ڪي چون ٿا اي رب اسان جا ڏي اسان کي

فِي الدُّنْيَا وَ مَا لَهٗ فِي الْاٰخِرَةِ مِنْ خَلَاقٍ ﴿۲۰۰﴾ وَ مِنْهُمْ مَّنْ
دنيا ۾ ۽ ناهي تن لاءِ آخرت ۾ ڪو حصو. ۽ انهن مان ڪي

يَّقُوۡلُ رَبَّنَاۤ اٰتِنَا فِي الدُّنۡيَا حَسَنَةً وَّ فِي الۡاٰخِرَةِ
چَون ٿا اي اسان جا پالڻھار ڏي اسان کي دنيا ۾ نيڪي ۽ آخرت ۾ بہ

حَسَنَةً وَّ قِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿٢٠١﴾ اُولٰٓئِكَ لَهُمۡ نَصِيۡبٌ
نيڪي ۽ بچاءِ اسان کي باھ جي عذاب کان. اُهي ئي آهن جن لاءِ نصيب آهي

النصف

مِّمَّا كَسَبُوۡا ؕ وَ اللّٰهُ سَرِيۡعُ الۡحِسَابِ ﴿٢٠٢﴾ وَ اذۡكُرُوا اللّٰهَ
سندن ڪمائيءَ مان، ۽ الله جلد حساب وٺندڙ آهي. ❶ ۽ ياد ڪريو الله کي

فِيۡۤ اَيَّامٍ مَّعۡدُوۡدٰتٍ ؕ فَمَنۡ تَعَجَّلَ فِيۡ يَوۡمَيۡنِ فَلَاۤ اِثۡمَ
ڏينهن ڳڻيلن ۾، پوءِ جيڪو تڪڙو آيو ٻن ڏينهن ۾ پوءِ ناهي گناھ

عَلَيۡهِ ۚ وَ مَنۡ تَاَخَّرَ فَلَاۤ اِثۡمَ عَلَيۡهِ ۙ لِمَنِ اتَّقٰى ؕ
انهي تي، ۽ جيڪو رهجي پيو تہ ناهي گناھ ان تي اهو پرهيزگار لاءِ آهي،

وَ اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اعۡلَمُوۡۤا اَنَّكُمۡ اِلَيۡهِ تُحۡشَرُوۡنَ ﴿٢٠٣﴾ وَ
۽ ڊڄو الله کان ۽ ڄاڻو تہ بيشڪ توهان ان ڏانهن گڏ ڪيا ويندؤ. ❷ ۽

مِنَ النَّاسِ مَنۡ يُّعۡجِبُكَ قَوۡلُهٗ فِي الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا وَ
ماڻهن مان ڪو اهڙو بہ آهي جو وڻي ٿو توکي بيان ان جو دنيا جي زندگيءَ بابت ۽

يُشۡهِدُ اللّٰهَ عَلٰى مَا فِيۡ قَلۡبِهٖ ۙ وَ هُوَ اَلَدُّ الۡخِصَامِ ﴿٢٠٤﴾
شاهد ڪري ٿو الله کي ان تي جو سندس دل ۾ آهي ❸ هو ڏانهن اهو سخت جهيڙاڪر آهي.

وَ اِذَا تَوَلّٰى سَعٰى فِي الۡاَرۡضِ لِيُفۡسِدَ فِيۡهَا وَ
۽ جڏهن موٽي ٿو تہ ڊوڙندو رهي ٿو ملڪ ۾ جيئن وِگوڙ وجهي ان ۾ ۽

يُهۡلِكَ الۡحَرۡثَ وَ النَّسۡلَ ؕ وَ اللّٰهُ لَا يُحِبُّ الۡفَسَادَ ﴿٢٠٥﴾ وَ اِذَا
تباھ ڪري پوکون ۽ جانيون، ۽ الله نہ ٿو پسند ڪري فساد کي. ۽ جڏهن

قِيۡلَ لَهُ اتَّقِ اللّٰهَ اَخَذَتۡهُ الۡعِزَّةُ بِالۡاِثۡمِ فَحَسۡبُهٗ
چئجي ٿو انکي ❹ ڊڄ الله کان تہ اياري ٿي ان کي وڏائي گناھ تي پوءِ ڪافي آهي ان لاءِ

جَهَنَّمُ ؕ وَ لَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿٢٠٦﴾ وَ مِنَ النَّاسِ مَنْ يَّشْرِيْ

جهنم، ۽ اهو بڇڙو وڇاڻو آهي. ۽ ماڻهن مان ڪو اهڙو به آهي جو وڪڻي ٿو

نَفْسَهُ ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ اللّٰهِ ؕ وَ اللّٰهُ رَءُوْفٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿٢٠٧﴾

پاڻ کي گھرندي رضا الله جي، ۽ الله نرمي ڪندڙ آهي ٻانهن تي. (١)

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا ادْخُلُوْا فِي السِّلْمِ كَآفَّةً ص وَّ لَا تَتَّبِعُوْا

اي ايمان وارو! گھڙي اچو اسلام ۾ سمورا (٢) ۽ نه هلو

خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ؕ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿٢٠٨﴾ فَاِنْ

قدمن شيطان جي تي، بيشڪ اهو توهان جو دشمن آهي پڌرو. (٣) پوءِ جيڪڏهن

زَلَلْتُمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْكُمُ الْبَيِّنٰتُ فَاعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ

ٿِڙندؤ ان ڪانپوءِ جو آيا توهان وٽ چِٽا دليل پوءِ يقين ڪريو ته بيشڪ الله

عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٢٠٩﴾ هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّآ اَنْ يَّاْتِيَهُمُ

زبردست آهي حڪمت وارو آهي. نه ٿا انتظار ڪن اهي مگر هي ته اچي انهن وٽ

اللّٰهُ فِيْ ظُلَلٍ مِّنَ الْغَمَامِ وَ الْمَلٰٓئِكَةُ وَ قُضِيَ الْاَمْرُ ؕ

الله ڇِتيُن ڪڪر جي ۾ ۽ ملائڪ به ۽ پورو ڪيو وڃي ڪم،

وَ اِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ﴿٢١٠﴾ سَلْ بَنِيْۤ اِسْرَآءِيْلَ كَمْ ع ٢٥ ١٤ ٩

۽ الله ڏي موٽايا وڃن ٿا سڀ ڪم. (٤) پڇا ڪر بني اسرائيل کان ڪيترائي

اٰتَيْنٰهُمْ مِّنْ اٰيَةٍۭ بَيِّنَةٍ ؕ وَ مَنْ يُّبَدِّلْ نِعْمَةَ اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ

ڏنا سون انهن کي حڪم چٽا، ۽ جيڪو بدلائيندو نعمت الله جي ان کان پوءِ

مَا جَآءَتْهُ فَاِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿٢١١﴾ زُيِّنَ

جو آئي ان وٽ ته يقينًا الله سخت عذاب ڪندڙ آهي. (٥) سينگاري وئي

لِلَّذِيْنَ كَفَرُوا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا وَ يَسْخَرُوْنَ مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۘ وقف لازم

ڪافرن لاءِ حياتي دنيا جي ۽ اهي ٺوڪون ڪن ٿا ايمان وارن تي،

وَ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا فَوْقَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ وَ اللّٰهُ يَرْزُقُ

۽ جن خداترسي ڪئي مٿي هوندا انهن کان قيامت ڏينهن، ۽ الله رزق ڏئي ٿو

مَنْ يَّشَآءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿٢١٢﴾ كَانَ النَّاسُ اُمَّةً وَّاحِدَةً ۟ فَبَعَثَ

جنهن کي گهري بنا حساب. ❶ هئا ماڻهو هڪڙي جماعت، پوءِ موڪليو

اللّٰهُ النَّبِيّٖنَ مُبَشِّرِيْنَ وَ مُنْذِرِيْنَ ۪ وَ اَنْزَلَ مَعَهُمُ الْكِتٰبَ

الله نبين کي خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري ۽ لاٿائين انهن سان گڏ ڪتاب

بِالْحَقِّ لِيَحْكُمَ بَيْنَ النَّاسِ فِيْمَا اخْتَلَفُوْا فِيْهِ ؕ وَ مَا

سچو جيئن فيصلو ڪري ماڻهن جي وچ ۾ ان جو جنهن ۾ جهڳڙو ڪندا هئا، ۽ رڳو

اخْتَلَفَ فِيْهِ اِلَّا الَّذِيْنَ اُوْتُوْهُ مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُمُ

جهڳڙو ڪيو ان ۾ انهن جن کي ڏنو ويو ڪتاب هن کان پوءِ جو آيا انهن وٽ

الْبَيِّنٰتُ بَغْيًۢا بَيْنَهُمْ ۚ فَهَدَى اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لِمَا

صاف دليل هوڏ ڪندي پاڻ ۾، پوءِ راهه ورتائي الله مومنن کي اُها راهه

اخْتَلَفُوْا فِيْهِ مِنَ الْحَقِّ بِاِذْنِهٖ ؕ وَ اللّٰهُ يَهْدِيْ

اختلاف ڪيائون جنهن ۾ حق واري پنهنجي حڪم سان، ❷ ۽ الله هدايت ڪري ٿو

مَنْ يَّشَآءُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٢١٣﴾ اَمْ حَسِبْتُمْ اَنْ تَدْخُلُوا

جنهن کي چاهي ٿو رستي سڌي ڏانهن. ❸ ڇا ڀانيو ٿا ته ويندؤ توهان

الْجَنَّةَ وَ لَمَّا يَاْتِكُمْ مَّثَلُ الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلِكُمْ ؕ

بهشت ۾ ۽ اڃا نه آئي توهان وٽ حالت انهن واري جيڪي گذريا توهان کان اڳي،

مَسَّتْهُمُ الْبَاْسَآءُ وَ الضَّرَّآءُ وَ زُلْزِلُوْا حَتّٰى يَقُوْلَ الرَّسُوْلُ

جو پهتي انهن کي سختي ۽ تڪليف ۽ ڌوڏيا ويا تانجو چوڻ لڳو رسول

وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ مَتٰى نَصْرُ اللّٰهِ ؕ اَلَآ اِنَّ نَصْرَ اللّٰهِ

۽ جن ايمان آندو ان سان ته ڪڏهن ايندي مدد ❹ الله جي، خبردار! مدد الله جي

قَرِيْبٌ ﴿٢١٤﴾ يَسْـَٔلُوْنَكَ مَاذَا يُنْفِقُوْنَ ؕ قُلْ مَآ اَنْفَقْتُمْ مِّنْ خَيْرٍ

ويجهي آهي. پُڇا ڪن ٿا توکان تہ ڇا خرچ ڪن، تون چؤ جيڪي خرچ ڪندؤ مال

فَلِلْوَالِدَيْنِ وَ الْاَقْرَبِيْنَ وَ الْيَتٰمٰى وَ الْمَسٰكِيْنِ وَ ابْنِ السَّبِيْلِ ؕ وَ

سو هجي ماءُ پيءُ ۽ مائٽن ۽ يتيمن ۽ ڏتڙيلن ۽ مسافرن لاءِ ۽

مَا تَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِيْمٌ ﴿٢١٥﴾ كُتِبَ

جيڪي ڪندؤ توهان ڪو خير پوءِ بيشڪ الله انهيءَ کي ڄاڻندڙ آهي. (١) فرض ڪئي وئي

عَلَيْكُمُ الْقِتَالُ وَ هُوَ كُرْهٌ لَّكُمْ ۚ وَ عَسٰۤى اَنْ تَكْرَهُوْا

توهان تي جنگ ۽ اها بري لڳي ٿي توهان کي، ۽ شايد توهان برو سمجهو

شَيْـًٔا وَّ هُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۚ وَ عَسٰۤى اَنْ تُحِبُّوْا شَيْـًٔا وَّ

ڪنهن شيءَ کي ۽ هجي اها چڱي توهان لاءِ. ۽ ڪڏهن پسند ڪريو ڪنهن شيءَ کي ۽

هُوَ شَرٌّ لَّكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ يَعْلَمُ وَ اَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٢١٦﴾ ع يَسْـَٔلُوْنَكَ ع ٢٦

اها خراب هجي توهان لاءِ، ۽ الله ڄاڻي ٿو ۽ توهان نہ ٿا ڄاڻو. (٢) پڇا ڪن ٿا توکان ١٠

عَنِ الشَّهْرِ الْحَرَامِ قِتَالٍ فِيْهِ ؕ قُلْ قِتَالٌ فِيْهِ كَبِيْرٌ ؕ وَ

مهيني عزت واري ۾ لڙائي ڪرڻ بابت، چؤ لڙائي ڪرڻ ان ۾ وڏو گناهہ آهي، ۽

صَدٌّ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ كُفْرٌۢ بِهٖ وَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۗ وَ اِخْرَاجُ

روڪڻ رستي الله جي کان ۽ انڪار ڪرڻ ان جو ۽ (روڪڻ) مسجد حرام کان ۽ ڪڍي ڇڏڻ

اَهْلِهٖ مِنْهُ اَكْبَرُ عِنْدَ اللّٰهِ ۚ وَ الْفِتْنَةُ اَكْبَرُ مِنَ الْقَتْلِ ؕ

اتان وارن کي ان مان وڏو گناهہ آهي الله وٽ، ۽ فتنو ڪرڻ گهڻو وڏو آهي قتل ڪرڻ کان.

وَ لَا يَزَالُوْنَ يُقَاتِلُوْنَكُمْ حَتّٰى يَرُدُّوْكُمْ عَنْ دِيْنِكُمْ

۽ هميشہ لڙائي ڪندا رهندا توهان سان جيئن هٽائين توهان کي توهان جي دين کان

اِنِ اسْتَطَاعُوْا ؕ وَ مَنْ يَّرْتَدِدْ مِنْكُمْ عَنْ دِيْنِهٖ فَيَمُتْ

جيڪڏهن ڪري سگهيا، ۽ جيڪو ڦري ويو اوهان مان پنهنجي دين کان پوءِ مئو (٣)

وَهُوَ كَافِرٌ فَاُولٰٓئِكَ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فِي الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ ۚ

كفر تي پوءِ اهي آهن جو برباد ٿيا عمل انهن جا دنيا ۾ ۽ آخرت ۾،

وَ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٢١٧﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ

۽ اهي ئي دوزخي آهن، اهي ان ۾ هميشه رهندا. بيشڪ جن

اٰمَنُوْا وَ الَّذِيْنَ هَاجَرُوْا وَ جٰهَدُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۙ اُولٰٓئِكَ

ايمان آندو ۽ جن هجرت ڪئي ۽ جهاد ڪيائون الله جي راهه ۾ اهي ئي

يَرْجُوْنَ رَحْمَتَ اللّٰهِ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٢١٨﴾ يَسْـَٔلُوْنَكَ

اميد رکن ٿا الله جي رحمت ۾ ۽ الله بخشيندڙ مهربان آهي. ❶ پڇا ڪن ٿا توکان

عَنِ الْخَمْرِ وَ الْمَيْسِرِ ؕ قُلْ فِيْهِمَآ اِثْمٌ كَبِيْرٌ وَّ

نشي ۽ ڳوٽ هلائڻ بابت، چئو انهن ٻنهي ۾ گناهه وڏو آهي ۽

مَنَافِعُ لِلنَّاسِ ۫ وَ اِثْمُهُمَآ اَكْبَرُ مِنْ نَّفْعِهِمَا ؕ وَ

ڪي فائدا به آهن ماڻهن لاءِ ۽ گناهه ٻنهي جو وڌيڪ وڏو آهي فائدي انهن جي کان، ۽

يَسْـَٔلُوْنَكَ مَاذَا يُنْفِقُوْنَ ۬ قُلِ الْعَفْوَ ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ

پُڇا ڪن ٿا توکان ته ڇا خرچ ڪن، چئو بچت ۽ اهڙي طرح بيان ٿو ڪري الله

لَكُمُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ تَتَفَكَّرُوْنَ ﴿٢١٩﴾ فِي الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ ؕ وَ

توهان لاءِ آيتون ته جيئن توهان سوچ ڪريو. ❷ دنيا ۽ آخرت ۾ ۽

يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْيَتٰمٰى ؕ قُلْ اِصْلَاحٌ لَّهُمْ خَيْرٌ ؕ وَ

پڇا ڪن ٿا توکان يتيمن بابت، چئو سڌارڻ انهن جي تمام ڀلو آهي ۽

اِنْ تُخَالِطُوْهُمْ فَاِخْوَانُكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ يَعْلَمُ الْمُفْسِدَ

جيڪڏهن توهان گڏجي رهو انهن سان ته توهان جا ڀائر آهن، ۽ الله ڄاڻي ٿو بگاڙيندڙ

مِنَ الْمُصْلِحِ ؕ وَ لَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَاَعْنَتَكُمْ ؕ اِنَّ

۽ سنواريندڙ کي، ❸ ۽ جيڪڏهن گهري ها الله ته تنگ ڪري ها توهان کي، بيشڪ

اللّٰهَ عَزِيۡزٌ حَكِيۡمٌ ﴿٢٢٠﴾ وَ لَا تَنۡكِحُوا الۡمُشۡرِكٰتِ حَتّٰى

الله زبردست حڪمت وارو آهي. ۽ نہ نڪاح ڪريو شرڪ ڪندڙ عورتن سان جيستائين

يُؤۡمِنَّ ؕ وَ لَاَمَةٌ مُّؤۡمِنَةٌ خَيۡرٌ مِّنۡ مُّشۡرِكَةٍ وَّلَوۡ

ايمان آڻن، ۽ البت ٻانهي مومنياڻي ڀلي آهي شرڪ واريءَ کان توڙي جو

اَعۡجَبَتۡكُمۡ ۚ وَ لَا تُنۡكِحُوا الۡمُشۡرِكِيۡنَ حَتّٰى يُؤۡمِنُوۡا ؕ

وڻي اها توهان کي، ۽ نہ نڪاح ڪرايو شرڪ ڪندڙن جو جيستائين جو ايمان آڻين،

وَ لَعَبۡدٌ مُّؤۡمِنٌ خَيۡرٌ مِّنۡ مُّشۡرِكٍ وَّلَوۡ اَعۡجَبَكُمۡ ؕ

۽ البت ٻانهو مؤمن وڌيڪ ڀلو آهي مشرڪ کان توڙي جو اهو وڻي توهان کي،

اُولٰٓئِكَ يَدۡعُوۡنَ اِلَى النَّارِ ۖۚ وَ اللّٰهُ يَدۡعُوۡٓا اِلَى الۡجَنَّةِ وَ الۡمَغۡفِرَةِ

اُهي سڏن ٿا دوزخ ڏانهن، ۽ الله سڏي ٿو بهشت ۽ بخشش ڏانهن

بِاِذۡنِهٖ ۚ وَ يُبَيِّنُ اٰيٰتِهٖ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمۡ

پنهنجي حڪم سان، ۽ بيان ڪري ٿو پنهنجي آيتن کي ماڻهن لاءِ تہ من اهي

يَتَذَكَّرُوۡنَ ﴿٢٢١﴾ ع وَ يَسۡـَٔلُوۡنَكَ عَنِ الۡمَحِيۡضِ ؕ قُلۡ هُوَ اَذًى ۙ

هوشيار ٿين. ❶ ۽ پُڇا ڪن ٿا توکان حيض بابت، چؤ اهو اهنج آهي

فَاعۡتَزِلُوا النِّسَآءَ فِى الۡمَحِيۡضِ ۙ وَ لَا تَقۡرَبُوۡهُنَّ حَتّٰى

سو پري رهو عورتن کان حيض جي مُدت ۾ ۽ نہ ويجها ٿيونِ جيستائين

يَطۡهُرۡنَ ۚ فَاِذَا تَطَهَّرۡنَ فَاۡتُوۡهُنَّ مِنۡ حَيۡثُ

پاڪ ٿين، پوءِ جڏهن پاڪ ٿي پيون تڏهن اچو انهن ڏانهن جتان

اَمَرَكُمُ اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيۡنَ وَ

حڪم ڪيو توهان کي الله. بيشڪ الله محبت رکي ٿو توبہ ڪندڙن سان ۽

يُحِبُّ الۡمُتَطَهِّرِيۡنَ ﴿٢٢٢﴾ نِسَآؤُكُمۡ حَرۡثٌ لَّكُمۡ ۪ فَاۡتُوۡا

محبت رکي ٿو پاڪائي رکندڙن سان. ❷ زالون توهان جون پوک آهي توهان جي لاءِ پوءِ اچو

حَرۡثَكُمۡ اَنّٰى شِئۡتُمۡ ز وَ قَدِّمُوۡا لِاَنۡفُسِكُمۡ ط وَ اتَّقُوا
پنهنجي پوک ڏانهن جيئن توهان گهرو ۽ اڳي موڪليو پاڻ لاءِ ۽ ڊڄو

اللّٰهَ وَ اعۡلَمُوۡۤا اَنَّكُمۡ مُّلٰقُوۡهُ ط وَ بَشِّرِ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿٢٢٣﴾
الله کان ۽ ڄاڻو ته بيشڪ اوهان ان سان ملندؤ ۽ مبارڪ ڏِجِ مؤمنن کي. ١

وَ لَا تَجۡعَلُوا اللّٰهَ عُرۡضَةً لِّاَيۡمَانِكُمۡ اَنۡ تَبَرُّوۡا وَ
۽ نه ڪريو الله (جي نالي) کي آڏ پنهنجي قسمن لاءِ احسان ڪرڻ ۽

تَتَّقُوۡا وَ تُصۡلِحُوۡا بَيۡنَ النَّاسِ ط وَ اللّٰهُ سَمِيۡعٌ عَلِيۡمٌ ﴿٢٢٤﴾
پرهيزگاري ڪان ۽ صلح ڪرائڻ ڪان ماڻهن جي وچ ۾ ۽ الله ٻُڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.

لَا يُؤَاخِذُكُمُ اللّٰهُ بِاللَّغۡوِ فِيۡۤ اَيۡمَانِكُمۡ وَ لٰكِنۡ يُّؤَاخِذُكُمۡ
نه وٺُ ڪندو توهان کي الله توهان جي اجاين قسمن ۾ پر پڪڙيندو توهان کي

بِمَا كَسَبَتۡ قُلُوۡبُكُمۡ ط وَ اللّٰهُ غَفُوۡرٌ حَلِيۡمٌ ﴿٢٢٥﴾
ان تي جو ارادو ڪيو توهان جي دلين، ۽ الله بخشيندڙ سهپ رکندڙ آهي. ٢

لِلَّذِيۡنَ يُؤۡلُوۡنَ مِنۡ نِّسَآئِهِمۡ تَرَبُّصُ اَرۡبَعَةِ اَشۡهُرٍ ج فَاِنۡ
انهن لاءِ جيڪي قسم کڻن ٿا پنهنجي زالن کان مهلت آهي چار مهينا، پوءِ جي

فَآءُوۡ فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿٢٢٦﴾ وَ اِنۡ عَزَمُوا الطَّلَاقَ
موٽي مليا ته الله بخشيندڙ مهربان آهي. ٣ ۽ جي پڪو ارادو ڪيائون طلاق جو

فَاِنَّ اللّٰهَ سَمِيۡعٌ عَلِيۡمٌ ﴿٢٢٧﴾ وَ الۡمُطَلَّقٰتُ يَتَرَبَّصۡنَ
ته بيشڪ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. ۽ طلاق ڏنل عورتون ترسائين

بِاَنۡفُسِهِنَّ ثَلٰثَةَ قُرُوۡٓءٍ ط وَ لَا يَحِلُّ لَهُنَّ اَنۡ يَّكۡتُمۡنَ مَا
پاڻ کي ٽي حيض، ۽ ناهي جائز انهن کي جو لڪائين جيڪي

خَلَقَ اللّٰهُ فِيۡۤ اَرۡحَامِهِنَّ اِنۡ كُنَّ يُؤۡمِنَّ بِاللّٰهِ وَ
پيدا ڪيو الله سندن پيٽن ۾ جيڪڏهن اهي ايمان رکن ٿيون الله ۽

الْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ وَ بُعُوْلَتُهُنَّ اَحَقُّ بِرَدِّهِنَّ فِیْ ذٰلِكَ

آخرت تي، ۽ سندن مڙس حق رکن ٿا موٽائڻ جو انهن کي انهيءَ (مدت) ۾

اِنْ اَرَادُوْۤا اِصْلَاحًا ؕ وَ لَهُنَّ مِثْلُ الَّذِیْ

جيڪڏهن نيت رکن ٿا سڌاري آڻڻ جي، ۽ عورتن لاءِ اهڙوئي (حق) آهي جهڙو

عَلَیْهِنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ۪ وَ لِلرِّجَالِ عَلَیْهِنَّ دَرَجَةٌ ؕ وَ اللّٰهُ

عورتن مٿان جائز طرح ۽ مردن جو انهن تي مرتبو آهي، ۽ الله

عَزِیْزٌ حَكِیْمٌ ﴿۲۲۸﴾ اَلطَّلَاقُ مَرَّتٰنِ ۪ فَاِمْسَاكٌۢ

زبردست حڪمت وارو آهي. ❶ طلاق (رجعي) آهي ٻه ڀيرا پوءِ جهلڻ گهرجي

بِمَعْرُوْفٍ اَوْ تَسْرِیْحٌۢ بِاِحْسَانٍ ؕ وَ لَا یَحِلُّ لَكُمْ اَنْ تَاْخُذُوْا

جائز طور يا ڇڏي ڏيڻ چڱائي سان، ۽ ناهي جائز توهان کي موٽائي وٺڻ

مِمَّاۤ اٰتَیْتُمُوْهُنَّ شَیْــًٔا اِلَّاۤ اَنْ یَّخَافَاۤ اَلَّا یُقِیْمَا حُدُوْدَ

ان مان جو ڏنو توهان انهن کي ڪجهه به مگر جو ڊڄن ٻئي ته نه سنڀاليندا حڪم

اللّٰهِ ؕ فَاِنْ خِفْتُمْ اَلَّا یُقِیْمَا حُدُوْدَ اللّٰهِ ۙ فَلَا

الله جا، پوءِ جي توهان به ڊڄوٿا ته اهي ٻئي نه سنڀاليندا حڪم الله جا ته ناهي

جُنَاحَ عَلَیْهِمَا فِیْمَا افْتَدَتْ بِهٖ ؕ تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ

گناهه ٻنهي تي هن ۾ ته اها عوض ڏئي ان جو، ❷ اهي حدون الله جون آهن

فَلَا تَعْتَدُوْهَا ۚ وَ مَنْ یَّتَعَدَّ حُدُوْدَ اللّٰهِ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ

پوءِ نه وڌي وڃو انهن کان، ۽ جيڪي ٽپي ويندا حدون الله جون پوءِ اهي ئي

الظّٰلِمُوْنَ ﴿۲۲۹﴾ فَاِنْ طَلَّقَهَا فَلَا تَحِلُّ لَهٗ مِنْۢ بَعْدُ

ظالم آهن. پوءِ جي (ٽين) طلاق ڏنائين پوءِ نه ٿيندي حلال انهي لاءِ ان کان بعد

حَتّٰى تَنْكِحَ زَوْجًا غَیْرَهٗ ؕ فَاِنْ طَلَّقَهَا فَلَا

جيستائين شادي ڪري مڙس ٻئي سان، ❸ پوءِ جيڪڏهن انهيءَ طلاق ڏنس ته ناهي

ع ۲۸ / ۱۲

جُنَاحَ عَلَيْهِمَآ اَنْ يَّتَرَاجَعَآ اِنْ ظَنَّآ اَنْ يُّقِيْمَا حُدُوْدَ

گناھہ انهن تي جو موٽي نڪاح ڪن جي ڀانئن ٿا تہ قائم رکندا حدون

اللّٰهِ ؕ وَ تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ يُبَيِّنُهَا لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿۲۳۰﴾

الله جون، ۽ اهي قانون آهن الله جا بيان ڪري ٿو انهن کي ماڻهن لاءِ جيڪي ڄاڻن ٿا.

وَ اِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ فَبَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَاَمْسِكُوْهُنَّ

۽ جڏهن طلاق ڏنوَ زالن کي پوءِ پهچن پنهنجي عدت کي تہ جهليو ڪين

بِمَعْرُوْفٍ اَوْ سَرِّحُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ ۪ وَّ لَا تُمْسِكُوْهُنَّ ضِرَارًا

چڱيءَ ريت يا ڇڏي ڏيونِ چڱائي سان ۽ نہ جهليو انهن کي نقصان پهچائڻ لاءِ

لِّتَعْتَدُوْا ۚ وَ مَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَقَدْ ظَلَمَ

جيئن توهان تعدي ڪريو، ۽ جيڪو ڪندو ائين تہ بيشڪ انهيءَ ظلم ڪيو

نَفْسَهٗ ؕ وَ لَا تَتَّخِذُوْٓا اٰيٰتِ اللّٰهِ هُزُوًا ؗ وَّ اذْكُرُوْا نِعْمَتَ

پاڻ تي، ۽ نہ بڻايو الله جي آيتن کي مسخري ❶ ۽ ياد ڪريو نعمت

اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَ مَآ اَنْزَلَ عَلَيْكُمْ مِّنَ الْكِتٰبِ

الله جي کي جا توهان تي آهي ۽ انکي جيڪي نازل ڪيائين توهان تي ڪتاب

وَ الْحِكْمَةِ يَعِظُكُمْ بِهٖ ؕ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اعْلَمُوْٓا

۽ حڪمت سمجهائي ٿو توهانکي ان سان، ۽ ڊڄو الله کان ۽ يقين ڪريو

اَنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿۲۳۱﴾ ع وَ اِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ

تہ بيشڪ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. ❷ ۽ جڏهن طلاق ڏني توهان زالن کي

٢٩ ع ٣ ١٣ الثلثة

فَبَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَلَا تَعْضُلُوْهُنَّ اَنْ يَّنْكِحْنَ

پوءِ پهتيون پنهنجي عدت کي تہ نہ روڪيو انهن کي ❸ نڪاح ڪرڻ کان

اَزْوَاجَهُنَّ اِذَا تَرَاضَوْا بَيْنَهُمْ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ ذٰلِكَ

پنهنجي مڙسن سان جڏهن راضي ٿي پيا پاڻ ۾ چڱيءَ ريت، اهو

يُوْعَظُ بِهٖ مَنْ كَانَ مِنْكُمْ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَ

وعظ ڪيو وڃي ٿو انکي جيڪو توهان مان ايمان رکي ٿو الله تي ۽

الْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ ذٰلِكُمْ اَزْكٰى لَكُمْ وَ اَطْهَرُ ؕ وَ اللّٰهُ يَعْلَمُ

قيامت جي ڏينهن تي، اهو اٿوَ تمام سنو توهان لاءِ ۽ نهايت پاڪ، ۽ الله ڄاڻي ٿو

وَ اَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۲۳۲﴾ وَ الْوَالِدٰتُ يُرْضِعْنَ اَوْلَادَهُنَّ

۽ توهان نہ ٿا ڄاڻو. ۽ مائرون تہ ڏين ٻارن پنهنجن کي

حَوْلَيْنِ كَامِلَيْنِ لِمَنْ اَرَادَ اَنْ يُّتِمَّ الرَّضَاعَةَ ؕ

ٻہ سال پورا انهيءَ لاءِ جيڪو چاهي تہ پورو ڪرائي تہ جو وقت، ❶

وَ عَلَى الْمَوْلُوْدِ لَهٗ رِزْقُهُنَّ وَ كِسْوَتُهُنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ

۽ ٻارَ واري تي آهي خورڪ انهن جي ۽ پوشاڪ انهن جي رواج طور،

لَا تُكَلَّفُ نَفْسٌ اِلَّا وُسْعَهَا ۚ لَا تُضَآرَّ وَالِدَةٌ ۢ

نہ تڪليف ڏبي ڪنهن کي مگر ان جي طاقت آهر، نہ ڏکائي وڃي ماءُ

بِوَلَدِهَا وَ لَا مَوْلُوْدٌ لَّهٗ بِوَلَدِهٖ ۗ وَ عَلَى الْوَارِثِ

پنهنجي ٻار سبب ۽ نکي پيءُ پنهنجي ٻار سبب ❷ ۽ وارث تي

مِثْلُ ذٰلِكَ ۚ فَاِنْ اَرَادَا فِصَالًا عَنْ تَرَاضٍ مِّنْهُمَا

پڻ ائين ئي لازم آهي، پوءِ جي ٻنهي ارادو ڪيو تہ ڇڏائڻ جو هڪ ٻئي جي رضامندي

وَ تَشَاوُرٍ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِمَا ؕ وَ اِنْ اَرَدْتُّمْ

۽ مشوري سان تہ پوءِ ناهي ڪو گناهہ ٻنهي تي، ۽ جيڪڏهن گهرو ٿا توهان

اَنْ تَسْتَرْضِعُوْۤا اَوْلَادَكُمْ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اِذَا

(ٻين کان) تہ ڏيارڻ پنهنجن ٻارن کي تہ ناهي گناهہ توهان تي جڏهن

سَلَّمْتُمْ مَّاۤ اٰتَيْتُمْ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اعْلَمُوْۤا

ڏيو ٿا اهو جيڪو ڏيڻو اٿوَ رواج موجب، ❸ ۽ ڊڄو الله کان ۽ ڄاڻو

اَنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿٢٣٣﴾ وَ الَّذِيْنَ يُتَوَفَّوْنَ

تہ بيشڪ الله توهان جي عملن کي ڏسندڙ آهي. ۽ اهي جيڪي مري وڃن تا

مِنْكُمْ وَ يَذَرُوْنَ اَزْوَاجًا يَّتَرَبَّصْنَ بِاَنْفُسِهِنَّ اَرْبَعَةَ

توهان مان ۽ ڇڏن تا زالون تہ اهي رَهائينديون پاڻ کي چار

اَشْهُرٍ وَّ عَشْرًا ۚ فَاِذَا بَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَلَا جُنَاحَ

مهينا ۽ ڏهہ ڏينهن، پوءِ جڏهن پهچن پنهنجي عدت کي تہ ناهي گناهہ

عَلَيْكُمْ فِيْمَا فَعَلْنَ فِيْٓ اَنْفُسِهِنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ وَ اللّٰهُ

توهان تي ان ۾ جو اهي ڪن پنهنجي حق ۾ دستور مطابق، ❶ ۽ الله

بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿٢٣٤﴾ وَ لَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ فِيْمَا

توهانجي ڪمن جي خبر رکندڙ آهي. ۽ ناهي ڪوڏوهہ توهان تي ان ۾

عَرَّضْتُمْ بِهٖ مِنْ خِطْبَةِ النِّسَآءِ اَوْ اَكْنَنْتُمْ

جو اشارو ڪريو ٿا ان سان زالن جي سڱ چڪڻ جو يا لڪايو ٿا ان کي

فِيْٓ اَنْفُسِكُمْ ؕ عَلِمَ اللّٰهُ اَنَّكُمْ سَتَذْكُرُوْنَهُنَّ وَلٰكِنْ لَّا

پنهنجي دلين ۾، ڄاڻي ٿو الله تہ اجهو ڳالهہ ڪندؤ انهن سان پر نہ

تُوَاعِدُوْهُنَّ سِرًّا اِلَّآ اَنْ تَقُوْلُوْا قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ۬ؕ وَ لَا

وعدو ڪجو انهن سان ڳجهو مگر چوڻ گهرجي ڳالهہ سُهائيندڙ ۽ نہ

تَعْزِمُوْا عُقْدَةَ النِّكَاحِ حَتّٰى يَبْلُغَ الْكِتٰبُ اَجَلَهٗ ؕ

ڪجو فيصلو نڪاح ٻَڌڻ جو جيستائين پهچي عدت پنهنجي پُڄاڻي کي،

وَ اعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا فِيْٓ اَنْفُسِكُمْ فَاحْذَرُوْهُ ۚ

۽ سمجهو تہ بيشڪ الله ڄاڻي ٿو جو توهان جي دلين ۾ آهي پوءِ ڊڄو ان کان، ❷

وَ اعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ حَلِيْمٌ ﴿٢٣٥﴾ ع لَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ

۽ ڄاڻو تہ بيشڪ الله بخشڻهار بردبار آهي. ❸ ناهي ڪو ڏوهہ توهان تي

اِنْ طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ مَا لَمْ تَمَسُّوْهُنَّ اَوْ

جيڪڏهن طلاق ڏني اٿوَ زالن کي ان وقت جو نہ هٿ لاتو اٿوَ انهن کي يا

تَفْرِضُوْا لَهُنَّ فَرِيْضَةً ۚۖ وَّ مَتِّعُوْهُنَّ ۚ عَلَى الْمُوْسِعِ

نہ مقرر ڪيو اٿوَ انهن لاءِ مَهر ۽ سامان ڏيو انهن کي، سُکيئي تي آهي

قَدَرُهٗ وَ عَلَى الْمُقْتِرِ قَدَرُهٗ ۚ مَتَاعًاۢ بِالْمَعْرُوْفِ ۚ حَقًّا

سگهہ آهر ۽ سُڃي تي سَگهہ آهر، سامان شرع موجب، اهو حق آهي

عَلَى الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٢٣٦﴾ وَ اِنْ طَلَّقْتُمُوْهُنَّ مِنْ قَبْلِ اَنْ

چڱائي وارن تي. (١) پر جيڪڏهن طلاق ڏنوَ انهن کي اڳي هن کان جو

تَمَسُّوْهُنَّ وَقَدْ فَرَضْتُمْ لَهُنَّ فَرِيْضَةً فَنِصْفُ مَا

هٿ لايو انهن کي ۽ مقرر ڪيو اٿوَ انهن لاءِ مهر پوءِ اڌ ان جو

فَرَضْتُمْ اِلَّآ اَنْ يَّعْفُوْنَ اَوْ يَعْفُوَا الَّذِيْ

جيڪي مقرر ڪيو اٿوَ مگر جو معاف ڪن تيون يا بخشي تو اهو

بِيَدِهٖ عُقْدَةُ النِّكَاحِ ؕ وَ اَنْ تَعْفُوْٓا اَقْرَبُ

جنهن جي هٿ ۾ عقدَ نڪاح جِي آهي، ۽ توهان جو بخشڻ زور ويجهو آهي

لِلتَّقْوٰى ؕ وَ لَا تَنْسَوُا الْفَضْلَ بَيْنَكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ

پرهيزگاري کي، (٢) ۽ نہ وساريو احسان ڪرڻ پاڻ ۾، بيشڪ الله

بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿٢٣٧﴾ حٰفِظُوْا عَلَى الصَّلَوٰتِ وَ

توهان جي عملن کي ڏسندڙ آهي. (٣) پائبندي ڪريو سيني نمازن تي ۽

الصَّلٰوةِ الْوُسْطٰى ۗ وَ قُوْمُوْا لِلّٰهِ قٰنِتِيْنَ ﴿٢٣٨﴾ فَاِنْ خِفْتُمْ

(خاص) وچينءَ نماز تي ۽ بيهو الله لاءِ فرمانبردار ٿي. پوءِ جيڪڏهن خوف اٿوَ

فَرِجَالًا اَوْ رُكْبَانًا ۚ فَاِذَآ اَمِنْتُمْ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَمَا

تہ پيادا ٿي پڙهو يا سوار ٿي، (٤) پوءِ جڏهن بي خوف ٿيو تہ ياد ڪريو الله کي جيئن

عَلَّمَكُمْ مَّا لَمْ تَكُوْنُوْا تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٣٩﴾ وَ الَّذِيْنَ

سيکاريائين توهانکي اهوجيڪو توهان نہ ڄاڻندا هئا. ۽ جيڪي

يُتَوَفَّوْنَ مِنْكُمْ وَ يَذَرُوْنَ اَزْوَاجًا ۚۖ وَّصِيَّةً لِّاَزْوَاجِهِمْ

وفات ڪن ٿا توهان مان ۽ ڇڏن ٿا زالون، تہ چئي وڃن پنهنجي زالن لاءِ

مَّتَاعًا اِلَى الْحَوْلِ غَيْرَ اِخْرَاجٍ ۚ فَاِنْ خَرَجْنَ

سامان ڏيڻ جو سال تائين ۽ (گهرمان) نہ ڪڍڻ جو، پوءِ جيڪڏهن نڪري وڃن

فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ فِيْ مَا فَعَلْنَ فِيْۤ اَنْفُسِهِنَّ مِنْ

تہ ناهي گناهہ توهان تي انهيءَ ۾ جو اختيار ڪن پنهنجي حق ۾ ڪا

مَّعْرُوْفٍ ؕ وَ اللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٢٤٠﴾ وَ لِلْمُطَلَّقٰتِ

چڱي پر، ۽ الله زبردست حڪمت وارو آهي. ❶ ۽ طلاق ڏنل عورتن کي

مَتَاعٌۢ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ حَقًّا عَلَى الْمُتَّقِيْنَ ﴿٢٤١﴾ كَذٰلِكَ

نفعو ڏيڻو آهي دستور مطابق، اهو لازم آهي خدا ترسن تي. اهڙي طرح

يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ۧ ﴿٢٤٢﴾ اَ لَمْ تَرَ

٣١ ع ٧ ١٥

ٻڌائي ٿو الله اوهان کي پنهنجا حڪم تہ من توهان سمجهو. ❷ ڇا نہ ڏٺو تو

اِلَى الَّذِيْنَ خَرَجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ وَ هُمْ اُلُوْفٌ حَذَرَ الْمَوْتِ ۪

انهن کي جي نڪتا گهرن پنهنجن مان ۽ اهي هئا هزارين موت جي ڀؤ کان

فَقَالَ لَهُمُ اللّٰهُ مُوْتُوْا قف ثُمَّ اَحْيَاهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ

پوءِ چيو انهن کي الله مري وڃو، پوءِ جيئرو ڪيائين انهن کي، بيشڪ الله

لَذُوْ فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَشْكُرُوْنَ ﴿٢٤٣﴾

مهر وارو آهي ماڻهن تي پر گهڻا ماڻهو نہ ٿا شڪر ڪن. ❸

وَ قَاتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ اعْلَمُوْۤا اَنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٤٤﴾

۽ لڙائي ڪريو الله جي رستي ۾ ۽ ڄاڻو تہ يقينن الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. ❹

مَنْ ذَا الَّذِيْ يُقْرِضُ اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا فَيُضٰعِفَهٗ

ڪير آهي اهو جيڪو اوڌر ڏئي الله کي اوڌر سهڻي پوءِ وڌائي ڏيندو اهو

لَهٗۤ اَضْعَافًا كَثِيْرَةً ؕ وَ اللّٰهُ يَقْبِضُ وَ يَبْصُۜطُ ۪ وَ اِلَيْهِ

ان کي ٻيڻو ڪيترائي، ۽ الله گهٽائي ٿو ۽ وڌائي ٿو ۽ ان ڏانهن

تُرْجَعُوْنَ ﴿۲۴۵﴾ اَلَمْ تَرَ اِلَى الْمَلَاِ مِنْۢ بَنِيْۤ اِسْرَآءِيْلَ

موٽايا ويندؤ. ڇا نه ڏٺي تو هڪ جماعت بني اسرائيل جي

مِنْۢ بَعْدِ مُوْسٰى ۘ اِذْ قَالُوْا لِنَبِيٍّ لَّهُمُ ابْعَثْ لَنَا

وقف لازم

موسيٰ کان پوءِ، جڏهن چيائون نبيءَ پنهنجي کي مقرر ڪر اسان لاءِ

مَلِكًا نُّقَاتِلْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ قَالَ هَلْ عَسَيْتُمْ

ڪو بادشاهه (ته) لڙائي ڪريون راهه الله جي ۾ چيو پيغمبر ڇا ائين ته ناهيو

اِنْ كُتِبَ عَلَيْكُمُ الْقِتَالُ اَلَّا تُقَاتِلُوْا ؕ قَالُوْا وَمَا لَنَاۤ

جي حڪم ٿئي توهان کي جنگ جو ته نه لڙو، چيائون ڇا ٿيو آهي اسان کي

اَلَّا نُقَاتِلَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَقَدْ اُخْرِجْنَا مِنْ دِيَارِنَا وَ

جو نه لڙنداسون راهه الله جي ۾ هوڏانهن ڪڍيا ويا آهيون گهرن پنهنجن ۽

اَبْنَآىِٕنَا ؕ فَلَمَّا كُتِبَ عَلَيْهِمُ الْقِتَالُ تَوَلَّوْا اِلَّا

ٻارن پنهنجن مان، پوءِ جڏهن واجب ڪئي وئي انهن تي جنگ ته ڦري ويا مگر

قَلِيْلًا مِّنْهُمْ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالظّٰلِمِيْنَ ﴿۲۴۶﴾ وَ قَالَ لَهُمْ

ٿورا انهن مان، ۽ الله ڄاڻندڙ آهي ظالمن کي. ① ۽ چيو انهن کي

نَبِيُّهُمْ اِنَّ اللّٰهَ قَدْ بَعَثَ لَكُمْ طَالُوْتَ مَلِكًا ؕ قَالُوْۤا

سندن نبيءَ بيشڪ الله موڪليو آهي توهان لاءِ طالوت کي بادشاهه ڪري، چيائون

اَنّٰى يَكُوْنُ لَهُ الْمُلْكُ عَلَيْنَا وَ نَحْنُ اَحَقُّ

ڪيئن ٿيندي ان جي حڪومت اسان تي ۽ اسان وڌيڪ لائق آهيون

بِالۡمُلۡكِ مِنۡهُ وَ لَمۡ يُؤۡتَ سَعَةً مِّنَ الۡمَالِ ؕ قَالَ

حڪومت جا ان کان ۽ نہ ڏني ويئي آھي انکي آسودگي مال جي، چيائين

اِنَّ اللّٰهَ اصۡطَفٰىهُ عَلَيۡكُمۡ وَ زَادَهٗ بَسۡطَةً

يقينن الله چونڊيو آھي ان کي توھان تي ۽ وڌايو آھي انکي ڪشادو ڪري

فِى الۡعِلۡمِ وَ الۡجِسۡمِ ؕ وَ اللّٰهُ يُؤۡتِىۡ مُلۡكَهٗ مَنۡ يَّشَآءُ ؕ

علم ۽ جسم ۾، ۽ الله ڏئي ٿو پنھنجو ملڪ جنھن کي گھري،

وَ اللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيۡمٌ ﴿۲۴۷﴾ وَ قَالَ لَهُمۡ نَبِيُّهُمۡ اِنَّ اٰيَةَ

۽ الله گھڻو ڏيندڙ ڄاڻندڙ آھي. ❶ ۽ چيو انھن کي سندن نبيءَ تہ نشاني

مُلۡكِهٖۤ اَنۡ يَّاۡتِيَكُمُ التَّابُوۡتُ فِيۡهِ سَكِيۡنَةٌ

ان جي حڪومت جي ھيءَ آھي جو ايندي توھان وٽ صندوق جنھن ۾ تسلي ھوندي

مِّنۡ رَّبِّكُمۡ وَ بَقِيَّةٌ مِّمَّا تَرَكَ اٰلُ مُوۡسٰى وَ اٰلُ هٰرُوۡنَ

توھان جي رب کان ۽ ڪي بچيل تبرڪات جي ڇڏيا ھئا موسيٰ وارن ۽ ھارون وارن

تَحۡمِلُهُ الۡمَلٰٓئِكَةُ ؕ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لَّكُمۡ اِنۡ

کڻي ايندا انھيءَ کي ملائڪ، بيشڪ اُن ۾ نشاني آھي اوھان لاءِ جيڪڏھن

كُنۡتُمۡ مُّؤۡمِنِيۡنَ ﴿۲۴۸﴾ ع فَلَمَّا فَصَلَ طَالُوۡتُ بِالۡجُنُوۡدِ ۙ قَالَ اِنَّ ع ٣٣ ١٦

اوھان ويساھ رکندڙ آھيو. ❷ پوءِ جڏھن نڪتو طالوت لشڪر وٺي چيائين تہ

اللّٰهَ مُبۡتَلِيۡكُمۡ بِنَهَرٍ ۚ فَمَنۡ شَرِبَ مِنۡهُ فَلَيۡسَ

الله آزمائيندو اوھان کي ھڪ واھ سان، ❸ پوءِ جيڪو پيئندو ان مان تہ ناھي

مِنِّىۡ ۚ وَ مَنۡ لَّمۡ يَطۡعَمۡهُ فَاِنَّهٗ مِنِّىۡۤ اِلَّا مَنِ

منھنجو، ۽ جيڪو نہ چکندو ان کي پوءِ بيشڪ اھو منھنجو آھي مگر جنھن

اغۡتَرَفَ غُرۡفَةً ۢ بِيَدِهٖ ۚ فَشَرِبُوۡا مِنۡهُ اِلَّا قَلِيۡلًا مِّنۡهُمۡ ؕ

ڀريو ھڪ ڇُرون پنھنجي ھٿ سان، پوءِ گھڻن پيتو ان مان ڪن ٿورن کانسواءِ،

فَلَمَّا جَاوَزَهٗ هُوَ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ ۙ قَالُوْا لَا طَاقَةَ

پوءِ جڏهن لنگهي ويو اتان پاڻ ۽ ايمان وارا انهيءَ سان گڏ چيائون ناهي طاقت

لَنَا الْيَوْمَ بِجَالُوْتَ وَ جُنُوْدِهٖ ؕ قَالَ الَّذِيْنَ يَظُنُّوْنَ

اسان کي اڄ مقابلي جي جالوت ۽ سندس لشڪرسان، چيو انهن جن سمجهيو ٿي

اَنَّهُمْ مُّلٰقُوا اللّٰهِ ۙ كَمْ مِّنْ فِئَةٍ قَلِيْلَةٍ غَلَبَتْ فِئَةً كَثِيْرَةًۢ

تہ اُهي ملڻا آهن الله سان ڪيترائي ٽولا ننڍا زورتي ويا جٿن وڏن ڪان

بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَ اللّٰهُ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۲۴۹﴾ وَ لَمَّا بَرَزُوْا لِجَالُوْتَ وَ

الله جي حڪم سان، ۽ الله بيهڪ وارن سان گڏ آهي. ① ۽ جڏهن نڪتا جالوتَ ۽

جُنُوْدِهٖ قَالُوْا رَبَّنَآ اَفْرِغْ عَلَيْنَا صَبْرًا وَّ ثَبِّتْ

ان جي لشڪرلاءِ چيائون اي رب اسان جا پرتِ اسان تي مضبوطي ۽ پختا ڪر

اَقْدَامَنَا وَ انْصُرْنَا عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۲۵۰﴾ؕ فَهَزَمُوْهُمْ

پير اسان جا ۽ سوبِ ڏِج اسانکي ڪافر قوم تي. پوءِ ڀڄايائون انهن کي

بِاِذْنِ اللّٰهِ ۙقف وَ قَتَلَ دَاوٗدُ جَالُوْتَ وَ اٰتٰىهُ اللّٰهُ الْمُلْكَ وَ

الله جي حڪم سان ۽ ماري وڌو دائودَ جالوت کي ۽ ڏني ان کي الله بادشاهي ۽

الْحِكْمَةَ وَ عَلَّمَهٗ مِمَّا يَشَآءُ ؕ وَ لَوْ لَا دَفْعُ اللّٰهِ

سياڻپ ۽ سيکاريائين ان کي جيڪي گهريائين، ② ۽ جيڪڏهن نہ هجي ها هٽائڻ الله جو

النَّاسَ بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ ۙ لَّفَسَدَتِ الْاَرْضُ

ماڻهن کي، هڪڙن کي ٻين سان تہ ضرور تباهہ ٿي وڃي ها ملڪ

وَ لٰكِنَّ اللّٰهَ ذُوْ فَضْلٍ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿۲۵۱﴾ تِلْكَ اٰيٰتُ اللّٰهِ

پر الله مِهر وارو آهي جهانن تي. اهي حڪم الله جا آهن

نَتْلُوْهَا عَلَيْكَ بِالْحَقِّ ؕ وَ اِنَّكَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿۲۵۲﴾

جو اسان پڙهي ٻڌايون ٿا توکي پوري طرح، ۽ بيشڪ تون رسولن مان آهين. ③

تِلْكَ الرُّسُلُ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ مِنْهُمْ

اهي رسول پلو ڪيوسون انهن مان هڪڙن ڪي بين تي، انهن مان ڪو آهي

مَّنْ كَلَّمَ اللّٰهُ وَ رَفَعَ بَعْضَهُمْ دَرَجٰتٍ ؕ وَ اٰتَيْنَا

جنهن سان ڳالهايو الله ۽ مٿي ڪيائين انهن مان ڪن جا درجا، ۽ ڏناسون

عِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ الْبَيِّنٰتِ وَ اَيَّدْنٰهُ بِرُوْحِ الْقُدُسِ ؕ

عيسيٰ پٽ مريم کي چٽا معجزا ۽ طاقت ڏني سون ان کي روح القدس سان، ①

وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا اقْتَتَلَ الَّذِيْنَ مِنْ بَعْدِهِمْ مِّنْ بَعْدِ

جيڪڏهن گهري ها الله ته نه وڙهن ها اهي جيڪي هئا رسولن بعد هن کان پوءِ

مَا جَآءَتْهُمُ الْبَيِّنٰتُ وَلٰكِنِ اخْتَلَفُوْا فَمِنْهُمْ مَّنْ اٰمَنَ

جو آيا انهن وٽ پڌرا حڪم پر اختلاف ڪيائون پوءِ انهن مان ڪنهن ايمان آندو

وَ مِنْهُمْ مَّنْ كَفَرَ ؕ وَ لَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا اقْتَتَلُوْا ۗ قف

۽ انهن مان ڪنهن ڪفر ڪيو، ۽ جيڪڏهن گهري ها الله ته نه وڙهن ها،

وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَفْعَلُ مَا يُرِيْدُ ﴿٢٥٣﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْفِقُوْا

پر الله ڪري ٿو اهو جيڪي ارادو ٿو ڪري. ② اي ايمان وارؤ! خرچ ڪريو

مِمَّا رَزَقْنٰكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ يَوْمٌ لَّا بَيْعٌ

ان مان جو رزق ڏنو سون توهان کي اڳي ان کان جو اچي اهڙو ڏينهن ناهي واپار

فِيْهِ وَ لَا خُلَّةٌ وَّ لَا شَفَاعَةٌ ؕ وَ الْكٰفِرُوْنَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٢٥٤﴾

جنهن ۾ ۽ نڪي دوستي ۽ نڪي سفارش، ③ ۽ ڪافر ئي ظالم آهن. ④

اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ اَلْحَيُّ الْقَيُّوْمُ ۚ لَا تَاْخُذُهٗ

آهي الله! ناهي ڪوئي مالڪ مگر اهو، سدا جيئرو بيهڪ ڏيندڙ، ⑤ نه ٿي وٺي ان کي

سِنَةٌ وَّ لَا نَوْمٌ ؕ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا

پنڪي ۽ نه ڪي ننڊ، انهيءَ جوئي آهي جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي

فِي الْاَرْضِ ؕ مَنْ ذَا الَّذِيْ يَشْفَعُ عِنْدَهٗۤ اِلَّا بِاِذْنِهٖ ؕ
زمين ۾ آهي، ڪير آهي اهو جو پارت ڪري ان وٽ بنا موڪل ان جي،
يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَ مَا خَلْفَهُمْ ۚ وَ لَا يُحِيْطُوْنَ
ڄاڻي ٿو جيڪي انهن جي سامهون آهي ۽ جيڪي پنيان اٿن، ۽ نہ ٿا گهيرو ڪن
بِشَيْءٍ مِّنْ عِلْمِهٖۤ اِلَّا بِمَا شَآءَ ۚ وَسِعَ كُرْسِيُّهُ
ڪنهن بہ شيءِ تي ان جي علم مان مگر ان تي جيڪي اهو گهري، ماپايو ڪرسيءَ ان جي
السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ ۚ وَ لَا يَئُوْدُهٗ حِفْظُهُمَا ۚ وَ هُوَ
آسمانن ۽ زمين کي، ۽ نہ ٿوٿڪائي ڪيس سنڀالڻ انهن جو، ۽ اهوئي
الْعَلِيُّ الْعَظِيْمُ ﴿۲۵۵﴾ لَاۤ اِكْرَاهَ فِي الدِّيْنِ ۙ قَدْ تَّبَيَّنَ الرُّشْدُ
تمام مٿاهون سڀ ڪان وڏو آهي. ❶ ناهي مجبوري دين ۾ چوتہ پڌري ٿي پئي ڀلائي
مِنَ الْغَيِّ ۚ فَمَنْ يَّكْفُرْ بِالطَّاغُوْتِ وَ يُؤْمِنْۢ بِاللّٰهِ فَقَدِ
برائي کان، پوءِ جيڪو نہ مڃي بي فرمان کي ۽ ايمان آڻي الله تي تہ بيشڪ
اسْتَمْسَكَ بِالْعُرْوَةِ الْوُثْقٰى ۗ لَا انْفِصَامَ لَهَا ؕ وَ اللّٰهُ سَمِيْعٌ
انهيءَ پڪڙيو ڪڙو مضبوط جو ناهي ڇڄڻ ان کي، ۽ الله ٻڌندڙ
عَلِيْمٌ ﴿۲۵۶﴾ اَللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۙ يُخْرِجُهُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ
ڄاڻندڙ آهي. ❷ الله مددگار آهي ايمان وارن جو ڪڍي ٿو انهن کي اونداهين مان
اِلَى النُّوْرِ ؕ۬ وَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْۤا اَوْلِيٰٓـُٔهُمُ الطَّاغُوْتُ ۙ يُخْرِجُوْنَهُمْ
روشنيءَ ڏانهن، ۽ جن ڪفر ڪيو تن جا مددگار شيطان آهن ڪڍن ٿا انهن کي
مِّنَ النُّوْرِ اِلَى الظُّلُمٰتِ ؕ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۲۵۷﴾ ع
روشنيءَ کان اونداهين ڏانهن، اهي جهنم وارا آهن، اهي ان ۾ هميشہ رهندا. ❸
اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْ حَآجَّ اِبْرٰهٖمَ فِيْ رَبِّهٖۤ
ڇا نہ ڏٺو تو انهيءَ ڏانهن جنهن تڪرار ڪيو ابراهيم سان سندس پالڻهار بابت

رکوع
اَنۡ اٰتٰىهُ اللّٰهُ الۡمُلۡكَ ۘ اِذۡ قَالَ اِبۡرٰهٖمُ رَبِّیَ الَّذِیۡ
هنڪري جو ڏني انکي الله بادشاهي، جڏهن چيس ابراهيم منهنجو رب اهو آهي
یُحۡیٖ وَ یُمِیۡتُ ۙ قَالَ اَنَا اُحۡیٖ وَ اُمِیۡتُ ؕ قَالَ اِبۡرٰهٖمُ
جو جياري ٿو ۽ ماري ٿو هن چيو مان به جياريان ٿو ۽ ماريان ٿو، چيو ابراهيم
فَاِنَّ اللّٰهَ یَاۡتِیۡ بِالشَّمۡسِ مِنَ الۡمَشۡرِقِ فَاۡتِ بِهَا مِنَ الۡمَغۡرِبِ
ته الله آڻي ٿو سج اوڀر کان ❶ پوءِ آڻ تون انکي اولهه کان
فَبُهِتَ الَّذِیۡ كَفَرَ ؕ وَ اللّٰهُ لَا یَهۡدِی الۡقَوۡمَ الظّٰلِمِیۡنَ ﴿۲۵۸﴾ اَوۡ
پوءِ وائڙو ٿيو ڪافر، ۽ الله راهه نه ٿو ڏيکاري ظالمن جي قوم کي. ❷ يا
كَالَّذِیۡ مَرَّ عَلٰی قَرۡیَةٍ وَّ هِیَ خَاوِیَةٌ عَلٰی عُرُوۡشِهَا ۚ
نه ڏٺو تو انهيءَ ڏانهن جو لنگهيو هڪ ڳوٺ تان ۽ اهو ڊٺو پيو هو پنهنجن ڇتين تي،
قَالَ اَنّٰی یُحۡیٖ هٰذِهِ اللّٰهُ بَعۡدَ مَوۡتِهَا ۚ فَاَمَاتَهُ اللّٰهُ
چيائين ڪيئن جياريندو هن کي الله ان جي فنا ٿيڻ بعد، پوءِ ماري ڇڏيو انکي الله
مِائَةَ عَامٍ ثُمَّ بَعَثَهٗ ؕ قَالَ كَمۡ لَبِثۡتَ ؕ قَالَ لَبِثۡتُ یَوۡمًا
سؤ ورهيه پوءِ اُٿاريائينس، ۽ فرمايائين ڪيترو رهيو آهين، چيائين رهيس ڏينهن
اَوۡ بَعۡضَ یَوۡمٍ ؕ قَالَ بَلۡ لَّبِثۡتَ مِائَةَ عَامٍ فَانۡظُرۡ
يا ڪوحصو ڏينهن جو، فرمايائين نڪو، تون رهيو آهين هڪ سؤ ورهيه پوءِ نهار
اِلٰی طَعَامِكَ وَ شَرَابِكَ لَمۡ یَتَسَنَّهۡ ۚ وَ انۡظُرۡ اِلٰی حِمَارِكَ
پنهنجي کاڌي ۽ پيتي ڏانهن جو نه خراب ٿيو آهي، ۽ ڏس پنهنجي گڏهه ڏانهن،
وَ لِنَجۡعَلَكَ اٰیَةً لِّلنَّاسِ وَ انۡظُرۡ اِلَی الۡعِظَامِ كَیۡفَ
۽ ڪرڻ گهرون ٿا توکي نشاني ماڻهن لاءِ ۽ نظر ڪر هڏين ڏانهن ڪيئن
نُنۡشِزُهَا ثُمَّ نَكۡسُوۡهَا لَحۡمًا ؕ فَلَمَّا تَبَیَّنَ لَهٗ ۙ
ٿا ڪٽي جوڙيون انهنکي پوءِ ڍڪيون ٿا انهن تي گوشت، ❸ پوءِ جڏهن اهو ظاهر ٿيو ان لاءِ

قَالَ اَعۡلَمُ اَنَّ اللّٰهَ عَلٰی كُلِّ شَیۡءٍ قَدِیۡرٌ ﴿٢٥٩﴾ وَ اِذۡ

چيائين آءُ يقين ڪريان ٿو بيشڪ الله هر شيءِ تي سگهه رکندڙ آهي. ۽ جڏهن

قَالَ اِبۡرٰهٖمُ رَبِّ اَرِنِیۡ كَیۡفَ تُحۡیِ الۡمَوۡتٰی ؕ

چيو ابرهيم اي منهنجا رب! مونکي ڏيکار تہ ڪيئن جيئرو ٿو ڪرين مُئلن کي؟

قَالَ اَوَ لَمۡ تُؤۡمِنۡ ؕ قَالَ بَلٰی وَ لٰكِنۡ لِّیَطۡمَىِٕنَّ قَلۡبِیۡ ؕ

فرمايائين تون ويساھ نہ ٿو ڪرين؟ چيائين هائو پر جيئن قرار وٺي دل منهنجي،

قَالَ فَخُذۡ اَرۡبَعَةً مِّنَ الطَّیۡرِ فَصُرۡهُنَّ اِلَیۡكَ ثُمَّ اجۡعَلۡ

فرمايائين وٺ چار عدد پکي پوءِ هيراءِ انهن کي پاڻ ڏانهن وري ڪر

عَلٰی كُلِّ جَبَلٍ مِّنۡهُنَّ جُزۡءًا ثُمَّ ادۡعُهُنَّ یَاۡتِیۡنَكَ سَعۡیًا ؕ

هرهڪ جبل تي انهن مان هڪڙو حصو پوءِ سڏ ڪر انهن کي تہ ايندا توڏانهن ڊوڙندي،

وَ اعۡلَمۡ اَنَّ اللّٰهَ عَزِیۡزٌ حَكِیۡمٌ ﴿٢٦٠﴾ مَثَلُ الَّذِیۡنَ یُنۡفِقُوۡنَ

۽ ڄاڻ تہ بيشڪ الله زبردست آهي حڪيم آهي. ❶ مثال انهن جو جيڪي خرچ ڪن ٿا

اَمۡوَالَهُمۡ فِیۡ سَبِیۡلِ اللّٰهِ كَمَثَلِ حَبَّةٍ اَنۡۢبَتَتۡ سَبۡعَ

پنهنجا مال الله جي راھ ۾ مثال ان داڻي جي آهي جو ڄمائي ست

سَنَابِلَ فِیۡ كُلِّ سُنۡۢبُلَةٍ مِّائَةُ حَبَّةٍ ؕ وَ اللّٰهُ یُضٰعِفُ لِمَنۡ

سنگ هرهڪ سنگ ۾ هجن سؤ داڻا ۽ الله ٻيڻو ڪري ٿو جنهن لاءِ

یَّشَآءُ ؕ وَ اللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِیۡمٌ ﴿٢٦١﴾ اَلَّذِیۡنَ یُنۡفِقُوۡنَ اَمۡوَالَهُمۡ

گهري، ۽ الله وڏائيندڙ آهي ڄاڻندڙ آهي. ❷ جيڪي ماڻهو خرچ ڪن ٿا مال پنهنجا

فِیۡ سَبِیۡلِ اللّٰهِ ثُمَّ لَا یُتۡبِعُوۡنَ مَاۤ اَنۡفَقُوۡا مَنًّا وَّ لَاۤ اَذًی ۙ

الله جي راھ ۾ وري نہ تا ڪن ڏيڻ پنيان ڪوتورو ۽ نڪي ايذاءُ ❸

لَّهُمۡ اَجۡرُهُمۡ عِنۡدَ رَبِّهِمۡ ۚ وَ لَا خَوۡفٌ عَلَیۡهِمۡ وَ لَا هُمۡ

انهن لاءِ اجورو آهي سندن پالڻهار وٽ، ۽ ناهي ڊپ انهن تي ۽ نڪي اهي

يَحْزَنُوْنَ ﴿٢٦٢﴾ قَوْلٌ مَّعْرُوْفٌ وَّ مَغْفِرَةٌ خَيْرٌ مِّنْ صَدَقَةٍ

ڳڻتي ڪندا. جواب نرم ڏيڻ ۽ معاف ڪرڻ بهتر آهي اهڙيءَ خيرات کان

يَّتْبَعُهَآ اَذًى ۭ وَ اللّٰهُ غَنِيٌّ حَلِيْمٌ ﴿٢٦٣﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

جنهن جي پنيان هجي ڏکوئڻ، ۽ الله شاهوڪار آهي سهندڙ آهي. (١) اي ايمان وارؤ!

لَا تُبْطِلُوْا صَدَقٰتِكُمْ بِالْمَنِّ وَ الْاَذٰى ۙ كَالَّذِيْ يُنْفِقُ

نه وڃايو خيراتن پنهنجن کي توري ٽاڪڻ ۽ ايذاءُ ڏيڻ سان انهيءَ وانگر جيڪو خرچ ڪري ٿو

مَالَهٗ رِئَآءَ النَّاسِ وَ لَا يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ ۭ

پنهنجو مال ڏيکاءُ ماڻهن لاءِ ۽ نه ٿو ويساهه ڪري الله تي ۽ ڏينهن پوئين تي، (٢)

فَمَثَلُهٗ كَمَثَلِ صَفْوَانٍ عَلَيْهِ تُرَابٌ فَاَصَابَهٗ وَابِلٌ

پوءِ انجو مثال آهي جهڙو لسو پٿر جنهن تي مٽي هجي پوءِ وَسيو ان تي وڏ ڦڙو

فَتَرَكَهٗ صَلْدًا ۭ لَا يَقْدِرُوْنَ عَلٰى شَيْءٍ مِّمَّا

پوءِ ڪري ڇڏيائين انکي سخت صاف، اهي نه ٿا هٿ ڪري سگهن ڪا شيءِ ان مان

كَسَبُوْا ۭ وَ اللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٦٤﴾ وَ مَثَلُ الَّذِيْنَ

جو ڪمايائون، ۽ الله نه ٿو راهه ڏيکاري ڪافرن کي. ۽ مثال انهن جو

يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمُ ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ اللّٰهِ وَ تَثْبِيْتًا

جيڪي خرچ ڪن ٿا مال پنهنجا گهرندي خوشنودي الله جي ۽ يقين ظاهر ڪرڻ لاءِ

مِّنْ اَنْفُسِهِمْ كَمَثَلِ جَنَّةٍۭ بِرَبْوَةٍ اَصَابَهَا وَابِلٌ فَاٰتَتْ

پنهنجي طرفان (٣) ان باغ جهڙو آهي جو دڙي تي هجي وسي جنهن تي وڏ ڦڙو پوءِ آڻي

اُكُلَهَا ضِعْفَيْنِ ۚ فَاِنْ لَّمْ يُصِبْهَا وَابِلٌ فَطَلٌّ ۭ وَ اللّٰهُ

پنهنجا ميوا ٻيڻا ڪري، پوءِ جي نه پيوان تي وڏ ڦڙو ته پوءِ سَنهي بوند، ۽ الله

بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿٢٦٥﴾ اَ يَوَدُّ اَحَدُكُمْ اَنْ تَكُوْنَ لَهٗ جَنَّةٌ

توهانجي ڪمن کي ڏسندڙ آهي. (٤) ڇا چاهي ٿو توهان مان ڪوئي ته هجي ان کي باغ

مِّنْ نَّخِيْلٍ وَّ اَعْنَابٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ لَهٗ فِيْهَا

کجين ۽ انگورن جو وهن پيون ان جي هيٺان واهيون انهيءَ لاءِ تنهن ۾ آهن

مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ وَ اَصَابَهُ الْكِبَرُ وَ لَهٗ ذُرِّيَّةٌ ضُعَفَآءُ

هر قسم جا ميوا ۽ پهتي ان کي ڪراڙپ ۽ انکي ٻار آهن ڪمزور،

فَاَصَابَهَآ اِعْصَارٌ فِيْهِ نَارٌ فَاحْتَرَقَتْ كَذٰلِكَ

پوءِ اچي پوي ان باغ تي واچوڙو جنهن ۾ هجي باهه پوءِ اهو سڙي وڃي، (١) اهڙي طرح

يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ تَتَفَكَّرُوْنَ ﴿٢٦٦﴾ يٰٓاَيُّهَا

بيان ڪري ٿو الله اوهان لاءِ آيتون ته من توهان سوچ ڪريو. اي

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْفِقُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا كَسَبْتُمْ وَ مِمَّآ

ايمان وارو! خرچ ڪريو ڪجهه پاڪ شيون پنهنجي ڪمائي مان ۽ ڪجهه ان مان

اَخْرَجْنَا لَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ وَ لَا تَيَمَّمُوا الْخَبِيْثَ

جيڪي ڪڍيوسون توهان لاءِ زمين مان ۽ نه نيت ڪريو گندي شيءِ جي

مِنْهُ تُنْفِقُوْنَ وَ لَسْتُمْ بِاٰخِذِيْهِ اِلَّآ اَنْ تُغْمِضُوْا فِيْهِ

جو ان مان خرچ ڪريو هوڏانهن پاڻ ناهيو وٺندڙ ان کي سواءِ اکين ٻوٽڻ جي ان ۾، (٢)

وَ اعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ حَمِيْدٌ ﴿٢٦٧﴾ اَلشَّيْطٰنُ يَعِدُكُمُ

۽ يقين ڪريو ته الله بي پرواهه ساراهيل آهي. شيطان ڏيڄاري ٿو توهان کي

الْفَقْرَ وَ يَاْمُرُكُمْ بِالْفَحْشَآءِ وَ اللّٰهُ يَعِدُكُمْ

سڃائي کان ۽ حڪم ڪري ٿو گناهه جو، (٣) ۽ الله وعدو ڏئي ٿو توهان کي

مَّغْفِرَةً مِّنْهُ وَ فَضْلًا وَ اللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٦٨﴾ يُّؤْتِي

پنهنجي بخشش ۽ مهربانيءَ جو، ۽ الله ڪشادگي ڪندڙ ڄاڻندڙ آهي. (٤) ڏئي ٿو

الْحِكْمَةَ مَنْ يَّشَآءُ وَ مَنْ يُّؤْتَ الْحِكْمَةَ فَقَدْ اُوْتِيَ

دانائي جنهن کي گهري، ۽ جنهن کي ڏني وئي دانائي ته بيشڪ ملي انکي

خَيْرًا كَثِيْرًا ؕ وَ مَا يَذَّكَّرُ اِلَّآ اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿٢٦٩﴾ وَ مَآ
ڀلائي گهڻي، ❶ ۽ نه ٿا سمجهن انکي مگر مغز وارا. ۽ جيڪا

اَنْفَقْتُمْ مِّنْ نَّفَقَةٍ اَوْ نَذَرْتُمْ مِّنْ نَّذْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُهٗ ؕ
ڏيو ٿا ڪائي خيرات يا باسيو ٿا ڪا باس ته بيشڪ الله ڄاڻي ٿو ان کي،

وَ مَا لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ اَنْصَارٍ ﴿٢٧٠﴾ اِنْ تُبْدُوا الصَّدَقٰتِ
۽ ناهي ڏوهارين جو ڪوئي مددگار. ❷ جيڪڏهن ظاهر ڪريو ٿا خيراتون

فَنِعِمَّا هِيَ ۚ وَ اِنْ تُخْفُوْهَا وَ تُؤْتُوْهَا الْفُقَرَآءَ فَهُوَ خَيْرٌ
ته اها واهه ڀلائي آهي، ۽ جيڪڏهن ان کي لڪائي ۽ ڏيو ٿا محتاجن کي ته اهو بهتر آهي

لَّكُمْ ؕ وَ يُكَفِّرُ عَنْكُمْ مِّنْ سَيِّاٰتِكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ
توهان لاءِ ۽ لاهيندو توهان کان ڪي گناهه توهان جا، ❸ ۽ الله توهان جي عملن جي

خَبِيْرٌ ﴿٢٧١﴾ لَيْسَ عَلَيْكَ هُدٰىهُمْ وَ لٰكِنَّ اللّٰهَ يَهْدِيْ مَنْ
خبر رکندڙ آهي. نه آهي توتي رستو ونائڻ انهن کي پر الله راهه تي آڻي ٿو جنهن کي

يَّشَآءُ ؕ وَ مَا تُنْفِقُوْا مِنْ خَيْرٍ فَلِاَنْفُسِكُمْ ؕ وَ مَا تُنْفِقُوْنَ
گهري، ۽ جيڪي ڏيو ٿا ڪا خيرات پوءِ پنهنجي لاءِ اٿوَ، ۽ نه ٿا خرچ ڪريو

اِلَّا ابْتِغَآءَ وَجْهِ اللّٰهِ ؕ وَ مَا تُنْفِقُوْا مِنْ خَيْرٍ يُّوَفَّ
مگر الله جي رضا گهرڻ لاءِ، ۽ جيڪي ڏيو ٿا ڪا خيرات پوري ڏني ويندي

اِلَيْكُمْ وَ اَنْتُمْ لَا تُظْلَمُوْنَ ﴿٢٧٢﴾ لِلْفُقَرَآءِ الَّذِيْنَ اُحْصِرُوْا
توهان کي ۽ توهان کي نه نقصان ڏنو ويندو. ❹ آهي غريبن لاءِ جيڪي بند ٿيل آهن

فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ ضَرْبًا فِي الْاَرْضِ ز يَحْسَبُهُمُ
الله جي راهه ۾ نه ٿا هلي سگهن سفر لاءِ ملڪ ۾ ڀانئي ٿو انهن کي

الْجَاهِلُ اَغْنِيَآءَ مِنَ التَّعَفُّفِ ۚ تَعْرِفُهُمْ بِسِيْمٰهُمْ ۚ لَا
بي خبر آسودو سوال کان پرهيز سبب، تون سڃاڻندين انهنکي سندن نموني مان، ❺ نه

يَسْـَٔلُوْنَ النَّاسَ اِلْحَافًا ؕ وَ مَا تُنْفِقُوْا مِنْ خَيْرٍ فَاِنَّ
تا سوال کن ماڻهن کان چنبڙي ڪري ۽ جيڪي ڏيو ٿا ڪا خيرات پوءِ بيشڪ

اللّٰهَ بِهٖ عَلِيْمٌ ۟ؑ اَلَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ بِالَّيْلِ وَ النَّهَارِ
الله ان کي ڄاڻندڙ آهي. جيڪي خرچ ٿا ڪن پنهنجا مال رات جو ۽ ڏينهن جو

سِرًّا وَّ عَلَانِيَةً فَلَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَ لَا خَوْفٌ
لڪائي ۽ پڌرو ڪري پوءِ انهن لاءِ اجورو آهي سندن پالڻهار وٽ، ۽ نه آهي ڪو ڊپ

عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ۟ اَلَّذِيْنَ يَاْكُلُوْنَ الرِّبٰوا لَا يَقُوْمُوْنَ
تن تي ۽ نڪي اهي ڏکارا ٿيندا. ❶ جيڪي کائن ٿا وياج نه اٿندا آهن

اِلَّا كَمَا يَقُوْمُ الَّذِيْ يَتَخَبَّطُهُ الشَّيْطٰنُ مِنَ الْمَسِّ ؕ
مگر جيئن اٿي ٿو اهو جنهن کي موڳو ڪندو آهي شيطان اثر ڪان،

ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَالُوْۤا اِنَّمَا الْبَيْعُ مِثْلُ الرِّبٰوا ۘ وَ اَحَلَّ
اهو هنڪري جو چيائون ته واپار آهي جهڙو وياج، هوڏانهن حلال ڪيو

اللّٰهُ الْبَيْعَ وَ حَرَّمَ الرِّبٰوا ؕ فَمَنْ جَآءَهٗ مَوْعِظَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ
الله واپار کي ۽ حرام ڪيائين وياج کي، ❷ پوءِ جنهن وٽ آئي نصيحت سندس پالڻهار کان

فَانْتَهٰى فَلَهٗ مَا سَلَفَ ؕ وَ اَمْرُهٗۤ اِلَى اللّٰهِ ؕ وَ
پوءِ بس ڪري ويو پوءِ ان لاءِ آهي جو گذريو، ۽ انجو ڪم آهي الله جي حوالي، ۽

مَنْ عَادَ فَاُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ۟ يَمْحَقُ
جيڪي ڦريا ته اهي دوزخي آهن، اهي ان ۾ هميشه رهندا. ❸ ناس ڪري ٿو

اللّٰهُ الرِّبٰوا وَ يُرْبِي الصَّدَقٰتِ ؕ وَ اللّٰهُ لَا يُحِبُّ كُلَّ كَفَّارٍ
الله وياج کي ۽ وڌائي ٿو خيراتن کي، ۽ الله نه ٿو پسند ڪري هر بي شڪر

اَثِيْمٍ ۟ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَ اَقَامُوا
ڏوهاريءَ کي. ❹ يقينن جن ايمان آندو ۽ ڪم ڪيا چڱا ۽ پڙهيائون

الصَّلٰوةَ وَ اٰتَوُا الزَّكٰوةَ لَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَ لَا

نماز ۽ ڏنائون زڪوات انھن لاءِ اجورو آھي سندن پالينڊڙ وٽ، ۽ ناھي

خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٢٧٧﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا

ڊپ تن کي ۽ نڪي اُھي ڏکارا ٿيندا. اي ايمان وارو!

اتَّقُوا اللّٰهَ وَ ذَرُوْا مَا بَقِيَ مِنَ الرِّبٰۤوا اِنْ كُنْتُمْ

لحاظ ڪريو الله جو ۽ ڦٽو ڪريو جيڪي رھجي ويو ڪجھ وياج جيڪڏھن آھيو

مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٢٧٨﴾ فَاِنْ لَّمْ تَفْعَلُوْا فَاْذَنُوْا بِحَرْبٍ مِّنَ اللّٰهِ وَ

ايمان وارا. ❶ پوءِ جيڪڏھن ائين نہ ڪيوَ تہ خبردار ٿيو جنگ کان جا آھي الله ۽

رَسُوْلِهٖ ۚ وَ اِنْ تُبْتُمْ فَلَكُمْ رُءُوْسُ اَمْوَالِكُمْ ۚ

ان جي رسول سان، ❷ ۽ جيڪڏھن توبھ ڪيوَ تہ پوءِ توھان لاءِ آھي موڙي توھانجي مالن جي،

لَا تَظْلِمُوْنَ وَ لَا تُظْلَمُوْنَ ﴿٢٧٩﴾ وَ اِنْ كَانَ ذُوْ عُسْرَةٍ

نہ ظلم ڪندؤ توھان ۽ نہ ظلم ٿيندو توھان تي. ❸ ۽ جيڪڏھن اھو آھي سُڃو

فَنَظِرَةٌ اِلٰى مَيْسَرَةٍ ؕ وَ اَنْ تَصَدَّقُوْا خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ

تہ ڍرڏيڻي آھي آسودگيءَ تائين، ۽ بخشڻ توھانجو ڀلو آھي توھان لاءِ جيڪڏھن

كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٨٠﴾ وَ اتَّقُوْا يَوْمًا تُرْجَعُوْنَ فِيْهِ اِلَى اللّٰهِ ۗ قف

سمجھ رکو ٿا. ❹ ۽ ڊڄو ان ڏينھن کان جو موٽايا ويندؤ ان ۾ الله ڏانھن،

٣٨ ع ٨ ٦ ثُمَّ تُوَفّٰى كُلُّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ وَ هُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿٢٨١﴾ ع

پوءِ پورو ڏنو ويندو ھرھڪ کي جيڪي ڪمايائين ۽ اھي نہ نقصان ڏنا ويندا. ❺

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا تَدَايَنْتُمْ بِدَيْنٍ اِلٰۤى اَجَلٍ مُّسَمًّى

اي ايمان وارو! جيڪڏھن ڏيو وٺو پاڻ ۾ قرض مُدت مقرر تائين

فَاكْتُبُوْهُ ؕ وَ لْيَكْتُبْ بَّيْنَكُمْ كَاتِبٌۢ بِالْعَدْلِ ۪ وَ لَا

تہ لِکو انھيءَ کي، ❻ ۽ لِکي توھان جي وچ ۾ ڪوئي لکندڙ انصاف سان ۽ نہ

يَاْبَ كَاتِبٌ اَنْ يَّكْتُبَ كَمَا عَلَّمَهُ اللّٰهُ فَلْيَكْتُبْ ج

انڪار ڪري ڪو به لکندڙ لکڻ کان جيئن سيکاريو انکي الله تيئن لکڻ گهرجيس،

وَ لْيُمْلِلِ الَّذِیْ عَلَيْهِ الْحَقُّ وَ لْيَتَّقِ اللّٰهَ رَبَّهٗ

۽ لکرائي اهو جنهن تي آهي قرض ۽ ڊڄڻ گهرجيس الله پنهنجي رب کان

وَ لَا يَبْخَسْ مِنْهُ شَيْـًٔا ط فَاِنْ كَانَ الَّذِیْ عَلَيْهِ الْحَقُّ

۽ نه گهٽائي ان مان ڪجهه به، پوءِ جيڪڏهن هجي اهو جنهن تي آهي قرض

سَفِيْهًا اَوْ ضَعِيْفًا اَوْ لَا يَسْتَطِيْعُ اَنْ يُّمِلَّ هُوَ فَلْيُمْلِلْ

ابوجهه يا ڪمزور يا نه تو سگهي لکرائڻ اهو پاڻ پوءِ پل لکرائي

وَلِيُّهٗ بِالْعَدْلِ ط وَ اسْتَشْهِدُوْا شَهِيْدَيْنِ مِنْ رِّجَالِكُمْ ج

انجو سنڀاليندڙ انصاف سان، ۽ ڪري ڇڏيو گواهه ٻن شاهدن کي پنهنجي مردن مان،

فَاِنْ لَّمْ يَكُوْنَا رَجُلَيْنِ فَرَجُلٌ وَّ امْرَاَتٰنِ مِمَّنْ

پوءِ جيڪڏهن نه هجن ٻه مرد ته پوءِ هڪ مرد ۽ ٻه مايون جن کي

تَرْضَوْنَ مِنَ الشُّهَدَآءِ اَنْ تَضِلَّ اِحْدٰىهُمَا فَتُذَكِّرَ

پسند رکو ٿا شاهدن مان متان ڀُلجي ٻنهي مان ڪائي ته پوءِ ياد ڏياري

اِحْدٰىهُمَا الْاُخْرٰى ط وَ لَا يَاْبَ الشُّهَدَآءُ اِذَا مَا دُعُوْا ط

هڪڙي ٻيءَ کي، ❶ ۽ نه انڪار ڪن شاهد جڏهن به سڏيا وڃن،

وَ لَا تَسْـَٔمُوْٓا اَنْ تَكْتُبُوْهُ صَغِيْرًا اَوْ كَبِيْرًا اِلٰٓى اَجَلِهٖ ط

۽ نه سُستي ڪريو انجي لکڻ کان ٿورو هجي يا گهڻو ان جي وعدي تائين، ❷

ذٰلِكُمْ اَقْسَطُ عِنْدَ اللّٰهِ وَ اَقْوَمُ لِلشَّهَادَةِ وَ اَدْنٰٓى

اهو اوهان وٽ وڌيڪ انصاف الله وٽ ۽ وڌيڪ سڌو شاهديءَ لاءِ ۽ تمام سولو آهي

اَلَّا تَرْتَابُوْٓا اِلَّآ اَنْ تَكُوْنَ تِجَارَةً حَاضِرَةً تُدِيْرُوْنَهَا

جيئن شڪ نه ڪريو پر جي هجي واپار روبرو جنهن کي ڏيو نوٿا

بَيۡنَكُمۡ فَلَيۡسَ عَلَيۡكُمۡ جُنَاحٌ اَلَّا تَكۡتُبُوۡهَا ؕ وَ اَشۡهِدُوۡۤا اِذَا

پاڻ ۾ پوءِ نہ آهي توهان تي ڪوڏوهہ جو نہ لکو ان کي، ۽ شاهد ڪريو جڏهن

تَبَايَعۡتُمۡ ۪ وَ لَا يُضَآرَّ كَاتِبٌ وَّ لَا شَهِيۡدٌ ؕ وَ اِنۡ

سودو ڪريو تا پاڻ ۾ ۽ نہ نقصان پهچايو وڃي لکندڙ کي ۽ نہ شاهد کي، ۽ جيڪڏهن

تَفۡعَلُوۡا فَاِنَّهٗ فُسُوۡقٌۢ بِكُمۡ ؕ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ وَ يُعَلِّمُكُمُ اللّٰهُ ؕ

ائين ڪندؤ تہ پوءِ اهو گناهہ آهي توهان تي، ۽ ڊڄو الله کان، ۽ سيکاري ٿو توهان کي الله ❶

وَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَىۡءٍ عَلِيۡمٌ ﴿۲۸۲﴾ وَ اِنۡ كُنۡتُمۡ عَلٰى سَفَرٍ وَّ لَمۡ

۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. ۽ جيڪڏهن هجو توهان سفر تي ۽ نہ

تَجِدُوۡا كَاتِبًا فَرِهٰنٌ مَّقۡبُوۡضَةٌ ؕ فَاِنۡ اَمِنَ

لهو ڪنهن لکندڙ کي تہ پوءِ گروي شيءِ قبضي هجي، پوءِ جيڪڏهن پروسو ڪري

بَعۡضُكُمۡ بَعۡضًا فَلۡيُؤَدِّ الَّذِى اؤۡتُمِنَ اَمَانَتَهٗ

توهان مان ڪو ڪنهن تي تہ پوءِ ادا ڪري اهو جنهن تي پروسو ڪيو ويو پنهنجي امانت کي

وَ لۡيَتَّقِ اللّٰهَ رَبَّهٗ ؕ وَ لَا تَكۡتُمُوا الشَّهَادَةَ ؕ وَ مَنۡ

۽ ڪيس ڊڄڻ کپي الله پنهنجي رب کان، ۽ نہ لڪائجو شاهدي کي، ۽ جيڪو

يَّكۡتُمۡهَا فَاِنَّهٗۤ اٰثِمٌ قَلۡبُهٗ ؕ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ عَلِيۡمٌ ﴿۲۸۳﴾ ع

لڪائيندو انکي اهو آهي ڏوهاري دل جو، ۽ الله توهان جي ڪئي کي خوب ڄاڻندڙ آهي. ❷

لِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الۡاَرۡضِ ؕ وَ اِنۡ تُبۡدُوۡا

الله جو ئي آهي جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جو زمين ۾ آهي، ❸ ۽ جيڪڏهن ظاهر ڪندؤ

مَا فِىۡۤ اَنۡفُسِكُمۡ اَوۡ تُخۡفُوۡهُ يُحَاسِبۡكُمۡ بِهِ اللّٰهُ ؕ

جيڪي دلين ۾ اٿوَ يا لڪائيندؤ ان کي حساب ڪندو توهان سان انهيءَ جو الله،

فَيَغۡفِرُ لِمَنۡ يَّشَآءُ وَ يُعَذِّبُ مَنۡ يَّشَآءُ ؕ وَ اللّٰهُ

پوءِ بخشيندو جنهن کي گهري، ❹ ۽ عذاب ڪندو جنهن کي گهري ۽ الله

عَلٰى كُلِّ شَیۡءٍ قَدِیۡرٌ ﴿۲۸۴﴾ اٰمَنَ الرَّسُوۡلُ بِمَاۤ اُنۡزِلَ اِلَیۡهِ

هر شيءِ تي قادر آهي. ايمان آندو رسول انهيءَ تي جو لاٿو ويو ان تي

مِنۡ رَّبِّهٖ وَ الۡمُؤۡمِنُوۡنَ ؕ كُلٌّ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَ مَلٰٓئِكَتِهٖ

سندس رب جي طرفان ۽ مومن پڻ، سيني ايمان آندو الله تي ۽ ان جي ملائڪن تي

وَ كُتُبِهٖ وَ رُسُلِهٖ ۟ قف لَا نُفَرِّقُ بَيۡنَ اَحَدٍ

۽ ان جي ڪتابن تي ۽ ان جي رسولن تي، نه ٿا فرق ڪريون ڪنهن به هڪڙي ۾

مِّنۡ رُّسُلِهٖ ۟ قف وَ قَالُوۡا سَمِعۡنَا وَ اَطَعۡنَا ٭ ق غُفۡرَانَكَ

سندس رسولن مان، ۽ چيائون ٻڌوسون ۽ مڃيوسون تنهنجي بخشش (گهرجي)

رَبَّنَا وَ اِلَيۡكَ الۡمَصِيۡرُ ﴿۲۸۵﴾ لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفۡسًا

اي اسان جا رب ۽ تو ڏاهن ئي موٽڻو آهي. ❶ نه ٿو تڪليف ڏئي الله ڪنهن نفس کي

اِلَّا وُسۡعَهَا ؕ لَهَا مَا كَسَبَتۡ وَ عَلَيۡهَا مَا

مگر سندس وس آهر، ان لاءِ آهي جيڪي ڪمايائين ۽ ان جي مٿان آهي جيڪي

اكۡتَسَبَتۡ ؕ رَبَّنَا لَا تُؤَاخِذۡنَاۤ اِنۡ نَّسِيۡنَاۤ اَوۡ

ڪيائين، ❷ اي اسان جا رب نه وٺ ڪر اسان کي جيڪڏهن ڪا وسر ڪريون يا

اَخۡطَاۡنَا ۚ رَبَّنَا وَلَا تَحۡمِلۡ عَلَيۡنَاۤ اِصۡرًا كَمَا حَمَلۡتَهٗ

چُڪ ڪريون، ❸ اي اسان جا رب نه رک اسان تي اهڙو بار جهڙو رکيو تو

عَلَى الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِنَا ۚ رَبَّنَا وَلَا تُحَمِّلۡنَا مَا لَا

انهن تي جيڪي اسان کان اڳ هئا، اي اسان جا رب نه کڻاءِ اسان کي اهڙو بار جو نه آهي

طَاقَةَ لَنَا بِهٖ ۚ وَ اعۡفُ عَنَّا ٝ وقفة وَ اغۡفِرۡ لَنَا ٝ وقفة وَ ارۡحَمۡنَا ٝ وقفة

طاقت اسان کي ان جي، ۽ معاف ڪر اسان کي، ۽ بخش اسان کي، ۽ ٻاجهه ڪر اسان تي،

اَنۡتَ مَوۡلٰٮنَا فَانۡصُرۡنَا عَلَى الۡقَوۡمِ الۡكٰفِرِيۡنَ ﴿۲۸۶﴾ ع ٣٨

تون اسان جو سائين آهين پوءِ مدد ڪر اسان جي ڪافر قوم تي. ❹

سُوْرَةُ اٰلِ عِمْرٰنَ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ مِائَتَا اٰيَةٍ وَّعِشْرُوْنَ رُكُوْعًا

سورت آل عمران مدني آهي ۽ اها ٻه سؤ آيتون ۽ ويهه رکوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الٓمّٓ ﴿١﴾ اللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْحَيُّ الْقَيُّوْمُ ط ﴿٢﴾

الٓمّٓ. (1) الله ناهي ڪوئي عبادت جي لائق انهيءَ کانسواءِ اهو جيئرو سگهارو آهي.

نَزَّلَ عَلَيْكَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ وَ اَنْزَلَ

لاٿائين توتي ڪتاب حق سان ثابت ڪندڙ اڳين ڪتابن کي ۽ لاٿائين

التَّوْرٰىةَ وَ الْاِنْجِيْلَ ﴿٣﴾ مِنْ قَبْلُ هُدًى لِّلنَّاسِ وَ اَنْزَلَ

تورات ۽ انجيل. ان کان اڳ ۾ هدايت ڪندڙ ماڻهن لاءِ ۽ نازل ڪيائين

الْفُرْقَانَ ط اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌ ط

فرقان کي، يقينن جن نه مڃيون آيتون الله جون انهن لاءِ عذاب سخت آهي،

وَ اللّٰهُ عَزِيْزٌ ذُو انْتِقَامٍ ﴿٤﴾ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَخْفٰى عَلَيْهِ

۽ الله زبردست آهي بدلو وٺندڙ آهي. بيشڪ الله نه تي ڳجهي رهي انهيءَ تي

شَيْءٌ فِي الْاَرْضِ وَ لَا فِي السَّمَآءِ ط ﴿٥﴾ هُوَ الَّذِيْ يُصَوِّرُكُمْ

ڪا شيءِ زمين ۾ ۽ نڪي آسمان ۾. اهوئي آهي جو شڪل ڏئي ٿو توهان کي

فِي الْاَرْحَامِ كَيْفَ يَشَآءُ ط لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْعَزِيْزُ

پيٽن ۾ جيئن چاهي، ناهي ڪوئي مالڪ انهيءَ کان سواءِ اهو زبردست

الْحَكِيْمُ ﴿٦﴾ هُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ عَلَيْكَ الْكِتٰبَ مِنْهُ اٰيٰتٌ

داناءُ آهي. اهوئي آهي جنهن نازل ڪيو تو تي قرآن ان جون ڪي آيتون

مُّحْكَمٰتٌ هُنَّ اُمُّ الْكِتٰبِ وَ اُخَرُ مُتَشٰبِهٰتٌ ط فَاَمَّا الَّذِيْنَ

چٽيون آهن اهي ڪتاب جو اصل آهن ۽ ٻيون مونجهاري واريون، پوءِ اهي

فِيْ قُلُوْبِهِمْ زَيْغٌ فَيَتَّبِعُوْنَ مَا تَشَابَهَ مِنْهُ

جن جي دلين ۾ ڪوٽ آهي پوءِ ڪڍ لڳن ٿا ان ڪي جا مُنجهائي ٿي ان مان

ابْتِغَآءَ الْفِتْنَةِ وَ ابْتِغَاءَ تَاْوِيْلِهٖ ۚ وَ مَا يَعْلَمُ

فتني وجهڻ لاءِ ۽ طلب ڪرڻ لاءِ انجي مطلب ڪي، حالانڪ نہ ٿو ڄاڻي ڪوئي

تَاْوِيْلَهٗٓ اِلَّا اللّٰهُ ۘ وَ الرّٰسِخُوْنَ فِي الْعِلْمِ يَقُوْلُوْنَ اٰمَنَّا بِهٖ ۙ

وقف النبي ﷺ

وقف منزل

ان جو ارٿ الله ڪانسواءِ ۽ مضبوط علم وارا ❷ چون ٿا مَڃيون ٿا اسان انکي

كُلٌّ مِّنْ عِنْدِ رَبِّنَا ۚ وَ مَا يَذَّكَّرُ اِلَّآ اُولُوا الْاَلْبَابِ ۝٧

سمورو اسانجي رب طرفان آهي، ۽ نہ ٿا سمجهن مگر عقل وارا.

رَبَّنَا لَا تُزِغْ قُلُوْبَنَا بَعْدَ اِذْ هَدَيْتَنَا وَ

اي رب اسانجا نہ موڙ دليون اسانجون هن ڪان پوءِ جو هدايت ڪئي تو اسانکي ۽

هَبْ لَنَا مِنْ لَّدُنْكَ رَحْمَةً ۚ اِنَّكَ اَنْتَ الْوَهَّابُ ۝٨ رَبَّنَآ

ڏي اسانکي پنهنجي طرفان رحمت بيشڪ تون ئي ڏيندڙ آهين. اي رب اسانجا

اِنَّكَ جَامِعُ النَّاسِ لِيَوْمٍ لَّا رَيْبَ فِيْهِ ؕ اِنَّ

بيشڪ تون ئي گڏ ڪندڙ آهين ماڻهن کي ان ڏينهن ناهي ڪوشڪ جنهن ۾ بيشڪ

اللّٰهَ لَا يُخْلِفُ الْمِيْعَادَ ۝٩ ع اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَنْ تُغْنِيَ

الله نہ ٿو ڦيرائي وعدو. بيشڪ جن ماڻهن ڪفر ڪيو هرگز نہ فائدو ڏيندو

عَنْهُمْ اَمْوَالُهُمْ وَ لَآ اَوْلَادُهُمْ مِّنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا ؕ وَ اُولٰٓئِكَ هُمْ

انهن کي سندن مال ۽ نہ سندن اولاد ۽ الله وٽ ڪجهہ بہ ۽ اهي ئي آهن

وَقُوْدُ النَّارِ ۝١٠ ۙ كَدَاْبِ اٰلِ فِرْعَوْنَ ۙ وَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ

ٻارڻ باهہ جو. جهڙو حال ٿيو فرعون وارن جو ۽ انهن ڪان اڳين جو،

كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ۚ فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ بِذُنُوْبِهِمْ ؕ

ڪوڙو ڪيائون اسانجي آيتن کي، پوءِ پڪڙيو انهن کي الله سندن گناهن تي،

وَ اللّٰهُ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿١١﴾ قُلْ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا سَتُغْلَبُوْنَ

۽ الله سخت عذاب ڪندڙ آهي. چؤ انهن کي جن ڪفر ڪيو اجھو هيٺا ٿيندؤ

وَ تُحْشَرُوْنَ اِلٰى جَهَنَّمَ ؕ وَ بِئْسَ الْمِهَادُ ﴿١٢﴾ قَدْ كَانَ لَكُمْ

۽ هڪليا ويندؤ دوزخ ڏانهن، ۽ اهو برو ماڳ آهي. ٿي آهي توهان لاءِ

اٰيَةٌ فِيْ فِئَتَيْنِ الْتَقَتَا ؕ فِئَةٌ تُقَاتِلُ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ

علامت ٻن ٽولن ۾ جي ٽڪريا پاڻ ۾ ❶ هڪ ٽولو وڙهي پيو الله جي راهه ۾ ۽

اُخْرٰى كَافِرَةٌ يَّرَوْنَهُمْ مِّثْلَيْهِمْ رَاْيَ الْعَيْنِ ؕ وَ اللّٰهُ

ٻيا هئا ڪافر جن کي ڏسن پيا پاڻ کان ٻيڻو اکين ڏٺو، ۽ الله

يُؤَيِّدُ بِنَصْرِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَعِبْرَةً

پُٺ پرائي ڪندو آهي پنهنجي مدد سان جنهن کي گهري، بيشڪ ان ۾ عبرت آهي

لِّاُولِى الْاَبْصَارِ ﴿١٣﴾ زُيِّنَ لِلنَّاسِ حُبُّ الشَّهَوٰتِ مِنَ النِّسَآءِ

اکين وارن لاءِ. سينگارجي پئي ماڻهن لاءِ محبت مزن وڻ جي عورتن

وَ الْبَنِيْنَ وَ الْقَنَاطِيْرِ الْمُقَنْطَرَةِ مِنَ الذَّهَبِ وَ الْفِضَّةِ وَ

۽ پُٽن ۽ گهڻي مال گڏ ٿيل مان سون ۽ چاندي ۽

الْخَيْلِ الْمُسَوَّمَةِ وَ الْاَنْعَامِ وَ الْحَرْثِ ؕ ذٰلِكَ مَتَاعُ

گهوڙن پلن ۽ چوپاين جانورن ۽ پوکن مان، اهو سامان ❷

الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَ اللّٰهُ عِنْدَهٗ حُسْنُ الْمَاٰبِ ﴿١٤﴾ قُلْ اَؤُنَبِّئُكُمْ

دنيا جي حياتي جو آهي، ۽ الله وٽ ئي سهڻو موٽڻ آهي. چؤ ڇا آءٌ ٻڌايان توهان کي

بِخَيْرٍ مِّنْ ذٰلِكُمْ ؕ لِلَّذِيْنَ اتَّقَوْا عِنْدَ رَبِّهِمْ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ

بهتر انهيءَ کان؟ پرهيزگارن لاءِ سندن پالڻهار وٽ باغ آهن وهن ٿيون

مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا وَ اَزْوَاجٌ مُّطَهَّرَةٌ وَّ رِضْوَانٌ

انهن جي هيٺان واهيون سدائين هوندا ان ۾ ۽ زالون پاڪ ۽ راضپو

مِّنَ اللّٰهِ ؕ وَ اللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِالْعِبَادِ ۚ﴿۱۵﴾ اَلَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَآ

الله جو ۽ الله نظر ڪندڙ آهي ٻانهن تي. ❶ جيڪي چَوَن ٿا اي رب اسان جا

اِنَّنَآ اٰمَنَّا فَاغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَا وَ قِنَا عَذَابَ

اسان ايمان آندو سون پوءِ بخش اسان کي گناهه اسان جا ۽ بچاءِ اسان کي عذاب

النَّارِ ۚ﴿۱۶﴾ اَلصّٰبِرِيْنَ وَ الصّٰدِقِيْنَ وَ الْقٰنِتِيْنَ وَ الْمُنْفِقِيْنَ وَ

باهه جي کان. اهي صبر وارا ۽ سچا ۽ عبادت ڪندڙ ۽ خيرات ڪندڙ آهن ۽

الْمُسْتَغْفِرِيْنَ بِالْاَسْحَارِ ﴿۱۷﴾ شَهِدَ اللّٰهُ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ

گناهه بخشائيندڙ اَسُر ويل. ❷ شاهدي ڏني الله هي ته ناهي ڪو عبادت جي لائق

اِلَّا هُوَ ۙ وَ الْمَلٰٓئِكَةُ وَ اُولُوا الْعِلْمِ قَآئِمًۢا بِالْقِسْطِ ؕ لَآ

سواءِ ان جي ۽ پڻ ملائڪن ۽ علم وارن اهو انصاف وارو آهي، ناهي

اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ؕ﴿۱۸﴾ اِنَّ الدِّيْنَ عِنْدَ اللّٰهِ النّصف

ڪوئي عبادت جي لائق مگر اهو زبردست حڪمت وارو. ❸ بيشڪ دين الله وٽ

الْاِسْلَامُ ۟ وَ مَا اخْتَلَفَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ

اسلام ئي آهي، ۽ نه اختلاف ڪيو انهن جن کي مليو ڪتاب مگر ان کان پوءِ

مَا جَآءَهُمُ الْعِلْمُ بَغْيًۢا بَيْنَهُمْ ؕ وَ مَنْ يَّكْفُرْ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ

جو آيو انهن وٽ علم ضد ڪندي پاڻ ۾، ۽ جيڪو انڪار ڪندو الله جي آيتن جو

فَاِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿۱۹﴾ فَاِنْ حَآجُّوْكَ فَقُلْ

ته بيشڪ الله جلد حساب ڪندڙ آهي. پوءِ جيڪڏهن جهڳڙو ڪن توسان ته تون چئُ

اَسْلَمْتُ وَجْهِيَ لِلّٰهِ وَ مَنِ اتَّبَعَنِ ؕ وَ قُلْ

مون جهڪايو منهن پنهنجو الله لاءِ ۽ انهيءَ به جيڪو تابع ٿيو منهنجو، ۽ چئُ

لِّلَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ وَ الْاُمِّيّٖنَ ءَ اَسْلَمْتُمْ ؕ فَاِنْ

انهن اهل ڪتاب کي ۽ اڻ پڙهيلن کي ڇا توهان اسلام آندو آهي؟ پوءِ جي

ع ۲ ۱۱ ۱۰

أَسْلَمُوْا فَقَدِ اهْتَدَوْا ۚ وَ اِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّمَا عَلَيْكَ

اسلام آندائون تہ هدايت وارا ٿيا، ۽ جيڪڏهن منهن موڙيائون تہ رڳو توتي آهي

الْبَلٰغُ ؕ وَ اللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿۲۰﴾ ع اِنَّ الَّذِيْنَ يَكْفُرُوْنَ

پيغام پهچائڻ، ۽ الله ڏسندڙ آهي ٻانهن کي. بيشڪ جيڪي ڪفر ڪن ٿا

بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَ يَقْتُلُوْنَ النَّبِيّٖنَ بِغَيْرِ حَقٍّ ۙ وَّ يَقْتُلُوْنَ الَّذِيْنَ

الله جي آيتن جو ۽ قتل ڪن ٿا نبين کي نا حق ۽ قتل ڪن ٿا انهن کي

يَاْمُرُوْنَ بِالْقِسْطِ مِنَ النَّاسِ ۙ فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ

جيڪي امر ڪن ٿا انصاف جو ڪي ماڻهو پوءِ خبر ڏاءِ انهنکي عذاب

اَلِيْمٍ ﴿۲۱﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فِي الدُّنْيَا وَ

دردناڪ جي. اِهي اُهي آهن جو بيڪار ٿيا عمل انهن جا دنيا ۽

الْاٰخِرَةِ ۫ وَ مَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿۲۲﴾ اَ لَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ

آخرت ۾ ۽ نہ آهي انهن لاءِ ڪوئي مددگار. ڇا نہ ڏٺوتو انهن ڏانهن

اُوْتُوْا نَصِيْبًا مِّنَ الْكِتٰبِ يُدْعَوْنَ اِلٰى كِتٰبِ اللّٰهِ لِيَحْكُمَ

جنکي مليو ڀاڱو ڪتاب جو سڏجي ٿو انهن کي الله جي ڪتاب ڏانهن تہ فيصلو ڪري

بَيْنَهُمْ ثُمَّ يَتَوَلّٰى فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ وَ هُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿۲۳﴾ ذٰلِكَ

انهن ۾ پوءِ ڦري وڃي ٿو هڪ ٽولو انهن مان ۽ اهي منهن موڙيندڙ آهن. اهو

بِاَنَّهُمْ قَالُوْا لَنْ تَمَسَّنَا النَّارُ اِلَّآ اَيَّامًا مَّعْدُوْدٰتٍ ۪

ان ڪري جو چيائون تہ هرگز نہ پهچندي اسانکي باهہ مگر ڪي ڏينهن ڳاڻوان ①

وَّ غَرَّهُمْ فِيْ دِيْنِهِمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿۲۴﴾ فَكَيْفَ اِذَا

۽ ٺڳيو انهن کي سندن دين ۾ انهيءَ ناهہ ناهڻ. پوءِ ڪيئن ڪندا جڏهن

جَمَعْنٰهُمْ لِيَوْمٍ لَّا رَيْبَ فِيْهِ ۟ وَ وُفِّيَتْ كُلُّ نَفْسٍ

گڏ ڪنداسون کين ان ڏينهن جو ناهي شڪ انهيءَ ۾ ۽ پورو ملندو هر نفس کي

مَا كَسَبَتْ وَ هُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿٢٥﴾ قُلِ اللّٰهُمَّ مٰلِكَ الْمُلْكِ

جيڪي ڪمايائين ۽ اهي ظلم نہ ڪيا ويندا. چؤ اي الله مالڪ ملڪ جا

تُؤْتِي الْمُلْكَ مَنْ تَشَآءُ وَ تَنْزِعُ الْمُلْكَ مِمَّنْ تَشَآءُ ز

تون ڏئين ٿو بادشاهي جنهنکي گهرين ۽ کسين ٿو بادشاهي جنهن کان گهرين،

وَ تُعِزُّ مَنْ تَشَآءُ وَ تُذِلُّ مَنْ تَشَآءُ ط بِيَدِكَ

۽ عزت ڏئين ٿو جنهنکي گهرين ۽ خوارڪرين ٿو جنهنکي گهرين، تنهنجي هٿ ۾ آهي

الْخَيْرُ ط اِنَّكَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٢٦﴾ تُوْلِجُ الَّيْلَ

ڀلائي، بيشڪ تون سڀ شيءِ تي وس وارو آهين. تون داخل ڪرين ٿو رات کي

فِي النَّهَارِ وَ تُوْلِجُ النَّهَارَ فِي الَّيْلِ ز وَ تُخْرِجُ الْحَيَّ

ڏينهن ۾ ۽ داخل ڪرين ٿو ڏينهن کي رات ۾ ۽ ڪڍين ٿو جيئري کي

مِنَ الْمَيِّتِ وَ تُخْرِجُ الْمَيِّتَ مِنَ الْحَيِّ ز وَ تَرْزُقُ مَنْ

مئل کان ۽ ڪڍين ٿو مئل کي جيئري مان ۽ روزي رسائين ٿو جنهنکي

تَشَآءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿٢٧﴾ لَا يَتَّخِذِ الْمُؤْمِنُوْنَ الْكٰفِرِيْنَ اَوْلِيَآءَ

چاهين بي شمار. ١ نہ وٺن مسلمان ڪافرن کي دوست ڪري

مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ ج وَ مَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَلَيْسَ مِنَ اللّٰهِ

مسلمانن کان سواءِ، ۽ جيڪو ڪندو ائين پوءِ ناهي اهو الله کان

فِيْ شَيْءٍ اِلَّآ اَنْ تَتَّقُوْا مِنْهُمْ تُقٰىةً ط ٢ وَ يُحَذِّرُكُمُ اللّٰهُ

ڪنهن شيءِ تي مگر جو ڪيو توهان انهن کان ڪو بچاءُ، ۽ ڊيڄاري ٿو توهانکي الله

نَفْسَهٗ ط وَ اِلَى اللّٰهِ الْمَصِيْرُ ﴿٢٨﴾ قُلْ اِنْ تُخْفُوْا مَا

پاڻ کان، ۽ الله ڏانهن ئي موٽڻ آهي. ٻڌاءِ جيڪڏهن لڪائيندؤ ڪا ڳالهہ

فِيْ صُدُوْرِكُمْ اَوْ تُبْدُوْهُ يَعْلَمْهُ اللّٰهُ ط وَ يَعْلَمُ مَا

پنهنجي اندر جي يا اها ظاهر ڪندؤ تہ ڄاڻي ٿو انکي الله، ۽ ڄاڻي ٿو جيڪي

فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الْاَرْضِ ط وَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٢٩﴾
آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي، ۽ الله هر شيءِ تي قادر آهي.

يَوْمَ تَجِدُ كُلُّ نَفْسٍ مَّا عَمِلَتْ مِنْ خَيْرٍ مُّحْضَرًا ۚ وَّ مَا
جنهن ڏينهن لهندو هر نفس جا ڪيائين ڪا چڱائي پنهنجي آڏو، ۽ جا

عَمِلَتْ مِنْ سُوْءٍ ۚ تَوَدُّ لَوْ اَنَّ بَيْنَهَا وَ بَيْنَهٗٓ
ڪيائين ڪا برائي، چاهيندو جيڪر هجي ها سندس ۽ انهيءَ جي وچ ۾

اَمَدًا بَعِيْدًا ط وَ يُحَذِّرُكُمُ اللّٰهُ نَفْسَهٗ ط وَ اللّٰهُ رَءُوْفٌ
فاصلو پرانهون، ۽ ڊيڄاري ٿو توهان کي الله پاڻ کان، ❶ ۽ الله گهڻو نرمي ڪندڙ آهي

بِالْعِبَادِ ﴿٣٠﴾ ع قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ
ٻانهن تي. چؤ جيڪڏهن توهان سِڪرکو ٿا الله جي پوءِ تابعداري ڪريو منهنجي

يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ وَ يَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ ط وَ اللّٰهُ
ته محبت ڪندو توهان سان الله ۽ معاف ڪندو اوهانکي اوهان جا گناهه، ۽ الله

غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٣١﴾ قُلْ اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ الرَّسُوْلَ ج فَاِنْ تَوَلَّوْا
بخشيندڙ مهربان آهي. چؤ حڪم مڃيو الله ۽ رسول جو، پوءِ جيڪڏهن ڦري ويا

فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٣٢﴾ اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰىٓ اٰدَمَ وَ
ته الله نه ٿو پسند ڪري ڪافرن کي. بيشڪ الله چونڊيو آدم ۽

نُوْحًا وَّ اٰلَ اِبْرٰهِيْمَ وَ اٰلَ عِمْرٰنَ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿٣٣﴾ لا ذُرِّيَّةً
نوح ۽ ابراهيم جي اولاد ۽ عمران جي اولاد کي ❷ ساري جهانن تي. جو اولاد آهن

بَعْضُهَا مِنْ بَعْضٍ ط وَ اللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٣٤﴾ ج اِذْ قَالَتِ
ڪي انهن مان ڪن جي، ۽ الله ٻُڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. جڏهن چيو

امْرَاَتُ عِمْرٰنَ رَبِّ اِنِّيْ نَذَرْتُ لَكَ مَا فِيْ بَطْنِيْ مُحَرَّرًا
عورت عمران جي اي رب مون باسيو آهي تو لئه جو منهنجي پيٽ ۾ آهي نجو ڪري

فَتَقَبَّلْ مِنِّيْ ۚ اِنَّكَ اَنْتَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٣٥﴾ فَلَمَّا وَضَعَتْهَا

پوءِ قبول ڪر مون کان، بيشڪ تون ئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهين. پوءِ جڏهن ڄڻيائين ان کي

قَالَتْ رَبِّ اِنِّيْ وَضَعْتُهَآ اُنْثٰى ؕ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا

چيائين منهنجا رب مون ڄڻي آهي اها ڇوڪري، ۽ الله بهتر ڄاڻندڙ آهي جنهن کي

وَضَعَتْ ؕ وَلَيْسَ الذَّكَرُ كَالْاُنْثٰى ۚ وَاِنِّيْ سَمَّيْتُهَا مَرْيَمَ

ڄڻيائين، ۽ ناهي پُٽ ڌيءُ جهڙو، (١) ۽ مون نالو رکيو ان جو مريم

وَاِنِّيْٓ اُعِيْذُهَا بِكَ وَذُرِّيَّتَهَا مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ﴿٣٦﴾

۽ آءٌ پناهه ونان ٿي ان لاءِ تنهنجي ۽ ان جي اولاد لاءِ شيطان تڙيل کان.

فَتَقَبَّلَهَا رَبُّهَا بِقَبُوْلٍ حَسَنٍ وَّاَنْۢبَتَهَا نَبَاتًا حَسَنًا ۙ وَّ

پوءِ ورتو ان کي سندس رب ونڻ سهڻو ۽ پاليائين انکي پالڻ سنو ۽

كَفَّلَهَا زَكَرِيَّا ۚ كُلَّمَا دَخَلَ عَلَيْهَا زَكَرِيَّا الْمِحْرَابَ ۙ

سنڀاليندڙ ڪيائين ان جو زڪريا، (٢) جڏهن به ايندو هو ان وٽ زڪريا حجري ۾

وَجَدَ عِنْدَهَا رِزْقًا ۚ قَالَ يٰمَرْيَمُ اَنّٰى لَكِ هٰذَا ؕ قَالَتْ

ته لهندو هو ان وٽ رزق، چيائين اي مريم ڪٿان آيو تو لاءِ هيءُ؟ چيائين

هُوَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿٣٧﴾

اهو الله وٽان آهي، بيشڪ الله رزق ڏئي ٿو جنهن کي گهري بي حساب.

هُنَالِكَ دَعَا زَكَرِيَّا رَبَّهٗ ۚ قَالَ رَبِّ هَبْ لِيْ

اُتي ئي دعا گهري زڪريا پنهنجي رب کان، چيائين اي رب ڏي مون کي

مِنْ لَّدُنْكَ ذُرِّيَّةً طَيِّبَةً ۚ اِنَّكَ سَمِيْعُ الدُّعَآءِ ﴿٣٨﴾ فَنَادَتْهُ

پنهنجي طرفان ڪا اولاد چڱي، بيشڪ تون ئي دعا ٻڌندڙ آهين. پوءِ سڏيو انکي

الْمَلٰٓئِكَةُ وَهُوَ قَآئِمٌ يُّصَلِّيْ فِي الْمِحْرَابِ ۙ اَنَّ اللّٰهَ يُبَشِّرُكَ

ملائڪن ۽ ان بيٺي نماز پڙهي حجري ۾ ته الله خوشخبري ٿو ڏئي توکي

بِيَحْيٰى مُصَدِّقًۢا بِكَلِمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ وَ سَيِّدًا وَّ حَصُوْرًا

يحيٰ جي اهو سچو ڪندڙ هوندو امرَ الله جي ڪي ۽ سردار ۽ ستي جتي هوندو

وَّ نَبِيًّا مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٣٩﴾ قَالَ رَبِّ اَنّٰى يَكُوْنُ لِىْ غُلٰمٌ

۽ نبي سڳورو هوندو. چيائين اي رب! ڪيئن ٿيندو مون کي ٻار

وَّ قَدْ بَلَغَنِىَ الْكِبَرُ وَ امْرَاَتِىْ عَاقِرٌ ؕ قَالَ كَذٰلِكَ

هوڏانهن پهتي آهي مون کي ڪراڙپ ۽ منهنجي عورت سَنڍ آهي، فرمايائين ائين ئي

اللّٰهُ يَفْعَلُ مَا يَشَآءُ ﴿٤٠﴾ قَالَ رَبِّ اجْعَلْ لِّىْۤ اٰيَةً ؕ

الله ڪندو آهي جيڪي چاهي.(1) چيائين اي رب! ڪر منهنجي لاءِ ڪا نشاني،

قَالَ اٰيَتُكَ اَلَّا تُكَلِّمَ النَّاسَ ثَلٰثَةَ اَيَّامٍ اِلَّا رَمْزًا ؕ وَ

فرمايائين نشاني اٿيئي ته نه ڳالهائيندين ماڻهن سان ٽي ڏينهن اشاري ذاران(2) ۽

اذْكُرْ رَّبَّكَ كَثِيْرًا وَّ سَبِّحْ بِالْعَشِىِّ وَ الْاِبْكَارِ ﴿٤١﴾ ع

ذڪر ڪر پنهنجي رب جو گهڻو ۽ تسبيح پڙهه شام ۽ صبح جو.

وَ اِذْ قَالَتِ الْمَلٰٓئِكَةُ يٰمَرْيَمُ اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰكِ وَ

۽ (ياد ڪر) جڏهن چيو ملائڪن اي مريم بيشڪ الله چونڊيو توکي ۽

طَهَّرَكِ وَ اصْطَفٰكِ عَلٰى نِسَآءِ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٢﴾ يٰمَرْيَمُ اقْنُتِىْ

پاڪ ڪيو توکي ۽ چونڊيائين توکي عورتن جهان وارين تي. اي مريم! ٻانهپ ڪر

لِرَبِّكِ وَ اسْجُدِىْ وَ ارْكَعِىْ مَعَ الرّٰكِعِيْنَ ﴿٤٣﴾ ذٰلِكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ الْغَيْبِ

پنهنجي رب جي ۽ سجدو ڪر ۽ رڪوع ڪر رڪوع ڪندڙن سان. اِهي ڳالهيون ڳجهه جون آهن

نُوْحِيْهِ اِلَيْكَ ؕ وَ مَا كُنْتَ لَدَيْهِمْ اِذْ يُلْقُوْنَ

موڪليون ٿا اهي توڏانهن، ۽ ڪونه هئين تون انهن وٽ جڏهن وِڌائون ٿي

اَقْلَامَهُمْ اَيُّهُمْ يَكْفُلُ مَرْيَمَ ۪ وَ مَا كُنْتَ لَدَيْهِمْ

پنهنجا قلم ته ڪير انهن مان سنڀالي مريم کي ۽ ڪونه هئين تون انهن وٽ

اِذْ يَخْتَصِمُوْنَ﴿۴۴﴾ اِذْ قَالَتِ الْمَلٰٓئِكَةُ يٰمَرْيَمُ اِنَّ اللّٰهَ

جڏهن جهڳڙو ٿي ڪيائون. (ياد ڪر) جڏهن چيو ملائڪن اي مريم! بيشڪ الله

يُبَشِّرُكِ بِكَلِمَةٍ مِّنْهُ ۖق اسْمُهُ الْمَسِيْحُ عِيْسَى

خوشخبري ڏئي ٿو توکي هڪ امر جي پنهنجي طرفان جنهن جو نالو آهي مسيح عيسىٰ

ابْنُ مَرْيَمَ وَجِيْهًا فِي الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ وَ مِنَ الْمُقَرَّبِيْنَ﴿۴۵﴾ۙ

پُٽ مريم مهاندو مڙس دنيا ۾ ۽ آخرت ۾ ۽ الله کي ويجهو هوندو.

وَ يُكَلِّمُ النَّاسَ فِي الْمَهْدِ وَ كَهْلًا وَّ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ﴿۴۶﴾

۽ ڳالهائيندو ماڻهن سان پينگهي ۾ ۽ ڪرڙو ڏي ٿي ❶ ۽ هوندو ڀلارن مان.

قَالَتْ رَبِّ اَنّٰى يَكُوْنُ لِيْ وَلَدٌ وَّ لَمْ يَمْسَسْنِيْ

چيائين اي رب! ڪيئن ٿيندو مونکي ٻار حالانڪ نہ هٿ لاتو آهي مون کي

بَشَرٌ ؕ قَالَ كَذٰلِكِ اللّٰهُ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ ؕ اِذَا

ڪنهن ماڻهوءَ فرمايائين ائين ئي الله پيدا ڪندو آهي جيڪي چاهي، جڏهن

قَضٰٓى اَمْرًا فَاِنَّمَا يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ﴿۴۷﴾ وَ

فيصلو ڪري ٿو ڪنهن ڪم جو تہ رڳو چوي ٿو انکي ”ٿيءُ“ تہ ٿي پوي ٿو. ۽

يُعَلِّمُهُ الْكِتٰبَ وَ الْحِكْمَةَ وَ التَّوْرٰىةَ وَ الْاِنْجِيْلَ﴿۴۸﴾ۚ وَ

سيکاريندو انکي ڪتاب ۽ دانائي ۽ تورات ۽ انجيل. ۽

رَسُوْلًا اِلٰى بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اَنِّيْ قَدْ جِئْتُكُمْ بِاٰيَةٍ

ڪندو انکي رسول بني اسرائيل ڏانهن، (چوندو) بيشڪ مون آندي توهان لاءِ نشاني

مِّنْ رَّبِّكُمْ ۙ اَنِّيْٓ اَخْلُقُ لَكُمْ مِّنَ الطِّيْنِ كَهَيْـَٔةِ الطَّيْرِ

توهان جي رب کان، تہ آءٌ ناهيندس توهان لاءِ ❷ مٽيءَ مان شڪل پکيءَ جي

فَاَنْفُخُ فِيْهِ فَيَكُوْنُ طَيْرًۢا بِاِذْنِ اللّٰهِ ۚ وَ اُبْرِئُ الْاَكْمَهَ

پوءِ ڦوڪ ڏيندم ان ۾ تہ ٿي پوندو اُڏندڙ الله جي حڪم سان، ۽ چُٽائيندس اندي

وَ الْاَبْرَصَ وَ اُحْيِ الْمَوْتٰى بِاِذْنِ اللّٰهِ ۚ وَ اُنَبِّئُكُمْ

۽ ڪوڙهه واري کي ۽ جياريندس مُئلن کي حڪمَ الله جي سان، ۽ ٻڌائيندس توهان کي

بِمَا تَاْكُلُوْنَ وَ مَا تَدَّخِرُوْنَ ۙ فِيْ بُيُوْتِكُمْ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ

جيڪي کائو ٿا ۽ جيڪي سانڍيو ٿا پنهنجن گهرن ۾، يقينن انهيءَ ۾

لَاٰيَةً لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ۚ ﴿٤٩﴾ وَ مُصَدِّقًا

نشاني آهي توهان لاءِ جيڪڏهن آهيو اوهين ايمان وارا. ۽ سچوچوندڙ

لِّمَا بَيْنَ يَدَيَّ مِنَ التَّوْرٰىةِ وَ لِاُحِلَّ لَكُمْ بَعْضَ

پاڻ کان اڳ ۾ آيل تورات کي ۽ جيئن حلال ڪريان توهان لاءِ ڪي شيون

الَّذِيْ حُرِّمَ عَلَيْكُمْ وَ جِئْتُكُمْ بِاٰيَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ ۫ فَاتَّقُوا

جيڪي حرام هيون توهان تي ۽ آندم توهان وٽ نشاني توهان جي رب کان، پوءِ ڊڄو

اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوْنِ ﴿٥٠﴾ اِنَّ اللّٰهَ رَبِّيْ وَ رَبُّكُمْ

الله کان ۽ فرمانبرداري ڪريو منهنجي. بيشڪ الله منهنجو رب ۽ توهان جو رب آهي

فَاعْبُدُوْهُ ؕ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ ﴿٥١﴾ فَلَمَّآ اَحَسَّ

پوءِ عبادت ڪريو انهيءَ جي، هيءُ رستو سڌو آهي. پوءِ جڏهن محسوس ڪيو

عِيْسٰى مِنْهُمُ الْكُفْرَ قَالَ مَنْ اَنْصَارِيْۤ اِلَى اللّٰهِ ؕ

عيسٰي انهن جو ① ڪفر چيائين ڪير آهن مددڪندڙ منهنجا الله جي راهه ۾؟

قَالَ الْحَوَارِيُّوْنَ نَحْنُ اَنْصَارُ اللّٰهِ ۚ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ ۚ وَ اشْهَدْ

چيو دوستن اسين الله جا سات ڏيندڙ آهيون، ايمان آندو اٿئون الله تي، تون شاهد هُج

بِاَنَّا مُسْلِمُوْنَ ﴿٥٢﴾ رَبَّنَاۤ اٰمَنَّا بِمَاۤ اَنْزَلْتَ وَ

ته اسان فرمانبردار آهيون. اي رب اسان جا اسان مڃيوسون انکي جو تو نازل ڪيو آهي ۽

اتَّبَعْنَا الرَّسُوْلَ فَاكْتُبْنَا مَعَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿٥٣﴾ وَ مَكَرُوْا

تابع ٿياسون رسول جا پوءِ تون لِک اسانکي شاهدن سان گڏ. ۽ سِٽ سٽيائون (ڪافرن)

وَ مَكَرَ اللّٰهُ ؕ وَ اللّٰهُ خَيْرُ الْمٰكِرِيْنَ ﴿۵۴﴾ ع اِذْ قَالَ اللّٰهُ يٰعِيْسٰٓى

۽ الله بہ سِٽ سٽي، ۽ الله پلو سِٽيندڙ آهي. ١ جڏهن فرمايو الله اي عيسىٰ

اِنِّىْ مُتَوَفِّيْكَ وَ رَافِعُكَ اِلَىَّ وَ مُطَهِّرُكَ

بيشڪ آءٌ تنهنجو پورو ڪندڙ ۽ ٢ ڪٽندڙ آهيان توکي پاڻ ڏانهن ۽ توکي پاڪ ڪندڙ آهيان

مِنَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ جَاعِلُ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْكَ

انهن کان جن ڪفر ڪيو ۽ ڪندڙ آهيان انهن کي جن تابعداري ڪئي تنهنجي

فَوْقَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ ۚ ثُمَّ اِلَىَّ مَرْجِعُكُمْ

مٿانهون ڪافرن کان قيامت جي ڏينهن تائين، ٣ پوءِ مون ڏانهن آهي موٽڻ توهان جو

فَاَحْكُمُ بَيْنَكُمْ فِيْمَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿۵۵﴾ فَاَمَّا الَّذِيْنَ

پوءِ فيصلو ڪندس توهان ۾ ان جو جنهن ۾ توهان جهڳڙو ڪندا هئا. پوءِ جيڪي

كَفَرُوْا فَاُعَذِّبُهُمْ عَذَابًا شَدِيْدًا فِى الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ ۫

ڪافر ٿيا تہ عذاب ڪندس انهنکي عذاب ڏاڍو دنيا ۾ ۽ آخرت ۾

وَ مَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿۵۶﴾ وَ اَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا

۽ ناهي انهن لاءِ ڪوئي مددگار. ۽ باقي جن ايمان آندو ۽ ڪيائون

الصّٰلِحٰتِ فَيُوَفِّيْهِمْ اُجُوْرَهُمْ ؕ وَ اللّٰهُ لَا يُحِبُّ

چڱا ڪم تہ پورو ڪري ڏيندو انهنکي سندن اجورو، ۽ الله نہ ٿو پسند ڪري

الظّٰلِمِيْنَ ﴿۵۷﴾ ذٰلِكَ نَتْلُوْهُ عَلَيْكَ مِنَ الْاٰيٰتِ وَ الذِّكْرِ

ظالمن کي. اِهي پڙهي ٻُڌايون ٿا توکي آيتون ۽ قرآن

الْحَكِيْمِ ﴿۵۸﴾ اِنَّ مَثَلَ عِيْسٰى عِنْدَ اللّٰهِ كَمَثَلِ اٰدَمَ ؕ خَلَقَهٗ

حڪمت وارو. بيشڪ مثال عيسىٰ جو الله وٽ اِئين آهي جيئن آدم ۾ ٤ ناهيائين انکي

مِنْ تُرَابٍ ثُمَّ قَالَ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿۵۹﴾ اَلْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ

مٽيءَ مان پوءِ چيائين انکي "ٿيءُ" تہ ٿي پيو. اهو حق آهي تنهنجي رب کان

فَلَا تَكُنْ مِّنَ الْمُمْتَرِيْنَ ﴿٦٠﴾ فَمَنْ حَآجَّكَ فِيْهِ مِنْ بَعْدِ

پوءِ نہ ٿيءُ تون شڪ ڪندڙن مان. پوءِ جيڪو جهڳڙو ڪري توسان ان ڳالهہ ۾ هن کان بعد

مَا جَآءَكَ مِنَ الْعِلْمِ فَقُلْ تَعَالَوْا نَدْعُ اَبْنَآءَنَا وَ

جو آيو تو وٽ علم پوءِ تون چوينِ اچو تہ سڏيون اسان پنهنجا پٽ ۽

اَبْنَآءَكُمْ وَ نِسَآءَنَا وَ نِسَآءَكُمْ وَ اَنْفُسَنَا وَ

توهان پنهنجا پٽ ۽ اسين پنهنجون زالون ۽ اوهين پنهنجون زالون ۽ اسان پنهنجو پاڻ ۽

اَنْفُسَكُمْ قف ثُمَّ نَبْتَهِلْ فَنَجْعَلْ لَّعْنَتَ اللّٰهِ عَلَى الْكٰذِبِيْنَ ﴿٦١﴾

توهان پنهنجو پاڻ، پوءِ گهرون دعا پوءِ ڪريون لعنت اللّٰه جي ڪوڙ هٽندڙن تي. ❶

اِنَّ هٰذَا لَهُوَ الْقَصَصُ الْحَقُّ ج وَ مَا مِنْ اِلٰهٍ اِلَّا

بيشڪ اهو ئي آهي بيان سچو، ۽ ناهي ڪوئي عبادت جهڙو سواءِ

اللّٰهُ ط وَ اِنَّ اللّٰهَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٦٢﴾ فَاِنْ تَوَلَّوْا

اللّٰه جي، ۽ بيشڪ اللّٰه ئي زبردست آهي داناءُ آهي. پوءِ جيڪڏهن نہ مڃينِ

فَاِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ بِالْمُفْسِدِيْنَ ﴿٦٣﴾ ع قُلْ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ تَعَالَوْا

تہ يقينن اللّٰه ڄاڻندڙ آهي فسادڪندڙن ڪي. چؤ اي اهل ڪتاب! اچو

اِلٰى كَلِمَةٍ سَوَآءٍ بَيْنَنَا وَ بَيْنَكُمْ اَلَّا نَعْبُدَ

هڪ ڳالهہ ڏي جا هڪ جهڙي آهي اسان ۽ توهان جي وچ ۾ تہ نہ عبادت ڪريون ڪنهن جي

اِلَّا اللّٰهَ وَ لَا نُشْرِكَ بِهٖ شَيْــًٔا وَّ لَا يَتَّخِذَ بَعْضُنَا

سواءِ اللّٰه جي ۽ نہ شريڪ ڪريون انهيءَ سان ڪنهن کي ❷ ۽ نہ بڻائي ڪوئي اسان مان

بَعْضًا اَرْبَابًا مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ ط فَاِنْ تَوَلَّوْا فَقُوْلُوا

ڪنهن کي مالڪ اللّٰه کان سواءِ، پوءِ جيڪڏهن ڦري وڃن پوءِ توهان چئو،

اشْهَدُوْا بِاَنَّا مُسْلِمُوْنَ ﴿٦٤﴾ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ لِمَ تُحَآجُّوْنَ

شاهد هجو تہ اسان مسلمان آهيون. اي اهل ڪتاب! ڇو ٿا جهڳڙو ڪريو

فِيْٓ اِبْرٰهِيْمَ وَ مَآ اُنْزِلَتِ التَّوْرٰىةُ وَ الْاِنْجِيْلُ اِلَّا مِنْۢ بَعْدِهٖ ؕ
ابراهيم ۾ حالانڪ نه نازل ٿيو هو توراة ۽ انجيل مگر انهيءَ ڪان پوءِ ❶
اَ فَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿۶۵﴾ هٰٓاَنْتُمْ هٰٓؤُلَآءِ حَاجَجْتُمْ فِيْمَا
ڇا پوءِ نه ٿا سمجهو. اجهو توهان اُهي آهيو جو جهڳڙو ڪيو اٿوَ ان ۾
لَكُمْ بِهٖ عِلْمٌ فَلِمَ تُحَآجُّوْنَ فِيْمَا لَيْسَ لَكُمْ بِهٖ
جنهن جو توهان کي آهي علم پوءِ ڇو ٿا جهڳڙو ڪريو ان ۾ جو ناهي توهان کي ان جي
عِلْمٌ ؕ وَ اللّٰهُ يَعْلَمُ وَ اَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۶۶﴾ مَا كَانَ اِبْرٰهِيْمُ
ڪا خبر، ۽ الله ڄاڻي ٿو ۽ توهان نه ٿا ڄاڻو. نه هئو ابراهيم
يَهُوْدِيًّا وَّ لَا نَصْرَانِيًّا وَّلٰكِنْ كَانَ حَنِيْفًا مُّسْلِمًا ؕ وَ مَا
يهودي ۽ نڪو نصارو پر هئو هڪ طرفو مسلمان، ۽ نه هئو
كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿۶۷﴾ اِنَّ اَوْلَى النَّاسِ بِاِبْرٰهِيْمَ لَلَّذِيْنَ
اهو مشرڪن مان. بيشڪ زور ويجها ماڻهن ۾ ابراهيم کي اهي آهن
اتَّبَعُوْهُ وَ هٰذَا النَّبِيُّ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ؕ وَ اللّٰهُ وَلِيُّ
جن پيروي ڪئي ان جي ۽ هيءُ نبي ۽ جن ايمان آندو، ۽ الله دوست آهي
الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۶۸﴾ وَدَّتْ طَّآئِفَةٌ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ لَوْ يُضِلُّوْنَكُمْ ؕ
مومنن جو. ❷ گهريو هڪ ٽولي اهل ڪتاب مان ته جيڪر گمراهه ڪن توهان کي،
وَ مَا يُضِلُّوْنَ اِلَّآ اَنْفُسَهُمْ وَ مَا يَشْعُرُوْنَ ﴿۶۹﴾ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ
۽ نه ٿا گمراهه ڪن مگر پاڻ کي ۽ نه ٿا سمجهن. اي اهل ڪتاب!
لِمَ تَكْفُرُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَ اَنْتُمْ تَشْهَدُوْنَ ﴿۷۰﴾ يٰٓاَهْلَ
ڇالاءِ انڪار ٿا ڪريو الله جي آيتن جو هوڏانهن اوهان شاهد آهيو. اي اهل
الْكِتٰبِ لِمَ تَلْبِسُوْنَ الْحَقَّ بِالْبَاطِلِ وَ تَكْتُمُوْنَ الْحَقَّ وَ
ڪتاب! ڇو ٿا ملايو سچ کي ڪوڙ سان ۽ لڪايو ٿا حق کي حالانڪ

ع ٧ ٨ ١٥

اَنۡتُمۡ تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۷۱﴾ وَ قَالَتۡ طَّآئِفَۃٌ مِّنۡ اَهۡلِ الۡکِتٰبِ اٰمِنُوۡا

توهان ڄاڻو ٿا. ۽ چيو هڪ ٽولي اهل ڪتاب جي تہ مڃيو

بِالَّذِیۡۤ اُنۡزِلَ عَلَی الَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا وَجۡهَ النَّهَارِ

ان کي جو نازل ڪيو ويو مسلمانن تي اڳياڙي ڏينهن جي ۾

وَ اکۡفُرُوۡۤا اٰخِرَهٗ لَعَلَّهُمۡ یَرۡجِعُوۡنَ ﴿ۚ۷۲﴾ وَ لَا تُؤۡمِنُوۡۤا

۽ انڪار ڪريو انجي پوياڙي ۾ من اهي ڦري وڃن. ❶ ۽ نہ مڃيو

اِلَّا لِمَنۡ تَبِعَ دِیۡنَکُمۡ ؕ قُلۡ اِنَّ الۡهُدٰی هُدَی

مگر انکي جيڪو هلي توهانجي دين تي، چئو بيشڪ هدايت آهي هدايت

اللّٰهِ ۙ اَنۡ یُّؤۡتٰۤی اَحَدٌ مِّثۡلَ مَاۤ اُوۡتِیۡتُمۡ اَوۡ

الله جي (چيائون پت نہ ڪجو) تہ ملندو ڪنهنکي اهڙو دين جهڙو مليو اوهان کي يا

یُحَآجُّوۡکُمۡ عِنۡدَ رَبِّکُمۡ ؕ قُلۡ اِنَّ الۡفَضۡلَ بِیَدِ اللّٰهِ ۚ

اهي جوابدار ڪندا توهانکي توهانجي خداوند، چئو بيشڪ پلائي الله جي هٿ آهي،

یُؤۡتِیۡهِ مَنۡ یَّشَآءُ ؕ وَ اللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِیۡمٌ ﴿ۚۙ۷۳﴾ یَّخۡتَصُّ

ڏئي ٿو اها جنهن کي گهري، ❷ ۽ الله ڪشادگي ڪندڙ ڄاڻندڙ آهي. خاصُ ڪري ٿو

بِرَحۡمَتِهٖ مَنۡ یَّشَآءُ ؕ وَ اللّٰهُ ذُو الۡفَضۡلِ الۡعَظِیۡمِ ﴿۷۴﴾

پنهنجي رحمت سان جنهن کي گهري، ۽ الله وڏي مهرباني وارو آهي.

وَ مِنۡ اَهۡلِ الۡکِتٰبِ مَنۡ اِنۡ تَاۡمَنۡهُ

۽ اهل ڪتاب مان ڪو اهڙو آهي جو جيڪڏهن امانت رکندين ان وٽ

بِقِنۡطَارٍ یُّؤَدِّهٖۤ اِلَیۡکَ ۚ وَ مِنۡهُمۡ مَّنۡ اِنۡ

گهڻو مال ❸ تہ واپس ڪندو توڏانهن، ۽ انهن مان ڪو اهڙو آهي جيڪڏهن

تَاۡمَنۡهُ بِدِیۡنَارٍ لَّا یُؤَدِّهٖۤ اِلَیۡکَ اِلَّا مَا

امانت رکندين ان وٽ هڪ اشرفي تہ نہ موٽائي ڏيندو اها توکي مگر جيستائين

دُمْتَ عَلَيْهِ قَآئِمًا ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَالُوْا لَيْسَ عَلَيْنَا

ٽئين ان مٿان پڪو بيهندڙ، اهو هن ڪري جو چيائون ناهي اسان تي

فِي الْاُمِّيّٖنَ سَبِيْلٌ وَ يَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ وَ

اڻ پڙهيلن جي حق ۾ ڪا پڪڙ، ۽ هٽن ٿا الله تي ڪوڙ حالانڪ

هُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿۷۵﴾ بَلٰى مَنْ اَوْفٰى بِعَهْدِهٖ وَ اتَّقٰى فَاِنَّ

اهي ڄاڻن ٿا. هائو جنهن پاڙيو پنهنجو انجام ۽ ڊنو پوءِ بيشڪ

اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَّقِيْنَ ﴿۷۶﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يَشْتَرُوْنَ

الله دوست رکي ٿو پرهيزگارن کي. بيشڪ جيڪي وٺن ٿا

بِعَهْدِ اللّٰهِ وَ اَيْمَانِهِمْ ثَمَنًا قَلِيْلًا اُولٰٓئِكَ لَا خَلَاقَ

الله جي وعدي تي ۽ پنهنجي قسمن تي رقم ٿوري ① اهي ماڻهو، ناهي ڪوئي ڀاڱو

لَهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ وَ لَا يُكَلِّمُهُمُ اللّٰهُ وَ لَا يَنْظُرُ

انهن لاءِ آخرت ۾ ۽ نه ڳالهائيندو انهن سان الله ۽ نڪي نگاهه ڪندو

اِلَيْهِمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَ لَا يُزَكِّيْهِمْ ص وَ لَهُمْ عَذَابٌ

انهن ڏانهن قيامت ڏينهن ۽ نڪي پاڪ ڪندو انهن کي ۽ انهن لاءِ عذاب

اَلِيْمٌ ﴿۷۷﴾ وَ اِنَّ مِنْهُمْ لَفَرِيْقًا يَّلْوٗنَ اَلْسِنَتَهُمْ

ڏکوئيندڙ آهي. ۽ بيشڪ انهن مان هڪ ٽولو آهي جي مروڙن ٿا پنهنجون زبانون

بِالْكِتٰبِ لِتَحْسَبُوْهُ مِنَ الْكِتٰبِ وَ مَا هُوَ

ڪتاب سان جيئن ڀانيو توهان انهيءَ کي ڪتاب مان حالانڪ نه آهي اهو

مِنَ الْكِتٰبِ ج وَ يَقُوْلُوْنَ هُوَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ وَ مَا

ڪتاب مان، ۽ چون ٿا اهو طرفان الله جي آهي حالانڪ ناهي

هُوَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ج وَ يَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ وَ هُمْ

اهو الله جي طرفان، ۽ هٽن ٿا الله تي ڪوڙ حالانڪ اهي

يَعْلَمُوْنَ ﴿٧٨﴾ مَا كَانَ لِبَشَرٍ اَنْ يُّؤْتِيَهُ اللّٰهُ الْكِتٰبَ

جاڻن ٿا. نہ آهي جائز ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ جنهنکي ڏئي الله ڪتاب

وَ الْحُكْمَ وَ النُّبُوَّةَ ثُمَّ يَقُوْلَ لِلنَّاسِ كُوْنُوْا عِبَادًا

۽ دانش ۽ نبوت پوءِ اهو چوي ماڻهن کي تہ ٿيو ٻانها

لِّيْ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَ لٰكِنْ كُوْنُوْا رَبّٰنِيّٖنَ بِمَا كُنْتُمْ

منهنجا ❶ الله کي ڇڏي پر چوندو تہ ٿيو الله وارا هنڪري جو توهان

تُعَلِّمُوْنَ الْكِتٰبَ وَ بِمَا كُنْتُمْ تَدْرُسُوْنَ ﴿٧٩﴾ لا وَ

پڙهائيندا آهيو ڪتاب ۽ هنڪري جو توهان پڙهندا آهيو. ۽

لَا يَاْمُرَكُمْ اَنْ تَتَّخِذُوا الْمَلٰٓئِكَةَ وَ النَّبِيّٖنَ

نڪي حڪم ڪندو توهان کي تہ بڻايو ملائڪن کي ۽ نبين کي

اَرْبَابًا ؕ اَ يَاْمُرُكُمْ بِالْكُفْرِ بَعْدَ اِذْ اَنْتُمْ

پاليندڙ چا اهو چوندو توهان کي ڪفر لاءِ هن کان پوءِ جو توهان

ع ٨ ٩ ٦

مُّسْلِمُوْنَ ﴿٨٠﴾ ع وَ اِذْ اَخَذَ اللّٰهُ مِيْثَاقَ النَّبِيّٖنَ

مسلمان ٿيا آهيو. ۽ ياد ڪر جڏهن ورتو الله انجام نبين کان

لَمَآ اٰتَيْتُكُمْ مِّنْ كِتٰبٍ وَّ حِكْمَةٍ ثُمَّ جَآءَكُمْ

تہ جڏهن ڏيندس توهانکي ڪتاب ۽ علم پوءِ اچي توهان وٽ

رَسُوْلٌ مُّصَدِّقٌ لِّمَا مَعَكُمْ لَتُؤْمِنُنَّ

ڪو رسول تصديق ڪندڙ ان جي جيڪو توهان وٽ آهي تہ ضرور ايمان آڻيندؤ

بِهٖ وَ لَتَنْصُرُنَّهٗ ؕ قَالَ ءَ اَقْرَرْتُمْ

ان تي ۽ ضرور مدد ڪندؤ انهيءَ جي، فرمايائين چا توهان اقرار ڪيو ٿا

وَ اَخَذْتُمْ عَلٰى ذٰلِكُمْ اِصْرِيْ ؕ قَالُوْٓا اَقْرَرْنَا ؕ قَالَ

۽ کڻو ٿا انهيءَ تي منهنجو بار، چيائون اقرار ڪيوسون، فرمايائين

فَاشْهَدُوْا وَ اَنَا مَعَكُمْ مِّنَ الشّٰهِدِيْنَ﴿۸۱﴾ فَمَنْ
شاهد هجو ۽ آءٌ توهان سان گڏ شاهدن مان آهيان. پوءِ جيڪي

تَوَلّٰى بَعْدَ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ﴿۸۲﴾ اَ فَغَيْرَ
ڦرندا انهيءَ کان بعد تہ اهي ئي بي فرمان آهن. ڇا پوءِ ڪو ٻيو دين

دِيْنِ اللّٰهِ يَبْغُوْنَ وَ لَهٗٓ اَسْلَمَ مَنْ
الله جي دين کان سواءِ گهرن ٿا حالانڪ انهيءَ لاءِ جهڪيا آهن جيڪي

فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ طَوْعًا وَّ كَرْهًا وَّ اِلَيْهِ
آسمانن ۽ زمين ۾ آهن خوشيءَ ۽ ناخوشيءَ ❶ ۽ انهيءَ ڏانهن

يُرْجَعُوْنَ﴿۸۳﴾ قُلْ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَ مَآ اُنْزِلَ عَلَيْنَا
موٽايا ويندا. تون چؤ اسان ايمان آندو آهي الله تي ۽ ان تي جو لاٿو ويو اسان تي

وَ مَآ اُنْزِلَ عَلٰٓى اِبْرٰهِيْمَ وَ اِسْمٰعِيْلَ وَ اِسْحٰقَ وَ
۽ جيڪو لاٿو ويو ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق ۽

يَعْقُوْبَ وَ الْاَسْبَاطِ وَ مَآ اُوْتِيَ مُوْسٰى وَ عِيْسٰى وَ
يعقوب ۽ ان جي اولاد تي ۽ جيڪي مليو موسٰي ۽ عيسٰي ۽

النَّبِيُّوْنَ مِنْ رَّبِّهِمْ ۪ لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْهُمْ ۫ وَ
نبين کي سندن پروردگار کان اسان نٿا سنڌو ڪريون انهن مان ڪنهن جي وچ ۾ ۽

نَحْنُ لَهٗ مُسْلِمُوْنَ﴿۸۴﴾ وَ مَنْ يَّبْتَغِ غَيْرَ الْاِسْلَامِ
اسان انهيءَ جائي مجيندڙ آهيون. ❷ ۽ جيڪو طلب ڪندو سواءِ اسلام جي

دِيْنًا فَلَنْ يُّقْبَلَ مِنْهُ ۚ وَ هُوَ فِي الْاٰخِرَةِ
ڪو بہ دين پوءِ هرگز نہ قبول ڪيو ويندو انهيءَ کان، ۽ اهو آخرت ۾

مِنَ الْخٰسِرِيْنَ﴿۸۵﴾ كَيْفَ يَهْدِي اللّٰهُ قَوْمًا كَفَرُوْا
نقصان وارن مان آهي. ڪيئن هدايت ڪندو الله اهڙي قوم کي جن ڪفر ڪيو

بَعْدَ اِيْمَانِهِمْ وَ شَهِدُوْٓا اَنَّ الرَّسُوْلَ حَقٌّ وَّ جَآءَهُمُ
ايمان آڻڻ کان پوءِ ❶ ۽ شاهدي ڏنائون تہ اهو رسول سچو آهي ۽ آيا انهن وٽ
الْبَيِّنٰتُ ط وَ اللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٨٦﴾ اُولٰٓئِكَ
معجزا، ۽ الله نہ ٿو هدايت ڪري ظالم قوم کي. اهي ئي
جَزَآؤُهُمْ اَنَّ عَلَيْهِمْ لَعْنَةَ اللّٰهِ وَ الْمَلٰٓئِكَةِ وَ
سزا انهن جي آهي تہ پوندي انهن تي ڦٽڪار الله جي ۽ ملائڪن ❷ ۽
النَّاسِ اَجْمَعِيْنَ ﴿٨٧﴾ لا خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ج لَا يُخَفَّفُ عَنْهُمُ
ماڻهن سيني جي. هميشہ رهندا ان ۾، نہ هلڪو ڪيو ويندو انهن کان
الْعَذَابُ وَ لَا هُمْ يُنْظَرُوْنَ ﴿٨٨﴾ لا اِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا
عذاب ۽ نڪي اهي مهلت ڏنا ويندا. مگر جن توبهہ ڪئي
مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ وَ اَصْلَحُوْا قف فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٨٩﴾
ان کان پوءِ ۽ چڱا ڪم ڪيائون، پوءِ بيشڪ الله بخشڻھار مھربان آهي.
اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بَعْدَ اِيْمَانِهِمْ ثُمَّ ازْدَادُوْا كُفْرًا لَّنْ
بيشڪ جن ڪفر ڪيو ايمان آڻڻ کان پوءِ وري وڌيا ڪفر ۾ تہ هرگز نہ
تُقْبَلَ تَوْبَتُهُمْ ج وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الضَّآلُّوْنَ ﴿٩٠﴾ اِنَّ
قبول ڪئي ويندي ❸ توبهہ انهن جي، ۽ اهي ئي گمراهہ آهن. بيشڪ
الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ مَاتُوْا وَ هُمْ كُفَّارٌ فَلَنْ يُّقْبَلَ
جن ڪفر ڪيو ۽ مري ويا ڪفر جي حالت ۾ پوءِ هرگز نہ قبول ڪئي ويندي
مِنْ اَحَدِهِمْ مِّلْءُ الْاَرْضِ ذَهَبًا وَّلَوِ افْتَدٰى بِهٖ ط
انهن مان ڪنهن بہ هڪڙي کان پريل زمين سون جي جيتوڻيڪ عوض ۾ ڏئي انکي،
اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ وَّ مَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿٩١﴾ ع
اِهي اُهي آهن جن لاءِ عذاب ڏکوئيندڙ آهي ۽ ناهي انهن جو ڪوئي مددگار.

ع ٩ ١١ ١٧

الجزءُ الرابع - ٤

لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰى تُنْفِقُوْا مِمَّا تُحِبُّوْنَ ۬ؕ وَ مَا
هرگز نہ حاصل ڪندؤ ڀلائي کي تان جو خرچ ڪريو پنهنجي پياري شيءِ مان، ❶ ۽ جا بہ

تُنْفِقُوْا مِنْ شَیْءٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِیْمٌ ﴿۹۲﴾ كُلُّ الطَّعَامِ كَانَ
خرچ ڪندؤ ڪا شيءِ پوءِ الله انکي ڄاڻندڙ آهي. هر کاڌو هئو

حِلًّا لِّبَنِیْۤ اِسْرَآءِیْلَ اِلَّا مَا حَرَّمَ اِسْرَآءِیْلُ عَلٰى نَفْسِهٖ
حلال بني اسرائيل لاءِ مگر اهو جنهنکي حرام ڪيو يعقوب پنهنجي نفس تي

مِنْ قَبْلِ اَنْ تُنَزَّلَ التَّوْرٰىةُ ؕ قُلْ فَاْتُوْا بِالتَّوْرٰىةِ فَاتْلُوْهَاۤ
اڳي نازل ٿيڻ توراتَ کان، تون چؤ آڻيو توراتَ کي پوءِ پڙهي ٻڌايو اهو

اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِیْنَ ﴿۹۳﴾ فَمَنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ
جيڪڏهن آهيو سچا. ❷ پوءِ جنهن ناهيو الله تي ڪوڙ

مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ فَاُولٰٓىِٕكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿۹۴﴾ قُلْ صَدَقَ اللّٰهُ ۫قف
انهيءَ کان بعد پوءِ اهي ئي ظالم آهن. چؤ سچ فرمايو الله،

فَاتَّبِعُوْا مِلَّةَ اِبْرٰهِیْمَ حَنِیْفًا ؕ وَ مَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِیْنَ ﴿۹۵﴾
پوءِ تابع ٿيو دين ابراهيم کي جو هڪطرفو هو، ۽ نہ هئو شرڪ ڪندڙن مان.

اِنَّ اَوَّلَ بَیْتٍ وُّضِعَ لِلنَّاسِ لَلَّذِیْ بِبَكَّةَ مُبٰرَكًا وَّ
يقينن پهريون گهر جو رکيو ويو ماڻهن لاءِ اهو آهي مڪي ۾ برڪت وارو ۽

هُدًى لِّلْعٰلَمِیْنَ ﴿۹۶﴾ ۚ فِیْهِ اٰیٰتٌۢ بَیِّنٰتٌ مَّقَامُ اِبْرٰهِیْمَ ۬ۚ وَ
هدايت جهان وارن لاءِ. ان ۾ نشانيون آهن ظاهر (جهڙوڪ) مقام ابراهيم ❸ ۽

مَنْ دَخَلَهٗ كَانَ اٰمِنًا ؕ وَ لِلّٰهِ عَلَى النَّاسِ حِجُّ الْبَیْتِ
جيڪو اندر اندو ان ۾ ٿيندو امن وارو، ۽ الله لاءِ آهي ماڻهن تي حج ڪرڻ بيت الله جو

مَنِ اسْتَطَاعَ اِلَیْهِ سَبِیْلًا ؕ وَ مَنْ كَفَرَ فَاِنَّ اللّٰهَ
جيڪو طاقت رکي ان تائين رستي جي، ۽ جنهن انڪار ڪيو پوءِ بيشڪ الله

وقف جبريل عليه السلام

غَنِيٌّ عَنِ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٩٧﴾ قُلْ يٰاَهْلَ الْكِتٰبِ لِمَ تَكْفُرُوْنَ
بي پرواهہ آهي جهان وارن کان. چؤ اي اهل ڪتاب! ڇو تا انڪار ڪريو

بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ۖ وَ اللّٰهُ شَهِيْدٌ عَلٰى مَا تَعْمَلُوْنَ ﴿٩٨﴾ قُلْ يٰاَهْلَ
الله جي آيتن جو حالانڪ الله شاهد آهي ان تي جيڪي ڪريو ٿا. چؤ اي اهل

الْكِتٰبِ لِمَ تَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ مَنْ اٰمَنَ تَبْغُوْنَهَا
ڪتاب! ❶ ڇو تا روڪيو الله جي رستي کان انهنڪي جن ايمان آندو ڳوليو ٿا ان ۾

عِوَجًا وَّ اَنْتُمْ شُهَدَآءُ ؕ وَ مَا اللّٰهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٩٩﴾ يٰاَيُّهَا
عيب ۽ توهان شاهد آهيو، ۽ ناهي الله بي خبر توهان جي عملن کان. اي اهي

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنْ تُطِيْعُوْا فَرِيْقًا مِّنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا
جن ايمان آندو! جيڪڏهن چيو مڃيندؤ ڪنهن ٽولي جو انهن مان جنکي ڏنو ويو

الْكِتٰبَ يَرُدُّوْكُمْ بَعْدَ اِيْمَانِكُمْ كٰفِرِيْنَ ﴿١٠٠﴾ وَ كَيْفَ تَكْفُرُوْنَ
ڪتاب تہ موٽائيندا توهانکي ايمان کان پوءِ ڪافر ڪري. ۽ ڪيئن تا ڪفر ڪريو

وَ اَنْتُمْ تُتْلٰى عَلَيْكُمْ اٰيٰتُ اللّٰهِ وَ فِيْكُمْ رَسُوْلُهٗ ؕ
هوڏانهن پڙهجن ٿيون توهان تي آيتون الله جون ۽ توهان ۾ آهي رسول انجو،

وَ مَنْ يَّعْتَصِمْ بِاللّٰهِ فَقَدْ هُدِيَ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿١٠١﴾ ع
۽ جيڪو چنبڙندو الله کي پوءِ اهو هدايت وارو ٿيو رستي سڌي ڏانهن.

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ حَقَّ تُقٰتِهٖ وَ لَا تَمُوْتُنَّ اِلَّا
اي ايمان وارو! ڊڄو الله کان جهڙو ڊڄڻ گهرجي انکان ۽ نہ مَرجو مگر

وَاَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿١٠٢﴾ وَ اعْتَصِمُوْا بِحَبْلِ اللّٰهِ جَمِيْعًا وَّ لَا
توهان مسلمان هجو. ۽ چنبڙو رسيءَ الله جي کي گڏجي ۽ نہ

تَفَرَّقُوْا ۠ وَ اذْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ كُنْتُمْ اَعْدَآءً
ڌار ڌار ٿيو ❷ ۽ ياد ڪريو احسان الله جو پنهنجي مٿان جڏهن توهان هئا پاڻ ۾ دشمن

فَاَلَّفَ بَيۡنَ قُلُوۡبِكُمۡ فَاَصۡبَحۡتُمۡ بِنِعۡمَتِهٖۤ اِخۡوَانًا ۚ

پوءِ جوڙ پيدا ڪيائين توهانجي دلين ۾ پوءِ ٿي پيا اوهين ان جي مهرباني سان ڀائر، ❶

وَ كُنۡتُمۡ عَلٰى شَفَا حُفۡرَةٍ مِّنَ النَّارِ فَاَنۡقَذَكُمۡ مِّنۡهَا ؕ

۽ توهان هئا ڪناري ڪڏ باهه جي تي پوءِ بچايائين توهان کي انهيءَ کان،

كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمۡ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمۡ تَهۡتَدُوۡنَ ﴿١٠٣﴾ وَ

اهڙي طرح ٻڌائي ٿو الله توهانکي پنهنجون آيتون جيئن توهان هدايت وارا ٿيو. ۽

لۡتَكُنۡ مِّنۡكُمۡ اُمَّةٌ يَّدۡعُوۡنَ اِلَى الۡخَيۡرِ وَ يَاۡمُرُوۡنَ

ڀل تہ هجي توهان مان هڪ اهڙي جماعت جو سڏين نيڪي ڏانهن ۽ حڪم ڪن

بِالۡمَعۡرُوۡفِ وَ يَنۡهَوۡنَ عَنِ الۡمُنۡكَرِ ؕ وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الۡمُفۡلِحُوۡنَ ﴿١٠٤﴾

چڱن ڪمن جو ۽ روڪين بڇڙائي کان، ۽ اهي ئي آهن ڪامياب. ❷

وَ لَا تَكُوۡنُوۡا كَالَّذِيۡنَ تَفَرَّقُوۡا وَ اخۡتَلَفُوۡا مِنۡۢ بَعۡدِ مَا

۽ نہ ٿجو انهن وانگر جيڪي ڌار ٿي ويا ۽ اختلاف ڪيائون ان کان پوءِ جو

جَآءَهُمُ الۡبَيِّنٰتُ ؕ وَ اُولٰٓئِكَ لَهُمۡ عَذَابٌ عَظِيۡمٌ ﴿١٠٥﴾ ۙ يَّوۡمَ

آيا انهن وٽ چٽا دليل، ۽ اهي ئي آهن جن لاءِ آهي عذاب وڏو. ❸ جنهن ڏينهن

تَبۡيَضُّ وُجُوۡهٌ وَّ تَسۡوَدُّ وُجُوۡهٌ ۚ فَاَمَّا الَّذِيۡنَ اسۡوَدَّتۡ وُجُوۡهُهُمۡ قف

سفيد ٿيندا ڪي منهن ۽ ڪارا ٿيندا ڪي منهن، پوءِ اهي ماڻهو جن جا ڪارا ٿيا منهن،

اَ كَفَرۡتُمۡ بَعۡدَ اِيۡمَانِكُمۡ فَذُوۡقُوا الۡعَذَابَ

(ڪين چئبو) ڇا توهان ڪفر ڪيو پنهنجي ايمان کان پوءِ، پوءِ چکو عذاب کي

بِمَا كُنۡتُمۡ تَكۡفُرُوۡنَ ﴿١٠٦﴾ وَ اَمَّا الَّذِيۡنَ ابۡيَضَّتۡ وُجُوۡهُهُمۡ

هن ڪري جو توهان ڪفر ڪندا هئا. ۽ اهي ماڻهو جو روشن ٿيا انهن جا منهن

فَفِيۡ رَحۡمَةِ اللّٰهِ ؕ هُمۡ فِيۡهَا خٰلِدُوۡنَ ﴿١٠٧﴾ تِلۡكَ اٰيٰتُ اللّٰهِ

سي الله جي رحمت ۾ هوندا، اهي ان ۾ هميشہ رهندا. اِهي آيتون الله جون آهن

نَتْلُوْهَا عَلَيْكَ بِالْحَقِّ ؕ وَ مَا اللّٰهُ يُرِيْدُ ظُلْمًا لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۰۸﴾
جن کي پڙهون ٿا توتي اظهار حق لاءِ ۽ الله نه ٿو ارادو ڪري ظلم جو جهان وارن تي.

وَ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَ اِلَى اللّٰهِ
۽ الله جو ئي آهي جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي، ۽ الله ڏانهن

تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ﴿۱۰۹﴾ ع كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَاْمُرُوْنَ
موٽن ٿا سڀ ڪم. توهان يلي اُمت آهيو جا اتاري وئي ① ماڻهن لاءِ حڪم ڪريو ٿا

بِالْمَعْرُوْفِ وَ تَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَ تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ ؕ وَ لَوْ
چڱن ڪمن جو ۽ روڪيو ٿا بڇڙن ڪمن کان ۽ ايمان آڻيو ٿا الله تي، ۽ جيڪڏهن

اٰمَنَ اَهْلُ الْكِتٰبِ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ ؕ مِنْهُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ
ايمان آڻن ها اهل ڪتاب ته ٿئي ها يلو انهن جو، ڪي انهن مان ايمان وارا آهن

وَ اَكْثَرُهُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿۱۱۰﴾ لَنْ يَّضُرُّوْكُمْ اِلَّاۤ اَذًى ؕ وَ
۽ گهڻا انهن جا بي فرمان آهن. اهي نه تڪليف ڏيندا توهانکي مگر بد زباني جي، ② ۽

جيستائين ڄاڻو تہ ڇا ٿا چئو ❷ ۽ نڪي تڙسان مگر گذرندڙ رستي جا ❸

حَتّٰى تَغۡتَسِلُوۡا ؕ وَ اِنۡ كُنۡتُمۡ مَّرۡضٰۤى اَوۡ عَلٰى سَفَرٍ اَوۡ

جيستائين وھنجو، ۽ جيڪڏھن آھيو بيمار يا مسافريءَ تي يا

جَآءَ اَحَدٌ مِّنۡكُمۡ مِّنَ الۡغَآئِطِ اَوۡ لٰمَسۡتُمُ النِّسَآءَ

آيو ڪو ھڪڙو توھان مان پائخانہ کان يا ميلاپ ڪيو اٿوَ عورتن سان ❹

فَلَمۡ تَجِدُوۡا مَآءً فَتَيَمَّمُوۡا صَعِيۡدًا طَيِّبًا فَامۡسَحُوۡا

پوءِ نہ ٿا لھو پاڻي تہ تيمم ڪريو مٽيءَ پاڪ سان پوءِ مَکَ ڪريو

بِوُجُوۡهِكُمۡ وَ اَيۡدِيۡكُمۡ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَفُوًّا غَفُوۡرًا ۝٤٣

پنھنجن مُنھَنِ کي ۽ ھٿن کي، بيشڪ الله معاف ڪندڙ بخشيندڙ آھي.

اَلَمۡ تَرَ اِلَى الَّذِيۡنَ اُوۡتُوۡا نَصِيۡبًا مِّنَ الۡكِتٰبِ يَشۡتَرُوۡنَ

ڇا نہ ڏٺوتو انھن ڏانھن جن کي مليو ڀاڱو ڪتاب مان خريد ڪن ٿا

الضَّلٰلَةَ وَ يُرِيۡدُوۡنَ اَنۡ تَضِلُّوا السَّبِيۡلَ ۝٤٤ وَ اللّٰهُ

گمراھي کي ۽ چاھين ٿا تہ اوھين ٿڙي وڃو رستي کان. ۽ الله

اَعۡلَمُ بِاَعۡدَآئِكُمۡ ؕ وَ كَفٰى بِاللّٰهِ وَلِيًّا ۙ وَّ كَفٰى

گھڻو ڄاڻندڙ آھي توھان جي دشمنن کي، ۽ ڪافي آھي الله ڪارساز ۽ ڪافي آھي

وقف النبي ﷺ ع ٦ ٢٩ ٣

بِاللّٰهِ نَصِيْرًا ﴿۴۵﴾ مِنَ الَّذِيْنَ هَادُوْا يُحَرِّفُوْنَ الْكَلِمَ
الله مددگار. انهن مان جيڪي يهودي آهن ڦيرائين ٿا لفظن کي

عَنْ مَّوَاضِعِهٖ وَ يَقُوْلُوْنَ سَمِعْنَا وَ عَصَيْنَا وَ اسْمَعْ غَيْرَ
پنهنجي جاين مان ❶ ۽ چَوَن ٿا ٻُڌوسون ۽ نہ مڃيوسون ۽ (چون ٿا) ٻُڌ شال نہ

مُسْمَعٍ وَّ رَاعِنَا لَيًّۢا بِاَلْسِنَتِهِمْ وَ طَعْنًا
ٻڌايل هجين❷ ۽ (چون ٿا) راعنا ❸ موڙيندي زبانن پنهنجن کي ۽ جرح ڪندي

فِي الدِّيْنِ ؕ وَ لَوْ اَنَّهُمْ قَالُوْا سَمِعْنَا وَ اَطَعْنَا وَ اسْمَعْ
دين ۾، ۽ جيڪڏهن اهي چَوَن ها ٻُڌوسون ۽ مڃيوسون ۽ تون ٻُڌ

وَ انْظُرْنَا لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ وَ اَقْوَمَ ۙ وَ لٰكِنْ لَّعَنَهُمُ
۽ نظر ڪر اسان تي تہ هجي ها ڀلو انهن لاءِ ۽ دُرست پر تڙي ڇڏيو انهن کي

اللّٰهُ بِكُفْرِهِمْ فَلَا يُؤْمِنُوْنَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿۴۶﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ
الله سندن ڪفر جي ڪري پوءِ نہ ايمان آڻيندا مگر ٿورڙا. اي اُهي

اُوْتُوا الْكِتٰبَ اٰمِنُوْا بِمَا نَزَّلْنَا مُصَدِّقًا
جن کي ڏنو ويو ڪتاب! ايمان آڻيو ان تي جنهن کي نازل ڪيوسون تصديق ڪندڙ

لِّمَا مَعَكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ نَّطْمِسَ وُجُوْهًا
ان کي جيڪو توهان وٽ آهي اڳي ان کان جو ميٽايون ڪيترا منهن

فَنَرُدَّهَا عَلٰۤى اَدْبَارِهَاۤ اَوْ نَلْعَنَهُمْ كَمَا
پوءِ ڦيرايون انهن کي پُٺين ڏانهن ❹ ۽ ڦٽڪار ڪريون انهن تي جيئن

لَعَنَّاۤ اَصْحٰبَ السَّبْتِ ؕ وَ كَانَ اَمْرُ اللّٰهِ مَفْعُوْلًا ﴿۴۷﴾
ڦٽڪار ڪئي سون ڇنڇر وارن تي، ۽ آهي حڪم الله جو پورو ٿيل.

اِنَّ اللّٰهَ لَا يَغْفِرُ اَنْ يُّشْرَكَ بِهٖ وَ يَغْفِرُ
بيشڪ الله نہ ٿو بخشي جو شريڪ ڪجي انهيءَ سان ۽ بخشي ٿو

مَا دُوْنَ ذٰلِكَ لِمَنْ يَّشَآءُ ۚ وَ مَنْ يُّشْرِكْ بِاللّٰهِ فَقَدِ

سواءِ شرڪ جي جنهن کي گُهري، ۽ جيڪو شريڪ ڪندو الله سان پوءِ

افْتَرٰۤى اِثْمًا عَظِيْمًا ﴿۴۸﴾ اَ لَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ يُزَكُّوْنَ

انهيءَ گهڙيو گناهه وڏو. ڇا نه ڏٺوتو انهن ڏانهن جيڪي پاڪ ٿا چوَن

اَنْفُسَهُمْ ؕ بَلِ اللّٰهُ يُزَكِّيْ مَنْ يَّشَآءُ وَ لَا يُظْلَمُوْنَ

پاڻ کي، ① پر الله پاڪ ڪري ٿو جنهن کي چاهي ۽ نه ظلم ڪيا ويندا

فَتِيْلًا ﴿۴۹﴾ اُنْظُرْ كَيْفَ يَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ ؕ وَ كَفٰى

تند جيترو. ڏِس ڪيئن ٿا گهڙين الله تي ڪوڙ، ② ۽ ڪافي آهي

بِهٖۤ اِثْمًا مُّبِيْنًا ﴿۵۰﴾ ع اَ لَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ اُوْتُوْا نَصِيْبًا

اهو گناهه پڌرو. ڇا نه ڏٺوتو انهن ڏانهن جن کي مليو نصيب

مِّنَ الْكِتٰبِ يُؤْمِنُوْنَ بِالْجِبْتِ وَ الطَّاغُوْتِ وَ يَقُوْلُوْنَ

ڪتاب مان مڃين ٿا بتن کي ۽ شيطان کي ۽ چون ٿا

لِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا هٰۤؤُلَآءِ اَهْدٰى مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا سَبِيْلًا ﴿۵۱﴾

ڪافرن لاءِ ته اهي وڌيڪ سڌا آهن مسلمانن کان رستي تي. ③

اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ ؕ وَ مَنْ يَّلْعَنِ اللّٰهُ فَلَنْ

اُهي ئي آهن جن کي ڌتڙي ڪڍيو الله، ۽ جنهن کي ڌتڙيندو الله پوءِ هرگز نه

تَجِدَ لَهٗ نَصِيْرًا ﴿۵۲﴾ ؕ اَمْ لَهُمْ نَصِيْبٌ مِّنَ الْمُلْكِ فَاِذًا

لهندين انهيءَ لاءِ ڪوئي مددگار. يا آهي انهن جو ڪو ڀاڱو بادشاهيءَ مان؟ پوءِ ته

لَّا يُؤْتُوْنَ النَّاسَ نَقِيْرًا ﴿۵۳﴾ لا اَمْ يَحْسُدُوْنَ النَّاسَ عَلٰى مَآ

اهي نه ڏيندا ماڻهن کي ذري به. ④ يا ساڙ ڪن ٿا ماڻهن سان ان تي

اٰتٰىهُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ ۚ فَقَدْ اٰتَيْنَآ

جيڪي ڏنو آهي انهن کي الله پنهنجي مهرباني سان، پوءِ اسان ڏنو سون

اٰلَ اِبۡرٰهِیۡمَ الۡکِتٰبَ وَ الۡحِکۡمَۃَ وَ اٰتَیۡنٰهُمۡ مُّلۡکًا
ابراهيم جي خاندان کي ڪتاب ۽ دانائي ۽ ڏني سون انهنکي بادشاهي

عَظِیۡمًا ﴿۵۴﴾ فَمِنۡهُمۡ مَّنۡ اٰمَنَ بِهٖ وَ مِنۡهُمۡ مَّنۡ صَدَّ
وڏي. پوءِ انهن مان ڪنهن مڃيو ان کي ۽ انهن مان ڪو رڪجي پيو

عَنۡهُ ؕ وَ کَفٰی بِجَهَنَّمَ سَعِیۡرًا ﴿۵۵﴾ اِنَّ الَّذِیۡنَ کَفَرُوۡا
ان کان، ۽ ڪافي آهي دوزخ ساڙيندڙ. بيشڪ جن ڪفرڪيو

بِاٰیٰتِنَا سَوۡفَ نُصۡلِیۡهِمۡ نَارًا ؕ کُلَّمَا نَضِجَتۡ
اسانجي آيتن جو جلد داخل ڪنداسون انهن کي باهه ۾، جڏهن پچي وينديون

جُلُوۡدُهُمۡ بَدَّلۡنٰهُمۡ جُلُوۡدًا غَیۡرَهَا لِیَذُوۡقُوا الۡعَذَابَ ؕ
کلون انهن جون مٽائي ڏينداسون انهنکي کلون ٻيون جيئن چکن عذاب،

اِنَّ اللّٰهَ کَانَ عَزِیۡزًا حَکِیۡمًا ﴿۵۶﴾ وَ الَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا
بيشڪ الله آهي زبردست حڪمت وارو. ۽ جن ايمان آندو ۽ ڪم ڪيا

الصّٰلِحٰتِ سَنُدۡخِلُهُمۡ جَنّٰتٍ تَجۡرِیۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ
چڱا جلد داخل ڪنداسون انهنکي باغن ۾ وهن ٿيون جن جي هيٺان واهيون

خٰلِدِیۡنَ فِیۡهَاۤ اَبَدًا ؕ لَهُمۡ فِیۡهَاۤ اَزۡوَاجٌ مُّطَهَّرَۃٌ ۫ وَّ
رهندا ان ۾ سدائين، انهن لاءِ اتي زالون پاڪ آهن ۽

نُدۡخِلُهُمۡ ظِلًّا ظَلِیۡلًا ﴿۵۷﴾ اِنَّ اللّٰهَ یَاۡمُرُکُمۡ اَنۡ
داخل ڪنداسون انهنکي چانئن گهاٽين ۾. يقينن الله حڪم ٿو ڪري توهانکي ته

تُؤَدُّوا الۡاَمٰنٰتِ اِلٰۤی اَهۡلِهَا ۙ وَ اِذَا حَکَمۡتُمۡ بَیۡنَ النَّاسِ اَنۡ
ڏيو امانتون مالڪن کي ۱ ۽ جڏهن فيصلو ڪريو ماڻهن جي وچ ۾ ته

تَحۡکُمُوۡا بِالۡعَدۡلِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ نِعِمَّا یَعِظُکُمۡ بِهٖ ؕ اِنَّ
فيصلو ڪريو انصاف سان، بيشڪ الله واهه جي نصيحت ٿو ڏئي توهانکي! بيشڪ

اللّٰهَ كَانَ سَمِيۡعًاۢ بَصِيۡرًا ﴿۵۸﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اَطِيۡعُوا اللّٰهَ
الله آهي ٻڌندڙ ڏسندڙ. اي ايمان وارو ! حڪم مڃيو الله جو

وَ اَطِيۡعُوا الرَّسُوۡلَ وَ اُولِي الۡاَمۡرِ مِنۡكُمۡ‌ۚ فَاِنۡ
۽ حڪم مڃيو رسول جو ۽ امر وارن پنهنجن جو، ❶ پوءِ جيڪڏهن

تَنَازَعۡتُمۡ فِيۡ شَىۡءٍ فَرُدُّوۡهُ اِلَى اللّٰهِ وَ الرَّسُوۡلِ اِنۡ
اختلاف ڪريو ❷ ڪنهن ڳالهه ۾ ته موٽايو ان کي الله ۽ رسول ڏانهن جيڪڏهن

كُنۡتُمۡ تُؤۡمِنُوۡنَ بِاللّٰهِ وَ الۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ‌ ؕ ذٰلِكَ خَيۡرٌ وَّ اَحۡسَنُ
اوهين ايمان رکو ٿا الله تي ۽ ڏينهن قيامت تي، اهو زور ڀلو آهي ۽ زور سنو آهي

تَاۡوِيۡلًا ﴿۵۹﴾ ع اَلَمۡ تَرَ اِلَى الَّذِيۡنَ يَزۡعُمُوۡنَ اَنَّهُمۡ اٰمَنُوۡا بِمَاۤ
نتيجي ۾. ڇا نه ڏٺو تو انهن ڏانهن جيڪي چون ٿا ته انهن ايمان آندو ان تي

اُنۡزِلَ اِلَيۡكَ وَ مَاۤ اُنۡزِلَ مِنۡ قَبۡلِكَ يُرِيۡدُوۡنَ اَنۡ
جيڪي لاٿو ويو توتي ۽ جيڪي لاٿو ويو توکان اڳي اهي گهرن ٿا ته

يَّتَحَاكَمُوۡۤا اِلَى الطَّاغُوۡتِ وَقَدۡ اُمِرُوۡۤا اَنۡ يَّكۡفُرُوۡا بِهٖ‌ ؕ وَ
فيصلو نين بي فرمان ڏانهن ❸ حالانڪ حڪم ٿيو اٿن ته نه مڃين ان کي، ۽

يُرِيۡدُ الشَّيۡطٰنُ اَنۡ يُّضِلَّهُمۡ ضَلٰلًاۢ بَعِيۡدًا ﴿۶۰﴾ وَ اِذَا قِيۡلَ
چاهي ٿو شيطان ته ڪري انهن کي گمراه گهڻو. ۽ جڏهن چئجي ٿو

لَهُمۡ تَعَالَوۡا اِلٰى مَاۤ اَنۡزَلَ اللّٰهُ وَ اِلَى الرَّسُوۡلِ رَاَيۡتَ
انهن کي اچو ان ڏانهن جيڪي نازل ڪيو الله ۽ رسول ڏانهن ته ڏسندين تون

الۡمُنٰفِقِيۡنَ يَصُدُّوۡنَ عَنۡكَ صُدُوۡدًا ﴿۶۱﴾ ج فَكَيۡفَ اِذَاۤ
منافقن کي ته رڪجي ويندا توکان پورو رڪجڻ. پوءِ ڪيئن ٿيندو جڏهن

اَصَابَتۡهُمۡ مُّصِيۡبَةٌ ۢ بِمَا قَدَّمَتۡ اَيۡدِيۡهِمۡ ثُمَّ جَآءُوۡكَ
پهچندي انهن کي مصيبت سندن ڪئي سبب پوءِ تو وٽ اچي ❹

يَحۡلِفُوۡنَ ۖ بِاللّٰهِ اِنۡ اَرَدۡنَآ اِلَّاۤ اِحۡسَانًا وَّ تَوۡفِيۡقًا ﴿٦٢﴾

قسمَ کڻندا الله جا تہ رڳو اسان ارادو ڪيو ھو ڀلائي جو ۽ نھراءَ جو.

اُولٰٓئِكَ الَّذِيۡنَ يَعۡلَمُ اللّٰهُ مَا فِيۡ قُلُوۡبِهِمۡ ۗ فَاَعۡرِضۡ

اِھي اُھي ئي آھن جوڄاڻي ٿو الله جيڪي انھن جي دلين ۾ آھي سوتون درگذرڪر

عَنۡهُمۡ وَ عِظۡهُمۡ وَ قُلۡ لَّهُمۡ فِيۡۤ اَنۡفُسِهِمۡ قَوۡلًاۢ

انھن کان ۽ نصيحت ڪر انھنکي ۽ چؤ انھنکي سندن حق ۾ ڳالھ

بَلِيۡغًا ﴿٦٣﴾ وَ مَاۤ اَرۡسَلۡنَا مِنۡ رَّسُوۡلٍ اِلَّا لِيُطَاعَ

تمام پوري. ۽ نہ موڪليوسون ڪوئي رسول مگر جيئن تہ انجي پيروي ڪجي

بِاِذۡنِ اللّٰهِ ؕ وَ لَوۡ اَنَّهُمۡ اِذۡ ظَّلَمُوۡۤا اَنۡفُسَهُمۡ جَآءُوۡكَ

الله جي حُڪم سان، ۽ جيڪر اھي، جڏھن ظلم ڪيائون پاڻ تي، اچن ھا تووٽ

فَاسۡتَغۡفَرُوا اللّٰهَ وَ اسۡتَغۡفَرَ لَهُمُ الرَّسُوۡلُ لَوَجَدُوا اللّٰهَ

پوءِ معافي گھرن ھا الله کان ۽ معافي گھري ھا انھن لاءِ رسول ❶ تہ لھن ھا الله کي

تَوَّابًا رَّحِيۡمًا ﴿٦٤﴾ فَلَا وَ رَبِّكَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ حَتّٰى

معاف ڪندڙ مھربان. پوءِ قسم آھي تنھنجي رب جو اھي ايمان وارا نہ ٿيندا تان جو

يُحَكِّمُوۡكَ فِيۡمَا شَجَرَ بَيۡنَهُمۡ ثُمَّ لَا يَجِدُوۡا فِيۡۤ اَنۡفُسِهِمۡ

فيصلو ڪرائن توکان جنھن ۾ اٽڪي پون پاڻ ۾ پوءِ نہ لھن پنھنجي دلين ۾

حَرَجًا مِّمَّا قَضَيۡتَ وَ يُسَلِّمُوۡا تَسۡلِيۡمًا ﴿٦٥﴾ وَ لَوۡ

ڪا تنگي ان کان جو فيصلو ڪيو تو ۽ قبول ڪن رضا خوشيءَ (سان). ❷ ۽ جيڪڏھن

اَنَّا كَتَبۡنَا عَلَيۡهِمۡ اَنِ اقۡتُلُوۡۤا اَنۡفُسَكُمۡ اَوِ اخۡرُجُوۡا

اسان لکون ھا انھن تي تہ ماري وجھو پاڻ کي يا نڪري وڃو

مِنۡ دِيَارِكُمۡ مَّا فَعَلُوۡهُ اِلَّا قَلِيۡلٌ مِّنۡهُمۡ ؕ وَ لَوۡ

پنھنجي گھرن مان تہ نہ عمل ڪن ھا ان تي مگر ٿورا انھن مان، ۽ جيڪڏھن

اَنَّهُمْ فَعَلُوْا مَا يُوْعَظُوْنَ بِهٖ لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ وَ

اهي كن ها اهو جنهن جو كين حكم كجي ٿو ته هئو بهتر انهن لاءِ ۽

اَشَدَّ تَثْبِيْتًا ﴿٦٦﴾ وَّ اِذًا لَّاٰتَيْنٰهُمْ مِّنْ لَّدُنَّآ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٦٧﴾ وَّ

زياده پكو كندڙ. ۽ ان وقت كين ڏيون ها پنهنجي طرفان اجر وڏو. ۽

لَهَدَيْنٰهُمْ صِرَاطًا مُّسْتَقِيْمًا ﴿٦٨﴾ وَ مَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ

وٺايون ها انهنكي رستو سِڌو. ۽ جيكي فرمانبرداري كندا الله

وَ الرَّسُوْلَ فَاُولٰٓئِكَ مَعَ الَّذِيْنَ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ مِّنَ

۽ رسول جي پوءِ اهي گڏهوندا انهن سان فضل كيو الله جن تي يعني

النَّبِيّٖنَ وَ الصِّدِّيْقِيْنَ وَ الشُّهَدَآءِ وَ الصّٰلِحِيْنَ ۚ وَ حَسُنَ

پيغمبر ۽ صديقَ ۽ شهيدَ ۽ صالحَ ۽ ڀلا آهن

اُولٰٓئِكَ رَفِيْقًا ﴿٦٩﴾ ذٰلِكَ الْفَضْلُ مِنَ اللّٰهِ ؕ وَ كَفٰى بِاللّٰهِ عَلِيْمًا ﴿٧٠﴾ ع ٩ ١١ ٦

اهي سنگتي.❶ اهو فضل الله جو آهي، ۽ كافي آهي الله ڄاڻڻهار.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا خُذُوْا حِذْرَكُمْ فَانْفِرُوْا ثُبَاتٍ اَوِ

اي ايمان وارو ! ونو بچاءُ (هٿيار) پنهنجو پوءِ نكرو ٽولا ٽي يا

انْفِرُوْا جَمِيْعًا ﴿٧١﴾ وَ اِنَّ مِنْكُمْ لَمَنْ لَّيُبَطِّئَنَّ ۚ فَاِنْ

نكرو گڏجي.❷ ۽ توهان مان كو اهڙو آهي جو ڍَركري ٿو، پوءِ جيكڏهن

اَصَابَتْكُمْ مُّصِيْبَةٌ قَالَ قَدْ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيَّ اِذْ لَمْ

پهچندي توهانكي كا مصيبت چَوندو ته مهرباني كئي الله مون تي جو نه

اَكُنْ مَّعَهُمْ شَهِيْدًا ﴿٧٢﴾ وَ لَئِنْ اَصَابَكُمْ فَضْلٌ مِّنَ اللّٰهِ

هيس انهن سان گڏ حاضر.❸ ۽ جيكڏهن پهتي توهان كي كا ڀلائي الله جي طرفان

لَيَقُوْلَنَّ كَاَنْ لَّمْ تَكُنْۢ بَيْنَكُمْ وَ بَيْنَهٗ مَوَدَّةٌ يّٰلَيْتَنِيْ

ته ضرور چَوندو جڻ ته نه هئي توهان جي ۽ ان جي وچ ۾ كا دوستي ها جيكر

كُنْتُ مَعَهُمْ فَاَفُوْزَ فَوْزًا عَظِيْمًا ﴿٧٣﴾ فَلْيُقَاتِلْ

آءٌ هجان ها گڏانهن سان تہ ماڻيان ها مراد وڏي. پوءِ پل تہ لڙائي كن

فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ الَّذِيْنَ يَشْرُوْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا بِالْاٰخِرَةِ ط

الله جي راهہ ۾ اهي جيكي وكڻن ٿا حياتي دنيا جي آخرت لاءِ ❶

وَ مَنْ يُّقَاتِلْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَيُقْتَلْ اَوْ يَغْلِبْ

۽ جيكو لڙائي كري ٿو الله جي راهہ ۾ پوءِ اهو قتل ٿي وڃي يا غالب ٿئي ❷

فَسَوْفَ نُؤْتِيْهِ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٧٤﴾ وَ مَا لَكُمْ لَا تُقَاتِلُوْنَ

تہ جلد ڏينداسون انهيءَ كي اجر وڏو. ۽ ڇا ٿيو آهي توهان كي جو نٿا لڙائي كريو

فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ الْمُسْتَضْعَفِيْنَ مِنَ الرِّجَالِ وَ النِّسَآءِ وَ

راهہ الله جي ۾ ۽ انهن كمزورن مردن ۽ عورتن ۽

الْوِلْدَانِ الَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَآ اَخْرِجْنَا مِنْ هٰذِهِ الْقَرْيَةِ

ٻارن لاءِ جيكي چون ٿا اي اسان جا پروردگار كڍ اسان كي هن شهر مان

الظَّالِمِ اَهْلُهَا ج وَ اجْعَلْ لَّنَا مِنْ لَّدُنْكَ وَلِيًّا ج لا وَّ

جو ظالم آهن رهاكوان جا ۽ كر اسان لاءِ پاڻ وٽان كوئي حمايتي، ۽

اجْعَلْ لَّنَا مِنْ لَّدُنْكَ نَصِيْرًا ط ﴿٧٥﴾ اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا يُقَاتِلُوْنَ

كر اسان لاءِ پاڻ وٽان كو مددگار ❸ اهي ماڻهو جن ايمان آندو لڙائي كن ٿا

فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ج وَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ الطَّاغُوْتِ

الله جي راهہ ۾، ۽ اهي جن كفر كيو لڙائي كن ٿا شيطان جي راهہ ۾

فَقَاتِلُوْٓا اَوْلِيَآءَ الشَّيْطٰنِ ج اِنَّ كَيْدَ الشَّيْطٰنِ كَانَ

پوءِ توهان لڙائي كريو دوستن شيطان جي سان، بيشك فريب شيطان جو آهي

ضَعِيْفًا ع ﴿٧٦﴾ اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ قِيْلَ لَهُمْ كُفُّوْٓا اَيْدِيَكُمْ

كمزور. ❹ ڇا نہ ڏٺو تو انهن ڏانهن جن كي تہ روكيو پنهنجا هٿ ❺

وَ اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتُوا الزَّكٰوةَ ۚ فَلَمَّا كُتِبَ عَلَيْهِمُ الْقِتَالُ

۽ قائم ڪريو نماز ۽ ڏيو زڪوات، پوءِ جڏهن فرض ٿي انهن تي لڙائي ①

اِذَا فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ يَخْشَوْنَ النَّاسَ كَخَشْيَةِ اللّٰهِ اَوْ

تہ ان وقت هڪ ٽولو انهن مان ڊڄي پيو ماڻهن کان جيئن ڊڄ ٿئي الله جو يا

اَشَدَّ خَشْيَةً ۚ وَ قَالُوْا رَبَّنَا لِمَ كَتَبْتَ عَلَيْنَا الْقِتَالَ ۚ

اجابہ وڌيڪ ڊڄڻ، ۽ چيائون رب اسانجا ڇا لاءِ فرض ڪئي تو اسان تي لڙائي،

لَوْ لَآ اَخَّرْتَنَآ اِلٰٓى اَجَلٍ قَرِيْبٍ ؕ قُلْ مَتَاعُ الدُّنْيَا

ڇو نہ ڍر ڏني تو اسان کي مدت ويجهي تائين، تون چؤ فائدو دنيا جو

قَلِيْلٌ ۚ وَ الْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لِّمَنِ اتَّقٰى ۚ وَ لَا تُظْلَمُوْنَ فَتِيْلًا ﴿٧٧﴾

ٿورو آهي، ۽ آخرت ڀلي آهي پرهيزگار لاءِ ② ۽ اوهان تي ظلم نہ ڪبو تند جيترو.

اَيْنَ مَا تَكُوْنُوْا يُدْرِكْكُّمُ الْمَوْتُ وَ لَوْ كُنْتُمْ فِىْ بُرُوْجٍ

جتي بہ هوندؤ پهچندو توهانکي موت ③ ۽ جيتوڻيڪ هجو قلعن

مُّشَيَّدَةٍ ؕ وَ اِنْ تُصِبْهُمْ حَسَنَةٌ يَّقُوْلُوْا هٰذِهٖ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۚ

بلندن ۾، ۽ جيڪڏهن پهچي ٿي انهنکي ڪا ڀلائي تہ چَوَن ٿا هيءَ الله جي طرفان آهي،

وَ اِنْ تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌ يَّقُوْلُوْا هٰذِهٖ مِنْ عِنْدِكَ ؕ

۽ جيڪڏهن پهچي ٿي انهنکي ڪا تڪليف چَوَن ٿا اها تنهنجي طرفان آهي،

قُلْ كُلٌّ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ ؕ فَمَالِ هٰٓؤُلَآءِ الْقَوْمِ لَا يَكَادُوْنَ

چؤ سڀ طرفان الله جي آهي، پوءِ ڇا ٿيو آهي هنن ماڻهن کي جو نہ ٿا ويجها ٿين

يَفْقَهُوْنَ حَدِيْثًا ﴿٧٨﴾ مَآ اَصَابَكَ مِنْ حَسَنَةٍ فَمِنَ اللّٰهِ ۫ وَ مَآ

تہ سمجهن ڪا ڳالهہ. جا پهچي ٿي توکي ڪا ڀلائي سا الله کان آهي ۽ جا

اَصَابَكَ مِنْ سَيِّئَةٍ فَمِنْ نَّفْسِكَ ؕ وَ اَرْسَلْنٰكَ

پهچي ٿي توکي ڪا برائي پوءِ نفس تنهنجي کان آهي، ۽ اسان موڪليو سون توکي

لِلنَّاسِ رَسُوۡلًا ؕ وَ كَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيۡدًا ﴿۷۹﴾ مَنۡ يُّطِعِ

ماڻهن لاءِ رسول ڪري، ۽ ڪافي آهي الله شاهد. جيڪو چيو مڃيندو

الرَّسُوۡلَ فَقَدۡ اَطَاعَ اللّٰهَ ۚ وَ مَنۡ تَوَلّٰى فَمَاۤ اَرۡسَلۡنٰكَ

رسول جو ته انهيءَ چيو مڃيو الله جو، ۽ جيڪو ڦرندو پوءِ نه موڪليو سون توکي

عَلَيۡهِمۡ حَفِيۡظًا ؕ﴿۸۰﴾ وَ يَقُوۡلُوۡنَ طَاعَةٌ ۫ فَاِذَا بَرَزُوۡا

انهن تي سنڀاليندڙ ڪري. ۽ چون ٿا تابعدار آهيون، پوءِ جڏهن نڪرن ٿا

مِنۡ عِنۡدِكَ بَيَّتَ طَآئِفَةٌ مِّنۡهُمۡ غَيۡرَ الَّذِىۡ

تو وٽان ته رٿي ٿورات جو هڪ ٽولو انهن مان ابتڙ ان کان

تَقُوۡلُ ؕ وَاللّٰهُ يَكۡتُبُ مَا يُبَيِّتُوۡنَ ۚ فَاَعۡرِضۡ

جيڪي تون چوين ٿو، ۽ الله لکي ٿو جيڪي رات جون صلاحون ڪن ٿا، پوءِ منهن موڙ

عَنۡهُمۡ وَ تَوَكَّلۡ عَلَى اللّٰهِ ؕ وَ كَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيۡلًا ﴿۸۱﴾ اَ فَلَا

انهن کان ۽ ڀروسو ڪر الله تي، ۽ بس الله ڪارساز آهي. ڇا نه

يَتَدَبَّرُوۡنَ الۡقُرۡاٰنَ ؕ وَ لَوۡ كَانَ مِنۡ عِنۡدِ غَيۡرِ اللّٰهِ

تا غور ڪن قرآن ۾، ۽ جيڪڏهن هجي ها اهو الله ڌاران ٻئي کان

لَوَجَدُوۡا فِيۡهِ اخۡتِلَافًا كَثِيۡرًا ﴿۸۲﴾ وَ اِذَا جَآءَهُمۡ اَمۡرٌ

ته لهن ها ان ۾ اختلاف گهڻو. ❶ ۽ جڏهن اچي ٿي انهن وٽ ڪا خبر

مِّنَ الۡاَمۡنِ اَوِ الۡخَوۡفِ اَذَاعُوۡا بِهٖ ؕ وَ لَوۡ رَدُّوۡهُ

امن جي يا خوف جي ته پکيڙن ٿا ان کي، ❷ ۽ جيڪڏهن موٽائين ها ان کي

اِلَى الرَّسُوۡلِ وَ اِلٰٓى اُولِى الۡاَمۡرِ مِنۡهُمۡ لَعَلِمَهُ الَّذِيۡنَ

رسول ڏانهن ۽ پنهنجن اختياريءَ وارن ڏانهن ته سمجهن ها ان کي اهي

يَسۡتَنۡۢبِطُوۡنَهٗ مِنۡهُمۡ ؕ وَ لَوۡ لَا فَضۡلُ اللّٰهِ

جيڪي ڪڍن ها مطلب ان جو انهن منجهان، ۽ جيڪڏهن نه هجي ها مهرباني الله جي

عَلَيۡكُمۡ وَ رَحۡمَتُهٗ لَاتَّبَعۡتُمُ الشَّيۡطٰنَ اِلَّا قَلِيۡلًا ﴿٨٣﴾ فَقَاتِلۡ

توهان تي ۽ ٻاجهه سندس ته پيروي ڪيوها شيطان جي ٿورن کانسواءِ. پوءِ تون لڙائي ڪر

فِيۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ ۚ لَا تُكَلَّفُ اِلَّا نَفۡسَكَ وَ حَرِّضِ

الله جي راهه ۾ ناهي جوابداري توتي مگر پنهنجي سِر جي ۽ اٿار

الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ۚ عَسَى اللّٰهُ اَنۡ يَّكُفَّ بَاۡسَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا ؕ وَ

مسلمانن کي، اجهو الله بند ڪندو ❶ لڙائي انهن جي جن ڪفر ڪيو، ۽

اللّٰهُ اَشَدُّ بَاۡسًا وَّ اَشَدُّ تَنۡكِيۡلًا ﴿٨٤﴾ مَنۡ يَّشۡفَعۡ شَفَاعَةً

الله زور آهي جنگ ۾ ۽ زور آهي سزا ڏيڻ ۾. جيڪو ڪندو سفارش

حَسَنَةً يَّكُنۡ لَّهٗ نَصِيۡبٌ مِّنۡهَا ۚ وَ مَنۡ يَّشۡفَعۡ شَفَاعَةً سَيِّئَةً

چڱائي جي ٿيندو انهي ۽ لاءِ ڀاڱو ان مان، ۽ جيڪو ڪندو سفارش بڇڙائي جي

يَّكُنۡ لَّهٗ كِفۡلٌ مِّنۡهَا ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ

هوندو انهيءَ لاءِ حصو ان مان، ❷ ۽ آهي الله هر شيءِ تي

مُّقِيۡتًا ﴿٨٥﴾ وَ اِذَا حُيِّيۡتُمۡ بِتَحِيَّةٍ فَحَيُّوۡا بِاَحۡسَنَ

ورهاست ڪندڙ. ۽ جڏهن ڪيڪاريو وڃي توهانکي سلام سان پوءِ جواب ڏيو بهتر

مِنۡهَاۤ اَوۡ رُدُّوۡهَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ حَسِيۡبًا ﴿٨٦﴾ النصف

ان کان يا ورايوان کي، ❸ بيشڪ الله آهي هر شيءِ تي حساب وٺندڙ.

اَللّٰهُ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ لَيَجۡمَعَنَّكُمۡ اِلٰى يَوۡمِ الۡقِيٰمَةِ

الله. ناهي ڪوئي عبادت جي لائق مگر اهو، ضرور گڏ ڪندو اوهانکي ڏينهن قيامت ۾

لَا رَيۡبَ فِيۡهِ ؕ وَ مَنۡ اَصۡدَقُ مِنَ اللّٰهِ حَدِيۡثًا ﴿٨٧﴾ ع ع ٨

ناهي ڪوشڪ ان ۾، ۽ ڪير آهي وڌيڪ سچو الله کان ڳالهه ڪرڻ ۾. ❹

فَمَا لَكُمۡ فِي الۡمُنٰفِقِيۡنَ فِئَتَيۡنِ وَ اللّٰهُ اَرۡكَسَهُمۡ

پوءِ ڇا ٿيو آهي اوهان کي منافقن بابت ٻه ٽولا ٿيا آهيو ۽ الله اونڌو اُڇليو انهنکي

بِمَا كَسَبُوْا ؕ اَتُرِيْدُوْنَ اَنْ تَهْدُوْا مَنْ اَضَلَّ اللّٰهُ ؕ

سندن ڪئي سبب، ڇا اوهين گهرو ٿا انهن کي راھ تي آڻڻ جن کي گمراھ ڪيو الله،

وَ مَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ سَبِيْلًا ﴿٨٨﴾ وَدُّوْا

۽ جنهن کي گمراھ ڪري الله تہ هرگز نہ لهندين انهيءَ لاءِ ڪو رستو. اهي چاهين ٿا

لَوْ تَكْفُرُوْنَ كَمَا كَفَرُوْا فَتَكُوْنُوْنَ سَوَآءً فَلَا تَتَّخِذُوْا

جيڪر اوهين ڪافر ٿيو جيئن اهي ڪافر آهن پوءِ ٿيندؤ هڪجهڙا پوءِ نہ ڌاريو

مِنْهُمْ اَوْلِيَآءَ حَتّٰى يُهَاجِرُوْا فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ فَاِنْ

انهن مان دوستَ جيستائين هجرت ڪن الله جي راھ ۾، پوءِ جيڪڏهن

تَوَلَّوْا فَخُذُوْهُمْ وَ اقْتُلُوْهُمْ حَيْثُ وَجَدْتُّمُوْهُمْ ۪ وَ لَا

ڦري وڃن تہ پڪڙيو انهنکي ۽ قتل ڪريو انهنکي جتي لهو انهن کي ❶ ۽ نہ

تَتَّخِذُوْا مِنْهُمْ وَلِيًّا وَّ لَا نَصِيْرًا ﴿٨٩﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ

بنايو انهن مان ڪنهن کي دوست ۽ نڪي مددگار. مگر اهي

يَصِلُوْنَ اِلٰى قَوْمٍۭ بَيْنَكُمْ وَ بَيْنَهُمْ مِّيْثَاقٌ اَوْ

جيڪي پهچن ٿا اهڙي قوم وٽ جو توهان جي ۽ انهن جي وچ ۾ معاهدو آهي ❷ يا

جَآءُوْكُمْ حَصِرَتْ صُدُوْرُهُمْ اَنْ يُّقَاتِلُوْكُمْ اَوْ يُقَاتِلُوْا

آيا توهان وٽ جو سوڙها ٿيا سينا انهن جا جو لڙائي ڪن توهان سان يا لڙائي ڪن

قَوْمَهُمْ ؕ وَ لَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَسَلَّطَهُمْ عَلَيْكُمْ

پنهنجي قوم سان، ۽ جيڪڏهن گهري ها الله تہ بيجي ها انهن کي توهان تي

فَلَقٰتَلُوْكُمْ ۚ فَاِنِ اعْتَزَلُوْكُمْ فَلَمْ يُقَاتِلُوْكُمْ

پوءِ وڙهن ها توهان سان، پر جيڪڏهن پاسو ڪن توهان کان پوءِ نہ جنگ ڪن توهان سان

وَ اَلْقَوْا اِلَيْكُمُ السَّلَمَ ۙ فَمَا جَعَلَ اللّٰهُ لَكُمْ عَلَيْهِمْ

۽ آڇ ڪن اوهان کي صُلح جي تہ نہ ڪيو آهي الله توهان لاءِ انهن تي

سَبِيۡلًا ﴿۹۰﴾ سَتَجِدُوۡنَ اٰخَرِيۡنَ يُرِيۡدُوۡنَ اَنۡ يَّاۡمَنُوۡكُمۡ

ڪو رستو. اجهو ڏسندؤ ٻيا اهڙا جو چاهين ٿا تہ امن ۾ رهن توهان کان

وَ يَاۡمَنُوۡا قَوۡمَهُمۡ ؕ كُلَّمَا رُدُّوۡۤا اِلَى الۡفِتۡنَةِ اُرۡكِسُوۡا

۽ امن ۾ رهن پنهنجي قوم کان، جڏهن موٽائجن ٿا اهي فساد ڏانهن تہ اونڌا ٿي ڪِرن ٿا

فِيۡهَا ۚ فَاِنۡ لَّمۡ يَعۡتَزِلُوۡكُمۡ وَ يُلۡقُوۡۤا اِلَيۡكُمُ السَّلَمَ وَ

ان ۾، پوءِ جيڪڏهن نہ پاسو ڪن توهان کان ۽ نہ آڇ ڪن توهان کي صلح جي ❶ ۽

يَكُفُّوۡۤا اَيۡدِيَهُمۡ فَخُذُوۡهُمۡ وَ اقۡتُلُوۡهُمۡ حَيۡثُ

نڪي جهلين جنگ کان پنهنجا هٿ تہ پڪڙيو انهن کي ۽ قتل ڪريو انهن کي جتي بہ

ثَقِفۡتُمُوۡهُمۡ ؕ وَ اُولٰٓئِكُمۡ جَعَلۡنَا لَكُمۡ عَلَيۡهِمۡ سُلۡطٰنًا مُّبِيۡنًا ﴿۹۱﴾ ع

لهون، ۽ اهي اٿوَ جو ڪئي سون توهان لاءِ انهن تي حجت پڌري.

وَ مَا كَانَ لِمُؤۡمِنٍ اَنۡ يَّقۡتُلَ مُؤۡمِنًا اِلَّا خَطَـًٔا ۚ وَ مَنۡ

۽ ناهي جائز مسلمان لاءِ جو ماري ڪنهن مسلمان کي مگر ڀُل چُڪ ۾ ❷ ۽ جنهن

قَتَلَ مُؤۡمِنًا خَطَـًٔا فَتَحۡرِيۡرُ رَقَبَةٍ مُّؤۡمِنَةٍ وَّ دِيَةٌ

ماريو ڪنهن مسلمان کي ڀُل ۾ تہ آزاد ڪرڻو آهي ٻانهو مسلمان ۽ خون ٻها ❸

مُّسَلَّمَةٌ اِلٰٓى اَهۡلِهٖۤ اِلَّاۤ اَنۡ يَّصَّدَّقُوۡا ؕ فَاِنۡ كَانَ

حوالي ڪيل ان جي گهر وارن ڏانهن مگر جي معاف ڪن، پوءِ جيڪڏهن مقتول آهي

مِنۡ قَوۡمٍ عَدُوٍّ لَّكُمۡ وَ هُوَ مُؤۡمِنٌ فَتَحۡرِيۡرُ رَقَبَةٍ

ان قوم کان جا توهان جي دشمن آهي ۽ اهو مسلمان هئو تہ آزاد ڪرڻو آهي ٻانهو

مُّؤۡمِنَةٍ ؕ وَ اِنۡ كَانَ مِنۡ قَوۡمٍۭ بَيۡنَكُمۡ وَ بَيۡنَهُمۡ

مسلمان، ❹ ۽ جيڪڏهن آهي مقتول اهڙي قوم مان جو توهان ۽ انهن جي وچ ۾

مِّيۡثَاقٌ فَدِيَةٌ مُّسَلَّمَةٌ اِلٰٓى اَهۡلِهٖ وَ تَحۡرِيۡرُ رَقَبَةٍ

عهدنامو آهي تہ خون ٻها حوالي ڪيل ٿئي ان جي گهر وارن ڏانهن ۽ آزاد ڪرڻو آهي ٻانهو

مُّؤْمِنَةٍ ج فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ شَهْرَيْنِ مُتَتَابِعَيْنِ ز
مسلمان، ❶ پوءِ جيڪو نہ لهي تہ روزا رکڻا آهن ٻہ مهينا لڳو لڳ
تَوْبَةً مِّنَ اللّٰهِ ط وَ كَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ۝٩٢ وَ مَنْ
گناهہ بخشائڻ لاءِ الله ڪان، ۽ آهي الله علم وارو حڪمت وارو. ۽ جيڪو
يَّقْتُلْ مُؤْمِنًا مُّتَعَمِّدًا فَجَزَآؤُهٗ جَهَنَّمُ خٰلِدًا فِيْهَا
قتل ڪري مسلمان ڪي ڄاڻي واڻي پوءِ سزا ان جي جهنم آهي هميشہ رهندو ان ۾
وَ غَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ لَعَنَهٗ وَ اَعَدَّ لَهٗ عَذَابًا
۽ ڪاوڙيو آهي الله انهيءَ تي ۽ لعنت ڪيائين انکي ۽ تيار ڪيائين انهيءَ لاءِ عذاب
عَظِيْمًا ۝٩٣ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا ضَرَبْتُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ
وڏو. اي ايمان وارو ! جڏهن سفر ڪريو توهان الله جي راهہ ۾
فَتَبَيَّنُوْا وَ لَا تَقُوْلُوْا لِمَنْ اَلْقٰۤى اِلَيْكُمُ السَّلٰمَ لَسْتَ
تہ جاچ ڪريو ۽ نہ چئو ان کي جيڪو ڏئي توهان تي سلام تہ ناهين تون ❷
مُؤْمِنًا ج تَبْتَغُوْنَ عَرَضَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ز فَعِنْدَ اللّٰهِ مَغَانِمُ
مسلمان، گهرو ٿا اوهان سامان حياتي دنيا واريءَ جو پوءِ الله وٽ غنيمتون
كَثِيْرَةٌ ط كَذٰلِكَ كُنْتُمْ مِّنْ قَبْلُ فَمَنَّ اللّٰهُ عَلَيْكُمْ
گهڻيون ئي آهن، اهڙا ئي هئا توهان پڻ اڳ ۾ پوءِ احسان ڪيو الله توهان تي
فَتَبَيَّنُوْا ط اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ۝٩٤ لَا
تنهن ڪري جاچ ڪريو، بيشڪ الله توهان جي عملن جي خبر رکندڙ آهي. نہ
يَسْتَوِي الْقٰعِدُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ غَيْرُ اُولِي الضَّرَرِ وَ
ٿا برابر ٿين ويهي رهندڙ مسلمان سواءِ عذر جي ۽
الْمُجٰهِدُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ بِاَمْوَالِهِمْ وَ اَنْفُسِهِمْ ط فَضَّلَ
جهاد ڪندڙ مسلمان الله جي راهہ ۾ پنهنجن مالن ۽ جانين سان، اُتم ڪيو

اللّٰهُ الْمُجٰهِدِيْنَ بِاَمْوَالِهِمْ وَ اَنْفُسِهِمْ عَلَى الْقٰعِدِيْنَ دَرَجَةً ط
الله جهاد ڪندڙن کي پنهنجي مالن ۽ جانن سان ويهي رهندڙن تي مرتبي ۾
وَ كُلًّا وَّعَدَ اللّٰهُ الْحُسْنٰى ط وَ فَضَّلَ اللّٰهُ الْمُجٰهِدِيْنَ
۽ سيني سان وعدو ڪيو الله ڀلائي جو ۽ وڌايو الله مجاهدن کي
عَلَى الْقٰعِدِيْنَ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٩٥﴾ دَرَجٰتٍ مِّنْهُ وَ مَغْفِرَةً وَّ
ويهي رهندڙن تي اجر عظيم سان. درجن ۾ پاڻ وٽان ۽ بخشش ۽
رَحْمَةً ط وَ كَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿٩٦﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ تَوَفّٰهُمُ
ٻاجهه ۾ ۽ الله بخشيندڙ مهربان آهي. بيشڪ اهي ماڻهو جن جو ساهه ڪڍيو
الْمَلٰٓئِكَةُ ظَالِمِيْٓ اَنْفُسِهِمْ قَالُوْا فِيْمَ كُنْتُمْ ط قَالُوْا كُنَّا
ملائڪن جي ظلم ڪندڙ هئا پاڻ تي چوندن ڇا ۾ هئا توهان، چوندا اسين
مُسْتَضْعَفِيْنَ فِي الْاَرْضِ ط قَالُوْٓا اَلَمْ تَكُنْ اَرْضُ اللّٰهِ
ٻنهه ٻي وس هئاسون ملڪ ۾ چوندن ملائڪ ڇا نه هئي زمين الله جي
وَاسِعَةً فَتُهَاجِرُوْا فِيْهَا ط فَاُولٰٓئِكَ مَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ط وَ سَآءَتْ
ڪشادي (١) پوءِ لڏي وڃو ها ان ۾ پوءِ اهي آهن جن جي جاءِ دوزخ آهي، ۽ اها بُري
مَصِيْرًا ﴿٩٧﴾ اِلَّا الْمُسْتَضْعَفِيْنَ مِنَ الرِّجَالِ وَ النِّسَآءِ وَ
جاءِ آهي. مگر جيڪي ٻي وس هئا ڪي مرد ۽ ڪي عورتون ۽
الْوِلْدَانِ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ حِيْلَةً وَّ لَا يَهْتَدُوْنَ سَبِيْلًا ﴿٩٨﴾
ٻار جو نه پيا ڪري سگهن ڪا ڪوشش ۽ نه پيا لهن ڪائي راهه.
فَاُولٰٓئِكَ عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّعْفُوَ عَنْهُمْ ط وَ كَانَ اللّٰهُ عَفُوًّا
پوءِ اهي، اميد آهي ته الله معاف ڪري انهن کي، ۽ آهي الله معاف ڪندڙ
غَفُوْرًا ﴿٩٩﴾ وَ مَنْ يُّهَاجِرْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ يَجِدْ فِي الْاَرْضِ
بخشڻهار. ۽ جيڪو هجرت ڪندو الله جي راهه ۾ ته لهندو ملڪ ۾

مُرٰغَمًا كَثِيْرًا وَّ سَعَةً ؕ وَ مَنْ يَّخْرُجْ مِنْۢ بَيْتِهٖ
رهڻ جي جاءِ گهڻي ۽ آسودگي ۽ جيڪو نڪري ٿو پنهنجي گهر کان

مُهَاجِرًا اِلَى اللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ ثُمَّ يُدْرِكْهُ الْمَوْتُ فَقَدْ
هجرت ڪندڙ ٿي الله ۽ ان جي رسول ڏانهن پوءِ پهچي ٿو ان کي موت ❶ ته بيشڪ

وَقَعَ اَجْرُهٗ عَلَى اللّٰهِ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ۟ؑ﴿۱۰۰﴾ وَ اِذَا
پيو ثواب ان جو الله تي ۽ آهي الله بخشيندڙ مهربان. ❷ ۽ جڏهن

ضَرَبْتُمْ فِي الْاَرْضِ فَلَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَنْ تَقْصُرُوْا مِنَ
سفر ڪريو ملڪ ۾ پوءِ ناهي توهان تي گناهه جو گهٽايو ڪجهه

الصَّلٰوةِ ۖۗ اِنْ خِفْتُمْ اَنْ يَّفْتِنَكُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ؕ اِنَّ
نماز جي ڊڄوٿا ته پريشان ڪندا توهان کي ڪافر، بيشڪ

الْكٰفِرِيْنَ كَانُوْا لَكُمْ عَدُوًّا مُّبِيْنًا ﴿۱۰۱﴾ وَ اِذَا كُنْتَ فِيْهِمْ
ڪافر آهن توهان جا دشمن پڌرا. ۽ جڏهن تون هجين انهن ۾

فَاَقَمْتَ لَهُمُ الصَّلٰوةَ فَلْتَقُمْ طَآئِفَةٌ مِّنْهُمْ مَّعَكَ وَ
پوءِ پڙهائين انهن کي نماز ته بيهي هڪ ٽولو انهن مان گڏ توسان ۽

لْيَاْخُذُوْۤا اَسْلِحَتَهُمْ قف فَاِذَا سَجَدُوْا فَلْيَكُوْنُوْا مِنْ وَّرَآئِكُمْ ۪ وَ
کڻي بيهن هٿيار پنهنجا، پوءِ جڏهن سجدو ڪن ته ٿي وڃن توهان کان پوئتي ۽

لْتَاْتِ طَآئِفَةٌ اُخْرٰى لَمْ يُصَلُّوْا فَلْيُصَلُّوْا مَعَكَ وَ
اچي ٽولو ٻيو جن نه پڙهي نماز پوءِ اهي نماز پڙهن توسان گڏ ۽

لْيَاْخُذُوْا حِذْرَهُمْ وَ اَسْلِحَتَهُمْ ۚ وَدَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا
وٺي بيهن پنهنجي هوشياري ۽ هٿيار پنهنجا، ۽ چاهين ٿا ڪافر

لَوْ تَغْفُلُوْنَ عَنْ اَسْلِحَتِكُمْ وَ اَمْتِعَتِكُمْ فَيَمِيْلُوْنَ
جيڪر توهان بي خبر هجو پنهنجن هٿيارن ۽ پنهنجي سامان کان ته اُهي حملو ڪن

عَلَيۡكُمۡ مَّيۡلَةً وَّاحِدَةً ؕ وَ لَا جُنَاحَ عَلَيۡكُمۡ اِنۡ كَانَ بِكُمۡ
توهان تي حملو هڪڙو ئي، ۽ ناهي ڏوهه توهان تي جڏهن آهي توهان کي

اَذًى مِّنۡ مَّطَرٍ اَوۡ كُنۡتُمۡ مَّرۡضٰۤى اَنۡ تَضَعُوۡۤا اَسۡلِحَتَكُمۡ ۚ وَ
تڪليف مينهن کان يا هجو بيمار ته لاهيو هٿيار پنهنجا، ۽

خُذُوۡا حِذۡرَكُمۡ ؕ اِنَّ اللّٰهَ اَعَدَّ لِلۡكٰفِرِيۡنَ عَذَابًا مُّهِيۡنًا ﴿۱۰۲﴾
رهو هوشيار، بيشڪ الله تيار ڪيو آهي ڪافرن لاءِ عذاب خوار ڪندڙ.

فَاِذَا قَضَيۡتُمُ الصَّلٰوةَ فَاذۡكُرُوا اللّٰهَ قِيٰمًا وَّ قُعُوۡدًا وَّ
پوءِ جڏهن ادا ڪئي توهان نماز ته ذڪر ڪريو الله جو بيٺي ۽ ويٺي ۽

عَلٰى جُنُوۡبِكُمۡ ۚ فَاِذَا اطۡمَاۡنَنۡتُمۡ فَاَقِيۡمُوا الصَّلٰوةَ ۚ اِنَّ
پنهنجن پاسن پر، پوءِ جڏهن قرار وٺو ته سنياري پڙهو نماز، بيشڪ

الصَّلٰوةَ كَانَتۡ عَلَى الۡمُؤۡمِنِيۡنَ كِتٰبًا مَّوۡقُوۡتًا ﴿۱۰۳﴾ وَ لَا تَهِنُوۡا
نماز آهي مسلمانن تي فرض وقت وارو. ۽ نه سُست ٿيو

فِى ابۡتِغَآءِ الۡقَوۡمِ ؕ اِنۡ تَكُوۡنُوۡا تَاۡلَمُوۡنَ فَاِنَّهُمۡ يَاۡلَمُوۡنَ
پيڇي ڪرڻ ڪافرن جي ۾، جيڪڏهن توهان ايذايل آهيو ته اهي پڻ ايذايل آهن

كَمَا تَاۡلَمُوۡنَ ۚ وَ تَرۡجُوۡنَ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا يَرۡجُوۡنَ ؕ وَ
جيئن توهان ايذايل آهيو، ۽ توهان اميد رکو ٿا الله ۾ جا اهي نه ٿا اميد رکن، ۽

كَانَ اللّٰهُ عَلِيۡمًا حَكِيۡمًا ﴿۱۰۴﴾ ع اِنَّاۤ اَنۡزَلۡنَاۤ اِلَيۡكَ الۡكِتٰبَ بِالۡحَقِّ
آهي الله علم رکندڙ حڪمت وارو. بيشڪ اسان لاٿو توتي ڪتاب سچو

لِتَحۡكُمَ بَيۡنَ النَّاسِ بِمَاۤ اَرٰٮكَ اللّٰهُ ؕ وَ لَا
جيئن فيصلو ڪرين ماڻهن جي وچ ۾ ان سان جيڪي سمجهايو توکي الله، ۽ نه

تَكُنۡ لِّلۡخَآئِنِيۡنَ خَصِيۡمًا ﴿۱۰۵﴾ لا وَّ اسۡتَغۡفِرِ اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ
ٿيءُ ڪوڙن جو طرفدار. ۽ بخشش گهُر الله کان، بيشڪ الله

كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ۝١٠٦ ۚ وَ لَا تُجَادِلْ عَنِ الَّذِيْنَ يَخْتَانُوْنَ

بخشيندڙ مهربان آهي. ۽ نه جهڳڙو ڪر انهن جي طرفان جيڪي ڪوٽ رکن ٿا

اَنْفُسَهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ مَنْ كَانَ خَوَّانًا اَثِيْمًا ۝١٠٧ ۙ

پنهنجي دلين ۾، بيشڪ الله نه ٿو پسند ڪري ان کي جو آهي ڪوٽ ڪندڙ ڏوهاري.

يَّسْتَخْفُوْنَ مِنَ النَّاسِ وَ لَا يَسْتَخْفُوْنَ مِنَ اللّٰهِ وَ هُوَ مَعَهُمْ

لِڪي وڃن ٿا ماڻهن کان ۽ نه ٿا لِڪي سگهن الله کان ۽ اهو انهن سان گڏ آهي

اِذْ يُبَيِّتُوْنَ مَا لَا يَرْضٰى مِنَ الْقَوْلِ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ

جڏهن رات جو ڪن ٿا اُها ڳالهه جو ناهي راضي ان ڳالهه کان، ۽ آهي الله

بِمَا يَعْمَلُوْنَ مُحِيْطًا ۝١٠٨ هٰۤاَنْتُمْ هٰۤؤُلَآءِ جٰدَلْتُمْ عَنْهُمْ

سندن عملن تي گهيرو ڪندڙ. اجهو توهان اُهي آهيو جو جهڳڙو ڪيو ٿا انهن جي طرفان

فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۫ فَمَنْ يُّجَادِلُ اللّٰهَ عَنْهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ

زندگي دنيا جي ۾، پوءِ ڪير جهڳڙو ڪندو الله سان انهن جي طرفان قيامت ڏينهن

اَمْ مَّنْ يَّكُوْنُ عَلَيْهِمْ وَكِيْلًا ۝١٠٩ وَ مَنْ يَّعْمَلْ سُوْٓءًا اَوْ يَظْلِمْ

يا ڪير هوندو انهن جو پرجهلو. ۽ جيڪو ڪري ٿو بڇڙائي يا ظلم ڪري ٿو

نَفْسَهٗ ثُمَّ يَسْتَغْفِرِ اللّٰهَ يَجِدِ اللّٰهَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ۝١١٠ وَ مَنْ

پاڻ تي پوءِ معافي گهري ٿو الله کان ته لهندو الله کي بخشيندڙ مهربان. ۽ جيڪو

يَّكْسِبْ اِثْمًا فَاِنَّمَا يَكْسِبُهٗ عَلٰى نَفْسِهٖ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا

ڪري ٿو گناهه پوءِ رڳو ڪري ٿو ان کي پنهنجي سر تي، ۽ آهي الله ڄاڻندڙ

حَكِيْمًا ۝١١١ وَ مَنْ يَّكْسِبْ خَطِيْٓئَةً اَوْ اِثْمًا ثُمَّ يَرْمِ بِهٖ

حڪمت وارو. ۽ جيڪو ڪري ٿو غلطي يا گناهه پوءِ تهمت ڏئي ٿو ان جي

بَرِيْٓئًا فَقَدِ احْتَمَلَ بُهْتَانًا وَّ اِثْمًا مُّبِيْنًا ۝١١٢ ع وَ لَوْ

ڪنهن بي گناهه کي ته انهيءَ کنيو بهتان ۽ گناهه پڌرو. ۽ جيڪڏهن

٢٦ ٨ ١٣

لَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكَ وَ رَحْمَتُهٗ لَهَمَّتْ طَّآئِفَةٌ
نہ هجي ها الله جو فضل توتي ۽ ان جي مهرباني تہ ارادو ڪيو هئو هڪڙي ٽولي

مِّنْهُمْ اَنْ يُّضِلُّوْكَ ؕ وَ مَا يُضِلُّوْنَ اِلَّآ اَنْفُسَهُمْ وَ مَا
انهن مان توکي ڀلائڻ جو، ۽ نہ ٿا ڀلائن مگر پنهنجو پاڻ کي ۽ نہ

يَضُرُّوْنَكَ مِنْ شَيْءٍ ؕ وَ اَنْزَلَ اللّٰهُ عَلَيْكَ الْكِتٰبَ وَ
ٿا نقصان ڪن تنهنجو ڪجهہ بہ، ۽ لاٿو الله توتي ڪتاب ۽

الْحِكْمَةَ وَ عَلَّمَكَ مَا لَمْ تَكُنْ تَعْلَمُ ؕ وَ كَانَ
حڪمت ۽ سيکاريائين توکي اها شيءِ جا تون نہ ڄاڻندو هئين، ۽ آهي

فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكَ عَظِيْمًا ﴿١١٣﴾ لَا خَيْرَ فِيْ كَثِيْرٍ مِّنْ نَّجْوٰىهُمْ
الله جو فضل توتي وڏو. ناهي ڪا ڀلائي سندن ڪيترين ڳجهين صلاحن ۾

اِلَّا مَنْ اَمَرَ بِصَدَقَةٍ اَوْ مَعْرُوْفٍ اَوْ اِصْلَاحٍۭ بَيْنَ النَّاسِ ؕ
مگر ڪوئي چوي خيرات لاءِ يا چڱي ڪم لاءِ يا ناهہ ڪرائڻ لاءِ ماڻهن جي وچ ۾،

وَ مَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ اللّٰهِ فَسَوْفَ نُؤْتِيْهِ
۽ جيڪو ڪندو اهو ڪم گهرندي رضا الله جي تہ جلد ڏينداسون ان کي

اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿١١٤﴾ وَ مَنْ يُّشَاقِقِ الرَّسُوْلَ مِنْۢ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ
ثواب وڏو. ۽ جيڪو مخالفت ڪندو رسول جي جڏهن جو ظاهر ٿي

لَهُ الْهُدٰى وَ يَتَّبِعْ غَيْرَ سَبِيْلِ الْمُؤْمِنِيْنَ نُوَلِّهٖ
انهيءَ لاءِ هدايت ۽ هلندو ابتڙ رستي مسلمانن جي تہ ڦيرائينداسون ان کي

مَا تَوَلّٰى وَ نُصْلِهٖ جَهَنَّمَ ؕ وَ سَآءَتْ مَصِيْرًا ﴿١١٥﴾ اِنَّ
جنهن پاسي ڦري ويو ۽ وجهنداسون ان کي دوزخ ۾، ۽ اها بڇڙي جاءِ آهي. بيشڪ

اللّٰهَ لَا يَغْفِرُ اَنْ يُّشْرَكَ بِهٖ وَ يَغْفِرُ مَا دُوْنَ ذٰلِكَ
الله نہ ٿو بخشي جو شريڪ ڪجي ان سان ۽ بخشي ٿو پيو ڏوهہ ان کان سواءِ

لِمَنۡ يَّشَآءُ ؕ وَ مَنۡ يُّشۡرِكۡ بِاللّٰهِ فَقَدۡ ضَلَّ ضَلٰلًا ۢ
جنهن لاءِ گهري، ۽ جيڪو شريڪ ڪري ٿو ❶ الله سان پوءِ اهو گمراهه ٿي ويو

بَعِيۡدًا ﴿۱۱۶﴾ اِنۡ يَّدۡعُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِهٖۤ اِلَّاۤ اِنٰثًا ۚ وَ اِنۡ يَّدۡعُوۡنَ
پري پيو. نه ٿا سڏين ان ڪان سواءِ مگر مادين کي، ۽ نه ٿا سڏين

اِلَّا شَيۡطٰنًا مَّرِيۡدًا ﴿۱۱۷﴾ لَّعَنَهُ اللّٰهُ ۘ وَ قَالَ لَاَتَّخِذَنَّ
مگر شيطان سرڪش کي. ڌڪاريو ان کي الله، ۽ ان چيو آءٌ وٺندس

مِنۡ عِبَادِكَ نَصِيۡبًا مَّفۡرُوۡضًا ﴿۱۱۸﴾ لا وَّ لَاُضِلَّنَّهُمۡ وَ
تنهنجي ٻانهن مان حصو مقرر. ۽ ضرور ڀُلائيندس انهنکي ۽

لَاُمَنِّيَنَّهُمۡ وَ لَاٰمُرَنَّهُمۡ فَلَيُبَتِّكُنَّ اٰذَانَ الۡاَنۡعَامِ
سَڌون ڏياريندس انهنکي ۽ حڪم ڪندس انهنکي پوءِ چيريندا ڪن جانورن جا

وَ لَاٰمُرَنَّهُمۡ فَلَيُغَيِّرُنَّ خَلۡقَ اللّٰهِ ؕ وَ مَنۡ يَّتَّخِذِ الشَّيۡطٰنَ
۽ حڪم ڪندس انهنکي ته پوءِ بدلائيندا ❷ جوڙ الله جي، ۽ جنهن بڻايو شيطان کي

وَلِيًّا مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ فَقَدۡ خَسِرَ خُسۡرَانًا مُّبِيۡنًا ﴿۱۱۹﴾ ط يَعِدُهُمۡ
دوست ڇڏي الله کي ته اهو پيو نقصان پڌري ۾. انجام ڏئي ٿو انهنکي

وَ يُمَنِّيۡهِمۡ ؕ وَ مَا يَعِدُهُمُ الشَّيۡطٰنُ اِلَّا غُرُوۡرًا ﴿۱۲۰﴾
۽ سڌون ڏياري ٿو انهنکي، ۽ نه ٿو انجام ڏئي انهنکي شيطان مگر ڌوڪي لاءِ.

اُولٰٓئِكَ مَاۡوٰىهُمۡ جَهَنَّمُ ۫ وَ لَا يَجِدُوۡنَ عَنۡهَا مَحِيۡصًا ﴿۱۲۱﴾ وَ الَّذِيۡنَ
اهي ئي جاءِ انهن جي دوزخ آهي ۽ نه لهندا اُتان جاءِ ڀڄڻ جي. ۽ جن

اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ سَنُدۡخِلُهُمۡ جَنّٰتٍ تَجۡرِىۡ
ايمان آندو ۽ ڪم ڪيا چڱا جلد داخل ڪنداسون انهنکي باغن ۾ وهن ٿيون

مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ خٰلِدِيۡنَ فِيۡهَاۤ اَبَدًا ؕ وَعۡدَ اللّٰهِ حَقًّا ؕ وَ
جن جي هيٺان واهيون رهندا ان ۾ هميشه، وعدو الله جو سچو آهي، ۽

وقف لازم

مَنْ اَصْدَقُ مِنَ اللّٰهِ قِيْلًا ﴿١٢٢﴾ لَيْسَ بِاَمَانِيِّكُمْ وَ لَآ

ڪير آهي وڌيڪ سچو الله کان ڳالهه ڪرڻ ۾. اهو ناهي توهان جي سڌن تي ۽ نڪي

اَمَانِيِّ اَهْلِ الْكِتٰبِ ؕ مَنْ يَّعْمَلْ سُوْٓءًا يُّجْزَ بِهٖ ۙ وَ لَا

سڌن اهل ڪتاب جي تي، جيڪو ڪندو بڇڙائي ته بدلو ملندس ان جو ۽ نه

يَجِدْ لَهٗ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلِيًّا وَّ لَا نَصِيْرًا ﴿١٢٣﴾ وَ مَنْ

لهندو پنهنجي لاءِ الله کان سواءِ ڪوئي حمايتي ۽ نه ڪي مددگار. ۽ جيڪو

يَّعْمَلْ مِنَ الصّٰلِحٰتِ مِنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَ هُوَ مُؤْمِنٌ فَاُولٰٓئِكَ

ڪندو ڪم چڱا مرد هجي يا عورت ۽ اهو ايمان وارو هجي ته اُهي

يَدْخُلُوْنَ الْجَنَّةَ وَ لَا يُظْلَمُوْنَ نَقِيْرًا ﴿١٢٤﴾ وَ مَنْ اَحْسَنُ دِيْنًا

داخل ٿيندا جنت ۾ ۽ نه ظلم ڪيا ويندا ذري جيترو. ۽ ڪير زور ڀلو آهي دين ۾

مِّمَّنْ اَسْلَمَ وَجْهَهٗ لِلّٰهِ وَ هُوَ مُحْسِنٌ وَّ اتَّبَعَ مِلَّةَ

ان کان جو جهڪائي سر پنهنجو الله لاءِ ۽ اهو هجي چڱائي ڪندڙ ۽ هلي دين

اِبْرٰهِيْمَ حَنِيْفًا ؕ وَ اتَّخَذَ اللّٰهُ اِبْرٰهِيْمَ خَلِيْلًا ﴿١٢٥﴾ وَ لِلّٰهِ

ابراهيم تي جو هڪ طرفو هئو، ۽ بڻايو الله ابراهيم کي دوست. ۽ الله جو آهي

مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ

جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي، ۽ آهي الله هر شيءِ تي

مُّحِيْطًا ﴿١٢٦﴾ ع وَ يَسْتَفْتُوْنَكَ فِي النِّسَآءِ ؕ قُلِ اللّٰهُ يُفْتِيْكُمْ ع ١٨ ١١ ١٥

گهيرو ڪندڙ. ۽ پُڇاڪن ٿا توکان عورتن جي حق ۾، چئُ الله حڪم ڏئي ٿو توهانکي

فِيْهِنَّ ۙ وَ مَا يُتْلٰى عَلَيْكُمْ فِي الْكِتٰبِ فِيْ يَتٰمَى النِّسَآءِ

انهن ۾ ۽ جيڪي پڙهيو وڃي ٿو توهان تي قرآن ۾ يتيم عورتن جي باري ۾

الّٰتِيْ لَا تُؤْتُوْنَهُنَّ مَا كُتِبَ لَهُنَّ وَ تَرْغَبُوْنَ اَنْ

جو نه ٿا ڏيو انهن کي جيڪي لکيو ويو آهي انهن لاءِ ۽ چاهيو ٿا ① ته

تَنْكِحُوْهُنَّ وَ الْمُسْتَضْعَفِيْنَ مِنَ الْوِلْدَانِ ۙ وَ اَنْ تَقُوْمُوْا
شادي ڪريو انهن سان ۽ پڻ ڪمزور ٻارن جي باري ۾ ۽ هي ته قائم ڪريو

لِلْيَتٰمٰى بِالْقِسْطِ ؕ وَ مَا تَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ
يتيمن لاءِ انصاف ڪي، ۽ جيڪي ڪندؤ ڪا ڀلائي ته بيشڪ الله آهي

بِهٖ عَلِيْمًا ﴿۱۲۷﴾ وَ اِنِ امْرَاَةٌ خَافَتْ مِنْۢ بَعْلِهَا نُشُوْزًا اَوْ
ان کي ڄاڻندڙ. ۽ جيڪڏهن ڪا زال ڊڄي ٿي پنهنجي مڙس جي وڙهڻ يا

اِعْرَاضًا فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِمَاۤ اَنْ يُّصْلِحَا بَيْنَهُمَا صُلْحًا ؕ وَ
پاسيري ٿيڻ کان ته ناهي گناهه انهن ٻنهي تي جو ڪرائن پاڻ ۾ ناهه، ❶ ۽

الصُّلْحُ خَيْرٌ ؕ وَ اُحْضِرَتِ الْاَنْفُسُ الشُّحَّ ؕ وَ اِنْ تُحْسِنُوْا
ناهه ڀلو آهي، ۽ جڪڙيا ويا آهن نفس لالچ سان، ۽ جيڪڏهن ڀلائي ڪندؤ

وَ تَتَّقُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ﴿۱۲۸﴾ وَ
۽ پرهيزڪندؤ ته بيشڪ الله توهان جي سيني ڪمن جي خبر رکندڙ آهي. ۽

لَنْ تَسْتَطِيْعُوْۤا اَنْ تَعْدِلُوْا بَيْنَ النِّسَآءِ وَ لَوْ حَرَصْتُمْ
توهان هرگز نه رکي سگهندؤ برابري ڪرڻ زالن جي وچ ۾ ۽ توڙي جو ڪوشش ڪريو

فَلَا تَمِيْلُوْا كُلَّ الْمَيْلِ فَتَذَرُوْهَا كَالْمُعَلَّقَةِ ؕ وَ اِنْ
پوءِ نه لڙي وڃو صفا لڙڻ جو ڪري ڇڏيوان کي جهڙي لڙڪيل، ❷ ۽ جيڪڏهن

تُصْلِحُوْا وَ تَتَّقُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿۱۲۹﴾ وَ اِنْ
ناهه ڪندؤ ۽ پرهيزڪندؤ ته يقينن الله بخشيندڙ مهربان آهي. ۽ جيڪڏهن

يَّتَفَرَّقَا يُغْنِ اللّٰهُ كُلًّا مِّنْ سَعَتِهٖ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ
ٻئي جدا ٿي وڃن ته آسودو ڪندو الله هر ڪ کي پنهنجي فضل سان، ۽ آهي الله

وَاسِعًا حَكِيْمًا ﴿۱۳۰﴾ وَ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا
ڪشادگي ڪندڙ حڪمت وارو. ۽ الله لاءِ ئي آهي جو آسمانن ۾ آهي ۽ جو

فِي الْاَرْضِ ؕ وَ لَقَدْ وَصَّيْنَا الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ

زمين ۾ آهي، ۽ البت حڪم ڪيوسون انهن کي جي ڏنا ويا ڪتابُ

مِنْ قَبْلِكُمْ وَ اِيَّاكُمْ اَنِ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ وَ اِنْ تَكْفُرُوْا

توهان کان اڳ ۽ توهانکي به ته ڊڄو الله کان، ۽ جيڪڏهن ڪفر ڪندؤ

فَاِنَّ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَ

ته الله لاءِ آهي جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي، ۽

كَانَ اللّٰهُ غَنِيًّا حَمِيْدًا ﴿١٣١﴾ وَ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ

الله آسودو آهي ساراهيل آهي. ۽ الله لاءِ آهي جيڪي آسمانن ۾ آهي

وَ مَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَ كَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿١٣٢﴾ اِنْ

۽ جيڪي زمين ۾ آهي، ۽ ڪافي آهي الله ڪارساز. جيڪڏهن

يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ اَيُّهَا النَّاسُ وَ يَاْتِ بِاٰخَرِيْنَ ؕ وَ

اهو گهري ته نئي توهان کي اي انسانو! ۽ آڻي ٻين کي، ۽

كَانَ اللّٰهُ عَلٰى ذٰلِكَ قَدِيْرًا ﴿١٣٣﴾ مَنْ كَانَ يُرِيْدُ ثَوَابَ

الله آهي انهيءَ تي سگهه رکندڙ. جيڪو گهري ٿو ثواب (1)

الدُّنْيَا فَعِنْدَ اللّٰهِ ثَوَابُ الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ ؕ وَ

دنيا جو پوءِ نزديڪ الله جي ته آهي ثواب دنيا جو ۽ آخرت جو، ۽

كَانَ اللّٰهُ سَمِيْعًا بَصِيْرًا ﴿١٣٤﴾ ع يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُوْنُوْا ع ١٩ ٨ ١٦

الله ٻُڌندڙ آهي ڏسندڙ آهي. اي ايمان وارو! رهو

قَوّٰمِيْنَ بِالْقِسْطِ شُهَدَآءَ لِلّٰهِ وَلَوْ عَلٰٓى اَنْفُسِكُمْ

قائم انصاف تي شاهدي ڏيندڙ الله خاطر توڙي هجيوَ پاڻ تي

اَوِ الْوَالِدَيْنِ وَ الْاَقْرَبِيْنَ ۚ اِنْ يَّكُنْ غَنِيًّا اَوْ فَقِيْرًا

يا پيءُ ماءُ تي ۽ مائٽن تي، جيڪڏهن هجي آسودو يا غريب

فَاللّٰهُ اَوْلٰى بِهِمَا قف فَلَا تَتَّبِعُوا الْهَوٰٓى اَنْ تَعْدِلُوْا ج

تہ الله مهربان آهي انهن تي، پوءِ نہ هلو ❶ نفساني خواهشن تي عدالت ڪرڻ ۾،

وَ اِنْ تَلْوٗٓا اَوْ تُعْرِضُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ

۽ جيڪڏهن ڳالهائيندؤ وٺ تي يا منهن موڙيندؤ تہ يقينن الله

كَانَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ﴿١٣٥﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اٰمِنُوْا

توهان جي ڪمن جي خبر رکندڙ آهي. اي ايمان وارؤ ! مڃيو ❷

بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ الْكِتٰبِ الَّذِيْ نَزَّلَ عَلٰى رَسُوْلِهٖ

الله ۽ ان جي رسول ۽ ان ڪتاب کي جو لاتائين پنهنجي رسول تي

وَ الْكِتٰبِ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ مِنْ قَبْلُ ط وَ مَنْ يَّكْفُرْ

۽ انهيءَ ڪتاب کي جو لاتائين اڳ ۾، ۽ جيڪو انڪار ڪندو

بِاللّٰهِ وَ مَلٰٓئِكَتِهٖ وَ كُتُبِهٖ وَ رُسُلِهٖ وَ الْيَوْمِ

الله جو ۽ ان جي ملائڪن ۽ ان جي ڪتابن ۽ ان جي رسولن ۽ ڏينهن

الْاٰخِرِ فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًاۢ بَعِيْدًا ﴿١٣٦﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

قيامت جو پوءِ اهو گمراهہ تي رستي کان پري پيو. بيشڪ جيڪي مسلمان ٿيا

ثُمَّ كَفَرُوْا ثُمَّ اٰمَنُوْا ثُمَّ كَفَرُوْا ثُمَّ ازْدَادُوْا

پوءِ ڪفر ڪيائون پوءِ مسلمان ٿيا وري ڪفر ڪيائون پوءِ وڌي ويا

كُفْرًا لَّمْ يَكُنِ اللّٰهُ لِيَغْفِرَ لَهُمْ وَ لَا لِيَهْدِيَهُمْ

ڪفر ۾ ❸ تہ نہ آهي الله بخشڻ وارو انهن کي ۽ نڪي ڏسيندو انهن کي

سَبِيْلًا ط ﴿١٣٧﴾ بَشِّرِ الْمُنٰفِقِيْنَ بِاَنَّ لَهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿١٣٨﴾ لا

رستو. تون خبر ڏاءِ منافقن کي تہ انهن لاءِ آهي عذاب دردناڪ.

الَّذِيْنَ يَتَّخِذُوْنَ الْكٰفِرِيْنَ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ ط

جيڪي ونن ٿا ڪافرن کي دوست ڪري مسلمانن کي ڇڏي،

أَ يَبْتَغُوْنَ عِنْدَهُمُ الْعِزَّةَ فَاِنَّ الْعِزَّةَ لِلّٰهِ
ڇا گهرن ٿا انهن وٽ عزت ؟ پوءِ بيشڪ عزت الله لاءِ آهي

جَمِيْعًا ﴿١٣٩﴾ وَ قَدْ نَزَّلَ عَلَيْكُمْ فِي الْكِتٰبِ اَنْ اِذَا
سموري. ۽ انهيءَ حڪم لاٿو توهان تي قرآن ۾ ته جڏهن

سَمِعْتُمْ اٰيٰتِ اللّٰهِ يُكْفَرُ بِهَا وَ يُسْتَهْزَاُ
ٻڌو اوهان الله جي آيتن کي جو انڪار ڪيو وڃي انهن جو ۽ مسخري ڪئي وڃي

بِهَا فَلَا تَقْعُدُوْا مَعَهُمْ حَتّٰى يَخُوْضُوْا فِيْ حَدِيْثٍ
انهن سان ته نه ويهو انهن سان گڏ ❶ جيستائين گهڙن ڪنهن ڳالهه

غَيْرِهٖٓ ۖ اِنَّكُمْ اِذًا مِّثْلُهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ جَامِعُ
ٻيءَ ۾ نه ته توهان به تنهن مهل انهن جهڙا آهيو، بيشڪ الله گڏ ڪندڙ آهي

الْمُنٰفِقِيْنَ وَ الْكٰفِرِيْنَ فِيْ جَهَنَّمَ جَمِيْعًا ﴿١٤٠﴾ الَّذِيْنَ يَتَرَبَّصُوْنَ
منافقن ۽ ڪافرن کي دوزخ ۾ سيني کي. جيڪي انتظار ۾ آهن

بِكُمْ ۚ فَاِنْ كَانَ لَكُمْ فَتْحٌ مِّنَ اللّٰهِ قَالُوْٓا
توهان جي، پوءِ جيڪڏهن ٿيندي توهانکي سوڀ الله جي طرفان ته چوندا

اَ لَمْ نَكُنْ مَّعَكُمْ ۖ وَ اِنْ كَانَ لِلْكٰفِرِيْنَ نَصِيْبٌ ۙ
ڇا اسان نه هئاسون توهان سان گڏ، ۽ جيڪڏهن ٿيو ڪافرن جو وارو

قَالُوْٓا اَ لَمْ نَسْتَحْوِذْ عَلَيْكُمْ وَ نَمْنَعْكُمْ مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ؕ
ته چوندا ڇا اسان آڏر نه ڏني سون توهان کي ۽ بچايوسون توهان کي مسلمانن کان،

فَاللّٰهُ يَحْكُمُ بَيْنَكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ وَ لَنْ
پوءِ الله فيصلو ڪندو توهان جي وچ ۾ ڏينهن قيامت، ۽ هرگز نه

يَّجْعَلَ اللّٰهُ لِلْكٰفِرِيْنَ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ سَبِيْلًا ﴿١٤١﴾ ع اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ
ڪيو آهي الله ڪافرن لاءِ مسلمانن تي ڪو رستو. البت منافق ❷

ع ٢٠ / ١٧

يُخٰدِعُوْنَ اللّٰهَ وَ هُوَ خَادِعُهُمْ ۚ وَ اِذَا قَامُوْٓا اِلَى الصَّلٰوةِ
نڳي ٿا کن الله سان ۽ اهو جزا ڏيندو انهنکي، ۽ جڏهن اُٿن ٿا نماز تي

قَامُوْا كُسَالٰى ۙ يُرَآءُوْنَ النَّاسَ وَ لَا يَذْكُرُوْنَ اللّٰهَ اِلَّا
ته اُٿن ٿا ٻري سان ڏيکارين ٿا ماڻهن کي ۽ نه ٿا ياد کن الله کي مگر

قَلِيْلًا ۟ۙ مُّذَبْذَبِيْنَ بَيْنَ ذٰلِكَ ۖۗ لَآ اِلٰى هٰٓؤُلَآءِ وَ لَآ اِلٰى هٰٓؤُلَآءِ ؕ ١٤٢
ٿورو. لڙڪيل ٻنهي جي وچ ۾ نه هنن جي طرف ۽ نه هُنن جي طرف،

وَ مَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ سَبِيْلًا ۝١٤٣ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا
۽ جنهنکي ڀُلائي الله ته هرگز نه لهندين ان لاءِ ڪو رستو. اي ايمان وارو!

لَا تَتَّخِذُوا الْكٰفِرِيْنَ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ ؕ اَ تُرِيْدُوْنَ
نه وٺو ڪافرن کي دوست ڪري ڇڏي مسلمانن کي، ڇا گهرو ٿا توهان

اَنْ تَجْعَلُوْا لِلّٰهِ عَلَيْكُمْ سُلْطٰنًا مُّبِيْنًا ۝١٤٤ اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ
ته ڪريو الله جو پاڻ تي الزام پڌرو؟ بيشڪ منافق آهن

فِي الدَّرْكِ الْاَسْفَلِ مِنَ النَّارِ ۚ وَ لَنْ تَجِدَ لَهُمْ نَصِيْرًا ۝١٤٥ ۙ
طبقي هيٺين ۾ دوزخ جي، ۽ هرگز نه لهندين انهن لاءِ ڪوئي مددگار.

اِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا وَ اَصْلَحُوْا وَ اعْتَصَمُوْا بِاللّٰهِ وَ اَخْلَصُوْا
مگر جن توبهه ڪئي ۽ صالح ٿيا ۽ چنبڙيا ❶ الله کي ۽ نجي ڪيائون

دِيْنَهُمْ لِلّٰهِ فَاُولٰٓئِكَ مَعَ الْمُؤْمِنِيْنَ ؕ وَ سَوْفَ يُؤْتِ
پنهنجي تابعداري الله لاءِ پوءِ اهي ئي گڏ آهن ايمان وارن سان، ۽ جلد ڏيندو

اللّٰهُ الْمُؤْمِنِيْنَ اَجْرًا عَظِيْمًا ۝١٤٦ مَا يَفْعَلُ اللّٰهُ بِعَذَابِكُمْ
الله ايمان وارن کي درجو وڏو. ڇا ڪندو الله توهان کي عذاب ڏيئي

اِنْ شَكَرْتُمْ وَ اٰمَنْتُمْ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ شَاكِرًا عَلِيْمًا ۝١٤٧
جيڪڏهن توهان شڪر ڪريو ۽ ايمان وارا ٿيو، ۽ آهي الله شڪر قبول ڪندڙ ڄاڻندڙ.

لَا يُحِبُّ اللّٰهُ الْجَهْرَ بِالسُّوْٓءِ مِنَ الْقَوْلِ اِلَّا مَنْ ظُلِمَ ؕ

١ نہ ٿو پسند ڪري الله وڏي آواز بڇڙي ڳالهائڻ ڪي مگر جنهن تي ظلم ٿيو هجي

وَ كَانَ اللّٰهُ سَمِيْعًا عَلِيْمًا ﴿١٤٨﴾ اِنْ تُبْدُوْا خَيْرًا اَوْ

۽ آهي الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ. جيڪڏهن توهان ظاهر ڪندؤ ڪو چڱو ڪم يا

تُخْفُوْهُ اَوْ تَعْفُوْا عَنْ سُوْٓءٍ فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَفُوًّا

لڪائيندؤ انکي يا معاف ڪندؤ ڪا برائي پوءِ بيشڪ الله آهي معاف ڪندڙ

قَدِيْرًا ﴿١٤٩﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يَكْفُرُوْنَ بِاللّٰهِ وَ رُسُلِهٖ وَ يُرِيْدُوْنَ

قدرت وارو. يقينن جيڪي ڪفر ڪن ٿا الله ۽ ان جي رسولن جو ۽ ارادو ڪن ٿا

اَنْ يُّفَرِّقُوْا بَيْنَ اللّٰهِ وَ رُسُلِهٖ وَ يَقُوْلُوْنَ نُؤْمِنُ بِبَعْضٍ

فرق ڪرڻ جو درميان الله ۽ سندس رسولن جي ۽ چون ٿا تہ مڃون ٿا ڪن ڪي

وَّ نَكْفُرُ بِبَعْضٍ ۙ وَّ يُرِيْدُوْنَ اَنْ يَّتَّخِذُوْا بَيْنَ ذٰلِكَ سَبِيْلًا ﴿١٥٠﴾ ۙ

۽ نہ ٿا مڃون ٻين ڪي ۽ چاهين ٿا تہ وٺن انهيءَ وچ ۾ ڪو رستو.

اُولٰٓئِكَ هُمُ الْكٰفِرُوْنَ حَقًّا ۚ وَ اَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابًا

اهي ئي آهن ڪافر پڪا ۽ تيار ڪيو آهي اسان ڪافرن لاءِ عذاب

مُّهِيْنًا ﴿١٥١﴾ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَ رُسُلِهٖ وَ لَمْ

خوار ڪندڙ. ۽ جن ايمان آندو الله ۽ ان جي رسولن تي ۽ نہ

يُفَرِّقُوْا بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْهُمْ اُولٰٓئِكَ سَوْفَ يُؤْتِيْهِمْ

فرق ڪيائون انهن مان ڪنهين هڪ جي وچ ۾ تہ انهن ڪي جلد ڏيندو

اُجُوْرَهُمْ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿١٥٢﴾ ع يَسْـَٔلُكَ اَهْلُ الْكِتٰبِ

سندن اجر ۽ آهي الله بخشيندڙ مهربان. گهرن ٿا توکان اهل ڪتاب

اَنْ تُنَزِّلَ عَلَيْهِمْ كِتٰبًا مِّنَ السَّمَآءِ فَقَدْ سَاَلُوْا مُوْسٰٓى

تہ لاهِ انهن تي ڪو ڪتاب آسمان کان پوءِ انهن سوال ڪيو هو موسيٰ کان

اَكْبَرَ مِنْ ذٰلِكَ فَقَالُوْۤا اَرِنَا اللّٰهَ جَهْرَةً فَاَخَذَتْهُمُ
وڏو انهيءَ کان پوءِ چيائون ڏيکار اسان کي الله چٽو پوءِ ورتو انهن کي

الصّٰعِقَةُ بِظُلْمِهِمْ ۚ ثُمَّ اتَّخَذُوا الْعِجْلَ
وِڄ سندن گناهه سبب، وري ناهيائون گابو پوڄا لاءِ

مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُمُ الْبَيِّنٰتُ فَعَفَوْنَا عَنْ ذٰلِكَ ۚ وَ اٰتَيْنَا
معجزن پهچڻ کان بعد پوءِ معاف ڪيوسون ان کي، ۽ ڏنوسون

مُوْسٰى سُلْطٰنًا مُّبِيْنًا ﴿۱۵۳﴾ وَ رَفَعْنَا فَوْقَهُمُ الطُّوْرَ بِمِيْثَاقِهِمْ
موسىٰ کي غلبو پڌرو. ❶ ۽ ڪڙو ڪيوسون انهن تي طور کي انهن کان وعدو وٺڻ لاءِ

وَ قُلْنَا لَهُمُ ادْخُلُوا الْبَابَ سُجَّدًا وَّ قُلْنَا لَهُمْ لَا
۽ چيوسون انهن کي ته داخل ٿيو دروازي کان سجدو ڪندي ۽ چيوسون انهن کي ته نه

تَعْدُوْا فِي السَّبْتِ وَ اَخَذْنَا مِنْهُمْ مِّيْثَاقًا غَلِيْظًا ﴿۱۵۴﴾
لنگهو حد کان ڇنڇر ڏينهن ۽ ورتوسون انهن کان وعدو پڪو.

فَبِمَا نَقْضِهِمْ مِّيْثَاقَهُمْ وَ كُفْرِهِمْ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَ قَتْلِهِمُ
پوءِ لعنت آئين سندن وعده ڀڃڻ سبب ۽ نه مڃڻ ڪري الله جي آيتن کي ۽ خون ڪرڻ ڪري

الْاَنْۢبِيَآءَ بِغَيْرِ حَقٍّ وَّ قَوْلِهِمْ قُلُوْبُنَا غُلْفٌ ؕ بَلْ
نبين کي ناحق ۽ سندن هن چوڻ ڪري ته دليون اسان جون پردي ۾ آهن، نه پر

طَبَعَ اللّٰهُ عَلَيْهَا بِكُفْرِهِمْ فَلَا يُؤْمِنُوْنَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿۱۵۵﴾ ص
مُهر هنئي الله انهن جي دلين تي سندن ڪفر جي ڪري ❷ پوءِ نه ايمان آڻيندا مگر ٿورا.

وَّ بِكُفْرِهِمْ وَ قَوْلِهِمْ عَلٰى مَرْيَمَ بُهْتَانًا عَظِيْمًا ﴿۱۵۶﴾ لا
۽ سندن ڪفر جي ڪري ۽ سندن مريم جي ڪري مريم تي بهتان وڏو.

وَّ قَوْلِهِمْ اِنَّا قَتَلْنَا الْمَسِيْحَ عِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ
۽ سندن چوڻ جي ڪري ته اسان قتل ڪيوسون مسيح عيسىٰ پُٽ مريم

رَسُوْلَ اللّٰهِ ۚ وَ مَا قَتَلُوْهُ وَمَا صَلَبُوْهُ وَلٰكِنْ

الله جي رسول کي، هوڏانهن نہ قتل ڪيائون انکي نکي ڦاسي ڏنائون ❶ پر

شُبِّهَ لَهُمْ ۗ وَاِنَّ الَّذِيْنَ اخْتَلَفُوْا فِيْهِ

انهيءَ جهڙو تي پيواهو (مقتول) انهن لاءِ، ۽ اهي جن اختلاف ڪيو انهيءَ ۾

لَفِيْ شَكٍّ مِّنْهُ ۗ مَا لَهُمْ بِهٖ مِنْ عِلْمٍ اِلَّا اتِّبَاعَ الظَّنِّ ۚ

سي خود شڪ ۾ آهن ان ڪان، ناهي انهنکي ان جي ڪا خبر مگر پيروي وهم جي،

وَ مَا قَتَلُوْهُ يَقِيْنًا ۝١٥٧ بَلْ رَّفَعَهُ اللّٰهُ اِلَيْهِ ۗ

❷ ۽ ڪونہ ماريو هئائون انکي پڪ. پر مٿي ڪٽي ورتو ان کي الله پنهنجي طرف،

وَ كَانَ اللّٰهُ عَزِيْزًا حَكِيْمًا ۝١٥٨ وَ اِنْ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ اِلَّا

۽ آهي الله زبردست حڪمت وارو. ۽ نہ رهندو ڪوئي اهل ڪتاب مگر

لَيُؤْمِنَنَّ بِهٖ قَبْلَ مَوْتِهٖ ۚ وَ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ يَكُوْنُ عَلَيْهِمْ

ضرور ايمان آڻيندو انهي تي ان جي مرڻ کان اڳ، ❸ ۽ ڏينهن قيامت اهو هوندو انهن تي

شَهِيْدًا ۝١٥٩ فَبِظُلْمٍ مِّنَ الَّذِيْنَ هَادُوْا حَرَّمْنَا عَلَيْهِمْ

شاهد. پوءِ ڪارڻ ظلم يهودين جي حرام ڪيون سون انهن تي

طَيِّبٰتٍ اُحِلَّتْ لَهُمْ وَ بِصَدِّهِمْ

ڪي سُنيون شيون جيڪي حلال هيون انهن لاءِ ۽ سندن رڪاوٽ وجهڻ جي ڪري

عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ كَثِيْرًا ۝١٦٠ وَّ اَخْذِهِمُ الرِّبٰوا وَقَدْ نُهُوْا

الله جي رستي کان گهڻي قدر. ۽ سندن وياج وٺڻ جي ڪري ❹ حالانڪ روڪيل هئا

عَنْهُ وَ اَكْلِهِمْ اَمْوَالَ النَّاسِ بِالْبَاطِلِ ۗ وَ اَعْتَدْنَا

انهيءَ کان ۽ سندن ڪائڻ جي ڪري مال ماڻهن جا ڪوڙ تي، ۽ تيار ڪيو سون

لِلْكٰفِرِيْنَ مِنْهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ۝١٦١ لٰكِنِ الرّٰسِخُوْنَ فِي الْعِلْمِ

انهن مان منڪرن لاءِ عذاب ڏکوئيندڙ. پر جيڪي پختا آهن علم ۾

مِنۡهُمۡ وَ الۡمُؤۡمِنُوۡنَ يُؤۡمِنُوۡنَ بِمَاۤ اُنۡزِلَ اِلَيۡكَ وَ مَاۤ

انهن مان ۽ ايمان وارا سي مڃين ٿا ان کي جيڪي لاٿو ويو توڏانهن ۽ جيڪي

اُنۡزِلَ مِنۡ قَبۡلِكَ وَ الۡمُقِيۡمِيۡنَ الصَّلٰوةَ وَ الۡمُؤۡتُوۡنَ الزَّكٰوةَ

لاٿو ويو توکان اڳ ۾ ❶ ۽ قائم ڪندڙ آهن نماز کي ۽ ڏيندڙ زکوات کي

وَ الۡمُؤۡمِنُوۡنَ بِاللّٰهِ وَ الۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ ؕ اُولٰٓئِكَ سَنُؤۡتِيۡهِمۡ

۽ ايمان آڻيندڙ آهن الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي، اهي ئي آهن جلد ڏينداسون انهن کي

اَجۡرًا عَظِيۡمًا ﴿١٦٢﴾ ع اِنَّاۤ اَوۡحَيۡنَاۤ اِلَيۡكَ كَمَاۤ اَوۡحَيۡنَاۤ

اجر وڏو. بيشڪ وحي موڪليوسون توڏانهن جيئن وحي موڪليوسون

اِلٰى نُوۡحٍ وَّ النَّبِيّٖنَ مِنۡۢ بَعۡدِهٖ ۚ وَ اَوۡحَيۡنَاۤ اِلٰۤى اِبۡرٰهِيۡمَ

نوح ۽ ٻين نبين ڏانهن ان کان پوءِ ❷ ۽ وحي موڪليوسون ابراهيم

وَ اِسۡمٰعِيۡلَ وَ اِسۡحٰقَ وَ يَعۡقُوۡبَ وَ الۡاَسۡبَاطِ وَ عِيۡسٰى وَ

۽ اسماعيل ۽ اسحاق ۽ يعقوب ۽ انهن جي اولاد ۽ عيسيٰ ۽

اَيُّوۡبَ وَ يُوۡنُسَ وَ هٰرُوۡنَ وَ سُلَيۡمٰنَ ۚ وَ اٰتَيۡنَا دَاوٗدَ زَبُوۡرًا ﴿١٦٣﴾ ۚ

ايوب ۽ يونس ۽ هارون ۽ سليمان ڏانهن، ۽ ڏنوسون دائود کي زبور.

وَ رُسُلًا قَدۡ قَصَصۡنٰهُمۡ عَلَيۡكَ مِنۡ قَبۡلُ وَ رُسُلًا

۽ ڪيترائي رسول جيڪي ٻڌاياسون توکي اڳي ۽ ٻيا ڪيترا رسول

لَّمۡ نَقۡصُصۡهُمۡ عَلَيۡكَ ؕ وَ كَلَّمَ اللّٰهُ مُوۡسٰى تَكۡلِيۡمًا ﴿١٦٤﴾ ۚ

نه ٻڌاياسون اهي توکي، ۽ ڳالهايو الله موسيٰ سان سڌوسنئون. ❸

رُسُلًا مُّبَشِّرِيۡنَ وَ مُنۡذِرِيۡنَ لِئَلَّا يَكُوۡنَ لِلنَّاسِ

ڪيترائي رسول خوشي ٻڌائيندڙ ۽ پوءِ ڊيڄاريندڙ جيئن نه رهي ماڻهن جو

عَلَى اللّٰهِ حُجَّةٌۢ بَعۡدَ الرُّسُلِ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ عَزِيۡزًا حَكِيۡمًا ﴿١٦٥﴾

الله تي ڪو الزام رسولن کان پوءِ ۽ آهي الله زبردست حڪمت وارو.

لٰكِنِ اللّٰهُ يَشْهَدُ بِمَآ اَنْزَلَ اِلَيْكَ اَنْزَلَهٗ

پر الله شاهدي ڏئي ٿو تہ جيڪي نازل ڪيائين توڏانهن نازل ڪيائين انهيءَ ڪي

بِعِلْمِهٖ ج وَ الْمَلٰٓئِكَةُ يَشْهَدُوْنَ ط وَ كَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا ﴿١٦٦﴾

پنهنجي علم سان، ۽ ملائڪ بہ شاهدي ٿا ڏين، ۽ ڪافي آهي الله شاهد.

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ صَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ

البت جن ماڻهن ڪفرڪيو ۽ روڪيائون الله جي رستي کان

قَدْ ضَلُّوْا ضَلٰلًا بَعِيْدًا ﴿١٦٧﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ ظَلَمُوْا لَمْ

اهي گمراھ ٿي وڃي پري پيا. بيشڪ جن انڪارڪيو ۽ ناحق ڪيو نہ

يَكُنِ اللّٰهُ لِيَغْفِرَ لَهُمْ وَ لَا لِيَهْدِيَهُمْ طَرِيْقًا ﴿١٦٨﴾ لا اِلَّا طَرِيْقَ

الله بخشيندو انهن کي ۽ نڪي ڏسيندو انهنکي سڌو رستو. مگر رستو

جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ط وَ كَانَ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرًا ﴿١٦٩﴾

دوزخ جو رهندا انهيءَ ۾ هميشہ، ۽ آهي اهو الله تي آسان. ١

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَكُمُ الرَّسُوْلُ بِالْحَقِّ مِنْ رَّبِّكُمْ

اي انسانو! آندو توهان وٽ رسول حق ڪي توهان جي پروردگارکان

فَاٰمِنُوْا خَيْرًا لَّكُمْ ط وَ اِنْ تَكْفُرُوْا فَاِنَّ لِلّٰهِ مَا

پوءِ مڃيو تہ يلو ٿئي توهان جو، ۽ جيڪڏهن انڪارڪندؤ تہ بيشڪ الله جو آهي جيڪي

فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ط وَ كَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿١٧٠﴾

آسمانن ۾ آهي ۽ زمين ۾ آهي، ۽ آهي الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو.

يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ لَا تَغْلُوْا فِيْ دِيْنِكُمْ وَ لَا تَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ اِلَّا

اي اهل ڪتاب نہ وڌاءُ ڪريو پنهنجي دين ۾ ۽ نہ ڳالهايو الله تي مگر

الْحَقَّ ط اِنَّمَا الْمَسِيْحُ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ رَسُوْلُ اللّٰهِ وَ كَلِمَتُهٗ ج

سچ، رڳو خيرَ هتو عيسيٰ بن مريم. آهي رسول الله جو ۽ امرُ انهيءَ جو،

اَلْقٰىهَآ اِلٰى مَرْيَمَ وَ رُوْحٌ مِّنْهُ ز فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَ
جنهنکي پهچايائين مريم تائين ۽ رُوحُ انهيءَ کان ❶ پوءِ مڃيو الله کي ۽

رُسُلِهٖ قف وَ لَا تَقُوْلُوْا ثَلٰثَةٌ ط اِنْتَهُوْا خَيْرًا لَّكُمْ ط اِنَّمَا اللّٰهُ
ان جي رسولن کي، ۽ نہ چئو ٽي آهن، مُڙي وڃو تہ ڀلو ٿئي توهان جو، رڳو الله

اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ط سُبْحٰنَهٗٓ اَنْ يَّكُوْنَ لَهٗ وَلَدٌ م لَهٗ
مالک هڪڙوئي آهي، اهو هن کان پاک آهي تہ هجي ان کي اولاد، ❷ انهيءَ لاءِ آهي

مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الْاَرْضِ ط وَ كَفٰى بِاللّٰهِ
جيکي آسمانن ۾ ۽ جيکي زمين ۾ آهي، ۽ ڪافي آهي الله

وَكِيْلًا ۧ ع لَنْ يَّسْتَنْكِفَ الْمَسِيْحُ اَنْ يَّكُوْنَ عَبْدًا لِّلّٰهِ وَ لَا
ڪارساز. بنهہ نہ ٿو عار ڪري مسيح تہ هجي ٻانهو الله جو ❸ ۽ نکي

الْمَلٰٓئِكَةُ الْمُقَرَّبُوْنَ ط وَ مَنْ يَّسْتَنْكِفْ عَنْ عِبَادَتِهٖ
ملائڪ ويجهي درجي وارا، ۽ جيڪو عار ڪندو انهيءَ جي عبادت کان

وَ يَسْتَكْبِرْ فَسَيَحْشُرُهُمْ اِلَيْهِ جَمِيْعًا ۧ فَاَمَّا الَّذِيْنَ
۽ آڪڙ ڪندو تہ جلد گڏ ڪندو انهن سيني کي پاڻ وٽ. پوءِ جن

اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَيُوَفِّيْهِمْ اُجُوْرَهُمْ وَ
ايمان آندو ۽ ڪم ڪيا چڱا تہ پورو ڏيندو انهن کي سندن اجورا ۽

يَزِيْدُهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ج وَاَمَّا الَّذِيْنَ اسْتَنْكَفُوْا
وڌائي ڏيندو انهن کي پنهنجي مهرباني مان، ۽ جن نفرت ڪئي

وَ اسْتَكْبَرُوْا فَيُعَذِّبُهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ۵ لا وَّ لَا
۽ آڪڙ ڪئي پوءِ عذاب ڏيندو انهنکي عذاب دردناڪ، ۽ نہ

يَجِدُوْنَ لَهُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلِيًّا وَّ لَا نَصِيْرًا ۧ
لهندا پاڻ لاءِ الله کان سواءِ ڪوئي مددگار ۽ نہ پنيرائي ڪندڙ.

وقف لازم ع ٢٣ ٩ ٣

يَاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَكُمْ بُرْهَانٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَ اَنْزَلْنَآ
اي انسانو! پهچي ويو توهان وٽ دليل توهان جي رب کان ۽ لاٿي سي

اِلَيْكُمْ نُوْرًا مُّبِيْنًا ﴿۱۷۴﴾ فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ
توهان تي روشني پڌري. پوءِ جن ايمان آندو الله تي

وَ اعْتَصَمُوْا بِهٖ فَسَيُدْخِلُهُمْ فِيْ رَحْمَةٍ مِّنْهُ وَ
۽ چنبڙيا انکي تہ جلد داخل ڪندو انهنکي رحمت پنهنجي ۾

فَضْلٍ لا وَّ يَهْدِيْهِمْ اِلَيْهِ صِرَاطًا مُّسْتَقِيْمًا ﴿۱۷۵﴾ ط
مهرباني ۾ ۽ ڏيکاريندو انهنکي پاڻ ڏانهن رستو سڌو.

يَسْتَفْتُوْنَكَ ط قُلِ اللّٰهُ يُفْتِيْكُمْ فِي الْكَلٰلَةِ ط اِنِ
فتوي پُڇن ٿا توکان، چئو الله حڪم ڏئي ٿو توهانکي نپٽي آؤٽي ۾ ❶ تہ جيڪڏهن

امْرُؤٌا هَلَكَ لَيْسَ لَهٗ وَلَدٌ وَّ لَهٗٓ اُخْتٌ
اهڙو مرد مري پوي جو ناهي انکي اولاد ۽ انکي ڀيڻ آهي

فَلَهَا نِصْفُ مَا تَرَكَ ج وَ هُوَ يَرِثُهَآ اِنْ
تہ ان لاءِ آهي اڌ ڇڏيل مال جو، ۽ اهو وارث ٿيندو ڀيڻ جو جي

لَّمْ يَكُنْ لَّهَا وَلَدٌ ط فَاِنْ كَانَتَا اثْنَتَيْنِ فَلَهُمَا
نہ آهي انکي اولاد، پر جيڪڏهن هجن ٻہ ڀينر تہ انهن لاءِ آهن

الثُّلُثٰنِ مِمَّا تَرَكَ ط وَ اِنْ كَانُوْٓا اِخْوَةً رِّجَالًا وَّ
ٻہ ٽهايون ان مان جو ڇڏيائين، ۽ جيڪڏهن ان جي برادر مرد ۽

نِسَآءً فَلِلذَّكَرِ مِثْلُ حَظِّ الْاُنْثَيَيْنِ ط يُبَيِّنُ
عورتون آهن تہ مرد لاءِ آهي جيترو ڀاڱو ٻن عورتن جو، بيان ڪري ٿو

اللّٰهُ لَكُمْ اَنْ تَضِلُّوْا ط وَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿۱۷۶﴾ ع
الله توهان لاءِ متان گمراهہ ٿيو، ۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.

ع ۲۴ ۵ ۴

يُحِبُّ الْمُتَّقِيْنَ ۝٧ كَيْفَ وَ اِنْ يَّظْهَرُوْا عَلَيْكُمْ

پسند ڪري ٿو پرهيزگارن کي. ① ڪيئن پلا ۽ جيڪڏهن اهي قبضو ڪندا توهان تي

لَا يَرْقُبُوْا فِيْكُمْ اِلًّا وَّ لَا ذِمَّةً ۭ يُرْضُوْنَكُمْ

تہ نہ لحاظ رکندا توهان جي مائٽي جو ۽ نہ وعدي جو، خوش ٿا ڪن توهان کي

بِاَفْوَاهِهِمْ وَ تَاْبٰى قُلُوْبُهُمْ ۚ وَ اَكْثَرُهُمْ فٰسِقُوْنَ ۝٨ۚ

زباني طور ۽ نہ ٿيون مڃين دليون انهن جون، ۽ اڪثر اهي غدار آهن.

اِشْتَرَوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ثَمَنًا قَلِيْلًا فَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِهٖ ۭ اِنَّهُمْ

وڪيائون الله جون آيتون رقم ٿوري تي پوءِ روڪيائون ان جي رستي کان، بيشڪ

سَاۗءَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ۝٩ لَا يَرْقُبُوْنَ فِيْ مُؤْمِنٍ اِلًّا

بُرو آهي جيڪي اهي ڪن ٿا. ② نہ ٿا لحاظ رکن ڪنهن مسلمان بابت مائٽي جو

وَّ لَا ذِمَّةً ؕ وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُعْتَدُوْنَ ﴿۱۰﴾ فَاِنْ تَابُوْا وَ

۽ نہ وعدي جو، ۽ اهي ئي لِيڪو لنگهندڙ آهن. پوءِ جيڪڏهن توبهہ ڪن ۽

اَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتَوُا الزَّكٰوةَ فَاِخْوَانُكُمْ فِي الدِّيْنِ ؕ وَ

قائم ڪن نماز ۽ ڏين زڪوات پوءِ ڀائر آهن توهان جا دين ۾، ۽

نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿۱۱﴾ وَ اِنْ نَّكَثُوْٓا

اسين کولي ٻُڌايون ٿا آيتون انهن ماڻهن کي جيڪي ڄاڻ ڪن. ۽ جيڪڏهن ڀڃن

اَيْمَانَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ عَهْدِهِمْ وَ طَعَنُوْا فِيْ دِيْنِكُمْ فَقَاتِلُوْٓا

پنهنجا قسم عهد نامي کان پوءِ ۽ ٽوڪ ڪن توهان جي دين تي پوءِ وڙهو

اَئِمَّةَ الْكُفْرِ ۙ اِنَّهُمْ لَآ اَيْمَانَ لَهُمْ لَعَلَّهُمْ يَنْتَهُوْنَ ﴿۱۲﴾

ڪفر جي اڳواڻن سان، بس، نہ آهن قَسم انهن جا، شايد اهي روڪجي وڃن.

اَ لَا تُقَاتِلُوْنَ قَوْمًا نَّكَثُوْٓا اَيْمَانَهُمْ وَ هَمُّوْا بِاِخْرَاجِ الرَّسُوْلِ

ڇا نہ ٿا وڙهو ان قوم سان جن ڀڳا پنهنجا قسم ۽ سنبريا رسول جي ڪڍڻ تي

وَ هُمْ بَدَءُوْكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ ؕ اَ تَخْشَوْنَهُمْ ۚ فَاللّٰهُ

۽ انهن اڳرائي ڪئي توهان سان پهريائين، ڇا توهان ڊڄو ٿا انهن کان، ۽ الله

اَحَقُّ اَنْ تَخْشَوْهُ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۱۳﴾ قَاتِلُوْهُمْ

وڌيڪ حقدار آهي جو ڊڄو انهيءَ کان جيڪڏهن ايمان رکندڙ آهيو. وڙهو انهن سان

يُعَذِّبْهُمُ اللّٰهُ بِاَيْدِيْكُمْ وَ يُخْزِهِمْ وَ يَنْصُرْكُمْ

تہ عذاب ڪري انهن کي الله توهان جي هٿن سان ۽ خوار ڪري انهن کي ۽ مدد ڪري توهان جي

عَلَيْهِمْ وَ يَشْفِ صُدُوْرَ قَوْمٍ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۱۴﴾ۙ وَ يُذْهِبْ غَيْظَ

انهن تي ۽ ناري دليون ماڻهن مسلمانن جون. ❶ ۽ نِئي ڪاوڙ

قُلُوْبِهِمْ ؕ وَ يَتُوْبُ اللّٰهُ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌ

انهن جي دلين جي، ۽ بخشي ٿو الله جنهن کي گهري، ۽ الله ڄاڻندڙ آهي

حَكِيْمٌ ﴿١٥﴾ اَمْ حَسِبْتُمْ اَنْ تُتْرَكُوْا وَ لَمَّا يَعْلَمِ اللّٰهُ
داناءُ آهي. ڇا ڀانيو اٿوَ ته ڇڏيو ويندو توهان کي ❶ ۽ اڃا نه ڄاڃيو الله
الَّذِيْنَ جٰهَدُوْا مِنْكُمْ وَ لَمْ يَتَّخِذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَ
انهن کي جن جهاد ڪيو توهان مان ۽ نه ورتائون الله کان سواءِ ۽
لَا رَسُوْلِهٖ وَ لَا الْمُؤْمِنِيْنَ وَلِيْجَةً ؕ وَ اللّٰهُ خَبِيْرٌۢ
ان جي رسول ۽ مومنن کان سواءِ ڪو ڀرجهلو، ۽ الله خبر رکندڙ آهي
بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٦﴾ ع مَا كَانَ لِلْمُشْرِكِيْنَ اَنْ يَّعْمُرُوْا مَسٰجِدَ اللّٰهِ
جيڪي توهان ڪريو ٿا. ناهي ڪم مشرڪن جو ته آباد ڪن مسجدون الله جون
شٰهِدِيْنَ عَلٰۤى اَنْفُسِهِمْ بِالْكُفْرِ ؕ اُولٰٓئِكَ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ ۚۖ
ثابتي ڏيندي پاڻ تي ڪفر جي، اهي آهن جو بيڪار ٿيا عمل انهن جا،
وَ فِي النَّارِ هُمْ خٰلِدُوْنَ ﴿١٧﴾ اِنَّمَا يَعْمُرُ مَسٰجِدَ اللّٰهِ مَنْ
۽ باهه ۾ اهي هميشه رهندا. ❷ رڳو آباد ڪندو مسجدون الله جون اهو
اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَ اَقَامَ الصَّلٰوةَ وَ اٰتَى
جنهن يقين ڪيو الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ۽ قائم ڪئي نماز ۽ ڏني
الزَّكٰوةَ وَ لَمْ يَخْشَ اِلَّا اللّٰهَ فَعَسٰۤى اُولٰٓئِكَ اَنْ يَّكُوْنُوْا
زڪوات ۽ نه ڊنو مگر الله کان، پوءِ اميد آهي ته اهي ٿيندا
مِنَ الْمُهْتَدِيْنَ ﴿١٨﴾ اَ جَعَلْتُمْ سِقَايَةَ الْحَآجِّ وَ عِمَارَةَ
هدايت وارن مان. ڇا توهان ڪيو آهي پاڻي پيارڻ حاجين جو ۽ آباد ڪرڻ
الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ كَمَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ
مسجد الحرام جو برابر انهيءَ سان جيڪو يقين ڪري الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي
وَ جٰهَدَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ لَا يَسْتَوٗنَ عِنْدَ اللّٰهِ ؕ وَ اللّٰهُ لَا
۽ جهاد ڪري الله جي راهه ۾، اهي نه آهن هڪجهڙا الله وٽ، ۽ الله نه

ع ٢ ١٠ ٨

وقف لازم

يَهۡدِي الۡقَوۡمَ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿١٩﴾ اَلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ هَاجَرُوۡا
توهدايت ڪري قوم ظالم کي. ❶ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ هجرت ڪئي

وَ جٰهَدُوۡا فِيۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ بِاَمۡوَالِهِمۡ وَ اَنۡفُسِهِمۡ ۙ اَعۡظَمُ
۽ جنگ ڪئي الله جي راهه ۾ پنهنجن مالن ۽ پنهنجن جانين سان، سي تمام وڏي

دَرَجَةً عِنۡدَ اللّٰهِ ؕ وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الۡفَآئِزُوۡنَ ﴿٢٠﴾ يُبَشِّرُهُمۡ
مرتبي وارا آهن الله وٽ، ۽ اهي ئي ڪامياب آهن. خوشخبري ڏئي ٿو انهن کي

رَبُّهُمۡ بِرَحۡمَةٍ مِّنۡهُ وَ رِضۡوَانٍ وَّ جَنّٰتٍ لَّهُمۡ فِيۡهَا نَعِيۡمٌ
سندن پالڻهار پنهنجي رحمت ۽ رضا ۽ باغن جي انهن لاءِ اتي آهي آرام

مُّقِيۡمٌ ﴿٢١﴾ خٰلِدِيۡنَ فِيۡهَآ اَبَدًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ عِنۡدَهٗۤ اَجۡرٌ عَظِيۡمٌ ﴿٢٢﴾
هميشه وارو. اهي رهندا اتي سدائين، بيشڪ الله وٽ اجورو وڏو آهي.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا تَتَّخِذُوۡۤا اٰبَآءَكُمۡ وَ اِخۡوَانَكُمۡ
اي اهي جن ايمان آندو! نه وٺو پنهنجن ابن ڏاڏن ۽ پنهنجن ڀائرن کي

اَوۡلِيَآءَ اِنِ اسۡتَحَبُّوا الۡكُفۡرَ عَلَى الۡاِيۡمَانِ ؕ وَ مَنۡ
دوست ڪري ❷ جيڪڏهن اهي پسند ڪن ٿا ڪفر کي ايمان تي، ۽ جيڪي

يَّتَوَلَّهُمۡ مِّنۡكُمۡ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوۡنَ ﴿٢٣﴾ قُلۡ اِنۡ
دوستي رکندا انهن سان توهان مان ته اهي ئي ظالم آهن. چئو جيڪڏهن

كَانَ اٰبَآؤُكُمۡ وَ اَبۡنَآؤُكُمۡ وَ اِخۡوَانُكُمۡ وَ اَزۡوَاجُكُمۡ وَ
آهن توهان جا ابا ڏاڏا ۽ توهان جا پٽ پوٽا ۽ توهان جا ڀائر ۽ توهان جون زالون ۽

عَشِيۡرَتُكُمۡ وَ اَمۡوَالُ ۨاقۡتَرَفۡتُمُوۡهَا وَ تِجَارَةٌ تَخۡشَوۡنَ
توهان جو ڪٽنب ۽ اهي مالَ جيڪي ڪمايا اٿوَ ۽ واپار ڊڄو ٿا

كَسَادَهَا وَ مَسٰكِنُ تَرۡضَوۡنَهَآ اَحَبَّ اِلَيۡكُمۡ مِّنَ اللّٰهِ
جنهن جي بيهي وڃڻ کان ۽ جايون جن کي چاهيو ٿا، وڌيڪ پيارا توهان کي الله کان

وَ رَسُوْلِهٖ وَ جِهَادٍ فِيْ سَبِيْلِهٖ فَتَرَبَّصُوْا حَتّٰى يَاْتِيَ اللّٰهُ

۽ ان جي رسول کان ۽ جهاد في سبيل الله کان تہ انتظار ڪريو جيستائين موڪلي الله

بِاَمْرِهٖ ؕ وَ اللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿۲۴﴾ ع لَقَدْ

پنهنجو حُڪم، ۽ الله نہ ٿو هدايت ڪري ڏوهارين کي. يقينن

نَصَرَكُمُ اللّٰهُ فِيْ مَوَاطِنَ كَثِيْرَةٍ ۙ وَّ يَوْمَ حُنَيْنٍ ۙ اِذْ

توهان جي مدد ڪئي الله جاين گھڻين ۾ ۽ حنين واري ڏينهن بہ جڏهن

اَعْجَبَتْكُمْ كَثْرَتُكُمْ فَلَمْ تُغْنِ عَنْكُمْ شَيْـًٔا وَّ ضَاقَتْ

وٺي پئي توهان کي گھڻائي توهان جي پوءِ اها نہ ڪم آئي توهان کي ڪجھ بہ ۽ تنگ ٿي پئي

عَلَيْكُمُ الْاَرْضُ بِمَا رَحُبَتْ ثُمَّ وَلَّيْتُمْ مُّدْبِرِيْنَ ﴿۲۵﴾ ۚ ثُمَّ

توهان تي ڌرتي ويڪراڻ هوندي پوءِ هٽي ويؤ توهان پٺيرا ٿي. ❶ ان کان پوءِ

اَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِيْنَتَهٗ عَلٰى رَسُوْلِهٖ وَ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَ اَنْزَلَ

لاٿو الله پنهنجي طرفان قرار پنهنجي رسول تي ۽ ايمان وارن تي ۽ لاٿائين

جُنُوْدًا لَّمْ تَرَوْهَا وَ عَذَّبَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ؕ وَ ذٰلِكَ

اهڙا لشڪر جن کي توهان نہ پيا ڏسو، ۽ عذاب ڏنائين ڪافرن کي، ۽ اهائي آهي

جَزَآءُ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۲۶﴾ ثُمَّ يَتُوْبُ اللّٰهُ مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ ؕ

سزا ڪافرن جي. پوءِ بخشي ٿو الله ان کان پوءِ جنهن کي گھري،

وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۲۷﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنَّمَا الْمُشْرِكُوْنَ

۽ الله بخشڻهار مهربان آهي. اي ايمان وارو! رڳو مشرڪ اٿوَ

نَجَسٌ فَلَا يَقْرَبُوا الْمَسْجِدَ الْحَرَامَ بَعْدَ عَامِهِمْ هٰذَا ۚ وَ اِنْ

پليت پوءِ نہ ويجها ٿين مسجد الحرام کي پنهنجي هن سال کان پوءِ، ۽ جيڪڏهن

خِفْتُمْ عَيْلَةً فَسَوْفَ يُغْنِيْكُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖۤ اِنْ

ڊِڄو ٿا سڃائي کان تہ اجھو آسودو ڪندو توهان کي الله پنهنجي فضل سان جي

ع ۳ ۸ ۹

شَآءَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيۡمٌ حَكِيۡمٌ ﴿۲۸﴾ قَاتِلُوا الَّذِيۡنَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ

گھري، بيشڪ الله ڄاڻندڙ حڪيم آھي. ❶ لڙائي ڪريو انھن سان جيڪي نہ تا مڃين

بِاللّٰهِ وَ لَا بِالۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ وَ لَا يُحَرِّمُوۡنَ مَا حَرَّمَ اللّٰهُ

الله کي ۽ نہ آخرت واري ڏينھن کي ۽ نہ تا حرام چون جنھن کي حرام ڪيو الله

وَ رَسُوۡلُهٗ وَ لَا يَدِيۡنُوۡنَ دِيۡنَ الۡحَقِّ مِنَ الَّذِيۡنَ اُوۡتُوا

۽ ان جي رسول ۽ نہ تا هلن سچي دين تي يعني اھي جن کي ڏنو ويو

الۡكِتٰبَ حَتّٰى يُعۡطُوا الۡجِزۡيَةَ عَنۡ يَّدٍ وَّ هُمۡ صٰغِرُوۡنَ ﴿۲۹﴾ ع وَ قَالَتِ

ع ٤ ٥ ١٠

ڪتاب تان جو ادا ڪن ڍل ھٿ سان ۽ اھي ذليل ھجن. ❷ ۽ چيو

الۡيَهُوۡدُ عُزَيۡرُ ۨابۡنُ اللّٰهِ وَ قَالَتِ النَّصٰرَى الۡمَسِيۡحُ ابۡنُ اللّٰهِ ؕ

يھودن عزير الله جو پٽ آھي ❸ ۽ چيو نصارن عيسيٰ الله جو پٽ آھي،

ذٰلِكَ قَوۡلُهُمۡ بِاَفۡوَاهِهِمۡ ۚ يُضَاهِـُٔوۡنَ قَوۡلَ الَّذِيۡنَ

اھي انھن جون ڳالھيون سندن واتن جون آھن، ريس تا ڪن ڳالھائڻ ۾ انھن سان

كَفَرُوۡا مِنۡ قَبۡلُ ؕ قٰتَلَهُمُ اللّٰهُ ۚ اَنّٰى يُؤۡفَكُوۡنَ ﴿۳۰﴾

جن ڪفر ڪيو ھو اڳي، تباھ ڪرين الله، ڪيڏانھن تا ڦيريا وڃن.

اِتَّخَذُوۡۤا اَحۡبَارَهُمۡ وَ رُهۡبَانَهُمۡ اَرۡبَابًا مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ وَ

ورتائون پنھنجي علم وارن کي ۽ پنھنجي بزرگن کي ❹ رب ڪري الله کان سواءِ ۽

الۡمَسِيۡحَ ابۡنَ مَرۡيَمَ ۚ وَ مَاۤ اُمِرُوۡۤا اِلَّا لِيَعۡبُدُوۡۤا اِلٰهًا

عيسيٰ پٽ مريم کي، ۽ رڳو انھن کي حُڪم ڪيل ھئو تہ عبادت ڪن خدا

وَّاحِدًا ۚ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ سُبۡحٰنَهٗ عَمَّا يُشۡرِكُوۡنَ ﴿۳۱﴾

ھڪڙي جي، ناھي ڪوئي مالڪ انھيءَ کانسواءِ، اھو پاڪ آھي ان کان جو شريڪ تا ڪن.

يُرِيۡدُوۡنَ اَنۡ يُّطۡفِــُٔوۡا نُوۡرَ اللّٰهِ بِاَفۡوَاهِهِمۡ وَ يَاۡبَى

اھي گھُرن تا تہ اُجھائين الله جي روشنيءَ کي پنھنجي ڦوڪن سان ۽ انڪار ڪري تو

اللّٰهُ اِلَّآ اَنْ يُّتِمَّ نُوْرَهٗ وَلَوْ كَرِهَ الْكٰفِرُوْنَ ﴿٣٢﴾ هُوَ الَّذِيْٓ

الله مگر پورو ڪندو نور پنهنجو توڙي ناپسند ڪن ڪافر. ❶ اهو ئي آهي

اَرْسَلَ رَسُوْلَهٗ بِالْهُدٰى وَ دِيْنِ الْحَقِّ لِيُظْهِرَهٗ

جنهن موڪليو پنهنجو رسول هدايت سان ۽ سچي دين سان جيئن غالب ڪري ان کي

عَلَى الدِّيْنِ كُلِّهٖ ۙ وَلَوْ كَرِهَ الْمُشْرِكُوْنَ ﴿٣٣﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا

سڀني دينن تي، توڙي ناپسند ڪن مشرڪ. اي ايمان وارؤ!

النصف

اِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ الْاَحْبَارِ وَ الرُّهْبَانِ لَيَاْكُلُوْنَ اَمْوَالَ النَّاسِ

بيشڪ ڪيترائي پڙهيل ۽ فقير ڪائين ٿا مال ماڻهن جا

بِالْبَاطِلِ وَ يَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ وَ الَّذِيْنَ يَكْنِزُوْنَ

ناحق ۽ روڪين ٿا الله جي راه کان، ۽ اهي جيڪي ڍَڪي رکن ٿا

الذَّهَبَ وَ الْفِضَّةَ وَ لَا يُنْفِقُوْنَهَا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۙ

سونُ ۽ چانديءَ کي ۽ نه ٿا خرچ ڪن ان کي الله جي راه ۾،

فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿٣٤﴾ۙ يَّوْمَ يُحْمٰى عَلَيْهَا

پوءِ بشارت ڏِج انهن کي عذاب دردناڪ جي. ❷ جنهن ڏينهن تپايو ويندو ان کي

فِيْ نَارِ جَهَنَّمَ فَتُكْوٰى بِهَا جِبَاهُهُمْ وَ جُنُوْبُهُمْ وَ

دوزخ جي باه ۾ ❸ پوءِ ڏنبيو ويندو انهيءَ سان انهن جي پيشانين ۽ پاسن ۽

ظُهُوْرُهُمْ ؕ هٰذَا مَا كَنَزْتُمْ لِاَنْفُسِكُمْ فَذُوْقُوْا

انهن جي پُٺين کي، هي آهي جيڪي ڍڪي رکيو هئو توهان پنهنجي لاءِ پوءِ چکو

مَا كُنْتُمْ تَكْنِزُوْنَ ﴿٣٥﴾ اِنَّ عِدَّةَ الشُّهُوْرِ عِنْدَ اللّٰهِ

ان کي جيڪي توهان لڪائيندا هئا. بيشڪ انداز مهينن جو الله وٽ

اثْنَا عَشَرَ شَهْرًا فِيْ كِتٰبِ اللّٰهِ يَوْمَ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ

ٻارهن مهينا آهي الله جي ڪتاب ۾ جنهن ڏينهن خلقيائين آسمانن ۽

الْاَرْضَ مِنْهَآ اَرْبَعَةٌ حُرُمٌ ؕ ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ ۙ۬ فَلَا

زمين کي انهن مان چار منع وارا آهن، ❶ اهو دين سِڌو آهي، پوءِ نه

تَظْلِمُوْا فِيْهِنَّ اَنْفُسَكُمْ وَ قَاتِلُوا الْمُشْرِكِيْنَ كَآفَّةً كَمَا

ظلم ڪجو انهن ۾ پاڻ تي ۽ جنگ ڪريو مشرڪن سيني سان جيئن

يُقَاتِلُوْنَكُمْ كَآفَّةً ؕ وَ اعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُتَّقِيْنَ ﴿۳۶﴾

اهي وڙهن ٿا توهان سيني سان، ۽ ڄاڻو بيشڪ الله گڏ آهي پرهيزگارن سان.

اِنَّمَا النَّسِیْٓءُ زِيَادَةٌ فِي الْكُفْرِ يُضَلُّ بِهِ الَّذِيْنَ

رڳو لُنڊ وجهڻ واڌارو آهي ڪفر ۾ ❷ گمراهه ٿيندا آهن انهيءَ سان اهي

كَفَرُوْا يُحِلُّوْنَهٗ عَامًا وَّ يُحَرِّمُوْنَهٗ عَامًا

جن ڪفر ڪيو جو جائز ڪن ٿا ان کي هڪڙي سال ۽ ناجائز ڪن ٿا ان کي ٻئي سال

لِّيُوَاطِــُٔوْا عِدَّةَ مَا حَرَّمَ اللّٰهُ فَيُحِلُّوْا مَا حَرَّمَ

جيئن پورو ڪن انداز جنهن کي منع ڪيو الله پوءِ جائز ڪن جنهن کي حرام ڪيو

اللّٰهُ ؕ زُيِّنَ لَهُمْ سُوْٓءُ اَعْمَالِهِمْ ؕ وَ اللّٰهُ لَا يَهْدِي

الله، سينگاريا ويا آهن انهن لاءِ سندن بُرا ڪم، ۽ الله نه توهدايت ڪري

الْقَوْمَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۳۷﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَا لَكُمْ اِذَا قِيْلَ

ڪافرن جي قوم کي. اي ايمان وارو! ڇا ٿيو آهي توهان کي جڏهن چئجي ٿو

لَكُمُ انْفِرُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اثَّاقَلْتُمْ اِلَى الْاَرْضِ ؕ اَ رَضِيْتُمْ

توهان کي نڪرو الله جي راهه ۾ ته پئجي ٿا رهو ڌرتيءَ تي، ڇا راضي ٿيا آهيو

بِالْحَيٰوةِ الدُّنْيَا مِنَ الْاٰخِرَةِ ۚ فَمَا مَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا

دنيا جي زندگي تي آخرت جي عوض، پوءِ ناهي سامان زندگيءَ دنيا جو

فِي الْاٰخِرَةِ اِلَّا قَلِيْلٌ ﴿۳۸﴾ اِلَّا تَنْفِرُوْا يُعَذِّبْكُمْ

آخرت جي مقابلي ۾ مگر ٿورو. ❸ جيڪڏهن توهان نه نڪرندؤ ته عذاب ڪندو توهان کي

عَذَابًا اَلِيْمًا ۙ وَّ يَسْتَبْدِلْ قَوْمًا غَيْرَكُمْ وَ لَا تَضُرُّوْهُ

عذاب دردناڪ ۽ مٽائي آڻيندو ماڻهن ٻين ڪي ۽ توهان نه زيان ڪندؤ ان جو

شَيْـًٔا ؕ وَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۳۹﴾ اِلَّا تَنْصُرُوْهُ

ڪجهه به ۽ الله هر شيءِ تي قادر آهي. جيڪڏهن توهان نه مدد ڪندؤ ان جي

فَقَدْ نَصَرَهُ اللّٰهُ اِذْ اَخْرَجَهُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

ته بيشڪ مدد ڪئي انهيءَ جي الله جڏهن ڪڍيو هو ان کي انهن ڪافرن

ثَانِيَ اثْنَيْنِ اِذْ هُمَا فِي الْغَارِ اِذْ يَقُوْلُ لِصَاحِبِهٖ

اهو ٻيو هئو ٻن مان جڏهن اهي ٻئي هئا غار ۾ تنهن وقت چئي پيو پنهنجي ساٿيءَ کي

لَا تَحْزَنْ اِنَّ اللّٰهَ مَعَنَا ۚ فَاَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِيْنَتَهٗ

ڏک نه ڪر بيشڪ الله اسان سان گڏ آهي. (١) پوءِ لاٿو الله پنهنجي طرفان قرار

عَلَيْهِ وَ اَيَّدَهٗ بِجُنُوْدٍ لَّمْ تَرَوْهَا وَ جَعَلَ كَلِمَةَ

انهيءَ تي ۽ مدد ڪيائينس اهڙي لشڪرسان جو نه پيا ڏسو ۽ ڪيائين ڳالهه

الَّذِيْنَ كَفَرُوا السُّفْلٰى ؕ وَ كَلِمَةُ اللّٰهِ هِيَ الْعُلْيَا ؕ وَ اللّٰهُ

ڪافرن جي هيٺ. ۽ ڳالهه الله جي اها ئي مٿي آهي. ۽ الله

عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿۴۰﴾ اِنْفِرُوْا خِفَافًا وَّ ثِقَالًا وَّ جَاهِدُوْا

زبردست آهي حڪمت وارو آهي. نڪري پئو هلڪا هجو يا ڳرا ۽ لڙائي ڪريو

بِاَمْوَالِكُمْ وَ اَنْفُسِكُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ

پنهنجن مالن ۽ جانين سميت الله جي راهه ۾ اهو ڀلو آهي توهان لاءِ

اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۴۱﴾ لَوْ كَانَ عَرَضًا قَرِيْبًا وَّ سَفَرًا

جيڪڏهن توهان سمجهه رکو ٿا. (٢) جيڪڏهن هجي ها مال ويجهو ۽ مسافري

قَاصِدًا لَّاتَّبَعُوْكَ وَ لٰكِنْۢ بَعُدَتْ عَلَيْهِمُ

وچٿري ته ضرور اهي تنهنجي ڪڍ لڳن ها پر ڏور ٿي پيو انهن تي

الشُّقَّةُ ۭ وَ سَيَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ لَوِ اسْتَطَعْنَا لَخَرَجْنَا

ڪشالو، ۽ جھٽ الله جو قسم کڻي چوندا تہ جيڪڏھن اسان کان ٿي سگھي ھا تہ نِڪرون ھا

مَعَكُمْ ۚ يُهْلِكُوْنَ اَنْفُسَهُمْ ۚ وَ اللّٰهُ يَعْلَمُ اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿۴۲﴾ ع ۶ ۵ ۱۲

توھان سان گڏجي، تباھ ٿا ڪن پاڻ کي، ۽ الله ڄاڻي ٿو تہ اھي ڪوڙا آھن. ❶

عَفَا اللّٰهُ عَنْكَ ۚ لِمَ اَذِنْتَ لَهُمْ حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَكَ

معاف ڪيو الله توکي، ❷ ڇو موڪل ڏني تو انھن کي جيئن پڌرا ٿين ھا تو لاءِ

الَّذِيْنَ صَدَقُوْا وَ تَعْلَمَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿۴۳﴾ لَا يَسْتَاْذِنُكَ

اھي جن سچ چيو ۽ ڄاڻين ھا تون ڪوڙن کي. ❸ ڪو نہ موڪل وٺندا توکان

الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ اَنْ يُّجَاهِدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ

جن ايمان آندو الله تي ۽ آخرت جي ڏينھن تي جھاد ڪرڻ کان پنھنجي مالن

وَ اَنْفُسِهِمْ ۭ وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالْمُتَّقِيْنَ ﴿۴۴﴾ اِنَّمَا يَسْتَاْذِنُكَ

۽ جانين سان، ۽ الله ڄاڻندڙ آھي متقين کي. رڳو موڪل وٺندا توکان

الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَ ارْتَابَتْ

اھي جيڪي نہ ٿا ايمان رکن الله ۽ آخرت جي ڏينھن تي ۽ شڪ ۾ آھن

قُلُوْبُهُمْ فَهُمْ فِيْ رَيْبِهِمْ يَتَرَدَّدُوْنَ ﴿۴۵﴾ وَ لَوْ اَرَادُوا

دليون انھن جون پوءِ اھي پنھنجي شڪ ۾ پريشان آھن. ۽ جيڪڏھن نِيّت ڪن ھا

الْخُرُوْجَ لَاَعَدُّوْا لَهٗ عُدَّةً وَّ لٰكِنْ كَرِهَ اللّٰهُ انْۢبِعَاثَهُمْ

نڪرڻ جي ❹ تہ ضرور تيار ڪن ھا پنھنجو سامان پر ناپسند ڪيو الله ھلڻ انھن جو

فَثَبَّطَهُمْ وَ قِيْلَ اقْعُدُوْا مَعَ الْقٰعِدِيْنَ ﴿۴۶﴾ لَوْ

پوءِ بند ڪيائين انھن کي ۽ چيو ويو وينا رھو گڏ ويھندڙن سان. جيڪڏھن

خَرَجُوْا فِيْكُمْ مَّا زَادُوْكُمْ اِلَّا خَبَالًا وَّ لَاَاوْضَعُوْا

ھلن ھا توھان سان تہ نہ وڌائين ھا توھان ۾ مگر خرابي ۽ اُن پڇائين ھا

خِلٰلَكُمۡ يَبۡغُوۡنَكُمُ الۡفِتۡنَةَ ۚ وَ فِيۡكُمۡ سَمّٰعُوۡنَ لَهُمۡ ؕ وَ

توهان جي وچ ۾ گهرن ٿا توهان ۾ فتني ڪي، ۽ توهان ۾ جاسوس آهن انهن جا ❶ ۽

اللّٰهُ عَلِيۡمٌ بِالظّٰلِمِيۡنَ ﴿۴۷﴾ لَقَدِ ابۡتَغَوُا الۡفِتۡنَةَ مِنۡ قَبۡلُ وَ

الله سڃاڻندڙ آهي ظالمن کي. اهي گهرندا هئا فتنو وجهڻ ان کان اڳ ۽

قَلَّبُوۡا لَكَ الۡاُمُوۡرَ حَتّٰى جَآءَ الۡحَقُّ وَ ظَهَرَ اَمۡرُ اللّٰهِ

قيرائيندا هئا تنهنجي لاءِ رٿون ❷ نيٺ آيو سچو وعدو ۽ غالب ٿيو الله جو دين

وَ هُمۡ كٰرِهُوۡنَ ﴿۴۸﴾ وَ مِنۡهُمۡ مَّنۡ يَّقُوۡلُ ائۡذَنۡ لِّىۡ وَ لَا

۽ اهي ناپسند ڪندڙ هئا. ۽ انهن مان ڪو چوي ٿو موڪل ڏي مون کي ۽ نه

تَفۡتِنِّىۡ ؕ اَلَا فِى الۡفِتۡنَةِ سَقَطُوۡا ؕ وَ اِنَّ جَهَنَّمَ

وجهه فتني ۾ مون کي، خبردار فتني ۾ پاڻ ڪِريا آهن، ۽ بيشڪ دوزخ

لَمُحِيۡطَةٌ ۢ بِالۡكٰفِرِيۡنَ ﴿۴۹﴾ اِنۡ تُصِبۡكَ حَسَنَةٌ

گهيرو ڪندڙ آهي ڪافرن تي. جيڪڏهن پهچي ٿي توکي ڪا ڀلائي

تَسُؤۡهُمۡ ۚ وَ اِنۡ تُصِبۡكَ مُصِيۡبَةٌ يَّقُوۡلُوۡا

ته بُري لڳي ٿي انهن کي، ۽ جيڪڏهن پهچي ٿي توکي ڪا مصيبت چَوَن ٿا

قَدۡ اَخَذۡنَاۤ اَمۡرَنَا مِنۡ قَبۡلُ وَ يَتَوَلَّوۡا وَّهُمۡ فَرِحُوۡنَ ﴿۵۰﴾ قُلۡ

اسان ورتي سون هوشياري اڳ ۾ ئي ❸ ۽ موٽن ٿا اهي خوشيون ڪندي. چؤ

لَّنۡ يُّصِيۡبَنَاۤ اِلَّا مَا كَتَبَ اللّٰهُ لَنَا ۚ هُوَ مَوۡلٰٮنَا ۚ

هرگز نه پهچندو اسان کي مگر جيڪي لکيو الله اسان لاءِ اهوئي اسان جو سائين آهي،

وَ عَلَى اللّٰهِ فَلۡيَتَوَكَّلِ الۡمُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۵۱﴾ قُلۡ هَلۡ تَرَبَّصُوۡنَ بِنَاۤ

۽ الله تي ڀل ڀروسو ڪن ايمان وارا. چؤ توهان نه ٿا انتظار ڪريو اسان لاءِ

اِلَّاۤ اِحۡدَى الۡحُسۡنَيَيۡنِ ؕ وَ نَحۡنُ نَتَرَبَّصُ بِكُمۡ اَنۡ

مگر هڪڙيءَ جو ٻن ڀلاين مان، ❹ ۽ اسان ته انتظار ٿا ڪريون توهان لاءِ ته

يُّصِيْبَكُمُ اللّٰهُ بِعَذَابٍ مِّنْ عِنْدِهٖۤ اَوْ بِاَيْدِيْنَا ۖ

پهچائيندو توهان کي الله عذاب پنهنجي طرفان يا اسان جي هٿن سان،

فَتَرَبَّصُوْۤا اِنَّا مَعَكُمْ مُّتَرَبِّصُوْنَ ﴿٥٢﴾ قُلْ اَنْفِقُوْا

پوءِ اوهان انتظار ڪريو اسان به اوهان سان گڏ انتظار ڪندڙ آهيون. چئو خرچ ڪريو

طَوْعًا اَوْ كَرْهًا لَّنْ يُّتَقَبَّلَ مِنْكُمْ ؕ اِنَّكُمْ كُنْتُمْ

خوشيءَ يا ناخوشيءَ هرگز نه قبول ڪيو ويندو توهان کان، ❶ بيشڪ اوهين آهيو

قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ﴿٥٣﴾ وَ مَا مَنَعَهُمْ اَنْ تُقْبَلَ مِنْهُمْ نَفَقٰتُهُمْ

ماڻهو بي فرمان. ۽ نه آڏو آئي انهن کي جو قبول ٿئي انهن کان سندن خيرات

اِلَّاۤ اَنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَ بِرَسُوْلِهٖ وَ لَا يَاْتُوْنَ الصَّلٰوةَ

مگر هي ڳالهه ته انهن ڪفر ڪيو الله ۽ ان جي رسول جو ۽ نه پيا اچن نماز تي

اِلَّا وَ هُمْ كُسَالٰى وَ لَا يُنْفِقُوْنَ اِلَّا وَ هُمْ كٰرِهُوْنَ ﴿٥٤﴾ فَلَا

مگر اهي سست ٿي ۽ نه پيا خرچ ڪن مگر اهي لاچار ٿي. پوءِ نه

تُعْجِبْكَ اَمْوَالُهُمْ وَ لَاۤ اَوْلَادُهُمْ ؕ اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ

عجب ۾ وجهن توکي سندن مال ۽ نه سندن اولاد، رڳو ارادو ڪري ٿو الله

لِيُعَذِّبَهُمْ بِهَا فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَ تَزْهَقَ اَنْفُسُهُمْ وَ هُمْ

ته کين عذاب ڏئي ان سان دنيا جي زندگي ۾ ❷ ۽ نڪرن ساهه انهن جا ۽ اهي هجن

كٰفِرُوْنَ ﴿٥٥﴾ وَ يَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ اِنَّهُمْ لَمِنْكُمْ ؕ وَ مَا هُمْ مِّنْكُمْ

ڪافر. ۽ قسم ٿا کڻن الله جو ته اهي توهان مان آهن، ۽ ناهن اهي اوهان مان

وَ لٰكِنَّهُمْ قَوْمٌ يَّفْرَقُوْنَ ﴿٥٦﴾ لَوْ يَجِدُوْنَ مَلْجَاً اَوْ مَغٰرٰتٍ

پر اهي ماڻهو ڏڄڻا آهن. جيڪڏهن اهي لهن ڪا جاءِ پناهه جي يا ڇُرون

اَوْ مُدَّخَلًا لَّوَلَّوْا اِلَيْهِ وَ هُمْ يَجْمَحُوْنَ ﴿٥٧﴾ وَ مِنْهُمْ

يا ڪا جاءِ سر لڪائڻ جي ته لڙي وڃن انهي طرف ۽ اهي زورو ڪن ها. ۽ انهن مان

مَنۡ يَّلۡمِزُكَ فِى الصَّدَقٰتِ ۚ فَاِنۡ اُعۡطُوۡا مِنۡهَا

ڪي اهي آهن جي طعنو هڻن ٿا توکي صدقي ورهائڻ ۾ پوءِ جيڪڏهن ملين ٿو ان مان

رَضُوۡا وَ اِنۡ لَّمۡ يُعۡطَوۡا مِنۡهَاۤ اِذَا هُمۡ يَسۡخَطُوۡنَ ﴿۵۸﴾ وَلَوۡ

ته خوش ٿين ٿا ۽ جي نه ته ملين ان مان ته اهي ڪاوڙجن ٿا. جيڪر

اَنَّهُمۡ رَضُوۡا مَاۤ اٰتٰهُمُ اللّٰهُ وَ رَسُوۡلُهٗ ۙ وَ قَالُوۡا

اهي راضي ٿين ها ان تي جيڪي ڏنو انهن کي الله ۽ ان جي رسول ۽ چون ها

حَسۡبُنَا اللّٰهُ سَيُؤۡتِيۡنَا اللّٰهُ مِنۡ فَضۡلِهٖ وَ رَسُوۡلُهٗۤ ۙ

ڪافي آهي اسان کي الله اجهو ڏيندو اسان کي الله پنهنجي مهر سان ۽ ان جو رسول

اِنَّاۤ اِلَى اللّٰهِ رٰغِبُوۡنَ ﴿۵۹﴾ اِنَّمَا الصَّدَقٰتُ لِلۡفُقَرَآءِ وَ ع ٧ ١٧ ١٣

بيشڪ اسان پنهنجي الله کي چاهيندڙ آهيون. رڳو زڪواتون غريبن ۽

الۡمَسٰكِيۡنِ وَ الۡعٰمِلِيۡنَ عَلَيۡهَا وَ الۡمُؤَلَّفَةِ قُلُوۡبُهُمۡ وَ

محتاجن ۽ ان جي عملي وارن لاءِ ۽ انهن لاءِ جوڙيل آهن دليون جن جون (1) ۽

فِى الرِّقَابِ وَ الۡغٰرِمِيۡنَ وَ فِىۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ وَ ابۡنِ السَّبِيۡلِ ؕ

ٻانهن آزاد ڪرائڻ ۾ ۽ قرضين لاءِ (2) ۽ الله جي راهه ۾ ۽ مسافر راهه واري لاءِ (3)

فَرِيۡضَةً مِّنَ اللّٰهِ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيۡمٌ حَكِيۡمٌ ﴿۶۰﴾ وَ مِنۡهُمُ

فرض سمجهي الله جو ۽ الله ڄاڻندڙ آهي حڪيم آهي. ۽ ڪي انهن مان

الَّذِيۡنَ يُؤۡذُوۡنَ النَّبِىَّ وَ يَقُوۡلُوۡنَ هُوَ اُذُنٌ ؕ قُلۡ

اهي آهن جيڪي ايذائن ٿا نبيءَ کي ۽ چون ٿا اهو رڳو ٻڌندڙ آهي (4) چئُ

اُذُنُ خَيۡرٍ لَّكُمۡ يُؤۡمِنُ بِاللّٰهِ وَ يُؤۡمِنُ

اهو ٻڌندڙ ڀلائي جو توهان لاءِ آهي يقين ڪري ٿو الله تي ۽ ويساهه ڪري ٿو

لِلۡمُؤۡمِنِيۡنَ وَ رَحۡمَةٌ لِّلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا مِنۡكُمۡ ؕ وَ الَّذِيۡنَ

مسلمانن تي ۽ رحمت آهي انهن لاءِ جن ايمان آندو توهان مان ۽ اهي

يُؤْذُوْنَ رَسُوْلَ اللّٰهِ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٦١﴾ يَحْلِفُوْنَ

جيڪي ايذائين ٿا الله جي رسول کي تن لاءِ آهي سزا ڏکوئيندڙ. قسم کڻن ٿا

بِاللّٰهِ لَكُمْ لِيُرْضُوْكُمْ ۚ وَ اللّٰهُ وَ رَسُوْلُهٗۤ اَحَقُّ

الله جو توهان لاءِ جيئن راضي ڪن توهان کي، ۽ الله ۽ ان جو رسول وڌيڪ حقدار آهي

اَنْ يُّرْضُوْهُ اِنْ كَانُوْا مُؤْمِنِيْنَ ﴿٦٢﴾ اَ لَمْ يَعْلَمُوْۤا اَنَّهٗ

جو راضي ڪن انهيءَ کي جيڪڏهن اهي ايمان رکن ٿا. ڇا نه ٿا ڄاڻن ته

مَنْ يُّحَادِدِ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ فَاَنَّ لَهٗ نَارَ جَهَنَّمَ

جيڪو سامهون ٿيندو الله کي ۽ ان جي رسول کي ته يقينن ان لاءِ باهه دوزخ جي آهي

خٰلِدًا فِيْهَا ۭ ذٰلِكَ الْخِزْيُ الْعَظِيْمُ ﴿٦٣﴾ يَحْذَرُ الْمُنٰفِقُوْنَ اَنْ

هميشه رهندو انهيءَ ۾، اها خواري وڏي آهي. ڊڄن ٿا ٻِچاپڙا متان

تُنَزَّلَ عَلَيْهِمْ سُوْرَةٌ تُنَبِّئُهُمْ بِمَا فِيْ قُلُوْبِهِمْ ۭ

لاٿي وڃي انهن تي ڪا سورت جا خبر ڏئي انهن کي ان جي جيڪي سندن دلين ۾ آهي،

قُلِ اسْتَهْزِءُوْا ۚ اِنَّ اللّٰهَ مُخْرِجٌ مَّا تَحْذَرُوْنَ ﴿٦٤﴾ وَ

چئو چٽر ڪندا رهو، بيشڪ الله پڌرو ڪندڙ آهي ان کي جنهن کان ڊڄو ٿا. ۽

لَئِنْ سَاَلْتَهُمْ لَيَقُوْلُنَّ اِنَّمَا كُنَّا نَخُوْضُ وَ نَلْعَبُ ۭ

جيڪڏهن پُڇا ڪندين انهن کان ته ضرور چوندا رڳو اسان يوڳ ۽ راند پيا ڪريون،

قُلْ اَ بِاللّٰهِ وَ اٰيٰتِهٖ وَ رَسُوْلِهٖ كُنْتُمْ تَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٦٥﴾ لَا

چئو ڇا الله ۽ ان جي آيتن ۽ ان جي رسول سان پيا چٿرون ڪريو؟ ① نه

تَعْتَذِرُوْا قَدْ كَفَرْتُمْ بَعْدَ اِيْمَانِكُمْ ۭ اِنْ نَّعْفُ

ڪريو بهانا توهان ڪافر ٿيا آهيو ايمان آڻڻ کان پوءِ، ② جيڪڏهن معاف ڪنداسون

عَنْ طَآئِفَةٍ مِّنْكُمْ نُعَذِّبْ طَآئِفَةًۢ بِاَنَّهُمْ كَانُوْا

هڪ ٽولي کي توهان مان ته سزا ڏينداسون ٻئي ٽولي کي جو ته اهي

مُجْرِمِيْنَ ﴿٦٦﴾ اَلْمُنٰفِقُوْنَ وَ الْمُنٰفِقٰتُ بَعْضُهُمْ مِّنْ بَعْضٍ يَاْمُرُوْنَ
ڏوهاري آهن. منافق ۽ منافقياڻيون هڪ ٻئي مان آهن، ڏَسُ ڏين ٿا
بِالْمُنْكَرِ وَ يَنْهَوْنَ عَنِ الْمَعْرُوْفِ وَ يَقْبِضُوْنَ اَيْدِيَهُمْ ؕ
بُرائيءَ جو ۽ روڪين ٿا چڱائي کان ۽ جهلين ٿا پنهنجا هٿ،
نَسُوا اللّٰهَ فَنَسِيَهُمْ ؕ اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿٦٧﴾
وساريائون الله کي پوءِ الله وساريو انهن کي، بيشڪ منافق اهي ئي نافرمان آهن.
وَعَدَ اللّٰهُ الْمُنٰفِقِيْنَ وَ الْمُنٰفِقٰتِ وَ الْكُفَّارَ نَارَ جَهَنَّمَ
وعدو ڏنو الله منافقن ۽ منافقياڻين کي ۽ ڪافرن کي باهه دوزخ جو
خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ هِيَ حَسْبُهُمْ ۚ وَ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ ۚ وَ
هميشه رهندا ان ۾، اها ڪافي آهي انهن لاءِ ۽ لعنت ڪئي انهن کي الله، ۽
لَهُمْ عَذَابٌ مُّقِيْمٌ ﴿٦٨﴾ كَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ كَانُوْٓا
انهن لاءِ عذاب دائمي آهي. انهن وانگر جيڪي هئا اوهان کان اڳ ۾، هئا
اَشَدَّ مِنْكُمْ قُوَّةً وَّ اَكْثَرَ اَمْوَالًا وَّ اَوْلَادًا ؕ فَاسْتَمْتَعُوْا
ڏاڍا توهان کان طاقت ۾ ۽ گهڻا مال ۾ ۽ اولاد ۾، پوءِ انهن فائدو ورتو
بِخَلَاقِهِمْ فَاسْتَمْتَعْتُمْ بِخَلَاقِكُمْ كَمَا اسْتَمْتَعَ
پنهنجي حصي آهر پوءِ توهان به فائدو ورتو پنهنجي حصي آهر جيئن فائدو ورتو هو
الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ بِخَلَاقِهِمْ وَ خُضْتُمْ كَالَّذِيْ خَاضُوْا ؕ
توهان کان اڳين پنهنجي ياڳي آهر ① ۽ توهان بَڪَ ڪئي جيئن انهن بَڪ ڪئي هئي،
اُولٰٓئِكَ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ فِي الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ ۚ وَ اُولٰٓئِكَ
اُهي آهن جو بيڪار ٿيا عمل انهن جا دنيا ۾ ۽ آخرت ۾، ۽ اهي
هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿٦٩﴾ اَلَمْ يَاْتِهِمْ نَبَاُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ
ئي نقصان وارا آهين. ڇا نه آئي وٽن خبر انهن جي جيڪي ڪانئن اڳ هئا

قَوْمِ نُوحٍ وَّ عَادٍ وَّ ثَمُودَ ۙ۬ وَ قَوْمِ اِبْرٰهِيْمَ وَ اَصْحٰبِ مَدْيَنَ وَ

قوم نوح ۽ عاد ۽ ثمود جي ۽ قوم ابراهيم جي ۽ مدين وارن جي ۽

الْمُؤْتَفِكٰتِ ؕ اَتَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ ۚ فَمَا كَانَ اللّٰهُ

خبر اونڌن ڳوٺن جي، آيا ھئا انھن وٽ سندن رسول پڌرا حڪم کڻي، پوءِ الله نہ

لِيَظْلِمَهُمْ وَلٰكِنْ كَانُوْۤا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿٧٠﴾ وَ الْمُؤْمِنُوْنَ

ظلم ڪيو ھو انھن تي پر اھي پنھنجو پاڻ تي ظلم ڪندا ھئا. ۽ ايمان وارا

وَقف لازم

وَ الْمُؤْمِنٰتُ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ۘ يَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَ يَنْهَوْنَ

۽ ايمان واريون ھڪ ٻئي جا مددگار آھن، حڪم ڪن ٿا چڱي ڳالھ جو ۽ روڪين ٿا

عَنِ الْمُنْكَرِ وَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَ يُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَ يُطِيْعُوْنَ اللّٰهَ

برائي کان ۽ قائم ڪن ٿا نماز ۽ ادا ڪن ٿا زڪوات ۽ تابعداري ڪن ٿا الله

وَ رَسُوْلَهٗ ؕ اُولٰٓئِكَ سَيَرْحَمُهُمُ اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٧١﴾

۽ ان جي رسول جي، اھي آھن جن تي رحم ڪندو الله، بيشڪ الله زبردست حڪمت وارو آھي.

وَعَدَ اللّٰهُ الْمُؤْمِنِيْنَ وَ الْمُؤْمِنٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ

وعدو ڪيو الله مومنن ۽ مومنياڻين سان باغن جو وھن ٿيون جن جي ھيٺيان واھيون

خٰلِدِيْنَ فِيْهَا وَ مَسٰكِنَ طَيِّبَةً فِيْ جَنّٰتِ عَدْنٍ ؕ وَ رِضْوَانٌ مِّنَ اللّٰهِ

ھميشہ رھندا اتي ۽ جڳھن سٺين جو باغن رھڻ وارن ۾، ۽ راضپو الله جو

ع ٩ ١٥

اَكْبَرُ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿٧٢﴾ يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ جَاهِدِ

سڀ کان وڏي شيءِ آھي، اھا ئي ڪاميابي وڏي آھي. اي نبي! جھاد ڪر (1)

الْكُفَّارَ وَ الْمُنٰفِقِيْنَ وَ اغْلُظْ عَلَيْهِمْ ؕ وَ مَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ؕ وَ بِئْسَ

ڪافرن سان ۽ منافقن سان ۽ سختي ڪر انھن تي، ۽ رھائش انھن جي دوزخ آھي، ۽ اھا بڇڙي

الْمَصِيْرُ ﴿٧٣﴾ يَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ مَا قَالُوْا ؕ وَ لَقَدْ قَالُوْا كَلِمَةَ

جاءِ آھي. قسم ٿا کڻن الله جو تہ نہ ڳالھايو اٿن، ۽ يقينن ڳالھايو اٿن لفظ

الْكُفْرِ وَ كَفَرُوْا بَعْدَ اِسْلَامِهِمْ وَ هَمُّوْا بِمَا لَمْ يَنَالُوْا ۚ

كفر جو ۽ كافر ٿيا مسلمان ٿيڻ کانپوءِ ۽ ارادو ڪيائون ان جو جنهن کي نہ پهتا ❶

وَمَا نَقَمُوْٓا اِلَّآ اَنْ اَغْنٰهُمُ اللّٰهُ وَ رَسُوْلُهٗ مِنْ فَضْلِهٖ ۚ

رڳو بدلو پيا وٺن جو آسودو ڪيو هو انهن کي الله ۽ ان جي رسول پنهنجي مهرباني سان

فَاِنْ يَّتُوْبُوْا يَكُ خَيْرًا لَّهُمْ ۚ وَ اِنْ يَّتَوَلَّوْا يُعَذِّبْهُمُ

پوءِ جيڪڏهن توبهہ ڪن تہ ڀلي آهي انهن لاءِ ۽ جيڪڏهن ڦري وڃن تہ عذاب ڪندن

اللّٰهُ عَذَابًا اَلِيْمًا ۙ فِي الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ ۚ وَ مَا لَهُمْ

الله عذاب دردناڪ دنيا ۽ آخرت ۾ ۽ نہ هوندو انهن لاءِ

فِي الْاَرْضِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّ لَا نَصِيْرٍ ﴿٧٤﴾ وَ مِنْهُمْ مَّنْ عٰهَدَ

ڌرتيءَ ۾ ڪوئي دوست ۽ نڪي مددگار. ۽ انهن مان ڪن انجام ڪيو هو ❷

اللّٰهَ لَئِنْ اٰتٰىنَا مِنْ فَضْلِهٖ لَنَصَّدَّقَنَّ وَ

الله سان تہ جيڪڏهن ڏنائين اسان کي پنهنجي فضل مان تہ ضرور خيرات ڪنداسون ۽

لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٧٥﴾ فَلَمَّآ اٰتٰىهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ

ضرور ٿينداسون صالحن مان. پوءِ جڏهن ڏنائين انهن کي پنهنجي فضل مان

بَخِلُوْا بِهٖ وَتَوَلَّوْا وَّ هُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٧٦﴾ فَاَعْقَبَهُمْ

تہ ڪنجوسي ڪيائون ان ۾ ڦري ويا ۽ اهي منهن موڙيندڙ ٿيا. پوءِ پنيان لاتائين انهن کي

نِفَاقًا فِيْ قُلُوْبِهِمْ اِلٰى يَوْمِ يَلْقَوْنَهٗ بِمَآ اَخْلَفُوا اللّٰهَ

نفاق سندن دلين جو ان ڏينهن تائين جو ملندا انهي سان هن ڪري تہ پڄائون الله سان

مَا وَعَدُوْهُ وَ بِمَا كَانُوْا يَكْذِبُوْنَ ﴿٧٧﴾ اَلَمْ يَعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ

ڪيل وعدو ۽ هن ڪري تہ اهي ڪوڙ ڳالهائيندا هئا. ڇا نہ ٿا سمجهن تہ الله

يَعْلَمُ سِرَّهُمْ وَ نَجْوٰىهُمْ وَ اَنَّ اللّٰهَ عَلَّامُ الْغُيُوْبِ ﴿٧٨﴾ ۚ اَلَّذِيْنَ

ڄاڻي ٿو انهن جا راز ۽ انهن جو مشورو ۽ بيشڪ الله ڳجهو ڄاڻندڙ آهي ڳجهاين جو. اهي ماڻهو

يَلْمِزُوْنَ الْمُطَّوِّعِيْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ فِى الصَّدَقٰتِ وَ الَّذِيْنَ

جيڪي ٿوڪون ڪن ٿا خوشيءَ سان ڏيندڙن مومنن تي خيراتن ڪرڻ ۾ ۽ انهن تي

لَا يَجِدُوْنَ اِلَّا جُهْدَهُمْ فَيَسْخَرُوْنَ مِنْهُمْ سَخِرَ

جيڪي نه ٿا لهن مگر پنهنجي پُڄندي آهر پوءِ مسخري ٿا ڪن انهن تي، مسخري جو بدلو ڏنو

اللّٰهُ مِنْهُمْ وَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۷۹﴾ اِسْتَغْفِرْ لَهُمْ اَوْ لَا تَسْتَغْفِرْ

الله انهن کي، ۽ انهن لاءِ عذاب دردناڪ آهي. بخشش گُهر انهن لاءِ يا نه بخشش گُهر

لَهُمْ اِنْ تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ سَبْعِيْنَ مَرَّةً فَلَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَهُمْ

انهن لاءِ. جيڪڏهن معافي گُهرندين انهن لاءِ ستر ڀيرا تڏهن بہ نہ بخشيندو الله انهن کي،

ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ اللّٰهُ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ

اهو هن لاءِ تہ نہ مڃيائون الله کي ۽ ان جي رسول کي، ۽ الله نہ ٿو هدايت ڪري قوم

الْفٰسِقِيْنَ ﴿۸۰﴾ فَرِحَ الْمُخَلَّفُوْنَ بِمَقْعَدِهِمْ خِلٰفَ رَسُوْلِ اللّٰهِ

نافرمان کي. خوش ٿيا پوئتي رهيل پنهنجي ويهڻ تي ابتڙ حڪم رسول الله جي

وَ كَرِهُوْٓا اَنْ يُّجَاهِدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَ اَنْفُسِهِمْ فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ

۽ ناپسند ڪيائون تہ جهاد ڪن پنهنجن مالن ۽ جانين سميت الله جي راهہ ۾ ۽

قَالُوْا لَا تَنْفِرُوْا فِى الْحَرِّ قُلْ نَارُ جَهَنَّمَ اَشَدُّ حَرًّا لَوْ كَانُوْا

چيائون نہ نِڪرو گرميءَ ۾، تون چئو باهہ دوزخ جي سخت گرم آهي، جي اهي

يَفْقَهُوْنَ ﴿۸۱﴾ فَلْيَضْحَكُوْا قَلِيْلًا وَّ لْيَبْكُوْا كَثِيْرًا جَزَآءًۢ بِمَا

سمجهن ها. پوءِ ڀل کِلن ٿورو ۽ روئن گهڻو، عوض انهيءَ جي

كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿۸۲﴾ فَاِنْ رَّجَعَكَ اللّٰهُ اِلٰى طَآئِفَةٍ مِّنْهُمْ

جيڪي ڪمايائون. پوءِ جيڪڏهن موٽائي توکي الله انهن جي ڪنهن ٽولي ڏانهن پوءِ اهي

فَاسْتَاْذَنُوْكَ لِلْخُرُوْجِ فَقُلْ لَّنْ تَخْرُجُوْا مَعِىَ اَبَدًا

موڪل گهرن توکان هلڻ جي پوءِ چئو توهان هرگز نہ هلندؤ مون سان گڏجي ڪڏهين بہ

وَّلَنْ تُقَاتِلُوْا مَعِيَ عَدُوًّا ۭ اِنَّكُمْ رَضِيْتُمْ بِالْقُعُوْدِ اَوَّلَ

۽ هرگز نه وڙهندؤ مون سان گڏجي دشمن سان، توهان پسند ڪيو هو ويهڻ پهرئين

مَرَّةٍ فَاقْعُدُوْا مَعَ الْخٰلِفِيْنَ ﴿٨٣﴾ وَلَا تُصَلِّ عَلٰٓي اَحَدٍ مِّنْهُمْ مَّاتَ

ڀيري پوءِ ويهي رهو گڏ پوئتي رهندڙن سان. ۽ نه پڙهه جنازو ڪنهن جو انهن مان جو مري

اَبَدًا وَّلَا تَقُمْ عَلٰي قَبْرِهٖ ۭ اِنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ

ڪڏهين به ۽ نه بيهه ان جي قبر تي، بيشڪ انهن ڪفر ڪيو الله ۽ ان جي رسول جو

وَمَاتُوْا وَهُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿٨٤﴾ وَلَا تُعْجِبْكَ اَمْوَالُهُمْ وَاَوْلَادُهُمْ ۭ

۽ مري ويا نافرمان ٿي. ۽ نه عجب ۾ وجهي توکي ملڪيت انهن جي ۽ اولاد انهن جي،

اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ اَنْ يُّعَذِّبَهُمْ بِهَا فِي الدُّنْيَا وَتَزْهَقَ اَنْفُسُهُمْ

رڳو ارادو رکي ٿو الله ته سزا ڏئي کين ان سان دنيا ۾ ۽ نڪرن ساهه انهن جا

وَهُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿٨٥﴾ وَاِذَآ اُنْزِلَتْ سُوْرَةٌ اَنْ اٰمِنُوْا بِاللّٰهِ

۽ اهي هجن ڪافر. ۽ جڏهن نازل ڪجي ٿي ڪا سورت ته ايمان آڻيو الله تي

وَجَاهِدُوْا مَعَ رَسُوْلِهِ اسْتَاْذَنَكَ اُولُوا الطَّوْلِ مِنْهُمْ

۽ جهاد ڪريو گڏجي ان جي رسول سان ته موڪل گهرن ٿا توکان مالدار انهن مان

وَقَالُوْا ذَرْنَا نَكُنْ مَّعَ الْقٰعِدِيْنَ ﴿٨٦﴾ رَضُوْا بِاَنْ يَّكُوْنُوْا مَعَ

۽ چون ٿا ڇڏ اسان کي ته هجون گڏ ويهندڙن سان. خوش آهن ته هجن گڏ

الْخَوَالِفِ وَطُبِعَ عَلٰي قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا يَفْقَهُوْنَ ﴿٨٧﴾ لٰكِنِ

پوئتي رهندڙ عورتن سان ۽ مُهرهڻي وئي انهن جي دلين تي پوءِ اهي نه ٿا سمجهن. پر

الرَّسُوْلُ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ جٰهَدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ ۭ

رسول ۽ جن ايمان آندو ساڻس جهاد ڪيائون پنهنجي مالن ۽ جانين سميت،

وَاُولٰۗىِٕكَ لَهُمُ الْخَيْرٰتُ ۡ وَاُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿٨٨﴾ اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ

۽ انهن لاءِ ئي آهن ڀلايون ۽ اهي ئي ڪامياب آهن. تيار ڪيا الله انهن لاءِ

ع ١١ ٩ ١٧

جَنّٰتٍ تَجْرِیْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِیْنَ فِیْهَاؕ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِیْمُ۠ ﴿۸۹﴾

باغ وهن ٿيون جن جي هيٺان واهيون هميشه رهندا انهن ۾ اهائي آهي ڪاميابي وڏي.

وَ جَآءَ الْمُعَذِّرُوْنَ مِنَ الْاَعْرَابِ لِیُؤْذَنَ لَهُمْ وَ قَعَدَ الَّذِیْنَ

۽ آيا بهاني وارا ڪي بدوي جيئن موڪل ملي انهن کي ۽ ويٺا رهيا اهي

كَذَبُوا اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗؕ سَیُصِیْبُ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا مِنْهُمْ عَذَابٌ

جن ڪوڙ ڳالهايو الله ۽ سندس رسول سان، جلد پهچندو انهن کي جن ڪفر ڪيو انهن مان عذاب

اَلِیْمٌ ﴿۹۰﴾ لَیْسَ عَلَى الضُّعَفَآءِ وَ لَا عَلَى الْمَرْضٰى وَ لَا عَلَى الَّذِیْنَ

دردناڪ. ❶ ناهي ڪمزورن تي ۽ نڪي بيمارن تي ۽ نه انهن تي

لَا یَجِدُوْنَ مَا یُنْفِقُوْنَ حَرَجٌ اِذَا نَصَحُوْا لِلّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖؕ مَا

جيڪي نه ٿا لهن جو خرچ ڪن، ڪو ڏوهه جڏهن سچائي ڪيائون الله ۽ سندس رسول لاءِ، ناهي

عَلَى الْمُحْسِنِیْنَ مِنْ سَبِیْلٍؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِیْمٌۙ ﴿۹۱﴾ وَّ لَا عَلَى الَّذِیْنَ

انهن ڀلارن تي ڪو الزام، ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي. ۽ ناهي انهن تي ميار

اِذَا مَاۤ اَتَوْكَ لِتَحْمِلَهُمْ قُلْتَ لَاۤ اَجِدُ مَاۤ اَحْمِلُكُمْ

جڏهن آيا تو وٽ ته سواري ڏئين تون انهن کي تو چيو نه ٿو لهان آءٌ اُهو جو سوار ڪريان توهان کي

عَلَیْهِ۪ تَوَلَّوْا وَّ اَعْیُنُهُمْ تَفِیْضُ مِنَ الدَّمْعِ حَزَنًا اَلَّا

ان تي ته موٽيا ۽ اکيون انهن جون وهائن پيون ڳوڙها ڏک کان هن تي جو نه

یَجِدُوْا مَا یُنْفِقُوْنَؕ ﴿۹۲﴾ اِنَّمَا السَّبِیْلُ عَلَى الَّذِیْنَ

پيا لهن ڪا شيءِ جا خرچ ڪن. رڳو الزام آهي انهن تي

یَسْتَاْذِنُوْنَكَ وَ هُمْ اَغْنِیَآءُۚ رَضُوْا بِاَنْ یَّكُوْنُوْا

جيڪي موڪل گهرن ٿا توکان ۽ اهي آسودا آهن، خوش ٿيا هن تي ته هجن

مَعَ الْخَوَالِفِۙ وَ طَبَعَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا یَعْلَمُوْنَ ﴿۹۳﴾

گڏ پوئتي رهندڙ عورتن سان ۽ مُهر هنئي الله انهن جي دلين تي پوءِ اهي نه ٿا ڄاڻن.

يَعْتَذِرُوْنَ اِلَيْكُمْ اِذَا رَجَعْتُمْ اِلَيْهِمْ ؕ قُلْ لَّا تَعْتَذِرُوْا
بهانا ڪندا توهان وٽ جڏهن اچو ٿا انهن ڏانهن، چئو بهانا نه بڻايو

لَنْ نُّؤْمِنَ لَكُمْ قَدْ نَبَّاَنَا اللّٰهُ مِنْ اَخْبَارِكُمْ ؕ وَ
هرگز پت نه ڪنداسون توهان تي بڌايون آهن اسان کي الله توهان جون ڳالهيون، ۽

سَيَرَى اللّٰهُ عَمَلَكُمْ وَ رَسُوْلُهٗ ثُمَّ تُرَدُّوْنَ اِلٰى عٰلِمِ الْغَيْبِ
جلد ڏسندو الله توهان جي ڪردار کي ۽ ان جو رسول پوءِ موٽايا ويندؤ ڄاڻندڙ ڳجهه

وَ الشَّهَادَةِ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۹۴﴾
۽ ظاهر جي ڏانهن پوءِ اهو خبر ڏيندو توهان کي جيڪي توهان عمل ڪندا هئا.

سَيَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ لَكُمْ اِذَا انْقَلَبْتُمْ اِلَيْهِمْ لِتُعْرِضُوْا
جهٽ قسم کڻندا الله جو توهان سان جڏهن توهان موٽندؤ انهن ڏانهن جيئن ڇڏي ڏيو

عَنْهُمْ ؕ فَاَعْرِضُوْا عَنْهُمْ ؕ اِنَّهُمْ رِجْسٌ ز وَّ مَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ج
انهن کي، پوءِ ڇڏي ڏيو انهن کي، بيشڪ اهي گندُ آهن ۽ جاءِ انهن جي دوزخ آهي،

جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿۹۵﴾ يَحْلِفُوْنَ لَكُمْ لِتَرْضَوْا
عوض سندن ڪمن جي. قسم کڻن ٿا توهان سان جيئن توهان راضي ٿيو

عَنْهُمْ ج فَاِنْ تَرْضَوْا عَنْهُمْ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يَرْضٰى
انهن کان، پوءِ جيڪڏهن توهان راضي ٿيندؤ انهن کان ته الله نه راضي ٿيندو

عَنِ الْقَوْمِ الْفٰسِقِيْنَ ﴿۹۶﴾ اَلْاَعْرَابُ اَشَدُّ كُفْرًا وَّ نِفَاقًا وَّ
نافرمان قوم کان. جهنگلي ماڻهو زور سخت آهن ڪفر ۾ ۽ نفاق ۾ ۽

اَجْدَرُ اَلَّا يَعْلَمُوْا حُدُوْدَ مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ عَلٰى رَسُوْلِهٖ ؕ وَ اللّٰهُ
لائق آهن جو نه ڄاڻن اهي قاعدا جيڪي نازل ڪيا الله پنهنجي رسول تي، ۽ الله

عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿۹۷﴾ وَ مِنَ الْاَعْرَابِ مَنْ يَّتَّخِذُ
ڄاڻندڙ آهي حڪمت وارو آهي. ۽ ڪي ٻهراڙي جا اهڙا آهن جو ٻائين ٿا

مَا يُنۡفِقُ مَغۡرَمًا وَّ يَتَرَبَّصُ بِكُمُ الدَّوَآئِرَ ؕ عَلَيۡهِمۡ

خيرات ڏيڻ کي چَٽي ۽ انتظارڪن ٿا توهان تي زماني جي چڪرن جو، انهن تي

دَآئِرَةُ السَّوۡءِ ؕ وَ اللّٰهُ سَمِيۡعٌ عَلِيۡمٌ ﴿۹۸﴾ وَ مِنَ الۡاَعۡرَابِ

اچي چڪر برائيءَ جو، ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. ۽ ڪي ٻهراڙيءَ وارا

مَنۡ يُّؤۡمِنُ بِاللّٰهِ وَ الۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ وَ يَتَّخِذُ مَا يُنۡفِقُ

اهڙا آهن جو ايمان آڻن ٿا الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ۽ سمجهن ٿا خيرات ڪرڻ کي

قُرُبٰتٍ عِنۡدَ اللّٰهِ وَ صَلَوٰتِ الرَّسُوۡلِ ؕ اَلَاۤ اِنَّهَا قُرۡبَةٌ

ويجهڙايون الله وٽ ۽ دعائون رسول جون، خبردار بلاشڪ اها ويجهڙائي آهي

لَّهُمۡ ؕ سَيُدۡخِلُهُمُ اللّٰهُ فِيۡ رَحۡمَتِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوۡرٌ

انهن لاءِ، جلد داخل ڪندو انهن کي الله پنهنجي رحمت ۾، بيشڪ الله بخشيندڙ

رَّحِيۡمٌ ﴿۹۹﴾ ع وَ السّٰبِقُوۡنَ الۡاَوَّلُوۡنَ مِنَ الۡمُهٰجِرِيۡنَ وَ الۡاَنۡصَارِ وَ

مهربان آهي. ۽ اڳرائي ڪندڙ سڀ کان اوّل هجرت ڪندڙ ۽ مدد ڪندڙ ۽

الَّذِيۡنَ اتَّبَعُوۡهُمۡ بِاِحۡسَانٍ ۙ رَّضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُمۡ وَ رَضُوۡا

جيڪي تابع ٿيا انهن جا چڱائي سان ① راضي ٿيو الله انهن کان ۽ اهي راضي ٿيا

عَنۡهُ وَ اَعَدَّ لَهُمۡ جَنّٰتٍ تَجۡرِيۡ تَحۡتَهَا الۡاَنۡهٰرُ خٰلِدِيۡنَ

ان کان ۽ تيار ڪيائين انهن لاءِ باغ وهن ٿيون جن جي هينان واهيون هميشه رهندا

فِيۡهَاۤ اَبَدًا ؕ ذٰلِكَ الۡفَوۡزُ الۡعَظِيۡمُ ﴿۱۰۰﴾ وَ مِمَّنۡ حَوۡلَكُمۡ

ان ۾ سدائين، اهائي ڪاميابي وڏي آهي. ۽ ڪجهه آهن توهان جي چوڌاري

مِّنَ الۡاَعۡرَابِ مُنٰفِقُوۡنَ ؕ وَ مِنۡ اَهۡلِ الۡمَدِيۡنَةِ ۛؔ مَرَدُوۡا

ٻهراڙي جا منافق، ۽ مديني وارن مان به، اڙجي ويا آهن

عَلَى النِّفَاقِ ۟ لَا تَعۡلَمُهُمۡ ؕ نَحۡنُ نَعۡلَمُهُمۡ ؕ

نفاق تي، نه تون ڄاڻين ٿو انهن کي، اسان ڄاڻون ٿا انهن کي،

سَنُعَذِّبُهُمْ مَّرَّتَيْنِ ثُمَّ يُرَدُّوْنَ اِلٰى عَذَابٍ عَظِيْمٍ ﴿١٠١﴾ ج

جلد سزا ڏينداسون انهن کي ٻه ڀيرا ① پوءِ موٽايا ويندا عذاب وڏي ڏانهن.

وَ اٰخَرُوْنَ اعْتَرَفُوْا بِذُنُوْبِهِمْ خَلَطُوْا عَمَلًا صَالِحًا وَّ

۽ ٻيا جن اقرار ڪيو پنهنجي گناهن جو گڏايائون عمل چڱا ۽

اٰخَرَ سَيِّئًا ؕ عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّتُوْبَ عَلَيْهِمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ

ٻيا خراب، ويجهو آهي الله جو بخشي انهن کي، بيشڪ الله بخشڻهار

رَّحِيْمٌ ﴿١٠٢﴾ خُذْ مِنْ اَمْوَالِهِمْ صَدَقَةً تُطَهِّرُهُمْ وَ

مهربان آهي. قبول ڪر انهن جي ملڪيت مان خيرات جو پاڪ ڪرين تون انهن کي ۽

تُزَكِّيْهِمْ بِهَا وَ صَلِّ عَلَيْهِمْ ؕ اِنَّ صَلٰوتَكَ

دل صاف ڪرين انهن جي ان سان ۽ دعا گهر انهن لاءِ بيشڪ دعا تنهنجي

سَكَنٌ لَّهُمْ ؕ وَ اللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿١٠٣﴾ اَ لَمْ يَعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ

قرار آهي انهن لاءِ ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. ڇا نه ڄاتائون ته الله

هُوَ يَقْبَلُ التَّوْبَةَ عَنْ عِبَادِهٖ وَ يَاْخُذُ الصَّدَقٰتِ وَ

ئي قبول ڪندو آهي توبهه پنهنجي ٻانهن جي ۽ وٺندو آهي ۽ خيراتون ۽

اَنَّ اللّٰهَ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿١٠٤﴾ وَ قُلِ اعْمَلُوْا فَسَيَرَى

بيشڪ الله ئي توبهه قبوليندڙ مهربان آهي. ۽ چؤ توهان ڪم ڪريو پوءِ اجهو ڏسندو

اللّٰهُ عَمَلَكُمْ وَ رَسُوْلُهٗ وَ الْمُؤْمِنُوْنَ ؕ وَ سَتُرَدُّوْنَ

الله توهان جي ڪم کي ۽ ان جو رسول ۽ مسلمان، ۽ جلد موٽايا ويندؤ

اِلٰى عٰلِمِ الْغَيْبِ وَ الشَّهَادَةِ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا

ڄاڻندڙ ڳجهه ۽ ظاهر جي طرف پوءِ خبر ڏيندو توهان کي جيڪي

كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٠٥﴾ ج وَ اٰخَرُوْنَ مُرْجَوْنَ لِاَمْرِ اللّٰهِ

توهان ڪندا هئا. ۽ ٻيا ڪي ڍر ڏنل آهن الله جي فيصلي تائين

اِمَّا يُعَذِّبُهُمۡ وَ اِمَّا يَتُوۡبُ عَلَيۡهِمۡ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيۡمٌ

اهو عذاب ڪري انهن کي يا معاف ڪري انهن کي، ۽ الله ڄاڻندڙ آهي

حَكِيۡمٌ ﴿۱۰۶﴾ وَ الَّذِيۡنَ اتَّخَذُوۡا مَسۡجِدًا ضِرَارًا وَّ كُفۡرًا وَّ

حڪيم آهي. ۽ جن ناهي مسجد نقصان پهچائڻ لاءِ ۽ ڪفر لاءِ ۽

تَفۡرِيۡقًۢا بَيۡنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ وَ اِرۡصَادًا لِّمَنۡ حَارَبَ اللّٰهَ

ڦوٽ وجهڻ لاءِ مسلمانن جي وچ ۾ ۽ گهٽ ناهڻ خاطر انهن لاءِ جن جنگ ڪئي الله

وَ رَسُوۡلَهٗ مِنۡ قَبۡلُ ؕ وَ لَيَحۡلِفُنَّ اِنۡ اَرَدۡنَاۤ

۽ ان جي رسول سان اڳ ۾ ۽ اهي ضرور قسم کڻندا ته رڳو اسان نيت ڪئي هئي

اِلَّا الۡحُسۡنٰى ؕ وَ اللّٰهُ يَشۡهَدُ اِنَّهُمۡ لَكٰذِبُوۡنَ ﴿۱۰۷﴾ لَا تَقُمۡ فِيۡهِ

نيڪيءَ جي، پر الله شاهدي ڏئي ٿو ته اهي ڪوڙا آهن. نه بيهه انهيءَ ۾

اَبَدًا ؕ لَمَسۡجِدٌ اُسِّسَ عَلَى التَّقۡوٰى مِنۡ اَوَّلِ يَوۡمٍ اَحَقُّ

ڪڏهين به، ❶ البت مسجد جا ناهي وئي پرهيز تي ❷ پهرين ڏينهن کان لائق آهي

اَنۡ تَقُوۡمَ فِيۡهِ ؕ فِيۡهِ رِجَالٌ يُّحِبُّوۡنَ اَنۡ يَّتَطَهَّرُوۡا ؕ وَ

جو تون بيهين ان ۾، انهيءَ ۾ مرد آهن جي پسند ٿا ڪن پاڪ رهڻ کي، ۽

اللّٰهُ يُحِبُّ الۡمُطَّهِّرِيۡنَ ﴿۱۰۸﴾ اَ فَمَنۡ اَسَّسَ بُنۡيَانَهٗ

الله پسند ڪندو آهي پاڪ رهڻ وارن کي. ❸ ڇا پوءِ جنهن رکيو بنياد انهيءَ جو

عَلٰى تَقۡوٰى مِنَ اللّٰهِ وَ رِضۡوَانٍ خَيۡرٌ اَمۡ مَّنۡ اَسَّسَ

خوف خدا تي ۽ ان جي رضا تي اهو ڀلو آهي يا جنهن اڏيو

بُنۡيَانَهٗ عَلٰى شَفَا جُرُفٍ هَارٍ فَانۡهَارَ بِهٖ

بنيادان جو مٿان ڪناري ڪاڙل ڪپر ڍهندڙ جي پوءِ ڍهي پيو ان سميت

فِىۡ نَارِ جَهَنَّمَ ؕ وَ اللّٰهُ لَا يَهۡدِى الۡقَوۡمَ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۱۰۹﴾

دوزخ جي باهه ۾، ۽ الله نه تو هدايت ڪري ظلم ڪندڙ قوم کي.

لَا يَزَالُ بُنْيَانُهُمُ الَّذِيْ بَنَوْا رِيْبَةً فِيْ قُلُوْبِهِمْ اِلَّآ اَنْ

هميشه ٿي پئي سندن اڏاوت جا ناهيائون ① ارمان انهن جي دلين ۾ جيسين جو

تَقَطَّعَ قُلُوْبُهُمْ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿۱۱۰﴾ اِنَّ اللّٰهَ ع ١١ ٣ ٢

ڪپجي پون دليون انهن جون ② ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. بيشڪ الله

اشْتَرٰى مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ اَنْفُسَهُمْ وَ اَمْوَالَهُمْ بِاَنَّ لَهُمُ الْجَنَّةَ ؕ

خريد ڪيا ③ مسلمانن کان انهن جا ساهه ۽ انهن جا مال ته انهن لاءِ آهي جنت،

يُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَيَقْتُلُوْنَ وَ يُقْتَلُوْنَ ۗ وَعْدًا عَلَيْهِ

وڙهن ٿا الله جي راهه ۾ پوءِ مارن ٿا ۽ مارجن ٿا، وعدو آهي انهيءَ تي

حَقًّا فِي التَّوْرٰىةِ وَ الْاِنْجِيْلِ وَ الْقُرْاٰنِ ؕ وَ مَنْ اَوْفٰى

سچو تورات ۽ انجيل ۽ قرآن ۾، ۽ ڪير آهي وڌيڪ پاڙيندڙ

بِعَهْدِهٖ مِنَ اللّٰهِ فَاسْتَبْشِرُوْا بِبَيْعِكُمُ الَّذِيْ بَايَعْتُمْ

پنهنجو وعدو الله کان پوءِ خوش رهو پنهنجي واپار تي جو وڪڻيو اٿوَ

بِهٖ ؕ وَ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿۱۱۱﴾ اَلتَّآئِبُوْنَ الْعٰبِدُوْنَ

اِهو، ۽ اها ئي ڪاميابي وڏي آهي. اهي توبه ڪندڙ آهن عبادت ڪندڙ

الْحٰمِدُوْنَ السَّآئِحُوْنَ الرّٰكِعُوْنَ السّٰجِدُوْنَ الْاٰمِرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ

شڪر ڪندڙ روزا رکندڙ رڪوع ڪندڙ سجدو ڪندڙ حڪم ڪندڙ چڱائي جو

وَ النَّاهُوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَ الْحٰفِظُوْنَ لِحُدُوْدِ اللّٰهِ ؕ وَ بَشِّرِ

۽ روڪيندڙ برائي کان ۽ نگهباني ڪندڙ الله جي احڪام جي، خوشخبري ڏ ج

الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۱۲﴾ مَا كَانَ لِلنَّبِيِّ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْ يَّسْتَغْفِرُوْا

ايمان وارن کي. ناهي اجازت نبيءَ کي ۽ مومنن کي جو معافي گهرن

لِلْمُشْرِكِيْنَ وَ لَوْ كَانُوْٓا اُولِيْ قُرْبٰى مِنْ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ

مشرڪن لاءِ جيتوڻيڪ هجن مائٽ ④ هن کان پوءِ جو ظاهر ٿيو

لَهُمْ اَنَّهُمْ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ ﴿۱۱۳﴾ وَ مَا كَانَ اسْتِغْفَارُ اِبْرٰهِيْمَ

انهن لاءِ تہ اهي دوزخي آهن. ۽ نہ هئي بخشش گهرڻ ابراهيم جي

لِاَبِيْهِ اِلَّا عَنْ مَّوْعِدَةٍ وَّعَدَهَآ اِيَّاهُ ۚ فَلَمَّا

پنهنجي پيءُ لاءِ مگر وعدي جي ڪري جو اهو ڪيو هئائين ان سان، پوءِ جڏهن

تَبَيَّنَ لَهٗٓ اَنَّهٗ عَدُوٌّ لِّلّٰهِ تَبَرَّاَ مِنْهُ ؕ اِنَّ اِبْرٰهِيْمَ

خبر پيس تہ اهو دشمن آهي الله جو تہ بيزار ٿيو انهيءَ کان، بيشڪ ابراهيم

لَاَوَّاهٌ حَلِيْمٌ ﴿۱۱۴﴾ وَ مَا كَانَ اللّٰهُ لِيُضِلَّ قَوْمًۢا بَعْدَ

نرم دل سهپ وارو هو. ۽ الله اهڙو نہ آهي جو گمراهہ ڪري ڪنهن قوم کي هن کان پوءِ

اِذْ هَدٰىهُمْ حَتّٰى يُبَيِّنَ لَهُمْ مَّا يَتَّقُوْنَ ؕ

جو هدايت ڪيائين انهن کي تانجو ٻڌائي انهن کي اهو جنهن کان پرهيز ڪن،

اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَیْءٍ عَلِيْمٌ ﴿۱۱۵﴾ اِنَّ اللّٰهَ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ

بيشڪ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. بيشڪ الله لاءِ آهي بادشاهي آسمانن

وَ الْاَرْضِ ؕ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ؕ وَ مَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ

۽ زمين جي، اهو جياري ٿو ۽ ماري ٿو، ۽ ناهي توهان لاءِ الله کانسواءِ

مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ﴿۱۱۶﴾ لَقَدْ تَّابَ اللّٰهُ عَلَى النَّبِيِّ وَ الْمُهٰجِرِيْنَ

ڪوئي دوست ۽ نہ ڪو مددگار. يقينن الله مهربان ٿيو نبي ۽ مهاجرن

وَ الْاَنْصَارِ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُ فِيْ سَاعَةِ الْعُسْرَةِ مِنْۢ بَعْدِ مَا

۽ انصار تي جن ساٿ ڏنو ان کي ڏکئي ۾ وقت هن کان پوءِ جو

كَادَ يَزِيْغُ قُلُوْبُ فَرِيْقٍ مِّنْهُمْ ثُمَّ تَابَ عَلَيْهِمْ ؕ

ڦري وڃڻ تي هيون دليون هڪ ٽولي جون انهن مان پوءِ مهربان ٿيو انهن تي،

اِنَّهٗ بِهِمْ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۱۷﴾ لا وَّ عَلَى الثَّلٰثَةِ الَّذِيْنَ

بيشڪ اهو انهن سان نرمي ڪندڙ رحم وارو آهي. ۽ انهن ٽن تي بہ

خُلِّفُوْا ؕ حَتّٰۤى اِذَا ضَاقَتْ عَلَيْهِمُ الْاَرْضُ بِمَا رَحُبَتْ
جن کي پوئتي رکيو ويو، نيٺ جڏهن تنگ ٿي انهن تي ڌرتي ويڪراڻ هوندي

وَ ضَاقَتْ عَلَيْهِمْ اَنْفُسُهُمْ وَ ظَنُّوْۤا اَنْ لَّا مَلْجَاَ مِنَ اللّٰهِ
۽ سوڙها ٿيا انهن تي ساهه انهن جا ۽ ڀانيائون ته ناهي بچاءُ الله کان

اِلَّاۤ اِلَيْهِ ؕ ثُمَّ تَابَ عَلَيْهِمْ لِيَتُوْبُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ
مگر انهيءَ ڏانهن، پوءِ ٻاجهه ڪيائين انهن تي جيئن توبهه ڪن، بيشڪ الله

التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ۧ۱۱۸ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ كُوْنُوْا
توبهه قبوليندڙ رحم وارو آهي. اي ايمان وارو! ڊڄو الله کان ۽ هجو

مَعَ الصّٰدِقِيْنَ ۝۱۱۹ مَا كَانَ لِاَهْلِ الْمَدِيْنَةِ وَ مَنْ حَوْلَهُمْ
گڏ سچن سان. نه جڳائي مديني وارن لاءِ ۽ جيڪي انهن جي چوڌاري

مِّنَ الْاَعْرَابِ اَنْ يَّتَخَلَّفُوْا عَنْ رَّسُوْلِ اللّٰهِ وَ لَا يَرْغَبُوْا
بدوي آهن ته پوئتي رهن رسول الله کان ۽ نه زياده گهرن

بِاَنْفُسِهِمْ عَنْ نَّفْسِهٖ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ لَا يُصِيْبُهُمْ ظَمَاٌ
پنهنجن سِرَن کي ان جي سِرَ کان، اهو هن ڪري ته نه ٿي لڳي انهن کي ڪا اُڃ

وَّ لَا نَصَبٌ وَّ لَا مَخْمَصَةٌ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ لَا يَطَـُٔوْنَ
۽ نه ڪا ٿڪاوٽ ۽ نه بک الله جي راهه ۾ ۽ نه ٿا لنگهن

مَوْطِئًا يَّغِيْظُ الْكُفَّارَ وَ لَا يَنَالُوْنَ مِنْ عَدُوٍّ نَّيْلًا
ڪنهن لَڪ تان جو ڪاوڙائي ٿو ڪافرن کي ۽ نه ٿا لهن دشمن کان ڪا شيءِ

اِلَّا كُتِبَ لَهُمْ بِهٖ عَمَلٌ صَالِحٌ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيْعُ
مگر لکجي ٿو انهن لاءِ ان سان عمل صالح، بيشڪ الله نه ٿو وڃائي

اَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ ۝۱۲۰ وَ لَا يُنْفِقُوْنَ نَفَقَةً صَغِيْرَةً وَّ لَا كَبِيْرَةً
ثواب چڱائي ڪندڙن جو. ۽ نه ٿا خرچ ڪن ڪو خرچ ننڍو يا وڏو

وَّ لَا يَقْطَعُوْنَ وَادِيًا اِلَّا كُتِبَ لَهُمْ لِيَجْزِيَهُمُ اللّٰهُ

۽ نه ٽا پارِ ڪن ڪا وادي مگر لکجي ٿو انهن لاءِ جيئن بدلو ڏئي انهن کي الله

اَحْسَنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٢١﴾ وَ مَا كَانَ الْمُؤْمِنُوْنَ لِيَنْفِرُوْا

بهتر ان ڪان جيڪو ڪم ڪن ٿا. ۽ نه هئو جو مسلمان نڪري پون

كَآفَّةً ؕ فَلَوْلَا نَفَرَ مِنْ كُلِّ فِرْقَةٍ مِّنْهُمْ طَآئِفَةٌ

سمورا، پوءِ ڇو نه ٽو نڪري انهن جي هر قوم مان ڪو ٽولو

لِّيَتَفَقَّهُوْا فِي الدِّيْنِ وَ لِيُنْذِرُوْا قَوْمَهُمْ اِذَا رَجَعُوْٓا

جيئن علم حاصل ڪن دين جو ۽ ڊيڄارينِ پنهنجي قوم کي جڏهن موٽي اچن

ع ١٥ ٣
اِلَيْهِمْ لَعَلَّهُمْ يَحْذَرُوْنَ ﴿١٢٢﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قَاتِلُوا الَّذِيْنَ

انهن ڏانهن مَن اهي هوشيار ٿين. (١) اي ايمان وارو! لڙو انهن سان جيڪي

يَلُوْنَكُمْ مِّنَ الْكُفَّارِ وَ لْيَجِدُوْا فِيْكُمْ غِلْظَةً ؕ وَ اعْلَمُوْٓا اَنَّ

ويجها آهن توهان کي ڪافر ۽ پِل لهن توهان ۾ سختي، ۽ ڄاڻو ته

الربع
اللّٰهَ مَعَ الْمُتَّقِيْنَ ﴿١٢٣﴾ وَ اِذَا مَآ اُنْزِلَتْ سُوْرَةٌ فَمِنْهُمْ مَّنْ

الله گڏ آهي پرهيزگارن سان. ۽ جڏهن لاهجي ٿي ڪا سورت پوءِ انهن مان ڪي

يَّقُوْلُ اَيُّكُمْ زَادَتْهُ هٰذِهٖٓ اِيْمَانًا ۚ فَاَمَّا الَّذِيْنَ

چوَن ٿا ڪنهن جو توهان مان وڌايو هن سورت ايمان، پوءِ جن ماڻهن

اٰمَنُوْا فَزَادَتْهُمْ اِيْمَانًا وَّ هُمْ يَسْتَبْشِرُوْنَ ﴿١٢٤﴾ وَ اَمَّا

ايمان آندو ته وڌايائين انهن جو ايمان ۽ اهي خوش ٿا ٿين. ۽ پوءِ

الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ فَزَادَتْهُمْ رِجْسًا اِلٰى رِجْسِهِمْ

جن جي دلين ۾ مرض آهي پوءِ وڌايائين انهن لاءِ پليتي سندن پليتيءَ تي

وَ مَاتُوْا وَ هُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿١٢٥﴾ اَوَ لَا يَرَوْنَ اَنَّهُمْ يُفْتَنُوْنَ

۽ مري ويا ۽ اهي ڪافر هئا. ڇا نه ٿا ڏسن ته اهي مصيبت ۾ پون ٿا

فِيْ كُلِّ عَامٍ مَّرَّةً اَوْ مَرَّتَيْنِ ثُمَّ لَا يَتُوْبُوْنَ وَ لَا هُمْ

هر سال ۾ هڪ ڀيرو يا ٻه ڀيرا ❶ پوءِ به توبهه نه ٿا ڪن ۽ نه ڪي اهي

يَذَّكَّرُوْنَ ﴿١٢٦﴾ وَ اِذَا مَآ اُنْزِلَتْ سُوْرَةٌ نَّظَرَ بَعْضُهُمْ اِلٰى بَعْضٍ

نصيحت ٿا پرائين. ۽ جڏهن لاهجي ٿي ڪا سورت نهارين ٿا هڪ ٻئي ڏانهن،

هَلْ يَرٰىكُمْ مِّنْ اَحَدٍ ثُمَّ انْصَرَفُوْا صَرَفَ اللّٰهُ

ڇا توهان کي ڏسي ٿو ڪو نه ڪوئي؟ پوءِ هليا ٿا وڃن، ڦيرايون الله

قُلُوْبَهُمْ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ ﴿١٢٧﴾ لَقَدْ جَآءَكُمْ

دليون انهن جون ❷ هن ڪري ته اهي ماڻهو نه ٿا سمجهن. بيشڪ آيو توهان وٽ

رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ عَزِيْزٌ عَلَيْهِ مَا عَنِتُّمْ حَرِيْصٌ

رسول توهان منجهان ❸ ڏکي لڳي ٿي ان کي توهان جي تڪليف گهڻگهرو آهي

عَلَيْكُمْ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٢٨﴾ فَاِنْ تَوَلَّوْا

توهان جو ايمان وارن سان نرمي ڪندڙ مهربان آهي. پوءِ جيڪڏهن اهي منهن ڦيرين

فَقُلْ حَسْبِيَ اللّٰهُ ۖق لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ

ته چئو. ڪافي اٿم الله، ناهي ڪوئي عبادت جي لائق انهيءَ کان سواءِ،

عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَ هُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ ﴿١٢٩﴾ ع

ان تي ئي ڀروسو ڪيم ۽ اهوئي مالڪ عرش عظيم جو آهي. ❹

سُوْرَةُ يُوْنُسَ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مِائَةٌ وَّتِسْعُ اٰيَاتٍ وَّاَحَدَعَشَرَ رُكُوْعًا

سورت يونس مڪي آهي ۽ اها هڪ سؤ نَوَ آيتون ۽ يارهن رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الٓرٰ قف تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْحَكِيْمِ ﴿١﴾ اَكَانَ لِلنَّاسِ عَجَبًا اَنْ

الرٰ، ❺ هي آيتون آهن ڪتاب حڪمت واري جون. ڇا ماڻهن کي عجب آهي ته

ع ١٦ ٥ المنزل الثالث ٣

اَوۡحَيۡنَاۤ اِلٰى رَجُلٍ مِّنۡهُمۡ اَنۡ اَنۡذِرِ النَّاسَ وَ بَشِّرِ

اسان حڪم موڪليو هڪ مرد ڏانهن انهن مان تہ ڊيڄار ماڻهن کي ۽ خوشخبري ڏي

الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اَنَّ لَهُمۡ قَدَمَ صِدۡقٍ عِنۡدَ رَبِّهِمۡ ؕ قَالَ

ايمان وارن کي تہ انهن جو قدم سچائي جو آهي پنهنجي رب وٽ، چيو

الۡكٰفِرُوۡنَ اِنَّ هٰذَا لَسٰحِرٌ مُّبِيۡنٌ ﴿۲﴾ اِنَّ رَبَّكُمُ اللّٰهُ الَّذِىۡ

ڪافرن تہ هي جادوگر آهي پڌرو. بيشڪ رب توهان جو الله آهي جنهن

خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضَ فِىۡ سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ اسۡتَوٰى

پيدا ڪيو آسمانن ۽ زمين کي ڇهن ڏينهن ۾ (1) پوءِ قرار ڪيائين

عَلَى الۡعَرۡشِ يُدَبِّرُ الۡاَمۡرَ ؕ مَا مِنۡ شَفِيۡعٍ اِلَّا

تخت تي (2) هلائي ٿو حڪم کي، ناهي ڪوئي سفارش ڪندڙ مگر

مِنۡۢ بَعۡدِ اِذۡنِهٖ ؕ ذٰ لِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمۡ فَاعۡبُدُوۡهُ ؕ

ان جي اجازت کانپوءِ، اهو اٿوَ الله پاليندڙ توهان جو پوءِ عبادت ڪريو انهيءَ جي،

اَفَلَا تَذَكَّرُوۡنَ ﴿۳﴾ اِلَيۡهِ مَرۡجِعُكُمۡ جَمِيۡعًا ؕ وَعۡدَ اللّٰهِ

ڇا پوءِ نہ ٿا ڌيان ڪريو. انهيءَ ڏانهن موٽڻ آهي توهان سيني جو، وعدو الله جو

حَقًّا ؕ اِنَّهٗ يَبۡدَؤُا الۡخَـلۡقَ ثُمَّ يُعِيۡدُهٗ لِيَجۡزِىَ الَّذِيۡنَ

سچو آهي، اهو پيدا ڪري ٿو خلق کي پوءِ موٽائيندو ان کي جيئن بدلو ڏئي انهن کي

اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ بِالۡقِسۡطِ ؕ وَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا

جن ايمان آندو ۽ ڪم ڪيا چڱا انصاف وارو، ۽ جن ڪفر ڪيو

لَهُمۡ شَرَابٌ مِّنۡ حَمِيۡمٍ وَّ عَذَابٌ اَلِيۡمٌۢ بِمَا كَانُوۡا

تن لاءِ آهي پاڻي ٽهڪندڙ ۽ عذاب ڏکوئيندڙ جو اهي

يَكۡفُرُوۡنَ ﴿۴﴾ هُوَ الَّذِىۡ جَعَلَ الشَّمۡسَ ضِيَآءً وَّ الۡقَمَرَ

ڪفر ڪندا هئا. اهو آهي جنهن ڪيو سج کي چمڪدار ۽ چنڊ کي

وقف النبي

نُوۡرًا وَّ قَدَّرَهٗ مَنَازِلَ لِتَعۡلَمُوۡا عَدَدَ السِّنِيۡنَ وَ
روشن ۽ مقرر ڪيائينس لهڻ جون جايون جيئن ڄاڻو توهان ڳاڻاٽو سالن جو ۽
الۡحِسَابَ ؕ مَا خَلَقَ اللّٰهُ ذٰلِكَ اِلَّا بِالۡحَقِّ ۚ يُفَصِّلُ
ليکو ڪرڻ، نه پيدا ڪيو الله اهو سڀ مگر حق سان، ظاهر ڪري ٿو
الۡاٰيٰتِ لِقَوۡمٍ يَّعۡلَمُوۡنَ ۝٥ اِنَّ فِى اخۡتِلَافِ الَّيۡلِ وَ النَّهَارِ
نشانيون انهن ماڻهن لاءِ جيڪي سمجهن. بيشڪ ڦير گهير رات ۽ ڏينهن جي ۾
وَ مَا خَلَقَ اللّٰهُ فِى السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ لَاٰيٰتٍ
۽ جيڪي پيدا ڪيو الله آسمانن ۽ زمين ۾ نشانيون آهن
لِّقَوۡمٍ يَّتَّقُوۡنَ ۝٦ اِنَّ الَّذِيۡنَ لَا يَرۡجُوۡنَ لِقَآءَنَا وَ
ماڻهن لاءِ جيڪي ڊڄن. بيشڪ جيڪي نه ٿا اميد رکن اسان جي ملڻ جي ۽
رَضُوۡا بِالۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا وَ اطۡمَاَنُّوۡا بِهَا وَ الَّذِيۡنَ هُمۡ
خوش رهيا دنيا جي زندگي سان ۽ آراميا انهيءَ سان ۽ جيڪي اهي
عَنۡ اٰيٰتِنَا غٰفِلُوۡنَ ۝٧ اُولٰٓئِكَ مَاۡوٰىهُمُ النَّارُ بِمَا كَانُوۡا يَكۡسِبُوۡنَ ۝٨
اسان جي آيتن کان غافل آهن. انهن لاءِ جاءِ رهڻ جي باهه آهي سندن ڪرتوتن جي ڪري.
اِنَّ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ يَهۡدِيۡهِمۡ
بيشڪ جن ايمان آندو ۽ ڪم ڪيا چڱا پهچائيندو انهن کي
رَبُّهُمۡ بِاِيۡمَانِهِمۡ ۚ تَجۡرِىۡ مِنۡ تَحۡتِهِمُ الۡاَنۡهٰرُ
انهن جو رب سندن ايمان جي ڪري، جتي وهن ٿيون هيٺان انهن جي واهيون
فِىۡ جَنّٰتِ النَّعِيۡمِ ۝٩ دَعۡوٰىهُمۡ فِيۡهَا سُبۡحٰنَكَ
باغن نعمت وارن ۾. دعا انهن جي اتي هيءَ ته پاڪ آهي تنهنجي ذات
اللّٰهُمَّ وَ تَحِيَّتُهُمۡ فِيۡهَا سَلٰمٌ ۚ وَ اٰخِرُ دَعۡوٰىهُمۡ اَنِ
اي الله ۽ ڪيڪار انهن جي اتي سلام، ۽ پڇاڙي انهن جي دعا جي هيءَ ته

ع ١/٦

الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٠﴾ وَ لَوْ يُعَجِّلُ اللّٰهُ

سڀ تعريفون الله لاءِ جو پالينڌڙ جهانن جو آهي. ۴ جيڪڏهن جلد ڏئي ها الله

لِلنَّاسِ الشَّرَّ اسْتِعْجَالَهُمْ بِالْخَيْرِ لَقُضِيَ اِلَيْهِمْ

ماڻهن کي برائي انهن جي تڪڙي پلائي گهرڻ وانگر تہ پوري ڪئي وڃي ها انهن جي

اَجَلُهُمْ ط فَنَذَرُ الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ لِقَآءَنَا

مدت، ❶ پوءِ ڍر ڏيون انهن کي جيڪي نہ ٿا اميد رکن اسان سان ملڻ جي

فِيْ طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ﴿١١﴾ وَ اِذَا مَسَّ الْاِنْسَانَ الضُّرُّ

پنهنجي شرارت ۾ ٿابا پيا ڪائين. ❷ ۴ جڏهن پهچي ٿي انسان کي تڪليف

دَعَانَا لِجَنْۢبِهٖٓ اَوْ قَاعِدًا اَوْ قَآئِمًا ج فَلَمَّا

تہ سڏي ٿو اسان کي پنهنجي پاسي پر يا ويٺي يا بيٺي، پوءِ جڏهن

كَشَفْنَا عَنْهُ ضُرَّهٗ مَرَّ كَاَنْ لَّمْ يَدْعُنَآ

ٽاريون ٿا ان کان سندس مصيبت لنگهي ٿو جهٽڪ سڏيوئي نہ هئائين اسان کي

اِلٰى ضُرٍّ مَّسَّهٗ ط كَذٰلِكَ زُيِّنَ لِلْمُسْرِفِيْنَ

مصيبت ڏانهن جا پهتي هئي ان کي، اهڙي طرح سينگاريو ويو حد ٽپندڙن لاءِ

مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٢﴾ وَ لَقَدْ اَهْلَكْنَا الْقُرُوْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ

جيڪي جو اهي ڪن ٿا. ۴ يقينن تباهہ ڪيون سون قومون توهان کان اڳ

لَمَّا ظَلَمُوْا لا وَ جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ وَ مَا

جڏهن انهن ظلم ڪيو، حالانڪ آندا هئا انهن وٽ سندن رسولن معجزا ۴ نہ

كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْا ط كَذٰلِكَ نَجْزِى الْقَوْمَ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿١٣﴾ ثُمَّ

هئا جو ايمان آڻين، اهڙي طرح سزا ڏيندا آهيون ڏوهاري قوم کي. پوءِ

جَعَلْنٰكُمْ خَلٰٓئِفَ فِي الْاَرْضِ مِنْۢ بَعْدِهِمْ لِنَنْظُرَ

ڪيوسون اوهان کي سنيالينڌڙ زمين ۾ انهن کان پوءِ جيئن ڏسون تہ

كَيْفَ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٤﴾ وَ اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيَاتُنَا بَيِّنٰتٍ ۙ
كيئن تا عمل كريو. ۽ جڏهن پڙهجن ٿيون انهن تي آيتون اسان جون چٽيون

قَالَ الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ لِقَآءَنَا ائْتِ بِقُرْاٰنٍ
چون ٿا اهي جيڪي نه ٿا اميد رکن اسان جي ملاقات جي آڻ قرآن

غَيْرِ هٰذَآ اَوْ بَدِّلْهُ ؕ قُلْ مَا يَكُوْنُ لِيْٓ اَنْ اُبَدِّلَهٗ
ٻيو هن کان سواءِ يا بدلاءِ ان کي، ١ تون چئو نه ٿيندو مون کان جو بدلايان انهيءَ کي

مِنْ تِلْقَآئِ نَفْسِيْ ۚ اِنْ اَتَّبِعُ اِلَّا مَا يُوْحٰٓى
طرفان پنهنجي، رڳو آءٌ تابعداري ڪريان ٿو ان جي جيڪو حڪم آيو

اِلَيَّ ۚ اِنِّيْٓ اَخَافُ اِنْ عَصَيْتُ رَبِّيْ عَذَابَ
مون ڏانهن، بيشڪ آءٌ ڊڄان ٿو، جي بي فرماني ڪيم رب جي، عذاب

يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿١٥﴾ قُلْ لَّوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا تَلَوْتُهٗ عَلَيْكُمْ
وڏي ڏينهن جي کان. چئو جيڪڏهن گهري ها الله ته نه پڙهان ها ان کي توهان تي

وَ لَآ اَدْرٰىكُمْ بِهٖ ۫ۖ فَقَدْ لَبِثْتُ فِيْكُمْ عُمُرًا
۽ نه ڪي اهو خبر ڏئي ها توهان کي ان جي، پوءِ گذاري اٿم توهان ۾ عمر

مِّنْ قَبْلِهٖ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿١٦﴾ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ
انهيءَ کان اڳ ۾، ڇا پوءِ نه ٿا سمجهو؟ پوءِ ڪير وڌيڪ ظالم آهي انهيءَ کان

افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ كَذَّبَ بِاٰيٰتِهٖ ؕ اِنَّهٗ
جيڪو ٻڌائي الله تي ڪوڙ يا ڪوڙو ڪري ان جي آيتن کي، يقينن

لَا يُفْلِحُ الْمُجْرِمُوْنَ ﴿١٧﴾ وَ يَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا
ڪامياب نه ٿيندا ڏوهاري. ۽ پوڄين ٿا الله کي ڇڏي انهن کي

لَا يَضُرُّهُمْ وَ لَا يَنْفَعُهُمْ وَ يَقُوْلُوْنَ هٰٓؤُلَآءِ شُفَعَآؤُنَا
جي نه نقصان ڏين انهن کي ۽ نه نفعو ۽ چون ٿا اهي سفارشي آهن اسان جا

عِنۡدَ اللّٰهِ ؕ قُلۡ اَ تُنَبِّـُٔوۡنَ اللّٰهَ بِمَا لَا يَعۡلَمُ

الله وٽ، تون چؤ ڇا توهان ٻڌايو ٿا الله کي اها ڳالهه جا اهو نه ٿو ڄاڻي

فِی السَّمٰوٰتِ وَ لَا فِی الۡاَرۡضِ ؕ سُبۡحٰنَهٗ وَ تَعٰلٰی عَمَّا

آسمانن ۾ ۽ نه کي زمين ۾، اهو پاڪ ذات آهي ۽ مٿاهون آهي ان کان

يُشۡرِكُوۡنَ ﴿۱۸﴾ وَ مَا كَانَ النَّاسُ اِلَّاۤ اُمَّةً وَّاحِدَةً فَاخۡتَلَفُوۡا ؕ

جو شريڪ ٿا ڪن. ۽ نه هئا ماڻهو مگر اُمّت هڪڙي پوءِ جدا جدا ٿيا،

وَ لَوۡ لَا كَلِمَةٌ سَبَقَتۡ مِنۡ رَّبِّكَ لَقُضِیَ

۽ جيڪڏهن نه هجي ها ٻول جو ٿيو آهي تنهنجي رب کان ته نبيرو ٿي وڃي ها

بَيۡنَهُمۡ فِيۡمَا فِيۡهِ يَخۡتَلِفُوۡنَ ﴿۱۹﴾ وَ يَقُوۡلُوۡنَ لَوۡلَاۤ اُنۡزِلَ

انهن ۾ ان جو جنهن ۾ اِهي جهڳڙو ٿا ڪن. ۽ چَوَن ٿا ڇو نه نازل ڪئي وئي

عَلَيۡهِ اٰيَةٌ مِّنۡ رَّبِّهٖ ۚ فَقُلۡ اِنَّمَا الۡغَيۡبُ لِلّٰهِ

انهيءَ تي ڪا نشاني ان جي رب کان، پوءِ تون چؤ رڳو ڳجهه الله لاءِ آهي

فَانۡتَظِرُوۡا ۚ اِنِّیۡ مَعَكُمۡ مِّنَ الۡمُنۡتَظِرِيۡنَ ﴿۲۰﴾ ع وَ اِذَاۤ اَذَقۡنَا

پوءِ انتظار ڪريو، آءٌ به توهان سان گڏ انتظار ڪندڙ آهيان. ۽ جڏهن چکايون ٿا

النَّاسَ رَحۡمَةً مِّنۡ بَعۡدِ ضَرَّآءَ مَسَّتۡهُمۡ اِذَا لَهُمۡ مَّكۡرٌ

ماڻهن کي رحمت تڪليف کان پوءِ جا کين پهتي هئي ته ان وقت ڪن ٿا حيلو

فِیۡۤ اٰيَاتِنَا ؕ قُلِ اللّٰهُ اَسۡرَعُ مَكۡرًا ؕ اِنَّ رُسُلَنَا

اسان جي آيتن ۾، ❶ تون چؤ الله زور تڪڙو حيلو ڪندڙ آهي، بيشڪ اسان جا قاصد

يَكۡتُبُوۡنَ مَا تَمۡكُرُوۡنَ ﴿۲۱﴾ هُوَ الَّذِیۡ يُسَيِّرُكُمۡ

لکن ٿا جيڪي توهان حيلا هلايو ٿا. اهو ئي آهي جو گهمائي ٿو توهان کي

فِی الۡبَرِّ وَ الۡبَحۡرِ ؕ حَتّٰۤی اِذَا كُنۡتُمۡ فِی الۡفُلۡكِ ۚ وَ

بر ۽ بحر ۾، آخر جڏهن هوندا آهيو توهان ٻيڙين ۾ ۽

جَرَيْنَ بِهِمْ بِرِيْحٍ طَيِّبَةٍ وَّ فَرِحُوْا بِهَا

اهي ڪٽي هلنديون آهن انهن کي سٺائي واءُ سان ۽ خوش ٿيندا آهن ان تي

جَآءَتْهَا رِيْحٌ عَاصِفٌ وَّ جَآءَهُمُ الْمَوْجُ

تہ اچي ويندو آهي انهن تي طوفان ۽ ايندي آهي انهن تي چولي

مِنْ كُلِّ مَكَانٍ وَّ ظَنُّوْٓا اَنَّهُمْ اُحِيْطَ بِهِمْ ۙ

هر طرف کان ۽ اهي پائيندا آهن تہ گهيرو ڪيو ويو آهي انهن تي

دَعَوُا اللّٰهَ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ۚ لَئِنْ اَنْجَيْتَنَا

تہ سڏيندا آهن الله کي سچائي رکندڙ تي ان لاءِ دين ۾، جيڪڏهن بچايو تو اسان کي

مِنْ هٰذِهٖ لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الشّٰكِرِيْنَ ﴿٢٢﴾ فَلَمَّآ اَنْجٰهُمْ

هن مان تہ ضرور ٿينداسون شڪر گذارن مان. ❶ پوءِ جڏهن بچايائين انهن کي

اِذَا هُمْ يَبْغُوْنَ فِي الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ ؕ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ

تہ اوچتو اهي بي فرماني ٿا ڪن ملڪ ۾ نا حق، اي انسانو!

اِنَّمَا بَغْيُكُمْ عَلٰٓى اَنْفُسِكُمْ ۙ مَّتَاعَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۫ ثُمَّ

رڳو توهان جي بغاوت توهان جي سرتي آهي نفعو ونو حياتي دنيا جو پوءِ

اِلَيْنَا مَرْجِعُكُمْ فَنُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٢٣﴾

اسان ڏانهن اوهان جو موٽڻ آهي پوءِ ٻڌائينداسون توهان کي جيڪي توهان ڪندا هئا.

اِنَّمَا مَثَلُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا كَمَآءٍ اَنْزَلْنٰهُ مِنَ السَّمَآءِ

رڳو مثال دنيا جي حياتيءَ جو ان پاڻيءَ جهڙو آهي جو لاٿوسون آسمان مان

فَاخْتَلَطَ بِهٖ نَبَاتُ الْاَرْضِ مِمَّا يَاْكُلُ النَّاسُ وَ الْاَنْعَامُ ؕ

پوءِ گڏجي پيا ان سان سلا زمين جا جن مان کائن ٿا ماڻهو ۽ جانور،

حَتّٰىٓ اِذَآ اَخَذَتِ الْاَرْضُ زُخْرُفَهَا وَ ازَّيَّنَتْ وَ ظَنَّ

تان جو جڏهن ورتي ڌرتيءَ پنهنجي ساوڪ ۽ سينگارجي پئي ۽ پانيو

اَهۡلُهَاۤ اَنَّهُمۡ قٰدِرُوۡنَ عَلَيۡهَاۤ ۙ اَتٰىهَاۤ اَمۡرُنَا لَيۡلًا
ان جي مالڪن ته اهي وس وارا آهن ان تي ته اچي ويو ان تي امر اسان جو رات جو
اَوۡ نَهَارًا فَجَعَلۡنٰهَا حَصِيۡدًا كَاَنۡ لَّمۡ تَغۡنَ بِالۡاَمۡسِ ؕ
يا ڏينهن جو پوءِ ڪيوسون ان کي لابارو جڻڪ ڪا نه هئي ڪالهوڪر،
كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الۡاٰيٰتِ لِقَوۡمٍ يَّتَفَكَّرُوۡنَ ﴿۲۴﴾ وَاللّٰهُ
اهڙي طرح بيان ٿا ڪريون نشانيون انهن ماڻهن لاءِ جيڪي غور ٿا ڪن. ۽ الله
يَدۡعُوۡۤا اِلٰى دَارِ السَّلٰمِ ؕ وَيَهۡدِىۡ مَنۡ يَّشَآءُ
سڏي ٿو سلامتي واري گهر ڏانهن، ۽ هدايت ڪري ٿو جنهن کي گهري
اِلٰى صِرَاطٍ مُّسۡتَقِيۡمٍ ﴿۲۵﴾ لِلَّذِيۡنَ اَحۡسَنُوا الۡحُسۡنٰى وَزِيَادَةٌ ؕ
رستي سِڌي ڏانهن. انهن لاءِ جن ڀلائي ڪئي ڀلائي آهي ۽ وڌيڪ به،
وَلَا يَرۡهَقُ وُجُوۡهَهُمۡ قَتَرٌ وَّلَا ذِلَّةٌ ؕ اُولٰٓٮِٕكَ اَصۡحٰبُ الۡجَـنَّةِ ۚ
۽ نه چڙهندي انهن جي منهن تي ڪاراڻ ۽ نه خواري، اهي آهن جنت وارا،
هُمۡ فِيۡهَا خٰلِدُوۡنَ ﴿۲۶﴾ وَالَّذِيۡنَ كَسَبُوا السَّيِّاٰتِ جَزَآءُ سَيِّئَةٍ ۢ
اهي ان ۾ سدائين رهندا. ۽ جن ڪمايون بڇڙايون ته بدلو بڇڙائي جو
بِمِثۡلِهَا ۙ وَتَرۡهَقُهُمۡ ذِلَّةٌ ؕ مَا لَهُمۡ مِّنَ اللّٰهِ مِنۡ عَاصِمٍ ۚ
اوتروئي آهي ۽ چڙهندي انهن تي خواري، ناهي انهن لاءِ الله کان ڪوئي بچائيندڙ،
كَاَنَّمَاۤ اُغۡشِيَتۡ وُجُوۡهُهُمۡ قِطَعًا مِّنَ الَّيۡلِ مُظۡلِمًا ؕ اُولٰٓٮِٕكَ
جڻڪ ڍڪايو ويو انهن جي چهرن تي ٽڪرو رات ڪاريءَ جو، اهي
اَصۡحٰبُ النَّارِ ۚ هُمۡ فِيۡهَا خٰلِدُوۡنَ ﴿۲۷﴾ وَيَوۡمَ نَحۡشُرُهُمۡ
دوزخ وارا آهن، اهي ان ۾ هميشه رهندا. ۽ جنهن ڏينهن گڏ ڪنداسون انهن
جَمِيۡعًا ثُمَّ نَقُوۡلُ لِلَّذِيۡنَ اَشۡرَكُوۡا مَكَانَكُمۡ اَنۡتُمۡ وَ
سيني کي پوءِ چونداسون مشرڪن کي بيهو پنهنجي جاءِ تي توهان ۽

شُرَكَآؤُكُمْ ج فَزَيَّلْنَا بَيْنَهُمْ وَ قَالَ شُرَكَآؤُهُمْ

شريڪ توهان جا، پوءِ جدائي وجهنداسون انهن جي وچ ۾ ۽ چوندا شريڪ ڪيل انهن جا

مَّا كُنْتُمْ اِيَّانَا تَعْبُدُوْنَ ﴿٢٨﴾ فَكَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًۢا بَيْنَنَا

تہ نہ هئا توهان اسان جي عبادت ڪندڙ. پوءِ ڪافي آهي الله شاهد اسان جي

وَ بَيْنَكُمْ اِنْ كُنَّا عَنْ عِبَادَتِكُمْ لَغٰفِلِيْنَ ﴿٢٩﴾ هُنَالِكَ

۽ توهان جي وچ ۾ يقينن هئاسون توهان جي بندگي کان بي خبر. اُتي

تَبْلُوْا كُلُّ نَفْسٍ مَّآ اَسْلَفَتْ وَ رُدُّوْٓا اِلَى اللّٰهِ

آزمائيندو سڀ ڪو ان کي جيڪي اڳي ڪيو هئائين ❶ ۽ رجوع ڪيا ويندا الله

مَوْلٰىهُمُ الْحَقِّ وَ ضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿٣٠﴾ ع

پنهنجي مالڪ سچي ڏانهن ۽ وسري ويندو انهن کان جيڪي ناهہ ناهيندا هئا.

قُلْ مَنْ يَّرْزُقُكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ وَ الْاَرْضِ اَمَّنْ

تون چؤ ڪير رزق ڏئي ٿو توهان کي آسمان ۽ زمين مان يا ڪير

يَّمْلِكُ السَّمْعَ وَ الْاَبْصَارَ وَ مَنْ يُّخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ

مالڪ آهي ڪنن ۽ اکين جو ❷ ۽ ڪير ڪڍي ٿو جيئري کي مُئي کان

وَ يُخْرِجُ الْمَيِّتَ مِنَ الْحَيِّ وَ مَنْ يُّدَبِّرُ الْاَمْرَ ط فَسَيَقُوْلُوْنَ

۽ ڪڍي ٿو مئل کي جيئري مان ۽ ڪير ناهي ٿو ڪمن کي، پوءِ جلد چوندا

اللّٰهُ ج فَقُلْ اَ فَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿٣١﴾ فَذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمُ الْحَقُّ ج

تہ الله، پوءِ تون چؤ ڇا پوءِ نہ ٿا ڊڄو. پوءِ اهوئي اٿوَ الله رب توهان جو سچو،

فَمَاذَا بَعْدَ الْحَقِّ اِلَّا الضَّلٰلُ صلے فَاَنّٰى تُصْرَفُوْنَ ﴿٣٢﴾ كَذٰلِكَ

پوءِ ناهي حق کان بعد مگر گمراهي، پوءِ ڪيڏانهن ٿا موڙيا وڃو. اهڙي طرح

حَقَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ عَلَى الَّذِيْنَ فَسَقُوْٓا اَنَّهُمْ

ثابت ٿيو قول تنهنجي رب جو انهن تي جن بي فرمائي ڪئي تہ اهي

ع ١٠ النصف

لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٣٣﴾ قُلْ هَلْ مِنْ شُرَكَآئِكُمْ مَّنْ يَّبْدَؤُا

ايمان نه آڻيندا. پڇاڪر آهي ڪوئي توهان جي شريڪن ۾ جيڪو پيدا ڪري

الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ ؕ قُلِ اللّٰهُ يَبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ

خلق کي وري موٽائي ان کي، تون چئو الله پيدا ڪندو آهي خلق کي پوءِ

يُعِيْدُهٗ فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ ﴿٣٤﴾ قُلْ هَلْ مِنْ

ان کي موٽائيندو آهي سو توهان ڪيڏانهن ٿا ابتا وڃو. پُڇا ڪر آهي ڪوئي

شُرَكَآئِكُمْ مَّنْ يَّهْدِيْٓ اِلَى الْحَقِّ ؕ قُلِ اللّٰهُ يَهْدِيْ

توهان جي شريڪن مان جو رستو ٻڌائي حق ڏانهن، تون چئو الله ئي رستو ٻڌائي ٿو

لِلْحَقِّ ؕ اَفَمَنْ يَّهْدِيْٓ اِلَى الْحَقِّ اَحَقُّ اَنْ يُّتَّبَعَ

حق جو، ڇا پوءِ جيڪو هدايت ڪري حق ڏانهن، اهو لائق آهي تابعداري جو

اَمَّنْ لَّا يَهِدِّيْٓ اِلَّآ اَنْ يُّهْدٰى ۚ فَمَا

يا اهو جيڪو خود رستو نه ٿو لهي مگر جڏهن دڳ وٺايو وڃي ان کي، پوءِ ڇا ٿيو آهي

لَكُمْ ۫ قف كَيْفَ تَحْكُمُوْنَ ﴿٣٥﴾ وَ مَا يَتَّبِعُ اَكْثَرُهُمْ اِلَّا ظَنًّا ؕ

توهان کي، ڪيئن ٿا فيصلو ڪريو. ۽ نه ٿا هلن گهڻا انهن جا مگر اٽڪل تي،

اِنَّ الظَّنَّ لَا يُغْنِيْ مِنَ الْحَقِّ شَيْـًٔا ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ

يقينن اٽڪل نه ڪفايت ڪندي حق لاءِ ڪجهه به، بيشڪ الله ڄاڻندڙ آهي

بِمَا يَفْعَلُوْنَ ﴿٣٦﴾ وَ مَا كَانَ هٰذَا الْقُرْاٰنُ اَنْ يُّفْتَرٰى

جيڪو اهي ڪن ٿا. ۽ نه آهي هيءُ قرآن جو ٺاهيو وڃي

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلٰكِنْ تَصْدِيْقَ الَّذِيْ بَيْنَ يَدَيْهِ وَ تَفْصِيْلَ

الله کان سواءِ پر اهو پرڪا آهي ان کان اڳين ڪتابن جي ۽ بيان

الْكِتٰبِ لَا رَيْبَ فِيْهِ مِنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٣٧﴾ قف اَمْ يَقُوْلُوْنَ

لکيل حڪمن جو ناهي ڪو شڪ ان ۾ اهو رب العالمين جي طرفان آهي. ① ڇا چون ٿا ماڻهو

افۡتَرٰىهُ ؕ قُلۡ فَاۡتُوۡا بِسُوۡرَةٍ مِّثۡلِهٖ وَ ادۡعُوۡا مَنِ
تہ اھو ناھي آيو آھي، تون چؤ پوءِ توھان بہ آڻيو ڪا سورت ان جھڙي ۽ سڏيو جنھن کي

اسۡتَطَعۡتُمۡ مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ﴿۳۸﴾ بَلۡ
سڏي سگھو الله کان سواءِ جيڪڏھن آھيو سچا. پر

كَذَّبُوۡا بِمَا لَمۡ يُحِيۡطُوۡا بِعِلۡمِهٖ وَ لَمَّا يَاۡتِهِمۡ تَاۡوِيۡلُهٗ ؕ
ڪوڙو ڇيو اٿن ان کي جنھن کي پورو سمجھيوئي نہ اٿن ۽ اڃا نہ آئي آھي وٽن ان جي حقيقت،

كَذٰلِكَ كَذَّبَ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ فَانۡظُرۡ كَيۡفَ كَانَ
اھڙي طرح ڪوڙو ڪيو ھئو انھن کان اڳين بہ پوءِ ڏس تہ ڪيئن ٿي

عَاقِبَةُ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۳۹﴾ وَ مِنۡهُمۡ مَّنۡ يُّؤۡمِنُ بِهٖ وَ مِنۡهُمۡ مَّنۡ
پڇاڙي ظالمن جي. ۽ ڪي انھن مان يقين ڪن ٿا قرآن تي ۽ ڪي انھن مان

لَّا يُؤۡمِنُ بِهٖ ؕ وَ رَبُّكَ اَعۡلَمُ بِالۡمُفۡسِدِيۡنَ ﴿۴۰﴾ ع وَ
نہ ٿا يقين ڪن ان تي، ۽ تنھنجو رب گھڻو ڄاڻندڙ آھي فساد ڪندڙن کي. ۽

اِنۡ كَذَّبُوۡكَ فَقُلۡ لِّىۡ عَمَلِىۡ وَ لَـكُمۡ عَمَلُكُمۡ ۚ
جيڪڏھن ڪوڙو ڪن توکي پوءِ چؤ تہ مون لاءِ منھنجو عمل آھي ۽ توھان لاءِ توھان جو عمل،

اَنۡتُمۡ بَرِيۡٓـُٔوۡنَ مِمَّاۤ اَعۡمَلُ وَ اَنَا بَرِىۡٓءٌ مِّمَّا
توھان الڳ آھيو ان کان جيڪي آءٌ ڪريان ٿو ۽ آءٌ الڳ آھيان انھيءَ کان

تَعۡمَلُوۡنَ ﴿۴۱﴾ وَ مِنۡهُمۡ مَّنۡ يَّسۡتَمِعُوۡنَ اِلَيۡكَ ؕ اَ فَاَنۡتَ
جيڪي توھان ڪريو ٿا. ۽ ڪي انھن مان ڪَن ٿا ڏين تنھنجي طرف، ڇا پوءِ تون

تُسۡمِعُ الصُّمَّ وَلَوۡ كَانُوۡا لَا يَعۡقِلُوۡنَ ﴿۴۲﴾ وَ مِنۡهُمۡ مَّنۡ يَّنۡظُرُ
ٻڌائيندين ٻوڙن کي توڙي جو اھي عقل نہ ٿا رکن. ۽ انھن مان ڪي واجھائين ٿا

اِلَيۡكَ ؕ اَ فَاَنۡتَ تَهۡدِى الۡعُمۡىَ وَلَوۡ كَانُوۡا لَا يُبۡصِرُوۡنَ ﴿۴۳﴾
توڏانھن، ڇا پوءِ تون رستو ڏيکاريندين انڌن کي توڙي جو اھي نہ ٿا ڏسن. ١

اِنَّ اللّٰهَ لَا يَظْلِمُ النَّاسَ شَيْـًٔا وَّلٰكِنَّ النَّاسَ اَنْفُسَهُمْ

بيشڪ الله نہ ٿو ظلم ڪري ماڻھن تي ڪجھ بہ پر ماڻھو پنھنجو پاڻ تي

يَظْلِمُوْنَ ﴿٤٤﴾ وَ يَوْمَ يَحْشُرُهُمْ كَاَنْ لَّمْ يَلْبَثُوْٓا اِلَّا سَاعَةً

ظلم ڪن ٿا. ۽ جنھن ڏينھن گڏ ڪندو انھن کي جڻڪ رھيائي نہ ھئا مگر ڪا گھڙي

مِّنَ النَّهَارِ يَتَعَارَفُوْنَ بَيْنَهُمْ ؕ قَدْ خَسِرَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا

ڏينھن مان ① سڃاڻندا پيا هڪبئي کي، بيشڪ ڇيھي ۾ پيا اھي جن ڪوڙو ڪيو

بِلِقَآءِ اللّٰهِ وَ مَا كَانُوْا مُهْتَدِيْنَ ﴿٤٥﴾ وَ اِمَّا نُرِيَنَّكَ

الله سان ملاقات کي ۽ نہ ھئا هدايت وارا. ۽ جيڪڏھن ڏيکاريون توکي

بَعْضَ الَّذِيْ نَعِدُهُمْ اَوْ نَتَوَفَّيَنَّكَ

ڪجھ انھيءَ مان جنھن جو وعدو ڪيون ٿا انھن سان يا فوت ڪريون توکي

فَاِلَيْنَا مَرْجِعُهُمْ ثُمَّ اللّٰهُ شَهِيْدٌ عَلٰى مَا يَفْعَلُوْنَ ﴿٤٦﴾ وَ

پوءِ اسان ڏانھن ئي موٽڻ آھي انھن جو پوءِ الله شاهد آھي ان تي جيڪي ڪن ٿا. ۽

لِكُلِّ اُمَّةٍ رَّسُوْلٌ ۚ فَاِذَا جَآءَ رَسُوْلُهُمْ قُضِيَ بَيْنَهُمْ

ھر قوم لاءِ رسول آھي، پوءِ جڏھن آيو سندن رسول تہ فيصلو ٿيندو انھن جي وچ ۾

بِالْقِسْطِ وَ هُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿٤٧﴾ وَ يَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ

انصاف سان ۽ اھي نہ ظلم ڪيا ويندا. ۽ چون ٿا ڪڏھن آھي ھيءُ وعدو

اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٤٨﴾ قُلْ لَّآ اَمْلِكُ لِنَفْسِيْ ضَرًّا

جيڪڏھن آھيو سچا. تون چؤ آءٌ ناھيان مالڪ پنھنجي لاءِ نقصان جو

وَّ لَا نَفْعًا اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰهُ ؕ لِكُلِّ اُمَّةٍ اَجَلٌ ؕ

۽ نڪي نفعي جو مگر جيڪي گھري الله، ھر قوم لاءِ وقت مقرر آھي،

اِذَا جَآءَ اَجَلُهُمْ فَلَا يَسْتَاْخِرُوْنَ سَاعَةً وَّ لَا يَسْتَقْدِمُوْنَ ﴿٤٩﴾

جڏھن ايندو وقت انھن جو پوءِ اھي نہ دير ڪندا ڪا گھڙي ۽ نہ اڳي ٿيندا. ②

قُلۡ اَرَءَيۡتُمۡ اِنۡ اَتٰىكُمۡ عَذَابُهٗ بَيَاتًا اَوۡ نَهَارًا

تون چئو ڏسو جيڪڏهن اچي توهان وٽ عذاب انهيءَ جو راتو واهہ يا ڏينهن جو

مَّاذَا يَسۡتَعۡجِلُ مِنۡهُ الۡمُجۡرِمُوۡنَ ﴿٥٠﴾ اَ ثُمَّ اِذَا مَا وَقَعَ

تہ ڇاجي تڪڙ ڪندا ان ڪان ڏوهاري. ڇا وري جڏهن اچي ويندو

اٰمَنۡتُمۡ بِهٖ ؕ آٰلۡئٰنَ وَقَدۡ كُنۡتُمۡ بِهٖ تَسۡتَعۡجِلُوۡنَ ﴿٥١﴾ ثُمَّ

تہ اوهان مڃيندؤ ان کي، چاهينئر! هوڏانهن توهان ان جي تڪڙ ڪندا هئا. پوءِ

قِيۡلَ لِلَّذِيۡنَ ظَلَمُوۡا ذُوۡقُوۡا عَذَابَ الۡخُلۡدِ ۚ هَلۡ تُجۡزَوۡنَ

چيو ويندو ظالمن کي چکو عذاب هميشہ وارو، رڳو توهان کي اهو بدلو ملندو

اِلَّا بِمَا كُنۡتُمۡ تَكۡسِبُوۡنَ ﴿٥٢﴾ وَ يَسۡتَنۡۢبِـُٔوۡنَكَ اَ حَقٌّ هُوَ ؕ قُلۡ

جو ڪمائيندا هئا. ۽ خبر پُڇن ٿا توکان تہ ڇا سچ آهي اهو؟ چئو

اِيۡ وَرَبِّيۡۤ اِنَّهٗ لَحَقٌّ ؕ وَ مَاۤ اَنۡتُمۡ بِمُعۡجِزِيۡنَ ﴿٥٣﴾ ع

هائو مون کي قسم آهي پروردگار جو تہ اهو سچ آهي، ۽ ناهيو اوهين عاجز ڪندڙ.

وَ لَوۡ اَنَّ لِكُلِّ نَفۡسٍ ظَلَمَتۡ مَا فِى الۡاَرۡضِ

۽ جيڪڏهن هجي ها هر انهيءَ شخص کي جنهن ظلم ڪيو جو ڪجهہ زمين ۾ آهي

لَافۡتَدَتۡ بِهٖ ؕ وَ اَسَرُّوا النَّدَامَةَ لَمَّا رَاَوُا الۡعَذَابَ ۚ وَ

تہ بدلي ۾ ڏئي ها ان کي، ۽ لڪائيندا پڇتاءُ جڏهن ڏسندا عذاب کي، ۽

قُضِىَ بَيۡنَهُمۡ بِالۡقِسۡطِ وَ هُمۡ لَا يُظۡلَمُوۡنَ ﴿٥٤﴾ اَلَاۤ

فيصلو ڪيو ويندو انهن جي وچ ۾ انصاف سان ۽ اهي نہ ظلم ڪيا ويندا. خبردار!

اِنَّ لِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ ؕ اَلَاۤ اِنَّ وَعۡدَ اللّٰهِ

الله جوئي آهي جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي، خبردار! وعدو الله جو

حَقٌّ وَّلٰـكِنَّ اَكۡثَرَهُمۡ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿٥٥﴾ هُوَ يُحۡىٖ وَ يُمِيۡتُ وَ

سچو آهي پر ڪيترا ماڻهو نہ ٿا ڄاڻن. اهوئي جياري ٿو ۽ ماري ٿو ۽

وقف النبي ﷺ
وقف النبي ﷺ
ع ٥ / ١٣

اِلَيۡهِ تُرۡجَعُوۡنَ ﴿۵۶﴾ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ قَدۡ جَآءَتۡكُمۡ مَّوۡعِظَةٌ

انهيءَ ڏانهن ئي موٽايا ويندؤ. اي انسانو! بيشڪ آئي توهان وٽ نصيحت

مِّنۡ رَّبِّكُمۡ وَ شِفَآءٌ لِّمَا فِي الصُّدُوۡرِ ۙ۵ وَ هُدًى وَّ رَحۡمَةٌ

توهان جي رب کان ❶ ۽ شفا دلين جي بيماري لاءِ ❷ ۽ هدايت ۽ رحمت

لِّلۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿۵۷﴾ قُلۡ بِفَضۡلِ اللّٰهِ وَ بِرَحۡمَتِهٖ فَبِذٰلِكَ

مومنن لاءِ. ❸ چؤ الله جي مهرباني سان ۽ سندس رحمت سان پوءِ ان سان

فَلۡيَفۡرَحُوۡا ؕ هُوَ خَيۡرٌ مِّمَّا يَجۡمَعُوۡنَ ﴿۵۸﴾ قُلۡ اَرَءَيۡتُمۡ مَّآ

پل ته خوش ٿين، هي بهتر آهي انهيءَ کان جيڪي گڏ ٿا ڪن. ❹ چؤ ڀڏايو ته جيڪو

اَنۡزَلَ اللّٰهُ لَكُمۡ مِّنۡ رِّزۡقٍ فَجَعَلۡتُمۡ مِّنۡهُ حَرَامًا وَّ

نازل ڪيو الله توهان لاءِ رزق پوءِ توهان ڪيو آهي ان مان ڪو حرام ۽

حَلٰلًا ؕ قُلۡ آٰللّٰهُ اَذِنَ لَكُمۡ اَمۡ عَلَى اللّٰهِ تَفۡتَرُوۡنَ ﴿۵۹﴾ وَ

ڪو حلال، چؤ ڇا الله موڪل ڏني اٿوَ يا الله تي ڪوڙ ٿا ناهيو. ۽

مَا ظَنُّ الَّذِيۡنَ يَفۡتَرُوۡنَ عَلَى اللّٰهِ الۡكَذِبَ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ ؕ

ڇا آهي خيال انهن جو جيڪي گهڙين ٿا الله تي ڪوڙ ڏينهن قيامت بابت؟،

اِنَّ اللّٰهَ لَذُوۡ فَضۡلٍ عَلَى النَّاسِ وَلٰكِنَّ اَكۡثَرَهُمۡ لَا يَشۡكُرُوۡنَ ﴿۶۰﴾ ع

بيشڪ الله مهربان آهي ماڻهن تي پر گهڻا انهن جا نه ٿا شڪر ڪن.

وَ مَا تَكُوۡنُ فِيۡ شَاۡنٍ وَّ مَا تَتۡلُوۡا مِنۡهُ مِنۡ قُرۡاٰنٍ وَّ

۽ هوندو آهين تون ڪنهن به حال ۾ ۽ پڙهندو آهين ان ۾ ڪجهه قرآن ۽

لَا تَعۡمَلُوۡنَ مِنۡ عَمَلٍ اِلَّا كُنَّا عَلَيۡكُمۡ شُهُوۡدًا اِذۡ

جو ڪندا آهيو ڪوئي عمل ته اسان هوندا آهيون توهان مٿان حاضر جڏهن

تُفِيۡضُوۡنَ فِيۡهِ ؕ وَمَا يَعۡزُبُ عَنۡ رَّبِّكَ مِنۡ مِّثۡقَالِ ذَرَّةٍ

توهان رُڌل هوندا آهيو ان ۾، نه ٿو ڳجهو رهي تنهنجي رب کان ذري جيترو به

فِي الْاَرْضِ وَ لَا فِي السَّمَآءِ وَ لَآ اَصْغَرَ مِنْ ذٰلِكَ وَ لَآ

زمين ۾ ۽ نڪي آسمان ۾ ۽ نه ننڍو انهي کان ۽ نڪي

اَكْبَرَ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ﴿٦١﴾ اَلَآ اِنَّ اَوْلِيَآءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ

وڏو مگر آهي دفتر پڌري ۾. خبردار! بيشڪ دوست ① الله جا ناهي ڪو ڊپ

عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٦٢﴾ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ كَانُوْا يَتَّقُوْنَ ﴿٦٣﴾

انهن تي ۽ نه اُهي ڏکارا ٿيندا. جن ايمان آندو ۽ پرهيز ڪندا هئا.

لَهُمُ الْبُشْرٰى فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَ فِي الْاٰخِرَةِ لَا تَبْدِيْلَ

تن لاءِ خوشخبري آهي دنيا جي حياتي ۾ ۽ آخرت ۾، نه ٿيون بدلجن

لِكَلِمٰتِ اللّٰهِ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿٦٤﴾ وَ لَا يَحْزُنْكَ

ڳالهيون الله جون، اها ئي آهي ڪاميابي وڏي. ۽ نه ڏکائي توکي

قَوْلُهُمْ اِنَّ الْعِزَّةَ لِلّٰهِ جَمِيْعًا هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٦٥﴾ وقف لازم

ڳالهائڻ انهن جو، بيشڪ غلبو آهي الله جو سارو، اهوئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.

اَلَآ اِنَّ لِلّٰهِ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَنْ فِي الْاَرْضِ وَ مَا

خبردار! الله لاءِ ئي آهي جيڪو آسمانن ۾ آهي ۽ جو زمين ۾ آهي، ۽ نه

يَتَّبِعُ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ شُرَكَآءَ اِنْ

تاڪيد لڳن اهي جيڪي سڏين ٿا الله کان سواءِ شريڪن کي، رڳو

يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ وَ اِنْ هُمْ اِلَّا يَخْرُصُوْنَ ﴿٦٦﴾ هُوَ الَّذِيْ

اهي پيروي ڪن ٿا وهم جي ۽ رڳو اهي آهن ڪوڙ گهڙيندڙ. اهو ئي آهي

جَعَلَ لَكُمُ الَّيْلَ لِتَسْكُنُوْا فِيْهِ وَ النَّهَارَ مُبْصِرًا

جنهن پيدا ڪيو توهان لاءِ رات کي جيئن آرام وٺو ان ۾ ۽ ڏينهن کي ڏيکارڻ وارو،

اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّسْمَعُوْنَ ﴿٦٧﴾ قَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ

بيشڪ انهيءَ ۾ نشانيون آهن ماڻهن لاءِ جي ٻُڌن ٿا. چيائون ورتو آهي الله

وَلَدًا سُبۡحٰنَهٗ ؕ هُوَ الۡغَنِىُّ ؕ لَهٗ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَ

پٽ اهو پاڪ آهي، اهو بي پرواهه آهي، ان جو ئي آهي جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽

مَا فِى الۡاَرۡضِ ؕ اِنۡ عِنۡدَكُمۡ مِّنۡ سُلۡطٰنٍۢ بِهٰذَا ؕ اَتَقُوۡلُوۡنَ

جيڪي زمين ۾ آهي، ناهي توهان وٽ ڪو ثبوت انهيءَ جو، ڇا چئو ٿا

عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۶۸﴾ قُلۡ اِنَّ الَّذِيۡنَ يَفۡتَرُوۡنَ عَلَى اللّٰهِ

الله تي اهو جيڪي نه ٿا ڄاڻو. تون چئو بيشڪ جيڪي ناهين ٿا الله تي

الۡـكَذِبَ لَا يُفۡلِحُوۡنَ ﴿۶۹﴾ؕ مَتَاعٌ فِى الدُّنۡيَا ثُمَّ اِلَيۡنَا مَرۡجِعُهُمۡ

ڪوڙ نه ڇٽندا. سامان اٿن دنيا ۾ پوءِ اسان ڏانهن آهي موٽڻ انهن جو

ثُمَّ نُذِيۡقُهُمُ الۡعَذَابَ الشَّدِيۡدَ بِمَا كَانُوۡا يَكۡفُرُوۡنَ ﴿۷۰﴾ ع

پوءِ چکائينداسون انهن کي عذاب سخت هن ڪري جو هئا ڪفر ڪندا.

وَاتۡلُ عَلَيۡهِمۡ نَبَاَ نُوۡحٍ ۘ اِذۡ قَالَ لِقَوۡمِهٖ يٰقَوۡمِ

۽ پڙهه انهن تي واقعو نوح جو، جڏهن چيائين پنهنجي قوم کي اي منهنجي قوم

اِنۡ كَانَ كَبُرَ عَلَيۡكُمۡ مَّقَامِىۡ وَ تَذۡكِيۡرِىۡ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ

جيڪڏهن ڏکيو ٿيو آهي توهان تي منهنجو رهڻ ۽ منهنجو وعظ ڪرڻ الله جي آيتن سان

فَعَلَى اللّٰهِ تَوَكَّلۡتُ فَاَجۡمِعُوۡۤا اَمۡرَكُمۡ وَشُرَكَآءَكُمۡ ثُمَّ

پوءِ الله تي ڀروسو ڪريان پوءِ گڏجو پنهنجي رٿا تي پنهنجي شريڪن سميت پوءِ

لَا يَكُنۡ اَمۡرُكُمۡ عَلَيۡكُمۡ غُمَّةً ثُمَّ اقۡضُوۡۤا اِلَىَّ وَلَا

نه رهي توهان جي رٿ توهان تي لڪل پوءِ ڪري گذرو مون سان ۽ نه

تُنۡظِرُوۡنِ ﴿۷۱﴾ فَاِنۡ تَوَلَّيۡتُمۡ فَمَا سَاَلۡتُكُمۡ مِّنۡ اَجۡرٍ ؕ

دير ڏيو مِ. پوءِ جيڪڏهن منهن موڙيو ٿا ته مون نه گهري آهي توهان کان ڪا مزوري،

اِنۡ اَجۡرِىَ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ ۙ وَاُمِرۡتُ اَنۡ اَكُوۡنَ

ناهي منهنجي مزوري مگر الله تي ① ۽ مون کي حڪم آهي ته آءٌ هجان

وقف لازم الثلثة ١٢ ع ٧

مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿٧٢﴾ فَكَذَّبُوْهُ فَنَجَّيْنٰهُ وَ مَنْ
فرمانبردارن مان. پوءِ ڪوڙو ڪيائون انهيءَ کي پوءِ بچايوسون ان کي ۽ جيڪي
مَّعَهٗ فِي الْفُلْكِ وَ جَعَلْنٰهُمْ خَلٰٓئِفَ وَ اَغْرَقْنَا
انهيءَ سان گڏهئا بيڙيءَ ۾ ۽ ڪيوسون انهن کي جاءِ نشين ۽ ٻوڙيوسون
الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ۚ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ
انهن کي جن ڪوڙو ڪيو اسان جي آيتن کي، پوءِ ڏس ڪيئن ٿيو انجام
الْمُنْذَرِيْنَ ﴿٧٣﴾ ثُمَّ بَعَثْنَا مِنْۢ بَعْدِهٖ رُسُلًا اِلٰى قَوْمِهِمْ
ڊيڄاريلن جو. پوءِ موڪلياسون ان کان بعد ڪيترا رسول سندن قوم ڏانهن
فَجَآءُوْهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَمَا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْا بِمَا كَذَّبُوْا
آندائون انهن وٽ چٽا دليل پوءِ نہ هئا جو ايمان آڻين ان تي ڪوڙو ڪيائون
بِهٖ مِنْ قَبْلُ ؕ كَذٰلِكَ نَطْبَعُ عَلٰى قُلُوْبِ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿٧٤﴾
جنهن کي اڳ ۾، اهڙي طرح مُهر هڻندا آهيون دلين چڙواڳن جي تي.
ثُمَّ بَعَثْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ مُّوْسٰى وَ هٰرُوْنَ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَ
پوءِ موڪليوسون انهن کان بعد موسىٰ ۽ هارون کي فرعون ۽
مَلَا۟ئِهٖ بِاٰيٰتِنَا فَاسْتَكْبَرُوْا وَ كَانُوْا قَوْمًا مُّجْرِمِيْنَ ﴿٧٥﴾
سندس سردارن ڏانهن پنهنجي آيتن سان پوءِ وڏائي ڪيائون ۽ هئا ماڻهو ڏوهاري.
فَلَمَّا جَآءَهُمُ الْحَقُّ مِنْ عِنْدِنَا قَالُوْٓا اِنَّ هٰذَا لَسِحْرٌ
پوءِ جڏهن آيو انهن وٽ حق اسان جي طرفان چيائون هيءُ تہ جادو
مُّبِيْنٌ ﴿٧٦﴾ قَالَ مُوْسٰٓى اَ تَقُوْلُوْنَ لِلْحَقِّ لَمَّا جَآءَكُمْ ؕ اَ
پڌرو آهي. چيو موسىٰ چا توهان چئو ٿا حق کي جڏهن آيو توهان وٽ، چا
سِحْرٌ هٰذَا ؕ وَ لَا يُفْلِحُ السّٰحِرُوْنَ ﴿٧٧﴾ قَالُوْٓا اَ جِئْتَنَا
اهو جادو آهي؟ ۽ ناڪام ٿيندا آهن جادوگر. چيائون چا تون آيو آهين اسان وٽ

لِتَلۡفِتَنَا عَمَّا وَجَدۡنَا عَلَيۡهِ اٰبَآءَنَا وَ تَكُوۡنَ

جيئن ڦيرين اسان کي ان کان لڌوسون جنهن تي پنهنجن ابن ڏاڏن کي ۽ ٿئي

لَكُمَا الۡكِبۡرِيَآءُ فِى الۡاَرۡضِ ؕ وَ مَا نَحۡنُ لَكُمَا

توهان ٻنهي جي وڏيرپ ملڪ ۾ ۽ نہ آهيون اسين توهان ٻنهي کي

بِمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿٧٨﴾ وَ قَالَ فِرۡعَوۡنُ ائۡتُوۡنِىۡ بِكُلِّ سٰحِرٍ عَلِيۡمٍ ﴿٧٩﴾

مڃيندڙ. ۽ چيو فرعون پيش ڪريو مون وٽ هر جادوگر ڄاڻوگر کي.

فَلَمَّا جَآءَ السَّحَرَةُ قَالَ لَهُمۡ مُّوۡسٰۤى اَلۡقُوۡا مَاۤ اَنۡتُمۡ

پوءِ جڏهن آيا جادوگر چيو انهن کي موسىٰ اڇلايو جيڪي توهان

مُّلۡقُوۡنَ ﴿٨٠﴾ فَلَمَّاۤ اَلۡقَوۡا قَالَ مُوۡسٰى مَا جِئۡتُمۡ بِهِ ۙ السِّحۡرُ ؕ

اڇليندڙ آهيو. پوءِ جڏهن اڇلايائون چيو موسىٰ جيڪي آندو اٿو سو جادو آهي،

اِنَّ اللّٰهَ سَيُبۡطِلُهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُصۡلِحُ عَمَلَ الۡمُفۡسِدِيۡنَ ﴿٨١﴾

الله اجھو رد ڪندو ان کي، بيشڪ الله نہ ٿو سنواري ڪم شريرن جو.

وَ يُحِقُّ اللّٰهُ الۡحَـقَّ بِكَلِمٰتِهٖ وَلَوۡ كَرِهَ الۡمُجۡرِمُوۡنَ ﴿٨٢﴾ ع

۽ ثابت ڪندو الله سچ کي پنهنجي حڪم سان توڙي جو ناپسند ڪن ڏوهاري.

فَمَاۤ اٰمَنَ لِمُوۡسٰٓى اِلَّا ذُرِّيَّةٌ مِّنۡ قَوۡمِهٖ عَلٰى خَوۡفٍ

پوءِ نہ ايمان آندو موسىٰ تي مگر ڪن جوانن ان جي قوم مان ❷ خوف هوندي بہ

مِّنۡ فِرۡعَوۡنَ وَ مَلَا۟ئِهِمۡ اَنۡ يَّفۡتِنَهُمۡ ؕ وَ اِنَّ فِرۡعَوۡنَ

فرعون ۽ وڏن پنهنجن کان تہ متان ايذائي انهن کي، ۽ بيشڪ فرعون

لَعَالٍ فِى الۡاَرۡضِ ۚ وَ اِنَّهٗ لَمِنَ الۡمُسۡرِفِيۡنَ ﴿٨٣﴾ وَ قَالَ

سرڪشي ڪندڙ هئو ملڪ ۾ ۽ اهو هئو حد کان لنگهندڙ. ۽ چيو

مُوۡسٰى يٰقَوۡمِ اِنۡ كُنۡتُمۡ اٰمَنۡتُمۡ بِاللّٰهِ فَعَلَيۡهِ

موسىٰ اي منهنجي قوم جيڪڏهن توهان ايمان آندو آهي الله تي تہ انهيءَ تي ئي

تَوَكَّلُوْٓا اِنْ كُنْتُمْ مُّسْلِمِيْنَ ﴿٨٤﴾ فَقَالُوْا عَلَى اللّٰهِ

پروسو ڪريو جيڪڏهن آهيو مسلمان. پوءِ چيائون اسان الله تي

تَوَكَّلْنَا ج رَبَّنَا لَا تَجْعَلْنَا فِتْنَةً لِّلْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٨٥﴾ لا

پروسو ڪيو آهي، اي اسان جا رب نه ڪر اسان کي آزمائش قوم ظالمن لاءِ.

وَ نَجِّنَا بِرَحْمَتِكَ مِنَ الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٨٦﴾ وَ اَوْحَيْنَآ

۽ بچاءِ اسان کي پنهنجي رحمت سان هن ڪافر قوم کان. ۽ وحي موڪليوسون

اِلٰى مُوْسٰى وَ اَخِيْهِ اَنْ تَبَوَّاٰ لِقَوْمِكُمَا بِمِصْرَ بُيُوْتًا وَّ

موسيٰ ۽ سندس ڀاءُ ڏانهن ته ناهيو پنهنجي قوم لاءِ مصر ۾ گهرَ ۽

اجْعَلُوْا بُيُوْتَكُمْ قِبْلَةً وَّ اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ ط وَ بَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٨٧﴾

ڪريو پنهنجا گهر قبلي تي ١ ۽ قائم ڪريو نماز، ۽ خوشخبري ڏج ايمان وارن کي.

وَ قَالَ مُوْسٰى رَبَّنَآ اِنَّكَ اٰتَيْتَ فِرْعَوْنَ وَ مَلَاَهٗ

۽ چيو موسيٰ اي رب اسان جا تو ڏنو آهي فرعون ۽ سندس سردارن کي

زِيْنَةً وَّ اَمْوَالًا فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا لا رَبَّنَا لِيُضِلُّوْا

سينگار ۽ مال دنيا جي حياتيءَ ۾ اي رب اسان جا هن لاءِ ته گمراهه ڪن

عَنْ سَبِيْلِكَ ج رَبَّنَا اطْمِسْ عَلٰٓى اَمْوَالِهِمْ وَ اشْدُدْ

تنهنجي راهه کان، اي رب اسان جا ميساري ڇڏ انهن جا مال ۽ سخت ڪر

عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَلَا يُؤْمِنُوْا حَتّٰى يَرَوُا الْعَذَابَ الْاَلِيْمَ ﴿٨٨﴾ قَالَ

دليون انهن جون ته نه ايمان آڻين جيسين ڏسن عذاب دردناڪ. فرمايائين

قَدْ اُجِيْبَتْ دَّعْوَتُكُمَا فَاسْتَقِيْمَا وَ لَا تَتَّبِعٰٓنِّ

قبول ڪئي وئي دعا توهان ٻنهي جي پوءِ مضبوط تي بيهو ۽ نه هلو

سَبِيْلَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٨٩﴾ وَ جٰوَزْنَا بِبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ

انهن جي طريقي تي جيڪي نه ٿا ڄاڻن. ۽ پار ڪيوسون بني اسرائيل کي

الْبَحْرَ فَاَتْبَعَهُمْ فِرْعَوْنُ وَ جُنُوْدُهٗ بَغْيًا وَّ عَدْوًا ط

درياءَ کان پوءِ پٺيان پيو انهن جي فرعون ۽ ان جو لشڪر ظلم ۽ زيادتي ڪرڻ لاءِ

حَتّٰٓى اِذَآ اَدْرَكَهُ الْغَرَقُ لا قَالَ اٰمَنْتُ اَنَّهٗ لَآ

نيٺ جڏهن ورتو ان کي ٻڏڻ چيائين مون ايمان آندو ته ناهي

اِلٰهَ اِلَّا الَّذِیْٓ اٰمَنَتْ بِهٖ بَنُوْٓا اِسْرَآءِيْلَ وَ

ڪوئي عبادت جي لائق مگر اهوئي جنهن تي ايمان آندو بني اسرائيل ۽

اَنَا مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿٩٠﴾ آٰلْـٰٔنَ وَ قَدْ عَصَيْتَ قَبْلُ وَ

آءٌ آهيان مجيندڙن مان. ① چاهينئر! هوڏانهن بي فرمائي ڪئي تو اڳ ۾ ۽

كُنْتَ مِنَ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿٩١﴾ فَالْيَوْمَ نُنَجِّيْكَ بِبَدَنِكَ

هُئين تون فساد ڪندڙن مان. پوءِ اڄ بچايون ٿا توکي تنهنجي بدن سان

لِتَكُوْنَ لِمَنْ خَلْفَكَ اٰيَةً ط وَاِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ النَّاسِ

جيئن هجين تون پنهنجي پوين لاءِ نشاني، ② بيشڪ گهڻا ماڻهو

عَنْ اٰيٰتِنَا لَغٰفِلُوْنَ ﴿٩٢﴾ ع وَ لَقَدْ بَوَّاْنَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ مُبَوَّاَ صِدْقٍ

اسان جي نشانين کان بي خبر آهن. ۽ رهايوسون بني اسرائيل کي سنين جاين تي

وَّ رَزَقْنٰهُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ ج فَمَا اخْتَلَفُوْا حَتّٰى جَآءَهُمُ

۽ ڪارايون سون انهن کي سنيون شيون، پوءِ نه اختلاف ڪيائون تان جو آيو انهن وٽ

الْعِلْمُ ط اِنَّ رَبَّكَ يَقْضِيْ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا

علم، ③ بيشڪ رب تنهنجو فيصلو ڪندو انهن جي وچ ۾ قيامت ڏينهن جنهن ۾

كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿٩٣﴾ فَاِنْ كُنْتَ فِيْ شَكٍّ مِّمَّآ

اهي اختلاف ڪندا هئا. پوءِ جيڪڏهن تون آهين شڪ ۾ ان کان

اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ فَسْئَلِ الَّذِيْنَ يَقْرَءُوْنَ الْكِتٰبَ

جيڪي نازل ڪيو اسان توڏانهن ته پڇا ڪر انهن کان جي پڙهن ٿا ڪتاب

مِنْ قَبْلِكَ ج لَقَدْ جَآءَكَ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَلَا تَكُوْنَنَّ

توکان اڳ ۾، ❶ يقينن آيو تووٽ حق تنهنجي رب کان پوءِ هرگز نہ ٿيءُ

مِنَ الْمُمْتَرِيْنَ ۙ ٩٤ وَ لَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا

شڪ ڪندڙن مان. ۽ هرگز نہ ٿيءُ انهن مان جن ڪوڙو ڪيو

بِاٰيٰتِ اللّٰهِ فَتَكُوْنَ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ٩٥ اِنَّ الَّذِيْنَ حَقَّتْ

الله جي ڳالهين کي پوءِ ٿيندين نقصان وارن مان. بيشڪ اُهي، ثابت ٿيو

عَلَيْهِمْ كَلِمَتُ رَبِّكَ لَا يُؤْمِنُوْنَ ۙ ٩٦ وَلَوْ جَآءَتْهُمْ كُلُّ

جن تي ٻول تنهنجي رب جو ايمان نہ آڻيندا. توڻي جو اچي انهن وٽ هر

اٰيَةٍ حَتّٰى يَرَوُا الْعَذَابَ الْاَلِيْمَ ٩٧ فَلَوْلَا كَانَتْ قَرْيَةٌ

نشاني جيستائين ڏسن عذاب دردناڪ. پوءِ ڪونہ هو اهڙو ڪو ڳوٺ

اٰمَنَتْ فَنَفَعَهَآ اِيْمَانُهَآ اِلَّا قَوْمَ يُوْنُسَ ط لَمَّآ

جو ايمان آڻي تہ فائدو ڏئي ان کي ايمان ان جو سواءِ قوم يونس جي، جڏهن

اٰمَنُوْا كَشَفْنَا عَنْهُمْ عَذَابَ الْخِزْيِ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا

انهن ايمان آندو تہ لاهي ڇڏيوسون انهن تان عذاب ذلت جو دنيا جي حياتيءَ ۾

وَ مَتَّعْنٰهُمْ اِلٰى حِيْنٍ ٩٨ وَ لَوْ شَآءَ

۽ نفعو ڏنوسون انهن کي ڪجهه وقت لاءِ. ❷ ۽ جيڪڏهن گهري ها

رَبُّكَ لَاٰمَنَ مَنْ فِي الْاَرْضِ كُلُّهُمْ جَمِيْعًا ط

تنهنجو رب تہ ايمان آڻين ها جيڪي ملڪ ۾ آهن سڀيئي گڏجي،

اَ فَاَنْتَ تُكْرِهُ النَّاسَ حَتّٰى يَكُوْنُوْا مُؤْمِنِيْنَ ٩٩

ڇا پوءِ تون زور ڪندين ماڻهن کي تہ ٿين مسلمان؟

وَ مَا كَانَ لِنَفْسٍ اَنْ تُؤْمِنَ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ط وَ

۽ ناهي ڪنهن نفس لاءِ جو ايمان آڻي سواءِ حڪم الله جي، ۽

يَجْعَلُ الرِّجْسَ عَلَى الَّذِيْنَ لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿١٠٠﴾ قُلِ انْظُرُوْا

ڏري ٿو برائي انهن تي جيڪي نہ ٿا سمجهن. چؤ ڏسو

مَاذَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ وَ مَا تُغْنِي الْاٰيٰتُ

ڇا آهي آسمانن ۽ زمين ۾ ۽ نہ ٿيون فائدو ڏين نشانيون

وَ النُّذُرُ عَنْ قَوْمٍ لَّا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٠١﴾ فَهَلْ يَنْتَظِرُوْنَ

۽ ڊيڄاريندڙ ان قوم کي جيڪي نہ ٿا ايمان آڻين. پوءِ نہ ٿا انتظار ڪن

اِلَّا مِثْلَ اَيَّامِ الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ

مگر انهن جي ڏينهن جهڙو جيڪي گذري ويا انهن کان اڳ ۾

قُلْ فَانْتَظِرُوْٓا اِنِّيْ مَعَكُمْ مِّنَ الْمُنْتَظِرِيْنَ ﴿١٠٢﴾

تون چؤ انتظار ڪيو آءٌ بہ توهان سان گڏ انتظار ڪندڙ آهيان.

ثُمَّ نُنَجِّيْ رُسُلَنَا وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كَذٰلِكَ ج

پوءِ بچائينداسون پنهنجن رسولن کي ۽ جن ايمان آندو اهڙي طرح،

حَقًّا عَلَيْنَا نُنْجِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٠٣﴾ ع قُلْ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنْ

حق آهي اسان تي جو بچايون ايمان وارن کي. چؤ اي انسانو! جيڪڏهن

كُنْتُمْ فِيْ شَكٍّ مِّنْ دِيْنِيْ فَلَآ اَعْبُدُ الَّذِيْنَ

آهيو اوهان شڪ ۾ منهنجي دين کان پوءِ آءٌ نہ ٿو عبادت ڪريان جن جي

تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلٰكِنْ اَعْبُدُ اللّٰهَ

توهان عبادت ٿا ڪريو الله کان سواءِ پر آءٌ عبادت ڪريان ٿو الله جي

الَّذِيْ يَتَوَفّٰكُمْ ۚ وَ اُمِرْتُ اَنْ اَكُوْنَ

جيڪو ماريندو توهان کي ۽ مون کي حڪم ٿيو آهي تہ هجان

مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٠٤﴾ لا وَ اَنْ اَقِمْ وَجْهَكَ لِلدِّيْنِ

ايمان وارن مان. ۽ هي تہ سِڌو ڪرتون پنهنجو منهن دين ڏانهن

حَنِيفًا ج وَ لَا تَكُونَنَّ مِنَ الْمُشْرِكِينَ ﴿١٠٥﴾ وَ لَا تَدْعُ

هڪ طرفو ٿي، ۽ هرگز نه ٿيءُ شرڪ ڪندڙن مان. ❶ ۽ نه پُڪار

مِنْ دُونِ اللَّهِ مَا لَا يَنْفَعُكَ وَ لَا يَضُرُّكَ ج

الله کان سواءِ ان ڪي جو نه توکي فائدو ڏئي ۽ نه ڪي نقصان،

فَإِنْ فَعَلْتَ فَإِنَّكَ إِذًا مِّنَ الظَّٰلِمِينَ ﴿١٠٦﴾ وَ إِنْ

پوءِ جيڪڏهن ڪيئي ته تون ان وقت گنهگارن مان آهين. ۽ جيڪڏهن

يَمْسَسْكَ اللَّهُ بِضُرٍّ فَلَا كَاشِفَ لَهُ إِلَّا هُوَ ج

رسائي توکي الله ڪو نقصان ته ناهي ڪوئي ٽاريندڙ ان کي سواءِ انهيءَ جي،

وَ إِنْ يُرِدْكَ بِخَيْرٍ فَلَا رَآدَّ لِفَضْلِهِ ط

۽ جيڪڏهن گهري توکي چڱائي ته ناهي ڪوئي هٽائيندڙ ان جي فضل کي،

يُصِيبُ بِهِ مَنْ يَشَآءُ مِنْ عِبَادِهِ ط وَ هُوَ الْغَفُورُ

پهچائي ٿو اِها جنهن کي گهري پنهنجي ٻانهن مان، ۽ اهو بخشڻهار

الرَّحِيمُ ﴿١٠٧﴾ قُلْ يَآيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَكُمُ الْحَقُّ

مهربان آهي. چئو اي انسانو! يقينن آيو توهان وٽ حق

مِنْ رَّبِّكُمْ ج فَمَنِ اهْتَدَىٰ فَإِنَّمَا يَهْتَدِي

توهان جي پالڻهار کان، پوءِ جيڪو هدايت وارو ٿيو ته اهو رڳو هدايت لهي ٿو

لِنَفْسِهِ ج وَ مَنْ ضَلَّ فَإِنَّمَا يَضِلُّ عَلَيْهَا ج وَ

پاڻ لاءِ، ۽ جيڪو گمراهه ٿيو پوءِ اهو رڳو گمراهه ٿئي ٿو پاڻ لاءِ، ۽

مَآ أَنَا عَلَيْكُمْ بِوَكِيلٍ ﴿١٠٨﴾ ط وَ اتَّبِعْ مَا يُوحَىٰٓ إِلَيْكَ وَ

ناهيان آءٌ اوهان جو ذميوار. ۽ هل ان تي جيڪو وحي ٿئي ٿو توڏانهن ❷ ۽

اصْبِرْ حَتَّىٰ يَحْكُمَ اللَّهُ صلے وَ هُوَ خَيْرُ الْحَاكِمِينَ ﴿١٠٩﴾ ع ١١ ١٦

صبر ڪر جيستائين فيصلو ڪري الله، ۽ اهو سڀ کان ڀلو فيصلو ڪندڙ آهي.

سُوۡرَةُ هُوۡدٍ مَّكِّيَّةٌ وَّهِيَ مِائَةٌ وَّثَلٰثٌ وَّعِشۡرُوۡنَ اٰيَةً وَّعَشۡرُ رُكُوۡعَاتٍ

سورت هود مڪي آهي ۽ اها هڪ سؤ ٽيويهه آيتون ۽ ڏهه رڪوع آهي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الٓرٰ قف كِتٰبٌ اُحۡكِمَتۡ اٰيٰتُهٗ ثُمَّ فُصِّلَتۡ مِنۡ لَّدُنۡ

الرٰ، ڪتاب آهي جو مضبوط ٽيل آهن آيتون ان جون پوءِ کولي ٻڌايل آهي طرفان

حَكِيۡمٍ خَبِيۡرٍ ۝١ لا اَلَّا تَعۡبُدُوۡۤا اِلَّا اللّٰهَ ؕ اِنَّنِيۡ لَكُمۡ مِّنۡهُ

حڪمت واري خبردار جي. تہ نہ عبادت ڪريو مگر الله جي، بيشڪ آءٌ توهان لاءِ ان جي طرفان

نَذِيۡرٌ وَّ بَشِيۡرٌ ۝٢ لا وَّ اَنِ اسۡتَغۡفِرُوۡا رَبَّكُمۡ ثُمَّ

ڊيڄاريندڙ ۽ خوشخبري ڏيندڙ آهيان. ۽ هي تہ بخشايو پنهنجي رب کان پوءِ

تُوۡبُوۡۤا اِلَيۡهِ يُمَتِّعۡكُمۡ مَّتَاعًا حَسَنًا اِلٰۤى اَجَلٍ مُّسَمًّى

موٽو انهيءَ ڏانهن تہ پهچائي توهان کي فائدو سٺو ڪنهن وقت مقرر تائين

وَّ يُؤۡتِ كُلَّ ذِيۡ فَضۡلٍ فَضۡلَهٗ ؕ وَ اِنۡ تَوَلَّوۡا

۽ ڏئي هر ڀلائي واري کي سندس ڀلائي، ۽ جيڪڏهن توهان ڦري ويندؤ

فَاِنِّيۡۤ اَخَافُ عَلَيۡكُمۡ عَذَابَ يَوۡمٍ كَبِيۡرٍ ۝٣ اِلَى اللّٰهِ مَرۡجِعُكُمۡ ج

تہ آءٌ ڊڄان ٿو توهان تي عذاب وڏي ڏينهن جي کان الله ڏانهن ئي موٽڻ آهي توهان جو،

وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيۡءٍ قَدِيۡرٌ ۝٤ اَلَاۤ اِنَّهُمۡ يَثۡنُوۡنَ صُدُوۡرَهُمۡ

۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي. خبردار! اهي موڙين ٿا پنهنجي سينن کي

لِيَسۡتَخۡفُوۡا مِنۡهُ ؕ اَلَا حِيۡنَ يَسۡتَغۡشُوۡنَ ثِيَابَهُمۡ لا يَعۡلَمُ مَا

جيئن لڪن ان کان، ❶ خبردار! جڏهن اهي ويڙهن ٿا ڪپڙا پنهنجا، تہ اهو ڄاڻي ٿو جيڪي

يُسِرُّوۡنَ وَ مَا يُعۡلِنُوۡنَ ج اِنَّهٗ عَلِيۡمٌ م بِذَاتِ الصُّدُوۡرِ ۝٥

لڪائين ٿا ۽ جيڪي ظاهر ڪن ٿا، بيشڪ اهو ڄاڻندڙ آهي راز سينن جي کي.

وَ مَا مِنۡ دَآبَّةٍ فِی الۡاَرۡضِ اِلَّا عَلَی اللّٰہِ رِزۡقُهَا وَ

۽ ناهي ڪوئي چُرپُر ڪندڙ ڌرتيءَ ۾ مگر الله تي آهي روزي ان جي ۽

يَعۡلَمُ مُسۡتَقَرَّهَا وَ مُسۡتَوۡدَعَهَا ؕ كُلٌّ فِیۡ كِتٰبٍ مُّبِیۡنٍ ﴿۶﴾

ڄاڻي ٿو اهو ان جي رهڻ جي جڳهه ۽ جتي سانديل آهي، (١) سڀ آهن لوح محفوظ ۾.

وَ هُوَ الَّذِیۡ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضَ فِیۡ سِتَّةِ اَیَّامٍ وَّ

۽ اِهو آهي جنهن پيدا ڪيو آسمانن ۽ زمين کي ڇهن ڏينهن ۾ ۽

كَانَ عَرۡشُهٗ عَلَی الۡمَآءِ لِیَبۡلُوَكُمۡ اَیُّكُمۡ

هئو تخت ان جو پاڻيءَ تي جيئن آزمائي توهان کي ته ڪهڙو آهي توهان مان

اَحۡسَنُ عَمَلًا ؕ وَ لَئِنۡ قُلۡتَ اِنَّكُمۡ مَّبۡعُوۡثُوۡنَ

وڌيڪ سنو عمل ۾، ۽ جيڪڏهن تون چوندين ته توهان اٿاريا ويندؤ

مِنۡۢ بَعۡدِ الۡمَوۡتِ لَیَقُوۡلَنَّ الَّذِیۡنَ كَفَرُوۡۤا اِنۡ هٰذَاۤ اِلَّا

مرڻ کان پوءِ ته ضرور چوندا اُهي جن ڪفر ڪيو ته ناهي هيءُ مگر

سِحۡرٌ مُّبِیۡنٌ ﴿۷﴾ وَ لَئِنۡ اَخَّرۡنَا عَنۡهُمُ الۡعَذَابَ

جادو پڌرو. ۽ جيڪڏهن پوئتي ڪنداسون انهن کان عذاب

اِلٰۤی اُمَّةٍ مَّعۡدُوۡدَةٍ لَّیَقُوۡلُنَّ مَا یَحۡبِسُهٗ ؕ اَلَا یَوۡمَ

ڪنهن وقت مقرر تائين ته ضرور چوندا ڪنهن جهليو آهي ان کي، خبردار! جنهن ڏينهن

یَاۡتِیۡهِمۡ لَیۡسَ مَصۡرُوۡفًا عَنۡهُمۡ وَ حَاقَ بِهِمۡ مَّا كَانُوۡا بِهٖ

ايندو انهن وٽ نه هوندو هٽايل انهن کان ۽ ڪڙڪي پوندو انهن تي اهو جنهن تي

یَسۡتَهۡزِءُوۡنَ ﴿۸﴾ ع وَ لَئِنۡ اَذَقۡنَا الۡاِنۡسَانَ مِنَّا رَحۡمَةً

ٺٺوليون ڪندا هئا. ۽ جيڪڏهن چکايون ٿا ماڻهوءَ کي پنهنجي طرفان رحمت

ثُمَّ نَزَعۡنٰهَا مِنۡهُ ۚ اِنَّهٗ لَیَـُٔوۡسٌ كَفُوۡرٌ ﴿۹﴾ وَ لَئِنۡ

پوءِ اها کسيون ٿا انهيءَ کان، ته اهو نااميد ناشڪر ٿئي ٿو. ۽ جيڪڏهن

اَذَقْنٰهُ نَعْمَآءَ بَعْدَ ضَرَّآءَ مَسَّتْهُ لَيَقُوْلَنَّ ذَهَبَ

چکايون ٿا ان کي سک ڏک پُڄاڻا جو کيس پهتو هو تہ ضرور چوندو ويئون

السَّيِّاٰتُ عَنِّيْ ط اِنَّهٗ لَفَرِحٌ فَخُوْرٌ ۙ﴿۱۰﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ صَبَرُوْا

مصيبتون مون کان، اهو ڦدبندڙ آڪڙ ڪندڙ ٿئي ٿو ❶ مگر اهي جن صبر ڪيو

وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ط اُولٰٓئِكَ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّ اَجْرٌ كَبِيْرٌ ﴿۱۱﴾

۽ ڪيائون چڱا ڪم، اهي ئي آهن جن لاءِ آهي بخشش ۽ ثواب وڏو.

فَلَعَلَّكَ تَارِكٌۢ بَعْضَ مَا يُوْحٰٓى اِلَيْكَ وَ ضَآئِقٌۢ

پوءِ متان تون ڇڏين ڪجهه انهيءَ مان جو وحي ڪجي ٿو توڏانهن ۽ تنگ ٿئي

بِهٖ صَدْرُكَ اَنْ يَّقُوْلُوْا لَوْلَآ اُنْزِلَ عَلَيْهِ كَنْزٌ اَوْ

ان سان تنهنجي دل ❷ جو اهي چون ٿا چو نہ لاٿو ويو مٿس ڪو خزانو يا

جَآءَ مَعَهٗ مَلَكٌ ط اِنَّمَآ اَنْتَ نَذِيْرٌ ط وَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ

(چو نہ) آيو ان سان گڏ مَلَڪ، رڳو تون ڊيڄاريندڙ آهين، ۽ الله هر شيءِ جو

وَّكِيْلٌ ﴿۱۲﴾ ط اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ ط قُلْ فَاْتُوْا بِعَشْرِ

سنڀاليندڙ آهي. يا چوَن ٿا تہ اهو پاڻ ناهيو اٿائين، چؤ پوءِ توهان آڻيو ڏهہ

سُوَرٍ مِّثْلِهٖ مُفْتَرَيٰتٍ وَّ ادْعُوْا مَنِ اسْتَطَعْتُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ

سورتون ان جهڙيون ناهيل ۽ سڏيو جنهن کي سڏي سگهو الله کان سواءِ

اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۱۳﴾ فَاِلَّمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَكُمْ

جيڪڏهن آهيو سچا. پوءِ جيڪڏهن نہ ڏنائون جواب اوهان کي

فَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَآ اُنْزِلَ بِعِلْمِ اللّٰهِ وَ اَنْ لَّآ اِلٰهَ

پوءِ ڄاڻو تہ رڳو اهو لاٿو ويو آهي الله جي وحي سان ۽ ڄاڻو تہ ناهي ڪوئي حاڪم

اِلَّا هُوَ ج فَهَلْ اَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿۱۴﴾ مَنْ كَانَ يُرِيْدُ

انهيءَ کان سواءِ، پوءِ ڇا اوهين مڃيندڙ آهيو؟ جيڪو ارادو ڪندو

الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا وَ زِيْنَتَهَا نُوَفِّ اِلَيْهِمْ اَعْمَالَهُمْ فِيْهَا

دنيا جي حياتيءَ جو ۽ ان جي زينت جو بدلو ڏينداسون انهن کي سندن عملن جو دنيا ۾

وَ هُمْ فِيْهَا لَا يُبْخَسُوْنَ ﴿١٥﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ لَيْسَ لَهُمْ

۽ اهي ان ۾ نقصان نہ ڏنا ويندا. اهي ئي آهن ناهي جن لاءِ

فِى الْاٰخِرَةِ اِلَّا النَّارُ ۖ وَ حَبِطَ مَا صَنَعُوْا فِيْهَا وَبٰطِلٌ

آخرت ۾ مگر باهہ ۽ بيڪار ٿيو جيڪي ڪمايائون دنيا ۾ اجايو ٿيو

مَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٦﴾ اَ فَمَنْ كَانَ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ

جيڪي ڪندا هئا. ڇا پوءِ جيڪو ماڻهو آهي ثابتي تي طرفان

رَّبِّهٖ وَ يَتْلُوْهُ شَاهِدٌ مِّنْهُ وَ مِنْ قَبْلِهٖ كِتٰبُ

پنهنجي رب جي ۽ ان جي پويان آيو شاهد ❶ الله جو ۽ ان کان اڳ آهي ڪتاب

مُوْسٰٓى اِمَامًا وَّ رَحْمَةً ؕ اُولٰٓئِكَ يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ ؕ وَ مَنْ

موسىٰ جو رهبر ۽ رحمت، ❷ اهي ئي ايمان ٿا آڻين انهيءَ تي، ۽ جيڪو

يَّكْفُرْ بِهٖ مِنَ الْاَحْزَابِ فَالنَّارُ مَوْعِدُهٗ ۚ فَلَا تَكُ

ڪفر ڪندو ان جو سيني فرقن مان پوءِ باهہ ان جو انجام آهي، پوءِ نہ هُجُ

فِىْ مِرْيَةٍ مِّنْهُ ۚ اِنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ

شڪ ۾ انهيءَ کان، بيشڪ اهو حق آهي تنهنجي پالڻهار طرفان پر گهڻا

النَّاسِ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٧﴾ وَ مَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ

ماڻهو نہ ٿا ويساهہ رکن. ۽ ڪير وڌيڪ ظالم آهي انهيءَ کان جيڪو ناهي ٿو الله تي

كَذِبًا ؕ اُولٰٓئِكَ يُعْرَضُوْنَ عَلٰى رَبِّهِمْ وَ يَقُوْلُ الْاَشْهَادُ هٰٓؤُلَآءِ

ڪوڙ، اهي پيش ڪيا ويندا پنهنجي رب وٽ ۽ چوندا شاهدَ ❸ تہ هي

الَّذِيْنَ كَذَبُوْا عَلٰى رَبِّهِمْ ۚ اَلَا لَعْنَةُ اللّٰهِ عَلَى الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٨﴾ ۙ

اُهي آهن جن ڪوڙ هنيو پنهنجي رب تي، خبردار! الله جي لعنت ظالمن تي آهي.

الَّذِيۡنَ يَصُدُّوۡنَ عَنۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ وَ يَبۡغُوۡنَهَا عِوَجًا ؕ وَ هُمۡ
جيڪي روڪين ٿا الله جي رستي کان ۽ گهرن ٿا ان ۾ موڙ، ۽ اهي ئي

بِالۡاٰخِرَةِ هُمۡ كٰفِرُوۡنَ ﴿۱۹﴾ اُولٰٓئِكَ لَمۡ يَكُوۡنُوۡا مُعۡجِزِيۡنَ فِى الۡاَرۡضِ
آخرت جو انڪار ڪندڙ آهن. اهي ماٺهو نه هئا عاجز ڪندڙ ڌرتيءَ ۾

وَ مَا كَانَ لَهُمۡ مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ مِنۡ اَوۡلِيَآءَ ۘ يُضٰعَفُ لَهُمُ
۽ نه هئا انهن لاءِ سواءِ الله جي ڪي دوست، ٻيڻو ڪيو ويندو انهن لاءِ

الۡعَذَابُ ؕ مَا كَانُوۡا يَسۡتَطِيۡعُوۡنَ السَّمۡعَ وَ مَا كَانُوۡا يُبۡصِرُوۡنَ ﴿۲۰﴾
عذاب، نه هئا سگهه رکندا ٻڌڻ جي ۽ نه ڪي ڏسندا هئا. ❶

اُولٰٓئِكَ الَّذِيۡنَ خَسِرُوۡۤا اَنۡفُسَهُمۡ وَ ضَلَّ عَنۡهُمۡ مَّا كَانُوۡا يَفۡتَرُوۡنَ ﴿۲۱﴾
اهي آهن جن زيان ڪيو پنهنجو ۽ گُم ٿيو انهن کان جو ناحق ٺاهيندا هئا.

لَا جَرَمَ اَنَّهُمۡ فِى الۡاٰخِرَةِ هُمُ الۡاَخۡسَرُوۡنَ ﴿۲۲﴾ اِنَّ الَّذِيۡنَ
پڪ بلاشڪ آخرت ۾ اهي آهن وڏيڪ نقصان وارا. بيشڪ جن ماڻهن

اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَ اَخۡبَتُوۡۤا اِلٰى رَبِّهِمۡ ۙ اُولٰٓئِكَ
ايمان آندو ۽ ڪم ڪيا چڱا ۽ نِميا ❷ پنهنجي رب ڏانهن، اهي آهن

اَصۡحٰبُ الۡجَنَّةِ ۚ هُمۡ فِيۡهَا خٰلِدُوۡنَ ﴿۲۳﴾ مَثَلُ الۡفَرِيۡقَيۡنِ
جنت وارا، اهي ئي اتي هميشه رهندا. مثال ٻن ٽولن جو

كَالۡاَعۡمٰى وَ الۡاَصَمِّ وَ الۡبَصِيۡرِ وَ السَّمِيۡعِ ؕ هَلۡ يَسۡتَوِيٰنِ
جهڙو انڌو ۽ ٻوڙو ۽ ڏسندڙ ۽ ٻڌندڙ، ڇا اهي ٻئي هڪجهڙا آهن

مَثَلًا ؕ اَفَلَا تَذَكَّرُوۡنَ ﴿۲۴﴾ ع وَ لَقَدۡ اَرۡسَلۡنَا نُوۡحًا اِلٰى قَوۡمِهٖۤ
حال ۾، ❸ ڇا پوءِ نه ٿا ڌيان ڪريو. ۽ اسان موڪليو نوح کي ❹ سندس قوم ڏانهن

اِنِّىۡ لَكُمۡ نَذِيۡرٌ مُّبِيۡنٌ ﴿۲۵﴾ ۙ اَنۡ لَّا تَعۡبُدُوۡۤا اِلَّا اللّٰهَ ؕ
چيائين آءٌ اوهان لاءِ ڊيڄاريندڙ پڌرو آهيان. ته نه عبادت ڪريو مگر الله جي،

وقف لازم
ع ٢ ٢٦ ٢

اِنِّیۡۤ اَخَافُ عَلَیۡکُمۡ عَذَابَ یَوۡمٍ اَلِیۡمٍ ﴿۲۶﴾ فَقَالَ الۡمَلَاُ

بيشڪ آءٌ ڊڄان ٿو توهان تي عذاب دردناڪ ڏينهن جي ڪان. پوءِ چيو سردارن

الَّذِیۡنَ کَفَرُوۡا مِنۡ قَوۡمِہٖ مَا نَرٰىکَ اِلَّا بَشَرًا مِّثۡلَنَا

جن ڪفر ڪيو هو ان جي قوم مان تہ نہ ٿا ڏسون توکي مگر ماڻهو پاڻ جهڙو

وَ مَا نَرٰىکَ اتَّبَعَکَ اِلَّا الَّذِیۡنَ ہُمۡ اَرَاذِلُنَا

۽ نہ ٿا ڏسون توکي جو تابع هجن تنهنجا مگر جيڪي اهي خسيس آهن اسان ۾

بَادِیَ الرَّاۡیِ ۚ وَ مَا نَرٰی لَکُمۡ عَلَیۡنَا مِنۡ فَضۡلٍۭ بَلۡ

ظاهر ظهور، ❶ ۽ نہ ٿا ڏسون توهان لاءِ پاڻ تي ڪا فضيلت پر

نَظُنُّکُمۡ کٰذِبِیۡنَ ﴿۲۷﴾ قَالَ یٰقَوۡمِ اَرَءَیۡتُمۡ اِنۡ کُنۡتُ

ڀانيون ٿا توهان کي ڪوڙا. چيائين اي قوم ٻڌايو تہ سهي جيڪڏهن آءٌ هجان

عَلٰی بَیِّنَۃٍ مِّنۡ رَّبِّیۡ وَ اٰتٰىنِیۡ رَحۡمَۃً مِّنۡ عِنۡدِہٖ

ثابتي تي پنهنجي رب طرفان ۽ ڏنائين مون کي رحمت پاڻ وٽان

فَعُمِّیَتۡ عَلَیۡکُمۡ ؕ اَنُلۡزِمُکُمُوۡہَا وَ اَنۡتُمۡ لَہَا

پوءِ اها ڳجهي رهي توهان تي، ڇا اسان چنبڙايون اوهان کي اها ۽ هجو توهان ان کي

کٰرِہُوۡنَ ﴿۲۸﴾ وَ یٰقَوۡمِ لَاۤ اَسۡـَٔلُکُمۡ عَلَیۡہِ مَالًا ؕ اِنۡ اَجۡرِیَ

ناپسند ڪندڙ. ۽ اي قوم آءٌ نہ ٿو گهران توهان کان ان تي ڪو مال، ناهي اجورو منهنجو

اِلَّا عَلَی اللّٰہِ وَ مَاۤ اَنَا بِطَارِدِ الَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا ؕ اِنَّہُمۡ

مگر الله تي ۽ نہ آهيان آءٌ تڙيندڙ انهن کي جن ايمان آندو، بيشڪ اهي

مُّلٰقُوۡا رَبِّہِمۡ وَ لٰکِنِّیۡۤ اَرٰىکُمۡ قَوۡمًا تَجۡہَلُوۡنَ ﴿۲۹﴾

ملاقات ڪندڙ آهن پنهنجي رب سان پر آءٌ ڏسان ٿو اوهان کي قوم نادان.

وَ یٰقَوۡمِ مَنۡ یَّنۡصُرُنِیۡ مِنَ اللّٰہِ اِنۡ طَرَدۡتُّہُمۡ ؕ

۽ اي قوم ڪير ڇڏائيندو مون کي الله کان جيڪڏهن تڙي ڪڍان انهن کي،

أَفَلَا تَذَكَّرُونَ ﴿٣٠﴾ وَلَآ أَقُولُ لَكُمْ عِندِى خَزَآئِنُ ٱللَّهِ

ڇا پوءِ توهان نہ ٿا سمجهو. ۽ نہ تو چوان آءٌ توهان کي تہ مون وٽ آهن خزانا الله جا

وَلَآ أَعْلَمُ ٱلْغَيْبَ وَلَآ أَقُولُ إِنِّى مَلَكٌ وَّلَآ

۽ نکي آءٌ ڄاڻان ٿو ڳُجهه کي ۽ نہ تو چوان تہ آءٌ ڪو مَلَڪُ آهيان ۽ نہ

أَقُولُ لِلَّذِينَ تَزْدَرِىٓ أَعْيُنُكُمْ لَن يُؤْتِيَهُمُ

چوَندم انهن لاءِ جن کي گهٽ ڪري ڏسن ٿيون اکيون اوهان جون تہ نہ ڏيندو انهن کي

ٱللَّهُ خَيْرًا ط ٱللَّهُ أَعْلَمُ بِمَا فِىٓ أَنفُسِهِمْ صلے ج إِنِّىٓ إِذًا

الله ڪا چڱائي، الله بهتر ڄاڻي ٿو جيڪي انهن جي اندر ۾ آهي، آءٌ تہ ان وقت

لَّمِنَ ٱلظَّٰلِمِينَ ﴿٣١﴾ قَالُوا۟ يَٰنُوحُ قَدْ جَٰدَلْتَنَا فَأَكْثَرْتَ

ظالمن مان ٿيندس. چيائون اي نوح! تو جهڳڙو ڪيو آهي اسان سان پوءِ گهڻو ئي

جِدَٰلَنَا فَأْتِنَا بِمَا تَعِدُنَآ إِن كُنتَ

جهڳڙو ڪيئي پوءِ آڻ اسان وٽ اهو جو وعدو ڪندو آهين اسان سان جيڪڏهن تون

مِنَ ٱلصَّٰدِقِينَ ﴿٣٢﴾ قَالَ إِنَّمَا يَأْتِيكُم بِهِ ٱللَّهُ إِن شَآءَ

سچو آهين. ① چيائين رڳو آڻيندو توهان وٽ ان کي الله جي گهري

وَمَآ أَنتُم بِمُعْجِزِينَ ﴿٣٣﴾ وَلَا يَنفَعُكُمْ نُصْحِىٓ إِنْ

۽ ناهيو اوهين عاجز ڪندڙ. ۽ نہ فائدو ڏيندي توهان کي منهنجي نصيحت جي

أَرَدتُّ أَنْ أَنصَحَ لَكُمْ إِن كَانَ ٱللَّهُ يُرِيدُ

آءٌ چاهيان نصيحت ڪرڻ توهان کي جيڪڏهن الله گهري ٿو

أَن يُغْوِيَكُمْ ط هُوَ رَبُّكُمْ قف وَإِلَيْهِ تُرْجَعُونَ ﴿٣٤﴾ ط

توهان کي گمراهہ ڪرڻ، اهو توهان جو رب آهي، ۽ انهيءَ ڏانهن ئي موٽايا ويندؤ.

أَمْ يَقُولُونَ ٱفْتَرَىٰهُ ط قُلْ إِنِ ٱفْتَرَيْتُهُۥ فَعَلَىَّ

يا چوَن ٿا تہ پاڻ ناهي آيو آهي، تون چؤ ② جيڪڏهن اِهو ناهي آيو آهيان تہ پوءِ مون تي آهي

إِجْرَامِيْ وَ اَنَا بَرِيْٓءٌ مِّمَّا تُجْرِمُوْنَ ﴿٣٥﴾ ع وَ اُوْحِيَ
گناهہ منهنجو ۽ آءٌ بيزار آهيان ان کان جيڪي گناهہ ڪريو ٿا. ۽ وحي ڪيو ويو

اِلٰى نُوْحٍ اَنَّهٗ لَنْ يُّؤْمِنَ مِنْ قَوْمِكَ اِلَّا مَنْ قَدْ اٰمَنَ
نوح ڏانهن تہ نہ ايمان آڻيندا تنهنجي قوم مان مگر جن ايمان آندو آهي

فَلَا تَبْتَئِسْ بِمَا كَانُوْا يَفْعَلُوْنَ ﴿٣٦﴾ ج وَ اصْنَعِ الْفُلْكَ بِاَعْيُنِنَا
پوءِ ڏُکِي نہ ٿي ان تي جيڪي اهي ڪن ٿا. ۽ تون ٺاهہ ٻيڙي اسان جي نگاهہ ۾ ❶

وَ وَحْيِنَا وَ لَا تُخَاطِبْنِيْ فِي الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ج اِنَّهُمْ
۽ اسان جي حڪم سان ۽ نہ ڳالهائجانءِ مون سان ظالمن جي لاءِ بيشڪ اهي

مُّغْرَقُوْنَ ﴿٣٧﴾ وَ يَصْنَعُ الْفُلْكَ قف وَ كُلَّمَا مَرَّ عَلَيْهِ مَلَاٌ
ٻوڙيا ويندا. ۽ اُهو ٺاهڻ لڳو ٻيڙي، ۽ جڏهن بہ لنگهن پيا ان تي سردار

مِّنْ قَوْمِهٖ سَخِرُوْا مِنْهُ ط قَالَ اِنْ تَسْخَرُوْا مِنَّا
سندس قوم جا تہ ٺٺوليون ڪن پيا ان تي، چيائين جيڪڏهن ٺٺوليون ٿا ڪيو اسان تي

فَاِنَّا نَسْخَرُ مِنْكُمْ كَمَا تَسْخَرُوْنَ ﴿٣٨﴾ ط فَسَوْفَ
تہ اسان بہ ٺٺوليون ڪنداسون توهان تي جيئن توهان ٺٺوليون ٿا ڪريو. پوءِ اجهو

تَعْلَمُوْنَ لا مَنْ يَّاْتِيْهِ عَذَابٌ يُّخْزِيْهِ وَ يَحِلُّ عَلَيْهِ
ڄاڻندؤ تہ ڪنهن تي اچي ٿو عذاب جو خوار ڪري ان کي ۽ نازل ٿئي ٿو ان تي

عَذَابٌ مُّقِيْمٌ ﴿٣٩﴾ حَتّٰٓى اِذَا جَآءَ اَمْرُنَا وَ فَارَ التَّنُّوْرُ لا قُلْنَا
عذاب دائمي. نيٺ جڏهن آيو حڪم اسان جو ۽ اُبريو تنور ❷ چيوسون

احْمِلْ فِيْهَا مِنْ كُلٍّ زَوْجَيْنِ اثْنَيْنِ وَ اَهْلَكَ اِلَّا مَنْ
کڻ ان ۾ هر جنس مان نر ماد بہ عدد ❸ ۽ پنهنجا گهر وارا مگر اهي

سَبَقَ عَلَيْهِ الْقَوْلُ وَ مَنْ اٰمَنَ ط وَ مَآ اٰمَنَ مَعَهٗٓ
جن تي طئي ٿيو عذاب ۽ (کڻُ) جن ايمان آندو، ۽ نہ ايمان آندو هو ان سان

اِلَّا قَلِيۡلٌ ﴿۴۰﴾ وَ قَالَ ارۡكَبُوۡا فِيۡهَا بِسۡمِ اللّٰهِ مَجۡرٖىهَا وَ

مگر ٿورن. ① ۽ چيائين چڙهو انهيءَ ۾، الله جي نالي سان آهي هلڻ ان جو ۽

مُرۡسٰىهَا ؕ اِنَّ رَبِّىۡ لَغَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۴۱﴾ وَ هِىَ تَجۡرِىۡ بِهِمۡ

بيهڻ ان جو، بيشڪ منهنجو رب بخشيندڙ مهربان آهي. ۽ اها ڪٽي هلي انهن کي

فِىۡ مَوۡجٍ كَالۡجِبَالِ ۟ وَ نَادٰى نُوۡحُ ۨابۡنَهٗ وَ كَانَ فِىۡ مَعۡزِلٍ

لهرن ۾ جهڙا جبل، ۽ سڏيو نوح پنهنجي پُٽ کي ۽ اهو هئو پاسيرو

يّٰبُنَىَّ ارۡكَبۡ مَّعَنَا وَ لَا تَكُنۡ مَّعَ الۡكٰفِرِيۡنَ ﴿۴۲﴾ قَالَ سَاٰوِىۡۤ

اي پٽڙا! چڙھ اسان سان ۽ نہ هُج ڪافرن سان گڏ. چيائين اجهوآءٌ رهندس

اِلٰى جَبَلٍ يَّعۡصِمُنِىۡ مِنَ الۡمَآءِ ؕ قَالَ لَا عَاصِمَ

ڪنهن جبل تي جو بچائيندو مون کي پاڻيءَ کان، ② چيائين ناهي ڪوئي بچائيندڙ

الۡيَوۡمَ مِنۡ اَمۡرِ اللّٰهِ اِلَّا مَنۡ رَّحِمَ ۚ وَ حَالَ بَيۡنَهُمَا

اڄ الله جي حڪم کان مگر جنهن تي رحم ڪري، ۽ اچي وئي انهن ٻنهي جي وچ ۾

الۡمَوۡجُ فَكَانَ مِنَ الۡمُغۡرَقِيۡنَ ﴿۴۳﴾ وَ قِيۡلَ يٰۤاَرۡضُ ابۡلَعِىۡ

لهر پوءِ ٿي ويو ٻڏي ويلن مان. ۽ چيو ويو اي زمين ڳهي وڃ

مَآءَكِ وَ يٰسَمَآءُ اَقۡلِعِىۡ وَ غِيۡضَ الۡمَآءُ وَ قُضِىَ الۡاَمۡرُ وَ

پاڻي پنهنجو ۽ اي آسمان بند ٿيءُ ۽ سُڪي ويو پاڻي ۽ پورو ٿيو ڪم ۽

اسۡتَوَتۡ عَلَى الۡجُوۡدِىِّ وَ قِيۡلَ بُعۡدًا لِّلۡقَوۡمِ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۴۴﴾ وَ

بيني بيڙي جوديءَ جبل تي ۽ چيو ويو تباهي هجي ماڻهن ظالمن لاءِ. ۽

نَادٰى نُوۡحٌ رَّبَّهٗ فَقَالَ رَبِّ اِنَّ ابۡنِىۡ مِنۡ اَهۡلِىۡ

سڏيو نوح پنهنجي رب کي پوءِ چيائين اي رب! منهنجو پُٽ تہ منهنجي گهر وارن مان آهي

وَ اِنَّ وَعۡدَكَ الۡحَقُّ وَ اَنۡتَ اَحۡكَمُ الۡحٰكِمِيۡنَ ﴿۴۵﴾ قَالَ

۽ بيشڪ وعدو تنهنجو سچو آهي ۽ تون ئي وڏو حاڪم آهين. فرمايائين

الربع

يٰنُوۡحُ اِنَّهٗ لَيۡسَ مِنۡ اَهۡلِكَ ۚ اِنَّهٗ عَمَلٌ غَيۡرُ صَالِحٍ ۖ ق

اي نوح! بلڪل اهو ناهي تنهنجي گهراڻي مان، ❶ بيشڪ اهو بد عمل آهي،

فَلَا تَسۡـَٔلۡنِ مَا لَيۡسَ لَكَ بِهٖ عِلۡمٌ ؕ اِنِّیۡۤ اَعِظُكَ

پوءِ نہ گهر مون ڪان اهو ناهي جنهن جي توکي خبر، آءٌ نصيحت ڪريان ٿو توکي

اَنۡ تَكُوۡنَ مِنَ الۡجٰهِلِيۡنَ ﴿۴۶﴾ قَالَ رَبِّ اِنِّیۡۤ اَعُوۡذُ بِكَ

متان ٿئين تون جاهلن مان. ❷ چيائين منهنجا رب! آءٌ پناهہ وٺان ٿو تنهنجي

اَنۡ اَسۡـَٔلَكَ مَا لَيۡسَ لِیۡ بِهٖ عِلۡمٌ ؕ وَ اِلَّا تَغۡفِرۡ

جو گُهران توکان اُهو جنهن جي مون کي ناهي جاڻ، ۽ جي نہ معاف ڪندين

لِیۡ وَ تَرۡحَمۡنِیۡۤ اَكُنۡ مِّنَ الۡخٰسِرِيۡنَ ﴿۴۷﴾ قِيۡلَ يٰنُوۡحُ

مون کي ۽ نہ رحم ڪندين مون تي تہ ٿيندس نقصان وارن مان. چيو ويو اي نوح!

اهۡبِطۡ بِسَلٰمٍ مِّنَّا وَ بَرَكٰتٍ عَلَيۡكَ وَ عَلٰٓى اُمَمٍ

لهہ سلامتي سان اسان جي طرفان ۽ برڪتن سان جي توتي آهن ۽ انهن قومن تي

مِّمَّنۡ مَّعَكَ ؕ وَ اُمَمٌ سَنُمَتِّعُهُمۡ ثُمَّ يَمَسُّهُمۡ

جيڪي گڏ آهن توسان، ڪي قومون آهن جن کي نفعو ڏينداسون پوءِ پهچندو انهن کي

مِّنَّا عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿۴۸﴾ تِلۡكَ مِنۡ اَنۡۢبَآءِ الۡغَيۡبِ نُوۡحِيۡهَاۤ

اسان کان عذاب دردناڪ. اهي آهن خبرون غيب جون موڪليون ٿا اهي

اِلَيۡكَ ۚ مَا كُنۡتَ تَعۡلَمُهَاۤ اَنۡتَ وَ لَا قَوۡمُكَ مِنۡ قَبۡلِ

تو ڏانهن، ❸ نہ ڄاڻندو هئين تون انهن کي پاڻ ۽ نڪي تنهنجي قوم اڳ

هٰذَا ؕ فَاصۡبِرۡ ؕ اِنَّ الۡعَاقِبَةَ لِلۡمُتَّقِيۡنَ ﴿۴۹﴾ ع وَ اِلٰى عَادٍ

هن کان، پوءِ دلجاءِ ڪر، بيشڪ آخرت ڀلي آهي پرهيزگارن لاءِ. ۽ عاد ڏانهن موڪليوسين

اَخَاهُمۡ هُوۡدًا ؕ قَالَ يٰقَوۡمِ اعۡبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمۡ مِّنۡ

انهن جي ڀاءُ ❹ هود کي، چيائين اي قوم! عبادت ڪريو الله جي ناهي توهان لاءِ ڪوئي

اِلٰهٍ غَيۡرُهٗ ؕ اِنۡ اَنۡتُمۡ اِلَّا مُفۡتَرُوۡنَ ۞٥٠ يٰقَوۡمِ لَاۤ
مالڪ انهيءَ کان سواءِ توهان رڳو ڪوڙ ٺاهيندڙ آهيو. اي منهنجي قوم نه

اَسۡـَٔلُكُمۡ عَلَيۡهِ اَجۡرًا ؕ اِنۡ اَجۡرِىَ اِلَّا عَلَى الَّذِىۡ
تو گهران توهان کان انهيءَ تي ڪا مزوري، ناهي منهنجي مزوري مگر انهيءَ تي

فَطَرَنِىۡ ؕ اَفَلَا تَعۡقِلُوۡنَ ۞٥١ وَ يٰقَوۡمِ اسۡتَغۡفِرُوۡا
جنهن مون کي پيدا ڪيو آهي، ڇا پوءِ نه ٿا سمجهو؟ ❶ ۽ اي منهنجي قوم! بخشايو

رَبَّكُمۡ ثُمَّ تُوۡبُوۡۤا اِلَيۡهِ يُرۡسِلِ السَّمَآءَ عَلَيۡكُمۡ
پنهنجي رب کان پوءِ موٽو انهيءَ ڏانهن ته وسائي آسمان کان توهان تي

مِّدۡرَارًا وَّ يَزِدۡكُمۡ قُوَّةً اِلٰى قُوَّتِكُمۡ وَ لَا تَتَوَلَّوۡا
وڏ ڦڙو ۽ وڌائي توهان جي طاقت کي توهان جي طاقت تي ۽ نه منهن ڦيريو

مُجۡرِمِيۡنَ ۞٥٢ قَالُوۡا يٰهُوۡدُ مَا جِئۡتَنَا بِبَيِّنَةٍ وَّ مَا نَحۡنُ
ڏوهاري ٿي. چيائون اي هود! تون نه آندي آهي اسان وٽ ڪا ثابتي ۽ ناهيون اسين

بِتَارِكِىۡۤ اٰلِهَتِنَا عَنۡ قَوۡلِكَ وَ مَا نَحۡنُ لَكَ بِمُؤۡمِنِيۡنَ ۞٥٣
ڇڏيندڙ پنهنجي خدائن کي تنهنجي چوڻ تي ۽ نه ڪي اسين توکي مڃيندڙ آهيون.

اِنۡ نَّقُوۡلُ اِلَّا اعۡتَرٰٮكَ بَعۡضُ اٰلِهَتِنَا بِسُوۡٓءٍ ؕ قَالَ
رڳو چئون ٿا ته پهچائي آهي توکي ڪن اسان جي خدائن برائي، چيائين

اِنِّىۡۤ اُشۡهِدُ اللّٰهَ وَ اشۡهَدُوۡۤا اَنِّىۡ بَرِىۡٓءٌ مِّمَّا
آءٌ شاهد ڪريان ٿو الله کي ۽ توهان به شاهد هجو ته آءٌ بيزار آهيان انهن کان

تُشۡرِكُوۡنَ ۞٥٤ لا مِنۡ دُوۡنِهٖ فَكِيۡدُوۡنِىۡ جَمِيۡعًا ثُمَّ لَا
جن کي توهان شريڪ ٿا ڪريو. انهيءَ کان سواءِ پوءِ دشمني ڪريو مون سان سمورا پوءِ نه

تُنۡظِرُوۡنِ ۞٥٥ اِنِّىۡ تَوَكَّلۡتُ عَلَى اللّٰهِ رَبِّىۡ وَ
ڍر ڏيو مون کي. بيشڪ مون ڀروسو ڪيو آهي الله تي جو منهنجو رب آهي ۽

رَبِّكُمْ ؕ مَا مِنْ دَآبَّةٍ اِلَّا هُوَ اٰخِذٌۢ بِنَاصِيَتِهَا ؕ
توهان جو رب آهي، ناهي ڪوئي ساهه وارو مگر اهو پڪڙيندڙ آهي ان جي چوٽ کي، ❶
اِنَّ رَبِّيْ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۵۶﴾ فَاِنْ تَوَلَّوْا
بيشڪ منهنجو رب رستي سڌي تي آهي. پوءِ جي اوهان منهن ڦيريندؤ
فَقَدْ اَبْلَغْتُكُمْ مَّآ اُرْسِلْتُ بِهٖٓ اِلَيْكُمْ ؕ وَ
تہ آءٌ پهچائي چڪو آهيان توهان کي اهو جنهن سان موڪليو ويو آهيان توهان ڏانهن، ۽
يَسْتَخْلِفُ رَبِّيْ قَوْمًا غَيْرَكُمْ ۚ وَ لَا تَضُرُّوْنَهٗ
آڻيندو منهنجو رب قوم ٻيءَ کي، ۽ توهان نہ نقصان پهچائيندا ان کي
شَيْــًٔا ؕ اِنَّ رَبِّيْ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ حَفِيْظٌ ﴿۵۷﴾ وَ لَمَّا جَآءَ
ڪجهہ، بيشڪ منهنجو رب هر شيءِ تي نگهبان آهي. ۽ جڏهن آيو
اَمْرُنَا نَجَّيْنَا هُوْدًا وَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ
عذاب اسان جو تہ بچايوسون هود کي ۽ انهن کي جن ايمان آندو هئو ❷ ان سان گڏ
بِرَحْمَةٍ مِّنَّا ۚ وَ نَجَّيْنٰهُمْ مِّنْ عَذَابٍ غَلِيْظٍ ﴿۵۸﴾ وَ تِلْكَ
پنهنجي ٻاجهہ سان، ۽ بچايوسون انهن کي عذاب ڳري کان. ۽ اهي هئا
عَادٌ ۖۗ جَحَدُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ وَ عَصَوْا رُسُلَهٗ
عادَ جن انڪار ڪيو پنهنجي رب جي آيتن جو ۽ بي فرماني ڪيائون ان جي رسولن جي ❸
وَ اتَّبَعُوْٓا اَمْرَ كُلِّ جَبَّارٍ عَنِيْدٍ ﴿۵۹﴾ وَ اُتْبِعُوْا فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا
۽ تابع ٿيا هر سرڪش ضديءَ جا. ۽ پنيان لاتي وين هن دنيا ۾
لَعْنَةً وَّ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ اَلَآ اِنَّ عَادًا كَفَرُوْا رَبَّهُمْ ؕ اَلَا
لعنت ❹ ۽ قيامت ڏينهن، خبردار! عاد وارن ڪفر ڪيو پنهنجي رب جو، خبردار!
بُعْدًا لِّعَادٍ قَوْمِ هُوْدٍ ﴿۶۰﴾ ع وَ اِلٰى ثَمُوْدَ اَخَاهُمْ
ڦٽڪار آهي عاد، قوم هود تي. ❺ ۽ ثمود ڏانهن موڪليوسين انهن جي ڀاءُ
ع ۵ ۱۱ ۵

وقف لازم

صٰلِحًا ۘ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ

صالح کي، چيائين اي منهنجي قوم عبادت ڪريو الله جي ناهي توهان لاءِ ڪو

اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ هُوَ اَنْشَاَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ وَ

بيو مالڪ انهيءَ کان سواءِ انهيءَ پيدا ڪيو توهان کي ڌرتيءَ مان ۽

اسْتَعْمَرَكُمْ فِيْهَا فَاسْتَغْفِرُوْهُ ثُمَّ تُوْبُوْۤا اِلَيْهِ ؕ اِنَّ

آباد ڪيائين توهان کي ان ۾ پوءِ بخشش گهُرو ان کان پوءِ موٽو انهيءَ ڏانهن، بيشڪ

رَبِّيْ قَرِيْبٌ مُّجِيْبٌ ﴿٦١﴾ قَالُوْا يٰصٰلِحُ قَدْ كُنْتَ فِيْنَا

منهنجو رب ويجهو آهي قبول ڪندڙ آهي. چيائون اي صالح، هئين تون اسان ۾

مَرْجُوًّا قَبْلَ هٰذَاۤ اَتَنْهٰىنَاۤ اَنْ نَّعْبُدَ مَا

اميد ڪيل اڳي هن کان ڇا تون روڪين ٿو اسان کي ان جي عبادت کان جن کي

يَعْبُدُ اٰبَآؤُنَا وَ اِنَّنَا لَفِيْ شَكٍّ مِّمَّا تَدْعُوْنَاۤ

پُوڄيندا هئا اسان جا وڏا ۽ اسان آهيون شڪ ۾ ان کان سڏين ٿو اسان کي

اِلَيْهِ مُرِيْبٍ ﴿٦٢﴾ قَالَ يٰقَوْمِ اَرَءَيْتُمْ اِنْ كُنْتُ

جنهن ڏانهن جو پريشان ڪندڙ آهي. چيائين اي قوم خبر ڏيو جيڪڏهن هجان آءٌ

عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّيْ وَ اٰتٰىنِيْ مِنْهُ رَحْمَةً فَمَنْ

ثابتي تي پنهنجي رب کان ۽ ڏنائين مون کي پنهنجي طرفان رحمت پوءِ ڪير

يَّنْصُرُنِيْ مِنَ اللّٰهِ اِنْ عَصَيْتُهٗ ۫ فَمَا

بچائيندو مون کي الله کان جيڪڏهن بي فرماني ڪريان انهيءَ جي، پوءِ نه

تَزِيْدُوْنَنِيْ غَيْرَ تَخْسِيْرٍ ﴿٦٣﴾ وَ يٰقَوْمِ هٰذِهٖ نَاقَةُ

ٿا وڌايو توهان مون کي سواءِ نقصان جي. ۽ اي منهنجي قوم هيءَ ڏاچي

اللّٰهِ لَكُمْ اٰيَةً فَذَرُوْهَا تَاْكُلْ فِيْۤ اَرْضِ اللّٰهِ وَ لَا

الله جي آهي ① توهان لاءِ نشاني پوءِ ڇڏيو ان کي ته کائي الله جي زمين ۾ ۽ نه

تَمَسُّوْهَا بِسُوْٓءٍ فَيَاْخُذَكُمْ عَذَابٌ قَرِيْبٌ ﴿۶۴﴾ فَعَقَرُوْهَا

پهچايو ان کي ايذاءُ پوءِ وٺندو توهان کي عذاب جلد. پوءِ کُچ وڍيائون ان جي ①

فَقَالَ تَمَتَّعُوْا فِيْ دَارِكُمْ ثَلٰثَةَ اَيَّامٍ ؕ ذٰلِكَ وَعْدٌ غَيْرُ

پوءِ چيائين مزو ونو پنهنجي گهرن ۾ ٽي ڏينهن، اهو وعدو آهي نہ

مَكْذُوْبٍ ﴿۶۵﴾ فَلَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا نَجَّيْنَا صٰلِحًا وَّ الَّذِيْنَ

ڪوڙو ٿيل. پوءِ جڏهن آيو عذاب اسان جو ② بچايوسي صالح کي ۽ انهن کي

اٰمَنُوْا مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا وَ مِنْ خِزْيِ يَوْمِئِذٍ ؕ اِنَّ

جن ايمان آندو ان سان گڏ پنهنجي رحمت سان ۽ پڻ خواري ان ڏينهن جي کان، بيشڪ

رَبَّكَ هُوَ الْقَوِيُّ الْعَزِيْزُ ﴿۶۶﴾ وَ اَخَذَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوا الصَّيْحَةُ

تنهنجو رب ڏاڍو آهي زبردست آهي. ۽ پڪڙيو ظالمن کي راڙ

فَاَصْبَحُوْا فِيْ دِيَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ ﴿۶۷﴾ لا كَاَنْ لَّمْ يَغْنَوْا فِيْهَا ؕ

پوءِ صبح جو پيا هئا پنهنجي گهرن ۾ اونڌا گوڏن ڀر. جهڙڪ رهيائي ڪين هئا اتي،

اَلَآ اِنَّ ثَمُوْدَاۡ كَفَرُوْا رَبَّهُمْ ؕ اَلَا بُعْدًا لِّثَمُوْدَ ﴿۶۸﴾ ع

خبردار! ثمود انڪار ڪيو پنهنجي رب جو، خبردار! تباهي ٿي ثمود جي.

وَلَقَدْ جَآءَتْ رُسُلُنَآ اِبْرٰهِيْمَ بِالْبُشْرٰى قَالُوْا سَلٰمًا ؕ

يقينن آيا اسان جا قاصد ابراهيم وٽ خوشخبري کڻي چيائون سلام آهي،

قَالَ سَلٰمٌ فَمَا لَبِثَ اَنْ جَآءَ بِعِجْلٍ حَنِيْذٍ ﴿۶۹﴾ فَلَمَّا

هن ٻہ چيو سلام پوءِ دير ئي نہ ڪيائين تہ آندائين گابو پڪل. پوءِ جڏهن

رَاٰۤ اَيْدِيَهُمْ لَا تَصِلُ اِلَيْهِ نَكِرَهُمْ وَ اَوْجَسَ

ڏٺائين تہ هٿ انهن جا نہ ٿا ورن ان ڏي اوپرو سمجهيائين انهن کي ۽ محسوس ڪيائين

ظلم ڪندا هئا. پوءِ پهتي انهن کي سزا سندن بڇڙن ڪمن جي ۽ اُٿلي پيو انهن تي

مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٣٤﴾ وَ قَالَ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا لَوْ

اهو جنهن ڳالهہ تي ٺوڪون ڪندا هئا. ۽ چيو انهن جن شرڪ ڪيو جيڪڏهن

شَآءَ اللّٰهُ مَا عَبَدْنَا مِنْ دُوْنِهٖ مِنْ شَیْءٍ نَّحْنُ وَ

گهري ها الله تہ نہ پوڄا ڪريون ها انهي ڪان سواءِ ڪنهن جي ② اسان ۽

لَآ اٰبَآؤُنَا وَ لَا حَرَّمْنَا مِنْ دُوْنِهٖ مِنْ شَیْءٍ ؕ

اسان جا ابا ڏاڏا ۽ نڪي حرام ڪريون ها ان جي چوڻ ڪان سواءِ ڪا شيءِ

كَذٰلِكَ فَعَلَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۚ فَهَلْ عَلَى الرُّسُلِ اِلَّا

ائين ئي ڪيو هئو انهن جيڪي ڪانئن اڳ هئا، پوءِ ناهي رسولن تي مگر

الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ﴿٣٥﴾ وَ لَقَدْ بَعَثْنَا فِيْ كُلِّ اُمَّةٍ رَّسُوْلًا اَنِ

پيغام پهچائڻ پڌرو. ۽ اسان موڪليا سون هر قوم ۾ رسول تہ

اعْبُدُوا اللّٰهَ وَ اجْتَنِبُوا الطَّاغُوْتَ ۚ فَمِنْهُمْ مَّنْ هَدَى

عبادت ڪريو الله جي ۽ پري ٿيو هر باطل کان، ③ پوءِ انهن مان ڪن کي هدايت ڪئي

اللّٰهُ وَ مِنْهُمْ مَّنْ حَقَّتْ عَلَيْهِ الضَّلٰلَةُ ؕ فَسِيْرُوْا

الله ۽ انهن مان ڪي آهن ثابت ٿي جن تي گمراهي، پوءِ گهمو

فِي الْاَرْضِ فَانْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٣٦﴾ اِنْ

ڌرتي ۾ پوءِ ڏسو ڪيئن ٿي پڇاڙي ڪوڙي ڪندڙن جي. جيڪڏهن

تَحۡرِصۡ عَلٰی هُدٰىهُمۡ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا یَهۡدِیۡ مَنۡ یُّضِلُّ

تون حرص ڪرين انهن جي هدايت تي ته الله نه ٿو راهه ونائي جنهن کي گمراهه ڪري

وَ مَا لَهُمۡ مِّنۡ نّٰصِرِیۡنَ ﴿۳۷﴾ وَ اَقۡسَمُوۡا بِاللّٰهِ جَهۡدَ اَیۡمَانِهِمۡ ۙ

۽ ناهي انهن لاءِ ڪوئي مددگار. ۽ قسم ڪنيائون الله جا پڪا قسم

لَا یَبۡعَثُ اللّٰهُ مَنۡ یَّمُوۡتُ ؕ بَلٰی وَعۡدًا عَلَیۡهِ حَقًّا

ته نه اُٿاريندو الله ان کي جيڪو مري ٿو، هائو وعدو ٿيل آهي انهن تي سچو

وَّ لٰکِنَّ اَکۡثَرَ النَّاسِ لَا یَعۡلَمُوۡنَ ﴿۳۸﴾ ۙ لِیُبَیِّنَ لَهُمُ الَّذِیۡ

پر گهڻا ماڻهو نه ٿا ڄاڻن. هن لاءِ ته ظاهر ڪري انهن تي اهو

یَخۡتَلِفُوۡنَ فِیۡهِ وَ لِیَعۡلَمَ الَّذِیۡنَ کَفَرُوۡۤا اَنَّهُمۡ

جنهن ۾ اختلاف ڪندا هئا ۽ هن لاءِ جو ڄاڻن ڪافر ته يقينن اهي

کَانُوۡا کٰذِبِیۡنَ ﴿۳۹﴾ اِنَّمَا قَوۡلُنَا لِشَیۡءٍ اِذَاۤ اَرَدۡنٰهُ

ڪوڙا هئا. رڳو اسان جو چوڻ ڪنهن شيءِ کي جڏهن ارادو ڪريون انهيءَ جو

اَنۡ نَّقُوۡلَ لَهٗ کُنۡ فَیَکُوۡنُ ﴿۴۰﴾ ع وَ الَّذِیۡنَ هَاجَرُوۡا فِی اللّٰهِ ع ٥ ٦ ١١

ته چوندا آهيون ان کي ٿيءُ ته ٿي پوندي آهي. ۽ جن گهر ڇڏيا الله واسطي

مِنۡۢ بَعۡدِ مَا ظُلِمُوۡا لَنُبَوِّئَنَّهُمۡ فِی الدُّنۡیَا حَسَنَةً ؕ

بعد مظلوم ٿيڻ جي ضرور رهائينداسون انهن کي دنيا ۾ چڱي جاءِ تي،

وَ لَاَجۡرُ الۡاٰخِرَةِ اَکۡبَرُ ۘ لَوۡ کَانُوۡا یَعۡلَمُوۡنَ ﴿۴۱﴾ ۙ الَّذِیۡنَ وقف لازم

۽ ثواب آخرت جو تمام وڏو آهي، ❶ ڪاش جي ڄاڻندا هجن ها. اهي

صَبَرُوۡا وَ عَلٰی رَبِّهِمۡ یَتَوَکَّلُوۡنَ ﴿۴۲﴾ وَ مَاۤ اَرۡسَلۡنَا

جن سَهَپ ڪئي ۽ پنهنجي رب تي ڀروسو ڪن ٿا. ❷ ۽ نه موڪلياسون

مِنۡ قَبۡلِکَ اِلَّا رِجَالًا نُّوۡحِیۡۤ اِلَیۡهِمۡ فَسۡـَٔلُوۡۤا

توکان اڳي مگر مرد جو وحي ڪندا هئاسون انهن ڏانهن پوءِ پڇا ڪريو

اَهۡلَ الذِّكۡرِ اِنۡ كُنۡتُمۡ لَا تَعۡلَمُوۡنَ ۝٤٣ بِالۡبَيِّنٰتِ وَ
اهل علم کان جيڪڏهن توهان نہ ٿا ڄاڻو. ❶ موڪلياسون معجزن سان ۽

الزُّبُرِ ؕ وَ اَنۡزَلۡنَاۤ اِلَيۡكَ الذِّكۡرَ لِتُبَيِّنَ لِلنَّاسِ
ڪتابن سان، ۽ نازل ڪيوسون توڏانهن هي قرآن جيئن تون بيان ڪرين ماڻهن لاءِ

مَا نُزِّلَ اِلَيۡهِمۡ وَ لَعَلَّهُمۡ يَتَفَكَّرُوۡنَ ۝٤٤ اَ فَاَمِنَ
جنهن ڪي لاٿو ويو انهن ڏانهن ۽ جيئن تہ اهي فڪر ڪن. ڇا پوءِ بي خطر ٿيا آهن

الَّذِيۡنَ مَكَرُوا السَّيِّاٰتِ اَنۡ يَّخۡسِفَ اللّٰهُ بِهِمُ الۡاَرۡضَ
اهي جن رٿيا بڇڙا ڪم هن ڪان تہ گسائي ڇڏي الله انهن کي ڌرتيءَ ۾ ❷

اَوۡ يَاۡتِيَهُمُ الۡعَذَابُ مِنۡ حَيۡثُ لَا يَشۡعُرُوۡنَ ۝٤٥ اَوۡ يَاۡخُذَهُمۡ
يا اچي انهن ڏانهن عذاب اُتان جو ڪين پتوئي نہ پوي. يا پڪڙي انهن کي

فِىۡ تَقَلُّبِهِمۡ فَمَا هُمۡ بِمُعۡجِزِيۡنَ ۝٤٦ اَوۡ يَاۡخُذَهُمۡ
سندن گهمڻ ڦرڻ ۾ ❸ پوءِ ناهن اهي عاجز ڪندڙ. يا وٺ ڪري انهن کي

عَلٰى تَخَوُّفٍ ؕ فَاِنَّ رَبَّكُمۡ لَرَءُوۡفٌ رَّحِيۡمٌ ۝٤٧ اَوَ لَمۡ
ڊيڄارڻ ڪان پوءِ ❹ بيشڪ توهان جو رب نرمي ڪندڙ مهربان آهي. ڇا نہ

يَرَوۡا اِلٰى مَا خَلَقَ اللّٰهُ مِنۡ شَىۡءٍ يَّتَفَيَّؤُا ظِلٰلُهٗ
ٿا ڏسن ان طرف جا پيدا ڪئي آهي الله ڪا بہ شيءِ لڙن ٿا پاڇا ان جا

عَنِ الۡيَمِيۡنِ وَ الشَّمَآئِلِ سُجَّدًا لِّلّٰهِ وَ هُمۡ دٰخِرُوۡنَ ۝٤٨
❺ ساڄي طرف ۽ کابي طرف سجدو ڪندي الله کي ۽ اهي عاجزي ڪندڙ آهن.

وَ لِلّٰهِ يَسۡجُدُ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِى الۡاَرۡضِ
۽ الله کي ئي سجدو ڪري ٿو جيڪو بہ آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو زمين ۾ آهي

مِنۡ دَآبَّةٍ وَّ الۡمَلٰٓئِكَةُ وَ هُمۡ لَا يَسۡتَكۡبِرُوۡنَ ۝٤٩ يَخَافُوۡنَ رَبَّهُمۡ
جانور ۽ ملائڪ ۽ اهي وڏائي نہ ٿا ڪن. ڊڄن ٿا پنهنجي رب کان

مِّنْ فَوْقِهِمْ وَ يَفْعَلُوْنَ مَا يُؤْمَرُوْنَ ۩ ۵۰ وَ قَالَ اللّٰهُ لَا ع ٦/١٢

جو سندن مٿان آهي ① ۽ ڪن ٿا جيڪي حڪم ٿو ٿئين. ۽ فرمايو الله نہ

تَتَّخِذُوْۤا اِلٰهَيْنِ اثْنَيْنِ ۚ اِنَّمَا هُوَ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ فَاِيَّايَ

وٺو خدا ٻہ ڪري، رڳو اهو معبود هڪ آهي، پوءِ مون کان ئي

فَارْهَبُوْنِ ۵۱ وَ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ لَهُ

ڊڄو. ۽ ان جو آهي جيڪي آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ آهي ۽ ان جو

الدِّيْنُ وَاصِبًا ؕ اَ فَغَيْرَ اللّٰهِ تَتَّقُوْنَ ۵۲ وَ مَا بِكُمْ

دين دائمي آهي، ڇا پوءِ الله کان سواءِ ٻين کان ڊڄو ٿا؟. ۽ جا ٻہ توهان وٽ

مِّنْ نِّعْمَةٍ فَمِنَ اللّٰهِ ثُمَّ اِذَا مَسَّكُمُ الضُّرُّ

نعمت آهي سا طرفان الله جي آهي پوءِ جڏهن پهچي ٿي توهان کي ڪا تڪليف

فَاِلَيْهِ تَجْــَٔرُوْنَ ۚ ۵۳ ثُمَّ اِذَا كَشَفَ الضُّرَّ عَنْكُمْ اِذَا

پوءِ ان ڏانهن ئي رڙو ٿا. پوءِ جڏهن لاهي ٿو تڪليف توهان کان ان مهل

فَرِيْقٌ مِّنْكُمْ بِرَبِّهِمْ يُشْرِكُوْنَ ۙ ۵۴ لِيَكْفُرُوْا بِمَاۤ

هڪڙا توهان مان پنهنجي رب سان شرڪ ٿا ڪن. ② جيئن انڪار ڪن انهي شيءِ کان

اٰتَيْنٰهُمْ ؕ فَتَمَتَّعُوْا ۫ فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۵۵ وَ يَجْعَلُوْنَ لِمَا

جا اسان ڏني انهن کي، پل مزا وٺو، ۽ پوءِ سگهوئي ڄاڻندؤ. ۽ ڪن ٿا انهن لاءِ

لَا يَعْلَمُوْنَ نَصِيْبًا مِّمَّا رَزَقْنٰهُمْ ؕ تَاللّٰهِ لَتُسْــَٔلُنَّ

جي نہ ٿا ڄاڻن ڀاڱو ان مان جيڪي اسان ڏنو اٿن، قسم الله جو ضرور پڇا ڪيا ويندؤ

عَمَّا كُنْتُمْ تَفْتَرُوْنَ ۵۶ وَ يَجْعَلُوْنَ لِلّٰهِ الْبَنٰتِ سُبْحٰنَهٗ ۙ

ان جي جيڪي توهان ناهہ ناهيندا هئا. ۽ ڪن ٿا الله لاءِ ڌيئر اهو پاڪ آهي

وَ لَهُمْ مَّا يَشْتَهُوْنَ ۵۷ وَ اِذَا بُشِّرَ اَحَدُهُمْ

۽ پنهنجي لاءِ جيڪي وڻين ٿو. ۽ جڏهن واڌائي ڏني وڃي ٿي ڪنهن کي

بِالْاُنْثٰى ظَلَّ وَجْهُهٗ مُسْوَدًّا وَّ هُوَ كَظِيْمٌ ﴿۵۸﴾ يَتَوَارٰى

ڌيءُ جي تہ ٿئي ٿو منهن ان جو ڪارو ۽ اهو آهي ڏک پريل. لڪندو آهي

مِنَ الْقَوْمِ مِنْ سُوْٓءِ مَا بُشِّرَ بِهٖ ؕ اَيُمْسِكُهٗ

ماڻهن ڪان ان جي برائيءَ ڪان جنهن جي ڪيس خوشخبري ڏني وئي، ڇا جهلي انهيءَ کي

عَلٰى هُوْنٍ اَمْ يَدُسُّهٗ فِي التُّرَابِ ؕ اَلَا سَآءَ مَا يَحْكُمُوْنَ ﴿۵۹﴾

خواري تي يا پوري ان کي مٽي ۾ خبردار بڇڙو آهي جيڪو فيصلو ٿا ڪن.

لِلَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ مَثَلُ السَّوْءِ ۚ وَ لِلّٰهِ الْمَثَلُ

انهن جو جيڪي نہ ٿا مڃين آخرت کي حال بڇڙو آهي، ۽ الله جو شان

الْاَعْلٰى ؕ وَ هُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿۶۰﴾ وَ لَوْ يُؤَاخِذُ اللّٰهُ النَّاسَ

بلند آهي، ۽ اهو زبردست آهي حڪيم آهي. ۽ جيڪڏهن پڪڙي ها الله ماڻهن کي

بِظُلْمِهِمْ مَّا تَرَكَ عَلَيْهَا مِنْ دَآبَّةٍ وَّ لٰكِنْ يُّؤَخِّرُهُمْ

سندن ظلم جي ڪري تہ نہ ڇڏي ها ڌرتي تي ڪوئي چرندڙ ❶ پر ڍر ڏئي ٿو انهن کي

اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى ۚ فَاِذَا جَآءَ اَجَلُهُمْ لَا يَسْتَاْخِرُوْنَ سَاعَةً

مدت مقرر تائين، پوءِ جڏهن ايندو وقت انهن جو تہ نہ پوئتي ٿيندا ڪا گهڙي

وَّ لَا يَسْتَقْدِمُوْنَ ﴿۶۱﴾ وَ يَجْعَلُوْنَ لِلّٰهِ مَا يَكْرَهُوْنَ وَ تَصِفُ

۽ نہ اڳتي ٿيندا. ۽ ڪن ٿا الله لاءِ جا پاڻ نہ ٿا پسند ڪن ۽ هڻن ٿيون

اَلْسِنَتُهُمُ الْكَذِبَ اَنَّ لَهُمُ الْحُسْنٰى ؕ لَا جَرَمَ اَنَّ لَهُمُ

زبانون انهن جون ڪُوڙ تہ پاڻ لاءِ اٿن هر ڀلائي، بلاشڪ انهن لاءِ آهي

النَّارَ وَ اَنَّهُمْ مُّفْرَطُوْنَ ﴿۶۲﴾ تَاللّٰهِ لَقَدْ اَرْسَلْنَآ

باهہ ۽ اهي حد ڪان لنگهيل آهن. قسم الله جو اسان رسول موڪليا سي

اِلٰٓى اُمَمٍ مِّنْ قَبْلِكَ فَزَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ اَعْمَالَهُمْ

ڪيترن قومن ڏانهن تو ڪان اڳ ۾ پوءِ سينگاريا انهن لاءِ شيطان سندن ڪم

فَهُوَ وَلِيُّهُمُ الْيَوْمَ وَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٦٣﴾ وَ مَآ

پوءِ اهو انهن جو سنگتي آهي اج ۽ انهن لاءِ آهي عذاب دردناڪ. ۽ نہ

اَنْزَلْنَا عَلَيْكَ الْكِتٰبَ اِلَّا لِتُبَيِّنَ لَهُمُ الَّذِى اخْتَلَفُوْا

لاٿوسون توتي ڪتاب مگر هن لاءِ تہ ٻڌائين تون انهن کي اهو جو اختلاف ڪيائون

فِيْهِ ۙ وَ هُدًى وَّ رَحْمَةً لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٦٤﴾ وَ اللّٰهُ اَنْزَلَ

ان ۾ ۽ ڏَسُ پيلو ۽ ٻاجھ انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ايمان آڻين. ۽ الله لاٿو

مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَحْيَا بِهِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ۭ

آسمان کان پاڻي ❶ پوءِ آباد ڪيائين انهي سان ڌرتي کي غير آبادي کان پوءِ

اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّسْمَعُوْنَ ﴿٦٥﴾ ع وَ اِنَّ لَكُمْ ع ٨ ٥ ١٤

بيشڪ ان ۾ نشاني آهي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ٻُڌن ٿا. ۽ بيشڪ توهان لاءِ

فِى الْاَنْعَامِ لَعِبْرَةً ۭ نُسْقِيْكُمْ مِّمَّا فِىْ بُطُوْنِهٖ

چوپاين ۾ اچرج آهي، پياريون ٿا توهان کي ان مان جيڪي سندن پيٽن ۾ آهي

مِنْۢ بَيْنِ فَرْثٍ وَّ دَمٍ لَّبَنًا خَالِصًا سَآئِغًا لِّلشّٰرِبِيْنَ ﴿٦٦﴾ وَ

وچان ڇيڻي ۽ رت جي کير نجو وڻندڙ پيئندڙن کي. ۽

مِنْ ثَمَرٰتِ النَّخِيْلِ وَ الْاَعْنَابِ تَتَّخِذُوْنَ مِنْهُ سَكَرًا وَّ رِزْقًا

ڦلَ کجين ۽ انگورن جي مان ونو ٿا ان مان نشو ۽ ڪاڌو

حَسَنًا ۭ اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ﴿٦٧﴾ وَ اَوْحٰى

ڀلو، بيشڪ ان ۾ اُهڃاڻ آهي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي سمجهن. ۽ حڪم ڏنو

رَبُّكَ اِلَى النَّحْلِ اَنِ اتَّخِذِىْ مِنَ الْجِبَالِ بُيُوْتًا وَّ

تنهنجي رب ماکيءَ جي مک کي تہ ناهه جبلن ۾ گهرَ ۽

مِنَ الشَّجَرِ وَ مِمَّا يَعْرِشُوْنَ ﴿٦٨﴾ ۙ ثُمَّ كُلِىْ مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ فَاسْلُكِىْ

وڻن ۾ ۽ جتي پيهن ٿا ناهين. پوءِ کاءُ سيني ميون مان پوءِ هل

سُبُلَ رَبِّكِ ذُلُلًا ؕ يَخْرُجُ مِنْۢ بُطُوْنِهَا شَرَابٌ مُّخْتَلِفٌ

پنهنجي رب جي رستن سولن ۾ نڪري ٿي انهن جي پيٽن مان رس جدا جدا

اَلْوَانُهٗ فِيْهِ شِفَآءٌ لِّلنَّاسِ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً

رنگ آهن انهيءَ جا انهيءَ ۾ ① شفا آهي ماڻهن لاءِ بيشڪ ان ۾ نشاني آهي

لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ﴿٦٩﴾ وَ اللّٰهُ خَلَقَكُمْ ثُمَّ يَتَوَفّٰىكُمْ ۚ قف لا

انهن ماڻهن لاءِ جيڪي سوچ ڪن ٿا. ۽ الله پيدا ڪيو توهان کي پوءِ موت ڏيندو توهان کي

وَ مِنْكُمْ مَّنْ يُّرَدُّ اِلٰۤى اَرْذَلِ الْعُمُرِ لِكَيْ لَا يَعْلَمَ

۽ توهان مان ڪو موٽايو وڃي ٿو ردي عمر ڏانهن جيئن نہ ڄاڻي

ع ٩ ٥ ١٥ بَعْدَ عِلْمٍ شَيْـًٔا ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ قَدِيْرٌ ﴿٧٠﴾ ع وَ اللّٰهُ فَضَّلَ

سمجهڻ ڪان پوءِ ڪجهہ بہ بيشڪ الله علم وارو قدرت وارو آهي. ۽ الله وڌايو آهي

بَعْضَكُمْ عَلٰى بَعْضٍ فِي الرِّزْقِ ۚ فَمَا الَّذِيْنَ فُضِّلُوْا

توهان مان هڪڙن کي ٻين تي رزق ۾ ② پوءِ ناهن اهي جن کي وڌيڪ ڏنو ويو

بِرَآدِّيْ رِزْقِهِمْ عَلٰى مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُمْ فَهُمْ فِيْهِ

موٽائيندڙ پنهنجو رزق انهن تي جن تي مالڪ ٿيا سندن هٿ تہ هجن اهي انهيءَ ۾

سَوَآءٌ ؕ اَ فَبِنِعْمَةِ اللّٰهِ يَجْحَدُوْنَ ﴿٧١﴾ وَ اللّٰهُ جَعَلَ لَكُمْ

هڪ جهڙا چا پوءِ الله جي ڏني تي انڪار ٿا ڪن. ۽ الله پيدا ڪيون توهان لاءِ

مِّنْ اَنْفُسِكُمْ اَزْوَاجًا وَّ جَعَلَ لَكُمْ مِّنْ اَزْوَاجِكُمْ بَنِيْنَ

توهان مان عورتون ۽ پيدا ڪيائين توهان لاءِ توهان جي زالن مان پُٽ

وَ حَفَدَةً وَّ رَزَقَكُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ ؕ اَ فَبِالْبَاطِلِ يُؤْمِنُوْنَ

۽ پوٽا ۽ ڪارايائين توهان کي سنيون شيون، چا پوءِ ڪوڙ کي مڃين ٿا

وَ بِنِعْمَتِ اللّٰهِ هُمْ يَكْفُرُوْنَ ﴿٧٢﴾ لا وَ يَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا

۽ الله جي نعمت جو اهي انڪار ٿا ڪن؟ ۽ پوڄا ٿا ڪن الله کان سواءِ انهي جي

لَا يَمْلِكُ لَهُمْ رِزْقًا مِّنَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ شَيْـًٔا

جيڪو نہ تو مالڪ ٿئي ڪين رزق ڏيڻ جو آسمانن ۽ زمين مان ڪجھ بہ

وَّ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ ﴿٧٣﴾ فَلَا تَضْرِبُوْا لِلّٰهِ الْاَمْثَالَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ

۽ نڪي طاقت ٿي رکن ٿا. پوءِ نہ ٿاهيو الله لاءِ مثال، بيشڪ الله

يَعْلَمُ وَ اَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٧٤﴾ ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا عَبْدًا مَّمْلُوْكًا

ڄاڻي ٿو ۽ توهان نہ ٿا ڄاڻو. ڏنو الله مثال هڪ ٻانهي غلام جو

لَّا يَقْدِرُ عَلٰى شَيْءٍ وَّ مَنْ رَّزَقْنٰهُ مِنَّا

جيڪو نہ تو وس رکي ڪنهين شيءِ تي ۽ ان جو جنهن کي رزق ڏنوسون پنهنجي طرفان

رِزْقًا حَسَنًا فَهُوَ يُنْفِقُ مِنْهُ سِرًّا وَّ جَهْرًا ؕ هَلْ يَسْتَوٗنَ ؕ

رزق سنو پوءِ اهو خرچي ٿو ان مان لڪائي ۽ ظاهر ڪري، ڇا اهي برابر ٿيندا؟،

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ ؕ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٧٥﴾ وَ ضَرَبَ اللّٰهُ

سڀ تعريف الله جي آهي، پر گهڻا انهن مان نہ ٿا ڄاڻن. ۽ ٻڌايو الله

مَثَلًا رَّجُلَيْنِ اَحَدُهُمَاۤ اَبْكَمُ لَا يَقْدِرُ عَلٰى شَيْءٍ وَّ

ٻيو مثال ٻن مردن جو هڪڙو ٻنهي مان گونگو آهي جو نہ تو وس رکي ڪنهين شيءِ تي ۽

هُوَ كَلٌّ عَلٰى مَوْلٰىهُ ۙ اَيْنَمَا يُوَجِّهْهُّ لَا يَاْتِ بِخَيْرٍ ؕ هَلْ

اهو بار آهي پنهنجي مالڪ تي جاڏي موڪليس ٿو نہ ٿو آڻي ڪا ڀلائي، ڇا

يَسْتَوِيْ هُوَ ۙ وَ مَنْ يَّاْمُرُ بِالْعَدْلِ ۙ وَ هُوَ

برابر ٿئي ٿو هِي (١) ۽ اهو جيڪو حڪم ڪري انصاف سان ۽ اهو آهي

عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٧٦﴾ ع وَ لِلّٰهِ غَيْبُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ

رستي سڌي تي؟ ۽ الله لاءِ آهي ڳجھ آسمانن ۽ زمين جو،

وَ مَاۤ اَمْرُ السَّاعَةِ اِلَّا كَلَمْحِ الْبَصَرِ اَوْ هُوَ اَقْرَبُ ؕ اِنَّ

۽ ناهي واقعو قيامت جو مگر اک ڇنڀ وانگر يا ان کان بہ جلد، (٢) بيشڪ

اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ قَدِیْرٌ ﴿۷۷﴾ وَ اللّٰهُ اَخْرَجَكُمْ مِّنْۢ بُطُوْنِ

الله هر شيءِ تي قادر آهي. ۽ الله ڪڍيو توهان کي پيٽن

اُمَّهٰتِكُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ شَیْـًٔا ۙ وَّ جَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَ الْاَبْصَارَ

مائرن جي مان نه پيا سمجهو ڪجهه به ۽ بڻايائين توهان لاءِ ڪن ۽ اکيون

وَ الْاَفْـِٕدَةَ ۙ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۷۸﴾ اَلَمْ یَرَوْا اِلَى الطَّیْرِ مُسَخَّرٰتٍ

۽ دليون (1) جيئن ته شڪر ڪريو. ڇا نه ٿا ڏسن اڏامندڙن ڏانهن حڪم هيٺ آيل

فِیْ جَوِّ السَّمَآءِ ؕ مَا یُمْسِكُهُنَّ اِلَّا اللّٰهُ ؕ اِنَّ فِیْ ذٰلِكَ لَاٰیٰتٍ

آسمان جي فضا ۾، نه ٿو جهلي انهن کي مگر الله، بيشڪ انهيءَ ۾ نشانيون آهن

لِّقَوْمٍ یُّؤْمِنُوْنَ ﴿۷۹﴾ وَ اللّٰهُ جَعَلَ لَكُمْ مِّنْۢ بُیُوْتِكُمْ سَكَنًا

انهن ماڻهن لاءِ جيڪي يقين ڪن ٿا. ۽ الله بنايا توهان لاءِ توهان جا گهر رهڻ لاءِ

وَّ جَعَلَ لَكُمْ مِّنْ جُلُوْدِ الْاَنْعَامِ بُیُوْتًا تَسْتَخِفُّوْنَهَا

۽ ڪيائين توهان لاءِ کلن جانورن جي مان گهرَ، هلڪو پائيو ٿا انهن کي

یَوْمَ ظَعْنِكُمْ وَ یَوْمَ اِقَامَتِكُمْ ۙ وَ مِنْ اَصْوَافِهَا وَ

پنهنجي سفر جي وقت ۽ ٽِڪڻ جي ڏينهن ۽ ڪيائين انهن جي اُنَ ۽

اَوْبَارِهَا وَ اَشْعَارِهَاۤ اَثَاثًا وَّ مَتَاعًا اِلٰى حِیْنٍ ﴿۸۰﴾ وَ اللّٰهُ

انهن جي مِلس ۽ انهن جي ڏاس مان ٽپڙَ ۽ سامان ڪنهن وقت تائين. ۽ الله

جَعَلَ لَكُمْ مِّمَّا خَلَقَ ظِلٰلًا وَّ جَعَلَ لَكُمْ مِّنَ الْجِبَالِ

ڪيا توهان لاءِ پنهنجي مخلوق جا پاڇا ۽ ڪيائين توهان لاءِ جبلن ۾

اَكْنَانًا وَّ جَعَلَ لَكُمْ سَرَابِیْلَ تَقِیْكُمُ الْحَرَّ وَ

جايون ۽ ڪيائين توهان لاءِ پوشاڪون جي بچائن ٿيون توهان کي گرمي کان ۽

سَرَابِیْلَ تَقِیْكُمْ بَاْسَكُمْ ؕ كَذٰلِكَ یُتِمُّ نِعْمَتَهٗ

پوشاڪون جي بچائن ٿيون توهان کي جنگ ۾. اهڙي طرح پورو ڪري ٿو پنهنجو احسان

عَلَيْكُمْ لَعَلَّكُمْ تُسْلِمُوْنَ ﴿٨١﴾ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّمَا عَلَيْكَ
توهان تي تہ جيئن توهان فرمانبردار ٿيو. پوءِ جيڪڏهن ڦري ويا تہ رڳو توتي آهي
الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ﴿٨٢﴾ يَعْرِفُوْنَ نِعْمَتَ اللّٰهِ ثُمَّ يُنْكِرُوْنَهَا وَ
بڌائڻ پڌرو. سڃاڻن ٿا الله جي نعمت کي پوءِ انڪار ٿا ڪن ان جو ۽
اَكْثَرُهُمُ الْكٰفِرُوْنَ ﴿٨٣﴾ وَ يَوْمَ نَبْعَثُ مِنْ كُلِّ اُمَّةٍ شَهِيْدًا
گهڻا انهن مان بي شڪر آهن. ۽ جنهن ڏينهن بيهاريندا سون هر ٽولي مان شاهد
ثُمَّ لَا يُؤْذَنُ لِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ لَا هُمْ يُسْتَعْتَبُوْنَ ﴿٨٤﴾ وَ
پوءِ نہ موڪل ملندي ڪافرن کي ۽ نڪي انهن جي توبهہ ئي ڪبندي. ۽
اِذَا رَاَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوا الْعَذَابَ فَلَا يُخَفَّفُ عَنْهُمْ
جڏهن ڏسندا ظالم عذاب کي پوءِ نہ هلڪو ڪيو ويندو انهن کان
وَ لَا هُمْ يُنْظَرُوْنَ ﴿٨٥﴾ وَ اِذَا رَاَ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا
۽ نڪي اهي ڍر ڏنا ويندا. ۽ جڏهن ڏسندا مشرڪ
شُرَكَآءَهُمْ قَالُوْا رَبَّنَا هٰۤؤُلَآءِ شُرَكَآؤُنَا الَّذِيْنَ
پنهنجن ٺهرايل شريڪن کي چوندا اي رب اسان جا هي آهن اسان جا اُهي شرڪاءُ (1) جن کي
كُنَّا نَدْعُوْا مِنْ دُوْنِكَ ۚ فَاَلْقَوْا اِلَيْهِمُ الْقَوْلَ اِنَّكُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿٨٦﴾ۚ
سڏيندا هئاسون توکان سواءِ پوءِ اهي ڏيندا انهن کي جواب تہ اوهين ڪوڙا آهيو.
وَ اَلْقَوْا اِلَى اللّٰهِ يَوْمَئِذِ السَّلَمَ وَ ضَلَّ عَنْهُمْ مَّا
۽ پيش ڪندا الله وٽ ان ڏينهن عاجزي ۽ وسري ويندو انهن کان جيڪو
كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿٨٧﴾ اَلَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ صَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ
ناهہ ناهيندا هئا. جن ماڻهن ڪفر ڪيو ۽ روڪيائون الله جي رستي کان
زِدْنٰهُمْ عَذَابًا فَوْقَ الْعَذَابِ بِمَا كَانُوْا يُفْسِدُوْنَ ﴿٨٨﴾ وَ
وڌائينداسون انهن تي عذاب مٿان عذابُ (2) جو اهي شرارت ڪندا هئا. ۽

يَوْمَ نَبْعَثُ فِيْ كُلِّ اُمَّةٍ شَهِيْدًا عَلَيْهِمْ مِّنْ اَنْفُسِهِمْ

جنهن ڏينهن بيهارينداسون هر فرقي ۾ شاهدي ڏيندڙ انهن تي انهن منجهان

وَ جِئْنَا بِكَ شَهِيْدًا عَلٰى هٰٓؤُلَآءِ ؕ وَ نَزَّلْنَا عَلَيْكَ

۽ آڻينداسون توکي شاهد ڪري انهن ماڻهن تي، ۽ اسان نازل ڪيو آهي توتي

الْكِتٰبَ تِبْيَانًا لِّكُلِّ شَيْءٍ وَّ هُدًى وَّ رَحْمَةً وَّ بُشْرٰى

ڪتاب بيان ڪندڙ هر شيءِ جو ۽ هدايت ۽ رحمت ۽ خوشخبري

لِلْمُسْلِمِيْنَ ﴿٨٩﴾ ع اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُ بِالْعَدْلِ وَ الْاِحْسَانِ وَ ١٢ ع ٦ ١٨

مسلمانن لاءِ. بيشڪ الله حڪم ڪري ٿو عدالت ۽ ڀلائي (١) ۽

اِيْتَآئِ ذِي الْقُرْبٰى وَ يَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَآءِ وَ الْمُنْكَرِ وَ الْبَغْيِ ج

امداد ڏيڻ جو مائٽن کي (٢) ۽ روڪي ٿو بي حيائيءَ ۽ بڇڙائيءَ ۽ ڏاڍ ڪرڻ کان، (٣)

يَعِظُكُمْ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿٩٠﴾ وَ اَوْفُوْا بِعَهْدِ اللّٰهِ اِذَا

۽ وعظ ڪريو ٿو ته جيئن ياد ڪريو. ۽ پاڙيو وعدي کي الله سان جڏهن

عٰهَدْتُّمْ وَ لَا تَنْقُضُوا الْاَيْمَانَ بَعْدَ تَوْكِيْدِهَا وَ

وعدو ڪريو توهان ۽ نه ڀڃو قسمن کي انهن جي پڪي ڪرڻ کان پوءِ ۽

قَدْ جَعَلْتُمُ اللّٰهَ عَلَيْكُمْ كَفِيْلًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا

توهان بڻايو آهي الله کي پاڻ تي ضامن، بيشڪ الله ڄاڻي ٿو جيڪي

تَفْعَلُوْنَ ﴿٩١﴾ وَ لَا تَكُوْنُوْا كَالَّتِيْ نَقَضَتْ غَزْلَهَا

ڪريو ٿا. ۽ نه ٿيو انهيءَ عورت جهڙا جا اُڌيڙي پئي پنهنجي ڦوريءَ کي

مِنْ بَعْدِ قُوَّةٍ اَنْكَاثًا ؕ تَتَّخِذُوْنَ اَيْمَانَكُمْ دَخَلًا م

پڪي ڪرڻ کان پوءِ ذرا ذرا ڪري، (٤) ونو ٿا پنهنجن قسمن کي ڏوڪي ڏيڻ لاءِ

بَيْنَكُمْ اَنْ تَكُوْنَ اُمَّةٌ هِيَ اَرْبٰى مِنْ اُمَّةٍ ؕ اِنَّمَا يَبْلُوْكُمْ

هڪ ٻئي ۾ هن لاءِ ته ٿئي هڪڙو ٽولو واڌارو ٻئي ٽولي کان، (٥) رڳو پرکي ٿو

اللّٰهُ بِهٖ ؕ وَ لَيُبَيِّنَنَّ لَكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ مَا كُنْتُمْ فِيْهِ

الله توهان کي انهيءَ سان، ۽ ظاهر ڪندو توهان تي قيامت ڏينهن اهو جنهن ۾ توهان

تَخْتَلِفُوْنَ ﴿٩٢﴾ وَ لَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَجَعَلَكُمْ اُمَّةً وَّاحِدَةً

جهڳڙو ڪندا هئا. ۽ جيڪڏهن گهري ها الله ته ڪري ها توهان کي جماعت هڪڙي

وَّ لٰكِنْ يُّضِلُّ مَنْ يَّشَآءُ وَ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ

پر راهه وڃائي ٿو جنهن جي وڻيس ۽ راهه ڏيکاري ٿو جنهن کي چاهي، ۽

لَتُسْئَلُنَّ عَمَّا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٩٣﴾ وَ لَا تَتَّخِذُوْۤا

ضرور اوهان کان پڇا ٿيندي ان جي جيڪي اوهان ڪندا هئا. ۽ نه ونو

اَيْمَانَكُمْ دَخَلًۢا بَيْنَكُمْ فَتَزِلَّ قَدَمٌۢ بَعْدَ ثُبُوْتِهَا

پنهنجي قسمن کي ڏوکي لاءِ پنهنجي وچ ۾ ته متان ترڪي وڃي پير مضبوطي کان بعد

وَ تَذُوْقُوا السُّوْٓءَ بِمَا صَدَدْتُّمْ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۚ وَ

۽ چکو توهان سزا ان ڪري جو روڪيو ٿي اوهان الله جي راهه کان، ۽

لَكُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿٩٤﴾ وَ لَا تَشْتَرُوْا بِعَهْدِ اللّٰهِ ثَمَنًا قَلِيْلًا ؕ

ٿئي توهان لاءِ عذاب وڏو. ۽ نه ونو الله سان واعدي تي رقم ٿوري،

اِنَّمَا عِنْدَ اللّٰهِ هُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٩٥﴾

بيشڪ جيڪي الله وٽ آهي اهو ڀلو آهي توهان لاءِ جيڪڏهن اوهين ڄاڻو ٿا.

مَا عِنْدَكُمْ يَنْفَدُ وَ مَا عِنْدَ اللّٰهِ بَاقٍ ؕ وَ

جيڪي توهان وٽ آهي کپي ويندو ۽ جيڪي الله وٽ آهي سو بچندڙ آهي، ۽

لَنَجْزِيَنَّ الَّذِيْنَ صَبَرُوْۤا اَجْرَهُمْ بِاَحْسَنِ مَا

ضرور بدلي ۾ ڏينداسون جن صبر ڪيو سندن اجورو انهن چڱن عملن تي

كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٩٦﴾ مَنْ عَمِلَ صَالِحًا مِّنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَ هُوَ

جو ڪندا هئا. جنهن ڪيو عمل چڱو مرد هجي يا عورت ۽ هجي

مُؤْمِنٌ فَلَنُحْيِيَنَّهٗ حَيٰوةً طَيِّبَةً ۚ وَ لَنَجْزِيَنَّهُمْ

مومن تہ بخشينداسون انکي حياتي سُٺي ۽ ضرور بدلي ۾ ڏينداسون انهن کي

اَجْرَهُمْ بِاَحْسَنِ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٩٧﴾ فَاِذَا قَرَاْتَ الْقُرْاٰنَ

سندن اجورو انهن جي چڱن ڪمن تي جو ڪندا هئا. ❶ پوءِ جڏهن پڙهين تون قرآن

فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ﴿٩٨﴾ اِنَّهٗ لَيْسَ لَهٗ سُلْطٰنٌ

تہ پناهہ وٺ الله جي شيطان تڙيل کان. ❷ يقينن نہ هلندو ان جو زور

عَلَى الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ﴿٩٩﴾ اِنَّمَا سُلْطٰنُهٗ

انهن تي جن ايمان آندو ۽ پنهنجي رب تي ڀروسو تا ڪن. رڳو زور ان جو آهي

١٣ ع ١١ ١٩

عَلَى الَّذِيْنَ يَتَوَلَّوْنَهٗ وَ الَّذِيْنَ هُمْ بِهٖ مُشْرِكُوْنَ ﴿١٠٠﴾ ع

انهن تي جيڪي دوستي رکن تا ان سان ۽ جيڪي ان کي شريڪ تا مڃين.

وَ اِذَا بَدَّلْنَاۤ اٰيَةً مَّكَانَ اٰيَةٍ ۙ وَّ اللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا

۽ جڏهن آڻيندا آهيون هڪ آيت عوض ٻيءَ آيت جي ۽ الله خوب ڄاڻي ٿو جنهن کي

يُنَزِّلُ قَالُوْۤا اِنَّمَاۤ اَنْتَ مُفْتَرٍ ؕ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿١٠١﴾

نازل ٿو ڪري چون ٿا ڪافر رڳو تون ناهہ ٿو ناهين، نہ پر ڪيترا انهن جا نہ ٿا ڄاڻن.

قُلْ نَزَّلَهٗ رُوْحُ الْقُدُسِ مِنْ رَّبِّكَ بِالْحَقِّ لِيُثَبِّتَ

تون چؤ لاٿو آهي انهي کي پاڪ مَلَڪ تنهنجي رب جي طرفان حق سان جيئن ثابت رکي

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ هُدًى وَّ بُشْرٰى لِلْمُسْلِمِيْنَ ﴿١٠٢﴾ وَ لَقَدْ نَعْلَمُ

انهن کي جن ايمان آندو ۽ هدايت ۽ خوشخبري مسلمانن لاءِ. ۽ اسين ڄاڻون ٿا

اَنَّهُمْ يَقُوْلُوْنَ اِنَّمَا يُعَلِّمُهٗ بَشَرٌ ؕ لِسَانُ الَّذِيْ يُلْحِدُوْنَ

جو اهي چون ٿا تہ رڳو سيکاري ٿو انهي کي ماڻهو، ❸ ٻولي انهيءَ جي تهمت ڏين ٿا

اِلَيْهِ اَعْجَمِيٌّ وَّ هٰذَا لِسَانٌ عَرَبِيٌّ مُّبِيْنٌ ﴿١٠٣﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ

جنهن ڏانهن عجمي آهي ۽ هي (قرآن) زبان عربي صاف آهي. بيشڪ اهي ماڻهو

لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ۙ لَا يَهْدِيْهِمُ اللّٰهُ وَ لَهُمْ عَذَابٌ
جي نہ ٿا مڃين آيتون الله جون نہ هدايت ڪندو انهن کي الله ۽ انهن لاءِ عذاب

اَلِيْمٌ ﴿۱۰۴﴾ اِنَّمَا يَفْتَرِي الْكَذِبَ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ۚ
دردناڪ آهي. رڳو ڪُوڙ گهڙين ٿا اهي ماڻهو جيڪي نہ ٿا ايمان آڻين الله جي آيتن تي،

وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْكٰذِبُوْنَ ﴿۱۰۵﴾ مَنْ كَفَرَ بِاللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ اِيْمَانِهٖٓ
۽ اهي ئي ڪوڙا آهن. جنهن ڪفر ڪيو الله جو پنهنجي ايمان آڻڻ کان پوءِ،

اِلَّا مَنْ اُكْرِهَ وَ قَلْبُهٗ مُطْمَئِنٌّۢ بِالْاِيْمَانِ وَ لٰكِنْ
نہ اهو جنهن کي مجبور ڪيو ويو ۽ ان جي دل برقرار آهي (1) ايمان تي پر

مَّنْ شَرَحَ بِالْكُفْرِ صَدْرًا فَعَلَيْهِمْ غَضَبٌ مِّنَ اللّٰهِ ۚ وَ لَهُمْ
اهي جن کولي ڪفر لاءِ دل پوءِ انهن تي غضب آهي الله جو، ۽ انهن لاءِ

عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿۱۰۶﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمُ اسْتَحَبُّوا الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا
عذاب وڏو آهي. اهو هن ڪري تہ انهن پسند ڪيو حياتيءَ دنيا جي کي

عَلَى الْاٰخِرَةِ ۙ وَ اَنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۱۰۷﴾ اُولٰٓئِكَ
آخرت تي ۽ الله نہ تو راهہ ڏيکاري قوم ڪافرن جي کي. اُهي

الَّذِيْنَ طَبَعَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ وَ سَمْعِهِمْ وَ اَبْصَارِهِمْ ۚ
ئي آهن جو مُهر هڻي الله انهن جي دلين تي ۽ انهن جي ڪنن تي ۽ انهن جي اکين تي،

وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْغٰفِلُوْنَ ﴿۱۰۸﴾ لَا جَرَمَ اَنَّهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ هُمُ
۽ اهي ئي غافل آهن. ناهي شڪ تہ آخرت ۾ اهي ئي

الْخٰسِرُوْنَ ﴿۱۰۹﴾ ثُمَّ اِنَّ رَبَّكَ لِلَّذِيْنَ هَاجَرُوْا مِنْۢ بَعْدِ مَا فُتِنُوْا
نقصان وارا آهن. پوءِ بيشڪ تنهنجو رب انهن لاءِ جن هجرت ڪئي ايذائجڻ کان پوءِ

ثُمَّ جٰهَدُوْا وَ صَبَرُوْٓا ۙ اِنَّ رَبَّكَ مِنْۢ بَعْدِهَا لَغَفُوْرٌ
وري جهاد ڪيائون ۽ ثابت بيٺا بيشڪ تنهنجو رب ان کان پوءِ بخشڻهار

رَّحِيْمٌ ﴿١١٠﴾ يَوْمَ تَأْتِيْ كُلُّ نَفْسٍ تُجَادِلُ عَنْ نَّفْسِهَا وَ
مهربان آهي. جنهن ڏينهن ايندو هر انسان سوال جواب ڪندي پنهنجي طرفان ۽

تُوَفّٰى كُلُّ نَفْسٍ مَّا عَمِلَتْ وَ هُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿١١١﴾ وَ ضَرَبَ
بدلو ڏنو ويندو هر شخص کي سندس عمل جو ۽ اهي ظلم نه ڪيا ويندا. ۽ ٻڌايو

اللّٰهُ مَثَلًا قَرْيَةً كَانَتْ اٰمِنَةً مُّطْمَئِنَّةً يَّاْتِيْهَا رِزْقُهَا
الله هڪ مثال ته هڪڙو ڳوٺ هئو امن قرار وارو ايندو هو انهن وٽ رزق

رَغَدًا مِّنْ كُلِّ مَكَانٍ فَكَفَرَتْ بِاَنْعُمِ اللّٰهِ فَاَذَاقَهَا
جهجهو هر طرف کان پوءِ بي شڪري ڪيائون الله جي نعمتن جي پوءِ چکايو انهن کي

اللّٰهُ لِبَاسَ الْجُوْعِ وَ الْخَوْفِ بِمَا كَانُوْا يَصْنَعُوْنَ ﴿١١٢﴾ وَ لَقَدْ جَآءَهُمْ
الله لباس بک جو ۽ ڀؤ جو سندن ڪئي جي سبب. ❶ ۽ آيو انهن وٽ

رَسُوْلٌ مِّنْهُمْ فَكَذَّبُوْهُ فَاَخَذَهُمُ الْعَذَابُ وَ هُمْ
رسول انهن مان پوءِ ڪوڙو ڪيائون ان کي پوءِ ورتو انهن کي عذاب ۽ اهي

ظٰلِمُوْنَ ﴿١١٣﴾ فَكُلُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ حَلٰلًا طَيِّبًا ص
ظالم هئا. پوءِ ڪائو ان مان جيڪا روزي ڏني توهان کي الله حلال پاڪ،

وَّ اشْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ اِيَّاهُ تَعْبُدُوْنَ ﴿١١٤﴾
۽ شڪر ڪريو الله جي احسان جو جيڪڏهن اوهين ان جي بندگي ڪندا آهيو.

اِنَّمَا حَرَّمَ عَلَيْكُمُ الْمَيْتَةَ وَ الدَّمَ وَ لَحْمَ الْخِنْزِيْرِ
رڳو حرام ڪيائين توهان تي مئل جانور ۽ رت ۽ ماسُ مِرونءِ جو

وَ مَآ اُهِلَّ لِغَيْرِ اللّٰهِ بِهٖ ج فَمَنِ اضْطُرَّ
۽ اها شيءِ جنهن تي ورتو وڃي نالو الله کان سواءِ ٻئي جو، پوءِ جيڪو لاچار ٿيو

غَيْرَ بَاغٍ وَّ لَا عَادٍ فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١١٥﴾
نه بي فرمان ۽ نه حد کان لنگهندڙ ته بيشڪ الله بخشيندڙ مهربان آهي.

وَ لَا تَقُوْلُوْا لِمَا تَصِفُ اَلْسِنَتُكُمُ الْكَذِبَ هٰذَا
۽ نہ چئو انهيءَ شيءِ لاءِ جنهن کي ٻڌائن ٿيون توهان جون زبانون کوڙ هٽي تہ هي

حَلٰلٌ وَّ هٰذَا حَرَامٌ لِّتَفْتَرُوْا عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ
حلال آهي ۽ هو حرام آهي جيئن ناهيو الله تي کوڙ ❶ بيشڪ جيڪي

يَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ لَا يُفْلِحُوْنَ ؕ﴿۱۱۶﴾ مَتَاعٌ قَلِيْلٌ ۪ وَّ لَهُمْ
ناهن ٿا الله تي کوڙ ڪامياب نہ ٿيندا. هي نفعو ٿورو آهي ۽ انهن لاءِ

عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۱۱۷﴾ وَ عَلَى الَّذِيْنَ هَادُوْا حَرَّمْنَا مَا قَصَصْنَا
عذاب دردناڪ آهي. ۽ انهن تي جيڪي يهودي ٿيا حرام ڪيوسون جيڪي ٻڌايوسون

عَلَيْكَ مِنْ قَبْلُ ۚ وَ مَا ظَلَمْنٰهُمْ وَ لٰكِنْ كَانُوْۤا اَنْفُسَهُمْ
توکي اڳ ۾ ۽ اسان ظلم نہ ڪيو آهي انهن تي پر اهي پنهنجو پاڻ تي

يَظْلِمُوْنَ ﴿۱۱۸﴾ ثُمَّ اِنَّ رَبَّكَ لِلَّذِيْنَ عَمِلُوا السُّوْٓءَ بِجَهَالَةٍ ثُمَّ
ظلم ڪندا هئا. پوءِ تنهنجو رب انهن لاءِ جن بُرايون ڪيون ناداني سان ❷ وري

تَابُوْا مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ وَ اَصْلَحُوْۤا ۙ اِنَّ رَبَّكَ مِنْۢ بَعْدِهَا
توبهہ ڪيائون انهيءَ ڪان پوءِ ۽ سڌري ويا بيشڪ تنهنجو رب ان ڪان پوءِ

لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۱۹﴾ ع اِنَّ اِبْرٰهِيْمَ كَانَ اُمَّةً قَانِتًا لِّلّٰهِ حَنِيْفًا ؕ ۱۵ ع ۹ ۲۱
بخشڻهار مهربان آهي. بيشڪ ابراهيم هئو رهبر فرمانبردار الله جو هڪ طرفو ❸

وَ لَمْ يَكُ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿۱۲۰﴾ شَاكِرًا لِّاَنْعُمِهٖ ؕ
۽ نہ هئو شرڪ ڪندڙن مان. ❹ شڪر ڪندڙ انهيءَ جي نعمتن جو،

اِجْتَبٰىهُ وَ هَدٰىهُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۱۲۱﴾ وَ اٰتَيْنٰهُ
چونڊيو ان کي الله ۽ هلايائين ان کي رستي سڌي تي. ۽ ڏني سون انهي کي

فِى الدُّنْيَا حَسَنَةً ؕ وَ اِنَّهٗ فِى الْاٰخِرَةِ لَمِنَ الصّٰلِحِيْنَ ؕ﴿۱۲۲﴾ ثُمَّ
دنيا ۾ ڀلائي، ۽ اهو آهي آخرت ۾ ڀلن ماڻهن مان. پوءِ

اَوۡحَيۡنَاۤ اِلَيۡكَ اَنِ اتَّبِعۡ مِلَّةَ اِبۡرٰهِيۡمَ حَنِيۡفًا ؕ وَ
حڪم موڪليو سون توڏانھن تہ تابع ٿيءُ دين ابراھيم ھڪ طرف واري جو ۽

مَا كَانَ مِنَ الۡمُشۡرِكِيۡنَ ﴿۱۲۳﴾ اِنَّمَا جُعِلَ السَّبۡتُ عَلَى الَّذِيۡنَ
نہ ھئو اھو شرڪ ڪندڙن مان. رڳو مقرر ڪيو ويو ڇنڇر انھن تي

اخۡتَلَفُوۡا فِيۡهِ ؕ وَ اِنَّ رَبَّكَ لَيَحۡكُمُ بَيۡنَهُمۡ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ
جن اختلاف ڪيو ان ۾ ۽ بيشڪ تنھنجو رب فيصلو ڪندو انھن جي وچ ۾ قيامت ڏينھن

فِيۡمَا كَانُوۡا فِيۡهِ يَخۡتَلِفُوۡنَ ﴿۱۲۴﴾ اُدۡعُ اِلٰى سَبِيۡلِ رَبِّكَ
ان ۾ جنھن ۾ اھي اختلاف ڪندا ھئا. تون سڏ پنھنجي رب جي رستي ڏانھن

بِالۡحِكۡمَةِ وَ الۡمَوۡعِظَةِ الۡحَسَنَةِ وَ جَادِلۡهُمۡ بِالَّتِىۡ هِىَ اَحۡسَنُ ؕ
صحيح ڳالھ سان ۽ نصيحت سٺي سان ۽ بحث ڪر انھن سان سھڻي طريقي،

اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعۡلَمُ بِمَنۡ ضَلَّ عَنۡ سَبِيۡلِهٖ وَ هُوَ
بيشڪ تنھنجو پروردگار ئي ڏاڍو ڄاڻي ٿو انھن کي جو ڀُلجي ويا سندس راھ کان ۽ اھو

اَعۡلَمُ بِالۡمُهۡتَدِيۡنَ ﴿۱۲۵﴾ وَ اِنۡ عَاقَبۡتُمۡ فَعَاقِبُوۡا بِمِثۡلِ
زياده ڄاڻندڙ آھي رستي وارن کي. ۽ جيڪڏھن بدلو وٺو تہ سزا ڏيو ايتري

مَا عُوۡقِبۡتُمۡ بِهٖ ؕ وَ لَئِنۡ صَبَرۡتُمۡ لَهُوَ خَيۡرٌ
جيتري توھان کي تڪليف ڏني وئي آھي، ۽ جيڪڏھن سِھي ويندؤ تہ اھو بھتر آھي

لِّلصّٰبِرِيۡنَ ﴿۱۲۶﴾ وَ اصۡبِرۡ وَ مَا صَبۡرُكَ اِلَّا بِاللّٰهِ وَ لَا
صبر وارن لاءِ. ۽ تون صبر ڪر ۽ ناھي صبر تنھنجو مگر الله جي توفيق سان ۽ نہ

تَحۡزَنۡ عَلَيۡهِمۡ وَ لَا تَكُ فِىۡ ضَيۡقٍ مِّمَّا يَمۡكُرُوۡنَ ﴿۱۲۷﴾ اِنَّ
ڏک ڪر انھن تي ۽ نہ ٿيءُ تَنگِ انھن جي فريب کان. بيشڪ

اللّٰهَ مَعَ الَّذِيۡنَ اتَّقَوۡا وَّ الَّذِيۡنَ هُمۡ مُّحۡسِنُوۡنَ ﴿۱۲۸﴾ ع
الله انھن سان آھي جيڪي پرھيزگار آھن ۽ انھن سان جيڪي چڱائي ڪندڙ آھن.

٢٦ ع ٩ ٢٢

سُوۡرَۃُ بَنِیۡۤ اِسۡرَآءِیۡلَ مَکِّیَّۃٌ وَّھِیَ مِائَۃٌ وَّاِحۡدٰے عَشۡرَۃَ اٰیَۃً وَّاثۡنَاعَشَرَ رُکُوۡعًا

سورت بني اسرائيل مڪي آهي ۽ اها هڪ سؤ يارهن آيتون ۽ ٻارهن رڪوع آهي.

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

سُبۡحٰنَ الَّذِیۡۤ اَسۡرٰی بِعَبۡدِہٖ لَیۡلًا مِّنَ الۡمَسۡجِدِ الۡحَرَامِ

پاڪ آهي (١) اها ذات جنهن سير ڪرايو پنهنجي ٻانهي کي (٢) رات جو بيت الله کان

اِلَی الۡمَسۡجِدِ الۡاَقۡصَا الَّذِیۡ بٰرَکۡنَا حَوۡلَہٗ لِنُرِیَہٗ

بيت المقدس تائين اهو جو برڪت رکي سون ان جي چوڌاري جيئن ڏيکاريون ڪيس

مِنۡ اٰیٰتِنَا ؕ اِنَّہٗ ہُوَ السَّمِیۡعُ الۡبَصِیۡرُ ﴿۱﴾ وَ اٰتَیۡنَا مُوۡسَی

پنهنجون نشانيون، بيشڪ اهوئي ٻُڌندڙ ڏسندڙ آهي. ۽ ڏنوسون موسيٰ کي

الۡکِتٰبَ وَ جَعَلۡنٰہُ ہُدًی لِّبَنِیۡۤ اِسۡرَآءِیۡلَ اَلَّا تَتَّخِذُوۡا

ڪتاب ۽ ڪيوسون ان کي هادي بني اسرائيل لاءِ تہ نہ وٺو

مِنۡ دُوۡنِیۡ وَکِیۡلًا ؕ﴿۲﴾ ذُرِّیَّۃَ مَنۡ حَمَلۡنَا مَعَ نُوۡحٍ ؕ اِنَّہٗ

مون کان سواءِ ڪوئي ڪارساز. اي اولاد انهن جي جن کي ڪنيوسون نوح سان گڏ. بيشڪ اهو

کَانَ عَبۡدًا شَکُوۡرًا ﴿۳﴾ وَ قَضَیۡنَاۤ اِلٰی بَنِیۡۤ اِسۡرَآءِیۡلَ فِی الۡکِتٰبِ

هئو ٻانهو شڪرگذار. ۽ فيصلو ٻڌايوسون بني اسرائيل کي ڪتاب ۾

لَتُفۡسِدُنَّ فِی الۡاَرۡضِ مَرَّتَیۡنِ وَ لَتَعۡلُنَّ عُلُوًّا کَبِیۡرًا ﴿۴﴾

تہ ضرور توهان وِڱوڙ وجهندؤ ملڪ ۾ ٻہ ڀيرا ۽ ضرور ڪندؤ سرڪشي وڏي.

فَاِذَا جَآءَ وَعۡدُ اُوۡلٰىہُمَا بَعَثۡنَا عَلَیۡکُمۡ عِبَادًا لَّنَاۤ

پوءِ جڏهن ايندو موقعو پهريون تہ اُتاريندا سون توهان تي ٻانها پنهنجا

اُولِیۡ بَاۡسٍ شَدِیۡدٍ فَجَاسُوۡا خِلٰلَ الدِّیَارِ ؕ وَ کَانَ وَعۡدًا

سخت لڙائي وارا (٣) پوءِ ڪاهي پوندا شهرن ۾ ۽ اهو وعدو

مَّفۡعُوۡلًا ﴿۵﴾ ثُمَّ رَدَدۡنَا لَكُمُ الۡكَرَّةَ عَلَيۡهِمۡ وَ اَمۡدَدۡنٰكُمۡ

پورو ٿيڻو آهي. پوءِ ورايوسون توهان جو وارو انهن تي ❶ ۽ مدد ڏنيسون توهان کي

بِاَمۡوَالٍ وَّ بَنِيۡنَ وَ جَعَلۡنٰكُمۡ اَكۡثَرَ نَفِيۡرًا ﴿۶﴾ اِنۡ اَحۡسَنۡتُمۡ

مالن سان ۽ پٽن سان ۽ ڪيوسون توهان جو وڏو لشڪر. جيڪڏهن چڱائي ڪندؤ

اَحۡسَنۡتُمۡ لِاَنۡفُسِكُمۡ ۟ قف وَ اِنۡ اَسَاۡتُمۡ فَلَهَا ؕ فَاِذَا

ته چڱائي ڪندؤ پاڻ سان، ۽ جيڪڏهن بڇڙائي ڪندؤ ته پنهنجي لاءِ، پوءِ جڏهن

جَآءَ وَعۡدُ الۡاٰخِرَةِ لِيَسُوۡٓءٗا وُجُوۡهَكُمۡ وَ لِيَدۡخُلُوا

ايندو موقعو ٻيو (ته اُٿاريندا سون ٻيا) جيئن بڇڙو ڪن توهان جي منهن کي ۽ گهڙن

الۡمَسۡجِدَ كَمَا دَخَلُوۡهُ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّ لِيُتَبِّرُوۡا مَا عَلَوۡا

مسجد ۾ جيئن گهڙيا هئا ان ۾ پهرئين ڀيري ❷ ۽ ويران ڪن ان کي جنهن تي وَسُ هلين

تَتۡبِيۡرًا ﴿۷﴾ عَسٰى رَبُّكُمۡ اَنۡ يَّرۡحَمَكُمۡ ۚ وَ اِنۡ عُدۡتُّمۡ

ويران پوري طرح. اميد ته رب توهان جو رحم ڪندو توهان تي، ۽ جيڪڏهن ڦرندؤ

عُدۡنَا ۘ وَ جَعَلۡنَا جَهَنَّمَ لِلۡكٰفِرِيۡنَ حَصِيۡرًا ﴿۸﴾ اِنَّ

ته اسان به ڦرنداسون، ❸ ۽ ڪيو اٿئون جهنم ڪافرن لاءِ بندي خانو. بيشڪ

وقف لازم

هٰذَا الۡقُرۡاٰنَ يَهۡدِىۡ لِلَّتِىۡ هِىَ اَقۡوَمُ وَ يُبَشِّرُ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ

هيءُ قرآن ڏيکاري ٿو اها راهه جيڪا سڌي آهي ۽ خوشخبري ڏئي ٿو ايمان وارن کي

الَّذِيۡنَ يَعۡمَلُوۡنَ الصّٰلِحٰتِ اَنَّ لَهُمۡ اَجۡرًا كَبِيۡرًا ۙ ﴿۹﴾ وَّ اَنَّ

جيڪي ڪن ٿا چڱا ڪم ته انهن لاءِ آهي ثواب وڏو. ۽ يقينن

الَّذِيۡنَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ بِالۡاٰخِرَةِ اَعۡتَدۡنَا لَهُمۡ عَذَابًا اَلِيۡمًا ﴿۱۰﴾ ع ١٠

جيڪي نه ٿا مڃين آخرت کي تيار ڪيوسون انهن لاءِ عذاب دردناڪ.

وَ يَدۡعُ الۡاِنۡسَانُ بِالشَّرِّ دُعَآءَهٗ بِالۡخَيۡرِ ؕ وَ كَانَ

۽ گهُري ٿو انسان برائي کي جيئن دعا گهُرندو آهي ڀلائي لاءِ ۽ آهي

الْاِنْسَانُ عَجُوْلًا ﴿۱۱﴾ وَ جَعَلْنَا الَّيْلَ وَ النَّهَارَ اٰيَتَيْنِ فَمَحَوْنَآ
انسان تکڙو. ❶ ۽ ڪيوسون رات ۽ ڏينهن کي ٻہ نشانيون پوءِ ميساري سون

اٰيَةَ الَّيْلِ وَ جَعَلْنَآ اٰيَةَ النَّهَارِ مُبْصِرَةً لِّتَبْتَغُوْا
نشاني رات واري ۽ ڪئي سون نشاني ڏينهن واري ڏيکاريندڙ جيئن طلب ڪريو

فَضْلًا مِّنْ رَّبِّكُمْ وَ لِتَعْلَمُوْا عَدَدَ السِّنِيْنَ وَ الْحِسَابَ ؕ وَ كُلَّ
فضل پنهنجي رب جو ۽ جيئن ڄاڻو انداز ورهين جو ۽ ليکو ڪرڻ، ۽ هر

شَيْءٍ فَصَّلْنٰهُ تَفْصِيْلًا ﴿۱۲﴾ وَ كُلَّ اِنْسَانٍ اَلْزَمْنٰهُ
شيء بيان ڪئي سون کولي. ❷ ۽ هر انسان کي چنبڙائي سون

طٰٓئِرَهٗ فِيْ عُنُقِهٖ ؕ وَ نُخْرِجُ لَهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ كِتٰبًا
سندس بدقسمتي ان جي ڪنڌ ۾، ❸ ۽ ظاهر ڪنداسون ان لاءِ قيامت ڏينهن ڪتاب

يَّلْقٰىهُ مَنْشُوْرًا ﴿۱۳﴾ اِقْرَاْ كِتٰبَكَ ؕ كَفٰى بِنَفْسِكَ الْيَوْمَ
ڏسندو انهيءَ کي کُليل. ❹ پڙهہ پنهنجو ڪتاب، ڪافي آهي تنهنجو نفس اڄ

عَلَيْكَ حَسِيْبًا ﴿ؕ۱۴﴾ مَنِ اهْتَدٰى فَاِنَّمَا يَهْتَدِيْ لِنَفْسِهٖ ۚ وَ مَنْ
تو ڪان حساب وٺندڙ. جيڪو هدايت وٺندو سو هدايت وٺندو پنهنجي لاءِ ۽ جيڪو

ضَلَّ فَاِنَّمَا يَضِلُّ عَلَيْهَا ؕ وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى ؕ
گمراهہ ٿيو اهو گمراهہ ٿيو پاڻ تي، نہ کڻندو ڪوئي بار کڻندڙ بار ٻئي جو،

وَ مَا كُنَّا مُعَذِّبِيْنَ حَتّٰى نَبْعَثَ رَسُوْلًا ﴿۱۵﴾ وَ اِذَآ
۽ نہ آهيون اسين عَذاب ڪندڙ جيستائين موڪليون ڪنهن رسول کي. ۽ جڏهن

اَرَدْنَآ اَنْ نُّهْلِكَ قَرْيَةً اَمَرْنَا مُتْرَفِيْهَا
گهرندا آهيون تباهہ ڪرڻ ڪنهن ڳوٺ کي تہ حڪم ڪندا آهيون اتان جي سرمايہ دارن کي

فَفَسَقُوْا فِيْهَا فَحَقَّ عَلَيْهَا الْقَوْلُ فَدَمَّرْنٰهَا
پوءِ اهي بي فرماني ڪندا آهن ان ۾ پوءِ ثابت ٿيندي انهيءَ تي ❺ سزا ۽ پوءِ ڪندا آهيون ان کي

تَدْمِيْرًا ﴿١٦﴾ وَ كَمْ اَهْلَكْنَا مِنَ الْقُرُوْنِ مِنْۢ بَعْدِ نُوْحٍ ؕ

بلڪل ويران. ۽ ڪيترين ئي هلاڪ ڪيون سون ❶ قومون نوح کان پوءِ

وَ كَفٰى بِرَبِّكَ بِذُنُوْبِ عِبَادِهٖ خَبِيْرًاۢ بَصِيْرًا ﴿١٧﴾ مَنْ

۽ ڪافي آهي تنهنجو رب پنهنجي ٻانهن جي گناهن جي خبر رکندڙ ڏسندڙ. جيڪو

كَانَ يُرِيْدُ الْعَاجِلَةَ عَجَّلْنَا لَهٗ فِيْهَا مَا نَشَآءُ لِمَنْ نُّرِيْدُ

ارادو ڪري ٿو هن دنيا جو جلد ڏيون ٿا ان کي ان ۾ جيڪي گهرون ❷ جنهن لاءِ گهرون

ثُمَّ جَعَلْنَا لَهٗ جَهَنَّمَ ۚ يَصْلٰىهَا مَذْمُوْمًا مَّدْحُوْرًا ﴿١٨﴾ وَ مَنْ

پوءِ ڪريون ٿا انهيءَ لاءِ دوزخ، پوندو ان ۾ خوار ٿي تڙيل ٿي. ۽ جيڪو

اَرَادَ الْاٰخِرَةَ وَ سَعٰى لَهَا سَعْيَهَا وَ هُوَ مُؤْمِنٌ فَاُولٰٓئِكَ

چاهي ٿو آخرت ۽ ڪري ٿو انهيءَ لاءِ ڪوشش ۽ اهو ايمان وارو آهي ته انهن جي

كَانَ سَعْيُهُمْ مَّشْكُوْرًا ﴿١٩﴾ كُلًّا نُّمِدُّ هٰٓؤُلَآءِ وَ هٰٓؤُلَآءِ

آهي ڪوشش قبول ڪيل. هر ڪنهن کي مدد ڏيون ٿا هِنن کي ۽ هُنن کي

مِنْ عَطَآءِ رَبِّكَ ؕ وَ مَا كَانَ عَطَآءُ رَبِّكَ مَحْظُوْرًا ﴿٢٠﴾

تنهنجي رب جي بخشيش مان، ۽ ناهي بخشيش تنهنجي رب جي بند ٿيل.

اُنْظُرْ كَيْفَ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ ؕ وَ لَلْاٰخِرَةُ اَكْبَرُ

ڏس ته ڪيئن وڌايو سون هڪڙن کي ڪن ٻين تي، ۽ آخرت وڌي آهي

دَرَجٰتٍ وَّ اَكْبَرُ تَفْضِيْلًا ﴿٢١﴾ لَا تَجْعَلْ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ فَتَقْعُدَ

درجن ۾ ۽ وڌي آهي فضيلت ۾. ❸ نه بڻاءِ الله سان گڏ ٻيو خدا پوءِ ويهي رهندين

ع ٢ ١٢ ٢ مَذْمُوْمًا مَّخْذُوْلًا ﴿٢٢﴾ ع وَ قَضٰى رَبُّكَ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّآ اِيَّاهُ

خوار ٿي ❹ بي وس ٿي. ۽ فيصلو ڪيو تنهنجي رب ته نه عبادت ڪريو مگر انهيءَ جي

وَ بِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا ؕ اِمَّا يَبْلُغَنَّ عِنْدَكَ الْكِبَرَ اَحَدُهُمَآ

۽ ماءُ پيءُ سان ڀلائي ڪريو ❺ جيڪڏهن پهچي تو وٽ ڪراڙپ کي ٻنهي مان ڪوئي

اَوْ كِلٰهُمَا فَلَا تَقُلْ لَّهُمَآ اُفٍّ وَّ لَا تَنْهَرْهُمَا وَ قُلْ لَّهُمَا

يا اهي ٻئي پوءِ نہ چئو انهن کي اُف ۽ نہ جهڙڪ ڏي انهن کي ۽ ڳالهاءِ انهن سان

قَوْلًا كَرِيْمًا ﴿٢٣﴾ وَ اخْفِضْ لَهُمَا جَنَاحَ الذُّلِّ مِنَ الرَّحْمَةِ وَ

ڳالهه ادب واري. (1) ۽ جهڪاءِ انهن لاءِ پَرَ عاجزي جا ٻاجهه مان ۽

قُلْ رَّبِّ ارْحَمْهُمَا كَمَا رَبَّيٰنِيْ صَغِيْرًا ﴿٢٤﴾ ط

چئو اي پروردگار ٻاجهه ڪر انهن ٻنهي تي جيئن پاليائون مون کي ننڍڙو ڪري.

رَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِمَا فِيْ نُفُوْسِكُمْ ط اِنْ تَكُوْنُوْا

توهان جو رب وڌيڪ ڄاڻي ٿو ان کي جيڪي توهان جي دلين ۾ آهي، جيڪڏهن توهان

صٰلِحِيْنَ فَاِنَّهٗ كَانَ لِلْاَوَّابِيْنَ غَفُوْرًا ﴿٢٥﴾ وَ اٰتِ ذَا الْقُرْبٰى

نيڪ هوندؤ پوءِ بيشڪ اهو توبهه وارن لاءِ بخشيندڙ آهي. ۽ ڏِج مائٽ کي

حَقَّهٗ وَ الْمِسْكِيْنَ وَ ابْنَ السَّبِيْلِ وَ لَا تُبَذِّرْ تَبْذِيْرًا ﴿٢٦﴾ اِنَّ

سندس حق ۽ محتاج کي ۽ مسافر کي ۽ نہ خرچ ڪر اجايو خرچ. (2) بيشڪ

الْمُبَذِّرِيْنَ كَانُوْٓا اِخْوَانَ الشَّيٰطِيْنِ ط وَ كَانَ الشَّيْطٰنُ لِرَبِّهٖ

اجايو خرچ ڪندڙ آهن ڀائر شيطانن جا ۽ شيطان پنهنجي رب جو

كَفُوْرًا ﴿٢٧﴾ وَ اِمَّا تُعْرِضَنَّ عَنْهُمُ ابْتِغَآءَ رَحْمَةٍ مِّنْ رَّبِّكَ

بي فرمان آهي. ۽ جيڪڏهن تون منهن موڙين انهن کان طلب ڪندي رزق جي پنهنجي رب کان

تَرْجُوْهَا فَقُلْ لَّهُمْ قَوْلًا مَّيْسُوْرًا ﴿٢٨﴾ وَ لَا تَجْعَلْ يَدَكَ

جنهن جي آس رکين ٿو پوءِ ڏِج انهن کي جواب سولو. ۽ نہ ڪر هٿ پنهنجو

مَغْلُوْلَةً اِلٰى عُنُقِكَ وَ لَا تَبْسُطْهَا كُلَّ الْبَسْطِ فَتَقْعُدَ

ٻڌل پنهنجي ڪنڌ سان ۽ نہ کولي ڇڏ ان کي صفا چوٽ پوءِ ويهندين تون

مَلُوْمًا مَّحْسُوْرًا ﴿٢٩﴾ اِنَّ رَبَّكَ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ

مايوس تڪل ٿي. بيشڪ تنهنجو رب ڪشادو ڪري ٿو رزق کي جنهن لاءِ گهري

وَ يَقْدِرُ ؕ اِنَّهٗ كَانَ بِعِبَادِهٖ خَبِيْرًاۢ بَصِيْرًا ﴿۳۰﴾ وَ لَا

۽ تنگ ڪري ٿو، اھوئي آھي پنھنجن ٻانھن جي خبر رکندڙ ڏسندڙ. ۽ نہ

تَقْتُلُوْٓا اَوْلَادَكُمْ خَشْيَةَ اِمْلَاقٍ ؕ نَحْنُ نَرْزُقُهُمْ

قتل ڪريو پنھنجي اولاد کي سڃائي جي خوف کان، اسان ئي روزي ڏيندا آھيون انھن کي

وَ اِيَّاكُمْ ؕ اِنَّ قَتْلَهُمْ كَانَ خِطْاً كَبِيْرًا ﴿۳۱﴾ وَ لَا تَقْرَبُوا

۽ توھان کي، ❶ بيشڪ مارڻ انھن جو آھي ڏوھ وڏو. ۽ نہ ويجھا ٿيو

الزِّنٰٓى اِنَّهٗ كَانَ فَاحِشَةً ؕ وَ سَآءَ سَبِيْلًا ﴿۳۲﴾ وَ لَا تَقْتُلُوا النَّفْسَ

زنا کي اھا آھي بي حيائي، ۽ بڇڙي راھ. ۽ نہ ماريو ماڻھو

الَّتِيْ حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا بِالْحَقِّ ؕ وَ مَنْ قُتِلَ مَظْلُوْمًا

جنھن کي حرام ڪيو آھي اللہ مگر حق سان، ۽ جيڪو ماريو ويو بي قصور

فَقَدْ جَعَلْنَا لِوَلِيِّهٖ سُلْطٰنًا فَلَا يُسْرِفْ فِّي الْقَتْلِ ؕ

تہ ڪيو اٿئون انھيءَ جي وارث لاءِ حق ❷ پوءِ اھو وڌاءُ نہ ڪري قتل ڪرڻ ۾،

اِنَّهٗ كَانَ مَنْصُوْرًا ﴿۳۳﴾ وَ لَا تَقْرَبُوْا مَالَ الْيَتِيْمِ اِلَّا

بيشڪ اھو آھي مدد ڪيل. ۽ نہ ويجھا وڃو مال يتيم جي کي مگر

بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ حَتّٰى يَبْلُغَ اَشُدَّهٗ ۪ وَ اَوْفُوْا بِالْعَهْدِ ۚ

انھيءَ طرح جو اھو بھتر ھجي تانجو پھچي پنھنجي جواني کي ۽ پاڙيو وعدو،

اِنَّ الْعَهْدَ كَانَ مَسْـُٔوْلًا ﴿۳۴﴾ وَ اَوْفُوا الْكَيْلَ اِذَا كِلْتُمْ وَ

جو وعدي جي پُڇا ٿيندي. ۽ پورو پريو ماڻ جڏھن ماپ ڪيو ۽

زِنُوْا بِالْقِسْطَاسِ الْمُسْتَقِيْمِ ؕ ذٰلِكَ خَيْرٌ وَّ اَحْسَنُ

تورڪريو تارازيءَ پوريءَ سان، اھو ڀلو آھي ۽ خاصي

تَاْوِيْلًا ﴿۳۵﴾ وَ لَا تَقْفُ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ ؕ اِنَّ السَّمْعَ

نتيجي وارو. ۽ نہ پنيان پءُ جنھن جي ناھي توکي ڄاڻ، بيشڪ ڪَنُ

وَ الۡبَصَرَ وَ الۡفُؤَادَ كُلُّ اُولٰٓئِكَ كَانَ عَنۡهُ مَسۡـُٔوۡلًا ﴿۳۶﴾ وَ لَا تَمۡشِ

۽ اکِ ۽ دل انهن سڀني جي ان کان پُڇا ٿيندي. ❶ ۽ نہ هل

فِی الۡاَرۡضِ مَرَحًا ۚ اِنَّكَ لَنۡ تَخۡرِقَ الۡاَرۡضَ وَ لَنۡ تَبۡلُغَ

ڌرتيءَ تي آکڙ ڪري، تون ڪين ڦاڙيندين زمين کي ۽ نکي پهچندين

الۡجِبَالَ طُوۡلًا ﴿۳۷﴾ كُلُّ ذٰلِكَ كَانَ سَيِّئُهٗ عِنۡدَ رَبِّكَ مَكۡرُوۡهًا ﴿۳۸﴾

جبلن کي ڊگهو ٿي. انهن سڀني مان آهن خراب ڪم تنهنجي رب وٽ نفرت ڪيل.

ذٰلِكَ مِمَّاۤ اَوۡحٰۤى اِلَيۡكَ رَبُّكَ مِنَ الۡحِكۡمَةِ ؕ وَ

اهو انهيءَ مان آهي جيڪا موڪلي آهي توڏانهن تنهنجي رب حڪمت، ۽

لَا تَجۡعَلۡ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ فَتُلۡقٰى فِیۡ جَهَنَّمَ مَلُوۡمًا

نہ بڻاءِ الله جي هوندي ٻيو خدا ❷ پوءِ پوندين دوزخ ۾ مايوس ٿي

مَّدۡحُوۡرًا ﴿۳۹﴾ اَ فَاَصۡفٰكُمۡ رَبُّكُمۡ بِالۡبَنِيۡنَ وَ اتَّخَذَ

ڌڪاريل ٿي. ڇا پيلا چونڊي ڏنائين توهان کي توهان جي رب پُٽ ۽ پاڻ رکيائين

مِنَ الۡمَلٰٓئِكَةِ اِنَاثًا ؕ اِنَّكُمۡ لَتَقُوۡلُوۡنَ قَوۡلًا عَظِيۡمًا ﴿۴۰﴾ ع وَ لَقَدۡ

ملائڪ ڌيئر ڪري، يقينن توهان چئو ٿا ڳالھ وڏي. ۽ البت

صَرَّفۡنَا فِیۡ هٰذَا الۡقُرۡاٰنِ لِيَذَّكَّرُوۡا ؕ وَ مَا يَزِيۡدُهُمۡ

دهرائي اٿئون سمجهاڻي هن قرآن ۾ جيئن نصيحت وٺن، ۽ اهو نہ ٿو وڌائي انهن کي

اِلَّا نُفُوۡرًا ﴿۴۱﴾ قُلۡ لَّوۡ كَانَ مَعَهٗۤ اٰلِهَةٌ كَمَا يَقُوۡلُوۡنَ

مگر ٿاهہ ۾. تون چؤ جيڪڏهن هجن ها انهيءَ سان گڏ ٻيا مالڪ جيئن اهي چون ٿا

اِذًا لَّابۡتَغَوۡا اِلٰى ذِی الۡعَرۡشِ سَبِيۡلًا ﴿۴۲﴾ سُبۡحٰنَهٗ وَ تَعٰلٰى

تہ ضرور تلاش ڪن ها عرش واري ڏانهن ڪو دنگو. اهو پاڪ آهي ۽ مٿانهون آهي

عَمَّا يَقُوۡلُوۡنَ عُلُوًّا كَبِيۡرًا ﴿۴۳﴾ تُسَبِّحُ لَهُ السَّمٰوٰتُ السَّبۡعُ وَ

انهن جي چوڻ کان تمام مٿي. ان جي پاڪائي بيان ٿا ڪن آسمان ست ۽

الْاَرْضُ وَ مَنْ فِيْهِنَّ ؕ وَ اِنْ مِّنْ شَيْءٍ اِلَّا يُسَبِّحُ

زمين ۽ جيڪي انهن ۾ آهن، ۽ ناهي ڪا به شيءِ مگر تسبيح پڙهي ٿي

بِحَمْدِهٖ وَلٰكِنْ لَّا تَفْقَهُوْنَ تَسْبِيْحَهُمْ ؕ اِنَّهٗ

انهيءَ جي تعريف سان ① پر توهان نه ٿا سمجهو انهن جي تسبيح کي، بيشڪ اهو

كَانَ حَلِيْمًا غَفُوْرًا ﴿٤٤﴾ وَ اِذَا قَرَاْتَ الْقُرْاٰنَ جَعَلْنَا

بردبار بخشڻهار آهي. ۽ جڏهن تون پڙهندو آهين قرآن ته ڪندا آهيون

بَيْنَكَ وَ بَيْنَ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ حِجَابًا مَّسْتُوْرًا ﴿٤٥﴾ لا

تنهنجي ۽ انهن جي وچ ۾ جيڪي نه ٿا مڃين آخرت کي، اوٽ لڪل.

وَّ جَعَلْنَا عَلٰى قُلُوْبِهِمْ اَكِنَّةً اَنْ يَّفْقَهُوْهُ وَ فِيْۤ اٰذَانِهِمْ وَقْرًا ؕ

۽ ڪندا آهيون انهن جي دلين تي پردا ان جي سمجهڻ کان ۽ سندن ڪنن ۾ ٻوڙاڻ،

وَ اِذَا ذَكَرْتَ رَبَّكَ فِي الْقُرْاٰنِ وَحْدَهٗ وَلَّوْا

۽ جڏهن تون بيان ڪندو آهين قرآن ۾ پنهنجي رب اڪيلي کي ڀڄندا آهن

عَلٰۤى اَدْبَارِهِمْ نُفُوْرًا ﴿٤٦﴾ نَحْنُ اَعْلَمُ بِمَا يَسْتَمِعُوْنَ بِهٖۤ اِذْ

پُٺي ڏئي ٿاهه ڪائي. اسان خوب ڄاڻون ٿا ان کي جيڪي اهي ٻڌن ٿا جڏهن

يَسْتَمِعُوْنَ اِلَيْكَ وَ اِذْ هُمْ نَجْوٰۤى اِذْ يَقُوْلُ الظّٰلِمُوْنَ

ڪن ڏين ٿا توڏانهن ۽ جڏهن اهي صلاحون ڪن ٿا تڏهن چون ٿا ظالم

اِنْ تَتَّبِعُوْنَ اِلَّا رَجُلًا مَّسْحُوْرًا ﴿٤٧﴾ اُنْظُرْ كَيْفَ ضَرَبُوْا لَكَ

ته نه ٿا پيروي ڪريو مگر هڪ مرد جادو ڪيل جي. ② ڏِس ڪهڙا ناهيائون تولاءِ

الْاَمْثَالَ فَضَلُّوْا فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ سَبِيْلًا ﴿٤٨﴾ وَ قَالُوْۤا ءَ

مثال پوءِ گمراهه ٿي ويا پوءِ نه ٿا لهن ڪو رستو. ۽ چون ٿا ڇا ڀلا

اِذَا كُنَّا عِظَامًا وَّ رُفَاتًا ءَ اِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ خَلْقًا جَدِيْدًا ﴿٤٩﴾

جڏهن ٿي وينداسون هڏا ۽ پور پور، ڇا اسان اُٿاريا وينداسون نئين سِر.

الربع

قُلْ كُوْنُوْا حِجَارَةً اَوْ حَدِيْدًا ۝٥٠ اَوْ خَلْقًا مِّمَّا يَكْبُرُ
چوين ٿي وڃو پاھڻ يا لوھ. ❶ يا ڪا ٻي مخلوق جيڪا ڏکي ھجي
فِيْ صُدُوْرِكُمْ ۚ فَسَيَقُوْلُوْنَ مَنْ يُّعِيْدُنَا ؕ قُلِ الَّذِيْ
توھان جي خيال ۾، پوءِ جلدي چوندا ڪير موٽائيندو اسان کي، تون چئُ اھو ئي
فَطَرَكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ ۚ فَسَيُنْغِضُوْنَ اِلَيْكَ رُءُوْسَهُمْ
جنھن پيدا ڪيو توھان کي پھرين ڀيري، پوءِ لوڏيندا تنھنجي پاسي پنھنجا ڪنڌ ❷
وَ يَقُوْلُوْنَ مَتٰى هُوَ ؕ قُلْ عَسٰٓى اَنْ يَّكُوْنَ قَرِيْبًا ۝٥١ يَوْمَ
۽ چوندا ڪڏھن ٿيندو اھو، چئُ متان ھجي اھو ويجھو. جنھن ڏينھن
يَدْعُوْكُمْ فَتَسْتَجِيْبُوْنَ بِحَمْدِهٖ وَ تَظُنُّوْنَ اِنْ لَّبِثْتُمْ
سڏيندو توھان کي پوءِ ھليا ايندؤ ان جي ساراھ ڪندا ۽ ڀائيندؤ تہ دير نہ ڪئي اٿوَ
اِلَّا قَلِيْلًا ۝٥٢ ۧ وَ قُلْ لِّعِبَادِيْ يَقُوْلُوا الَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ ؕ
مگر ٿوري. ۽ چئُ منھنجي ٻانھن کي تہ ڳالھ ڪن اُھا جا زور سُٺي ھجي،
اِنَّ الشَّيْطٰنَ يَنْزَغُ بَيْنَهُمْ ؕ اِنَّ الشَّيْطٰنَ كَانَ
شيطان جھيڙو وجھندو آھي انھن جي وچ ۾، ❸ يقينن شيطان آھي
لِلْاِنْسَانِ عَدُوًّا مُّبِيْنًا ۝٥٣ رَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِكُمْ ؕ اِنْ يَّشَاْ
ماڻھوءَ جو دشمن پڌرو. رب توھان جو خوب ڄاڻي ٿو توھان کي، چاھي تہ
يَرْحَمْكُمْ اَوْ اِنْ يَّشَاْ يُعَذِّبْكُمْ ؕ وَ مَآ اَرْسَلْنٰكَ
رحم ڪري توھان تي يا چاھي عذاب ڪري توھان کي، ۽ اسان نہ موڪليو آھي توکي
عَلَيْهِمْ وَكِيْلًا ۝٥٤ وَ رَبُّكَ اَعْلَمُ بِمَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَ
انھن تي ڪارساز ڪري. ۽ رب تنھنجو خوب ڄاڻي ٿو انھن کي جي آسمانن ۽
الْاَرْضِ ؕ وَ لَقَدْ فَضَّلْنَا بَعْضَ النَّبِيّٖنَ عَلٰى بَعْضٍ وَّ اٰتَيْنَا
زمين ۾ آھن، ۽ اسان فضيلت ڏني آھي ڪن نبين کي ڪن تي ۽ ڏنوسون

دَاوٗدَ زَبُوْرًا ﴿۵۵﴾ قُلِ ادْعُوا الَّذِيْنَ زَعَمْتُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ

دائود کي زبور. چئو سڏيو انهن کي جن کي ياڻيو ٿا انهيءَ کان سواءِ

فَلَا يَمْلِكُوْنَ كَشْفَ الضُّرِّ عَنْكُمْ وَ لَا تَحْوِيْلًا ﴿۵۶﴾ اُولٰٓئِكَ

پوءِ اهي نہ ٿا طاقت رکن لاهڻ تڪليف جي اوهان کان ۽ نڪي ٽارڻ جي. اهي

الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ يَبْتَغُوْنَ اِلٰى رَبِّهِمُ الْوَسِيْلَةَ اَيُّهُمْ

جن کي پڪارين ٿا سي خود ڳولين ٿا پنهنجي رب تائين وسيلي کي ❶ تہ ڪهڙو انهن مان

اَقْرَبُ وَ يَرْجُوْنَ رَحْمَتَهٗ وَ يَخَافُوْنَ عَذَابَهٗ ؕ

وڌيڪ ويجهو آهي ۽ اميد رکن ٿا ان جي رحمت جي ۽ ڊڄن ٿا ان جي عذاب کان،

اِنَّ عَذَابَ رَبِّكَ كَانَ مَحْذُوْرًا ﴿۵۷﴾ وَ اِنْ مِّنْ قَرْيَةٍ اِلَّا

بيشڪ عذاب تنهنجي رب جو آهي خوفناڪ. ❷ ۽ ناهي ڪا آبادي مگر

نَحْنُ مُهْلِكُوْهَا قَبْلَ يَوْمِ الْقِيٰمَةِ اَوْ مُعَذِّبُوْهَا عَذَابًا

اسان ويران ڪندڙ آهيون ان کي ڏينهن قيامت کان اڳي ۽ ڏينداسون ان کي عذاب

شَدِيْدًا ؕ كَانَ ذٰلِكَ فِي الْكِتٰبِ مَسْطُوْرًا ﴿۵۸﴾ وَ مَا مَنَعَنَآ

سخت، آهي اهو دفتر ۾ لکيل. ۽ نہ روڪيو اسان کي

اَنْ نُّرْسِلَ بِالْاٰيٰتِ اِلَّآ اَنْ كَذَّبَ بِهَا الْاَوَّلُوْنَ ؕ وَ

نشانين موڪلڻ کان مگر هن تہ ڪوڙو ڪيو هو انهن کي اڳين، ۽

اٰتَيْنَا ثَمُوْدَ النَّاقَةَ مُبْصِرَةً فَظَلَمُوْا بِهَا ؕ وَ مَا نُرْسِلُ

ڏني سون ثمود کي ڏاچي عبرت لاءِ پوءِ ناحق ڪيائون انهيءَ سان، ۽ موڪليندا آهيون

بِالْاٰيٰتِ اِلَّا تَخْوِيْفًا ﴿۵۹﴾ وَ اِذْ قُلْنَا لَكَ اِنَّ رَبَّكَ اَحَاطَ

نشانيون رڳو ڊيڄارڻ لاءِ. ۽ جڏهن چيوسون توکي تہ ربَ تنهنجي گهيرو ڪيو آهي

بِالنَّاسِ ؕ وَ مَا جَعَلْنَا الرُّءْيَا الَّتِيْٓ اَرَيْنٰكَ اِلَّا

ماڻهن تي، ۽ ڪيوسون انهيءَ نظاري کي جيڪو ڏيکاريوسون توکي رڳو

فِتْنَةً لِّلنَّاسِ وَ الشَّجَرَةَ الْمَلْعُوْنَةَ فِي الْقُرْاٰنِ ؕ وَ

ماڻهن جي امتحان لاءِ ۽ انهيءَ وڻ کي بہ جنهن تي لعنت ڪيل آهي ❶ قرآن ۾، ۽

نُخَوِّفُهُمْ ۙ فَمَا يَزِيْدُهُمْ اِلَّا طُغْيَانًا كَبِيْرًا ﴿٦٠﴾ وَ اِذْ

اسان ڊيڄاريون ٿا انهن کي پوءِ اهو نہ ٿو وڌائي انهن کي مگر شرارت وڏي ۾. ۽ جڏهن

قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ

اسان چيو ملائڪن کي تہ سجدو ڪريو آدم کي پوءِ سجدو ڪيائون مگر ابليس،

قَالَ ءَ اَسْجُدُ لِمَنْ خَلَقْتَ طِيْنًا ۚ ﴿٦١﴾ قَالَ اَرَءَيْتَكَ

ان چيو ڇا آءٌ سجدو ڪريان ان کي جيڪو پيدا ڪيو تو مٽيءَ مان. چوڻ لڳو ڀلا ڏس تہ

هٰذَا الَّذِيْ كَرَّمْتَ عَلَيَّ ز لَئِنْ اَخَّرْتَنِ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ

هي جنهن کي تو عزت ڏني آهي مون تي جيڪڏهن ڍر ڏئين مون کي ڏينهن قيامت تائين

لَاَحْتَنِكَنَّ ذُرِّيَّتَهٗٓ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿٦٢﴾ قَالَ اذْهَبْ فَمَنْ

تہ ٻيخ ڪيندس ان جي اولاد جي سواءِ ٿورن جي. فرمايائين وڃ پوءِ جيڪو

تَبِعَكَ مِنْهُمْ فَاِنَّ جَهَنَّمَ جَزَآؤُكُمْ جَزَآءً مَّوْفُوْرًا ﴿٦٣﴾ وَ

هليو تو سان انهن مان تہ دوزخ آهي سزا توهان جي سزا پوري. ۽

اسْتَفْزِزْ مَنِ اسْتَطَعْتَ مِنْهُمْ بِصَوْتِكَ وَ اَجْلِبْ عَلَيْهِمْ

نينگ ڏيار جن کي سگهين انهن مان پنهنجي آواز سان ۽ چاڙهہ انهن تي

بِخَيْلِكَ وَ رَجِلِكَ وَ شَارِكْهُمْ فِي الْاَمْوَالِ وَ الْاَوْلَادِ

پنهنجا گهوڙي سوار ۽ پيادا ۽ ڀائيوار ٿيءُ انهن سان مالن ❷ ۽ اولاد ۾

وَ عِدْهُمْ ؕ وَ مَا يَعِدُهُمُ الشَّيْطٰنُ اِلَّا غُرُوْرًا ﴿٦٤﴾

۽ دلاسا ڏجُ انهن کي، ۽ نہ ٿو دلاسو ڏئي انهن کي شيطان مگر ڌوڪو.

اِنَّ عِبَادِيْ لَيْسَ لَكَ عَلَيْهِمْ سُلْطٰنٌ ؕ وَ كَفٰى بِرَبِّكَ

بيشڪ منهنجا ٻانها ناهي توکي انهن تي ڪا طاقت، ۽ ڪافي آهي تنهنجو رب

وَكِيْلًا ﴿٦٥﴾ رَبُّكُمُ الَّذِيْ يُزْجِيْ لَكُمُ الْفُلْكَ فِي الْبَحْرِ
ڪم سنڀاليندڙ. توهان جو پالڻهار اهو آهي جو هلائي ٿو توهان لاءِ ٻيڙيون سمنڊ ۾

لِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ ؕ اِنَّهٗ كَانَ بِكُمْ رَحِيْمًا ﴿٦٦﴾ وَ اِذَا
جيئن ڳوليو ان جو فضل، اهوئي آهي توهان تي مهربان. ۽ جڏهن

مَسَّكُمُ الضُّرُّ فِي الْبَحْرِ ضَلَّ مَنْ تَدْعُوْنَ
پهچي ٿي توهان کي تڪليف سمنڊ ۾ ته وسري ٿا وڃن جن کي توهان سڏيندا هئا

اِلَّاۤ اِيَّاهُ ۚ فَلَمَّا نَجّٰىكُمْ اِلَى الْبَرِّ اَعْرَضْتُمْ ؕ وَ كَانَ
الله کان سواءِ، پوءِ جڏهن بچائي آندائين توهان کي سُڪي تي ته ڦري ٿا وڃو، ۽ آهي

الْاِنْسَانُ كَفُوْرًا ﴿٦٧﴾ اَ فَاَمِنْتُمْ اَنْ يَّخْسِفَ بِكُمْ
انسان بي شڪر. ڇا پوءِ بي خطر ٿيا آهيو ان کان جو ڳنوائي توهان کي

جَانِبَ الْبَرِّ اَوْ يُرْسِلَ عَلَيْكُمْ حَاصِبًا ثُمَّ لَا تَجِدُوْا لَكُمْ
سُڪيءَ جي طرف يا موڪلي توهان تي پٿرن جو طوفان پوءِ نه لهو پاڻ لاءِ

وَكِيْلًا ﴿٦٨﴾ ۙ اَمْ اَمِنْتُمْ اَنْ يُّعِيْدَكُمْ فِيْهِ
ڪوئي ڪارساز. يا بي خوف ٿيا آهيو هن کان ته موٽائي توهان کي سمنڊ ڏي

تَارَةً اُخْرٰى فَيُرْسِلَ عَلَيْكُمْ قَاصِفًا مِّنَ الرِّيْحِ فَيُغْرِقَكُمْ
ٻيهر پوءِ موڪلي توهان تي جهٽڪو هَوا جو پوءِ ٻوڙي توهان کي

بِمَا كَفَرْتُمْ ۙ ثُمَّ لَا تَجِدُوْا لَكُمْ عَلَيْنَا بِهٖ تَبِيْعًا ﴿٦٩﴾ وَ لَقَدْ
ڪفر جي ڪري پوءِ نه لهو پاڻ لاءِ اسان تي ان جو ڪو پيڇو ڪندڙ. ۽ يقينن

كَرَّمْنَا بَنِيْۤ اٰدَمَ وَ حَمَلْنٰهُمْ فِي الْبَرِّ وَ الْبَحْرِ
اسان عزت ڏني آهي آدم جي اولاد کي ۽ سوار ڪيوسون انهن کي پٽ ۾ ۽ درياءَ ۾

وَ رَزَقْنٰهُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ وَ فَضَّلْنٰهُمْ
۽ ڪارايون سون انهن کي سنيون شيون ۽ ڀلائي ڏني سون انهن کي

عَلٰى كَثِيْرٍ مِّمَّنْ خَلَقْنَا تَفْضِيْلًا ﴿٧٠﴾ يَوْمَ نَدْعُوْا كُلَّ اُنَاسٍۭ
پنهنجيءَ ڪيتريءَ مخلوق تي گهڻي ﭘﻼئي. ❶ جنهن ڏينهن سڏينداسون هر ٽولي کي

بِاِمَامِهِمْ ۚ فَمَنْ اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ بِيَمِيْنِهٖ فَاُولٰٓئِكَ
سندن اڳواڻ سان گڏ، ❷ پوءِ جنهن کي ٻه ڏنو ويو سندس عمل نامو ساڄي هٿ ۾ پوءِ اهي

يَقْرَءُوْنَ كِتٰبَهُمْ وَ لَا يُظْلَمُوْنَ فَتِيْلًا ﴿٧١﴾ وَ مَنْ كَانَ
پڙهندا پنهنجو عمل نامو ۽ نه ظلم ڪيا ويندا تند جيترو. ۽ جيڪو ٿيندو

فِيْ هٰذِهٖٓ اَعْمٰى فَهُوَ فِي الْاٰخِرَةِ اَعْمٰى وَ اَضَلُّ سَبِيْلًا ﴿٧٢﴾ وَ
هن دنيا ۾ انڌو سو آخرت ۾ به انڌو هوندو ۽ ڀُليل رستي کان. ۽

اِنْ كَادُوْا لَيَفْتِنُوْنَكَ عَنِ الَّذِيْٓ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ لِتَفْتَرِيَ
اهي برغلائن پيا توکي انهيءَ کان جو اسان وحي ڪيو هئو توڏانهن جيئن تون ناهين

عَلَيْنَا غَيْرَهٗ ۖ ۗ وَ اِذًا لَّاتَّخَذُوْكَ خَلِيْلًا ﴿٧٣﴾ وَ لَوْ لَآ
اسان تي ڪا ٻي ڳالهه ❸ ۽ انهيءَ مهل بڻائن ها توکي گهاٽو دوست. ۽ جيڪڏهن نه هجي ها

اَنْ ثَبَّتْنٰكَ لَقَدْ كِدْتَّ تَرْكَنُ اِلَيْهِمْ شَيْـًٔا قَلِيْلًا ﴿٧٤﴾ ۙ
اسان جو پختو رکڻ توکي ته ويجهو هُئين تون جو لاڙو ڪرين ها انهن ڏانهن ٿورڙو.

اِذًا لَّاَذَقْنٰكَ ضِعْفَ الْحَيٰوةِ وَ ضِعْفَ الْمَمَاتِ ثُمَّ لَا
ان ئي مهل چکايون ها توکي ٻيڻو حياتيءَ ۾ ۽ ٻيڻو موت ۾ پوءِ نه

تَجِدُ لَكَ عَلَيْنَا نَصِيْرًا ﴿٧٥﴾ وَ اِنْ كَادُوْا لَيَسْتَفِزُّوْنَكَ مِنَ الْاَرْضِ
لهين ها پاڻ لاءِ اسان تي ڪو مددگار. ۽ اهي هلڪڙو ڪرڻ پيا چاهين توکي زمين ۾

لِيُخْرِجُوْكَ مِنْهَا وَ اِذًا لَّا يَلْبَثُوْنَ خِلٰفَكَ اِلَّا
جيئن ڪڍي ڇڏين توکي اتان ۽ تنهن وقت اهي پاڻ ئي نه رهن ها توکان پوءِ مگر

قَلِيْلًا ﴿٧٦﴾ سُنَّةَ مَنْ قَدْ اَرْسَلْنَا قَبْلَكَ مِنْ رُّسُلِنَا
ٿورو. اهو طريقو انهن جو آهي جن کي موڪليو سون توکان اڳي پنهنجن رسولن مان

ع ٨ ٨

وَ لَا تَجِدُ لِسُنَّتِنَا تَحْوِيْلًا ﴿٧٧﴾ ع اَقِمِ الصَّلٰوةَ لِدُلُوْكِ الشَّمْسِ

۽ نہ لهندين تون اسان جي دستور ۾ ڪوئي ڦيرو. قائم ڪر نماز کي سِج لڙڻ سان ❶

اِلٰى غَسَقِ الَّيْلِ وَ قُرْاٰنَ الْفَجْرِ ؕ اِنَّ قُرْاٰنَ الْفَجْرِ كَانَ

رات جي اونده تائين ۽ قرآن پڙهڻ کي صُبح جو، بيشڪ قرآن پڙهڻ صبح جو آهي

مَشْهُوْدًا ﴿٧٨﴾ وَ مِنَ الَّيْلِ فَتَهَجَّدْ بِهٖ نَافِلَةً لَّكَ ۖ ق

حاضري ڏنل.❷ ۽ ڪجھ رات جو پوءِ اوجاڳو ڪر انهيءَ سان، نفل طور پنهنجي لاءِ

عَسٰۤى اَنْ يَّبْعَثَكَ رَبُّكَ مَقَامًا مَّحْمُوْدًا ﴿٧٩﴾ وَ قُلْ رَّبِّ

اجهو اُٿاريندو توکي تنهنجو پروردگار مقام محمود ۾.❸ ۽ چؤ منهنجا رب

اَدْخِلْنِيْ مُدْخَلَ صِدْقٍ وَّ اَخْرِجْنِيْ مُخْرَجَ صِدْقٍ وَّ

مون کي داخل ڪر سچي طرح ❹ ۽ ٻاهر ڪڍ مون کي سچي طرح ۽

اجْعَلْ لِّيْ مِنْ لَّدُنْكَ سُلْطٰنًا نَّصِيْرًا ﴿٨٠﴾ وَ قُلْ جَآءَ الْحَقُّ

ڪر منهنجي لاءِ پنهنجي طرفان حڪومت مدد ڪندڙ. ۽ چؤ آيو سچ

وَ زَهَقَ الْبَاطِلُ ؕ اِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوْقًا ﴿٨١﴾ وَ نُنَزِّلُ

۽ ويو ڪوڙ، بيشڪ باطل ٿيو برباد. ۽ نازل ڪريون ٿا

مِنَ الْقُرْاٰنِ مَا هُوَ شِفَآءٌ وَّ رَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ۙ وَ لَا يَزِيْدُ

اهو قرآن جو شفاء آهي ۽ رحمت آهي مؤمنن لاءِ ۽ نہ ٿو وڌائي

الظّٰلِمِيْنَ اِلَّا خَسَارًا ﴿٨٢﴾ وَ اِذَاۤ اَنْعَمْنَا عَلَى الْاِنْسَانِ اَعْرَضَ

ظالمن تي مگر خسارو. ۽ جڏهن نعمت ڪريون ٿا انسان تي تہ منهن ٿو موڙي ❺

وَ نَاٰ بِجَانِبِهٖ ۚ وَ اِذَا مَسَّهُ الشَّرُّ كَانَ يَـُٔوْسًا ﴿٨٣﴾ قُلْ

۽ ڦيري ٿو پنهنجو پاسو، ۽ جڏهن پهچي ٿي ان کي برائي ٿئي ٿو مايوس. تون چؤ

كُلٌّ يَّعْمَلُ عَلٰى شَاكِلَتِهٖ ؕ فَرَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِمَنْ

سڀ ڪو ڪم ڪري ٿو پنهنجي ڊول تي، پوءِ رب توهان جو گھڻو ڄاڻندڙ آهي انهيءَ کي

ع ۹

هُوَ اَهْدٰى سَبِيْلًا ﴿۸۴﴾ وَ يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الرُّوْحِ ؕ قُلِ

جيڪو وڌيڪ وٺندڙ آهي رستي کي. ۽ سوال ٿا ڪن توکان روح بابت، چؤ

الرُّوْحُ مِنْ اَمْرِ رَبِّيْ وَ مَآ اُوْتِيْتُمْ مِّنَ الْعِلْمِ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿۸۵﴾

روح آهي منهنجي رب جو امر ۽ (1) نه ڏنا ويا آهيو اوهين علم مگر ٿورو.

وَ لَئِنْ شِئْنَا لَنَذْهَبَنَّ بِالَّذِيْٓ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ

۽ جيڪڏهن اسان گهرون ته نيئون ان شيءِ کي جا وحي ڪئي اٿئون توڏانهن

ثُمَّ لَا تَجِدُ لَكَ بِهٖ عَلَيْنَا وَكِيْلًا ﴿۸۶﴾ اِلَّا رَحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ ؕ

پوءِ نه لهندين پنهنجي لاءِ اسان جي مٿان پرجهلو. مگر رحمت پنهنجي رب جي؛

اِنَّ فَضْلَهٗ كَانَ عَلَيْكَ كَبِيْرًا ﴿۸۷﴾ قُلْ لَّئِنِ اجْتَمَعَتِ

بيشڪ مهرباني انهيءَ جي آهي توتي وڏي. چؤ يقينن جيڪڏهن گڏ ٿين

الْاِنْسُ وَ الْجِنُّ عَلٰٓى اَنْ يَّاْتُوْا بِمِثْلِ هٰذَا الْقُرْاٰنِ لَا يَاْتُوْنَ

انسان ۽ جن هن تي ته آڻين اهڙو قرآن ته هرگز نه آڻيندا

بِمِثْلِهٖ وَلَوْ كَانَ بَعْضُهُمْ لِبَعْضٍ ظَهِيْرًا ﴿۸۸﴾ وَ لَقَدْ صَرَّفْنَا

اهڙو قرآن (2) توڙي جو هجن هڪ ٻئي جا مددگار. ۽ اسان ٿي دهرايا آهن

لِلنَّاسِ فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ ۫ فَاَبٰٓى اَكْثَرُ النَّاسِ

ماڻهن لاءِ هن قرآن ۾ سڀ مثال پر نه رهيا اڪثر ماڻهو

اِلَّا كُفُوْرًا ﴿۸۹﴾ وَ قَالُوْا لَنْ نُّؤْمِنَ لَكَ حَتّٰى تَفْجُرَ لَنَا

انڪار ڪرڻ کان. ۽ چيائون نه مڃينداسون توکي جيستائين وهائين اسان لاءِ

مِنَ الْاَرْضِ يَنْۢبُوْعًا ﴿۹۰﴾ اَوْ تَكُوْنَ لَكَ جَنَّةٌ مِّنْ نَّخِيْلٍ وَّ

ڌرتي مان چشمو. يا ٿئي تنهنجي لاءِ باغ کجين ۽

عِنَبٍ فَتُفَجِّرَ الْاَنْهٰرَ خِلٰلَهَا تَفْجِيْرًا ﴿۹۱﴾ اَوْ تُسْقِطَ السَّمَآءَ

انگورن جو پوءِ ڪڍين واهيون انهيءَ وچان وهائي. يا ڪيرائين آسمان کي

كَمَا زَعَمۡتَ عَلَيۡنَا كِسَفًا اَوۡ تَاۡتِيَ بِاللّٰهِ وَ الۡمَلٰٓئِكَةِ قَبِيۡلًا ﴿٩٢﴾

جيئن چوندو آهين اسان تي ٽڪرا ڪري يا آڻين الله کي ۽ ملائڪن کي روبرو.

اَوۡ يَكُوۡنَ لَكَ بَيۡتٌ مِّنۡ زُخۡرُفٍ اَوۡ تَرۡقٰى فِي السَّمَآءِ ؕ

يا ٿئي وجي تو لاءِ هڪ گهر سون سان سينگاريل يا تون چڙهين آسمان تي،

وَ لَنۡ نُّؤۡمِنَ لِرُقِيِّكَ حَتّٰى تُنَزِّلَ عَلَيۡنَا كِتٰبًا

۽ نه مڃينداسون تنهنجي چڙهڻ کي جيستائين لاهي آڻين اسان تي ڪتاب

نَّقۡرَؤُهٗ ؕ قُلۡ سُبۡحٰنَ رَبِّيۡ هَلۡ كُنۡتُ اِلَّا

جنهن کي اسين پڙهون، تون چؤ پاڪائي منهنجي رب جي نه آهيان آءٌ مگر

بَشَرًا رَّسُوۡلًا ﴿٩٣﴾ ع وَ مَا مَنَعَ النَّاسَ اَنۡ يُّؤۡمِنُوۡۤا اِذۡ جَآءَهُمُ

هڪ انسان رسول. ❶ ۽ نه جهليو ماڻهن کي ايمان آڻڻ کان جڏهن آئي انهن وٽ

الۡهُدٰٓى اِلَّاۤ اَنۡ قَالُوۡۤا اَبَعَثَ اللّٰهُ بَشَرًا رَّسُوۡلًا ﴿٩٤﴾

هدايت مگر هن ڳالهه جو چوڻ لڳا ڇا يلا موڪليو آهي الله آدمي کي رسول ڪري. ❷

قُلۡ لَّوۡ كَانَ فِي الۡاَرۡضِ مَلٰٓئِكَةٌ يَّمۡشُوۡنَ مُطۡمَئِنِّيۡنَ

تون چؤ جيڪڏهن هجن ها ڌرتيءَ تي ملائڪ جيڪي گهمن ها آرام سان

لَنَزَّلۡنَا عَلَيۡهِمۡ مِّنَ السَّمَآءِ مَلَكًا رَّسُوۡلًا ﴿٩٥﴾ قُلۡ كَفٰى

ته موڪليون ها انهن تي آسمان مان مَلَڪَ کي رسول ڪري. ❸ چؤ ته ڪافي آهي

بِاللّٰهِ شَهِيۡدًۢا بَيۡنِيۡ وَ بَيۡنَكُمۡ ؕ اِنَّهٗ كَانَ بِعِبَادِهٖ

الله شاهد منهنجي ۽ توهان جي وچ ۾، بيشڪ اهو آهي پنهنجن ٻانهن جي

خَبِيۡرًۢا بَصِيۡرًا ﴿٩٦﴾ وَ مَنۡ يَّهۡدِ اللّٰهُ فَهُوَ الۡمُهۡتَدِ ۚ وَ مَنۡ

خبر رکندڙ نظر رکندڙ. ۽ جنهن کي الله راهه ونائي پوءِ اهو آهي هدايت وارو، ۽ جنهن کي

يُّضۡلِلۡ فَلَنۡ تَجِدَ لَهُمۡ اَوۡلِيَآءَ مِنۡ دُوۡنِهٖ ؕ وَ

گمراهه ڪري پوءِ نه لهندين تون انهن لاءِ ڪوئي دوست الله کان سواءِ ۽

نَحْشُرُهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ عَلٰى وُجُوْهِهِمْ عُمْيًا وَّ بُكْمًا وَّ

أٗٿاريندا سون انهن کي قيامت ڏينهن سندن منهن ڀر (١) انڌو ۽ ٻوڙو ۽

صُمًّا ؕ مَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ؕ كُلَّمَا خَبَتْ زِدْنٰهُمْ

گونگو ڪري، جاءِ انهن جي جهنم آهي، جڏهن به جهڪو ٿيندو ته ڀڙڪائيندا سون انهن تي

سَعِيْرًا ﴿٩٧﴾ ذٰلِكَ جَزَآؤُهُمْ بِاَنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِنَا وَ

باهه ڪي. اها انهن جي سزا آهي جو اهي انڪار ڪندا هئا اسان جي آيتن جو ۽

قَالُوْٓا ءَ اِذَا كُنَّا عِظَامًا وَّرُفَاتًا ءَ اِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ

چوندا هئا ڇا جڏهن اسان ٿينداسون هڏا ذرا ذرا ڇا اسان أٗٿاريا ويندا سون

خَلْقًا جَدِيْدًا ﴿٩٨﴾ اَوَ لَمْ يَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ الَّذِيْ خَلَقَ

پيدا ٿي نئين سر. ڇا نه ڏٺو اٿن ته الله اهو آهي جنهن پيدا ڪيو

السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ قَادِرٌ عَلٰٓى اَنْ يَّخْلُقَ مِثْلَهُمْ وَ جَعَلَ

آسمانن ۽ زمين کي قادر آهي جو پيدا ڪري انهن جهڙا ٻيا ۽ ڪري

لَهُمْ اَجَلًا لَّا رَيْبَ فِيْهِ ؕ فَاَبَى الظّٰلِمُوْنَ اِلَّا كُفُوْرًا ﴿٩٩﴾

انهن لاءِ هڪ وقت جنهن ۾ شڪ ناهي، پوءِ انڪار ڪيو ظالمن رڳو بي شڪر ٿي.

قُلْ لَّوْ اَنْتُمْ تَمْلِكُوْنَ خَزَآئِنَ رَحْمَةِ رَبِّيْٓ اِذًا

چؤ جيڪڏهن توهان مالڪ هجو ها منهنجي رب جي رحمت جي خزانن جا ته

لَّاَمْسَكْتُمْ خَشْيَةَ الْاِنْفَاقِ ؕ وَ كَانَ الْاِنْسَانُ قَتُوْرًا ﴿١٠٠﴾ ع وَ

ضرور بند رکو ها ڪپائي ڇڏڻ جي خوف کان، ۽ آهي انسان تنگ دل. ۽

لَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسٰى تِسْعَ اٰيٰتٍۭ بَيِّنٰتٍ فَسْئَلْ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اِذْ

اسان ڏنيون موسيٰ کي نَوَ نشانيون چٽيون پوءِ تون پُڇ بني اسرائيل کان جڏهن

جَآءَهُمْ فَقَالَ لَهٗ فِرْعَوْنُ اِنِّيْ لَاَظُنُّكَ يٰمُوْسٰى

اهو آيو انهن وٽ ته چيو انهيءَ کي فرعون آءٌ ڀانيان ٿو توکي اي موسيٰ

النصف ع ١١

مَسْحُوْرًا ﴿١٠١﴾ قَالَ لَقَدْ عَلِمْتَ مَآ اَنْزَلَ هٰٓؤُلَآءِ اِلَّا رَبُّ

جادو ڪيل. فرمايائين تون ڄاڻي ٿو تہ نہ لاٿيون آهن هي نشانيون مگر رب

السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ بَصَآىِٕرَ ۚ وَ اِنِّیْ لَاَظُنُّكَ یٰفِرْعَوْنُ

آسمانن ۽ زمين جي ظاهر دليل ڪري ۽ آءٌ سمجهان ٿو توکي اي فرعون

مَثْبُوْرًا ﴿١٠٢﴾ فَاَرَادَ اَنْ یَّسْتَفِزَّهُمْ مِّنَ الْاَرْضِ

تباهہ ٿيندين. پوءِ ارادو ڪيائين تہ پريشان ڪري انهن کي ① ملڪ ۾

فَاَغْرَقْنٰهُ وَ مَنْ مَّعَهٗ جَمِیْعًا ﴿١٠٣﴾ ۙ وَّ قُلْنَا مِنْۢ بَعْدِهٖ

پوءِ ٻوڙيوسون ان کي ۽ جيڪي انهيءَ سان گڏ هئا سمورا. ۽ چيوسون ان کان بعد

لِبَنِیْۤ اِسْرَآءِیْلَ اسْكُنُوا الْاَرْضَ فَاِذَا جَآءَ وَعْدُ الْاٰخِرَةِ

بني اسرائيل کي توهان رهو ملڪ ۾ پوءِ جڏهن ايندو وعدو آخرت جو

جِئْنَا بِكُمْ لَفِیْفًا ﴿١٠٤﴾ ؕ وَ بِالْحَقِّ اَنْزَلْنٰهُ وَ بِالْحَقِّ نَزَلَ ؕ

آڻينداسون توهان کي گڏي سڏي. ۽ حق سان نازل ڪيوسون قرآن کي ۽ حق سان لٿو،

وَ مَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا مُبَشِّرًا وَّ نَذِیْرًا ﴿١٠٥﴾ ۘ وَ قُرْاٰنًا فَرَقْنٰهُ

۽ نہ موڪليوسون توکي مگر خوشخبري ڏيندڙ ۽ خوف ٻڌائيندڙ. ۽ قرآن کي ڌار ڌار ڪيوسون

وقف لازم

لِتَقْرَاَهٗ عَلَى النَّاسِ عَلٰی مُكْثٍ وَّ نَزَّلْنٰهُ تَنْزِیْلًا ﴿١٠٦﴾

جيئن تون پڙهين اهو ماڻهن تي دير سان ۽ نازل ڪيوسون انهي کي درجي بدرجي.

قُلْ اٰمِنُوْا بِهٖۤ اَوْ لَا تُؤْمِنُوْا ؕ اِنَّ الَّذِیْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ

چؤ توهان مڃيو ان کي يا نہ مڃيو، بيشڪ جن کي ڏنو ويو آهي علمُ

مِنْ قَبْلِهٖۤ اِذَا یُتْلٰی عَلَیْهِمْ یَخِرُّوْنَ لِلْاَذْقَانِ

انهيءَ کان اڳ ۾ جڏهن تلاوت ڪئي وڃي ٿي انهن تي تہ ڪِري پوندا آهن منهن ڀر ②

سُجَّدًا ﴿١٠٧﴾ ۙ وَّ یَقُوْلُوْنَ سُبْحٰنَ رَبِّنَاۤ اِنْ كَانَ وَعْدُ

سجدي ۾. ۽ چوندا آهن پاڪ آهي اسان جو پروردگار بيشڪ آهي وعدو

رَبِّنَا لَمَفْعُوْلًا ﴿١٠٨﴾ وَ يَخِرُّوْنَ لِلْاَذْقَانِ يَبْكُوْنَ وَ يَزِيْدُهُمْ

اسان جي رب جو پورو ٿيل. ۽ ڪِرندا آهن ڪاڏين ڀر روئندي ۽ وڌائي ٿو انهن جي

خُشُوْعًا ﴿١٠٩﴾ السجدة قُلِ ادْعُوا اللّٰهَ اَوِ ادْعُوا الرَّحْمٰنَ ؕ اَيًّا مَّا تَدْعُوْا

عاجزي ڪي. چؤ سڏيو الله کي يا سڏيو رحمان کي، جيئن ٻه سڏيو

فَلَهُ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى ۚ وَ لَا تَجْهَرْ بِصَلَاتِكَ وَ لَا

پوءِ انهيءَ جا سڀ نالا سهڻا آهن، ۽ نه ڏاڍيان پڙهه پنهنجي نماز ۽ نه

تُخَافِتْ بِهَا وَ ابْتَغِ بَيْنَ ذٰلِكَ سَبِيْلًا ﴿١١٠﴾ وَقُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ

هوريان پڙهه اِها ۽ وَٺُ وچٿرو رستو. ❶ ۽ سڀ تعريفون الله جون آهن

الَّذِيْ لَمْ يَتَّخِذْ وَلَدًا وَّ لَمْ يَكُنْ لَّهٗ شَرِيْكٌ فِي الْمُلْكِ وَ

جو نه ٺوڪري اولاد ۽ ناهي ان جو ڪو شريڪ ملڪ ۾ ۽

لَمْ يَكُنْ لَّهٗ وَلِيٌّ مِّنَ الذُّلِّ وَ كَبِّرْهُ تَكْبِيْرًا ﴿١١١﴾ ع

ناهي ان جو ڪوئي مددگار ڪمزوري ڪان ۽ وڏائي بيان ڪر انهيءَ جي تمام وڏو جاڻي.

سُوْرَةُ الْكَهْفِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مِائَةٌ وَّعَشْرُ اٰيَاتٍ وَّاثْنَا عَشَرَ رُكُوْعًا

سورت ڪهف مڪي آهي ۽ اها هڪ سؤ ڏهه آيتون ۽ ٻارهن رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْۤ اَنْزَلَ عَلٰى عَبْدِهِ الْكِتٰبَ وَ لَمْ

سڀ تعريف الله لاءِ آهي ❷ جنهن نازل ڪيو پنهنجي ٻانهي تي ڪتاب ۽ نه

يَجْعَلْ لَّهٗ عِوَجًا ﴿١﴾ سكتة قَيِّمًا لِّيُنْذِرَ بَاْسًا شَدِيْدًا مِّنْ لَّدُنْهُ

ڪيائين ان ۾ ڪو وِڪڙ. ❸ بالڪل سڌو جيئن ڊيڄاري عذاب سخت کان پنهنجي طرفان

وَ يُبَشِّرَ الْمُؤْمِنِيْنَ الَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ الصّٰلِحٰتِ اَنَّ لَهُمْ

۽ خوشخبري ڏئي ايمان وارن کي جيڪي ڪندا آهن چڱا ڪم ته انهن لاءِ آهي

اَجۡرًا حَسَنًا ﴿۲﴾ مّٰاکِثِیۡنَ فِیۡهِ اَبَدًا ﴿۳﴾ وَّ یُنۡذِرَ الَّذِیۡنَ قَالُوا

اجر سُنو. ٽِڪندا ان ۾ هميشه. ۽ خوف ڏياري انهن کي جن چيو

اتَّخَذَ اللّٰهُ وَلَدًا ﴿۴﴾ مَا لَهُمۡ بِهٖ مِنۡ عِلۡمٍ وَّ لَا

تہ ورتو آهي الله پٽ. ڪانهي انهن کي ان جي ڪا خبر ۽ نکي

لِاٰبَآئِهِمۡ ؕ کَبُرَتۡ کَلِمَةً تَخۡرُجُ مِنۡ اَفۡوَاهِهِمۡ ؕ اِنۡ یَّقُوۡلُوۡنَ

سندن ابن ڏاڏن کي، وڏي آهي ❶ اها ڳالهہ جا نڪري ٿي انهن جي واتن مان، نہ ٿا ڳالهائن

اِلَّا کَذِبًا ﴿۵﴾ فَلَعَلَّكَ بَاخِعٌ نَّفۡسَكَ عَلٰۤی اٰثَارِهِمۡ اِنۡ

مگر ڪوڙ. سو شايد تون هلاڪ ڪندين پنهنجي سرکي انهن جي پٺيان ❷ جيڪڏهن

لَّمۡ یُؤۡمِنُوۡا بِهٰذَا الۡحَدِیۡثِ اَسَفًا ﴿۶﴾ اِنَّا جَعَلۡنَا مَا

اهي نہ مڃين هن ڳالهہ کي ارمان ڪندي. اسان بڻايو سون ان کي

عَلَی الۡاَرۡضِ زِیۡنَةً لَّهَا لِنَبۡلُوَهُمۡ اَیُّهُمۡ اَحۡسَنُ عَمَلًا ﴿۷﴾

جيڪي ڌرتي مٿان آهي سينگار ان جو جيئن آزمايون انهن کي تہ ڪهڙا آهن نيڪوڪار. ❸

وَ اِنَّا لَجٰعِلُوۡنَ مَا عَلَیۡهَا صَعِیۡدًا جُرُزًا ﴿۸﴾ ؕ اَمۡ حَسِبۡتَ

۽ اسان ئي ڪندڙ آهيون جيڪي انهيءَ تي آهي ميدان صاف. ڇا تو سمجهيو آهي

اَنَّ اَصۡحٰبَ الۡکَهۡفِ وَ الرَّقِیۡمِ ۙ کَانُوۡا مِنۡ اٰیٰتِنَا عَجَبًا ﴿۹﴾ ❺ اِذۡ

تہ صاحبَ غار جا ۽ رقيم وارا ❹ اسان جي قدرتن مان عجيب آهن. جڏهن

اَوَی الۡفِتۡیَةُ اِلَی الۡکَهۡفِ فَقَالُوۡا رَبَّنَاۤ اٰتِنَا

پناهہ ورتي جوانن ڇُرَ ۾ پوءِ چيائون اي رب اسان جا ڪر اسان تي

مِنۡ لَّدُنۡكَ رَحۡمَةً وَّ هَیِّئۡ لَنَا مِنۡ اَمۡرِنَا رَشَدًا ﴿۱۰﴾ فَضَرَبۡنَا

پنهنجي طرفان ٻاجهہ ۽ تيار ڪر اسان لاءِ اسان جي ڪم ۾ آساني. پوءِ هنياسون

عَلٰۤی اٰذَانِهِمۡ فِی الۡکَهۡفِ سِنِیۡنَ عَدَدًا ﴿۱۱﴾ ۙ ثُمَّ بَعَثۡنٰهُمۡ

انهن جي ڪنن تي پردا غار ۾ ❻ ڪيترائي سال. پوءِ اُٿاريوسون انهن کي

لِنَعۡلَمَ اَیُّ الۡحِزۡبَیۡنِ اَحۡصٰی لِمَا لَبِثُوۡۤا اَمَدًا ﴿۱۲﴾ نَحۡنُ
جيئن ڄاڻون تہ ٻن ٽولن مان ڪهڙي ڳڻيو آهي پنهنجي رهڻ جو وقت. ❶ اسان

نَقُصُّ عَلَیۡکَ نَبَاَہُمۡ بِالۡحَقِّ ؕ اِنَّہُمۡ فِتۡیَۃٌ اٰمَنُوۡا
بڌايون ٿا توکي خبر انهن جي پوري؛ تہ اهي اهڙا جوان هئا جن ايمان آندو هئو

بِرَبِّہِمۡ وَ زِدۡنٰہُمۡ ہُدًی ﴿۱۳﴾ ۖۙ وَّ رَبَطۡنَا
پنهنجي پالڻهار تي ۽ اسان وڌائي هئي انهن جي سمجهہ ۽ ڏاڍو ڪيوسون

عَلٰی قُلُوۡبِہِمۡ اِذۡ قَامُوۡا فَقَالُوۡا رَبُّنَا رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَ
انهن جي دلين کي ❷ جڏهن اٿيا تہ چيائون اسان جو رب آهي رب آسمانن ۽

الۡاَرۡضِ لَنۡ نَّدۡعُوَا۠ مِنۡ دُوۡنِہٖۤ اِلٰـہًا لَّقَدۡ قُلۡنَاۤ اِذًا
زمين جو هرگز نہ سڏينداسون انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڏِٽي نہ تہ ڳالهايوسون تڏهن

شَطَطًا ﴿۱۴﴾ ہٰۤـؤُلَآءِ قَوۡمُنَا اتَّخَذُوۡا مِنۡ دُوۡنِہٖۤ اٰلِـہَۃً ؕ لَوۡ لَا
عقل کان پري. اها اسان جي قوم آهي جن بنايا الله کان سواءِ ٻيا خدا؛ ڇو نہ

یَاۡتُوۡنَ عَلَیۡہِمۡ بِسُلۡطٰنٍۭ بَیِّنٍ ؕ فَمَنۡ اَظۡلَمُ مِمَّنِ افۡتَرٰی
ٿا آڻين انهن تي ڪو دليل پڌرو، پوءِ ڪير وڏيڪ ظالم آهي ان کان جيڪو ناهي

عَلَی اللّٰہِ کَذِبًا ﴿۱۵﴾ ؕ وَ اِذِ اعۡتَزَلۡتُمُوۡہُمۡ وَ مَا یَعۡبُدُوۡنَ
الله تي ڪوڙ. ۽ جڏهن پاسيرا ٿيا آهيو انهن کان ۽ جن جي عبادت ڪن ٿا

اِلَّا اللّٰہَ فَاۡ وٗۤا اِلَی الۡکَہۡفِ یَنۡشُرۡ لَکُمۡ رَبُّکُمۡ
الله کان سواءِ پوءِ هلي ويهو غار ۾ ❸ تہ پکيڙيندو توهان لاءِ توهان جو رب

مِّنۡ رَّحۡمَتِہٖ وَ یُہَیِّیٴۡ لَکُمۡ مِّنۡ اَمۡرِکُمۡ مِّرۡفَقًا ﴿۱۶﴾ وَ تَرَی
پنهنجي رحمت ۽ تيار ڪندو توهان لاءِ توهان جي ڪم ۾ آساني. ۽ تون ڏسندين

الشَّمۡسَ اِذَا طَلَعَتۡ تَّزٰوَرُ عَنۡ کَہۡفِہِمۡ ذَاتَ الۡیَمِیۡنِ وَ
سج کي جڏهن اڀري ٿو تہ لڙي ٿو انهن جي غار کان طرف ساڄي ❹ ۽

اِذَا غَرَبَتْ تَّقْرِضُهُمْ ذَاتَ الشِّمَالِ وَ هُمْ فِيْ فَجْوَةٍ مِّنْهُ ؕ

جڏهن لهي ٿو تہ ڪتري ٿو انهن کي طرف کابي ١ ۽ اهي آهن اگهڙ ۾ ان جي،

ذٰلِكَ مِنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ ؕ مَنْ يَّهْدِ اللّٰهُ فَهُوَ الْمُهْتَدِ ج

اهو نظارو الله جي قدرتن مان آهي، جنهن کي هدايت ڪري الله تہ اهو هدايت وارو آهي،

ع ٥ ١٤ وَ مَنْ يُّضْلِلْ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ وَلِيًّا مُّرْشِدًا ﴿١٧﴾ وَ

۽ جنهن کي گمراهہ ڪري تہ نہ لهندين تون ان جو ڪوئي ساٿي رهبر. ۽

تَحْسَبُهُمْ اَيْقَاظًا وَّ هُمْ رُقُوْدٌ ۖۗ وَّ نُقَلِّبُهُمْ ذَاتَ

تون سمجهندين انهن کي جاڳندڙ هوڏانهن اهي سُتل آهن ۽ اٿلايون ٿا انهن کي طرف

الْيَمِيْنِ وَ ذَاتَ الشِّمَالِ ۖۗ وَ كَلْبُهُمْ بَاسِطٌ ذِرَاعَيْهِ

ساڄي ۽ طرف کابي ۽ سندن ڪتو پٽاريون وينو آهي پنهنجون دستيون

بِالْوَصِيْدِ ؕ لَوِ اطَّلَعْتَ عَلَيْهِمْ لَوَلَّيْتَ مِنْهُمْ فِرَارًا وَّ

دَر تي ٢ جي تون ليئو پائين انهن ڏانهن تہ پُٺي ڏئي ڀڄين انهن کان ۽

لَمُلِئْتَ مِنْهُمْ رُعْبًا ﴿١٨﴾ وَ كَذٰلِكَ بَعَثْنٰهُمْ لِيَتَسَآءَلُوْا

ڀرجي وڃين انهن کان دهشت ۾ ٣ ۽ ائين ئي اُٿاريوسون انهن کي جيئن پُڇا ڳاڇا ڪن

بَيْنَهُمْ ؕ قَالَ قَآئِلٌ مِّنْهُمْ كَمْ لَبِثْتُمْ ؕ قَالُوْا لَبِثْنَا يَوْمًا

پاڻ ۾، ڳالهايو هڪڙي انهن مان ڪيترو ٽڪيا آهيو، چيائون ٽڪيا آهيون ڏينهن

اَوْ بَعْضَ يَوْمٍ ؕ قَالُوْا رَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِمَا لَبِثْتُمْ ؕ

يا حصو ڏينهن جو، چيائون رب توهان جو وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي جيترو رهيا آهيو،

فَابْعَثُوْٓا اَحَدَكُمْ بِوَرِقِكُمْ هٰذِهٖٓ اِلَى الْمَدِيْنَةِ فَلْيَنْظُرْ

پوءِ موڪليو پاڻ مان هڪڙي کي پنهنجي سِڪّي هِن سان شهر ڏانهن پوءِ ڏسي

اَيُّهَآ اَزْكٰى طَعَامًا فَلْيَاْتِكُمْ بِرِزْقٍ مِّنْهُ وَ لْيَتَلَطَّفْ وَ

تہ ڪهڙو آهي پاڪ کاڌو پوءِ آڻي توهان لاءِ کاڌو ان مان ۽ سوچي ڪم ڪري ۽

نصف القرآن بعد الحروف الی حرف التاء من کلمة ولیتلطف

لَا يُشْعِرَنَّ بِكُمْ اَحَدًا ۝١٩ اِنَّهُمْ اِنْ يَّظْهَرُوْا عَلَيْكُمْ

نہ پتو ڏئي توهان جو ڪنهين کي. ❶ اهي جيڪڏهن واقف ٿيندا توهان تي

يَرْجُمُوْكُمْ اَوْ يُعِيْدُوْكُمْ فِيْ مِلَّتِهِمْ وَ لَنْ تُفْلِحُوْٓا

تہ پٿر هڻندا توهان کي يا موٽائيندا توهان کي پنهنجي مذهب ۾ ۽ هرگز نہ ڇٽي سگهندؤ

اِذًا اَبَدًا ۝٢٠ وَ كَذٰلِكَ اَعْثَرْنَا عَلَيْهِمْ لِيَعْلَمُوْٓا

تنهن وقت ڪڏهن بہ. ❷ ۽ اهڙي طرح واقف ڪرايوسون انهن تي جيئن ماڻهو ڄاڻن

اَنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّ اَنَّ السَّاعَةَ لَا رَيْبَ فِيْهَا ۚ اِذْ

تہ وعدو الله جو سچو آهي ۽ بيشڪ قيامت ❸ ناهي ڪو شڪ ان ۾ جڏهن

يَتَنَازَعُوْنَ بَيْنَهُمْ اَمْرَهُمْ فَقَالُوا ابْنُوْا عَلَيْهِمْ بُنْيَانًا ؕ

ماڻهو جهڳڙو پيا ڪن پاڻ ۾ پنهنجي ڳالهہ تي پوءِ چيائون اڏيو انهن تي ڪا جاءِ،

رَبُّهُمْ اَعْلَمُ بِهِمْ ؕ قَالَ الَّذِيْنَ غَلَبُوْا عَلٰٓى اَمْرِهِمْ

انهن جو رب وڌيڪ ڄاڻي ٿو انهن کي، چيو جيڪي اڳرا هئا پنهنجي ڪم ۾

لَنَتَّخِذَنَّ عَلَيْهِمْ مَّسْجِدًا ۝٢١ سَيَقُوْلُوْنَ ثَلٰثَةٌ رَّابِعُهُمْ

تہ ٺاهينداسون انهن وٽ مسجد. اجهو چوندا اهي ٽي آهن چوٿون

كَلْبُهُمْ ۚ وَ يَقُوْلُوْنَ خَمْسَةٌ سَادِسُهُمْ كَلْبُهُمْ رَجْمًاۢ

انهن جو ڪتو آهي، ۽ ڪي چوندا تہ پنج آهن ڇهون انهن جو ڪتو آهي ڇُٽيندي

بِالْغَيْبِ ۚ وَ يَقُوْلُوْنَ سَبْعَةٌ وَّ ثَامِنُهُمْ كَلْبُهُمْ ؕ قُلْ

اڻ ڏٺي کي، ۽ ڪي چوندا تہ ست آهن ۽ اٺون انهن جو ڪتو آهي، ❹ تون چؤ

رَّبِّيْٓ اَعْلَمُ بِعِدَّتِهِمْ مَّا يَعْلَمُهُمْ اِلَّا قَلِيْلٌ ۝ قف

منهنجو رب بهتر ڄاڻي ٿو انهن جي عدد کي نہ ٿا ڄاڻن ڪن انهن جي مگر ٿورا،

فَلَا تُمَارِ فِيْهِمْ اِلَّا مِرَآءً ظَاهِرًا ۖ وَّ لَا تَسْتَفْتِ فِيْهِمْ

پوءِ نہ ڪر بحث انهن بابت مگر بحث متاڇرو ۽ نہ پڇا ڪر انهن جي

٣ ع ٥ ١٥

مِّنۡهُمۡ اَحَدًا ﴿٢٢﴾ وَ لَا تَقُوۡلَنَّ لِشَاۡیۡءٍ اِنِّیۡ فَاعِلٌ ذٰلِكَ غَدًا ﴿٢٣﴾

هنن مان ڪنهين ڪان. ۽ نه چئجانءِ ڪنهن ڪم لاءِ ته آءٌ ڪندس اهو سڀاڻي.

اِلَّاۤ اَنۡ یَّشَآءَ اللّٰهُ ۫ وَ اذۡكُرۡ رَّبَّكَ اِذَا نَسِیۡتَ وَ قُلۡ

مگر هي ته جي گهري الله ❶ ۽ سنيالِ پنهنجي رب کي جڏهن وسارين ۽ چئو

عَسٰۤی اَنۡ یَّهۡدِیَنِ رَبِّیۡ لِاَقۡرَبَ مِنۡ هٰذَا رَشَدًا ﴿٢٤﴾

اميد آهي ته ڏيکاريندو مون کي منهنجو رب وڌيڪ ويجهي انهيءَ کان چڱي راهه.

وَ لَبِثُوۡا فِیۡ كَهۡفِهِمۡ ثَلٰثَ مِائَةٍ سِنِیۡنَ وَ ازۡدَادُوۡا تِسۡعًا ﴿٢٥﴾ قُلِ

۽ اُهي رهيا پنهنجي غار ۾ ٽي سؤ سال ۽ وڌيڪ رهيا نَوَ ورهيه. ❷ چئو

اللّٰهُ اَعۡلَمُ بِمَا لَبِثُوۡا ۚ لَهٗ غَیۡبُ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ ؕ

الله گهڻو ڄاڻي ٿو جيترو رهيا، انهي وٽ آهي ڳجهه آسمانن ۽ زمين جو،

اَبۡصِرۡ بِهٖ وَ اَسۡمِعۡ ؕ مَا لَهُمۡ مِّنۡ دُوۡنِهٖ مِنۡ وَّلِیٍّ ۫ وَّ

اهو واهه جو ڏسي ٿو ۽ واهه جو ٻڌي ٿو، نه آهي انهن لاءِ ان کان سواءِ ڪوئي مددگار ۽

لَا یُشۡرِكُ فِیۡ حُكۡمِهٖۤ اَحَدًا ﴿٢٦﴾ وَ اتۡلُ مَاۤ اُوۡحِیَ

نه ٿو شريڪ ڪري پنهنجي حڪومت ۾ ڪنهين کي. ۽ پڙهه جيڪي وحي موڪليو ويو

اِلَیۡكَ مِنۡ كِتَابِ رَبِّكَ ؕۚ لَا مُبَدِّلَ لِكَلِمٰتِهٖ ۚ۟ وَ لَنۡ

توڏانهن تنهنجي رب جي ڪتاب مان، ناهي ڪوئي بدلائيندڙ ان جي قولن کي، ۽ هرگز نه

تَجِدَ مِنۡ دُوۡنِهٖ مُلۡتَحَدًا ﴿٢٧﴾ وَ اصۡبِرۡ نَفۡسَكَ مَعَ الَّذِیۡنَ

لهندين تون انهيءَ کان سواءِ ڪا جاءِ پناهه. ۽ بند ڪر پنهنجو پاڻ کي گڏ انهن سان

یَدۡعُوۡنَ رَبَّهُمۡ بِالۡغَدٰوةِ وَ الۡعَشِیِّ یُرِیۡدُوۡنَ وَجۡهَهٗ

جيڪي سڏين ٿا پنهنجي رب کي صبح ۽ شام چاهين ٿا انهيءَ جو رضامندو

وَ لَا تَعۡدُ عَیۡنٰكَ عَنۡهُمۡ ۚ تُرِیۡدُ زِیۡنَةَ الۡحَیٰوةِ الدُّنۡیَا ۚ وَ لَا

۽ نه ڦرن تنهنجون نگاهون انهن کان، ❸ چاهين ٿو رونق دنيا جي زندگي جي، ۽ نه

تُطِعْ مَنْ اَغْفَلْنَا قَلْبَهٗ عَنْ ذِكْرِنَا وَ اتَّبَعَ

چيو وٺ ان جو جنهن جي دل کي غافل ڪيوسون پنهنجي ذڪر کان ۽ اهو ڪڍ لڳو

هَوٰىهُ وَ كَانَ اَمْرُهٗ فُرُطًا ﴿٢٨﴾ وَ قُلِ الْحَقُّ

پنهنجي خواهش کي ۽ آهي ڪم ان جو حد کان لنگهيل. ۽ چئو ته حق آيل آهي

مِنْ رَّبِّكُمْ فَمَنْ شَآءَ فَلْيُؤْمِنْ وَّ مَنْ شَآءَ فَلْيَكْفُرْ

توهان جي رب کان، پوءِ جيڪو چاهي مڃي، ۽ جيڪو چاهي نه مڃي،

اِنَّآ اَعْتَدْنَا لِلظّٰلِمِيْنَ نَارًا اَحَاطَ بِهِمْ سُرَادِقُهَا

بيشڪ اسان تيار ڪئي آهي ظالمن لاءِ باهه ويڙهي ويندا انهن کي ان جا پردا،

وَ اِنْ يَّسْتَغِيْثُوْا يُغَاثُوْا بِمَآءٍ كَالْمُهْلِ يَشْوِي الْوُجُوْهَ

۽ جيڪڏهن رڙندا پاڻي لاءِ ته ملندن پاڻي جهڙو ٽامو پگهريل، پُچندو مُنهن کي،

بِئْسَ الشَّرَابُ وَ سَآءَتْ مُرْتَفَقًا ﴿٢٩﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

ڏاڍو بُڇڙو آهي اهو پاڻي، ۽ بري آهي جاءِ آرام جي. بيشڪ جن ايمان آندو

وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اِنَّا لَا نُضِيْعُ اَجْرَ مَنْ اَحْسَنَ عَمَلًا ﴿٣٠﴾

۽ ڪيا چڱا ڪم اسين نه وڃائيندا سون ثواب ان جو جنهن ڀلو ڪم ڪيو.

اُولٰٓئِكَ لَهُمْ جَنّٰتُ عَدْنٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهِمُ الْاَنْهٰرُ يُحَلَّوْنَ فِيْهَا

انهن لاءِ آهن باغ ٽڪڻ لاءِ وهنديون انهن هيٺان واهيون پارايا ويندا اتي

مِنْ اَسَاوِرَ مِنْ ذَهَبٍ وَّ يَلْبَسُوْنَ ثِيَابًا خُضْرًا مِّنْ سُنْدُسٍ وَّ

ڪنگڻ سون جا ۽ پهريندا ڪپڙا ساوا سنهي پَٽَ جا ۽

اِسْتَبْرَقٍ مُّتَّكِـِٕيْنَ فِيْهَا عَلَى الْاَرَآئِكِ نِعْمَ الثَّوَابُ

ٿلهي ريشم جا ٽيڪون ڏيندڙ هوندا اتي پلنگن تي، تمام ڀلو آهي بدلو،

وَ حَسُنَتْ مُرْتَفَقًا ﴿٣١﴾ وَ اضْرِبْ لَهُمْ مَّثَلًا رَّجُلَيْنِ جَعَلْنَا

۽ ڀلي آهي جاءِ آرام جي. ۽ بڌاءِ انهن کي مثال ٻن ماڻهن جو ٻ ڏناسون

لِاَحَدِهِمَا جَنَّتَيْنِ مِنْ اَعْنَابٍ وَّ حَفَفْنٰهُمَا بِنَخْلٍ

ٻنهي مان هڪڙي کي ٻه باغ انگورن جا ۽ اسان کيون چوڌاري انهن جي کجيون

وَّ جَعَلْنَا بَيْنَهُمَا زَرْعًا ﴿٣٢﴾ كِلْتَا الْجَنَّتَيْنِ اٰتَتْ اُكُلَهَا وَ لَمْ

۽ ڪئي سون ٻنهي ۾ اندر پوک. ٻنهي باغن ڏنو ڦل پنهنجو ۽ نه

تَظْلِمْ مِّنْهُ شَيْـًٔا ۙ وَّ فَجَّرْنَا خِلٰلَهُمَا نَهَرًا ﴿٣٣﴾ ۙ وَّ كَانَ لَهٗ

گهٽايائون ان مان ڪجهه به ۽ وهايوسون انهن جي وچ ۾ واهه. ۽ ٿيو ان لاءِ

ثَمَرٌ ۚ فَقَالَ لِصَاحِبِهٖ وَهُوَ يُحَاوِرُهٗۤ اَنَا اَكْثَرُ مِنْكَ

ميوو، پوءِ چيائين پنهنجي سنگتي کي جڏهن ڳالهائي پيو ان سان آءٌ گهڻو آهيان توکان

مَالًا وَّ اَعَزُّ نَفَرًا ﴿٣٤﴾ وَ دَخَلَ جَنَّتَهٗ وَهُوَ ظَالِمٌ

مال ۾ ۽ عزت وارو همراهن ۾. ۽ گهڙيو پنهنجي باغ ۾ هو ڏانهن ظلم ڪندڙ هئو

لِّنَفْسِهٖ ۚ قَالَ مَاۤ اَظُنُّ اَنْ تَبِيْدَ هٰذِهٖۤ اَبَدًا ﴿٣٥﴾ ۙ وَّ مَاۤ اَظُنُّ

پاڻ لاءِ چيائين آءٌ نه ٿو ڀانيان ته ويران ٿيندو هي باغ ڪڏهن به. ۽ نه ٿو ڀانيان

السَّاعَةَ قَآئِمَةً ۙ وَّ لَئِنْ رُّدِدْتُّ اِلٰى رَبِّىْ

ته قيامت قائم ٿيندي ۽ جيڪڏهن رجوع ڪيو ويو مون کي پنهنجي رب ڏانهن

لَاَجِدَنَّ خَيْرًا مِّنْهَا مُنْقَلَبًا ﴿٣٦﴾ قَالَ لَهٗ صَاحِبُهٗ وَهُوَ

ته ضرور لهندس ان کان بهتر جڳهه. چيو ان کي سندس ساٿيءَ جڏهن اهو

يُحَاوِرُهٗۤ اَ كَفَرْتَ بِالَّذِىْ خَلَقَكَ مِنْ تُرَابٍ ثُمَّ

ڳالهائي پيو ڇا تون منڪر ٿيو آهين انهيءَ جو جنهن پيدا ڪيو توکي مٽيءَ مان پوءِ

مِنْ نُّطْفَةٍ ثُمَّ سَوّٰىكَ رَجُلًا ﴿٣٧﴾ ؕ لٰكِنَّا۠ هُوَ اللّٰهُ رَبِّىْ

قطري مان پوءِ ٺاهيائين توکي ماڻهو. پر آءٌ چوان ٿو ته اهوئي الله منهنجو رب آهي

وَ لَاۤ اُشْرِكُ بِرَبِّىْۤ اَحَدًا ﴿٣٨﴾ وَ لَوْلَاۤ اِذْ دَخَلْتَ

۽ آءٌ نه ٿو شريڪ ڪريان پنهنجي رب سان ڪنهن کي. ۽ ڇو نه جڏهن داخل ٿئين

جَنَّتَكَ قُلْتَ مَا شَآءَ اللّٰهُ ۙ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ ۚ اِنْ

پنهنجي باغ ۾ چيئي ته جيڪي گهري الله ناهي طاقت مگر الله جي، جيڪڏهن

تَرَنِ اَنَا اَقَلَّ مِنْكَ مَالًا وَّ وَلَدًا ﴿٣٩﴾ۚ فَعَسٰى

تون ڏسين ٿو مون کي ته آءٌ گهٽ آهيان توکان مال ۽ اولاد ۾. پوءِ اميد آهي

رَبِّيْٓ اَنْ يُّؤْتِيَنِ خَيْرًا مِّنْ جَنَّتِكَ وَ يُرْسِلَ عَلَيْهَا حُسْبَانًا

ته منهنجو رب ڏئي مون کي بهتر تنهنجي باغ کان ۽ موڪلي اِنهيءَ تي ڪا آفت

مِّنَ السَّمَآءِ فَتُصْبِحَ صَعِيْدًا زَلَقًا ﴿٤٠﴾ۙ اَوْ يُصْبِحَ مَآؤُهَا غَوْرًا

آسمان مان پوءِ ٿي وڃي ميدان صاف. يا ٿي وڃي پاڻي ان جو هيٺ

فَلَنْ تَسْتَطِيْعَ لَهٗ طَلَبًا ﴿٤١﴾ وَ اُحِيْطَ بِثَمَرِهٖ فَاَصْبَحَ

پوءِ هرگز نه سگهين تون ان کي ڳولي. ۽ پئجي وئي آفت ان جي ڦل تي پوءِ صبح سان

يُقَلِّبُ كَفَّيْهِ عَلٰى مَآ اَنْفَقَ فِيْهَا وَ هِيَ خَاوِيَةٌ

مَهٽي پيو پنهنجا هٿ انهيءَ تي جو خرچ ڪيائين ان ۾ ۽ اهو اُونڌو پيو هئو

عَلٰى عُرُوْشِهَا وَ يَقُوْلُ يٰلَيْتَنِيْ لَمْ اُشْرِكْ بِرَبِّيْٓ

پنهنجي پيهن تي ۽ چوي پيو هاءِ افسوس نه شريڪ ڪريان ها پنهنجي رب سان

اَحَدًا ﴿٤٢﴾ وَ لَمْ تَكُنْ لَّهٗ فِئَةٌ يَّنْصُرُوْنَهٗ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ

ڪنهين کي. ۽ نه هئو ان کي ڪو جٿو جو مدد ڪن انهيءَ جي الله کان سواءِ

وَ مَا كَانَ مُنْتَصِرًا ﴿٤٣﴾ؕ هُنَالِكَ الْوَلَايَةُ لِلّٰهِ الْحَقِّ ؕ

۽ نه هئو ڪو بدلو وٺندڙ. اتي حڪومت الله سچي جي آهي،

هُوَ خَيْرٌ ثَوَابًا وَّ خَيْرٌ عُقْبًا ﴿٤٤﴾ع وَ اضْرِبْ لَهُمْ مَّثَلَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ع ١٣ ٥ ١٧

ان جو اجر ڀلو آهي ۽ ان جو بدلو ڀلو آهي. ۱ ۽ بڌاءِ انهن کي مثال دنيا جي حياتي جو

كَمَآءٍ اَنْزَلْنٰهُ مِنَ السَّمَآءِ فَاخْتَلَطَ بِهٖ نَبَاتُ

ان پاڻيءَ جهڙو آهي جنهن کي اسان لاٿو آسمان مان پوءِ گڏجن ٿا انهيءَ سان سلا

الْاَرْضِ فَاَصْبَحَ هَشِيْمًا تَذْرُوْهُ الرِّيٰحُ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ

ڌرتي جا پوءِ ٿي پون ٿا ذرا ذرا اڏارن ٿيون ان کي هوائون، ۽ الله آهي

عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ مُّقْتَدِرًا ﴿٤٥﴾ اَلْمَالُ وَ الْبَنُوْنَ زِيْنَةُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ

هر شيءِ تي قدرت وارو. ملڪيت ۽ پُٽ سينگار آهن دنيا جي حياتيءَ جو،

وَ الْبٰقِيٰتُ الصّٰلِحٰتُ خَيْرٌ عِنْدَ رَبِّكَ ثَوَابًا وَّ خَيْرٌ اَمَلًا ﴿٤٦﴾

۽ رهندڙ نيڪيون بهتر آهن تنهنجي رب وٽ ثواب لاءِ ۽ بهتر آهن اميد لاءِ.

وَ يَوْمَ نُسَيِّرُ الْجِبَالَ وَ تَرَى الْاَرْضَ بَارِزَةً ۙ وَّ

۽ جنهن ڏينهن هلائيندا سون جبلن کي ۽ ڏسندين ڌرتيءَ کي کليل ۽

حَشَرْنٰهُمْ فَلَمْ نُغَادِرْ مِنْهُمْ اَحَدًا ﴿٤٧﴾ ۚ وَ عُرِضُوْا

گڏ ڪنداسون انهن کي پوءِ نه ڇڏينداسون انهن مان ڪنهين کي. ۽ پيش ڪيا ويندا

عَلٰى رَبِّكَ صَفًّا ؕ لَقَدْ جِئْتُمُوْنَا كَمَا خَلَقْنٰكُمْ

تنهنجي رب وٽ قطار ٻڌائي، توهان اچي ويا آهيو اسان وٽ جيئن پيدا ڪيوسون توهان کي

اَوَّلَ مَرَّةٍ ؗ بَلْ زَعَمْتُمْ اَلَّنْ نَّجْعَلَ لَكُمْ مَّوْعِدًا ﴿٤٨﴾

پهرين ڀيري پر اوهين پائيندا هئا ته اسان هرگز نه ڪنداسون توهان لاءِ ڪو انجام.

وَ وُضِعَ الْكِتٰبُ فَتَرَى الْمُجْرِمِيْنَ مُشْفِقِيْنَ مِمَّا فِيْهِ

۽ رکيو ويندو دفتر پوءِ ڏسندين ڏوهارين کي ڊجندڙ ان کان جيڪي ان ۾ آهي

وَ يَقُوْلُوْنَ يٰوَيْلَتَنَا مَالِ هٰذَا الْكِتٰبِ لَا يُغَادِرُ صَغِيْرَةً وَّ

۽ چوندا هاءِ افسوس ڪهڙو آهي هي دفتر نه ٿو رهائي ننڍي ڳالهه ۽

لَا كَبِيْرَةً اِلَّاۤ اَحْصٰىهَا ۚ وَ وَجَدُوْا مَا عَمِلُوْا

نکي وڏي مگر ڳڻي ٿو انهي کي، ۽ ڏسندا جيڪي عمل ڪيائون

حَاضِرًا ؕ وَ لَا يَظْلِمُ رَبُّكَ اَحَدًا ﴿٤٩﴾ ع وَ اِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ

سامهون، ۽ نه ظلم ڪندو تنهنجو رب ڪنهين تي. ۽ جڏهن چيوسون ملائڪن کي

اسۡجُدُوۡا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوۡۤا اِلَّاۤ اِبۡلِيۡسَ ؕ كَانَ مِنَ الۡجِنِّ
تہ سجدو ڪريو آدم ڏانهن پوءِ سجدو ڪيائون مگر ابليس، اهو هئو جنن مان

فَفَسَقَ عَنۡ اَمۡرِ رَبِّهٖ ؕ اَ فَتَتَّخِذُوۡنَهٗ وَ ذُرِّيَّتَهٗۤ اَوۡلِيَآءَ
پوءِ نڪري ويو الله جي حڪم کان، ڇا پوءِ توهان ونو ٿا ان کي ۽ ان جي اولاد کي دوست ڪري

مِنۡ دُوۡنِىۡ وَ هُمۡ لَـكُمۡ عَدُوٌّ ؕ بِئۡسَ لِلظّٰلِمِيۡنَ بَدَلًا ﴿۵۰﴾
مون کان سواءِ ۽ اهي آهن توهان جا دشمن، بڇڙو آهي ظالمن لاءِ بدلو.

مَاۤ اَشۡهَدْتُّهُمۡ خَلۡقَ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ وَ لَا خَلۡقَ
مون نہ ڏيکاريو هئو انهن کي پيدا ڪرڻ آسمانن ۽ زمين جو ۽ نہ پيدا ڪرڻ

اَنۡفُسِهِمۡ ۖ وَ مَا كُنۡتُ مُتَّخِذَ الۡمُضِلِّيۡنَ عَضُدًا ﴿۵۱﴾ وَ يَوۡمَ
سندن نفسن جو، ۽ ناهيان آءٌ وٺندڙ گمراهن کي مددگار ڪري. ۽ جنهن ڏينهن

يَقُوۡلُ نَادُوۡا شُرَكَآءِىَ الَّذِيۡنَ زَعَمۡتُمۡ فَدَعَوۡهُمۡ
فرمائيندو سڏيو منهنجي شريڪن کي جن کي توهان پائيندا هئا پوءِ اهي سڏيندا انهن کي

فَلَمۡ يَسۡتَجِيۡبُوۡا لَهُمۡ وَ جَعَلۡنَا بَيۡنَهُمۡ مَّوۡبِقًا ﴿۵۲﴾ وَ
تہ اهي جواب نہ ڏيندا انهن کي ۽ ڪنداسون انهن جي وچ ۾ هلاڪت جي جڳهہ. ۽

رَاَ الۡمُجۡرِمُوۡنَ النَّارَ فَظَنُّوۡۤا اَنَّهُمۡ مُّوَاقِعُوۡهَا وَ لَمۡ يَجِدُوۡا
ڏسندا ڏوهاري باهہ کي پوءِ پائيندا تہ ڪين پوڻو آهي ان ۾ ۽ نہ لهندا

عَنۡهَا مَصۡرِفًا ﴿۵۳﴾ وَ لَقَدۡ صَرَّفۡنَا فِىۡ هٰذَا الۡقُرۡاٰنِ لِلنَّاسِ
ان کان موٽڻ جي واهہ. ۽ بيشڪ دهرايوسي هن قرآن ۾ ماڻهن لاءِ

مِنۡ كُلِّ مَثَلٍ ؕ وَ كَانَ الۡاِنۡسَانُ اَكۡثَرَ شَىۡءٍ جَدَلًا ﴿۵۴﴾ وَ
هر مثال، ۽ آهي انسان سڀ ڪنهن کان وڌيڪ جهڳڙالو. ۽

مَا مَنَعَ النَّاسَ اَنۡ يُّؤۡمِنُوۡۤا اِذۡ جَآءَهُمُ الۡهُدٰى وَ يَسۡتَغۡفِرُوۡا
نہ روڪيو ماڻهن کي جو ايمان آڻين جڏهن آئي انهن وٽ هدايت ۽ گناهہ بخشائين

ع ۷ / ۱۹

رَبَّهُمْ اِلَّآ اَنْ تَاْتِيَهُمْ سُنَّةُ الْاَوَّلِيْنَ اَوْ يَاْتِيَهُمُ

پنهنجي رب کان مگر هن ڳالھ تہ اچي انهن وٽ طرح اڳين جي يا اچي انهن وٽ

الْعَذَابُ قُبُلًا ﴿٥٥﴾ وَ مَا نُرْسِلُ الْمُرْسَلِيْنَ اِلَّا مُبَشِّرِيْنَ وَ

عذاب سامهون. ۽ نہ تا موڪليون رسولن کي مگر خوشخبري ڏيندڙ ۽

مُنْذِرِيْنَ ۚ وَ يُجَادِلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِالْبَاطِلِ لِيُدْحِضُوْا

ڊيڄاريندڙ ڪري، ۽ جهڳڙو ڪن ٿا ڪافر ڪوڙ تي جيئن ترڪائن

بِهِ الْحَقَّ وَ اتَّخَذُوْٓا اٰيٰتِيْ وَ مَآ اُنْذِرُوْا هُزُوًا ﴿٥٦﴾

انهي سان حق کي ۽ ورتائون منهنجي آيتن کي ۽ انهن جي ڊيڄارڻ کي مسخري ڪري.

وَ مَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ ذُكِّرَ بِاٰيٰتِ رَبِّهٖ

۽ ڪير وڌيڪ ظالم آهي انهي کان جنهن کي سمجهائجن آيتون سندس رب جون

فَاَعْرَضَ عَنْهَا وَ نَسِيَ مَا قَدَّمَتْ يَدٰهُ ؕ اِنَّا

پوءِ منهن موڙي انهن کان ۽ وساري ڇڏي جيڪي موڪليو انهن جي هٿن، بيشڪ

جَعَلْنَا عَلٰى قُلُوْبِهِمْ اَكِنَّةً اَنْ يَّفْقَهُوْهُ وَ فِيْٓ اٰذَانِهِمْ وَقْرًا ؕ

اسان ڪياسون انهن جي دلين تي پردا ان جي سمجهڻ کان ۽ سندن ڪنن ۾ ٻوڙاڻ،

وَ اِنْ تَدْعُهُمْ اِلَى الْهُدٰى فَلَنْ يَّهْتَدُوْٓا اِذًا

۽ جيڪڏهن سڏيندين انهن کي هدايت ڏانهن تہ هرگز نہ ايندا هدايت تي انهيءَ وقت

اَبَدًا ﴿٥٧﴾ وَ رَبُّكَ الْغَفُوْرُ ذُو الرَّحْمَةِ ؕ لَوْ يُؤَاخِذُهُمْ

ڪڏهين بہ. ۽ تنهنجو رب بخشڻهار ٻاجهارو آهي، جيڪڏهن وٺ ڪري انهن کي

بِمَا كَسَبُوْا لَعَجَّلَ لَهُمُ الْعَذَابَ ؕ بَلْ لَّهُمْ مَّوْعِدٌ لَّنْ

سندن ڪئي تي تہ جلد موڪلي ها عذاب، پر انهن لاءِ وقت رکيل آهي هرگز نہ

يَّجِدُوْا مِنْ دُوْنِهٖ مَوْىِٕلًا ﴿٥٨﴾ وَ تِلْكَ الْقُرٰٓى اَهْلَكْنٰهُمْ

لهندا ان کان پريان ڇوٽڪارو. ۽ اهي ڳوٺ هلاڪ ڪيوسون انهن کي

لَمَّا ظَلَمُوْا وَ جَعَلْنَا لِمَهْلِكِهِمْ مَّوْعِدًا ﴿٥٩﴾ ع وَ اِذْ قَالَ
جڏهن ظالم ٿيا ۽ ڪيوسون انهن جي هلاڪت لاءِ وقت مقرر. ۽ جڏهن چيو
مُوْسٰى لِفَتٰىهُ لَآ اَبْرَحُ حَتّٰٓى اَبْلُغَ مَجْمَعَ الْبَحْرَيْنِ
موسىٰ ❶ پنهنجي همراهه کي ❷ ته نه رهندس جيستائين پهچان ٻن دريائن جي ميلاپ تي
اَوْ اَمْضِيَ حُقُبًا ﴿٦٠﴾ فَلَمَّا بَلَغَا مَجْمَعَ بَيْنِهِمَا نَسِيَا
يا هلندو رهان ڪو زمانو. پوءِ جڏهن ٻئي پهتا ٻنهي جي ميلاپ تي ته وساريائون
حُوْتَهُمَا فَاتَّخَذَ سَبِيْلَهٗ فِي الْبَحْرِ سَرَبًا ﴿٦١﴾ فَلَمَّا جَاوَزَا
پنهنجي مڇي پوءِ ورتو انهيءَ پنهنجو رستو درياءَ ۾ سرنگهه ناهي. پوءِ جڏهن اڳتي هليا
قَالَ لِفَتٰىهُ اٰتِنَا غَدَآءَنَا ز لَقَدْ لَقِيْنَا مِنْ سَفَرِنَا هٰذَا
چيائين پنهنجي همراهه کي آڻ اسان وٽ ڪاڏو اسان جو اسان ڏٺي آهي پنهنجي هن سفر ۾
نَصَبًا ﴿٦٢﴾ قَالَ اَرَءَيْتَ اِذْ اَوَيْنَآ اِلَى الصَّخْرَةِ فَاِنِّيْ نَسِيْتُ
تڪاوٽ. چيائين ڇا تون نه ڏٺو جڏهن وينا هئاسون پٿر وٽ ته مون وساري هئي
الْحُوْتَ ز وَ مَآ اَنْسٰىنِيْهُ اِلَّا الشَّيْطٰنُ اَنْ اَذْكُرَهٗ ج
مڇي ۽ نه ويسر ڪرائي مون کان اها مگر شيطان جو ڳالهه ڪريان ان جي،
وَاتَّخَذَ سَبِيْلَهٗ فِي الْبَحْرِ ۖ عَجَبًا ﴿٦٣﴾ قَالَ ذٰلِكَ مَا
ورتائين دڳ پنهنجو درياءَ ۾ عجيب نموني. فرمايائين اهوئي آهي جنهن جي
كُنَّا نَبْغِ ۖ فَارْتَدَّا عَلٰٓى اٰثَارِهِمَا قَصَصًا ﴿٦٤﴾ لا فَوَجَدَا عَبْدًا
ڳولا پيا ڪريون ۽ پوءِ موٽيا ٻئي پنهنجي رندن تي جاچيندي. پوءِ لڌائون هڪ ماڻهو
مِّنْ عِبَادِنَآ اٰتَيْنٰهُ رَحْمَةً مِّنْ عِنْدِنَا وَ
اسان جي ٻانهن مان جنهن کي ڏني هئي سون رحمت پنهنجي طرفان ۽
عَلَّمْنٰهُ مِنْ لَّدُنَّا عِلْمًا ﴿٦٥﴾ قَالَ لَهٗ مُوْسٰى هَلْ اَتَّبِعُكَ
سيکاريو هئوسون ان کي پنهنجو علم. چيو ان کي موسىٰ ڇا هلان آءٌ توسان

عَلٰۤى اَنْ تُعَلِّمَنِ مِمَّا عُلِّمْتَ رُشْدًا ﴿٦٦﴾ قَالَ اِنَّكَ

هن لاءِ تہ سيکارين مون کي انهيءَ مان جيڪو سيکاريو ويو توکي علم. چيائين تون

لَنْ تَسْتَطِيْعَ مَعِيَ صَبْرًا ﴿٦٧﴾ وَكَيْفَ تَصْبِرُ عَلٰى مَا

هرگز نہ ڪري سگهندين مون سان گڏ صبر. ۱ ۽ ڪيئن صبر ڪندين اهڙي شيءِ تي

لَمْ تُحِطْ بِهٖ خُبْرًا ﴿٦٨﴾ قَالَ سَتَجِدُنِيْۤ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ

جو ناهي تنهنجي وس ان کي سمجهڻ. ۲ چيائين تون لهندين مون کي جيڪڏهن گهريو الله

صَابِرًا وَّلَاۤ اَعْصِيْ لَكَ اَمْرًا ﴿٦٩﴾ قَالَ فَاِنِ اتَّبَعْتَنِيْ

صبر وارو ۽ نہ برخلافي ڪندم تنهنجي حڪم جي. چيائين جيڪڏهن هلين تو مون سان

فَلَا تَسْـَٔلْنِيْ عَنْ شَيْءٍ حَتّٰۤى اُحْدِثَ لَكَ مِنْهُ ذِكْرًا ﴿٧٠﴾ ع

تہ نہ پُڇا ڪجانءِ ڪنهن شيءِ جي جيسين آءٌ بڌايان توکي ان جو بيان.

فَانْطَلَقَا ۫ وقفة حَتّٰۤى اِذَا رَكِبَا فِي السَّفِيْنَةِ خَرَقَهَا ؕ قَالَ

پوءِ روانا ٿيا، آخر جڏهن چڙهيا ٻيڙيءَ ۾ تہ ڦاڙيائين ان کي، چيائين

اَخَرَقْتَهَا لِتُغْرِقَ اَهْلَهَا ۚ لَقَدْ جِئْتَ شَيْـًٔا اِمْرًا ﴿٧١﴾

تو ڦاڙيو انهيءَ کي جيئن ٻوڙين ان جي سواري کي، البت توکيو آهي ڪم اڻنگو.

قَالَ اَلَمْ اَقُلْ اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِيْعَ مَعِيَ صَبْرًا ﴿٧٢﴾

چيائين ڇا مون نہ چيو هئو تہ تون نہ ڪري سگهندين مون سان گڏ صبر.

قَالَ لَا تُؤَاخِذْنِيْ بِمَا نَسِيْتُ وَلَا تُرْهِقْنِيْ مِنْ اَمْرِيْ

چيائين نہ وَٺُ ڪر مون کي منهنجي ويسرتي ۽ نہ پهچاءِ مون کي منهنجي ڪم ۾

عُسْرًا ﴿٧٣﴾ فَانْطَلَقَا ۫ وقفة حَتّٰۤى اِذَا لَقِيَا غُلٰمًا فَقَتَلَهٗ ۙ

سختي. پوءِ ٻئي هليا، تانجو جڏهن مليا هڪ ڇوڪر سان تہ ماري وڌائين ان کي،

قَالَ اَقَتَلْتَ نَفْسًا زَكِيَّةًۢ بِغَيْرِ نَفْسٍ ؕ لَقَدْ جِئْتَ شَيْـًٔا نُّكْرًا ﴿٧٤﴾

چيائين ڇا تو ماريو هڪ ماڻهو بي ڏوهہ کي بنا عوض، بيشڪ تو ڪيو ڪم خراب.

قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكَ اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِيْعَ مَعِيَ صَبْرًا ﴿٧٥﴾
چيائين چا نہ چيو هو مون توکي تہ تون نہ ڪري سگهندين مون سان گڏ صبر.

قَالَ اِنْ سَاَلْتُكَ عَنْ شَيْءٍۭ بَعْدَهَا فَلَا تُصٰحِبْنِيْ ۚ
چيائين جيڪڏهن آءٌ توکان پُڇاڪريان ڪجھ بہ هن کان پوءِ تہ نہ گڏ رکجانءِ مون کي،

قَدْ بَلَغْتَ مِنْ لَّدُنِّيْ عُذْرًا ﴿٧٦﴾ فَانْطَلَقَا ۫ حَتّٰۤى اِذَاۤ اَتَيَاۤ
بيشڪ تون پهتين منهنجي طرفان لاچار ڪي. پوءِ ٻئي هليا، آخر آيا

اَهْلَ قَرْيَةِ ِۨ اسْتَطْعَمَاۤ اَهْلَهَا فَاَبَوْا اَنْ يُّضَيِّفُوْهُمَا
هڪ ڳوٺ وارن وٽ کاڌو گهريائون اتي وارن کان پوءِ انڪار ڪيائون انهن جي مهماني ڪرڻ کان

فَوَجَدَا فِيْهَا جِدَارًا يُّرِيْدُ اَنْ يَّنْقَضَّ فَاَقَامَهٗ ؕ قَالَ
پوءِ لڌائون اُتي هڪ ڀِت جا ڪِرڻ تي هئي پوءِ سڌو ڪيائين انکي، چيو موسىٰ

لَوْ شِئْتَ لَاتَّخَذْتَ عَلَيْهِ اَجْرًا ﴿٧٧﴾ قَالَ هٰذَا فِرَاقُ بَيْنِيْ
جي چاهين ها وٺين ها ان تي مزدوري. چيائين هاڻي جدائي آهي منهنجي

وَ بَيْنِكَ ۚ سَاُنَبِّئُكَ بِتَاْوِيْلِ مَا لَمْ تَسْتَطِعْ عَّلَيْهِ
۽ تنهنجي وچ ۾، اجهو ٻڌايان ٿو توکي راز انجو نہ ڪري سگهيو تو جنهن تي

صَبْرًا ﴿٧٨﴾ اَمَّا السَّفِيْنَةُ فَكَانَتْ لِمَسٰكِيْنَ يَعْمَلُوْنَ فِي الْبَحْرِ
صبر. پر اها ٻيڙي تہ هئي غريبن جي جيڪي ڌنڌو ڪندا هئا درياءَ ۾

فَاَرَدْتُّ اَنْ اَعِيْبَهَا وَ كَانَ وَرَآءَهُمْ مَّلِكٌ
پوءِ مون گهريو تہ نقص ڪريان انهي ۾ ۽ انهن جي پويان هڪ بادشاھ هئو

يَّاْخُذُ كُلَّ سَفِيْنَةٍ غَصْبًا ﴿٧٩﴾ وَ اَمَّا الْغُلٰمُ فَكَانَ اَبَوٰهُ
جو وٺي پيو هر ٻيڙي بيگر ۾. (١) ۽ پر ڇوڪرو پوءِ هئا ماءُ پيءُ انجا

مُؤْمِنَيْنِ فَخَشِيْنَاۤ اَنْ يُّرْهِقَهُمَا طُغْيَانًا وَّ كُفْرًا ﴿٨٠﴾ ۚ
ايمان وارا پوءِ ڊناسون تہ رَسائي ٻنهي کي بي فرماني ۽ ڪفر تي.

فَاَرَدۡنَاۤ اَنۡ يُّبۡدِلَهُمَا رَبُّهُمَا خَيۡرًا مِّنۡهُ زَكٰوةً
پوءِ ارادو ڪيوسون ته بدلي ۾ ڏئي انهن کي انهن جو رب ڀلو انهيءَ کان پاڪائي ۾

وَّ اَقۡرَبَ رُحۡمًا ﴿٨١﴾ وَ اَمَّا الۡجِدَارُ فَكَانَ لِغُلٰمَيۡنِ يَتِيۡمَيۡنِ
۽ تمام ويجهو ٻاجهه ۾. ❶ ۽ پر ڀت پوءِ اها هئي ٻن ٻارن يتيمن جي

فِى الۡمَدِيۡنَةِ وَ كَانَ تَحۡتَهٗ كَنۡزٌ لَّهُمَا وَ كَانَ اَبُوۡهُمَا صَالِحًا ۚ
انهي شهر ۾ ۽ هئو ان جي هيٺان خزانو ٻنهي جو ۽ هئو پيءُ انهن جو چڱو ماڻهو، ❷

فَاَرَادَ رَبُّكَ اَنۡ يَّبۡلُغَاۤ اَشُدَّهُمَا وَ يَسۡتَخۡرِجَا
پوءِ گهُريو تنهنجي رب ته هي ٻئي پهچن پنهنجي جواني کي ۽ ڪوٽي ڪڍن

كَنۡزَهُمَا ۖ رَحۡمَةً مِّنۡ رَّبِّكَ ۚ وَ مَا فَعَلۡتُهٗ عَنۡ اَمۡرِىۡ ؕ
پنهنجو خزانو، مهرباني تنهنجي رب جي سان، ۽ مون اهو نه ڪيو ٿي پنهنجي ارادي سان،

ذٰلِكَ تَاۡوِيۡلُ مَا لَمۡ تَسۡطِعۡ عَّلَيۡهِ صَبۡرًا ؕ﴿٨٢﴾ ع وَ يَسۡـَٔلُوۡنَكَ
اهو آهي مطلب ان جو نه ڪري سگهيو تو جنهن تي صبر. ۽ پُڇن ٿا توکان

عَنۡ ذِى الۡقَرۡنَيۡنِ ؕ قُلۡ سَاَتۡلُوۡا عَلَيۡكُمۡ مِّنۡهُ ذِكۡرًا ؕ﴿٨٣﴾ اِنَّا
ذي القرنين جي خبر، ❸ چئُ ته ٻُڌايان ٿو توهان کي انهيءَ جو بيان. بيشڪ اسان

مَكَّنَّا لَهٗ فِى الۡاَرۡضِ وَ اٰتَيۡنٰهُ مِنۡ كُلِّ شَىۡءٍ سَبَبًا ۙ﴿٨٤﴾
بادشاهي ڏني سون انهيءَ کي زمين ۾ ۽ ڏنوسون ان کي هر قسم جو سامان.

فَاَتۡبَعَ سَبَبًا ﴿٨٥﴾ حَتّٰٓى اِذَا بَلَغَ مَغۡرِبَ الشَّمۡسِ وَجَدَهَا
پوءِ هلايائين سامان کي. ❹ نيٺ جڏهن پهتو سج لهڻ واري طرف ڏٺائين ان کي

تَغۡرُبُ فِىۡ عَيۡنٍ حَمِئَةٍ وَّ وَجَدَ عِنۡدَهَا قَوۡمًا ؕ۵ قُلۡنَا
ته لهي ٿو هڪ ڏٻي ڪاري ۾ ❺ ۽ لڌائين اتي ڪن ماڻهن کي، اسان چيوسون

يٰذَا الۡقَرۡنَيۡنِ اِمَّاۤ اَنۡ تُعَذِّبَ وَ اِمَّاۤ اَنۡ تَتَّخِذَ فِيۡهِمۡ حُسۡنًا ﴿٨٦﴾
اي ذي القرنين تون انهن کي عذاب ڪرين يا شروع ڪرين انهن ۾ ڪا چڱائي. ❻

قَالَ اَمَّا مَنْ ظَلَمَ فَسَوْفَ نُعَذِّبُهٗ ثُمَّ يُرَدُّ

چيائين جنهن ظلم ڪيو تہ اسان انهي کي سزا ڏينداسون پوءِ موٽايو ويندو

اِلٰى رَبِّهٖ فَيُعَذِّبُهٗ عَذَابًا نُّكْرًا ﴿٨٧﴾ وَاَمَّا مَنْ اٰمَنَ

پنهنجي رب ڏانهن پوءِ اهو عذاب ڪندو ان کي عذاب سخت. پر جنهن ايمان آندو

وَعَمِلَ صَالِحًا فَلَهٗ جَزَآءَ ۨالْحُسْنٰى ۚ وَسَنَقُوْلُ

۽ ڪم ڪيا چڱا تہ انهيءَ لاءِ آهي بدلو ڀلو، ۽ حُڪم ڪنداسون

لَهٗ مِنْ اَمْرِنَا يُسْرًا ﴿٨٨﴾ ثُمَّ اَتْبَعَ سَبَبًا ﴿٨٩﴾ حَتّٰٓى اِذَا بَلَغَ

ان کي پنهنجي ڪم ۾ سولو. وري هلايائين ساٿ کي. ❶ نيٺ جڏهن پهتو

مَطْلِعَ الشَّمْسِ وَجَدَهَا تَطْلُعُ عَلٰى قَوْمٍ لَّمْ نَجْعَلْ لَّهُمْ

سِج اُڀرڻ طرف ڏٺائين ان کي تہ اُڀري پيو اهڙي قوم تي جو نہ ڪيو هو اسان انهن لاءِ

مِّنْ دُوْنِهَا سِتْرًا ﴿٩٠﴾ كَذٰلِكَ ۭ وَقَدْ اَحَطْنَا بِمَا

سج جي اڳيان ڪوئي پردو. ❷ اتي بہ ائين ئي ٿيو، ۽ اسان کي پوري خبر آهي ❸ جيڪي

لَدَيْهِ خُبْرًا ﴿٩١﴾ ثُمَّ اَتْبَعَ سَبَبًا ﴿٩٢﴾ حَتّٰٓى اِذَا بَلَغَ بَيْنَ السَّدَّيْنِ

ان وٽ هئو. وري هلايائين ساٿ کي. نيٺ جڏهن پهتو ٻن جبلن جي وچ ۾

وَجَدَ مِنْ دُوْنِهِمَا قَوْمًا ۙ لَّا يَكَادُوْنَ يَفْقَهُوْنَ قَوْلًا ﴿٩٣﴾ قَالُوْا

لڌائين انهن جي اڳيان اهڙا ماڻهو، جو نہ پيا سمجهن ڪا ٻولي. ❹ چيائون

يٰذَا الْقَرْنَيْنِ اِنَّ يَاْجُوْجَ وَمَاْجُوْجَ مُفْسِدُوْنَ فِي الْاَرْضِ

اي ذوالقرنين بيشڪ ياجوج ۽ ماجوج ❺ فساد ڪندڙ آهن ملڪ ۾

فَهَلْ نَجْعَلُ لَكَ خَرْجًا عَلٰٓى اَنْ تَجْعَلَ بَيْنَنَا وَبَيْنَهُمْ

پوءِ ڇا اداڪريون تولاءِ ڍل هن لاءِ جو ناهين تون اسان جي ۽ انهن جي وچ ۾

سَدًّا ﴿٩٤﴾ قَالَ مَا مَكَّنِّيْ فِيْهِ رَبِّيْ خَيْرٌ

بند. چيائين اها جنهن ۾ سگهه ڏني آهي مون کي منهنجي رب زور ڀلي آهي

فَاَعِيۡنُوۡنِيۡ بِقُوَّةٍ اَجۡعَلۡ بَيۡنَكُمۡ وَ بَيۡنَهُمۡ رَدۡمًا ﴿٩٥﴾ لا

پوءِ مدد ڪريو منهنجي محنت سان تہ ناھيان توھان جي ۽ انھن جي وچ ۾ ديوار. ❶

اٰتُوۡنِيۡ زُبَرَ الۡحَدِيۡدِ ؕ حَتّٰۤى اِذَا سَاوٰى بَيۡنَ الصَّدَفَيۡنِ

آڻي ڏيو مون کي ٽڪرا لوھ جا. آخر پري سڌو ڪيائين ٻنهي جبلن جي وچ کي

قَالَ انۡفُخُوۡا ؕ حَتّٰۤى اِذَا جَعَلَهٗ نَارًا ۙ قَالَ اٰتُوۡنِيۡۤ

چيائين ھاڻ ڦوڪيوس، ❷ تانجو جڏھن ڪيائين ان کي باھ چيائين آڻيو مون وٽ

اُفۡرِغۡ عَلَيۡهِ قِطۡرًا ﴿٩٦﴾ؕ فَمَا اسۡطَاعُوۡۤا اَنۡ يَّظۡهَرُوۡهُ وَ مَا

تہ پرٽيان ان تي ٽامو پگھريل. بس پوءِ نہ سگھيا چڙھي ان تي ۽ نہ

اسۡتَطَاعُوۡا لَهٗ نَقۡبًا ﴿٩٧﴾ قَالَ هٰذَا رَحۡمَةٌ مِّنۡ رَّبِّيۡ ۚ فَاِذَا

هٽي سگھيا ان ۾ ڪاٽ. چيائين ھيءُ ٻاجھ آھي منهنجي پروردگار جي، ❸ پوءِ جڏھن

جَآءَ وَعۡدُ رَبِّيۡ جَعَلَهٗ دَكَّآءَ ۚ وَ كَانَ وَعۡدُ رَبِّيۡ

ايندو وعدو منهنجي رب جو ڪندو انھيءَ کي ذرا ذرا، ❹ ۽ آھي وعدو منهنجي رب جو

حَقًّا ﴿٩٨﴾ؕ وَ تَرَكۡنَا بَعۡضَهُمۡ يَوۡمَئِذٍ يَّمُوۡجُ فِيۡ بَعۡضٍ

سچو. ۽ ڇڏيندا سون انھن مان ھڪڙن کي تنھن ڏينھن تہ ڇوليون ھڻندا ايندا بين ۾

وَّ نُفِخَ فِي الصُّوۡرِ فَجَمَعۡنٰهُمۡ جَمۡعًا ﴿٩٩﴾ لا وَّ عَرَضۡنَا

۽ ڦوڪي ويندي صور پوءِ گڏ ڪنداسون انھن کي پوري طرح. ۽ پڌرو ڪنداسون

جَهَنَّمَ يَوۡمَئِذٍ لِّلۡكٰفِرِيۡنَ عَرۡضًا ﴿١٠٠﴾ لا الَّذِيۡنَ كَانَتۡ اَعۡيُنُهُمۡ

دوزخ انھيءَ ڏينھن ڪافرن تي سامھون آڻي. جن جون اکيون ھيون

فِيۡ غِطَآءٍ عَنۡ ذِكۡرِيۡ وَ كَانُوۡا لَا يَسۡتَطِيۡعُوۡنَ سَمۡعًا ﴿١٠١﴾ ع

پردي ۾ منهنجي ذڪر کان ۽ نڪي اھي سگھندا ھئا ٻڌي.

اَفَحَسِبَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡۤا اَنۡ يَّتَّخِذُوۡا عِبَادِيۡ مِنۡ دُوۡنِيۡۤ

ڇا پوءِ سمجھيو آھي ڪافرن جو بڻائين منهنجي ٻانھن کي مون کان سواءِ

اَوۡلِيَآءَ ؕ اِنَّاۤ اَعۡتَدۡنَا جَهَنَّمَ لِلۡكٰفِرِيۡنَ نُزُلًا ﴿۱۰۲﴾ قُلۡ هَلۡ

مددگار، اسان تيار ڪيو آهي دوزخ ڪي ڪافرن جي مهماني لاءِ. تون چؤ ڇا

نُنَبِّئُكُمۡ بِالۡاَخۡسَرِيۡنَ اَعۡمَالًا ﴿۱۰۳﴾ اَلَّذِيۡنَ ضَلَّ

اسان ٻڌايون توهان کي اهي جن جا بيڪار ٿيا عمل؟. اهي ئي آهن جن جي ضايع ٿي

سَعۡيُهُمۡ فِى الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا وَهُمۡ يَحۡسَبُوۡنَ اَنَّهُمۡ يُحۡسِنُوۡنَ صُنۡعًا ﴿۱۰۴﴾

محنت دنيا جي حياتي ۾ ۽ اهي سمجهن پيا ته پاڻ چڱي ٿا ڪن ڪار. ❶

اُولٰٓئِكَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمۡ وَ لِقَآئِهٖ

اهي ئي آهن جن ڪفر ڪيو پنهنجي رب جي آيتن جو ۽ ان سان ملاقات جو

فَحَبِطَتۡ اَعۡمَالُهُمۡ فَلَا نُقِيۡمُ لَهُمۡ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ وَزۡنًا ﴿۱۰۵﴾ ذٰلِكَ

پوءِ برباد ٿيا انهن جا عمل پوءِ نه ڪنداسون انهن لاءِ قيامت ڏينهن ڪائي تور. ❷ اهو

جَزَآؤُهُمۡ جَهَنَّمُ بِمَا كَفَرُوۡا وَاتَّخَذُوۡۤا اٰيٰتِىۡ وَ رُسُلِىۡ

بدلو انهن جو آهي دوزخ جو ڪفر ڪيائون ۽ بڻايائون منهنجي آيتن ۽ رسولن کي

هُزُوًا ﴿۱۰۶﴾ اِنَّ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ كَانَتۡ لَهُمۡ

مسخري. بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا آهن انهن لاءِ

جَنّٰتُ الۡفِرۡدَوۡسِ نُزُلًا ﴿۱۰۷﴾ لا خٰلِدِيۡنَ فِيۡهَا لَا يَبۡغُوۡنَ عَنۡهَا

فردوس جا باغ مهماني. هميشه رهندا انهن ۾ نه گهرندا اُتان

حِوَلًا ﴿۱۰۸﴾ قُلۡ لَّوۡ كَانَ الۡبَحۡرُ مِدَادًا لِّـكَلِمٰتِ رَبِّىۡ

موٽڻ. تون چؤ جيڪڏهن ٿئي سمنڊ مَسُ منهنجي رب جي ڳالهين لاءِ

لَنَفِدَ الۡبَحۡرُ قَبۡلَ اَنۡ تَنۡفَدَ كَلِمٰتُ رَبِّىۡ

ته ڪپي وڃي سمنڊ هن کان اڳ جو پُوريون ٿين ڳالهيون منهنجي رب جون

وَلَوۡ جِئۡنَا بِمِثۡلِهٖ مَدَدًا ﴿۱۰۹﴾ قُلۡ اِنَّمَاۤ اَنَا بَشَرٌ

جيتوڻيڪ آڻيون انهي جيترو مدد ۾. ❸ تون ٻڌاءِ رڳو آءٌ بشر آهيان

مِّثْلُكُمْ يُوْحٰۤى اِلَيَّ اَنَّمَاۤ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ

اوهان جهڙو وحي ڪيو وڃي ٿو مون ڏانهن بيشڪ معبود اوهان جو الله هڪڙوئي آهي،

فَمَنْ كَانَ يَرْجُوْا لِقَآءَ رَبِّهٖ فَلْيَعْمَلْ

۽ پوءِ جيڪو به اميد رکي ٿو ملاقات جي پنهنجي رب سان ته اهو ڪري

عَمَلًا صَالِحًا وَّ لَا يُشْرِكْ بِعِبَادَةِ رَبِّهٖۤ اَحَدًا ۠ ﴿١١٠﴾

ڪم چڱا ۽ نه شريڪ ڪري ❶ عبادت پنهنجي رب جي ۾ ڪنهين ڪي.

سُوْرَةُ مَرْيَمَ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ ثَمَانٍ وَّتِسْعُوْنَ اٰيَةً وَّسِتُّ رُكُوْعَاتٍ

سورت مريم مَڪي آهي ۽ اها اٺانوي آيتون ۽ ڇهه رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

كٓهٰيٰعٓصٓ ﴿١﴾ ذِكْرُ رَحْمَتِ رَبِّكَ عَبْدَهٗ زَكَرِيَّا ۚ ﴿٢﴾

ڪٓهٰيٰعٓصٓ. ❷ هي بيان آهي تنهنجي رب جي رحمت جو پنهنجي ٻانهي زڪريا تي.

اِذْ نَادٰى رَبَّهٗ نِدَآءً خَفِيًّا ﴿٣﴾ قَالَ رَبِّ اِنِّيْ وَهَنَ

جڏهن سڏيائين پنهنجي رب کي ڳجهي سَڏ. ❸ چيائين اي منهنجا رب ڪمزور ٿيا آهن

الْعَظْمُ مِنِّيْ وَ اشْتَعَلَ الرَّاْسُ شَيْبًا وَّلَمْ اَكُنْۢ بِدُعَآئِكَ

هڏا منهنجا ❹ ۽ اچو ٿيو آهي متو ڪُراڙپ کان ناهيان آءٌ تنهنجي سڏڻ کان

رَبِّ شَقِيًّا ﴿٤﴾ وَ اِنِّيْ خِفْتُ الْمَوَالِيَ مِنْ وَّرَآءِيْ وَ كَانَتِ امْرَاَتِيْ

اي رب نا اُميد. ❺ ۽ مون ڊڄان ٿو پنهنجن ڪان پنهنجي پٺيان ۽ آهي زال منهنجي

عَاقِرًا فَهَبْ لِيْ مِنْ لَّدُنْكَ وَلِيًّا ﴿٥﴾ يَّرِثُنِيْ وَ يَرِثُ

سَنڍِ پوءِ بخش مون کي پنهنجي طرفان اهڙو قريب. جو وارث ٿئي منهنجو ۽ وارث ٿئي

مِنْ اٰلِ يَعْقُوْبَ ۖ وَ اجْعَلْهُ رَبِّ رَضِيًّا ﴿٦﴾ يٰزَكَرِيَّاۤ اِنَّا

آل يعقوب جو ❻ ۽ ڪر ان کي منهنجا رب پسند پيل. اي زڪريا اسان

نُبَشِّرُكَ بِغُلٰمِ اِسْمُهٗ يَحْيٰى لا لَمْ نَجْعَلْ لَّهٗ
خوشخبري ڏيون ٿا توکي پُٽَ جي جنهن جو نالو يحيٰ آهي نه کيو آهي اسان

مِنْ قَبْلُ سَمِيًّا ﴿٧﴾ قَالَ رَبِّ اَنّٰى يَكُوْنُ لِيْ غُلٰمٌ وَّ
اڳي انهيءَ نالي وارو. چيائين منهنجا رب ڪٿان ٿيندو مون کي ٻار ۽

كَانَتِ امْرَاَتِيْ عَاقِرًا وَّ قَدْ بَلَغْتُ مِنَ الْكِبَرِ عِتِيًّا ﴿٨﴾ قَالَ
آهي زال منهنجي سَنڍِ ۽ مان ٿي ويو آهيان ڪُراڙپ کان جهور. ❶ چيائين

كَذٰلِكَ ج قَالَ رَبُّكَ هُوَ عَلَيَّ هَيِّنٌ وَّ قَدْ خَلَقْتُكَ
ائين ئي ٿيندو، ❷ فرمايو تنهنجي رب اهو مون تي آسان آهي ۽ مون پيدا ڪيو توکي

مِنْ قَبْلُ وَ لَمْ تَكُ شَيْئًا ﴿٩﴾ قَالَ رَبِّ اجْعَلْ لِّيْٓ
اڳ ۽ نه هئين تون ڪا شيءِ. چيائين منهنجا رب ڪر مون لاءِ

اٰيَةً ط قَالَ اٰيَتُكَ اَلَّا تُكَلِّمَ النَّاسَ ثَلٰثَ لَيَالٍ
ڪا نشاني، فرمايائين تنهنجي نشاني هي آهي ته نه ڳالهائيندين ماڻهن سان ٽي راتيون

سَوِيًّا ﴿١٠﴾ فَخَرَجَ عَلٰى قَوْمِهٖ مِنَ الْمِحْرَابِ فَاَوْحٰٓى
صحت هوندي. ❸ پوءِ نڪري آيو پنهنجي قوم ڏي حجري کان پوءِ اشارو ڪيائين

اِلَيْهِمْ اَنْ سَبِّحُوْا بُكْرَةً وَّ عَشِيًّا ﴿١١﴾ يٰيَحْيٰى خُذِ الْكِتٰبَ
انهن ڏانهن ته ساراهيو ڏٽي ڪي صبح ۽ شام. اي يحيٰ وٺ ڪتاب

بِقُوَّةٍ ط وَ اٰتَيْنٰهُ الْحُكْمَ صَبِيًّا ﴿١٢﴾ لا وَّ حَنَانًا مِّنْ لَّدُنَّا وَ
مضبوطي سان، ۽ ڏنوسون ان کي حڪم ٻارائپ ۾. ❹ ۽ شوق پنهنجي طرفان ۽

زَكٰوةً ط وَ كَانَ تَقِيًّا ﴿١٣﴾ لا وَّ بَرًّۢا بِوَالِدَيْهِ وَ لَمْ يَكُنْ جَبَّارًا
پاڪائي، ۽ هئو پرهيزگار. ۽ خدمت گذار ماءُ پيءُ جو ۽ نه هئو اڙڏ

عَصِيًّا ﴿١٤﴾ وَ سَلٰمٌ عَلَيْهِ يَوْمَ وُلِدَ وَ يَوْمَ يَمُوْتُ وَ
بي چيو. ۽ سلام آهي ان تي جنهن ڏينهن ڄائو ۽ جنهن ڏينهن مَرندو ۽

يَوْمَ يُبْعَثُ حَيًّا ﴿١٥﴾ وَ اذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ مَرْيَمَ اِذِ

جنهن ڏينهن اُٿاريو ويندو جيئرو ڪري. ۽ بيان ڪر ڪتاب ۾ مريم، ❶ جو جڏهن

انْتَبَذَتْ مِنْ اَهْلِهَا مَكَانًا شَرْقِيًّا ﴿١٦﴾ فَاتَّخَذَتْ مِنْ دُوْنِهِمْ

پري ٿي پنهنجي ماڻهن کان اُيرندي طرف. ❷ پوءِ ورتائين اڳيان انهن کان

حِجَابًا فَاَرْسَلْنَآ اِلَيْهَا رُوْحَنَا فَتَمَثَّلَ لَهَا بَشَرًا

اوٽ، پوءِ موڪليوسون انهيءَ ڏانهن پنهنجو مَلڪ ❸ پوءِ بڻجي آيو ان وٽ جهڙو ماڻهو

سَوِيًّا ﴿١٧﴾ قَالَتْ اِنِّيْٓ اَعُوْذُ بِالرَّحْمٰنِ مِنْكَ اِنْ كُنْتَ

صاف. چيائين آءٌ پناهه ٿي وٺان رحمان جي توکان جيڪڏهن تون آهين

تَقِيًّا ﴿١٨﴾ قَالَ اِنَّمَآ اَنَا رَسُوْلُ رَبِّكِ ۖ لِاَهَبَ لَكِ غُلٰمًا

خوف رکندڙ. چيائين رڳو آءٌ قاصد آهيان تنهنجي رب جو جيئن ڏيان توکي ڇوڪرو

زَكِيًّا ﴿١٩﴾ قَالَتْ اَنّٰى يَكُوْنُ لِيْ غُلٰمٌ وَّ لَمْ يَمْسَسْنِيْ

پاڪ. ❹ چيائين ڪٿان ٿيندو مون کي ٻار ۽ نه هٿ لاتو آهي مون کي

بَشَرٌ وَّ لَمْ اَكُ بَغِيًّا ﴿٢٠﴾ قَالَ كَذٰلِكِ ۚ قَالَ رَبُّكِ هُوَ

ڪنهن انسان ۽ نڪي آهيان آءٌ بدڪار. چيائين ائين ئي ٿيندو، فرمايو تنهنجي رب اهو

عَلَيَّ هَيِّنٌ ۚ وَ لِنَجْعَلَهٗٓ اٰيَةً لِّلنَّاسِ وَ رَحْمَةً

مون تي آسان آهي، ۽ جيئن ته ڪريون ان کي نشاني ماڻهن لاءِ ۽ رحمت

مِّنَّا ۚ وَ كَانَ اَمْرًا مَّقْضِيًّا ﴿٢١﴾ فَحَمَلَتْهُ فَانْتَبَذَتْ

پنهنجي طرفان، ۽ آهي اهو ڪم ٿيل. پوءِ پيٽ واري ٿي ان سان پوءِ پري ٿي وئي

بِهٖ مَكَانًا قَصِيًّا ﴿٢٢﴾ فَاَجَآءَهَا الْمَخَاضُ اِلٰى جِذْعِ النَّخْلَةِ ۚ

ان کري پري ڪنهن جڳهه تي. پوءِ آندو ان کي سُورن طرف ٻُنڍ کجيءَ جي،

قَالَتْ يٰلَيْتَنِيْ مِتُّ قَبْلَ هٰذَا وَ كُنْتُ نَسْيًا مَّنْسِيًّا ﴿٢٣﴾

چيائين هاءِ افسوس! مري وڃان ها انهيءَ کان اڳ ۾ ۽ ٿي وڃان ها صفا وِسريل. ❺

فَنَادٰىهَا مِنْ تَحْتِهَآ اَلَّا تَحْزَنِيْ قَدْ جَعَلَ رَبُّكِ

پوءِ سَڏُ ڪيائين ان کي سندس هيٺان ڪان تہ ڏک نہ ڪر بيشڪ ڪيو آهي تنهنجي رب

تَحْتَكِ سَرِيًّا ﴿٢٤﴾ وَ هُزِّيْٓ اِلَيْكِ بِجِذْعِ النَّخْلَةِ تُسٰقِطْ عَلَيْكِ

تنهنجي هيٺان چشمو. ۽ لوڏ پاڻ ڏانهن ٽڙ کجي جو تہ ڪيريندي توتي

رُطَبًا جَنِيًّا ﴿٢٥﴾ فَكُلِيْ وَ اشْرَبِيْ وَ قَرِّيْ عَيْنًا ۚ فَاِمَّا تَرَيِنَّ

ڪتل پڪل. (1) پوءِ کاءُ ۽ پيءُ ۽ ٺار اکيون، پرجيڪڏهن ڏسين

مِنَ الْبَشَرِ اَحَدًا ۙ فَقُوْلِيْٓ اِنِّيْ نَذَرْتُ لِلرَّحْمٰنِ صَوْمًا فَلَنْ

ماڻهن مان ڪنهن کي تہ چئجانءِ مون باسيو آهي رحمان لاءِ روزو پوءِ هرگز نہ

اُكَلِّمَ الْيَوْمَ اِنْسِيًّا ﴿٢٦﴾ ۚ فَاَتَتْ بِهٖ قَوْمَهَا تَحْمِلُهٗ ؕ

ڳالهائيندس اج ڪنهين ماڻهوسان. (2) پوءِ آنديائين ان کي پنهنجي قوم ۾ کڻي ڪري، (3)

قَالُوْا يٰمَرْيَمُ لَقَدْ جِئْتِ شَيْـًٔا فَرِيًّا ﴿٢٧﴾ يٰٓاُخْتَ هٰرُوْنَ مَا كَانَ

چيائون اي مريم البت آندي تو هيءَ شيءِ اوپري. اي ڀيڻ هارون جي (4) نہ هئو

اَبُوْكِ امْرَاَ سَوْءٍ وَّ مَا كَانَتْ اُمُّكِ بَغِيًّا ﴿٢٨﴾ ۖ فَاَشَارَتْ

پيءُ تنهنجو ماڻهو بُڇڙو ۽ نہ هئي ماءُ تنهنجي بدڪار. پوءِ اشارو ڏنائين

اِلَيْهِ ؕ قَالُوْا كَيْفَ نُكَلِّمُ مَنْ كَانَ فِي الْمَهْدِ صَبِيًّا ﴿٢٩﴾ قَالَ

انهيءَ ڏانهن، (5) چيائون ڪيئن ڳالهايون ان سان جو آهي پينگهي جو ٻار. ان چيو

اِنِّيْ عَبْدُ اللّٰهِ ؕ قف اٰتٰىنِيَ الْكِتٰبَ وَ جَعَلَنِيْ نَبِيًّا ﴿٣٠﴾ ۙ

بيشڪ آءٌ ٻانهو آهيان الله جو، ڏنو اٿائين مون کي ڪتاب ۽ ڪيائين مون کي نبي.

وَّ جَعَلَنِيْ مُبٰرَكًا اَيْنَ مَا كُنْتُ ۪ وَ اَوْصٰنِيْ بِالصَّلٰوةِ

۽ ڪيائين مون کي برڪت وارو جتي بہ هجان ۽ پارت ڪيائين مون کي نماز جي

وَ الزَّكٰوةِ مَا دُمْتُ حَيًّا ﴿٣١﴾ ۖ وَّ بَرًّۢا بِوَالِدَتِيْ ۫ وَ لَمْ

۽ زڪوات جي جيستائين جيئرو هجان. ۽ خدمتگار پنهنجي ماءُ جو ۽ نہ

يَجْعَلْنِيْ جَبَّارًا شَقِيًّا ﴿٣٢﴾ وَ السَّلٰمُ عَلَيَّ يَوْمَ وُلِدْتُّ وَ
كيائين مون کي اڙو بدبخت. ۽ سلام آهي مون تي جنهن ڏينهن ڄائس ۽

يَوْمَ اَمُوْتُ وَ يَوْمَ اُبْعَثُ حَيًّا ﴿٣٣﴾ ذٰلِكَ
جنهن ڏينهن مرندس ۽ جنهن ڏينهن اُٿاريو ويندس جيئرو ڪري. اهو آهي

عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ ۚ قَوْلَ الْحَقِّ الَّذِيْ فِيْهِ يَمْتَرُوْنَ ﴿٣٤﴾ مَا كَانَ
عيسيٰ پُٽ مريم جو، چيائين سچي ڳالھ ❶ جنهن ۾ ماڻهو شڪ ٿا ڪن. نہ آهي

لِلّٰهِ اَنْ يَّتَّخِذَ مِنْ وَّلَدٍ ۙ سُبْحٰنَهٗ ؕ اِذَا قَضٰۤى اَمْرًا فَاِنَّمَا
الله اهڙو جو رکي اولاد اهو پاڪ آهي، جڏهن ڪندو آهي ڪو ڪم پوءِ رڳو

يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿٣٥﴾ ؕ وَ اِنَّ اللّٰهَ رَبِّيْ وَ
چوندو آهي ان کي ٿيءُ تہ ٿي پوندو آهي. ۽ بيشڪ الله آهي پالڻهار منهنجو ۽

رَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ ؕ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ ﴿٣٦﴾ فَاخْتَلَفَ
پالڻهار توهان جو پوءِ عبادت ڪريو ان جي، هي آهي رستو سڌو. پوءِ جدا ٿي ويا

الْاَحْزَابُ مِنْۢ بَيْنِهِمْ ۚ فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ مَّشْهَدِ
ٽولا ❷ پاڻ ۾، پوءِ ويل آهي انهن لاءِ جن ڪفر ڪيو، ڏسڻ وقت

يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿٣٧﴾ اَسْمِعْ بِهِمْ وَ اَبْصِرْ ۙ يَوْمَ يَاْتُوْنَنَا لٰكِنِ
وڏي ڏينهن کي. ڏاڍو ٻڌندا ۽ ڏاڍو ڏسندا جنهن ڏينهن ايندا اسان وٽ پر

الظّٰلِمُوْنَ الْيَوْمَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٣٨﴾ وَ اَنْذِرْهُمْ يَوْمَ الْحَسْرَةِ
❸ ظالم اڄ ڏينهن گمراهي پڌري ۾ آهن. ۽ ڊيڄار انهن کي افسوس واري ڏينهن کان

اِذْ قُضِيَ الْاَمْرُ ۘ وَ هُمْ فِيْ غَفْلَةٍ وَّ هُمْ لَا
جنهن وقت پورو ٿي ويندو ڪم، ۽ اهي هوندا غفلت ۾ ۽ اهي نہ

يُؤْمِنُوْنَ ﴿٣٩﴾ اِنَّا نَحْنُ نَرِثُ الْاَرْضَ وَ مَنْ عَلَيْهَا وَ
ايمان آڻيندا. اسان ئي مالڪ هونداسون زمين جا ۽ جيڪي ان تي آهي ۽

وقف لازم

ع ٢ ٥

إِلَيْنَا يُرْجَعُونَ ﴿٤٠﴾ ع وَ اذْكُرْ فِي الْكِتٰبِ إِبْرٰهِيمَ ۵ إِنَّهٗ

اسان جي طرف ڪين موٽايو ويندو. ۽ بيان ڪر ڪتاب ۾ ابراهيم جو، بيشڪ اهو

كَانَ صِدِّيقًا نَّبِيًّا ﴿٤١﴾ إِذْ قَالَ لِأَبِيهِ يٰٓأَبَتِ لِمَ تَعْبُدُ

هئو سچو ❶ نبي. جڏهن چيائين پنهنجي پيءُ کي اي ابا ڇو تون پوڄا ڪرين

مَا لَا يَسْمَعُ وَ لَا يُبْصِرُ وَ لَا يُغْنِي عَنْكَ شَيْـًٔا ﴿٤٢﴾ يٰٓأَبَتِ

ان جي جيڪو نه ٿو ٻڌي ۽ نه ٿو ڏسي ۽ نه ٿو ٽاري توکان ڪجھ به. اي منهنجا ابا

إِنِّي قَدْ جَآءَنِي مِنَ الْعِلْمِ مَا لَمْ يَأْتِكَ فَاتَّبِعْنِيٓ

بيشڪ مون وٽ آيو آهي اهو علم جو نه آيو تو وٽ پوءِ پُٺيان لڳ منهنجي

أَهْدِكَ صِرَاطًا سَوِيًّا ﴿٤٣﴾ يٰٓأَبَتِ لَا تَعْبُدِ الشَّيْطٰنَ ط إِنَّ

ته ڏسيان توکي دڳ سِڌو. اي ابا نه پوڄا ڪر شيطان جي، بيشڪ

الشَّيْطٰنَ كَانَ لِلرَّحْمٰنِ عَصِيًّا ﴿٤٤﴾ يٰٓأَبَتِ إِنِّيٓ أَخَافُ أَنْ

شيطان آهي الله جو بي فرمان. اي ابا آءٌ ڊڄان ٿو متان

يَمَسَّكَ عَذَابٌ مِّنَ الرَّحْمٰنِ فَتَكُونَ لِلشَّيْطٰنِ وَلِيًّا ﴿٤٥﴾ قَالَ

پھچي توکي عذاب الله جو پوءِ ٿي پوين شيطان جو ساٿي. انهيءَ چيو

أَرَاغِبٌ أَنْتَ عَنْ اٰلِهَتِي يٰٓإِبْرٰهِيمُ ج لَئِنْ لَّمْ تَنْتَهِ

ڇا تون مُنهن موڙيندڙ آهين منهنجي مالڪن کان اي ابراهيم، جيڪڏهن نه مُڙئين

لَأَرْجُمَنَّكَ وَاهْجُرْنِي مَلِيًّا ﴿٤٦﴾ قَالَ سَلٰمٌ عَلَيْكَ ج

ته پٿر هڻندس توکي ۽ ٽري وَڃ مون کان ڪو وقت. چيائين سلام هجي توتي، ❷

سَأَسْتَغْفِرُ لَكَ رَبِّي ط إِنَّهٗ كَانَ بِي حَفِيًّا ﴿٤٧﴾ وَ

جلد معافي گُھرندس تو لاءِ پنهنجي رب کان، بيشڪ اهو آهي مون تي مهربان. ۽

أَعْتَزِلُكُمْ وَ مَا تَدْعُونَ مِنْ دُونِ اللّٰهِ وَ أَدْعُوا

آءٌ ڇڏي وڃان ٿو توهان کي ۽ جن کي پُڪاريندا آهيو الله کان سواءِ ۽ آءٌ دعا گھران ٿو

رَبِّيۡ ﴿ۚ﴾ عَسٰۤى اَلَّاۤ اَكُوۡنَ بِدُعَآءِ رَبِّيۡ شَقِيًّا ﴿۴۸﴾ فَلَمَّا
پنهنجي رب کان، اُميد آهي تہ نہ ٿيندس پنهنجي رب جي دعا کان بي نصيب. پوءِ جڏهن

اعۡتَزَلَهُمۡ وَ مَا يَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ ۙ وَهَبۡنَا
پاسيرو ٿيو انهن کان ۽ جن جي اهي پُوڄا ڪندا هئا الله کان سواءِ تہ ڏنوسون

لَهٗۤ اِسۡحٰقَ وَ يَعۡقُوۡبَ ؕ وَ كُلًّا جَعَلۡنَا نَبِيًّا ﴿۴۹﴾ وَ وَهَبۡنَا
ان کي اسحاق ۽ يعقوب، ۽ هرهڪ کي ڪيوسون نبي. ۽ ڏنوسون

لَهُمۡ مِّنۡ رَّحۡمَتِنَا وَ جَعَلۡنَا لَهُمۡ لِسَانَ صِدۡقٍ عَلِيًّا ﴿۵۰﴾ ع وَ
انهن کي پنهنجي رحمت مان ۽ ڪيوسون انهن جو سچو ❶ پول مٿانهون. ۽

٣ ع ١٠ ٦

اذۡكُرۡ فِي الۡكِتٰبِ مُوۡسٰٓى ۫ اِنَّهٗ كَانَ مُخۡلَصًا وَّ كَانَ رَسُوۡلًا
بيان ڪر ڪتاب ۾ موسيٰ جو بيشڪ اهو هئو چُونڊيل ۽ هئو رسول

نَّبِيًّا ﴿۵۱﴾ وَ نَادَيۡنٰهُ مِنۡ جَانِبِ الطُّوۡرِ الۡاَيۡمَنِ وَ قَرَّبۡنٰهُ
نبي. ۽ سڏيوسون انهي کي طور جي پاسي ساڄي کان ۽ ويجهو ڪيوسون ان کي

نَجِيًّا ﴿۵۲﴾ وَ وَهَبۡنَا لَهٗ مِنۡ رَّحۡمَتِنَاۤ اَخَاهُ هٰرُوۡنَ نَبِيًّا ﴿۵۳﴾
ڳالهائڻ لاءِ. ۽ ڏنوسون ان کي پنهنجي رحمت مان سندس ڀاءُ هارون نبي ڪري.

وَ اذۡكُرۡ فِي الۡكِتٰبِ اِسۡمٰعِيۡلَ ۫ اِنَّهٗ كَانَ صَادِقَ الۡوَعۡدِ وَ كَانَ
۽ بيان ڪر ڪتاب ۾ اسماعيل جو اهو هئو سچو وعدي جو ۽ هئو

رَسُوۡلًا نَّبِيًّا ﴿۵۴﴾ ج وَ كَانَ يَاۡمُرُ اَهۡلَهٗ بِالصَّلٰوةِ وَ الزَّكٰوةِ ۪
رسول نبي. ۽ حڪم ڪندو هئو پنهنجي گهر وارن کي نماز ۽ زڪوات جو

وَ كَانَ عِنۡدَ رَبِّهٖ مَرۡضِيًّا ﴿۵۵﴾ وَ اذۡكُرۡ فِي الۡكِتٰبِ اِدۡرِيۡسَ ۫
۽ هئو پنهنجي پروردگار جو پيارو. ۽ بيان ڪر ڪتاب ۾ ادريس جو، ❷

اِنَّهٗ كَانَ صِدِّيۡقًا نَّبِيًّا ﴿۵۶﴾ ۙ وَّ رَفَعۡنٰهُ مَكَانًا عَلِيًّا ﴿۵۷﴾ اُولٰٓئِكَ
اهو هئو سچو نبي. ۽ ڪنيوسون انهيءَ کي جاءِ مٿينءَ ڏانهن. هي

الَّذِيْنَ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ مِّنَ النَّبِيّٖنَ مِنْ ذُرِّيَّةِ اٰدَمَ ق وَ

اهي ئي آهن انعام ڪيو الله جن پيغمبرن تي آدم جي اولاد مان ۽

مِمَّنْ حَمَلْنَا مَعَ نُوْحٍ ز وَّ مِنْ ذُرِّيَّةِ اِبْرٰهِيْمَ وَ اِسْرَآءِيْلَ ز

انهن مان جن کي سوار ڪيوسون نوح سان گڏ ۽ اولاد ابراهيم ۽ يعقوب جي مان

وَ مِمَّنْ هَدَيْنَا وَ اجْتَبَيْنَا ط اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ

۽ انهن مان جن کي هدايت ڏني سون ۽ چونڊيوسون، جڏهن پڙهبيون هيون انهن تي

اٰيٰتُ الرَّحْمٰنِ خَرُّوْا سُجَّدًا وَّ بُكِيًّا ۩ ﴿٥٨﴾ فَخَلَفَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ

آيتون الله جون ته ڪري پوندا سجدي ۾ روئندي. وري آيا انهن کان پوءِ

خَلْفٌ اَضَاعُوا الصَّلٰوةَ وَ اتَّبَعُوا الشَّهَوٰتِ فَسَوْفَ يَلْقَوْنَ

نااهل ❶ جن وڃايو نماز کي ۽ پُٺيان لڳا خواهشن جي پوءِ جلد پوندا

غَيًّا ﴿٥٩﴾ لا اِلَّا مَنْ تَابَ وَ اٰمَنَ وَ عَمِلَ صَالِحًا فَاُولٰٓئِكَ

دوزخ جي تري ۾. مگر جنهن توبه ڪئي ۽ ايمان آندو ۽ ڪم چڱا ڪيا پوءِ اهي

يَدْخُلُوْنَ الْجَنَّةَ وَ لَا يُظْلَمُوْنَ شَيْئًا ﴿٦٠﴾ لا جَنّٰتِ عَدْنِ ِالَّتِيْ

داخل ٿيندا جنت ۾ ۽ نه ظلم ڪيا ويندا ڪجھ به. باغ رهڻ لاءِ جن جو

وَعَدَ الرَّحْمٰنُ عِبَادَهٗ بِالْغَيْبِ ط اِنَّهٗ كَانَ وَعْدُهٗ

وعدو ڪيو آهي الله پنهنجي ٻانهن سان پرپُٺ، بيشڪ آهي ان جو وعدو

مَاْتِيًّا ﴿٦١﴾ لَا يَسْمَعُوْنَ فِيْهَا لَغْوًا اِلَّا سَلٰمًا ط وَ لَهُمْ رِزْقُهُمْ

اچڻ وارو. نه ٻڌندا اتي بڪواس پر سلام، ۽ انهن لاءِ هوندو رزق

فِيْهَا بُكْرَةً وَّ عَشِيًّا ﴿٦٢﴾ تِلْكَ الْجَنَّةُ الَّتِيْ نُوْرِثُ مِنْ عِبَادِنَا

اتي صُبح ۽ شام. ❷ هي اهو بهشت آهي جو وارث ڪنداسون پنهنجي ٻانهن مان

مَنْ كَانَ تَقِيًّا ﴿٦٣﴾ وَ مَا نَتَنَزَّلُ اِلَّا بِاَمْرِ رَبِّكَ ج

❸ انهن کي جي آهن پرهيزگار. ۽ نه ٿا لهون اسان مگر تنهنجي رب جي حُڪم سان،

لَهٗ مَا بَيۡنَ اَيۡدِيۡنَا وَ مَا خَلۡفَنَا وَ مَا بَيۡنَ ذٰلِكَ ۚ

ان جوئي آهي جيڪي اسان جي اڳيان آهي ۽ اسان جي پنيان آهي ۽ جو ان جي وچ ۾ آهي،

وَ مَا كَانَ رَبُّكَ نَسِيًّا ۚ ﴿٦٤﴾ رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ وَ مَا

۽ ناهي تنهنجو رب وساريندڙ. پاليندڙ آسمانن جو ۽ زمين جو ۽ جيڪي

بَيۡنَهُمَا فَاعۡبُدۡهُ وَ اصۡطَبِرۡ لِعِبَادَتِهٖ ؕ هَلۡ

انهن جي وچ ۾ آهي پوءِ تون عبادت ڪر انهيءَ جي ۽ مضبوط رهُ ان جي عبادت تي، ڇا

تَعۡلَمُ لَهٗ سَمِيًّا ﴿٦٥﴾ وَ يَقُوۡلُ الۡاِنۡسَانُ ءَ اِذَا مَا مِتُّ

تون ڄاڻين ٿو ڪو ان جي نالي وارو. ۽ چوي ٿو انسان ڇا جڏهن آءٌ مرندس

لَسَوۡفَ اُخۡرَجُ حَيًّا ﴿٦٦﴾ اَوَ لَا يَذۡكُرُ الۡاِنۡسَانُ اَنَّا

تہ اٿاريو ويندس جيئرو ڪري. ڇا نہ ٿو ياد رکي اِهو ماڻهو تہ اسان ئي

خَلَقۡنٰهُ مِنۡ قَبۡلُ وَ لَمۡ يَكُ شَيۡـًٔا ﴿٦٧﴾ فَوَرَبِّكَ

پيدا ڪيو انهيءَ کي اڳ ۾ ۽ نہ هئو ڪا شيءِ. پوءِ قسم تنهنجي رب جو تہ

لَنَحۡشُرَنَّهُمۡ وَ الشَّيٰطِيۡنَ ثُمَّ لَنُحۡضِرَنَّهُمۡ حَوۡلَ جَهَنَّمَ

ضرور گڏ ڪنداسون انهن کي ۽ شيطانن کي پوءِ آڻينداسون انهن کي دوزخ جي چوڌاري

جِثِيًّا ۚ ﴿٦٨﴾ ثُمَّ لَنَنۡزِعَنَّ مِنۡ كُلِّ شِيۡعَةٍ اَيُّهُمۡ اَشَدُّ

گوڏن ڀر. پوءِ جدا ڪنداسون هر ٽولي مان جيڪو انهن مان ڏاڍو هئو

عَلَى الرَّحۡمٰنِ عِتِيًّا ۚ ﴿٦٩﴾ ثُمَّ لَنَحۡنُ اَعۡلَمُ بِالَّذِيۡنَ هُمۡ

رحمان تي آڪڙيل. ❶ پوءِ اسين گهڻو ڄاڻون ٿا انهن کي جيڪي اهي

اَوۡلٰى بِهَا صِلِيًّا ﴿٧٠﴾ وَ اِنۡ مِّنۡكُمۡ اِلَّا وَارِدُهَا ۚ كَانَ

لائق آهن ان ۾ پوڻ جا. ۽ ناهي ڪو بہ توهان مان مگر اتي ايندو، ❷ اهو آهي

عَلٰى رَبِّكَ حَتۡمًا مَّقۡضِيًّا ۚ ﴿٧١﴾ ثُمَّ نُنَجِّى الَّذِيۡنَ اتَّقَوۡا

تنهنجي رب جو پڪو فيصلو ٿيل. پوءِ بچائينداسون انهن کي جيڪي پرهيز ڪن ٿا

وَّ نَذَرُ الظّٰلِمِيْنَ فِيْهَا جِثِيًّا ﴿۷۲﴾ وَ اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ
۽ ڇڏينداسون ڏوهارين کي ان ۾ گوڏن ڀر. ۽ جڏهن پڙهجن ٿيون انهن تي

اٰيٰتُنَا بَيِّنٰتٍ قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا ۙ
اسان جون آيتون چٽيون چوَن ٿا ڪفر وارا ايمان وارن کي

اَيُّ الْفَرِيْقَيْنِ خَيْرٌ مَّقَامًا وَّ اَحْسَنُ نَدِيًّا ﴿۷۳﴾ وَ كَمْ
ته ڪهڙو ٻنهي ٽولن مان ڀلو آهي درجي ۾ ۽ معتبر مجلس ۾. ۽ ڪيترين ئي

اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنْ قَرْنٍ هُمْ اَحْسَنُ اَثَاثًا وَّ رِءْيًا ﴿۷۴﴾
هلاڪ ڪيون سون انهن کان اڳي قومون جي بهتر هيون سامان ۾ ۽ ڏيک ويک ۾.

قُلْ مَنْ كَانَ فِي الضَّلٰلَةِ فَلْيَمْدُدْ لَهُ الرَّحْمٰنُ مَدًّا ۚ۬
چؤ جيڪو آهي گمراهي ۾ پوءِ ڍل ڍرڏئي انهيءَ کي الله ڍڳهي،

حَتّٰۤى اِذَا رَاَوْا مَا يُوْعَدُوْنَ اِمَّا الْعَذَابَ وَ اِمَّا
ايستائين جو ڏسن اها شيءِ جنهن جو ساڻن وعدو ٿيل آهي يا عذاب يا

السَّاعَةَ ؕ فَسَيَعْلَمُوْنَ مَنْ هُوَ شَرٌّ مَّكَانًا وَّ اَضْعَفُ جُنْدًا ﴿۷۵﴾
قيامت، پوءِ سمجهي ويندا ته ڪنهن جي آهي بڇڙي جاءِ ۽ ڪمزور فوج.

وَ يَزِيْدُ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اهْتَدَوْا هُدًى ؕ وَ الْبٰقِيٰتُ الصّٰلِحٰتُ خَيْرٌ
۽ وڌائي ٿو الله هدايت وارن جي هدايت کي، ۽ باقي رهندڙ نيڪيون ڀليون آهن

عِنْدَ رَبِّكَ ثَوَابًا وَّ خَيْرٌ مَّرَدًّا ﴿۷۶﴾ اَ فَرَءَيْتَ الَّذِيْ كَفَرَ
تنهنجي رب وٽ ثواب ۾ ۽ ڀليون آهن موٽ ۾. ڇا پوءِ ڏٺو تو اهو جنهن ڪفر ڪيو

بِاٰيٰتِنَا وَ قَالَ لَاُوْتَيَنَّ مَالًا وَّ وَلَدًا ﴿۷۷﴾ اَ طَّلَعَ
اٰمَنُوْا لَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ؕ وَ مَنْ يَّتَّبِعْ خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ

ايمان آندو! نہ هلو شيطان جي وِکن تي، ۽ جيڪو هلندو شيطان جي وِکن تي

فَاِنَّهٗ يَاْمُرُ بِالْفَحْشَآءِ وَ الْمُنْكَرِ ؕ وَ لَوْلَا فَضْلُ

پوءِ اهو حڪم ڪندو آهي بي حيائي ۽ بڇڙي ڪم جو، ۽ جيڪڏهن نہ هجي ها مهرباني

اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَ رَحْمَتُهٗ مَا زَكٰى مِنْكُمْ مِّنْ اَحَدٍ اَبَدًا ۙ

الله جي توهان تي ۽ سندس رحمت تہ نہ سڌري ها توهان مان ڪوئي ڪڏهن بہ،

وَّ لٰكِنَّ اللّٰهَ يُزَكِّيْ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ اللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢١﴾ وَ لَا

پر الله سڌاري ٿو جنهن کي گهري، ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. ۽ نہ

يَاْتَلِ اُولُوا الْفَضْلِ مِنْكُمْ وَ السَّعَةِ اَنْ يُّؤْتُوْۤا اُولِي الْقُرْبٰى

قسم کڻي فضيلت وارو توهان مان ۽ ڪشادگي وارو امداد ڏيڻ کان ❶ مائٽن

وَ الْمَسٰكِيْنَ وَ الْمُهٰجِرِيْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۖ وَ لْيَعْفُوْا وَ

۽ غريبن ۽ هجرت ڪندڙن کي الله جي راهہ ۾، ۽ ڀَل معاف ڪن ۽

لْيَصْفَحُوْا ؕ اَلَا تُحِبُّوْنَ اَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ

ٽري وڃن، ڇا نہ ٿا چاهيو تہ بخشي الله توهان کي، ❷ ۽ الله بخشڻهار

رَّحِيْمٌ ﴿٢٢﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يَرْمُوْنَ الْمُحْصَنٰتِ الْغٰفِلٰتِ

مهربان آهي. جيڪي ماڻهو تهمت ڏين ٿا پاڪدامن بي خبر

الْمُؤْمِنٰتِ لُعِنُوْا فِي الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ ۪ وَ لَهُمْ

ايمان وارين عورتن کي اهي لعنت ڪيا ويا دنيا ۽ آخرت ۾ ۽ انهن لاءِ آهي

عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿٢٣﴾ يَّوْمَ تَشْهَدُ عَلَيْهِمْ اَلْسِنَتُهُمْ وَ اَيْدِيْهِمْ
عذاب وڏو. جنهن ڏينهن شاهدي ڏينديون انهن تي سندن زبانون ۽ سندن هٿ

وَ اَرْجُلُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٢٤﴾ يَوْمَئِذٍ يُّوَفِّيْهِمُ اللّٰهُ
۽ پير ان جي جيڪي ڪندا هئا. ان ڏينهن پوري ڏيندو انهن کي الله

دِيْنَهُمُ الْحَقَّ وَ يَعْلَمُوْنَ اَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْحَقُّ الْمُبِيْنُ ﴿٢٥﴾
سندن سزا حق واري ۽ ڄاڻندا ته بيشڪ الله ئي سچو آهي کولي ٻڌائيندڙ آهي.

اَلْخَبِيْثٰتُ لِلْخَبِيْثِيْنَ وَ الْخَبِيْثُوْنَ لِلْخَبِيْثٰتِ ۚ وَ الطَّيِّبٰتُ لِلطَّيِّبِيْنَ
بڇڙيون آهن بڇڙن لاءِ (١) ۽ بڇڙا بڇڙين لاءِ ۽ چڱيون آهن چڱن لاءِ

وَ الطَّيِّبُوْنَ لِلطَّيِّبٰتِ ۚ اُولٰٓئِكَ مُبَرَّءُوْنَ مِمَّا يَقُوْلُوْنَ ؕ
۽ چڱا چڱين لاءِ اهي آجا آهن ان کان جيڪي چون ٿا،

ع ٣ ٩
لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّ رِزْقٌ كَرِيْمٌ ﴿٢٦﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَدْخُلُوْا
انهن لاءِ بخشش ۽ روزي عزت واري آهي. اي ايمان وارو! نه داخل ٿيو

بُيُوْتًا غَيْرَ بُيُوْتِكُمْ حَتّٰى تَسْتَاْنِسُوْا وَ تُسَلِّمُوْا عَلٰٓى اَهْلِهَا ؕ
ڪنهن ٻـ گهر ۾ پنهنجن گهرن کان سواءِ جيستائين اجازت وٺو ۽ سلام چئو انهن گهر وارن تي، (٢)

ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿٢٧﴾ فَاِنْ لَّمْ تَجِدُوْا
اهو اٿوَ بهتر توهان لاءِ جيئن اوهين ياد رکو. پوءِ جيڪڏهن نه لهو

فِيْهَآ اَحَدًا فَلَا تَدْخُلُوْهَا حَتّٰى يُؤْذَنَ لَكُمْ ۚ وَ اِنْ
اتي ڪوئي ته نه گهڙو ان ۾ جيسين موڪل ملي توهان کي، ۽ جيڪڏهن

قِيْلَ لَكُمُ ارْجِعُوْا فَارْجِعُوْا هُوَ اَزْكٰى لَكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ
چيو وڃي توهان کي ته موٽي وڃو پوءِ موٽي وڃو اهو تمام چڱو آهي توهان لاءِ، ۽ الله

بِمَا تَعْمَلُوْنَ عَلِيْمٌ ﴿٢٨﴾ لَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَنْ تَدْخُلُوْا بُيُوْتًا
توهان جي عملن کي ڄاڻندڙ آهي. ناهي توهان تي ڪو گناهه جو گهڙي وڃو گهرن ۾

غَيْرَ مَسْكُوْنَةٍ فِيْهَا مَتَاعٌ لَّكُمْ ط وَ اللّٰهُ يَعْلَمُ مَا تُبْدُوْنَ

جيڪي رهائشي نہ آهن، ❶ اتي سامان آهي توهان جو، ۽ الله ڄاڻي ٿو جيڪي ظاهر ڪريو ٿا

وَ مَا تَكْتُمُوْنَ ﴿۲۹﴾ قُلْ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ يَغُضُّوْا مِنْ اَبْصَارِهِمْ

۽ جيڪي لڪايو ٿا. چئو مسلمانن کي تہ جهڪائين پنهنجون نگاهون ❷

وَ يَحْفَظُوْا فُرُوْجَهُمْ ط ذٰلِكَ اَزْكٰى لَهُمْ ط اِنَّ اللّٰهَ

۽ بچائن پنهنجون اگهڙون، اهو تمام چڱو آهي انهن لاءِ، بيشڪ الله

خَبِيْرٌۢ بِمَا يَصْنَعُوْنَ ﴿۳۰﴾ وَ قُلْ لِّلْمُؤْمِنٰتِ يَغْضُضْنَ

خبر رکندڙ آهي جيڪي ڪن ٿا. ۽ چئو ايمان وارين کي تہ هيٺ ڪن

مِنْ اَبْصَارِهِنَّ وَ يَحْفَظْنَ فُرُوْجَهُنَّ وَ لَا يُبْدِيْنَ زِيْنَتَهُنَّ

پنهنجون اکيون ۽ بچائين پنهنجون اگهڙون ۽ نہ ظاهر ڪن پنهنجي زينت

اِلَّا مَا ظَهَرَ مِنْهَا وَلْيَضْرِبْنَ بِخُمُرِهِنَّ عَلٰى جُيُوْبِهِنَّ ص وَ لَا

مگر جا ظاهر ٿيڻي آهي ❸ ۽ وجهن پنهنجن رون کي پنهنجن گريبانن تي ۽ نہ

يُبْدِيْنَ زِيْنَتَهُنَّ اِلَّا لِبُعُوْلَتِهِنَّ اَوْ اٰبَآئِهِنَّ اَوْ اٰبَآءِ بُعُوْلَتِهِنَّ

ظاهر ڪن پنهنجي زينت مگر پنهنجن مڙسن لاءِ يا پنهنجن ابن يا مڙسن جي ابن

اَوْ اَبْنَآئِهِنَّ اَوْ اَبْنَآءِ بُعُوْلَتِهِنَّ اَوْ اِخْوَانِهِنَّ اَوْ

يا پٽن پنهنجن يا پٽن پنهنجي مڙس جي لاءِ يا پنهنجن ڀائرن لاءِ يا

بَنِيْٓ اِخْوَانِهِنَّ اَوْ بَنِيْٓ اَخَوٰتِهِنَّ اَوْ نِسَآئِهِنَّ اَوْ

ڀائٽين يا ڀاڻيجن لاءِ يا پنهنجن عورتن ❹ يا

مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُنَّ اَوِ التّٰبِعِيْنَ غَيْرِ اُولِي الْاِرْبَةِ مِنَ الرِّجَالِ

ٻانهين لاءِ يا اهڙن نوڪرن لاءِ جي نہ آهن خواهش وارا ❺ مرد

اَوِ الطِّفْلِ الَّذِيْنَ لَمْ يَظْهَرُوْا عَلٰى عَوْرٰتِ النِّسَآءِ ص وَ لَا

يا اهي ڇوڪرا جي نہ ٿا سمجهہ رکن عورتن جي اگهڙن تي ۽ نہ

يَضْرِبْنَ بِاَرْجُلِهِنَّ لِيُعْلَمَ مَا يُخْفِيْنَ مِنْ زِيْنَتِهِنَّ ط

هڻن پير پنهنجا اهڙا جو معلوم ٿئي اهو جو لڪائن ٿيون پنهنجن زيورن مان،

وَ تُوْبُوْۤا اِلَى اللّٰهِ جَمِيْعًا اَيُّهَ الْمُؤْمِنُوْنَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۳۱﴾ وَ

۽ رجوع ٿيو الله جي طرف سمورا اي ايمان وارو جيئن توهان ڪامياب ٿيو. ۽

اَنْكِحُوا الْاَيَامٰى مِنْكُمْ وَ الصّٰلِحِيْنَ مِنْ عِبَادِكُمْ وَ اِمَآئِكُمْ ط

شادي ڪرايو پنهنجن وينل عورتن جي ۽ پنهنجن نيڪ ٻانهن ۽ ٻانهين جي،

اِنْ يَّكُوْنُوْا فُقَرَآءَ يُغْنِهِمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ ط وَ اللّٰهُ

جيڪڏهن هوندا مسڪين ته آسودو ڪندو انهن کي الله پنهنجي فضل سان، ۽ الله

وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿۳۲﴾ وَ لْيَسْتَعْفِفِ الَّذِيْنَ لَا يَجِدُوْنَ

ڪشادگي ڏيندڙ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ آهي. ۽ پرهيز ڪن (1) جيڪي نه ٿا پهچن

نِكَاحًا حَتّٰى يُغْنِيَهُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ ط وَ الَّذِيْنَ يَبْتَغُوْنَ

نڪاح کي جيسين آسودو ڪرين الله پنهنجي مهر سان، ۽ جيڪي گهرن ٿا

الْكِتٰبَ مِمَّا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ فَكَاتِبُوْهُمْ اِنْ عَلِمْتُمْ فِيْهِمْ

دستاويز توهان جي ٻانهن مان پوءِ لکي ڏيو انهن کي جيڪڏهن سمجهو ٿا انهن ۾

خَيْرًا ق وَّ اٰتُوْهُمْ مِّنْ مَّالِ اللّٰهِ الَّذِيْۤ اٰتٰىكُمْ ط وَ لَا

ڪا چڱائي، ۽ ڏيو انهن کي الله جي مال مان جيڪو ڏنو اٿائين توهان کي، ۽ نه

تُكْرِهُوْا فَتَيٰتِكُمْ عَلَى الْبِغَآءِ اِنْ اَرَدْنَ تَحَصُّنًا

مجبور ڪريو پنهنجين ڇوڪرين کي بدڪاريءَ تي، (2) جڏهن اهي چاهين ٿيون شادي ڪي،

لِّتَبْتَغُوْا عَرَضَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ط وَ مَنْ يُّكْرِهْهُّنَّ فَاِنَّ

ته جيئن ڪمايو سامان دنيا جي حياتي جو، ۽ جيڪو مجبور ڪندو انهن کي پوءِ بيشڪ

اللّٰهَ مِنْ بَعْدِ اِكْرَاهِهِنَّ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۳۳﴾ وَ لَقَدْ اَنْزَلْنَآ

الله انهن جي مجبوريءَ بعد بخشڻهار مهربان آهي. ۽ تحقيق اسان نازل ڪيون آهن

اِلَيْكُمْ اٰيٰتٍ مُّبَيِّنٰتٍ وَّ مَثَلًا مِّنَ الَّذِيْنَ خَلَوْا

توهان ڏانهن آيتون پڌريون ۽ بيان انهن جو جيڪي گذريا آهن

مِنْ قَبْلِكُمْ وَ مَوْعِظَةً لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿۳۴﴾ اَللّٰهُ نُوْرُ السَّمٰوٰتِ

توهان کان اڳ ۽ نصيحت پرهيزگارن لاءِ. الله روشن ڪندڙ آهي ❶ آسمانن

وَ الْاَرْضِ ؕ مَثَلُ نُوْرِهٖ كَمِشْكٰوةٍ فِيْهَا مِصْبَاحٌ ؕ

۽ زمين کي، ان جي روشني جو مثال جاري جهڙو آهي جنهن ۾ بتي هجي،

اَلْمِصْبَاحُ فِيْ زُجَاجَةٍ ؕ اَلزُّجَاجَةُ كَاَنَّهَا كَوْكَبٌ دُرِّيٌّ

اها بتي هجي ڪائي ۾، اهو ڪائو ڄڻ ته آهي تارو چمڪندڙ

يُّوْقَدُ مِنْ شَجَرَةٍ مُّبٰرَكَةٍ زَيْتُوْنَةٍ لَّا شَرْقِيَّةٍ وَّ لَا غَرْبِيَّةٍ ۙ

اها ٻاريل آهي برڪت واري وڻ زيتون مان جو نه اوڀر وارو ۽ نه اولهه وارو،

يَّكَادُ زَيْتُهَا يُضِيْٓءُ وَلَوْ لَمْ تَمْسَسْهُ نَارٌ ؕ نُوْرٌ عَلٰى نُوْرٍ ؕ

اجهو ته تيل ان جو روشني ڪري توڙي جو نه لڳي ان کي باهه، نور علي نور، ❷

يَهْدِي اللّٰهُ لِنُوْرِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ يَضْرِبُ اللّٰهُ

راهه ڏيکاري ٿو الله پنهنجي نور جي جنهن کي گهري، ۽ بيان ڪري ٿو الله

الْاَمْثَالَ لِلنَّاسِ ؕ وَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿۳۵﴾ ۙ فِيْ بُيُوْتٍ

مثال ماڻهن جي لاءِ، ۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. انهن گهرن ۾

اَذِنَ اللّٰهُ اَنْ تُرْفَعَ وَ يُذْكَرَ فِيْهَا اسْمُهٗ ۙ

جو حڪم ڪيو آهي الله ته بلند ڪيو وڃي ❸ ۽ ياد ڪيو وڃي انهن ۾ سندس نالو،

يُسَبِّحُ لَهٗ فِيْهَا بِالْغُدُوِّ وَ الْاٰصَالِ ﴿۳۶﴾ ۙ رِجَالٌ ۙ

تسبيح پڙهن ٿا ان جي اُتي صُبح ۽ شام. اُهي مرد

لَّا تُلْهِيْهِمْ تِجَارَةٌ وَّ لَا بَيْعٌ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ وَ اِقَامِ

جن کي نه ٿو غافل ڪري واپار ۽ نه وِڪرو الله جي ذڪر کان ۽ قائم ڪرڻ

الصَّلٰوةِ وَ اِيْتَآءِ الزَّكٰوةِ ۙ يَخَافُوْنَ يَوْمًا تَتَقَلَّبُ فِيْهِ

نماز ۽ ڏيڻ زڪوات کان اهي ڊڄن ٿا اهڙي ڏينهن کان جو ڦري وينديون ان ۾

الْقُلُوْبُ وَ الْاَبْصَارُ ﴿٣٧﴾ ۙ لِيَجْزِيَهُمُ اللّٰهُ اَحْسَنَ مَا عَمِلُوْا

دليون ۽ اکيون. جيئن بدلو ڏئي انهن کي الله وڏيڪ ڀلو سندن عملن کان

وَ يَزِيْدَهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ؕ وَ اللّٰهُ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ

۽ وڌائي انهن کي پنهنجي فضل سان، ۽ الله رزق ڏئي ٿو ❶ جنهن کي چاهي

بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿٣٨﴾ وَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْۤا اَعْمَالُهُمْ كَسَرَابٍۭ بِقِيْعَةٍ

بي حساب. ۽ اهي جن ڪفر ڪيو انهن جا عمل آهن جهڙي رُڃ رڻ پٽ ۾

يَّحْسَبُهُ الظَّمْاٰنُ مَآءً ؕ حَتّٰۤى اِذَا جَآءَهٗ لَمْ يَجِدْهُ شَيْـًٔا

ياڻي ڀانئي ٿو ان کي اُڃايل پاڻي، نيٺ جڏهن ايندو ان وٽ ته نه لهندو اتي ڪا شيءِ

وَّ وَجَدَ اللّٰهَ عِنْدَهٗ فَوَفّٰىهُ حِسَابَهٗ ؕ وَ اللّٰهُ سَرِيْعُ

۽ لهندو الله کي پاڻ وٽ پوءِ پورو ڏيندو ان کي سندس حساب، ❷ ۽ الله تڪڙو

الْحِسَابِ ﴿٣٩﴾ ۙ اَوْ كَظُلُمٰتٍ فِيْ بَحْرٍ لُّجِّيٍّ يَّغْشٰىهُ

حساب وٺندڙ آهي. يا جهڙيون اونداهيون هجن درياءَ اونهي ۾ جنهن کي ڍڪي

مَوْجٌ مِّنْ فَوْقِهٖ مَوْجٌ مِّنْ فَوْقِهٖ سَحَابٌ ؕ ظُلُمٰتٌۢ

لهر جنهن جي مٿان هجي لهر ان جي مٿان ڪڪر، اهي اونداهيون آهن

بَعْضُهَا فَوْقَ بَعْضٍ ؕ اِذَاۤ اَخْرَجَ يَدَهٗ لَمْ يَكَدْ يَرٰىهَا ؕ

هڪ ٻئي جي مٿان، جڏهن اهو ٻاهر ڪڍي پنهنجو هٿ ته نه ڏسي سگهي ان کي، ❸

وَ مَنْ لَّمْ يَجْعَلِ اللّٰهُ لَهٗ نُوْرًا فَمَا لَهٗ مِنْ نُّوْرٍ ﴿٤٠﴾ ع اَ

۽ اهو جنهن لاءِ نه ڪري الله روشني پوءِ ناهي ان لاءِ ڪائي روشني. ڇا

لَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يُسَبِّحُ لَهٗ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ

نه ڏٺئي ته الله جي پاڪائي چون ٿا جيڪي آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ آهن ۽

الطَّيْرُ صٰٓفّٰتٍ ؕ كُلٌّ قَدْ عَلِمَ صَلَاتَهٗ وَ تَسْبِيْحَهٗ ؕ

اُڏامندڙ پکي کنڀ کوليندي، هرهڪ ڄاتي آهي ان جي عبادت ۽ ان جي تسبيح،

وَ اللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِمَا يَفْعَلُوْنَ ﴿۴۱﴾ وَ لِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ

۽ الله ڄاڻندڙ آهي جيڪي اهي ڪن ٿا. ۽ الله جي آهي بادشاهي آسمانن

وَ الْاَرْضِ ۚ وَ اِلَى اللّٰهِ الْمَصِيْرُ ﴿۴۲﴾ اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ

۽ زمين ۾، ۽ الله ڏانهن ئي موٽڻو آهي. ڇا نه ڏٺو تو جو الله

يُزْجِيْ سَحَابًا ثُمَّ يُؤَلِّفُ بَيْنَهٗ ثُمَّ يَجْعَلُهٗ رُكَامًا

هڪلي ٿو ڪڪرڪي پوءِ ملائي ٿو پاڻ ۾ پوءِ ڪري ٿو انهي کي هڪ ٻئي تي تهہ

فَتَرَى الْوَدْقَ يَخْرُجُ مِنْ خِلٰلِهٖ ۚ وَ يُنَزِّلُ مِنَ السَّمَآءِ

پوءِ ڏسين ٿو مينهن کي نڪري پيو انهي جي وچان، ۽ وسائي ٿو ڪڪرن ❶

مِنْ جِبَالٍ فِيْهَا مِنْۢ بَرَدٍ فَيُصِيْبُ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ وَ

جبلن جهڙن مان ڳڙن کي پوءِ پهچائي ٿو ان کي جنهن کي گهري ۽

يَصْرِفُهٗ عَنْ مَّنْ يَّشَآءُ ؕ يَكَادُ سَنَا بَرْقِهٖ يَذْهَبُ

هٽائي ٿو ان کي جنهن کان گهري، اجهو چمڪارو ان جي وِڄ جو نئي ٿو

بِالْاَبْصَارِ ﴿۴۳﴾ يُقَلِّبُ اللّٰهُ الَّيْلَ وَ النَّهَارَ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَعِبْرَةً

اکين کي. ڦيرائي ٿو الله رات ۽ ڏينهن کي، بيشڪ انهيءَ ۾ آهي عبرت

لِّاُولِي الْاَبْصَارِ ﴿۴۴﴾ وَ اللّٰهُ خَلَقَ كُلَّ دَآبَّةٍ مِّنْ مَّآءٍ ۚ فَمِنْهُمْ

اکين وارن لاءِ. ۽ الله پيدا ڪيو هر چرندڙ کي پاڻي مان، پوءِ انهن مان

مَّنْ يَّمْشِيْ عَلٰى بَطْنِهٖ ۚ وَ مِنْهُمْ مَّنْ يَّمْشِيْ عَلٰى رِجْلَيْنِ ۚ

ڪو هلي ٿو پيٽ پر، ❷ ۽ انهن مان ڪو هلي ٿو ٻن پيرن تي،

وَ مِنْهُمْ مَّنْ يَّمْشِيْ عَلٰٓى اَرْبَعٍ ؕ يَخْلُقُ اللّٰهُ مَا يَشَآءُ ؕ اِنَّ

۽ انهن مان ڪو هلي ٿو چئن تي، پيدا ڪري ٿو الله جيڪي چاهي، بيشڪ

اللّٰهَ عَلٰی کُلِّ شَیۡءٍ قَدِیۡرٌ ﴿۴۵﴾ لَقَدۡ اَنۡزَلۡنَاۤ اٰیٰتٍ مُّبَیِّنٰتٍ ؕ

الله هر شيء تي قادر آهي. اسان نازل ڪيون آهن آيتون کولي ٻڌائيندڙ،

وَ اللّٰهُ یَهۡدِیۡ مَنۡ یَّشَآءُ اِلٰی صِرَاطٍ مُّسۡتَقِیۡمٍ ﴿۴۶﴾ وَ

۽ الله هدايت ڪري ٿو جنهن کي گُهري ٿو رستي سِڌي ڏانهن. ۽

یَقُوۡلُوۡنَ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَ بِالرَّسُوۡلِ وَ اَطَعۡنَا ثُمَّ

چون ٿا اسان ايمان آندو الله تي ۽ رسول تي ۽ تابعداري ڪئي سون پوءِ

یَتَوَلّٰی فَرِیۡقٌ مِّنۡهُمۡ مِّنۡۢ بَعۡدِ ذٰلِکَ ؕ وَ مَاۤ اُولٰٓئِکَ

ڦري ٿو وڃي هڪ ٽولو انهن مان ان کان بعد، ۽ ناهن اهي

بِالۡمُؤۡمِنِیۡنَ ﴿۴۷﴾ وَ اِذَا دُعُوۡۤا اِلَی اللّٰهِ وَ رَسُوۡلِهٖ

ايمان وارا. ۽ جڏهن سَڏيا وڃن ٿا الله ۽ ان جي رسول ڏانهن

لِیَحۡکُمَ بَیۡنَهُمۡ اِذَا فَرِیۡقٌ مِّنۡهُمۡ مُّعۡرِضُوۡنَ ﴿۴۸﴾ وَ

جيئن فيصلو ڪري انهن جي وچ ۾ ته اوچتو ڪي ماڻهو انهن مان منهن موڙيندڙ آهن. ۽

اِنۡ یَّکُنۡ لَّهُمُ الۡحَقُّ یَاۡتُوۡۤا اِلَیۡهِ مُذۡعِنِیۡنَ ﴿۴۹﴾ؕ اَ

جيڪڏهن هوندو انهن جو حق ته ايندا انهي ڏانهن قبول ڪندڙ ٿي. ڇا

فِیۡ قُلُوۡبِهِمۡ مَّرَضٌ اَمِ ارۡتَابُوۡۤا اَمۡ یَخَافُوۡنَ اَنۡ یَّحِیۡفَ

انهن جي دلين ۾ مرض آهي يا شڪ ۾ پيا آهن يا ڊڄن ٿا ته متان ظلم ڪري

اللّٰهُ عَلَیۡهِمۡ وَ رَسُوۡلُهٗ ؕ بَلۡ اُولٰٓئِکَ هُمُ الظّٰلِمُوۡنَ ﴿۵۰﴾ ع اِنَّمَا

الله انهن تي ۽ رسول ان جو، نه پر اهي پاڻ ظالم آهن. رڳو

کَانَ قَوۡلَ الۡمُؤۡمِنِیۡنَ اِذَا دُعُوۡۤا اِلَی اللّٰهِ وَ رَسُوۡلِهٖ

هوندو آهي قول مومنن جو جڏهن سڏيا ويندا آهن الله ۽ ان جي رسول ڏانهن

لِیَحۡکُمَ بَیۡنَهُمۡ اَنۡ یَّقُوۡلُوۡا سَمِعۡنَا وَ اَطَعۡنَا ؕ وَ

جيئن فيصلو ڪري تن جي وچ ۾ ته چوندا آهن ٻڌوسون ۽ چيو ورتوسون، ۽

أُولَٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُونَ ﴿٥١﴾ وَ مَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَ رَسُولَهٗ وَ

اهي ماڻهو ئي ڪامياب آهن. ۽ جيڪو چيو ننڊو الله ۽ سندس رسول جو ۽

يَخْشَ اللّٰهَ وَ يَتَّقْهِ فَأُولَٰٓئِكَ هُمُ الْفَآئِزُونَ ﴿٥٢﴾ وَ

ڊڄندو الله کان ۽ لحاظ ڪندوان جو پوءِ اهي ئي مُراد ماڻيندڙ آهن. ❶ ۽

أَقْسَمُوا بِاللّٰهِ جَهْدَ أَيْمَانِهِمْ لَئِنْ أَمَرْتَهُمْ

قسم کڻن ٿا الله جو پڪو ڪندي پنهنجي قسمن ڪي تہ جيڪڏهن تون حُڪم ڪندين

لَيَخْرُجُنَّ ؕ قُلْ لَّا تُقْسِمُوا ۚ طَاعَةٌ مَّعْرُوفَةٌ ؕ إِنَّ اللّٰهَ

تہ ضرور نڪري پوندا، چوين قسم نہ کڻو، چيو ونو چڱيءَ طرح، بيشڪ الله

خَبِيرٌ بِمَا تَعْمَلُونَ ﴿٥٣﴾ قُلْ أَطِيعُوا اللّٰهَ وَ أَطِيعُوا

خبر رکندڙ آهي جيڪي توهان ڪريو ٿا. تون چؤ حڪم مڃيو الله جو ۽ حڪم مڃيو

الرَّسُولَ ۚ فَإِنْ تَوَلَّوْا فَإِنَّمَا عَلَيْهِ مَا حُمِّلَ

رسول جو، پوءِ جيڪڏهن منهن ڦيرائيندا تہ رڳو پوندوان تي جيڪي ان ڪي کڻايو ويو

وَ عَلَيْكُمْ مَّا حُمِّلْتُمْ ؕ وَ إِنْ تُطِيعُوهُ

۽ پوندو توهان تي جيڪي توهان کي کڻايو ويو، ۽ جيڪڏهن حڪم مڃيندؤ انهي جو

تَهْتَدُوا ؕ وَ مَا عَلَى الرَّسُولِ إِلَّا الْبَلٰغُ الْمُبِينُ ﴿٥٤﴾ وَعَدَ اللّٰهُ

تہ هدايت لهندؤ ۽ ناهي رسول تي مگر پهچائڻ پڌرو. انجام ڏنو الله

الَّذِينَ أٰمَنُوا مِنْكُمْ وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَيَسْتَخْلِفَنَّهُمْ

جن ايمان آندو توهان مان ۽ ڪم ڪيا چڱا تہ ضرور حاڪم ڪندو انهن کي ❷

فِي الْأَرْضِ كَمَا اسْتَخْلَفَ الَّذِينَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۠ وَ

ملڪ ۾ جيئن حاڪم ڪيائين انهن کي جيڪي کانئن اڳ هئا ۽

لَيُمَكِّنَنَّ لَهُمْ دِينَهُمُ الَّذِي ارْتَضٰى لَهُمْ وَ

ضرور مضبوط ڪندو انهن لاءِ سندن دين کي جيڪو پسند ڪيو اٿائين انهن لاءِ ۽

لَيُبَدِّلَنَّهُمْ مِّنْ بَعْدِ خَوْفِهِمْ اَمْنًا ؕ يَعْبُدُوْنَنِيْ

ضرور بدلائي ڏيندو انهن کي انهن جي خوف کان پوءِ امن، اهي عبادت ڪندا منهنجي

لَا يُشْرِكُوْنَ بِيْ شَيْئًا ؕ وَمَنْ كَفَرَ بَعْدَ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ

نہ شريڪ ڪندا مون سان ڪنهن کي، ۽ جيڪي ❶ انڪار ڪندا انهي کان پوءِ تہ اهي

هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿٥٥﴾ وَ اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتُوا الزَّكٰوةَ وَ اَطِيْعُوا

ئي گنهگار آهن. ۽ قائم ڪيو نماز کي ۽ ڏيو زڪوات ۽ چيو مڃيو

الرَّسُوْلَ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿٥٦﴾ لَا تَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مُعْجِزِيْنَ

رسول جو تہ توهان تي رحم ڪيو وڃي. نہ ڀائنجا ءِ ڪافرن کي عاجز ڪندڙ

فِي الْاَرْضِ ۚ وَمَاْوٰىهُمُ النَّارُ ؕ وَ لَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿٥٧﴾ يٰٓاَيُّهَا

زمين ۾، ❷ ۽ جاءِ انهن جي باهہ آهي، ۽ اها بڇڙي آهي جاءِ موٽڻ جي. اي اهي

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لِيَسْتَاْذِنْكُمُ الَّذِيْنَ مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ وَ

جن ايمان آندو! اجازت وٺي اچن اوهان کان اوهان جا ٻانها ۽

الَّذِيْنَ لَمْ يَبْلُغُوا الْحُلُمَ مِنْكُمْ ثَلٰثَ مَرّٰتٍ ؕ مِنْ قَبْلِ

اوهان جا ٻار جيڪي نہ پهتا آهن ❸ جوانيءَ کي توهان مان ٽي پيرا، اڳي

صَلٰوةِ الْفَجْرِ وَ حِيْنَ تَضَعُوْنَ ثِيَابَكُمْ مِّنَ الظَّهِيْرَةِ وَ

صبح جي نماز کان ۽ جڏهن لاهي رکو ٿا پنهنجا لٽا منجهند جو ۽

مِنْ بَعْدِ صَلٰوةِ الْعِشَآءِ ؕ قف ثَلٰثُ عَوْرٰتٍ لَّكُمْ ؕ لَيْسَ

بعد نماز سومهڻي جي، اهي ٽي وقت توهان جي اگهڙ جا آهن، ناهي

عَلَيْكُمْ وَ لَا عَلَيْهِمْ جُنَاحٌ ۢ بَعْدَهُنَّ ؕ طَوّٰفُوْنَ عَلَيْكُمْ

توهان تي ۽ نڪي انهن تي ڪا تنگي انهن وقتن کان پوءِ، اهي ڦرندڙ آهن اوهان تي

بَعْضُكُمْ عَلٰى بَعْضٍ ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ ؕ وَ اللّٰهُ

هڪ ٻئي وٽ، اهڙي طرح ٻڌائي ٿو الله توهان کي آيتون، ۽ الله

عَلِيۡمٌ حَكِيۡمٌ ﴿۵۸﴾ وَ اِذَا بَلَغَ الۡاَطۡفَالُ مِنۡكُمُ الۡحُلُمَ

ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. ۽ جڏهن پهچن ٻار اوهان جا جواني کي

فَلۡيَسۡتَاۡذِنُوۡا كَمَا اسۡتَاۡذَنَ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ ؕ كَذٰلِكَ

ته موڪل گهُرن جيئن موڪل گهُري هئي انهن کان اڳين، ❶ اهڙي طرح

يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمۡ اٰيٰتِهٖ ؕ وَ اللّٰهُ عَلِيۡمٌ حَكِيۡمٌ ﴿۵۹﴾

بيان ڪري ٿو الله توهان لاءِ پنهنجون آيتون، ۽ الله ڄاڻندڙ آهي حڪمت وارو آهي.

وَ الۡقَوَاعِدُ مِنَ النِّسَآءِ الّٰتِىۡ لَا يَرۡجُوۡنَ نِكَاحًا فَلَيۡسَ

۽ اهي پوڙهيون عورتون جيڪي نه ٿيون اميد رکن شادي جي ناهي

عَلَيۡهِنَّ جُنَاحٌ اَنۡ يَّضَعۡنَ ثِيَابَهُنَّ غَيۡرَ مُتَبَرِّجٰتٍۭ

انهن تي ڪو گناهه جو لاهي رکن پنهنجا ڪپڙا نه ظاهر ڪندي

بِزِيۡنَةٍ ؕ وَ اَنۡ يَّسۡتَعۡفِفۡنَ خَيۡرٌ لَّهُنَّ ؕ وَ اللّٰهُ سَمِيۡعٌ

پنهنجي سينگار کي، ❷ ۽ پرهيز ڪرڻ بهتر آهي انهن لاءِ، ۽ الله ٻُڌندڙ

عَلِيۡمٌ ﴿۶۰﴾ لَيۡسَ عَلَى الۡاَعۡمٰى حَرَجٌ وَّ لَا عَلَى الۡاَعۡرَجِ حَرَجٌ وَّ لَا

ڄاڻندڙ آهي. ناهي انڌي تي ڪو حرج ۽ نه مَنڊي تي ڪو حرج ۽ نه

عَلَى الۡمَرِيۡضِ حَرَجٌ وَّ لَا عَلٰٓى اَنۡفُسِكُمۡ اَنۡ تَاۡكُلُوۡا مِنۡۢ بُيُوۡتِكُمۡ

بيمار تي ڪو حرج ۽ نه ڪي توهان تي جو کائو پنهنجن گهرن مان

اَوۡ بُيُوۡتِ اٰبَآئِكُمۡ اَوۡ بُيُوۡتِ اُمَّهٰتِكُمۡ اَوۡ بُيُوۡتِ اِخۡوَانِكُمۡ

يا پنهنجن پيئن جي گهرن مان يا پنهنجي مائن جي گهرن يا پنهنجي ڀائرن جي گهرن

اَوۡ بُيُوۡتِ اَخَوٰتِكُمۡ اَوۡ بُيُوۡتِ اَعۡمَامِكُمۡ اَوۡ بُيُوۡتِ عَمّٰتِكُمۡ

يا پنهنجي ڀينرن جي گهرن يا پنهنجي چاچن جي گهرن يا پنهنجين پُڦين جي گهرن

اَوۡ بُيُوۡتِ اَخۡوَالِكُمۡ اَوۡ بُيُوۡتِ خٰلٰتِكُمۡ اَوۡ

يا پنهنجن مامن جي گهرن يا پنهنجين ماسين جي گهرن مان يا

مَا مَلَكْتُمْ مَّفَاتِحَهٗٓ اَوْ صَدِيْقِكُمْ ؕ لَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ
جنهن جي ڪُنجين جا مالڪ آهيو يا پنهنجن دوستن وٽان، ناهي توهان تي ڪو گناهه

اَنْ تَاْكُلُوْا جَمِيْعًا اَوْ اَشْتَاتًا ؕ فَاِذَا دَخَلْتُمْ بُيُوْتًا فَسَلِّمُوْا
جو ڪائو گڏجي يا جُدا جُدا، پوءِ جڏهن وڃو ڪنهن گهر ۾ تہ سلام چئو

عَلٰٓى اَنْفُسِكُمْ تَحِيَّةً مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ مُبٰرَكَةً طَيِّبَةً ؕ كَذٰلِكَ
پاڻ ۾ (۱) دعا الله جي طرفان برڪت واري ڀلي، اهڙي طرح

يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ۝۶۱ ع اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ ع ۸
بيان ڪري ٿو الله توهان لاءِ آيتون جيئن توهان سمجهو. رڳو ايمان وارا

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ اِذَا كَانُوْا مَعَهٗ
اهي آهن جن يقين ڪيو الله ۽ سندس رسول تي ۽ جڏهن هوندا آهن ان سان گڏ

عَلٰٓى اَمْرٍ جَامِعٍ لَّمْ يَذْهَبُوْا حَتّٰى يَسْتَاْذِنُوْهُ ؕ اِنَّ
ڪنهن گڏيل ڪم ۾ تہ هليا نہ ويندا آهن جيسين موڪل وٺن انهيءَ کان، (۲) بيشڪ

الَّذِيْنَ يَسْتَاْذِنُوْنَكَ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَ
جيڪي ماڻهو اجازت گهُرن ٿا توکان اُهي ئي آهن جو ايمان رکن ٿا الله ۽

رَسُوْلِهٖ ۚ فَاِذَا اسْتَاْذَنُوْكَ لِبَعْضِ شَاْنِهِمْ فَاْذَنْ لِّمَنْ
سندس رسول تي، پوءِ جڏهن موڪل گهرن توکان پنهنجي ڪنهن ڪم لاءِ تہ اجازت ڏِج جنهن لاءِ

شِئْتَ مِنْهُمْ وَ اسْتَغْفِرْ لَهُمُ اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝۶۲
گهرين انهن مان ۽ معافي گهُر انهن لاءِ الله کان، بيشڪ الله بخشيندڙ مهربان آهي.

لَا تَجْعَلُوْا دُعَآءَ الرَّسُوْلِ بَيْنَكُمْ كَدُعَآءِ بَعْضِكُمْ بَعْضًا ؕ
نہ ڪريو سڏڻ رسول جو پاڻ ۾ جيئن سڏ ڪرڻ توهان جو هڪبئي کي، (۳)

قَدْ يَعْلَمُ اللّٰهُ الَّذِيْنَ يَتَسَلَّلُوْنَ مِنْكُمْ لِوَاذًا ۚ
خوب سڃاڻي ٿو الله انهن کي جيڪي ڪسڪي وڃن ٿا توهان کان ٻئي جي آڙ ۾

فَلْيَحْذَرِ الَّذِيْنَ يُخَالِفُوْنَ عَنْ اَمْرِهٖٓ اَنْ

پوءِ ڊڄڻ گهرجي انهن کي جيڪي مخالفت ڪن ٿا ان جي حڪم جي متان

تُصِيْبَهُمْ فِتْنَةٌ اَوْ يُصِيْبَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٦٣﴾ اَلَآ

پهچي انهن کي نقصان يا پهچي انهن کي عذاب دردناڪ. خبردار!

اِنَّ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ط

بيشڪ الله لاءِ آهي جيڪي آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ آهي،

قَدْ يَعْلَمُ مَآ اَنْتُمْ عَلَيْهِ ط وَ يَوْمَ يُرْجَعُوْنَ اِلَيْهِ

اهو ڄاڻي ٿو جنهن تي توهان آهيو، ۽ جنهن ڏينهن موٽايا ويندؤ انهي ڏانهن

فَيُنَبِّئُهُمْ بِمَا عَمِلُوْا ط وَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٦٤﴾ ع

پوءِ خبر ڏيندو انهن کي جيڪي عمل ڪيائون، ۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.

ع ٩ ٣ ١٥

سُوْرَةُ الْفُرْقَانِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ سَبْعٌ وَّسَبْعُوْنَ اٰيَةً وَّسِتُّ رُكُوْعَاتٍ

سورت فرقان مڪي آهي ۽ اها ستهتر آيتون ۽ ڇهه رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

تَبٰرَكَ الَّذِيْ نَزَّلَ الْفُرْقَانَ عَلٰى عَبْدِهٖ لِيَكُوْنَ

وڏي برڪت وارو آهي اهو جنهن لاٿو قرآن کي پنهنجي ٻانهي تي جيئن ٿئي

لِلْعٰلَمِيْنَ نَذِيْرًا ﴿١﴾ لا الَّذِيْ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ

جهان وارن لاءِ ڊيڄاريندڙ. ❶ اهو جنهن لاءِ آهي بادشاهي آسمانن ۽ زمين جي

وَ لَمْ يَتَّخِذْ وَلَدًا وَّ لَمْ يَكُنْ لَّهٗ شَرِيْكٌ فِي الْمُلْكِ وَ خَلَقَ

۽ نه ورتائين اولاد ۽ ناهي ان جو ڪوئي ڀائيوار حڪومت ۾ ۽ پيدا ڪيائين

كُلَّ شَيْءٍ فَقَدَّرَهٗ تَقْدِيْرًا ﴿٢﴾ وَ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ

هر شيءِ کي پوءِ پورو رکيائين ان جو انداز. ۽ ورتائون انهي کان سواءِ

اٰلِهَةً لَّا يَخْلُقُوْنَ شَيْـًٔا وَّ هُمْ يُخْلَقُوْنَ وَ لَا يَمْلِكُوْنَ

ٻيا خدا جي نہ ٿا پيدا ڪن ڪا شيءِ ❶ ۽ اهي پاڻ پيدا ڪيل آهن ۽ نہ آهن مالڪ

لِاَنْفُسِهِمْ ضَرًّا وَّ لَا نَفْعًا وَّ لَا يَمْلِكُوْنَ مَوْتًا وَّ لَا حَيٰوةً

پنهنجي سر جي نقصان ۽ نڪي نفعي جا ۽ نہ آهن مالڪ موت جا ۽ نہ حياتي جا

وَّ لَا نُشُوْرًا ﴿٣﴾ وَ قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ هٰذَآ اِلَّآ اِفْكُ

۽ نہ وري اُٿڻ جا. ۽ چيو انهن جن ڪفر ڪيو ناهي اهو مگر ڪوڙ

افْتَرٰىهُ وَ اَعَانَهٗ عَلَيْهِ قَوْمٌ اٰخَرُوْنَ ۚ فَقَدْ

جنهن کي ٺاهيو اٿس ❷ ۽ ساٿ ڏنو آهي ان سان انهي تي ٻين ماڻهن، سو

جَآءُوْ ظُلْمًا وَّ زُوْرًا ﴿٤﴾ ۚ وَ قَالُوْٓا اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ

اهي آيا آهن ظلم تي ۽ ڪوڙ تي. ۽ چيائون، آڪاڻيون اڳين جون آهن

اكْتَتَبَهَا فَهِيَ تُمْلٰى عَلَيْهِ بُكْرَةً وَّ اَصِيْلًا ﴿٥﴾ قُلْ

جن کي لکايو اٿس پوءِ اهي پڙهيون وڃن ٿيون ان تي صُبح ۽ شام. ❸ چئه

اَنْزَلَهُ الَّذِيْ يَعْلَمُ السِّرَّ فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ

نازل ڪيو ان کي انهيءَ جيڪو ڄاڻي ٿو ڳجهه کي آسمانن ۽ زمين ۾،

اِنَّهٗ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿٦﴾ وَ قَالُوْا مَالِ هٰذَا الرَّسُوْلِ

بيشڪ اهو بخشڻهار مهربان آهي. ۽ چيائون ڇا ٿيو آهي هن رسول کي

يَاْكُلُ الطَّعَامَ وَ يَمْشِيْ فِي الْاَسْوَاقِ ؕ لَوْلَآ اُنْزِلَ

جو کائي ٿو کاڌو ۽ گهمي ٿو بازارين ۾، ڇو نہ موڪليو ويو

اِلَيْهِ مَلَكٌ فَيَكُوْنَ مَعَهٗ نَذِيْرًا ﴿٧﴾ ۙ اَوْ يُلْقٰٓى اِلَيْهِ

انهي ڏي مَلڪ تہ هجي ها ان سان گڏ ڊيڄارينڊڙ. يا اُڇليو وڃي ها انهي ڏانهن

كَنْزٌ اَوْ تَكُوْنُ لَهٗ جَنَّةٌ يَّاْكُلُ مِنْهَا ؕ وَ قَالَ

خزانو يا هجي ها ان کي باغ جو کائي ها انهي مان، ❹ ۽ چيو

الظّٰلِمُوْنَ اِنْ تَتَّبِعُوْنَ اِلَّا رَجُلًا مَّسْحُوْرًا ۝٨ اُنْظُرْ كَيْفَ
ظالمن، نہ ٿا پيروي ڪريو مگر هڪ ماڻهو جادو ڪيل جي. ڏس تہ ڪيئن

ضَرَبُوْا لَكَ الْاَمْثَالَ فَضَلُّوْا فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ
بيان ڪيائون تولاءِ مثالَ پوءِ گمراهہ ٿيا پوءِ نہ ٿا لهي سگهن

سَبِيْلًا ۝٩ ع تَبٰرَكَ الَّذِيْٓ اِنْ شَآءَ جَعَلَ لَكَ
رستو. وڏي برڪت وارو آهي اهو جيڪڏهن گُهري تہ ڪري تو لاءِ

خَيْرًا مِّنْ ذٰلِكَ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۙ وَ
بهتر ان ڪان باغ وهن ٿيون جن جي هينان واهيون ۽

يَجْعَلْ لَّكَ قُصُوْرًا ۝١٠ بَلْ كَذَّبُوْا بِالسَّاعَةِ ۣ وَ
ڪري تو لاءِ ماڙيون. پر انهن ڪوڙو ڪيو آخرت کي ۽

اَعْتَدْنَا لِمَنْ كَذَّبَ بِالسَّاعَةِ سَعِيْرًا ۝١١ ۚ اِذَا
اسان تيار ڪئي ان لاءِ جنهن ڪوڙو ڪيو آخرت کي باهہ. جڏهن

رَاَتْهُمْ مِّنْ مَّكَانٍۭ بَعِيْدٍ سَمِعُوْا لَهَا تَغَيُّظًا وَّ زَفِيْرًا ۝١٢
اها ڏسندي انهن کي پري ڪان تہ ٻُڌندا ان جو جوش ۽ ڦوڪارو.

وَ اِذَآ اُلْقُوْا مِنْهَا مَكَانًا ضَيِّقًا مُّقَرَّنِيْنَ دَعَوْا
۽ جڏهن اُڇليا ويندا ان جي سوڙهي جاءِ ۾ جڪڙي تہ پُڪاريندا

هُنَالِكَ ثُبُوْرًا ۝١٣ ط لَا تَدْعُوا الْيَوْمَ ثُبُوْرًا وَّاحِدًا وَّ ادْعُوْا ثُبُوْرًا
اتي موت کي. نہ سڏيو اڄ موت هڪڙي کي پر سڏيو موتن

كَثِيْرًا ۝١٤ قُلْ اَ ذٰلِكَ خَيْرٌ اَمْ جَنَّةُ الْخُلْدِ الَّتِيْ
گهڻن کي. (1) تون چؤ ڀلا اهو چڱو آهي يا بهشت هميشہ رهڻ لاءِ جنهن جو

وُعِدَ الْمُتَّقُوْنَ ؕ كَانَتْ لَهُمْ جَزَآءً وَّ مَصِيْرًا ۝١٥
وعدو ڏنل آهي پرهيزگارن سان، اهو آهي انهن جو بدلو ۽ جاءِ موٽڻ جي.

لَهُمْ فِيْهَا مَا يَشَآءُوْنَ خٰلِدِيْنَ ؕ كَانَ عَلٰى رَبِّكَ

انهن لاءِ اتي آهي جيڪي گهرندا هميشه رهندي، آهي تنهنجي رب جو

وَعْدًا مَّسْـُٔوْلًا ۝١٦ وَ يَوْمَ يَحْشُرُهُمْ وَ مَا يَعْبُدُوْنَ

اهو انجام پڪو. ۽ جنهن ڏينهن گڏ ڪندو انهن کي ۽ جن کي پوڄين ٿا ❶

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ فَيَقُوْلُ ءَ اَنْتُمْ اَضْلَلْتُمْ عِبَادِيْ

الله کان سواءِ پوءِ چوندن ڇا توهان گمراهه ڪيو هئو منهنجن ٻانهن

هٰۤؤُلَآءِ اَمْ هُمْ ضَلُّوا السَّبِيْلَ ؕ۝١٧ قَالُوْا سُبْحٰنَكَ

هنن کي يا اهي پاڻ گمراهه ٿيا هئا رستي کان. چوندا تون پاڪ آهين

مَا كَانَ يَنْۢبَغِيْ لَنَآ اَنْ نَّتَّخِذَ مِنْ دُوْنِكَ مِنْ اَوْلِيَآءَ وَ لٰكِنْ

ناهي لائق اسان جي لاءِ جو ونون توکان سواءِ ٻيا دوست پر

مَّتَّعْتَهُمْ وَ اٰبَآءَهُمْ حَتّٰى نَسُوا الذِّكْرَ ۚ وَ

تو سُکيو رکيو انهن کي ۽ سندن ابن ڏاڏن کي تانجو وساريائون تنهنجي ياد کي، ❷ ۽

كَانُوْا قَوْمًۢا بُوْرًا ۝١٨ فَقَدْ كَذَّبُوْكُمْ بِمَا تَقُوْلُوْنَ ۙ فَمَا

ٿيا اهي ماڻهو برباد. اجهو هنن ڪوڙو ڪيو توهان کي توهان جي ڳالهه ۾ پوءِ نه

صَرْفًا وَّ لَا نَصْرًا ۚ وَ مَنْ يَّظْلِمْ مِّنْكُمْ

ٽا سگهو عذاب ٽاري ۽ نڪي مدد ڪري، ۽ جيڪو به ظلم ڪندو توهان مان

نُذِقْهُ عَذَابًا كَبِيْرًا ۝١٩ وَ مَآ اَرْسَلْنَا قَبْلَكَ مِنَ الْمُرْسَلِيْنَ

چکائينداسون ان کي عذاب وڏو. ۽ نه موڪلياسون توکان اڳي رسول

اِلَّآ اِنَّهُمْ لَيَاْكُلُوْنَ الطَّعَامَ وَ يَمْشُوْنَ فِي الْاَسْوَاقِ ؕ وَ جَعَلْنَا

مگر اهي کائيندا هئا کاڌو ۽ هلندا هئا بزارين ۾ ۽ ڪيوسون

بَعْضَكُمْ لِبَعْضٍ فِتْنَةً ؕ اَ تَصْبِرُوْنَ ۚ وَ كَانَ رَبُّكَ بَصِيْرًا ۝٢٠ ع

توهان مان هڪڙن کي ٻين لاءِ آزمائش، ڇا صبر ڪيو ٿا؟ ۽ آهي رب تنهنجو ڏسندڙ.

ع ٢ ١١ ١٧

وَ قَالَ الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ لِقَآءَنَا لَوْلَآ اُنْزِلَ عَلَيْنَا

۽ چيو انھن جيڪي نہ ٿا اميد رکن ❶ اسان جي ملڻ جي ڇو نہ لاٿا ويا اسان تي

الْمَلٰٓئِكَةُ اَوْ نَرٰى رَبَّنَا ؕ لَقَدِ اسْتَكْبَرُوْا فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ

ملائڪ يا اسان ڏسون ھا پنھنجي رب کي، انھن وڏائي رکي پنھنجن دلين ۾

وَ عَتَوْ عُتُوًّا كَبِيْرًا ﴿٢١﴾ يَوْمَ يَرَوْنَ الْمَلٰٓئِكَةَ لَا

۽ آڪڙ ڪيائون آڪڙ وڏي. ❷ جنھن ڏينھن ڏسندا ملائڪن کي نہ ھوندي

بُشْرٰى يَوْمَئِذٍ لِّلْمُجْرِمِيْنَ وَ يَقُوْلُوْنَ حِجْرًا مَّحْجُوْرًا ﴿٢٢﴾ وَ

خوشخبري تنھن ڏينھن ڏوھارين کي ۽ چوندن بندش مضبوط پيل آھي. ❸ ۽

قَدِمْنَآ اِلٰى مَا عَمِلُوْا مِنْ عَمَلٍ فَجَعَلْنٰهُ هَبَآءً

اسان رُخ ڪنداسون انھن جي عملن ڏانھن جيڪي ڪيا اٿن پوءِ ڪنداسون ان کي دز

مَّنْثُوْرًا ﴿٢٣﴾ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ يَوْمَئِذٍ خَيْرٌ مُّسْتَقَرًّا وَّ اَحْسَنُ

پکڙيل. ❹ بهشت وارا تنھن ڏينھن ڀلي جاءِ قرار ۾ ۽ چڱي

مَقِيْلًا ﴿٢٤﴾ وَ يَوْمَ تَشَقَّقُ السَّمَآءُ بِالْغَمَامِ وَ نُزِّلَ

جاءِ آرام ۾ ھوندا. ❺ ۽ جنھن ڏينھن ڦاٽندو آسمان ڪڪرن سان ۽ لاٿا ويندا

الْمَلٰٓئِكَةُ تَنْزِيْلًا ﴿٢٥﴾ اَلْمُلْكُ يَوْمَئِذِ الْحَقُّ لِلرَّحْمٰنِ ؕ وَ

ملائڪ ھيٺ. بادشاھي تنھن ڏينھن سچي ھوندي الله جي، ۽

كَانَ يَوْمًا عَلَى الْكٰفِرِيْنَ عَسِيْرًا ﴿٢٦﴾ وَ يَوْمَ يَعَضُّ الظَّالِمُ

ٿيندو اھو ڏينھن ڪافرن تي ڏکيو. ۽ جنھن ڏينھن چَڪ ھڻندو ظالم

عَلٰى يَدَيْهِ يَقُوْلُ يٰلَيْتَنِي اتَّخَذْتُ مَعَ الرَّسُوْلِ سَبِيْلًا ﴿٢٧﴾

پنھنجي ھٿن کي چوندو افسوس جيڪر وٺان ھا رسول وارو رستو.

يٰوَيْلَتٰى لَيْتَنِيْ لَمْ اَتَّخِذْ فُلَانًا خَلِيْلًا ﴿٢٨﴾ لَقَدْ اَضَلَّنِيْ عَنِ الذِّكْرِ

ھاءِ ارمان جيڪر آءٌ نہ وٺان ھا فلاڻي کي دوست ڪري. انھي ڀُلايو مون کي نصيحت کان

بَعْدَ اِذْ جَآءَنِیْ ؕ وَ كَانَ الشَّیْطٰنُ لِلْاِنْسَانِ خَذُوْلًا ﴿۲۹﴾ وَ قَالَ

جڏهن اهامون وٽ آئي، ۽ آهي شيطان انسان سان دغا ڪندڙ. ۽ چوندو

الرَّسُوْلُ یٰرَبِّ اِنَّ قَوْمِی اتَّخَذُوْا هٰذَا الْقُرْاٰنَ مَهْجُوْرًا ﴿۳۰﴾

رسول اي منهنجا رب بيشڪ منهنجي قوم ڪيو هن قرآن کي ترڪ. ❶

وَ كَذٰلِكَ جَعَلْنَا لِكُلِّ نَبِیٍّ عَدُوًّا مِّنَ الْمُجْرِمِیْنَ ؕ وَ

۽ اهڙي طرح ڪندا آهيون هر نبي لاءِ دشمن ڏوهارين مان، ۽

كَفٰى بِرَبِّكَ هَادِیًا وَّ نَصِیْرًا ﴿۳۱﴾ وَ قَالَ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا

ڪافي آهي تنهنجو رب هدايت ڪندڙ ۽ مددگار. ۽ چيو انهن جن ڪفر ڪيو

لَوْ لَا نُزِّلَ عَلَیْهِ الْقُرْاٰنُ جُمْلَةً وَّاحِدَةً ۚۛ كَذٰلِكَ ۚۛ لِنُثَبِّتَ

ڇو نه لاٿو ويو انهي تي قرآن هڪ ئي دفعي، ❷ اهڙي طرح، مضبوط ڪريون تا

بِهٖ فُؤَادَكَ وَ رَتَّلْنٰهُ تَرْتِیْلًا ﴿۳۲﴾ وَ لَا یَاْتُوْنَكَ بِمَثَلٍ

انهي سان تنهنجي دل کي ۽ پڙهيوسون ان کي ٿورو ٿورو ڪري. ۽ نه ٿا آڻين تو وٽ ڪو مثال

اِلَّا جِئْنٰكَ بِالْحَقِّ وَ اَحْسَنَ تَفْسِیْرًا ﴿۳۳﴾ ؕ اَلَّذِیْنَ

مگر اسان ڏيندا آهيون توکي سچو جواب ۽ تمام ڀلو بيان. ❸ جيڪي

یُحْشَرُوْنَ عَلٰى وُجُوْهِهِمْ اِلٰى جَهَنَّمَ ۙ اُولٰٓئِكَ شَرٌّ مَّكَانًا وَّ اَضَلُّ

گڏ ڪيا ويندا پنهنجن منهن ڀر ❹ دوزخ ڏانهن اهي ئي بڇڙي جاءِ وارا ۽ غلط

سَبِیْلًا ﴿۳۴﴾ ع وَ لَقَدْ اٰتَیْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ وَ جَعَلْنَا مَعَهٗۤ اَخَاهُ

رستي وارا آهن. ۽ اسان ڏنوسون موسيٰ کي ڪتاب ۽ ڪيوسون ان سان گڏ سندس ڀاءُ

هٰرُوْنَ وَزِیْرًا ﴿۳۵﴾ ۚ فَقُلْنَا اذْهَبَاۤ اِلَى الْقَوْمِ الَّذِیْنَ كَذَّبُوْا

هارون کي ڪمر سنياليندڙ. پوءِ چيوسون وڃو ٻئي ان قوم ڏانهن جن ڪوڙو ڪيو

بِاٰیٰتِنَا ؕ فَدَمَّرْنٰهُمْ تَدْمِیْرًا ﴿۳۶﴾ ؕ وَ قَوْمَ نُوْحٍ لَّمَّا

اسان جي آيتن کي، پوءِ ڪيوسون انهن کي صفا تباهه. ۽ پڻ نوح جي قوم کي جڏهين

ربع ٤ عند المتقدمين ١٣
ع ٣ ١٤

كَذَّبُوا الرُّسُلَ اَغْرَقْنٰهُمْ وَ جَعَلْنٰهُمْ لِلنَّاسِ اٰيَةً ط

انھن ڪوڙو ڪيو رسولن کي تہ ٻوڙيوسون انھن کي ۽ ڪيوسون انھن کي ماڻھن لاءِ عبرت، ❶

وَ اَعْتَدْنَا لِلظّٰلِمِيْنَ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿٣٧﴾ وَّ عَادًا وَّ ثَمُوْدَاْ وَ

۽ اسان تيار ڪيو آھي ظالمن لاءِ عذاب دردناڪ. ۽ پڻ عاد ۽ ثمود ۽

اَصْحٰبَ الرَّسِّ وَ قُرُوْنًاۢ بَيْنَ ذٰلِكَ كَثِيْرًا ﴿٣٨﴾ وَ كُلًّا ضَرَبْنَا

کوھ وارن ۽ بين قومن وِچ وارين گھڻين کي. ۽ سيني کي ٻڌاياسون

لَهُ الْاَمْثَالَ ز وَ كُلًّا تَبَّرْنَا تَتْبِيْرًا ﴿٣٩﴾ وَ لَقَدْ اَتَوْا

سندن واقعا ۽ سيني کي تباھ ڪيوسون ھلاڪ ڪري. ۽ اھي ٽي آيا آھن

عَلَى الْقَرْيَةِ الَّتِيْٓ اُمْطِرَتْ مَطَرَ السَّوْءِ ط اَ فَلَمْ يَكُوْنُوْا يَرَوْنَهَا ج

انھي ڳوٺ تان ❷ جنھن تي وسايو ويو مِينھن عذاب جو، ڇا پوءِ نہ ڏسندا ھئا انھن کي،

بَلْ كَانُوْا لَا يَرْجُوْنَ نُشُوْرًا ﴿٤٠﴾ وَ اِذَا رَاَوْكَ اِنْ يَّتَّخِذُوْنَكَ

بلڪ اھي نہ اميد رکندا ھئا وري اُٿڻ جي. ۽ جڏھن ڏسن ٿا توکي تہ رڳو ونن ٿا توکي

اِلَّا هُزُوًا ط اَ هٰذَا الَّذِيْ بَعَثَ اللّٰهُ رَسُوْلًا ﴿٤١﴾

مسخري ڪري، ڇا ھي! اھو آھي جنھن کي موڪليو آھي الله رسول ڪري.

اِنْ كَادَ لَيُضِلُّنَا عَنْ اٰلِهَتِنَا لَوْلَآ

اھو تہ قريب ھئو جو گمراھ ڪري ھا اسان کي اسان جن معبودن کان جيڪڏھن نہ

اَنْ صَبَرْنَا عَلَيْهَا ط وَ سَوْفَ يَعْلَمُوْنَ حِيْنَ يَرَوْنَ الْعَذَابَ

مضبوط رھون ھا ان تي، ۽ جلد ڄاڻندا جنھن وقت ڏسندا عذاب

مَنْ اَضَلُّ سَبِيْلًا ﴿٤٢﴾ اَ رَءَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ

تہ ڪير ڀُلندڙ آھي رستي کان. ڇا تو ڏٺو انھن کي جنھن ورتو خدا ڪري

هَوٰىهُ ط اَ فَاَنْتَ تَكُوْنُ عَلَيْهِ وَكِيْلًا ﴿٤٣﴾ لا اَمْ تَحْسَبُ اَنَّ

پنھنجي خواھش کي، ❸ ڇا پوءِ تون ٿيندين انھي جو سنڀاليندڙ. ڇا تون ڀانئين ٿو تہ

أَكْثَرَهُمْ يَسْمَعُوْنَ أَوْ يَعْقِلُوْنَ ط إِنْ هُمْ إِلَّا كَالْأَنْعَامِ بَلْ

گھڻا انھن مان ٻڌن ٿا يا سمجھن ٿا، ناھن اھي مگر حيوانن جھڙا بلڪ

ع ٤ هُمْ أَضَلُّ سَبِيْلًا ع ﴿٤٤﴾ أَلَمْ تَرَ إِلٰى رَبِّكَ كَيْفَ مَدَّ

اھي زياده گمراھ آھن. ❶ ڇا نہ ڏٺو تو پنھنجي رب ڏانھن ڪيئن پکيڙيائين

الظِّلَّ ج وَلَوْ شَآءَ لَجَعَلَهٗ سَاكِنًا ج ثُمَّ جَعَلْنَا

پاڇي کي، ۽ جيڪڏھن گھري ھا تہ ڪري ھا ان کي ٽڪندڙ، پوءِ ڪيوسون

الشَّمْسَ عَلَيْهِ دَلِيْلًا لا ﴿٤٥﴾ ثُمَّ قَبَضْنٰهُ إِلَيْنَا

سج کي انھي تي سونھون. ❷ وري سوڙھو ڪيوسون ان کي پنھنجي طرف

قَبْضًا يَسِيْرًا ﴿٤٦﴾ وَهُوَ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الَّيْلَ لِبَاسًا وَّ

ٿورو ٿورو ڪري. ۽ اھوئي آھي جنھن بڻايو توھان لاءِ رات کي ڍڪُ ۽

النَّوْمَ سُبَاتًا وَّجَعَلَ النَّهَارَ نُشُوْرًا ﴿٤٧﴾ وَهُوَ الَّذِيْٓ أَرْسَلَ

ننڊ کي آرام ۽ بڻايائين ڏينھن کي اُٿڻ لاءِ. ۽ اھوئي آھي جنھن موڪليون

الرِّيٰحَ بُشْرًا م بَيْنَ يَدَيْ رَحْمَتِهٖ ج وَأَنْزَلْنَا مِنَ السَّمَآءِ

ھوائون خوشخبري ڏيندڙ پنھنجي رحمت کان اڳ ۾، ❸ ۽ لاٿوسون آسمان مان

مَآءً طَهُوْرًا لا ﴿٤٨﴾ لِّنُحْيِيَ بِهٖ بَلْدَةً مَّيْتًا وَّنُسْقِيَهٗ

پاڻي پاڪ. جيئن آباد ڪريون انھي سان زمين غير آباد کي ۽ پياريون اھو

مِمَّا خَلَقْنَآ أَنْعَامًا وَّأَنَاسِيَّ كَثِيْرًا ﴿٤٩﴾ وَلَقَدْ صَرَّفْنٰهُ

پنھنجي پيدا ڪيل جانورن ۽ ماڻھن گھڻن کي. ❹ ۽ ڦيرايوسون ان کي

بَيْنَهُمْ لِيَذَّكَّرُوْا ز صلے فَأَبٰٓى أَكْثَرُ النَّاسِ إِلَّا كُفُوْرًا ﴿٥٠﴾ وَ

انھن جي وچ ۾ جيئن نصيحت وٺن پر نہ مڙيا گھڻا ماڻھو ڪفر ڪرڻ کان. ۽

لَوْ شِئْنَا لَبَعَثْنَا فِيْ كُلِّ قَرْيَةٍ نَّذِيْرًا ز صلے ﴿٥١﴾ فَلَا تُطِعِ

جيڪڏھن گھرون ھا تہ موڪليون ھا ھر ڳوٺ ۾ ڊيڄاريندڙ. پوءِ تون نہ چيو وٺ

الْكٰفِرِيْنَ وَ جَاهِدْهُمْ بِهٖ جِهَادًا كَبِيْرًا ﴿٥٢﴾ وَ هُوَ

ڪافرن جو ۽ مقابلو ڪر انهن جو قرآن سان مقابلو وڏو. (١) ۽ اهوئي آهي

الَّذِيْ مَرَجَ الْبَحْرَيْنِ هٰذَا عَذْبٌ فُرَاتٌ وَّ هٰذَا مِلْحٌ

جنهن گڏهلايو ٻن دريائن کي هي مِٺو اُڃ لاهڻ وارو ۽ هو لوڻ

اُجَاجٌ ج وَ جَعَلَ بَيْنَهُمَا بَرْزَخًا وَّ حِجْرًا مَّحْجُوْرًا ﴿٥٣﴾ وَ هُوَ

ڪارو (٢) ۽ ڪيائين انهن جي وچ ۾ پردو ۽ آڙ مضبوط. ۽ اهوئي آهي

الَّذِيْ خَلَقَ مِنَ الْمَآءِ بَشَرًا فَجَعَلَهٗ نَسَبًا وَّ صِهْرًا ط وَ

جنهن پيدا ڪيو پاڻي مان آدمي کي پوءِ ڪيائين ان جي پيڙهي ۽ ساهراڻ ۽

كَانَ رَبُّكَ قَدِيْرًا ﴿٥٤﴾ وَ يَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا

آهي تنهنجو رب وڏي طاقت وارو. ۽ پوڄين ٿا الله کان سواءِ ان کي

لَا يَنْفَعُهُمْ وَ لَا يَضُرُّهُمْ ط وَ كَانَ الْكَافِرُ

جو نه ٿو فائدو ڏئي انهن کي ۽ نه ٿو نقصان پهچائي انهن کي، ۽ آهي ڪافر

عَلٰى رَبِّهٖ ظَهِيْرًا ﴿٥٥﴾ وَ مَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا مُبَشِّرًا وَّ نَذِيْرًا ﴿٥٦﴾

پنهنجي رب کان پٺيرو. ۽ رڳو اسان موڪليو توکي خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ.

قُلْ مَآ اَسْئَلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ اِلَّا مَنْ شَآءَ اَنْ يَّتَّخِذَ

چئو آءٌ نه ٿو گهران توهان کان ان تي ڪو اجورو مگر جيڪو چاهي ته وٺي

اِلٰى رَبِّهٖ سَبِيْلًا ﴿٥٧﴾ وَ تَوَكَّلْ عَلَى الْحَيِّ الَّذِيْ لَا يَمُوْتُ وَ

پنهنجي رب ڏانهن رستو. ۽ ڀروسو ڪر انهي جيئري تي جيڪو نه مرندو ۽

سَبِّحْ بِحَمْدِهٖ ط وَ كَفٰى بِهٖ بِذُنُوْبِ عِبَادِهٖ خَبِيْرًا ﴿٥٨﴾ ج لا

تسبيح پڙهه ان جي تعريف سان، (٣) ۽ ڪافي آهي اهو پنهنجي ٻانهن جي گناهن جي خبر رکندڙ.

الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ وَ مَا بَيْنَهُمَا

جنهن پيدا ڪيو آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي

ع ٨ عند المتقدمين ١٢

فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ ۚۛ اَلرَّحْمٰنُ فَسْـَٔلْ

چھن ڏينھن ۾ ① پوءِ قائم رهيو عرش تي، ② اهو ٻاجهارو آهي پوءِ پُڇا ڪر

بِهٖ خَبِيْرًا ﴿٥٩﴾ وَ اِذَا قِيْلَ لَهُمُ اسْجُدُوْا لِلرَّحْمٰنِ قَالُوْا

ان جي خبرواري ڪان. ۽ جڏهن چئجي ٿو انهن کي ته سجدو ڪريو رحمان جو، چون ٿا

وَمَا الرَّحْمٰنُ ۗ اَنَسْجُدُ لِمَا تَاْمُرُنَا وَ

ڪير آهي رحمان، ڇا سجدو ڪريون ان کي جنهن جو حڪم ٿو ڪرين اسان کي ۽

زَادَهُمْ نُفُوْرًا ﴿٦٠﴾ ع السجدة تَبٰرَكَ الَّذِيْ جَعَلَ فِي السَّمَآءِ

ان وڌايو انهن جي نفرت کي. وڏي برڪت وارو آهي اهو جنهن ڪيا آسمان ۾

بُرُوْجًا وَّ جَعَلَ فِيْهَا سِرٰجًا وَّ قَمَرًا مُّنِيْرًا ﴿٦١﴾ وَ هُوَ الَّذِيْ

بُرج ③ ۽ ڪيائين انهن ۾ سِج ۽ چنڊ روشني ڪندڙ. ۽ اهوئي آهي جنهن

جَعَلَ الَّيْلَ وَ النَّهَارَ خِلْفَةً لِّمَنْ اَرَادَ اَنْ

ڪيو رات ۽ ڏينهن کي هڪ ٻئي پٺيان ان ماڻهوءَ لاءِ جيڪو چاهي ته

يَّذَّكَّرَ اَوْ اَرَادَ شُكُوْرًا ﴿٦٢﴾ وَ عِبَادُ الرَّحْمٰنِ الَّذِيْنَ يَمْشُوْنَ

ذڪر ڪري يا چاهي شڪر ڪري. ۽ ٻانها ٻاجهاري جا اُهي آهن جيڪي هلندا آهن

عَلَى الْاَرْضِ هَوْنًا وَّ اِذَا خَاطَبَهُمُ الْجٰهِلُوْنَ قَالُوْا

زمين تي نرمي سان ۽ جڏهن ڳالهائيندا آهن انهن سان جاهل ته چوندا آهن

سَلٰمًا ﴿٦٣﴾ وَ الَّذِيْنَ يَبِيْتُوْنَ لِرَبِّهِمْ سُجَّدًا وَّ قِيَامًا ﴿٦٤﴾

سلام هجيوَ. ④ ۽ اهي جيڪي رات گذارين ٿا پنهنجي رب لاءِ سجدي ۽ قيام ۾. ⑤

وَ الَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَا اصْرِفْ عَنَّا عَذَابَ جَهَنَّمَ ۖۗ

۽ اهي جيڪي چون ٿا اي رب اسان جا هٽاءِ اسان تان عذاب جهنم جو،

اِنَّ عَذَابَهَا كَانَ غَرَامًا ۖۗ ﴿٦٥﴾ اِنَّهَا سَآءَتْ مُسْتَقَرًّا وَّ مُقَامًا ﴿٦٦﴾

بيشڪ عذاب ان جو آهي چٽي. بيشڪ اها بڇڙي آهي جاءِ قرار جي ۽ جاءِ رهڻ جي.

ع ٥ السجدة ٧

وَ الَّذِيۡنَ اِذَاۤ اَنۡفَقُوۡا لَمۡ يُسۡرِفُوۡا وَ لَمۡ يَقۡتُرُوۡا وَ كَانَ

۽ اهي جڏهن خرچ ڪن ٿا اجايو خرچ نہ ٿا ڪن ۽ نڪي تنگي ٿا ڪن ۽ آهي

بَيۡنَ ذٰلِكَ قَوَامًا ﴿۶۷﴾ وَ الَّذِيۡنَ لَا يَدۡعُوۡنَ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ وَ

اهو وچٿرو. ❶ ۽ اهي جيڪي نہ ٿا سڏين الله سان گڏ ٻئي ڪي ۽

لَا يَقۡتُلُوۡنَ النَّفۡسَ الَّتِيۡ حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا بِالۡحَقِّ وَ لَا يَزۡنُوۡنَ ۚ

نہ ٿا قتل ڪن ماڻهوءَ کي جنهن جي منع ڪئي الله مگر حق سان ۽ نڪي زنا ٿا ڪن،

وَ مَنۡ يَّفۡعَلۡ ذٰلِكَ يَلۡقَ اَثَامًا ﴿۶۸﴾ يُّضٰعَفۡ لَهُ الۡعَذَابُ

۽ جيڪو ڪندو اهو ڪم پوندو عذاب ۾. ❷ ٻيڻو ڪيو ويندو ان جو عذاب

يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ وَ يَخۡلُدۡ فِيۡهٖ مُهَانًا ﴿۶۹﴾ اِلَّا مَنۡ تَابَ وَ اٰمَنَ

قيامت ڏينهن ۽ هميشہ رهندو ان ۾ خوار ٿي. مگر جنهن توبه ڪئي ۽ ايمان آندو

وَ عَمِلَ عَمَلًا صَالِحًا فَاُولٰٓئِكَ يُبَدِّلُ اللّٰهُ سَيِّاٰتِهِمۡ حَسَنٰتٍ ؕ

❸ ۽ ڪيائين چڱا ڪم پوءِ انهن جون بدلائيندو الله برايون ڀلاين سان،

وَ كَانَ اللّٰهُ غَفُوۡرًا رَّحِيۡمًا ﴿۷۰﴾ وَ مَنۡ تَابَ وَ عَمِلَ صَالِحًا

۽ آهي الله بخشڻهار مهربان. ۽ جنهن توبه ڪئي ۽ ڪيا چڱا ڪم

فَاِنَّهٗ يَتُوۡبُ اِلَى اللّٰهِ مَتَابًا ﴿۷۱﴾ وَ الَّذِيۡنَ لَا يَشۡهَدُوۡنَ الزُّوۡرَ ۙ

پوءِ اهو موٽي آيو الله ڏانهن پورو موٽڻ. ۽ جيڪي نہ ٿا شامل ٿين ڪوڙي ڪم ۾

وَ اِذَا مَرُّوۡا بِاللَّغۡوِ مَرُّوۡا كِرَامًا ﴿۷۲﴾ وَ الَّذِيۡنَ اِذَا

۽ جڏهن لنگهن ٿا بيهودگي تان تہ لنگهن ٿا شرافت سان. ۽ اهي جڏهن

ذُكِّرُوۡا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمۡ لَمۡ يَخِرُّوۡا عَلَيۡهَا صُمًّا وَّ عُمۡيَانًا ﴿۷۳﴾

کين سمجهائجي ٿو سندن رب جي آيتن سان نہ ٿا ٿي پَونِ ان تي ٻوڙا ۽ انڌا.

وَ الَّذِيۡنَ يَقُوۡلُوۡنَ رَبَّنَا هَبۡ لَنَا مِنۡ اَزۡوَاجِنَا وَ

۽ جيڪي چون ٿا اي رب اسان جا عطا ڪر اسان کي اسان جي زالن ۽

ذُرِّيّٰتِنَا قُرَّةَ اَعْيُنٍ وَّ اجْعَلْنَا لِلْمُتَّقِيْنَ اِمَامًا ﴿٧٤﴾

اسان جي اولاد مان ٺار اکين جو ❶ ۽ کر اسان کي پرهيزگارن جو اڳواڻ.

اُولٰٓئِكَ يُجْزَوْنَ الْغُرْفَةَ بِمَا صَبَرُوْا وَ يُلَقَّوْنَ

انهن کي بدلو ڏنو ويندو بلند جاين جو هن کري تہ صبر ڪيائون ۽ ملاقات ٿيندنِ

فِيْهَا تَحِيَّةً وَّ سَلٰمًا ﴿٧٥﴾ خٰلِدِيْنَ فِيْهَاؕ حَسُنَتْ مُسْتَقَرًّا

اتي دعا ۽ سلام سان. هميشہ رهندا ان ۾ اها ڀلي آهي جاءِ قرار جي

وَّ مُقَامًا ﴿٧٦﴾ قُلْ مَا يَعْبَؤُا بِكُمْ رَبِّيْ لَوْ لَا

۽ جاءِ رهڻ جي. چؤ تہ ٿو پرواهہ ڪري توهان جي منهنجو رب جيڪڏهن نہ

دُعَآؤُكُمْۚ فَقَدْ كَذَّبْتُمْ فَسَوْفَ يَكُوْنُ لِزَامًا ﴿٧٧﴾ ع

سڏيو توهان ان کي، سو توهان ڪوڙو ڪري چڪا آهيو پوءِ جلد ٿيندي سزا لازم. ❷

سُوْرَةُ الشُّعَرَآءِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ مِائَتَانِ وَسَبْعٌ وَّعِشْرُوْنَ اٰيَةً وَّاَحَدَعَشَرَ رُكُوْعًا

سورت شعراء مڪي آهي ۽ اها ٻہ سؤ ستاويهہ آيتون ۽ يارهن رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

طٰسٓمٓ ﴿١﴾ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ﴿٢﴾ لَعَلَّكَ بَاخِعٌ نَّفْسَكَ

طٰسٓمٓ. هي آيتون آهن ڪتاب بيان ڪندڙ جون. شايد تون هلاڪ ڪندين پاڻ کي

اَلَّا يَكُوْنُوْا مُؤْمِنِيْنَ ﴿٣﴾ اِنْ نَّشَاْ نُنَزِّلْ عَلَيْهِمْ

جي اهي ايمان نہ آڻين. ❸ جيڪڏهن اسين چاهيون تہ لاهيون انهن تي

مِّنَ السَّمَآءِ اٰيَةً فَظَلَّتْ اَعْنَاقُهُمْ لَهَا خٰضِعِيْنَ ﴿٤﴾ وَ

آسمان کان ڪا نشاني پوءِ ٿين ڪنڌ انهن جا انهي جي آڏو جُهڪندڙ. ❹ ۽

مَا يَاْتِيْهِمْ مِّنْ ذِكْرٍ مِّنَ الرَّحْمٰنِ مُحْدَثٍ اِلَّا كَانُوْا عَنْهُ

نہ ٿي اچي انهن وٽ ڪا نصيحت رحمان جي نئين مگر آهن انهي کان

الربع · المنزل الخامس ٥ · ع ٧ ٦

مُعْرِضِيْنَ ۝٥ فَقَدْ كَذَّبُوْا فَسَيَاْتِيْهِمْ اَنْۢبٰٓؤُا مَا

منهن ڦيريندڙ. پوءِ انهن ڪوڙو ڪونيو پوءِ اجهو اينديون انهن وٽ خبرون ان جون

كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ۝٦ اَوَ لَمْ يَرَوْا اِلَى الْاَرْضِ كَمْ اَنْۢبَتْنَا

جنهن تي ٺوڪون ڪندا هئا. ڇا نه ڏٺوانهن ڌرتيءَ ڏانهن ڪيتريون ئي پيدا ڪيون سون

فِيْهَا مِنْ كُلِّ زَوْجٍ كَرِيْمٍ ۝٧ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَ مَا كَانَ

ان ۾ هر قسم جون ڀليون شيون. بيشڪ انهيءَ ۾ نشاني آهي، ۽ نه آهن

اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ۝٨ وَ اِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ۝٩ ع

گهڻا انهن مان مڃيندڙ. ۽ بيشڪ تنهنجو رَبُّ اهو ئي زبردست آهي رحم وارو آهي.

ع ١ ٩ ٥

وَ اِذْ نَادٰى رَبُّكَ مُوْسٰٓى اَنِ ائْتِ الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ۝١٠ لا

۽ جڏهن سڏيو تنهنجي رب موسيٰ کي ته اچ ظالمن جي قوم ڏانهن.

قَوْمَ فِرْعَوْنَ ؕ اَلَا يَتَّقُوْنَ ۝١١ قَالَ رَبِّ اِنِّيْٓ اَخَافُ اَنْ

فرعون جي قوم ڏانهن، جو اهي خوف نه ٿا ڪن. چيائين منهنجا رب آءٌ ڊڄان ٿو ته

يُّكَذِّبُوْنِ ۝١٢ ؕ وَ يَضِيْقُ صَدْرِيْ وَ لَا يَنْطَلِقُ لِسَانِيْ

مون کي ڪوڙو ڪندا. (١) ۽ تنگ ٿيندي دل منهنجي (٢) ۽ نه هلندي زبان منهنجي

فَاَرْسِلْ اِلٰى هٰرُوْنَ ۝١٣ وَ لَهُمْ عَلَيَّ ذَنْۢبٌ فَاَخَافُ اَنْ

پوءِ حڪم موڪل هارون ڏانهن. ۽ انهن جو مون تي ڏوهه آهي (٣) پوءِ آءٌ ڊڄان ٿو ته متان

يَّقْتُلُوْنِ ۝١٤ ج قَالَ كَلَّا ج فَاذْهَبَا بِاٰيٰتِنَآ اِنَّا مَعَكُمْ

مون کي ماري وجهن. چيائين هرگز نه، پوءِ وڃو ٻئي اسان جي نشانين سان اسان توهان سان

مُّسْتَمِعُوْنَ ۝١٥ فَاْتِيَا فِرْعَوْنَ فَقُوْلَآ اِنَّا رَسُوْلُ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝١٦ لا

گڏ ٻڌندڙ آهيون. پوءِ اچو فرعون ڏانهن پوءِ چئو اسان موڪليل آهيون رب العالمين جا.

اَنْ اَرْسِلْ مَعَنَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ۝١٧ ؕ قَالَ اَ لَمْ نُرَبِّكَ

ته ڇڏ اسان سان بني اسرائيل کي. ان چيو ڇا نه پاليو هئو اسان توکي

فِيۡنَا وَلِيۡدًا وَّ لَبِثۡتَ فِيۡنَا مِنۡ عُمُرِكَ سِنِيۡنَ ۱۸ وَ فَعَلۡتَ

پاڻ وٽ ٻار ڪري ۽ تون رهيو آهين اسان ۾ پنهنجي عمر جا ڪيئي سال. ۽ تو ڪيو هئو

فَعۡلَتَكَ الَّتِىۡ فَعَلۡتَ وَ اَنۡتَ مِنَ الۡكٰفِرِيۡنَ ۱۹ قَالَ فَعَلۡتُهَاۤ

پنهنجو ڪم جيڪو ڪيو تو ۽ تون ٿيو آهين بي شڪرن مان. چيائين ڪيو هئم اهو

اِذًا وَّاَنَا مِنَ الضَّآلِّيۡنَ ؕ ۲۰ فَفَرَرۡتُ مِنۡكُمۡ لَمَّا خِفۡتُكُمۡ

تنهن وقت آءٌ رستي تي نه هئس. ❶ پوءِ ڀڄي ويس توهان کان جڏهن ڊنم توهان کان

فَوَهَبَ لِىۡ رَبِّىۡ حُكۡمًا وَّ جَعَلَنِىۡ مِنَ الۡمُرۡسَلِيۡنَ ۲۱

پوءِ ڏنو مون کي منهنجي رب حڪم ۽ ڪيائين مون کي رسولن مان.

وَ تِلۡكَ نِعۡمَةٌ تَمُنُّهَا عَلَىَّ اَنۡ عَبَّدْتَّ

۽ اها ڪا مهرباني آهي جنهن جو ٿورو ڪرين ٿو مون تي جو غلام بڻايو اٿئي

بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ ؕ ۲۲ قَالَ فِرۡعَوۡنُ وَمَا رَبُّ الۡعٰلَمِيۡنَ ؕ ۲۳ قَالَ

بني اسرائيل کي. ❷ چيو فرعون ڪير آهي رب العالمين؟ چيائين

رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ وَ مَا بَيۡنَهُمَا ؕ اِنۡ

اهو پالڻهار آهي آسمانن ۽ زمين جو ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي، جيڪڏهن

كُنۡتُمۡ مُّوۡقِنِيۡنَ ۲۴ قَالَ لِمَنۡ حَوۡلَهٗۤ اَ لَا تَسۡتَمِعُوۡنَ ۲۵ قَالَ

توهان يقين ڪريو. ان چيو پنهنجي ڪچهري وارن کي ڇا توهان نه ٿا ٻڌو؟ چيائين

رَبُّكُمۡ وَ رَبُّ اٰبَآئِكُمُ الۡاَوَّلِيۡنَ ۲۶ قَالَ اِنَّ

پالڻهار توهان جو ۽ پالڻهار توهان جي ابن ڏاڏن اڳين جو. ان چيو بيشڪ

رَسُوۡلَكُمُ الَّذِىۡۤ اُرۡسِلَ اِلَيۡكُمۡ لَمَجۡنُوۡنٌ ۲۷ قَالَ رَبُّ

رسول توهان جو جيڪو موڪليو ويو توهان ڏانهن سو چريو آهي. چيائين اهو پالڻهار آهي

الۡمَشۡرِقِ وَ الۡمَغۡرِبِ وَ مَا بَيۡنَهُمَا ؕ اِنۡ كُنۡتُمۡ

اوڀر ۽ اولهه جو ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي، جيڪڏهن توهان

تَعۡقِلُوۡنَ ﴿۲۸﴾ قَالَ لَئِنِ اتَّخَذۡتَ اِلٰهًا غَيۡرِىۡ
عقل رکو ٿا. ان چيو جيڪڏهن ورتو اٿيئي خدا مون کان سواءِ ڪو ٻيو

لَاَجۡعَلَنَّكَ مِنَ الۡمَسۡجُوۡنِيۡنَ ﴿۲۹﴾ قَالَ اَوَ لَوۡ جِئۡتُكَ
تہ ضرور ڪندس آءٌ توکي قيدين مان. چيائين ڇا توڙي جو آءٌ آڻيان تو وٽ

بِشَىۡءٍ مُّبِيۡنٍ‌ ﴿۳۰﴾ قَالَ فَاۡتِ بِهٖۤ اِنۡ كُنۡتَ مِنَ الصّٰدِقِيۡنَ ﴿۳۱﴾
ڪا شيءِ پڌري. ان چيو پوءِ آڻ اها جيڪڏهن آهين تون سچن مان.

فَاَلۡقٰى عَصَاهُ فَاِذَا هِىَ ثُعۡبَانٌ مُّبِيۡنٌ ۚۖ ﴿۳۲﴾ وَّنَزَعَ
پوءِ اُڇليائين لٺ پنهنجي تہ اوچتو اها ٿي پئي نانگ چٽو. ۽ ڪڍيائين

يَدَهٗ فَاِذَا هِىَ بَيۡضَآءُ لِلنّٰظِرِيۡنَ ﴿۳۳﴾ قَالَ
هٿ پنهنجو تہ اوچتو اهو روشن ٿي پيو ڏسندڙن لاءِ. ❶ ان چيو

لِلۡمَلَاِ حَوۡلَهٗۤ اِنَّ هٰذَا لَسٰحِرٌ عَلِيۡمٌ ۙ ﴿۳۴﴾ يُّرِيۡدُ
پنهنجي ڪچهري جي سردارن کي يقينن هيءُ ❷ ڪو جادوگر آهي ڄاڻو. جو چاهي ٿو

اَنۡ يُّخۡرِجَكُمۡ مِّنۡ اَرۡضِكُمۡ بِسِحۡرِهٖ ۖ فَمَاذَا تَاۡمُرُوۡنَ ﴿۳۵﴾
تہ ڪڍي توهان کي توهان جي ملڪ مان پنهنجي جادو سان، پوءِ ڇا ٿا حڪم ڪريو؟

قَالُوۡۤا اَرۡجِهۡ وَاَخَاهُ وَابۡعَثۡ فِى الۡمَدَآئِنِ حٰشِرِيۡنَ ۙ ﴿۳۶﴾
چيائون ڍرڍي ان کي ۽ سندس ڀاءُ کي ۽ موڪل ڳوٺن ۾ گڏ ڪندڙن کي.

يَاۡتُوۡكَ بِكُلِّ سَحَّارٍ عَلِيۡمٍ ﴿۳۷﴾ فَجُمِعَ السَّحَرَةُ لِمِيۡقَاتِ
جو آڻين تو وٽ هر وڏي جادوگر ڄاڻو کي. پوءِ گڏ ڪيا ويا جادوگر موقعي تي

يَوۡمٍ مَّعۡلُوۡمٍ ۙ ﴿۳۸﴾ وَّقِيۡلَ لِلنَّاسِ هَلۡ اَنۡتُمۡ مُّجۡتَمِعُوۡنَ ۙ ﴿۳۹﴾ لَعَلَّنَا
ڏينهن مقرر ۾. ۽ چيو ويو ماڻهن کي ڇا توهان بہ گڏ ٿيندؤ! جيئن اسان

نَتَّبِعُ السَّحَرَةَ اِنۡ كَانُوۡا هُمُ الۡغٰلِبِيۡنَ ﴿۴۰﴾ فَلَمَّا جَآءَ السَّحَرَةُ
تابع ٿيون جادوگرن جا جيڪڏهن اهي زور ٿي ويا. پوءِ جڏهن آيا جادوگر

قَالُوْا لِفِرْعَوْنَ اَئِنَّ لَنَا لَاَجْرًا اِنْ كُنَّا نَحْنُ الْغٰلِبِيْنَ ﴿۴۱﴾

چيائون فرعون کي چا اسان لاءِ آهي مزدوري جيڪڏهن ٿيون اسين زور.

قَالَ نَعَمْ وَ اِنَّكُمْ اِذًا لَّمِنَ الْمُقَرَّبِيْنَ ﴿۴۲﴾ قَالَ لَهُمْ مُّوْسٰٓى

ان چيو هائو ۽ اوهين ان وقت ٿيندا وڏن عهدن تي. چيو انهن کي موسيٰ

اَلْقُوْا مَآ اَنْتُمْ مُّلْقُوْنَ ﴿۴۳﴾ فَاَلْقَوْا حِبَالَهُمْ وَ عِصِيَّهُمْ

اُڇلايو جيڪي توهان اُڇليندڙ آهيو. پوءِ اُڇلايائون رسا پنهنجا ۽ لٺيون پنهنجون

وَ قَالُوْا بِعِزَّةِ فِرْعَوْنَ اِنَّا لَنَحْنُ الْغٰلِبُوْنَ ﴿۴۴﴾ فَاَلْقٰى

۽ چيائون فرعون جي عزت جو قسم، بيشڪ اسان ئي زور آهيون. پوءِ اُڇلايو

مُوْسٰى عَصَاهُ فَاِذَا هِىَ تَلْقَفُ مَا يَاْفِكُوْنَ ﴿۴۵﴾

موسيٰ پنهنجي لٺ کي ته اوچتو اها ڳڙڪائي پئي ان کي جو انهن ٺاهيو هئو.

فَاُلْقِىَ السَّحَرَةُ سٰجِدِيْنَ ﴿۴۶﴾ قَالُوْٓا اٰمَنَّا بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۴۷﴾

پوءِ ڪِري پيا جادوگر سجدو ڪندي. چوڻ لڳا ايمان آندوسون رب العالمين تي.

رَبِّ مُوْسٰى وَ هٰرُوْنَ ﴿۴۸﴾ قَالَ اٰمَنْتُمْ لَهٗ قَبْلَ اَنْ اٰذَنَ

موسيٰ ۽ هارون جي رب تي. ان چيو توهان مڃي ويا ان کي اڳي هن کان جو آءٌ موڪل ڏيان

لَكُمْ اِنَّهٗ لَكَبِيْرُكُمُ الَّذِىْ عَلَّمَكُمُ السِّحْرَ فَلَسَوْفَ

توهان کي، يقينن اهو وڏو آهي توهان جو جنهن سيکاريو توهان کي جادو، پوءِ اجهو

تَعْلَمُوْنَ ﴿ﻁ﴾ لَاُقَطِّعَنَّ اَيْدِيَكُمْ وَ اَرْجُلَكُمْ مِّنْ خِلَافٍ وَّ

اوهين ڄاڻندؤ ضرور وڍيندس هٿ توهان جا ۽ پير توهان جا ابتڙ ۽

لَاُوصَلِّبَنَّكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿۴۹﴾ قَالُوْا لَا ضَيْرَ اِنَّآ

ضرور ڦاهي ڏيندس توهان سيني کي. چيائون ناهي ڪو حرج بيشڪ اسين

اِلٰى رَبِّنَا مُنْقَلِبُوْنَ ﴿۵۰﴾ اِنَّا نَطْمَعُ اَنْ يَّغْفِرَ

پنهنجي رب ڏانهن موٽي ويندڙ آهيون. بيشڪ اسان اميد ٿا ڪريون ته معاف ڪندو

لَنَا رَبُّنَا خَطٰيٰنَآ اَنْ كُنَّآ اَوَّلَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٥١﴾ؕ وَ

اسان کي رب اسان جو گناھ اسان جا جو اسين آھيون پھريان ايمان آڻيندڙ. ۽

اَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰٓى اَنْ اَسْرِ بِعِبَادِيْٓ اِنَّكُمْ

حڪم ڪيوسون موسىٰ کي تہ رات جو ڪڍ منھنجي ٻانھن کي جو توھان جي

مُّتَّبَعُوْنَ ﴿٥٢﴾ فَاَرْسَلَ فِرْعَوْنُ فِي الْمَدَآئِنِ حٰشِرِيْنَ ﴿٥٣﴾ اِنَّ

پنيان پوندا. پوءِ موڪليا فرعون شھرن ۾ گڏ ڪندڙ. تہ

هٰٓؤُلَآءِ لَشِرْذِمَةٌ قَلِيْلُوْنَ ﴿٥٤﴾ وَ اِنَّهُمْ لَنَا لَغَآئِظُوْنَ ﴿٥٥﴾ وَ

اھي ماڻھو آھن جماعت ٿوري. ۽ اھي اسان کي ڪاوڙائيندڙ آھن. ۽

اِنَّا لَجَمِيْعٌ حٰذِرُوْنَ ﴿٥٦﴾ؕ فَاَخْرَجْنٰهُمْ مِّنْ جَنّٰتٍ وَّ عُيُوْنٍ ﴿٥٧﴾

اسين سمورا ھٿيارن وارا آھيون. پوءِ اسان ڪڍيو انھن کي باغن ۽ چشمن.

وَّ كُنُوْزٍ وَّ مَقَامٍ كَرِيْمٍ ﴿٥٨﴾ كَذٰلِكَ ؕ وَ اَوْرَثْنٰهَا

۽ ڪاٺين ۽ جاين پلين مان. ائين ئي ڪيوسون ۽ وارث بڻايوسون انھن جو

بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ﴿٥٩﴾ؕ فَاَتْبَعُوْهُمْ مُّشْرِقِيْنَ ﴿٦٠﴾ فَلَمَّا تَرَآءَ

بني اسرائيل کي. پوءِ پنيان پين سِج اُڀرئي سان. پوءِ جڏھن ڏٺو ھڪ ٻئي کي

الْجَمْعٰنِ قَالَ اَصْحٰبُ مُوْسٰٓى اِنَّا لَمُدْرَكُوْنَ ﴿٦١﴾ قَالَ كَلَّا

ٻنھي جماعتن چيو سنگت موسىٰ جي اسان تہ پڪڙجي پياسون. چيائين ھرگز نہ

اِنَّ مَعِيَ رَبِّيْ سَيَهْدِيْنِ ﴿٦٢﴾ فَاَوْحَيْنَآ

بيشڪ مون سان گڏ منھنجو رب آھي اجھو ڏڳ لائيندو مون کي. پوءِ وحي ڪيوسون

اِلٰى مُوْسٰٓى اَنِ اضْرِبْ بِّعَصَاكَ الْبَحْرَ ؕ فَانْفَلَقَ فَكَانَ

موسىٰ ڏانھن تہ ھڻ لٺ پنھنجي سمنڊ کي، پوءِ اھو چيرجي پيو پوءِ ٿي پئي

كُلُّ فِرْقٍ كَالطَّوْدِ الْعَظِيْمِ ﴿٦٣﴾ وَ اَزْلَفْنَا ثَمَّ الْاٰخَرِيْنَ ﴿٦٤﴾

ھر ڦاڪ پاڙي جي جھڙو جبل وڏو. ۽ ويجھو آندوسون اتي ٻين کي.

وَ اَنۡجَيۡنَا مُوۡسٰى وَ مَنۡ مَّعَهٗۤ اَجۡمَعِيۡنَ ۚ﴿۶۵﴾ ثُمَّ اَغۡرَقۡنَا

۽ بچايوسون موسىٰ کي ۽ جيکي انھي سان گڏ ھئا سمورا. پوءِ ٻوڙيوسون

الۡاٰخَرِيۡنَ ﴿ؕ۶۶﴾ اِنَّ فِیۡ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَ مَا كَانَ اَكۡثَرُهُمۡ

ٻين کي. بيشڪ انھي ۾ نشاني آھي ۽ نہ تيا گھڻا انھن مان

مُّؤۡمِنِيۡنَ ﴿۶۷﴾ وَ اِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الۡعَزِيۡزُ الرَّحِيۡمُ ﴿۶۸﴾ ع وَ اتۡلُ

ايمان آڻيندڙ. ۽ بيشڪ تنھنجو پاليندڙ اھو زبردست مھربان آھي. ۽ پڙھي ٻڌاءِ

عَلَيۡهِمۡ نَبَاَ اِبۡرٰهِيۡمَ ﴿۶۹﴾ اِذۡ قَالَ لِاَبِيۡهِ وَ قَوۡمِهٖ مَا

انھن کي خبر ابراھيم جي. جڏھن چيائين پنھنجي پيءُ ۽ پنھنجي قوم کي ڇا جي

تَعۡبُدُوۡنَ ﴿۷۰﴾ قَالُوۡا نَعۡبُدُ اَصۡنَامًا فَنَظَلُّ لَهَا عٰكِفِيۡنَ ﴿۷۱﴾ قَالَ

عبادت ڪريو ٿا؟ چيائون پوڄيون ٿا بتن کي پوءِ آھيون تن جي آڏو ويھندڙ. چيائين

هَلۡ يَسۡمَعُوۡنَكُمۡ اِذۡ تَدۡعُوۡنَ ۙ﴿۷۲﴾ اَوۡ يَنۡفَعُوۡنَكُمۡ اَوۡ

ڀلا ٻُڌن ٿا توھان جو جنھن وقت سڏ ٿا ڪريو؟ يا فائدو ڏين ٿا توھان کي يا

يَضُرُّوۡنَ ﴿۷۳﴾ قَالُوۡا بَلۡ وَجَدۡنَاۤ اٰبَآءَنَا كَذٰلِكَ يَفۡعَلُوۡنَ ﴿۷۴﴾

نقصان ڏين ٿا؟ چيائون نہ پر لڌوسون پنھنجن وڏن کي ائين ڪندا ھئا.

قَالَ اَفَرَءَيۡتُمۡ مَّا كُنۡتُمۡ تَعۡبُدُوۡنَ ۙ﴿۷۵﴾ اَنۡتُمۡ وَ اٰبَآؤُكُمُ

چيائين ڇا پوءِ خبر اٿوَ جنھن جي عبادت ڪريو ٿا. توھان ۽ توھان جا ابا ڏاڏا

الۡاَقۡدَمُوۡنَ ۫ۖ﴿۷۶﴾ فَاِنَّهُمۡ عَدُوٌّ لِّیۡۤ اِلَّا رَبَّ الۡعٰلَمِيۡنَ ۙ﴿۷۷﴾

اڳيان. پوءِ بيشڪ اھي دشمن آھن منھنجا سواءِ رب العالمين جي. ❶

الَّذِیۡ خَلَقَنِیۡ فَهُوَ يَهۡدِيۡنِ ۙ﴿۷۸﴾ وَ الَّذِیۡ هُوَ

جنھن پيدا ڪيو مون کي پوءِ اھو رستو ڏيکاري ٿو مون کي. ۽ اھو ئي

يُطۡعِمُنِیۡ وَ يَسۡقِيۡنِ ۙ﴿۷۹﴾ وَ اِذَا مَرِضۡتُ فَهُوَ يَشۡفِيۡنِ ۪ۙ﴿۸۰﴾

کارائي ٿو مون کي ۽ پياري ٿو مون کي. ۽ جڏھن بيمار ٿيان ٿو تہ اھوئي شفا ڏئي ٿو مون کي.

وقف لازم

وَ الَّذِیۡ یُمِیۡتُنِیۡ ثُمَّ یُحۡیِیۡنِ ﴿۸۱﴾ وَ الَّذِیۡۤ اَطۡمَعُ اَنۡ
۽ اهو ماريندو مون کي وري جياريندو مون کي. ۽ اهو جو اميد رکان ٿو تہ
یَّغۡفِرَ لِیۡ خَطِیۡٓئَتِیۡ یَوۡمَ الدِّیۡنِ ﴿۸۲﴾ رَبِّ هَبۡ لِیۡ
بخشيندو مون کي منهنجي خطا قيامت جي ڏينهن. اي منهنجا رب عطا کر مون کي
حُکۡمًا وَّ اَلۡحِقۡنِیۡ بِالصّٰلِحِیۡنَ ﴿۸۳﴾ وَ اجۡعَلۡ لِّیۡ لِسَانَ صِدۡقٍ
علم ۽ ملاءِ مون کي صالحن سان. ۽ کر منهنجي لاءِ پچار چڱي
فِی الۡاٰخِرِیۡنَ ﴿۸۴﴾ وَ اجۡعَلۡنِیۡ مِنۡ وَّرَثَۃِ جَنَّۃِ النَّعِیۡمِ ﴿۸۵﴾ وَ اغۡفِرۡ
پوين ۾. ۽ کر مون کي وارث بهشت نعمت واري جو. ۽ بخش
لِاَبِیۡۤ اِنَّهٗ کَانَ مِنَ الضَّآلِّیۡنَ ﴿۸۶﴾ وَ لَا تُخۡزِنِیۡ
منهنجي پيءُ کي بيشڪ اهو آهي گمراهن مان. ۽ نہ خوار کر مون کي
یَوۡمَ یُبۡعَثُوۡنَ ﴿۸۷﴾ یَوۡمَ لَا یَنۡفَعُ مَالٌ وَّ لَا بَنُوۡنَ ﴿۸۸﴾ اِلَّا
جنهن ڏينهن مئا اُٿاربا. تنهن ڏينهن نہ نفعو ڏيندو مال ۽ نکي اولاد. مگر
مَنۡ اَتَی اللّٰهَ بِقَلۡبٍ سَلِیۡمٍ ﴿۸۹﴾ وَ اُزۡلِفَتِ الۡجَنَّۃُ لِلۡمُتَّقِیۡنَ ﴿۹۰﴾
جو آيو الله وٽ دل سالم سان. ۽ ويجهو کيو ويندو بهشت پرهيزگارن لاءِ.
وَ بُرِّزَتِ الۡجَحِیۡمُ لِلۡغٰوِیۡنَ ﴿۹۱﴾ وَ قِیۡلَ لَهُمۡ اَیۡنَمَا
۽ ظاهر ڪيو ويندو دوزخ گمراهن لاءِ. ۽ چيو ويندو انهن کي ڪٿي آهن اهي
کُنۡتُمۡ تَعۡبُدُوۡنَ ﴿۹۲﴾ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ هَلۡ یَنۡصُرُوۡنَکُمۡ اَوۡ
جن جي توهان پوڄا ڪندا هئا. الله کان سواءِ چا مدد ڪن ٿا توهان جي يا
یَنۡتَصِرُوۡنَ ﴿۹۳﴾ فَکُبۡکِبُوۡا فِیۡهَا هُمۡ وَ الۡغَاوٗنَ ﴿۹۴﴾ وَ جُنُوۡدُ
پلؤ وٺن ٿا. پوءِ اونڌا اُڇليا ويندا ان ۾ اهي ۽ سڀ گمراهہ. ۽ لشڪر
اِبۡلِیۡسَ اَجۡمَعُوۡنَ ﴿۹۵﴾ قَالُوۡا وَ هُمۡ فِیۡهَا یَخۡتَصِمُوۡنَ ﴿۹۶﴾ تَاللّٰهِ
ابليس جا سارا. چوندا ۽ اهي اتي جهيڙو ڪندا. قسم خدا جو

اِنۡ كُنَّا لَفِىۡ ضَلٰلٍ مُّبِيۡنٍۙ ﴿٩٧﴾ اِذۡ نُسَوِّيۡكُمۡ

بيشڪ هئاسون گمراهي پڌري ۾. جڏهن برابر پيا ڪريون توهان کي

بِرَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿٩٨﴾ وَ مَاۤ اَضَلَّنَاۤ اِلَّا الۡمُجۡرِمُوۡنَ ﴿٩٩﴾ فَمَا

رب العالمين سان. ۽ نه گمراهه ڪيو اسان کي مگر ڏوهارين. پوءِ ناهي

لَنَا مِنۡ شَافِعِيۡنَۙ ﴿١٠٠﴾ وَ لَا صَدِيۡقٍ حَمِيۡمٍ ﴿١٠١﴾ فَلَوۡ اَنَّ

اسان جو ڪوئي سفارش ڪندڙ. ۽ نڪو دوست مهربان. پوءِ جيڪر ٿئي

لَنَا كَرَّةً فَنَكُوۡنَ مِنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿١٠٢﴾ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَ

اسان جو موٽڻ ته ٿيون ايمان وارن مان. بيشڪ انهي ۾ نشاني آهي، ۽

مَا كَانَ اَكۡثَرُهُمۡ مُّؤۡمِنِيۡنَ ﴿١٠٣﴾ وَ اِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الۡعَزِيۡزُ

ناهن گهڻا انهن مان ايمان آڻيندڙ. ۽ بيشڪ تنهنجو رب زبردست

الرَّحِيۡمُ ﴿١٠٤﴾ ع كَذَّبَتۡ قَوۡمُ نُوۡحِ ِۨالۡمُرۡسَلِيۡنَ ۚۖ ﴿١٠٥﴾ اِذۡ قَالَ لَهُمۡ

رحم وارو آهي. ڪوڙو ڪيو قوم نوح جي ❶ رسولن کي. جڏهن چيو انهن کي

اَخُوۡهُمۡ نُوۡحٌ اَ لَا تَتَّقُوۡنَ ۚ ﴿١٠٦﴾ اِنِّىۡ لَكُمۡ رَسُوۡلٌ اَمِيۡنٌ ۙ ﴿١٠٧﴾

سندن ڀاءُ ❷ نوح ڇا نه ٿا ڊڄو. آءٌ توهان جو رسول امانت وارو آهيان.

فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِيۡعُوۡنِ ۚ ﴿١٠٨﴾ وَ مَاۤ اَسۡـَٔلُكُمۡ عَلَيۡهِ مِنۡ

پوءِ ڊڄو الله کان ۽ چيو ونو منهنجو. ۽ نه ٿو گهران آءٌ توهان کان ان تي ڪا

اَجۡرٍ ۚ اِنۡ اَجۡرِىَ اِلَّا عَلٰى رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ۚ ﴿١٠٩﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ

مزوري، ناهي مزوري منهنجي مگر پالينڌڙ جهانن جي تي. پوءِ ڊڄو الله کان ۽

اَطِيۡعُوۡنِ ؕ ﴿١١٠﴾ قَالُوۡۤا اَ نُؤۡمِنُ لَكَ وَ اتَّبَعَكَ

تابعداري ڪريو منهنجي. چيائون ڪيئن مڃون توکي ۽ ڪڏ لڳا آهن تنهنجي

الۡاَرۡذَلُوۡنَ ؕ ﴿١١١﴾ قَالَ وَ مَا عِلۡمِىۡ بِمَا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ۚ ﴿١١٢﴾

نِيچ ماڻهو. چيائين ۽ ڪهڙي خبر مون کي ان جي جيڪي اهي ڪم ڪن ٿا. ❸

اِنۡ حِسَابُهُمۡ اِلَّا عَلٰى رَبِّىۡ لَوۡ تَشۡعُرُوۡنَ ۚ﴿۱۱۳﴾ وَ مَاۤ

ناهي حساب انهن جو مگر منهنجي رب تي جيڪڏهن توهان سمجهه رکو ٿا. ۽ ناهيان

اَنَا بِطَارِدِ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ۚ﴿۱۱۴﴾ اِنۡ اَنَا اِلَّا نَذِيۡرٌ مُّبِيۡنٌ ؕ﴿۱۱۵﴾ قَالُوۡا

آءٌ تڙيندڙ ايمان وارن کي. رڳو آءٌ آهيان ڏيجاريندڙ پڌرو. چيائون

لَئِنۡ لَّمۡ تَنۡتَهِ يٰنُوۡحُ لَتَكُوۡنَنَّ مِنَ الۡمَرۡجُوۡمِيۡنَ ؕ﴿۱۱۶﴾ قَالَ

جيڪڏهن نه مُڙندين اي نوح ته ضرور ٿيندين سنگسارن مان. چيائين

رَبِّ اِنَّ قَوۡمِىۡ كَذَّبُوۡنِ ۖ ۚ﴿۱۱۷﴾ فَافۡتَحۡ بَيۡنِىۡ وَ بَيۡنَهُمۡ

اي منهنجا رب منهنجي قوم ڪوڙو ڪيو مون کي. پوءِ فيصلو ڪر منهنجي ۽ انهن جي وچ ۾

فَتۡحًا وَّ نَجِّنِىۡ وَ مَنۡ مَّعِىَ مِنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿۱۱۸﴾

پورو فيصلو ۽ بچاءِ مون کي ۽ جيڪي مون سان گڏ آهن مومن.

فَاَنۡجَيۡنٰهُ وَ مَنۡ مَّعَهٗ فِى الۡفُلۡكِ الۡمَشۡحُوۡنِ ۚ﴿۱۱۹﴾ ثُمَّ اَغۡرَقۡنَا

پوءِ بچايوسون ان کي ۽ جيڪي ان سان گڏ هئا ٻيڙي ڀريل ۾. پوءِ ٻوڙيوسون

بَعۡدُ الۡبٰقِيۡنَ ؕ﴿۱۲۰﴾ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَ مَا كَانَ اَكۡثَرُهُمۡ

ان کان بعد باقي رهندڙن کي. بيشڪ انهي ۾ نشاني آهي، ۽ نه هئا اڪثر انهن جا

مُّؤۡمِنِيۡنَ ﴿۱۲۱﴾ وَ اِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الۡعَزِيۡزُ الرَّحِيۡمُ ع﴿۱۲۲﴾ كَذَّبَتۡ عَادُ

ايمان وارا. ۽ بيشڪ تنهنجو رب ئي زبردست رحم وارو آهي. ڪوڙو ڪيو عاد

الۡمُرۡسَلِيۡنَ ۖ ۚ﴿۱۲۳﴾ اِذۡ قَالَ لَهُمۡ اَخُوۡهُمۡ هُوۡدٌ اَ لَا تَتَّقُوۡنَ ۚ﴿۱۲۴﴾

رسولن کي. جڏهن چيو انهن کي سندن ڀاءُ هودَ ڇا نه ٿا ڊڄو.

اِنِّىۡ لَـكُمۡ رَسُوۡلٌ اَمِيۡنٌ ۙ﴿۱۲۵﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِيۡعُوۡنِ ۚ﴿۱۲۶﴾ وَ مَاۤ

آءٌ توهان جو رسول آهيان امانت وارو. پوءِ ڊڄو الله کان ۽ چيو ونو منهنجو. ۽ نه

اَسۡـئَلُكُمۡ عَلَيۡهِ مِنۡ اَجۡرٍ ۚ اِنۡ اَجۡرِىَ

تو گهران آءٌ توهان کان ان تي مزوري، رڳو منهنجي مزوري آهي

النصف

ع ١٨/٦ ١٠

اِلَّا عَلٰى رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٢٧﴾ اَ تَبْنُوْنَ بِكُلِّ رِيْعٍ اٰيَةً تَعْبَثُوْنَ ﴿١٢٨﴾

جهانن جي پاليندڙ تي. ڇا ناهيو ٿا هر مٿاهينءَ تي مينار اجايا. (1)

وَ تَتَّخِذُوْنَ مَصَانِعَ لَعَلَّكُمْ تَخْلُدُوْنَ ﴿١٢٩﴾ وَ اِذَا بَطَشْتُمْ

۽ ناهيو ٿا ڪارخانا شايد توهان هميشه رهندؤ. ۽ جڏهن هٿ ڳنڍيو ٿا

بَطَشْتُمْ جَبَّارِيْنَ ﴿١٣٠﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوْنِ ﴿١٣١﴾ وَ اتَّقُوا

ته هٿ ڳنڍيو ٿا سرڪش ٿي. پوءِ ڊڄو الله کان ۽ تابعداري ڪريو منهنجي. ۽ ڊڄو

الَّذِيْٓ اَمَدَّكُمْ بِمَا تَعْلَمُوْنَ ﴿١٣٢﴾ اَمَدَّكُمْ بِاَنْعَامٍ وَّ

انهي کان جنهن ڏنو توهان کي جيڪي ڄاڻو ٿا. ڏنائين توهان کي چوپايا مال ۽

بَنِيْنَ ﴿١٣٣﴾ وَ جَنّٰتٍ وَّ عُيُوْنٍ ﴿١٣٤﴾ اِنِّيْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ

پُٽَ. ۽ باغ ۽ چشما. آءٌ خوف ٿو ڪيان توهان تي عذاب کان

يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿١٣٥﴾ قَالُوْا سَوَآءٌ عَلَيْنَآ اَوَعَظْتَ اَمْ لَمْ تَكُنْ

وڏي ڏينهن جي. چيائون هڪ جهڙو آهي اسان لاءِ تون نصيحت ڪرين يا نه ٿئين

مِّنَ الْوٰعِظِيْنَ ﴿١٣٦﴾ اِنْ هٰذَآ اِلَّا خُلُقُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٣٧﴾ وَ مَا نَحْنُ

نصيحت ڪندڙ. ناهي اها مگر عادت اڳين ماڻهن جي. ۽ ناهيون اسين

بِمُعَذَّبِيْنَ ﴿١٣٨﴾ فَكَذَّبُوْهُ فَاَهْلَكْنٰهُمْ اِنَّ

عذاب ڪيل. پوءِ ڪوڙو ڪيائون انهي کي پوءِ هلاڪ ڪيوسون انهن کي، (2) بيشڪ

فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً وَ مَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿١٣٩﴾ وَ اِنَّ

انهي ۾ آهي نشاني، ۽ نه هئا گهڻا انهن جا ايمان وارا. ۽ بيشڪ

رَبَّكَ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿١٤٠﴾ كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٤١﴾ ع ٧ ١٨ ١١

تنهنجو رب ئي اهو زبردست رحم وارو آهي. ڪوڙو ڪيو ثمود رسولن کي.

اِذْ قَالَ لَهُمْ اَخُوْهُمْ صٰلِحٌ اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿١٤٢﴾ اِنِّيْ لَكُمْ

جڏهن چيو انهن کي سندن ڀاءُ صالح ڇا نه ٿا ڊڄو؟ آءٌ توهان جو

رَسُوۡلٌ اَمِیۡنٌ ﴿۱۴۳﴾ۙ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِیۡعُوۡنِ ﴿۱۴۴﴾ۚ وَ مَاۤ اَسۡـَٔلُکُمۡ

رسول آهيان امانت وارو. پوءِ ڊڄو الله کان ۽ چيو ونو منهنجو. ۽ نه ٿو گھران مان توهان کان

عَلَیۡهِ مِنۡ اَجۡرٍ ۚ اِنۡ اَجۡرِیَ اِلَّا عَلٰی رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ ﴿۱۴۵﴾ؕ اَ

ان تي کا مزدوري، منهنجي مزوري آهي رب العالمين تي. ڇا

تُتۡرَکُوۡنَ فِیۡ مَا هٰهُنَاۤ اٰمِنِیۡنَ ﴿۱۴۶﴾ۙ فِیۡ جَنّٰتٍ وَّ عُیُوۡنٍ ﴿۱۴۷﴾ۙ وَّ زُرُوۡعٍ

توهان ڇڏيا ويندؤ هتان جي شين ۾ امن سان. باغن ۾ ۽ چشمن ۾. ۽ پوکن ۾

وَّ نَخۡلٍ طَلۡعُهَا هَضِیۡمٌ ﴿۱۴۸﴾ۚ وَ تَنۡحِتُوۡنَ مِنَ الۡجِبَالِ بُیُوۡتًا

۽ کجين ۾ جن جا ڇڳا ڳتل آهن. ۽ گهڙيو ٿا جبلن ۾ گهر

فٰرِهِیۡنَ ﴿۱۴۹﴾ۚ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِیۡعُوۡنِ ﴿۱۵۰﴾ۚ وَ لَا تُطِیۡعُوۡۤا اَمۡرَ

ڪاريگر ٿي. پوءِ ڊڄو الله کان ۽ چيو ونو منهنجو. ۽ نه مڃيو حکم

الۡمُسۡرِفِیۡنَ ﴿۱۵۱﴾ۙ الَّذِیۡنَ یُفۡسِدُوۡنَ فِی الۡاَرۡضِ وَ لَا یُصۡلِحُوۡنَ ﴿۱۵۲﴾

حد کان لنگهندڙن جو. جيڪي وڳوڙ وجهن ٿا ملڪ ۾ ۽ سڌارو نه ٿا ڪن.

قَالُوۡۤا اِنَّمَاۤ اَنۡتَ مِنَ الۡمُسَحَّرِیۡنَ ﴿۱۵۳﴾ۚ مَاۤ اَنۡتَ اِلَّا بَشَرٌ مِّثۡلُنَا ۚۖ

چيائون رڳو تون آهين جادو ڪيل. نه آهين تون مگر ماڻهو اسان جهڙو،

فَاۡتِ بِاٰیَةٍ اِنۡ کُنۡتَ مِنَ الصّٰدِقِیۡنَ ﴿۱۵۴﴾ قَالَ هٰذِهٖ نَاقَةٌ

پوءِ آڻ نشاني جيڪڏهن آهين تون سچو. چيائين (١) هي ڏاچي آهي

لَّهَا شِرۡبٌ وَّ لَکُمۡ شِرۡبُ یَوۡمٍ مَّعۡلُوۡمٍ ﴿۱۵۵﴾ۚ وَ لَا

جنهن لاءِ پيئڻ جو وارو آهي ۽ توهان لاءِ آهي وارو ڏينهن مقرر جو. نه

تَمَسُّوۡهَا بِسُوۡٓءٍ فَیَاۡخُذَکُمۡ عَذَابُ یَوۡمٍ عَظِیۡمٍ ﴿۱۵۶﴾

هٿ لايو ان کي ايذائڻ لاءِ پوءِ وٺندو توهان کي عذاب ڏينهن وڏي جو. (٢)

فَعَقَرُوۡهَا فَاَصۡبَحُوۡا نٰدِمِیۡنَ ﴿۱۵۷﴾ۙ فَاَخَذَهُمُ الۡعَذَابُ ؕ

پوءِ منڊو ڪيائون ان کي پوءِ ٿيا پشيمان. پوءِ ورتو انهن کي عذاب،

اِنَّ فِیۡ ذٰلِكَ لَاٰیَةً ؕ وَ مَا كَانَ اَكۡثَرُهُمۡ مُّؤۡمِنِیۡنَ ﴿۱۵۸﴾ وَ اِنَّ

بيشڪ انهيءَ ۾ آهي نشاني، ۽ ناهن گهڻا انهن جا مڃيندڙ. ۽ بيشڪ

رَبَّكَ لَهُوَ الۡعَزِیۡزُ الرَّحِیۡمُ ﴿۱۵۹﴾ كَذَّبَتۡ قَوۡمُ لُوۡطِ اِلۡمُرۡسَلِیۡنَ ﴿۱۶۰﴾ ۚۖ

تنهنجو رب زبردست رحم وارو آهي. ڪوڙو ڪيو قوم لوط جي رسولن کي.

اِذۡ قَالَ لَهُمۡ اَخُوۡهُمۡ لُوۡطٌ اَلَا تَتَّقُوۡنَ ﴿۱۶۱﴾ ۚ اِنِّیۡ لَكُمۡ

جڏهن چيو انهن کي سندن ڀاءُ لوط ڇا نه ٿا ڊڄو. آءٌ آهيان توهان جو

رَسُوۡلٌ اَمِیۡنٌ ﴿۱۶۲﴾ ۙ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِیۡعُوۡنِ ﴿۱۶۳﴾ ۚ وَ مَاۤ اَسۡـَٔلُكُمۡ

رسول امانت وارو. پوءِ ڊڄو الله کان ۽ چيو ونو منهنجو. ۽ آءٌ نه ٿو گهران توهان کان

عَلَیۡهِ مِنۡ اَجۡرٍ ۚ اِنۡ اَجۡرِیَ اِلَّا عَلٰی رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ ﴿۱۶۴﴾ ؕ اَ

ان تي ڪا مزوري، ناهي مزوري منهنجي مگر رب العالمين تي. ڇا

تَاۡتُوۡنَ الذُّكۡرَانَ مِنَ الۡعٰلَمِیۡنَ ﴿۱۶۵﴾ ۙ وَ تَذَرُوۡنَ مَا خَلَقَ

اچو ٿا نرن ڏانهن جهان وارن مان. ۽ ڇڏيو ٿا اهو جيڪي پيدا ڪيون

لَكُمۡ رَبُّكُمۡ مِّنۡ اَزۡوَاجِكُمۡ ؕ بَلۡ اَنۡتُمۡ قَوۡمٌ عٰدُوۡنَ ﴿۱۶۶﴾

توهان لاءِ توهان جي رب عورتون، پر توهان ماڻهو آهيو حد لتاڙيندڙ.

قَالُوۡا لَئِنۡ لَّمۡ تَنۡتَهِ یٰلُوۡطُ لَتَكُوۡنَنَّ مِنَ الۡمُخۡرَجِیۡنَ ﴿۱۶۷﴾

چيائون جيڪڏهن نه مُڙندين اي لوط ته ضرور ٿيندين نيڪالي ڏنلن مان.

قَالَ اِنِّیۡ لِعَمَلِكُمۡ مِّنَ الۡقَالِیۡنَ ﴿۱۶۸﴾ ؕ رَبِّ نَجِّنِیۡ

چيائين آءٌ توهان جي انهيءَ عمل تي سخت رنج آهيان. اي منهنجا رب نجات ڏي مون کي

وَ اَهۡلِیۡ مِمَّا یَعۡمَلُوۡنَ ﴿۱۶۹﴾ فَنَجَّیۡنٰهُ وَ اَهۡلَهٗۤ

۽ منهنجي گهر وارن کي انهن کان جو اهي ڪن ٿا. پوءِ بچايوسون ان کي ۽ سندس گهر وارن

اَجۡمَعِیۡنَ ﴿۱۷۰﴾ ۙ اِلَّا عَجُوۡزًا فِی الۡغٰبِرِیۡنَ ﴿۱۷۱﴾ ۚ ثُمَّ دَمَّرۡنَا الۡاٰخَرِیۡنَ ﴿۱۷۲﴾ ۚ

سڀني کي. مگر هڪ پوڙهي، ٿي پوئتي رهندڙن ۾. ① پوءِ تباهه ڪيوسون ٻين کي.

وَ اَمْطَرْنَا عَلَيْهِمْ مَّطَرًاۚ فَسَآءَ مَطَرُ الْمُنْذَرِيْنَ﴿۱۷۳﴾ اِنَّ

۽ وسايوسون انهن تي مينهن، پوءِ بڇڙو آهي مينهن ڊيڄاريلن جو. بيشڪ آهي

فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةًؕ وَ مَا كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّؤْمِنِيْنَ﴿۱۷۴﴾ وَ اِنَّ رَبَّكَ

انهي ۾ نشاني؛ ۽ ناهن گهڻا انهن جا ايمان آڻيندڙ. ۽ بيشڪ تنهنجو رب

ع ۹/۱۶/۱۳ لَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ﴿۱۷۵﴾ع كَذَّبَ اَصْحٰبُ لْئَيْكَةِ الْمُرْسَلِيْنَ﴿۱۷۶﴾ۚۖ اِذْ

ئي زبردست مهربان آهي. ڪوڙو ڪيو جهنگل وارن رسولن کي. جڏهن

قَالَ لَهُمْ شُعَيْبٌ اَلَا تَتَّقُوْنَۚ﴿۱۷۷﴾ اِنِّيْ لَكُمْ رَسُوْلٌ اَمِيْنٌ﴿۱۷۸﴾ۙ

چيو انهن کي شعيب ڇا نه ٿا ڊڄو. آءٌ آهيان توهان جو رسول امانت وارو.

فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَ اَطِيْعُوْنِۚ﴿۱۷۹﴾ وَ مَاۤ اَسْئَلُكُمْ عَلَيْهِ

پوءِ ڊڄو الله کان ۽ چيو ڻو منهنجو. ۽ آءٌ نه ٿو گهران توهان کان ان تي

مِنْ اَجْرٍۚ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلٰى رَبِّ الْعٰلَمِيْنَؕ﴿۱۸۰﴾ اَوْفُوا

مزوري، ناهي منهنجي مزوري مگر رب العالمين تي. پورو پريو

الْكَيْلَ وَ لَا تَكُوْنُوْا مِنَ الْمُخْسِرِيْنَۚ﴿۱۸۱﴾ وَ زِنُوْا بِالْقِسْطَاسِ

ماپي کي ۽ نه ٿيو گهٽ ڏيندڙن مان. ۽ توريو ترازيءَ

الْمُسْتَقِيْمِۚ﴿۱۸۲﴾ وَ لَا تَبْخَسُوا النَّاسَ اَشْيَآءَهُمْ وَ لَا تَعْثَوْا

پوريءَ سان. ۽ نه ڪُٺائي ڏيو ماڻهن کي انهن جون شيون ۽ نه ڪريو

فِي الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَۚ﴿۱۸۳﴾ وَ اتَّقُوا الَّذِيْ خَلَقَكُمْ وَ

ملڪ ۾ فساد. ۽ ڊڄو انهي کان جنهن پيدا ڪيو توهان کي ۽

الْجِبِلَّةَ الْاَوَّلِيْنَؕ﴿۱۸۴﴾ قَالُوْۤا اِنَّمَاۤ اَنْتَ مِنَ الْمُسَحَّرِيْنَ﴿۱۸۵﴾ۙ وَ مَاۤ

مخلوق اڳينءَ کي. چيائون رڳو تون آهين جادو ڪيل. ۽ ناهين

اَنْتَ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا وَ اِنْ نَّظُنُّكَ لَمِنَ الْكٰذِبِيْنَۚ﴿۱۸۶﴾

تون مگر ماڻهو اسان جهڙو ۽ اسين ڀانيون ٿا توکي ڪوڙو.

فَاَسۡقِطۡ عَلَيۡنَا كِسَفًا مِّنَ السَّمَآءِ اِنۡ كُنۡتَ

سو ڪيراءِ اسان تي ڪو ٽڪرو آسمان جو جيڪڏهن آهين تون

مِنَ الصّٰدِقِيۡنَ ؕ﴿۱۸۷﴾ قَالَ رَبِّيۡۤ اَعۡلَمُ بِمَا تَعۡمَلُوۡنَ ﴿۱۸۸﴾

سچو. چيائين منهنجو رب زياده ڄاڻي ٿو ان کي جيڪي توهان ڪريو ٿا.

فَكَذَّبُوۡهُ فَاَخَذَهُمۡ عَذَابُ يَوۡمِ الظُّلَّةِ ؕ اِنَّهٗ

پوءِ ڪوڙو ڪيائون ان کي پوءِ ورتو انهن کي عذاب ڇانوري واري ڏينهن، بيشڪ اهو

كَانَ عَذَابَ يَوۡمٍ عَظِيۡمٍ ﴿۱۸۹﴾ اِنَّ فِيۡ ذٰلِكَ لَاٰيَةً ؕ وَ مَا كَانَ

هئو عذاب وڏي ڏينهن جو. يقينن انهي ۾ آهي نشاني، ۽ نہ هئا

اَكۡثَرُهُمۡ مُّؤۡمِنِيۡنَ ﴿۱۹۰﴾ وَ اِنَّ رَبَّكَ لَهُوَ الۡعَزِيۡزُ الرَّحِيۡمُ ﴿۱۹۱﴾ ع

گهڻا انهن جا ايمان آڻيندڙ. ۽ بيشڪ تنهنجو رب زبردست مهربان آهي.

وَ اِنَّهٗ لَتَنۡزِيۡلُ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ؕ﴿۱۹۲﴾ نَزَلَ بِهِ

۽ بيشڪ هي قرآن نازل ڪيل آهي پروردگار جهانن جو. لاٿو ان کي

الرُّوۡحُ الۡاَمِيۡنُ ۙ﴿۱۹۳﴾ عَلٰى قَلۡبِكَ لِتَكُوۡنَ مِنَ الۡمُنۡذِرِيۡنَ ۙ﴿۱۹۴﴾ بِلِسَانٍ

مَلَڪ جبرئيل، ❶ تنهنجي دل تي ❷ جيئن ٿئين تون ڊيڄاريندڙن مان. ٻولي

عَرَبِيٍّ مُّبِيۡنٍ ؕ﴿۱۹۵﴾ وَ اِنَّهٗ لَفِيۡ زُبُرِ الۡاَوَّلِيۡنَ ﴿۱۹۶﴾ اَوَ لَمۡ يَكُنۡ

عربي چٽيءَ سان. ۽ بيشڪ اهو آهي ڪتابن اڳين جي ۾. ❸ ڇا ناهي

لَّهُمۡ اٰيَةً اَنۡ يَّعۡلَمَهٗ عُلَمٰٓؤُا بَنِيۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ ؕ﴿۱۹۷﴾ وَ لَوۡ

انهن لاءِ هي نشاني جو ڄاڻن ٿا انهي کي پڙهيل بني اسرائيل جا. ۽ جيڪڏهن

نَزَّلۡنٰهُ عَلٰى بَعۡضِ الۡاَعۡجَمِيۡنَ ۙ﴿۱۹۸﴾ فَقَرَاَهٗ عَلَيۡهِمۡ

نازل ڪريون ها ان کي ڪنهن ٻي ٻولي واري تي. پوءِ پڙهي ها ان کي انهن تي

مَّا كَانُوۡا بِهٖ مُؤۡمِنِيۡنَ ؕ﴿۱۹۹﴾ كَذٰلِكَ سَلَكۡنٰهُ

تہ نہ ٿين ها ان کي مڃيندڙ. اهڙي طرح وڌو سون اهو (انڪار)

فِيْ قُلُوْبِ الْمُجْرِمِيْنَ ۝٢٠٠ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ حَتّٰى يَرَوُا الْعَذَابَ

ڏوهارين جي دلين ۾. اهي نه مڃيندا ان کي جيستر ڏسن عذاب

الْاَلِيْمَ ۝٢٠١ فَيَاْتِيَهُمْ بَغْتَةً وَّ هُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ۝٢٠٢ فَيَقُوْلُوْا هَلْ

دردناڪ. ❶ پوءِ ايندو انهن وٽ اوچتو ۽ خبر ئي نه پوندن. پوءِ چوندا ڇا

نَحْنُ مُنْظَرُوْنَ ۝٢٠٣ اَ فَبِعَذَابِنَا يَسْتَعْجِلُوْنَ ۝٢٠٤ اَ فَرَءَيْتَ

اسان کي مهلت ملندي. ڇا پوءِ اهي اسان جي عذاب کي تڪڙو ٿا گهرن. ڇا پوءِ تو ڏٺو ته

اِنْ مَّتَّعْنٰهُمْ سِنِيْنَ ۝٢٠٥ ثُمَّ جَآءَهُمْ مَّا

جيڪڏهن نفعو ڏيون انهن کي ڪيئي سال. وري اچي انهن وٽ اهو عذاب

كَانُوْا يُوْعَدُوْنَ ۝٢٠٦ مَآ اَغْنٰى عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يُمَتَّعُوْنَ ۝٢٠٧

جنهن جو ڪين وعدو ڪيل هئو. ته ڪهڙي ڪم ايندو انهن کي سندن نفعي وارو هجڻ.

وَ مَآ اَهْلَكْنَا مِنْ قَرْيَةٍ اِلَّا لَهَا مُنْذِرُوْنَ ۝٢٠٨

۽ اسان نه هلاڪ ڪيو آهي ڪنهن ڳوٺ کي مگر ان لاءِ هوندا آهن ڊيڄاريندڙ.

ذِكْرٰى ۛ وَ مَا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ۝٢٠٩ وَ مَا تَنَزَّلَتْ بِهِ

ياد ڏيارڻ لاءِ ۽ نه آهيون اسين ظلم ڪندڙ. ۽ نه لاٿو آهي قرآن کي

الشَّيٰطِيْنُ ۝٢١٠ وَ مَا يَنْۢبَغِيْ لَهُمْ وَ مَا يَسْتَطِيْعُوْنَ ۝٢١١ اِنَّهُمْ

شيطانن. ❷ ۽ ناهي اها حيثيت انهن کي ۽ نه ڪري سگهندا. يقينن اهي

عَنِ السَّمْعِ لَمَعْزُوْلُوْنَ ۝٢١٢ فَلَا تَدْعُ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ فَتَكُوْنَ

ٻڌڻ کان پاسي ڪيل آهن. سو تون نه سڏجانءِ الله سان گڏ ٻي خدا کي پوءِ ٿيندين

مِنَ الْمُعَذَّبِيْنَ ۝٢١٣ وَ اَنْذِرْ عَشِيْرَتَكَ الْاَقْرَبِيْنَ ۝٢١٤ وَ اخْفِضْ

عذاب وارن مان. ❸ ۽ ڊيڄار پنهنجن مائٽن ويجهن کي. ❹ ۽ جهڪاءِ

جَنَاحَكَ لِمَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ۝٢١٥ فَاِنْ

پنهنجي ٻانهن جا پر انهن لاءِ جيڪي تنهنجا تابع ٿيا ايمان وارا. پوءِ جيڪڏهن

ع ٩ عند المتقدمين ١٣

عَصَوْكَ فَقُلْ اِنِّىْ بَرِیْٓءٌ مِّمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٢١٦﴾ وَ

بي فرماني ڪن تنهنجي تہ چؤ آءٌ بيزار آهيان ❶ ان ڪان جيڪي توهان ڪيو ٿا. ۽

تَوَكَّلْ عَلَى الْعَزِيْزِ الرَّحِيْمِ ﴿٢١٧﴾ الَّذِیْ يَرٰىكَ حِيْنَ

تون ڀروسو ڪر انهي زبردست رحم واري تي. جيڪو ڏسي ٿو توکي جڏهن

تَقُوْمُ ﴿٢١٨﴾ وَ تَقَلُّبَكَ فِى السّٰجِدِيْنَ ﴿٢١٩﴾ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ

اُٿندو آهين. ۽ تنهنجي اٿڻ ويهڻ کي ❷ سجدي ڪندڙن ۾. بيشڪ اهو ئي ٻُڌندڙ

الْعَلِيْمُ ﴿٢٢٠﴾ هَلْ اُنَبِّئُكُمْ عَلٰى مَنْ تَنَزَّلُ الشَّيٰطِيْنُ ﴿٢٢١﴾

ڄاڻندڙ آهي. ڇا آءٌ ٻڌايان توهان کي تہ ڪنهن تي ❸ لهندا آهن شيطان.

تَنَزَّلُ عَلٰى كُلِّ اَفَّاكٍ اَثِيْمٍ ﴿٢٢٢﴾ يُّلْقُوْنَ السَّمْعَ وَ

لهندا آهن هر ڪوڙهڻندڙ ڏوهاري تي. اهي آڻين ٿا ٻُڌل ڳالهہ ۽

اَكْثَرُهُمْ كٰذِبُوْنَ ﴿٢٢٣﴾ وَ الشُّعَرَآءُ يَتَّبِعُهُمُ

اڪثر انهن جا ڪوڙا آهن. ۽ شاعر، ڪڏ لڳندا آهن انهن جي ❹

الْغَاوٗنَ ﴿٢٢٤﴾ اَلَمْ تَرَ اَنَّهُمْ فِیْ كُلِّ وَادٍ يَّهِيْمُوْنَ ﴿٢٢٥﴾

گمراهہ. ڇا نہ ڏٺو تہ اهي هر ميدان ۾ ڀٽڪندا آهن.

وَ اَنَّهُمْ يَقُوْلُوْنَ مَا لَا يَفْعَلُوْنَ ﴿٢٢٦﴾ اِلَّا

۽ اهي چوندا آهن جيڪي ڪندا نہ آهن. مگر

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَ ذَكَرُوا

اهي شاعر جن ايمان آندو ۽ ڪيا چڱا ڪم ۽ ياد ڪيائون

اللّٰهَ كَثِيْرًا وَّ انْتَصَرُوْا مِنْۢ بَعْدِ مَا ظُلِمُوْا وَ

الله کي تمام گهڻو ۽ پلؤ ورتائون هن کان پوءِ جو مظلوم ٿيا، ۽

سَيَعْلَمُ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْٓا اَىَّ مُنْقَلَبٍ يَّنْقَلِبُوْنَ ﴿٢٢٧﴾ ع ١١ ٣٦ ١٥

جلد ڄاڻندا جن ظلم ڪيو تہ ڪهڙي جاءِ ڏي ٿا موٽن. ❺

سُوْرَةُ النَّمْلِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ ثَلٰثٌ وَّتِسْعُوْنَ اٰيَةً وَّسَبْعُ رُكُوْعَاتٍ

سورت نمل مڪي آهي ۽ اها ٽيانوي آيتون ۽ ست رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

طٰسٓ قف تِلْكَ اٰيٰتُ الْقُرْاٰنِ وَ كِتَابٍ مُّبِيْنٍ ۙ① هُدًى وَّ

طٰسٓ، هي آيتون قرآن ۽ ڪتاب واضح جون آهن. هدايت ۽

بُشْرٰى لِلْمُؤْمِنِيْنَ ۙ② الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَ يُؤْتُوْنَ

دل جي خوشي آهن ايمان وارن لاءِ. جيڪي پڙهندا آهن نماز 1 ۽ ڏيندا آهن

الزَّكٰوةَ وَ هُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ يُوْقِنُوْنَ③ اِنَّ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ

زڪوات 2 ۽ اهي آخرت تي يقين رکندا آهن. بيشڪ جيڪي نہ ٿا مڃينِ

بِالْاٰخِرَةِ زَيَّنَّا لَهُمْ اَعْمَالَهُمْ فَهُمْ يَعْمَهُوْنَ ؕ④

آخرت کي سينگاري ڏنا اٿئون انهن کي سندن ڪم پوءِ اهي دل جا انڌا آهن. 3

اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ لَهُمْ سُوْٓءُ الْعَذَابِ وَ هُمْ فِي الْاٰخِرَةِ

اهي ئي آهن جن لاءِ بڇڙي نموني جو عذاب آهي ۽ اهي ئي آخرت ۾

هُمُ الْاَخْسَرُوْنَ⑤ وَ اِنَّكَ لَتُلَقَّى الْقُرْاٰنَ مِنْ لَّدُنْ

وڏيڪ نقصان وارا آهن. ۽ بيشڪ توکي ڏنو وڃي ٿو قرآن طرفان

حَكِيْمٍ عَلِيْمٍ⑥ اِذْ قَالَ مُوْسٰى لِاَهْلِهٖٓ اِنِّيْٓ

حڪمت واري علم واري جي. جنهن وقت چيو موسيٰ پنهنجي گهر وارن کي مون

اٰنَسْتُ نَارًا ؕ سَاٰتِيْكُمْ مِّنْهَا بِخَبَرٍ اَوْ اٰتِيْكُمْ بِشِهَابٍ

ڏٺي آهي باهہ 4 اجهو آڻيان ٿو اتان ڪا خبر يا آڻيان ٿو توهان وٽ اماڙي

قَبَسٍ لَّعَلَّكُمْ تَصْطَلُوْنَ⑦ فَلَمَّا جَآءَهَا نُوْدِيَ اَنْۢ

ٻريل تہ توهان گرمي وٺو. پوءِ جڏهن آيو ان وٽ تہ آواز ڏنيو تہ

الثلثة

بُوْرِكَ مَنْ فِي النَّارِ وَ مَنْ حَوْلَهَا ۭ وَ سُبْحٰنَ

برڪت وارو آهي اهو جيڪو باهه ۾ آهي ۽ جو ان جي چوڌاري آهي، ❶ ۽ پاڪ آهي

اللّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝ يٰمُوْسٰٓى اِنَّهٗٓ اَنَا اللّٰهُ الْعَزِيْزُ

الله ❷ پروردگار جهانن جو. اي موسيٰ بيشڪ آءٌ آهيان الله زبردست

الْحَكِيْمُ ۝ وَ اَلْقِ عَصَاكَ ۭ فَلَمَّا رَاٰهَا تَهْتَزُّ كَاَنَّهَا

حڪمت وارو. ❸ ۽ تون اُڇلاءِ لٺ پنهنجي، پوءِ جڏهن ڏٺائين ته چُري پئي جڻڪ اها

جَآنٌّ وَّلّٰى مُدْبِرًا وَّ لَمْ يُعَقِّبْ ۭ يٰمُوْسٰى لَا تَخَفْ قف

سرنگهه آهي، ڦريو پٺي ڏئي ۽ نه واجهايائين پوئتي، اي موسيٰ نه ڊڄ ❹

اِنِّيْ لَا يَخَافُ لَدَيَّ الْمُرْسَلُوْنَ ۝ اِلَّا مَنْ ظَلَمَ ثُمَّ

بيشڪ نه ڊڄندا آهن مون وٽ رسول. ❺ مگر جنهن ظلم ڪيو پوءِ وري

بَدَّلَ حُسْنًۢا بَعْدَ سُوْٓءٍ فَاِنِّيْ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝ وَ اَدْخِلْ

ڪيائين چڱائي، برائي کان پوءِ ته بيشڪ آءٌ بخشيندڙ مهربان آهيان. ❻ ۽ وجهه

يَدَكَ فِيْ جَيْبِكَ تَخْرُجْ بَيْضَآءَ مِنْ غَيْرِ سُوْٓءٍ قف فِيْ تِسْعِ

هٿ پنهنجو پنهنجي گريبان ۾ ته نڪرندو روشن ٿي بنا عيب جي، نون

اٰيٰتٍ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَ قَوْمِهٖ ۭ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ۝

نشانين ۾ فرعون ۽ سندس قوم ڏانهن، بيشڪ اهي آهن ماڻهو بي فرمان.

فَلَمَّا جَآءَتْهُمْ اٰيٰتُنَا مُبْصِرَةً قَالُوْا هٰذَا سِحْرٌ

پوءِ جڏهن آيون انهن وٽ اسان جون نشانيون چٽيون چيائون هي آهي جادو

مُّبِيْنٌ ۝ ج وَ جَحَدُوْا بِهَا وَ اسْتَيْقَنَتْهَآ اَنْفُسُهُمْ

پڌرو. ❼ ۽ انڪار ڪيائون انهن جو حالانڪ مڃيو هئو انهن کي سندن دلين،

ظُلْمًا وَّ عُلُوًّا ۭ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُفْسِدِيْنَ ۝ ع

بي انصافي ۽ مغروري جي ڪري، پوءِ ڏس ❼ ڪيئن ٿيو انجام فسادين جو.

وَ لَقَدۡ اٰتَيۡنَا دَاوٗدَ وَ سُلَيۡمٰنَ عِلۡمًا ۚ وَ قَالَا الۡحَمۡدُ لِلّٰهِ

۽ اسان ڏنوسون دائود ۽ سليمان کي علم، ۽ ٻنهي چيو شڪر آهي الله جو ❶

الَّذِیۡ فَضَّلَنَا عَلٰی کَثِیۡرٍ مِّنۡ عِبَادِهِ الۡمُؤۡمِنِیۡنَ ﴿۱۵﴾ وَ

جنهن پلائي ڏني اسان کي ڪيترن ❷ پنهنجن ٻانهن ايمان وارن جي مٿان. ۽

وَرِثَ سُلَيۡمٰنُ دَاوٗدَ وَ قَالَ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ عُلِّمۡنَا

وارث ٿيو سليمان دائود جو ۽ چيائين اي انسانو! سيکاريو ويو اسان کي

مَنۡطِقَ الطَّيۡرِ وَ اُوۡتِيۡنَا مِنۡ كُلِّ شَیۡءٍ ؕ اِنَّ هٰذَا لَهُوَ

گفتگو پکين جو ❸ ۽ ڏنو ويو اسان کي سڀ ڪنهن شيء مان، بيشڪ اهو ته آهي

الۡفَضۡلُ الۡمُبِيۡنُ ﴿۱۶﴾ وَ حُشِرَ لِسُلَيۡمٰنَ جُنُوۡدُهٗ مِنَ الۡجِنِّ

فضل ظاهر. ۽ گڏ ڪيو ويو سليمان لاءِ سندس لشڪر جنن

وَ الۡاِنۡسِ وَ الطَّيۡرِ فَهُمۡ يُوۡزَعُوۡنَ ﴿۱۷﴾ حَتّٰۤى اِذَاۤ اَتَوۡا

۽ ماڻهن ۽ پکين مان پوءِ اهي ٽولا ٽولا هيا ويندا هئا. نيٺ جڏهن آيا

عَلٰى وَادِ النَّمۡلِ ۙ قَالَتۡ نَمۡلَةٌ يّٰۤاَيُّهَا النَّمۡلُ ادۡخُلُوۡا مَسٰكِنَكُمۡ ۚ

ڪِولن جي ميدان ۾، ❹ چيو ڪولِيءَ اي ڪِوليو! گهڙي وڃو پنهنجن ٻرن ۾،

لَا يَحۡطِمَنَّكُمۡ سُلَيۡمٰنُ وَ جُنُوۡدُهٗ ۙ وَ هُمۡ لَا يَشۡعُرُوۡنَ ﴿۱۸﴾

ته چيٿاڙي نه توهان کي سليمان ۽ ان جو لشڪر ۽ انهن کي خبر ئي نه پوي. ❺

فَتَبَسَّمَ ضَاحِكًا مِّنۡ قَوۡلِهَا وَ قَالَ رَبِّ اَوۡزِعۡنِیۡۤ

پوءِ مرڪيو کِلندي ان جي ڳالهائڻ تي ❻ ۽ چيائين اي منهنجا رب دل ۾ وجهه مون کي

اَنۡ اَشۡكُرَ نِعۡمَتَكَ الَّتِیۡۤ اَنۡعَمۡتَ عَلَیَّ وَ عَلٰى وَالِدَیَّ

ته شڪر ڪريان تنهنجي نعمت جو جا نعمت ڪئي تو مون تي ۽ منهنجي ماءُ پيءُ تي

وَ اَنۡ اَعۡمَلَ صَالِحًا تَرۡضٰىهُ وَ اَدۡخِلۡنِیۡ

۽ عمل ڪريان چڱو جو تون راضي ٿئين ان کان ۽ داخل ڪر مون کي

بِرَحْمَتِكَ فِيْ عِبَادِكَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿١٩﴾ وَ تَفَقَّدَ الطَّيْرَ
پنهنجي رحمت سان پنهنجن ٻانهن صالحن ۾. ۽ جاچ ڪيائين پکين جي

فَقَالَ مَا لِيَ لَآ اَرَى الْهُدْهُدَ ۖ اَمْ كَانَ
پوءِ چيائين ڇا ٿيو آهي مون کي جو نه ٿو ڏسان ڪاٺ ڪُٽڙي کي يا آهي

مِنَ الْغَآىِٕبِيْنَ ﴿٢٠﴾ لَاُعَذِّبَنَّهٗ عَذَابًا شَدِيْدًا اَوْ
غير حاضرن مان. ❶ ضرور ان کي سزا ڏيندس سزا تمام سخت يا

لَاَاذْبَحَنَّهٗٓ اَوْ لَيَاْتِيَنِّيْ بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿٢١﴾ فَمَكَثَ
ڪُهي ڇڏيندس ان کي يا ته آڻي مون وٽ ڪو دليل چٽو. پوءِ دير نه ڪيائين

غَيْرَ بَعِيْدٍ فَقَالَ اَحَطْتُّ بِمَا لَمْ تُحِطْ بِهٖ
گهڻي جو اچي چيائين معلومات ڪئي اٿم اهڙي ناهي توکي خبر جنهن جي

وَ جِئْتُكَ مِنْ سَبَاٍۭ بِنَبَاٍ يَّقِيْنٍ ﴿٢٢﴾ اِنِّيْ وَجَدْتُّ امْرَاَةً
آندي اٿم تو وٽ سبا کان هڪ خبر يقيني. بيشڪ آءٌ ڏسي آيو آهيان هڪ عورت ❷

تَمْلِكُهُمْ وَ اُوْتِيَتْ مِنْ كُلِّ شَيْءٍ وَّ لَهَا
جا بادشاهي ڪري ٿي انهن تي ۽ ڏني وئي آهي ان کي هر شيء ۽ انهي کي

عَرْشٌ عَظِيْمٌ ﴿٢٣﴾ وَجَدْتُّهَا وَ قَوْمَهَا يَسْجُدُوْنَ لِلشَّمْسِ
تخت آهي شاندار. ۽ ڏٺم ان کي ۽ سندس قوم کي جو سجدو ڪن ٿا سِج کي

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَ زَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ اَعْمَالَهُمْ
الله کي ڇڏي ۽ سينگاريو آهي انهن لاءِ شيطان سندن عملن کي

فَصَدَّهُمْ عَنِ السَّبِيْلِ فَهُمْ لَا يَهْتَدُوْنَ ﴿٢٤﴾ اَلَّا يَسْجُدُوْا
پوءِ روڪيائين انهن کي راهه کان پوءِ اهي نه ٿا رستو لهن. ته سجدو ڪن

لِلّٰهِ الَّذِيْ يُخْرِجُ الْخَبْءَ فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ يَعْلَمُ
الله کي جو ڪڍي ٿو لڪل شيءِ کي آسمانن ۽ زمين مان ۽ ڄاڻي ٿو اهو

مَا تُخْفُوْنَ وَ مَا تُعْلِنُوْنَ ﴿٢٥﴾ اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا

جيڪي لڪايو ٿا ۽ جيڪي ظاهر ٿا ڪريو. ❶ الله ئي آهي ناهي ڪو ٻيو خدا مگر

السجدة-٨

هُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ ﴿٢٦﴾ السجدة قَالَ سَنَنْظُرُ اَصَدَقْتَ

اهو ئي آهي مالڪ عرش عظيم جو. چيائين اسان ڏسون ٿا تون سَچ ٿو چئين

اَمْ كُنْتَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٢٧﴾ اِذْهَبْ بِّكِتٰبِيْ هٰذَا فَاَلْقِهْ

يا آهين ڪوڙن مان. ڪٺي وڃ خط منهنجو هيءُ پوءِ اُڇلاءِ ان کي

اِلَيْهِمْ ثُمَّ تَوَلَّ عَنْهُمْ فَانْظُرْ مَاذَا يَرْجِعُوْنَ ﴿٢٨﴾ ❷ قَالَتْ

انهن ڏانهن پوءِ هٽي وڃ انهن کان پوءِ ڏس ڪهڙي ٿا ورندي ڏين. چوڻ لڳي

يٰۤاَيُّهَا الْمَلَؤُا اِنِّيْۤ اُلْقِيَ اِلَيَّ كِتٰبٌ كَرِيْمٌ ﴿٢٩﴾ اِنَّهٗ

اي ڪچهري وارؤ بيشڪ اُڇلايو ويو آهي مون ڏانهن هڪ خط عزت وارو. ❸ اهو آهي

مِنْ سُلَيْمٰنَ وَ اِنَّهٗ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ﴿٣٠﴾ لا

سليمان کان ۽ بيشڪ اهو آهي نالي الله ٻاجهاري مهربان جي سان شروع.

ع ٢ / ١٧ / ١٧

اَلَّا تَعْلُوْا عَلَيَّ وَ اْتُوْنِيْ مُسْلِمِيْنَ ﴿٣١﴾ ع قَالَتْ يٰۤاَيُّهَا الْمَلَؤُا

تہ نہ وڏائي ڪريو مون تي ۽ اچو مون وٽ فرمانبردار ٿي. ❹ چوڻ لڳي اي ڪچهري وارؤ

اَفْتُوْنِيْ فِيْۤ اَمْرِيْ ج مَا كُنْتُ قَاطِعَةً اَمْرًا حَتّٰى

صلاح ڏيو مون کي منهنجي ڪم ۾ ناهيان آءٌ نبيريندڙ ڪو ڪم جيستر

تَشْهَدُوْنِ ﴿٣٢﴾ قَالُوْا نَحْنُ اُولُوْا قُوَّةٍ وَّ اُولُوْا بَاْسٍ شَدِيْدٍ ۵ لا وَّ

توهان حاضر هجو. ❺ چيائون اسين طاقتور ۽ سخت جنگ ڪندڙ آهيون ۽

الْاَمْرُ اِلَيْكِ فَانْظُرِيْ مَاذَا تَاْمُرِيْنَ ﴿٣٣﴾ قَالَتْ اِنَّ

حڪم تنهنجي حوالي آهي پوءِ تون ڏس ڪهڙو ٿي حُڪم ڪرين؟ چوڻ لڳي يقينن

الْمُلُوْكَ اِذَا دَخَلُوْا قَرْيَةً اَفْسَدُوْهَا وَ جَعَلُوْۤا

بادشاهه جڏهن گهڙندا آهن ڪنهن ڳوٺ ۾ ويران ڪندا ان کي ۽ ڪندا آهن

اَعِزَّةَ اَهْلِهَآ اَذِلَّةً ۚ وَ كَذٰلِكَ يَفْعَلُوْنَ ﴿٣٤﴾ وَ اِنِّيْ مُرْسِلَةٌ
اتان جي عزت وارن کي ذليل، ۽ ائين ئي ڪندا آهن. ❶ ۽ آءٌ موڪليان ٿي
اِلَيْهِمْ بِهَدِيَّةٍ فَنٰظِرَةٌۢ بِمَ يَرْجِعُ الْمُرْسَلُوْنَ ﴿٣٥﴾ فَلَمَّا
انهن ڏانهن سوکڙي ❷ پوءِ ڏسان ته ڪهڙي ورندي تا آڻين قاصد. پوءِ جڏهن
جَآءَ سُلَيْمٰنَ قَالَ اَ تُمِدُّوْنَنِ بِمَالٍ ۫ فَمَآ اٰتٰىنِۦَ
پهتو سليمان وٽ چيائين ڇا توهان ڏيو ٿا مون کي مال پوءِ جيڪي ڏنو آهي مون کي
اللّٰهُ خَيْرٌ مِّمَّآ اٰتٰىكُمْ ۚ بَلْ اَنْتُمْ بِهَدِيَّتِكُمْ
الله اهو گهڻو ڀلو آهي انهي کان جيڪي توهان کي ڏنائين، بلڪ توهان پنهنجي سوکڙي تي
تَفْرَحُوْنَ ﴿٣٦﴾ اِرْجِعْ اِلَيْهِمْ فَلَنَاْتِيَنَّهُمْ بِجُنُوْدٍ لَّا قِبَلَ
خوش ٿيو ٿا. موٽي وڃ انهن ڏانهن پوءِ آڻيدا سون انهن تي اهڙا لشڪر جو ناهي طاقت
لَهُمْ بِهَا وَ لَنُخْرِجَنَّهُمْ مِّنْهَآ اَذِلَّةً وَّ هُمْ صٰغِرُوْنَ ﴿٣٧﴾
انهن کي انهن سان ۽ ضرور ڪيندا سون انهن کي اتان ذليل ڪري ۽ اهي خوار هوندا.
قَالَ يٰۤاَيُّهَا الْمَلَؤُا اَيُّكُمْ يَاْتِيْنِيْ بِعَرْشِهَا قَبْلَ اَنْ
فرمايائين اي ڪچهريءَ وارؤ! ڪير توهان مان آڻيندو مون وٽ ان جو تخت اڳي هن کان
يَّاْتُوْنِيْ مُسْلِمِيْنَ ﴿٣٨﴾ قَالَ عِفْرِيْتٌ مِّنَ الْجِنِّ اَنَا اٰتِيْكَ
جو اهي اچن مون وٽ فرمانبردار ٿي. ❸ چيو سرڪش جنَ مون آڻيندس تو وٽ
بِهٖ قَبْلَ اَنْ تَقُوْمَ مِنْ مَّقَامِكَ ۚ وَ اِنِّيْ عَلَيْهِ
ان کي هن کان اڳي جو تون اُٿين پنهنجي مجلس کان، ۽ بيشڪ مون انهي تي
لَقَوِيٌّ اَمِيْنٌ ﴿٣٩﴾ قَالَ الَّذِيْ عِنْدَهٗ عِلْمٌ مِّنَ الْكِتٰبِ
سگهه رکندڙ امانت وارو آهيان. ❹ فرمايو انهيءَ جنهن وٽ هئو علم ڪتاب جو
اَنَا اٰتِيْكَ بِهٖ قَبْلَ اَنْ يَّرْتَدَّ اِلَيْكَ طَرْفُكَ ؕ فَلَمَّا رَاٰهُ
آءٌ آڻيندس تو وٽ ان کي اڳي تنهنجي اک ڇنڀ کان، پوءِ جڏهن ڏٺائين ان کي

مُسْتَقِرًّا عِنْدَهٗ قَالَ هٰذَا مِنْ فَضْلِ رَبِّيْ قف
رکيل پاڻ وٽ چيائين اها آهي مهرباني منهنجي رب جي،

لِيَبْلُوَنِيْٓ ءَ اَشْكُرُ اَمْ اَكْفُرُ ط وَ مَنْ
جيئن آزمائي مون کي تہ آءٌ شڪر ڪريان يا بي شڪري ڪريان، ۽ جنهن

شَكَرَ فَاِنَّمَا يَشْكُرُ لِنَفْسِهٖ ج وَ مَنْ كَفَرَ فَاِنَّ
شڪر ڪيو پوءِ رڳو اهو شڪر ڪري پنهنجي لاءِ، ۽ جنهن ڪفر ڪيو تہ پوءِ

رَبِّيْ غَنِيٌّ كَرِيْمٌ ﴿٤٠﴾ قَالَ نَكِّرُوْا لَهَا عَرْشَهَا نَنْظُرْ
منهنجو رب بي پرواهہ سخي آهي. فرمايائين اوپرو ڪريو ان لاءِ سندس تخت ڪي ڏسون

اَتَهْتَدِيْٓ اَمْ تَكُوْنُ مِنَ الَّذِيْنَ لَا يَهْتَدُوْنَ ﴿٤١﴾ فَلَمَّا جَآءَتْ
تہ سمجهي ٿي يا آهي انهن مان جيڪي نہ ٿا سجاڻن؟ ❶ پوءِ جڏهن آئي

قِيْلَ اَ هٰكَذَا عَرْشُكِ ط قَالَتْ كَاَنَّهٗ هُوَ ج وَ اُوْتِيْنَا
تہ چيو ويو ڇا اهڙو آهي تخت تنهنجو، چيائين ڄڻ هيءُ اُهو آهي، ۽ اسان کي ڏني وئي آهي

الْعِلْمَ مِنْ قَبْلِهَا وَ كُنَّا مُسْلِمِيْنَ ﴿٤٢﴾ وَ صَدَّهَا
ڄاڻ انهي کان اڳ ۾ ئي ❷ ۽ ٿيا آهيون اسين فرمانبردار. ۽ روڪيائين ان کي

مَا كَانَتْ تَّعْبُدُ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ط اِنَّهَا كَانَتْ
جنهن جي پوڄا ڪندي هئي الله کان سواءِ، بيشڪ اها هئي

مِنْ قَوْمٍ كٰفِرِيْنَ ﴿٤٣﴾ قِيْلَ لَهَا ادْخُلِي الصَّرْحَ ج فَلَمَّا رَاَتْهُ
قوم ڪافرن جي مان. چيو ويو کيس گهڙ محلات ۾، پوءِ جڏهن ڏٺائين ان کي

حَسِبَتْهُ لُجَّةً وَّ كَشَفَتْ عَنْ سَاقَيْهَا ط قَالَ اِنَّهٗ صَرْحٌ
پاڻياٺين ان کي ڇَر پاڻيءَ جي ۽ کولڻ لڳي پنهنجون پنيون، فرمايائين اهو محل

مُّمَرَّدٌ مِّنْ قَوَارِيْرَ ط قَالَتْ رَبِّ اِنِّيْ ظَلَمْتُ نَفْسِيْ
جڙيل آهي شيشي مان، چوڻ لڳي اي منهنجا رب بيشڪ مون ظلم ڪيو پاڻ تي ❸

وَ اَسۡلَمۡتُ مَعَ سُلَيۡمٰنَ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۴۴﴾ وَ لَقَدۡ اَرۡسَلۡنَاۤ

۽ فرمانبردار تي آهيان سليمان سان گڏ الله رب العالمين لاءِ. ۽ اسان موڪليو هئو

اِلٰی ثَمُوۡدَ اَخَاهُمۡ صٰلِحًا اَنِ اعۡبُدُوا اللّٰهَ فَاِذَا هُمۡ فَرِيۡقٰنِ

ثمود ڏانهن سندس ڀاءُ صالح کي ته عبادت ڪريو الله جي پوءِ اهي ٻه ٽولا ٿي

يَخۡتَصِمُوۡنَ ﴿۴۵﴾ قَالَ يٰقَوۡمِ لِمَ تَسۡتَعۡجِلُوۡنَ بِالسَّيِّئَةِ

پاڻ ۾ جهڳڙو پيا ڪن. ❶ چيائين اي منهنجي قوم ڇو تا تڪڙو ڪُهرو برائي کي

قَبۡلَ الۡحَسَنَةِ ۚ لَوۡلَا تَسۡتَغۡفِرُوۡنَ اللّٰهَ لَعَلَّكُمۡ تُرۡحَمُوۡنَ ﴿۴۶﴾

ڀلائي کان اڳ، ڇو نه تا معافي گهرو الله کان من توهان تي رحم ڪيو وڃي.

قَالُوا اطَّيَّرۡنَا بِكَ وَ بِمَنۡ مَّعَكَ ؕ قَالَ

چيائون اسان سَوڻ وٺون ٿا توسان ۽ ان سان جيڪي توسان گڏ آهي، ❷ چيائين

طٰٓئِرُكُمۡ عِنۡدَ اللّٰهِ بَلۡ اَنۡتُمۡ قَوۡمٌ تُفۡتَنُوۡنَ ﴿۴۷﴾ وَ كَانَ فِی الۡمَدِيۡنَةِ

سَوڻ توهان جو الله وٽ آهي بلڪ توهان ماڻهو پرکيا وڃو ٿا. ۽ هئا شهر ۾

تِسۡعَةُ رَهۡطٍ يُّفۡسِدُوۡنَ فِی الۡاَرۡضِ وَ لَا يُصۡلِحُوۡنَ ﴿۴۸﴾ قَالُوۡا

نَوَ ڄڻا وڳوڙ پيا وجهن ملڪ ۾ ۽ سڌارو نه پيا آڻين. ❸ چيائون

تَقَاسَمُوۡا بِاللّٰهِ لَنُبَيِّتَنَّهٗ وَ اَهۡلَهٗ ثُمَّ لَنَقُوۡلَنَّ

قسم کڻي الله جو ته ضرور راتاهو هڻنداسون انهيءَ تي ❹ ۽ سندس گهر تي پوءِ چونداسون

لِوَلِيِّهٖ مَا شَهِدۡنَا مَهۡلِكَ اَهۡلِهٖ وَ اِنَّا لَصٰدِقُوۡنَ ﴿۴۹﴾

ان جي وارث کي ته ڪو نه هئاسون تباهي وقت سندس گهراڻي جي ۽ اسين سچ ٿا چئون.

وَ مَكَرُوۡا مَكۡرًا وَّ مَكَرۡنَا مَكۡرًا وَّ هُمۡ لَا يَشۡعُرُوۡنَ ﴿۵۰﴾ فَانۡظُرۡ

۽ سِٽيائون سِٽ ۽ اسان ٻه سِٽي سِٽ ۽ انهن کي پتو ئي نه پيو. پوءِ ڏس

كَيۡفَ كَانَ عَاقِبَةُ مَكۡرِهِمۡ ۙ اَنَّا دَمَّرۡنٰهُمۡ وَ

ڪيئن ٿيو انجام انهن جي مڪر جو اسان تباهه ڪيوسون انهن کي ۽

قَوۡمَهُمۡ اَجۡمَعِيۡنَ ﴿۵۱﴾ فَتِلۡكَ بُيُوۡتُهُمۡ خَاوِيَةًۢ بِمَا ظَلَمُوۡا ؕ
سندن قوم سيني کي. پوءِ اهي گهر آهن انهن جا اونداڪيل جو ظلم ڪيائون،

اِنَّ فِيۡ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوۡمٍ يَّعۡلَمُوۡنَ ﴿۵۲﴾ وَ اَنۡجَيۡنَا الَّذِيۡنَ
بيشڪ انهي ۾ نشاني آهي ماڻهن لاءِ جيڪي ڄاڻن ٿا. ۽ اسان بچايو انهن کي

اٰمَنُوۡا وَ كَانُوۡا يَتَّقُوۡنَ ﴿۵۳﴾ وَ لُوۡطًا اِذۡ قَالَ
جن ايمان آندو ۽ ڊڄندا هئا. ۽ موڪليوسون لوط کي جڏهن چيائين

لِقَوۡمِهٖۤ اَ تَاۡتُوۡنَ الۡفَاحِشَةَ وَ اَنۡتُمۡ تُبۡصِرُوۡنَ ﴿۵۴﴾ اَ ئِنَّكُمۡ
پنهنجي قوم کي ڇا ڪريو ٿا بي حيائي ۽ توهان ڏسو ٿا. ڇا توهان

لَتَاۡتُوۡنَ الرِّجَالَ شَهۡوَةً مِّنۡ دُوۡنِ النِّسَآءِ ؕ بَلۡ اَنۡتُمۡ
اچو ٿا مردن تي شهوت سان عورتن کي ڇڏي، بلڪ توهان

قَوۡمٌ تَجۡهَلُوۡنَ ﴿۵۵﴾ فَمَا كَانَ جَوَابَ قَوۡمِهٖۤ اِلَّاۤ اَنۡ
ماڻهو نادان آهيو. پوءِ نه هئو جواب سندس قوم جو مگر هي ته

قَالُوۡۤا اَخۡرِجُوۡۤا اٰلَ لُوۡطٍ مِّنۡ قَرۡيَتِكُمۡ ۚ اِنَّهُمۡ اُنَاسٌ
چون پيا ڪڍو لوط وارن کي پنهنجي ڳوٺ مان، اهي ماڻهو آهن

يَّتَطَهَّرُوۡنَ ﴿۵۶﴾ فَاَنۡجَيۡنٰهُ وَ اَهۡلَهٗۤ اِلَّا امۡرَاَتَهٗ ۫
جو پاڪ ٿا ٿين. پوءِ بچايوسون ان کي ۽ سندس گهراڻي کي مگر ان جي زال ❶

قَدَّرۡنٰهَا مِنَ الۡغٰبِرِيۡنَ ﴿۵۷﴾ وَ اَمۡطَرۡنَا عَلَيۡهِمۡ مَّطَرًا ۚ فَسَآءَ
رکيوسون ان کي پوئتي رهندڙن ۾. ۽ وسايوسون انهن تي مينهن، پوءِ بڇڙو هئو

مَطَرُ الۡمُنۡذَرِيۡنَ ﴿۵۸﴾ ع قُلِ الۡحَمۡدُ لِلّٰهِ وَ سَلٰمٌ
مينهن ڊيڄاريلن جو. تون چئو سڀ تعريف الله لاءِ آهي ۽ سلام آهي

عَلٰى عِبَادِهِ الَّذِيۡنَ اصۡطَفٰى ؕ آٰللّٰهُ خَيۡرٌ اَمَّا يُشۡرِكُوۡنَ ﴿۵۹﴾ ؕ
سندس ٻانهن تي جن کي چُونڊيائين، ڇا الله ڀلو آهي يا جن کي اهي شريڪ ٿا ڪن؟

اَمَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ وَ اَنْزَلَ لَكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ
چاڪنهن جوڙيو آسمانن ۽ ڌرتيءَ کي ۽ لاٿو توهان لاءِ اُڀَ مان

مَآءً ۚ فَاَنْۢبَتْنَا بِهٖ حَدَآئِقَ ذَاتَ بَهْجَةٍ ۚ مَا كَانَ لَكُمْ اَنْ
پاڻي، پوءِ ڄمايا سون ان سان ❶ باغ تازگيءَ وارا، ناهي توهان لاءِ جو

تُنْۢبِتُوْا شَجَرَهَا ؕ ءَ اِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ؕ بَلْ هُمْ قَوْمٌ
ڦُٽايو ان جا وڻ، ڇا آهي ڪوئي پائيوار الله سان، نہ پر اهي ماڻهو

يَّعْدِلُوْنَ ؕ﴿٦٠﴾ اَمَّنْ جَعَلَ الْاَرْضَ قَرَارًا وَّ جَعَلَ خِلٰلَهَآ
رستي کان لڙي ٿا وڃن. ❷ چاڪنهن ڪيو زمين کي جاءِ رهڻ جي ۽ ڪيائين ان جي وچ ۾

اَنْهٰرًا وَّ جَعَلَ لَهَا رَوَاسِيَ وَ جَعَلَ بَيْنَ الْبَحْرَيْنِ حَاجِزًا ؕ
واهه ۽ وڌائين ان تي وزن ۽ ڪيائين ٻن دريائن ۾ سَنڌو،

ءَ اِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ؕ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ؕ﴿٦١﴾ اَمَّنْ
ڇا آهي ڪوئي مالڪ ٻيو الله سان گڏ، پر گهڻا انهن جا نہ ٿا ڄاڻ رکن. ڀلا ڪير

يُّجِيْبُ الْمُضْطَرَّ اِذَا دَعَاهُ وَ يَكْشِفُ السُّوْٓءَ وَ يَجْعَلُكُمْ
ٿو سڏ ڏئي اڙيل کي جڏهن سڏي ٿو ان کي ❸ ۽ ٽاري ٿو مصيبت ۽ ڪري ٿو توهان کي

خُلَفَآءَ الْاَرْضِ ؕ ءَ اِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ؕ قَلِيْلًا مَّا تَذَكَّرُوْنَ ؕ﴿٦٢﴾
والي ملڪ جو، ڇا آهي ڪو حاڪم الله کان سواءِ، وِرلي ٿا نصيحت وٺو.

اَمَّنْ يَّهْدِيْكُمْ فِيْ ظُلُمٰتِ الْبَرِّ وَ الْبَحْرِ وَ مَنْ يُّرْسِلُ
ڀلا ڪير ٿو ڏڳ لائي توهان کي اونداهين پَٽَ ۽ درياءَ جي ۾ ۽ ڪير ٿو موڪلي

الرِّيٰحَ بُشْرًاۢ بَيْنَ يَدَيْ رَحْمَتِهٖ ؕ ءَ اِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ؕ
واءُ واڌاين وارا پنهنجي مِهر اڳيان، ڇا آهي ڪو مالڪ الله سان گڏ.

تَعٰلَى اللّٰهُ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ؕ﴿٦٣﴾ اَمَّنْ يَّبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ
مٿي آهي الله تن کان جن کي شريڪ ٿا ڪن. ڇا ڪير ٿو نئون ناهي خلق کي پوءِ

يُعِيۡدُهٗ وَ مَنۡ يَّرۡزُقُكُمۡ مِّنَ السَّمَآءِ وَ الۡاَرۡضِ ؕ ءَ

موٽائي ٿو ان کي ۽ ڪير ٿو روزي ڏئي توهان کي آسمان ۽ زمين مان، ڇا آهي

اِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ؕ قُلۡ هَاتُوۡا بُرۡهَانَكُمۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ﴿۶۴﴾

ڪو ٻيو خدا الله سان گڏ، چئو آڻيو پنهنجو دليل جيڪڏهن آهيو سچا.

قُلۡ لَّا يَعۡلَمُ مَنۡ فِي السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ الۡغَيۡبَ اِلَّا اللّٰهُ ؕ

تون چئو نه ٿو ڄاڻي ڪو به آسمانن ۽ زمين ۾ ڳجهه کي (1) سواءِ الله جي،

وَ مَا يَشۡعُرُوۡنَ اَيَّانَ يُبۡعَثُوۡنَ ﴿۶۵﴾ بَلِ ادّٰرَكَ عِلۡمُهُمۡ

۽ اهي نه ٿا ڄاڻن ته ڪڏهن اُٿاريا ويندا. بلڪ ماندو ٿيو علم انهن جو

فِي الۡاٰخِرَةِ ۟ قف بَلۡ هُمۡ فِيۡ شَكٍّ مِّنۡهَا ۟ قف بَلۡ هُمۡ مِّنۡهَا عَمُوۡنَ ﴿۶۶﴾ ع

آخرت جي باري ۾، (2) بلڪ اهي شڪ ۾ آهن انهيءَ کان، بلڪ اهي ان کان انڌا آهن.

وَ قَالَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡۤا ءَ اِذَا كُنَّا تُرٰبًا وَّ اٰبَآؤُنَاۤ

۽ چيو انهن جن ڪفر ڪيو ڇا جڏهن ٿينداسون اسان مٽي ۽ ابا ڏاڏا اسان جا

اَئِنَّا لَمُخۡرَجُوۡنَ ﴿۶۷﴾ لَقَدۡ وُعِدۡنَا هٰذَا نَحۡنُ وَ اٰبَآؤُنَا

ڇا اسان ڪڍيا ويندا سون. وعدو ڏنا وياسون اهو اسان ۽ ابا ڏاڏا اسان جا

مِنۡ قَبۡلُ ۙ لا اِنۡ هٰذَاۤ اِلَّاۤ اَسَاطِيۡرُ الۡاَوَّلِيۡنَ ﴿۶۸﴾ قُلۡ سِيۡرُوۡا

اڳي ناهي هي ڪجهه به مگر آکاڻيون اڳين جون. تون چئو گهمو

فِي الۡاَرۡضِ فَانۡظُرُوۡا كَيۡفَ كَانَ عَاقِبَةُ الۡمُجۡرِمِيۡنَ ﴿۶۹﴾ وَ لَا

زمين ۾ پوءِ ڏسو ڪيئن ٿيو انجام ڏوهارين جو. ۽ نه

تَحۡزَنۡ عَلَيۡهِمۡ وَ لَا تَكُنۡ فِيۡ ضَيۡقٍ مِّمَّا يَمۡكُرُوۡنَ ﴿۷۰﴾ وَ

غم ڪر انهن تي ۽ نه ٿيءُ تنگي ۾ ان کان جو اهي فريب ٿا ڪن. ۽

يَقُوۡلُوۡنَ مَتٰى هٰذَا الۡوَعۡدُ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ﴿۷۱﴾ قُلۡ

چون ٿا ڪڏهن آهي اهو وعدو جيڪڏهن آهيو سچا. تون چئو

عَسٰٓى اَنْ يَّكُوْنَ رَدِفَ لَكُمْ بَعْضُ الَّذِيْ تَسْتَعْجِلُوْنَ ۝٧٢

پري ناهي جو اچي پهچي توهان کي ڪجهه ان مان جنهن جي تڪڙ تا ڪريو. ❶

وَ اِنَّ رَبَّكَ لَذُوْ فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَ لٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ

۽ بيشڪ تنهنجو رب مهربان آهي ماڻهن تي پر گهڻا ماڻهو

لَا يَشْكُرُوْنَ ۝٧٣ وَ اِنَّ رَبَّكَ لَيَعْلَمُ مَا تُكِنُّ صُدُوْرُهُمْ

نه ٿا شڪر ڪن. ۽ بيشڪ رب تنهنجو ڄاڻي ٿو جيڪي لڪائن ٿا سينا انهن جا

وَ مَا يُعْلِنُوْنَ ۝٧٤ وَ مَا مِنْ غَآئِبَةٍ فِي السَّمَآءِ وَ الْاَرْضِ

۽ جيڪي ظاهر ڪن ٿا. ۽ ناهي ڪا شيءِ ڳجهي آسمانن ۽ زمين ۾

اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ۝٧٥ اِنَّ هٰذَا الْقُرْاٰنَ يَقُصُّ

مگر موجود آهي دفتر بيان ڪندڙ ۾. بيشڪ هي قرآن ٻڌائي ٿو

عَلٰى بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اَكْثَرَ الَّذِيْ هُمْ فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ۝٧٦ وَ

بني اسرائيل کي ڪيترييون ئي شيون جن ۾ اهي اختلاف ٿا ڪن. ❷ ۽

اِنَّهٗ لَهُدًى وَّ رَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ۝٧٧ اِنَّ رَبَّكَ

بيشڪ اهو قرآن رهبر آهي ۽ رحمت آهي ايمان وارن لاءِ. بيشڪ رب تنهنجو

يَقْضِيْ بَيْنَهُمْ بِحُكْمِهٖ ۚ وَ هُوَ الْعَزِيْزُ الْعَلِيْمُ ۝٧٨ ۚۙ

فيصلو ڪندو انهن جي وچ ۾ پنهنجي حڪم سان، ۽ اهو زبردست آهي علم وارو آهي.

فَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّكَ عَلَى الْحَقِّ الْمُبِيْنِ ۝٧٩ اِنَّكَ لَا

پوءِ تون ڀروسو ڪر الله تي، بيشڪ تون ئي حق پڌري تي آهين. تون نه

تُسْمِعُ الْمَوْتٰى وَ لَا تُسْمِعُ الصُّمَّ الدُّعَآءَ اِذَا وَلَّوْا

ٻڌائي سگهندين مُئن کي ۽ نه ٻڌائيندين ٻوڙن کي سڏ جڏهن موٽن

مُدْبِرِيْنَ ۝٨٠ وَ مَآ اَنْتَ بِهٰدِي الْعُمْيِ عَنْ ضَلٰلَتِهِمْ ؕ اِنْ

پُٺي ڏئي. ۽ ناهين تون رستو ڏيکاريندڙ انڌن کي سندن ڀُلجڻ تي، رڳو

تُسْمِعُ اِلَّا مَنْ يُّؤْمِنُ بِاٰيٰتِنَا فَهُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿٨١﴾ وَ
تون ٻڌائيندين انهن کي جيڪي مجين ٿا اسان جي آيتن کي پوءِ اهي مسلمان آهن. ۽

اِذَا وَقَعَ الْقَوْلُ عَلَيْهِمْ اَخْرَجْنَا لَهُمْ دَآبَّةً مِّنَ الْاَرْضِ
جڏهن پوندو اهو قول انهن تي ته ڪيندا سون انهن لاءِ هڪ جانور ❶ ڌرتي مان

تُكَلِّمُهُمْ لا اَنَّ النَّاسَ كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا لَا يُوْقِنُوْنَ ﴿٨٢﴾ ع وَ يَوْمَ
جو ڳالهائيندو انهن سان ته ماڻهو اسان جي آيتن کي نه مڃيندا هئا. ۽ جنهن ڏينهن

نَحْشُرُ مِنْ كُلِّ اُمَّةٍ فَوْجًا مِّمَّنْ يُّكَذِّبُ بِاٰيٰتِنَا
گڏ ڪنداسون هر امت مان هڪ ٽولو جو ڪوڙو ڪندو هئو اسان جي آيتن کي

فَهُمْ يُوْزَعُوْنَ ﴿٨٣﴾ حَتّٰۤى اِذَا جَآءُوْ قَالَ اَ كَذَّبْتُمْ
پوءِ اهي ٽولا بيهاريا ويندا. نيٺ جڏهن سڀ ايندا ته فرمائيندو ڇا ڪوڙو ڪيو هئو توهان

بِاٰيٰتِيْ وَ لَمْ تُحِيْطُوْا بِهَا عِلْمًا اَمَّاذَا كُنْتُمْ
منهنجي آيتن کي ۽ نه پهتي هئي انهن تي توهان جي سمجهه يا ٻڌايو توهان

تَعْمَلُوْنَ ﴿٨٤﴾ وَ وَقَعَ الْقَوْلُ عَلَيْهِمْ بِمَا ظَلَمُوْا فَهُمْ لَا
ڇا ڪندا هئا. ۽ پوندو اهو عتاب انهن تي جو ظلم ڪيائون پوءِ اهي ڪو نه

يَنْطِقُوْنَ ﴿٨٥﴾ اَ لَمْ يَرَوْا اَنَّا جَعَلْنَا الَّيْلَ لِيَسْكُنُوْا فِيْهِ
ڳالهائيندا. ڇا نه ڏٺائون جو ڪيو سون رات کي جيئن آرام ڪن ان ۾

وَ النَّهَارَ مُبْصِرًا ط اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ
۽ ڪيوسون ڏينهن کي ڏسڻ لاءِ بيشڪ انهي ۾ نشانيون آهن انهن ماڻهن لاءِ

يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٨٦﴾ وَ يَوْمَ يُنْفَخُ فِي الصُّوْرِ فَفَزِعَ مَنْ
جيڪي ايمان ٿا آڻين. ۽ جنهن ڏينهن ڦوڪيو ويندو صور ۾ ❷ پوءِ گهٻرائيندا جيڪي

فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَنْ فِي الْاَرْضِ اِلَّا مَنْ شَآءَ اللّٰهُ ط وَ كُلٌّ
آسمانن ۾ آهن ۽ جيڪي زمين ۾ آهن مگر جنهن کي گهري الله. ۽ سمورا

اَتَوۡهُ دٰخِرِيۡنَ ﴿٨٧﴾ وَ تَرَى الۡجِبَالَ تَحۡسَبُهَا جَامِدَةً

ايندا ان وٽ عاجزي ڪندڙ ٿي. ۽ ڏسين ٿو جبلن کي تون ڀانئين ٿو انهن کي جميل

وَّ هِيَ تَمُرُّ مَرَّ السَّحَابِ ؕ صُنۡعَ اللّٰهِ الَّذِيۡۤ اَتۡقَنَ كُلَّ شَيۡءٍ ؕ

۽ اهي هلندا جيئن ڪڪر هلن، جوڙ الله جي جنهن پڪو ڪيو هر شيءِ کي،

اِنَّهٗ خَبِيۡرٌۢ بِمَا تَفۡعَلُوۡنَ ﴿٨٨﴾ مَنۡ جَآءَ بِالۡحَسَنَةِ فَلَهٗ

بيشڪ ان کي خبر آهي جيڪي توهان ڪريو ٿا. جيڪو آڻيندو چڱائي پوءِ انهي لاءِ

خَيۡرٌ مِّنۡهَا ۚ وَ هُمۡ مِّنۡ فَزَعٍ يَّوۡمَئِذٍ اٰمِنُوۡنَ ﴿٨٩﴾ وَ مَنۡ جَآءَ

بهتر آهي ان کان، ۽ اهي گهٻراهٽ کان ان ڏينهن امن ۾ رهندا. ۽ جيڪو آڻيندو

بِالسَّيِّئَةِ فَكُبَّتۡ وُجُوۡهُهُمۡ فِي النَّارِ ؕ هَلۡ تُجۡزَوۡنَ

برائي پوءِ اهي وڌا ويندا منهن ڀر باهه ۾، نه بدلو ملندو توهان کي

اِلَّا مَا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ ﴿٩٠﴾ اِنَّمَاۤ اُمِرۡتُ اَنۡ اَعۡبُدَ

مگر جيڪي توهان ڪندا هئا. رڳو حڪم ٿيو اٿم ته بندگي ڪريان

رَبَّ هٰذِهِ الۡبَلۡدَةِ الَّذِيۡ حَرَّمَهَا وَ لَهٗ كُلُّ شَيۡءٍ ۫

هن شهر جي رب جي جنهن عزت ڏني ان کي ۽ انهي جي ئي آهي هر شيءِ

وَّ اُمِرۡتُ اَنۡ اَكُوۡنَ مِنَ الۡمُسۡلِمِيۡنَ ۙ﴿٩١﴾ وَ اَنۡ اَتۡلُوَا

۽ مون کي حڪم ٿيو آهي ته هجان فرمانبردارن مان. ۽ پڙهي ٻڌايان

الۡقُرۡاٰنَ ۚ فَمَنِ اهۡتَدٰى فَاِنَّمَا يَهۡتَدِيۡ لِنَفۡسِهٖ ۚ وَ مَنۡ

قرآن، پوءِ جيڪو هدايت وارو ٿيو اهو هدايت وارو ٿيو پنهنجي لاءِ ۽ جيڪو

ضَلَّ فَقُلۡ اِنَّمَاۤ اَنَا مِنَ الۡمُنۡذِرِيۡنَ ﴿٩٢﴾ وَ قُلِ الۡحَمۡدُ

گمراهه ٿيو پوءِ چئو ته آءٌ رڳو ڊيڄاريندڙ آهيان. ۽ چئو سڀ ساراهه

لِلّٰهِ سَيُرِيۡكُمۡ اٰيٰتِهٖ فَتَعۡرِفُوۡنَهَا ؕ

الله لاءِ آهي اجهو ڏيکاريندو توهان کي نشانيون پنهنجون پوءِ توهان سڃاڻندو انهن کي،

ع ١١ ٣

وَ مَا رَبُّكَ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٩٣﴾ ع

۽ ناهي رب تنهنجو بي خبر ان کان جيڪي توهان ڪيو ٿا.

سُوْرَةُ الْقَصَصِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ ثَمَانٍ وَّثَمَانُوْنَ اٰيَةً وَّتِسْعُ رُكُوْعَاتٍ

سورت قصص مڪي آهي ۽ اٺاسي آيتون ۽ نَوَ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

طٰسٓمّٓ ﴿١﴾ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ﴿٢﴾ نَتْلُوْا عَلَيْكَ مِنْ نَّبَاِ

طٰسٓمّٓ. ❶ هي آيتون آهن ڪتاب پڌري جون. اسان پڙهون ٿا توتي خبر

مُوْسٰى وَ فِرْعَوْنَ بِالْحَقِّ لِقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٣﴾ اِنَّ فِرْعَوْنَ

موسيٰ ۽ فرعون جي سچي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ايمان ٿا آڻين. بيشڪ فرعون

عَلَا فِي الْاَرْضِ وَ جَعَلَ اَهْلَهَا شِيَعًا يَّسْتَضْعِفُ

ڏاڍ ڪيو ملڪ ۾ ۽ ڪيائين اتان جي ماڻهن کي ٽولا، ڪمزور پيو ڪري

طَآئِفَةً مِّنْهُمْ يُذَبِّحُ اَبْنَآءَهُمْ وَ يَسْتَحْيٖ نِسَآءَهُمْ ط

هڪ ٽولي کي ❷ انهن مان ڪُهي پيو پُٽ انهن جا ۽ جيئرو ڇڏي پيو انهن جي عورتن کي،

اِنَّهٗ كَانَ مِنَ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿٤﴾ وَ نُرِيْدُ اَنْ نَّمُنَّ

بيشڪ اهو هئو فسادين مان. ۽ اسان چاهيون پيا ته انعام ڪريون

عَلَى الَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا فِي الْاَرْضِ وَ نَجْعَلَهُمْ اَئِمَّةً

انهن تي جيڪي ڪمزور ڪيا ويا ملڪ ۾ ۽ ڪريون انهن کي اڳواڻ

وَّ نَجْعَلَهُمُ الْوٰرِثِيْنَ ﴿٥﴾ لا وَ نُمَكِّنَ لَهُمْ فِي الْاَرْضِ وَ

۽ ڪريون انهن کي جاءِ نشين. ۽ زور وٺايون انهن کي ملڪ ۾ ۽

نُرِيَ فِرْعَوْنَ وَ هَامٰنَ وَ جُنُوْدَهُمَا مِنْهُمْ مَّا

ڏيکاريون فرعون ۽ هامان ۽ سندن لشڪرن کي، انهن کان اهو جنهن کان

كَانُوْا يَحْذَرُوْنَ ۝٦ وَ اَوْحَيْنَآ اِلٰٓى اُمِّ مُوْسٰٓى اَنْ اَرْضِعِيْهِ ۚ
ڊڄندا هئا. ❶ ۽ حڪم موڪليوسون موسيٰ جي ماءُ ڏانهن تہ ٿڄ ڏي انهي کي،
فَاِذَا خِفْتِ عَلَيْهِ فَاَلْقِيْهِ فِى الْيَمِّ وَ لَا تَخَافِىْ وَ لَا
پوءِ جڏهن خوف ڪرين ان تي پوءِ اُڇلينس درياءَ ۾ ❷ ۽ نہ ڊڄ ۽ نہ ڪي
تَحْزَنِىْ ۚ اِنَّا رَآدُّوْهُ اِلَيْكِ وَ جَاعِلُوْهُ مِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ۝٧
ڏک ڪر، اسان موٽائيندا سون ان کي تو ڏانهن ۽ ڪندا سون ان کي رسولن مان.
فَالْتَقَطَهٗٓ اٰلُ فِرْعَوْنَ لِيَكُوْنَ لَهُمْ عَدُوًّا وَّ حَزَنًا ؕ اِنَّ
پوءِ لڌو ان کي فرعون جي گهر وارن جيئن ٿئي انهن جو دشمن ۽ ڏک جو ڪارڻ، ❸ بيشڪ
فِرْعَوْنَ وَ هَامٰنَ وَ جُنُوْدَهُمَا كَانُوْا خٰطِـِٔيْنَ ۝٨ وَ قَالَتِ امْرَاَتُ
فرعون ۽ هامان ۽ انهن جو لشڪر هئا خطاڪار. ۽ چيو زال
فِرْعَوْنَ قُرَّتُ عَيْنٍ لِّىْ وَ لَكَ ؕ لَا تَقْتُلُوْهُ ۖق عَسٰٓى اَنْ
فرعون جي هي ٺار آهي اکين جو مون لاءِ ۽ تو لاءِ، ❹ نہ ماريو انهي کي، اميد تہ
يَّنْفَعَنَآ اَوْ نَتَّخِذَهٗ وَلَدًا وَّ هُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ۝٩ وَ اَصْبَحَ
نفعو ڏيندو اسان کي يا پاليونس پُٽ ڪري ۽ اهي نہ پيا سمجهن. ۽ صبح سان
فُؤَادُ اُمِّ مُوْسٰى فٰرِغًا ؕ اِنْ كَادَتْ لَتُبْدِىْ بِهٖ لَوْلَآ
دل موسيٰ جي ماءُ جي ٿي بي قرار، اجهو ڪري ها پڌرو ان کي جيڪڏهن نہ
اَنْ رَّبَطْنَا عَلٰى قَلْبِهَا لِتَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ۝١٠ وَ قَالَتْ
قابو ڪريون ها قلب ان جو جيئن هجي يقين ڪندڙن مان. ۽ چيائين
لِاُخْتِهٖ قُصِّيْهِ ز فَبَصُرَتْ بِهٖ عَنْ جُنُبٍ وَّ هُمْ لَا
سندس ڀيڻ کي پٺيان لڳينس پوءِ ڏسي پئي ان کي پري کان ۽ اهي نہ
يَشْعُرُوْنَ ۝١١ لا وَ حَرَّمْنَا عَلَيْهِ الْمَرَاضِعَ مِنْ قَبْلُ فَقَالَتْ
پيا سمجهن. ۽ بند ڪئي سون ان تي ٿڄ ڏائين جي اڳ ۾ ئي پوءِ هيءَ چوڻ لڳي

هَلْ اَدُلُّكُمْ عَلٰۤى اَهْلِ بَيْتٍ يَّكْفُلُوْنَهٗ لَكُمْ وَ هُمْ لَهٗ
چا ڏسيان توهان کي اهڙو گهراڻو جي پالين ان کي توهان لاءِ ۽ اهي انهيءَ جا

نٰصِحُوْنَ ﴿۱۲﴾ فَرَدَدْنٰهُ اِلٰۤى اُمِّهٖ كَیْ تَقَرَّ عَیْنُهَا وَ لَا
گهڻگهرا آهن. پوءِ موٽايوسون ان کي سندس ماءُ ڏانهن جيئن ٺري نيڻ ان جو ۽ نه

تَحْزَنَ وَ لِتَعْلَمَ اَنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّ لٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا
ڏک ڪري ۽ سمجهي ته وعدو الله جو حق آهي پر ڪيترا ماڻهو نه

يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۳﴾ وَ لَمَّا بَلَغَ اَشُدَّهٗ وَ اسْتَوٰۤى اٰتَیْنٰهُ
ٿا ڄاڻن. ۽ جڏهن اهو پهتو پنهنجي جواني کي ۽ پختو ٿيو ته ڏني سون ان کي

حُكْمًا وَّ عِلْمًا ؕ وَ كَذٰلِكَ نَجْزِی الْمُحْسِنِیْنَ ﴿۱۴﴾ وَ دَخَلَ
سمجهه ۽ علم، ۽ اهڙي طرح بدلو ڏيندا آهيون چڱائي وارن کي. ۽ آيو

الْمَدِیْنَةَ عَلٰى حِیْنِ غَفْلَةٍ مِّنْ اَهْلِهَا فَوَجَدَ فِیْهَا رَجُلَیْنِ
شهر ۾ جنهن وقت غافل هئا اتي جا ماڻهو پوءِ ڏٺائين ان ۾ ٻه ماڻهو

يَقْتَتِلٰنِ ۫ هٰذَا مِنْ شِیْعَتِهٖ وَ هٰذَا مِنْ عَدُوِّهٖ ۚ فَاسْتَغَاثَهُ
وڙهن پيا پاڻ ۾ هڪڙو سندس ٽولي جو ۽ ٻيو ان جي دشمن جو، پوءِ مدد گهري ڪائنس

الَّذِیْ مِنْ شِیْعَتِهٖ عَلَى الَّذِیْ مِنْ عَدُوِّهٖ ۙ فَوَكَزَهٗ
انهي جو سندس ٽولي مان هئو ان تي جو سندس دشمن ڪان هئو پوءِ مُڪ هنئي ان کي

مُوْسٰى فَقَضٰى عَلَیْهِ ۫ قَالَ هٰذَا مِنْ عَمَلِ الشَّیْطٰنِ ؕ
موسى پوءِ پورو ڪيائين ان کي، چيائين هي آهي شيطان جي ڪم ڪان،

اِنَّهٗ عَدُوٌّ مُّضِلٌّ مُّبِیْنٌ ﴿۱۵﴾ قَالَ رَبِّ اِنِّیْ ظَلَمْتُ
بيشڪ اهو دشمن گمراهه ڪندڙ پڌرو آهي. چيائين اي منهنجا رب مون ظلم ڪيو

نَفْسِیْ فَاغْفِرْ لِیْ فَغَفَرَ لَهٗ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ
پاڻ تي پوءِ معاف ڪر مون کي پوءِ معاف ڪيائين ان کي، بيشڪ اهو ئي بخشيندڙ

الرَّحِیۡمُ ﴿۱۶﴾ قَالَ رَبِّ بِمَاۤ اَنۡعَمۡتَ عَلَیَّ فَلَنۡ
مهربان آهي. چيائين اي منهنجا رب جيئن تو مهرباني ڪئي آهي مون تي پوءِ هرگز نه

اَکُوۡنَ ظَہِیۡرًا لِّلۡمُجۡرِمِیۡنَ ﴿۱۷﴾ فَاَصۡبَحَ فِی الۡمَدِیۡنَۃِ خَآئِفًا
ٿيندس حمايتي ڏوهارين جو. پوءِ صبح ڪيائين ان شهر ۾ ڊڄندڙ ٿي

یَّتَرَقَّبُ فَاِذَا الَّذِی اسۡتَنۡصَرَہٗ بِالۡاَمۡسِ یَسۡتَصۡرِخُہٗ ؕ
انتظار ڪندي ته اوچتو جنهن مدد گهري هئي ان ڪان ① ڪالهه مدد لاءِ پڪاري پيو ان کي،

قَالَ لَہٗ مُوۡسٰۤی اِنَّکَ لَغَوِیٌّ مُّبِیۡنٌ ﴿۱۸﴾ فَلَمَّاۤ اَنۡ اَرَادَ
چيو ان کي موسىٰ تون ته آهين پُليل پَڌرو. پوءِ جڏهن گهريائين

اَنۡ یَّبۡطِشَ بِالَّذِیۡ ہُوَ عَدُوٌّ لَّہُمَا ۙ قَالَ یٰمُوۡسٰۤی اَ تُرِیۡدُ
پڪڙڻ ان کي جو هئو دشمن بنهي جو، ② چيائين اي موسىٰ ڇا گهرين تو

اَنۡ تَقۡتُلَنِیۡ کَمَا قَتَلۡتَ نَفۡسًۢا بِالۡاَمۡسِ ٭ۖ اِنۡ تُرِیۡدُ
ته خُون ڪرين مون کي جيئن خُون ڪيو تو ماڻهو ڪالهه، نه تو چاهين تون

اِلَّاۤ اَنۡ تَکُوۡنَ جَبَّارًا فِی الۡاَرۡضِ وَ مَا تُرِیۡدُ اَنۡ تَکُوۡنَ
مگر هي ته. هجين سرڪش هن ملڪ ۾ ۽ نه تو گهرين ته ٿئين تون

مِنَ الۡمُصۡلِحِیۡنَ ﴿۱۹﴾ وَ جَآءَ رَجُلٌ مِّنۡ اَقۡصَا الۡمَدِیۡنَۃِ یَسۡعٰی ۫
صُلح ڪرائيندڙن مان. ۽ آيو هڪ ماڻهو باهران شهر ڪان ڊوڙندي

قَالَ یٰمُوۡسٰۤی اِنَّ الۡمَلَاَ یَاۡتَمِرُوۡنَ بِکَ لِیَقۡتُلُوۡکَ فَاخۡرُجۡ
چيائين اي موسىٰ يقينن سردار صلاح ٿا ڪن تو لاءِ ته قتل ڪن توکي پوءِ نڪري وڃ

اِنِّیۡ لَکَ مِنَ النّٰصِحِیۡنَ ﴿۲۰﴾ فَخَرَجَ مِنۡہَا خَآئِفًا یَّتَرَقَّبُ ۫
بيشڪ آءٌ تنهنجي خيرخواهن مان آهيان. پوءِ نڪتو اتان ڊڄندي انتظار ڪندي

قَالَ رَبِّ نَجِّنِیۡ مِنَ الۡقَوۡمِ الظّٰلِمِیۡنَ ﴿۲۱﴾ ع وَ لَمَّا تَوَجَّہَ
چيائين اي منهنجا رب بچاءِ مون کي ظالمن جي قوم کان. ۽ جڏهن رُخ رکيائين

ع ٢ ٨ ٥

تِلۡقَآءَ مَدۡيَنَ قَالَ عَسٰى رَبِّيۡٓ اَنۡ يَّهۡدِيَنِيۡ سَوَآءَ
طرف مدين جي چيائين اميد آهي تہ رب منهنجو ڏسيندو مون کي، سڌو

السَّبِيۡلِ ﴿٢٢﴾ وَ لَمَّا وَرَدَ مَآءَ مَدۡيَنَ وَجَدَ عَلَيۡهِ اُمَّةً مِّنَ النَّاسِ
رستو. ۽ جڏهن پهتو مدين جي پاڻيءَ تي ڏٺائين ان تي گهڻا ماڻهو

يَسۡقُوۡنَ ۫ وَ وَجَدَ مِنۡ دُوۡنِهِمُ امۡرَاَتَيۡنِ تَذُوۡدٰنِ ۚ قَالَ مَا
جو مال پيا پيارين، ۽ ڏٺائين انهن کان پرڀرو ٻن عورتن کي رڍون روڪيندي، چيائين چا

خَطۡبُكُمَا ؕ قَالَتَا لَا نَسۡقِيۡ حَتّٰى يُصۡدِرَ الرِّعَآءُ ٚ وَ
حال آهي توهان جو، ٻنهي چيو تہ ٿيون پياريون اسان جيستر پياري موڙن ڌنار ۽

اَبُوۡنَا شَيۡخٌ كَبِيۡرٌ ﴿٢٣﴾ فَسَقٰى لَهُمَا ثُمَّ تَوَلّٰۤى اِلَى الظِّلِّ
پيءُ اسان جو ❶ پوڙهو وڏو آهي. پوءِ پياريائين مال ٻنهي جو پوءِ موٽي آيو ڇانوَ ڏانهن

فَقَالَ رَبِّ اِنِّيۡ لِمَاۤ اَنۡزَلۡتَ اِلَيَّ مِنۡ خَيۡرٍ
۽ چيائين منهنجا رب بيشڪ آءٌ انهي لاءِ جو لاهين تون مون ڏانهن ڪا نعمت

فَقِيۡرٌ ﴿٢٤﴾ فَجَآءَتۡهُ اِحۡدٰٮهُمَا تَمۡشِيۡ عَلَى اسۡتِحۡيَآءٍ ۫ قَالَتۡ
حاجت مند آهيان. پوءِ آئي ان وٽ ٻنهي مان هڪڙي جو هلي پئي حياء سان چيائين

اِنَّ اَبِيۡ يَدۡعُوۡكَ لِيَجۡزِيَكَ اَجۡرَ مَا سَقَيۡتَ
بيشڪ پيءُ منهنجو سڏي ٿو توکي جيئن ڏئي توکي بدلو ان جو جو پاڻي پياريو تو

لَنَا ؕ فَلَمَّا جَآءَهٗ وَ قَصَّ عَلَيۡهِ الۡقَصَصَ ۙ قَالَ لَا
اسان لاءِ، پوءِ جڏهن آيو ان وٽ ۽ ٻڌايائين ان کي ڳالهہ چيائين نہ

تَخَفۡ ٝ نَجَوۡتَ مِنَ الۡقَوۡمِ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿٢٥﴾ قَالَتۡ اِحۡدٰٮهُمَا يٰۤاَبَتِ
ڊڄ، بچيو آهين ظالمن جي قوم کان. ❷ چوڻ لڳي ٻنهي مان هڪڙي اي ابا

اسۡتَاۡجِرۡهُ ۫ اِنَّ خَيۡرَ مَنِ اسۡتَاۡجَرۡتَ الۡقَوِيُّ الۡاَمِيۡنُ ﴿٢٦﴾
مزدور ڪر انهيءَ کي بيشڪ ڀلو آهي جيڪو مزور بيهارين سگهارو امانت وارو هجي.

قَالَ اِنِّيْٓ اُرِيْدُ اَنْ اُنْكِحَكَ اِحْدَى ابْنَتَيَّ هٰتَيْنِ

چيائين آءٌ گھران ٿو تہ پرڻايان توکي ھِڪڙيءَ سان ٻن ڌيئن پنھنجين ھنن مان

عَلٰٓى اَنْ تَاْجُرَنِيْ ثَمٰنِيَ حِجَجٍ ۚ فَاِنْ اَتْمَمْتَ عَشْرًا

ھن شرط تي جو ڪم ڪرين مون وٽ اَٺ سال، ❶ پوءِ جيڪڏھن پورا ڪياتو ڏھ سال

فَمِنْ عِنْدِكَ ۚ وَ مَآ اُرِيْدُ اَنْ اَشُقَّ عَلَيْكَ ؕ

تہ مھرباني تنھنجي، ۽ نہ ٿو گھران تہ ڪا سختي ڪريان توتي،

سَتَجِدُنِيْٓ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۲۷﴾ قَالَ ذٰلِكَ بَيْنِيْ

اجھو لھندين مون کي ان شاءَ الله يلن ماڻھن مان. ۽ چيائين اھو ٿيو منھنجي

وَ بَيْنَكَ ؕ اَيَّمَا الْاَجَلَيْنِ قَضَيْتُ فَلَا عُدْوَانَ عَلَيَّ ؕ

۽ تنھنجي وچ ۾، جھڙي بہ ٻنھي مدتن مان پوري ڪيان پوءِ نہ ٿئي ڪا زيادتي مون تي،

وَ اللّٰهُ عَلٰى مَا نَقُوْلُ وَكِيْلٌ ﴿۲۸﴾ ع فَلَمَّا قَضٰى مُوْسَى الْاَجَلَ

۽ الله ان تي جيڪي چئون ٿا شاھد آھي. ۽ جڏھن پورو ڪيو موسيٰ وقت

وَ سَارَ بِاَهْلِهٖٓ اٰنَسَ مِنْ جَانِبِ الطُّوْرِ نَارًا ۚ قَالَ

۽ وني ھليو پنھنجي گھر وارن کي تہ ڏٺائين طور جي پاسي کان باھہ، چيائين

لِاَهْلِهِ امْكُثُوْٓا اِنِّيْٓ اٰنَسْتُ نَارًا لَّعَلِّيْٓ اٰتِيْكُمْ مِّنْهَا

پنھنجي گھر وارن کي ترسو مون ڏٺي آھي باھہ شايد آڻيان توھان وٽ اتان

بِخَبَرٍ اَوْ جَذْوَةٍ مِّنَ النَّارِ لَعَلَّكُمْ تَصْطَلُوْنَ ﴿۲۹﴾ فَلَمَّآ اَتٰىهَا

ڪا خبر يا ٽانڊو باھہ جو جيئن توھان پاڻ سيڪيو. پوءِ جڏھن آيو ان وٽ

نُوْدِيَ مِنْ شَاطِئِ الْوَادِ الْاَيْمَنِ فِي الْبُقْعَةِ الْمُبٰرَكَةِ مِنَ الشَّجَرَةِ

تہ سڏ ٿيو ميدان جي ساڄي طرف کان برڪت واري علائقي ۾ ❷ وڻ منجھان

اَنْ يّٰمُوْسٰٓى اِنِّيْٓ اَنَا اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۳۰﴾ لا وَ اَنْ اَلْقِ عَصَاكَ ؕ

تہ اي موسيٰ آءٌ آھيان الله رب العالمين. ۽ تون اُڇل لٺ پنھنجي،

فَلَمَّا رَاٰهَا تَهْتَزُّ كَاَنَّهَا جَآنٌّ وَّلّٰى مُدْبِرًا وَّ لَمْ
پوءِ جڏهن ڏٺائين ان کي ته چُري پئي جهڙو نانگ ڦِريو پٺي ڏيئي ۽ نه

يُعَقِّبْ ؕ يٰمُوْسٰٓى اَقْبِلْ وَ لَا تَخَفْ ۫ اِنَّكَ مِنَ الْاٰمِنِيْنَ ﴿۳۱﴾
ڏٺائين پوئتي، اي موسىٰ اڳي اچ ۽ نه ڊِڄُ، بيشڪ تون بي خطر آهين.

اُسْلُكْ يَدَكَ فِيْ جَيْبِكَ تَخْرُجْ بَيْضَآءَ مِنْ غَيْرِ سُوْٓءٍ ٚ
هٿ پنهنجو گريبان پنهنجي ۾ ته نڪري چمڪندڙ ٿي بنا عيب جي، وجهه

وَّ اضْمُمْ اِلَيْكَ جَنَاحَكَ مِنَ الرَّهْبِ فَذٰنِكَ بُرْهَانٰنِ
۽ ملاءِ پاڻ ڏي هٿ پنهنجو خوف کان پوءِ اهي ٻئي دليل آهن

مِنْ رَّبِّكَ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَ مَلَاۡئِهٖ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا
تنهنجي رب جي طرفان فرعون ۽ سندس سردارن ڏانهن، اهي آهن ماڻهو

فٰسِقِيْنَ ﴿۳۲﴾ قَالَ رَبِّ اِنِّيْ قَتَلْتُ مِنْهُمْ نَفْسًا فَاَخَافُ
بي فرمان. چيائين اي رب! مون ماريو هئو انهن جو هڪ ماڻهو پوءِ ڊڄان ٿو

اَنْ يَّقْتُلُوْنِ ﴿۳۳﴾ وَ اَخِيْ هٰرُوْنُ هُوَ اَفْصَحُ مِنِّيْ لِسَانًا
ته ماريندا مون کي. ۽ ڀاءُ منهنجو هارون اهو چٽو آهي مون کان ڳالهائڻ ۾

فَاَرْسِلْهُ مَعِىَ رِدْاً يُّصَدِّقُنِيْٓ ٚ اِنِّيْٓ اَخَافُ اَنْ
پوءِ رسول ڪران کي مون سان گڏ مدد لاءِ ته تصديق ڪري منهنجي آءٌ ڊڄان ٿو ته

يُّكَذِّبُوْنِ ﴿۳۴﴾ قَالَ سَنَشُدُّ عَضُدَكَ بِاَخِيْكَ وَ
ڪوڙو ڪندا مون کي. فرمايائين سِگهو ڏاڍو ڪنداسون ڏورو تنهنجو ڀاءُ تنهنجي سان ۽

نَجْعَلُ لَكُمَا سُلْطٰنًا فَلَا يَصِلُوْنَ اِلَيْكُمَا ۚۛ بِاٰيٰتِنَآ ۚۛ
ڪنداسون توهان جو غلبو پوءِ نه پهچندا توهان تائين، اسان جي نشانين سبب،

اَنْتُمَا وَ مَنِ اتَّبَعَكُمَا الْغٰلِبُوْنَ ﴿۳۵﴾ فَلَمَّا جَآءَهُمْ
توهان ۽ جيڪو به توهان جو تابع ٿيندو سوڀارا هوندؤ. پوءِ جڏهن آنديون انهن وٽ

ع ١١ – عند المتأخرين ١٢

مُوْسٰى بِاٰيٰتِنَا بَيِّنٰتٍ قَالُوْا مَا هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ مُّفْتَرًى

موسيٰ نشانيون اسان جون پڌريون چيائون ناهي اهو مگر جادو نئون ناهيل ❶

وَّ مَا سَمِعْنَا بِهٰذَا فِيْٓ اٰبَآئِنَا الْاَوَّلِيْنَ ﴿٣٦﴾ وَ قَالَ مُوْسٰى

۽ ڪو نہ ٻڌوسون اهڙو ابن ڏاڏن پنهنجن اڳين ۾. ۽ چيو موسيٰ

رَبِّيْٓ اَعْلَمُ بِمَنْ جَآءَ بِالْهُدٰى مِنْ عِنْدِهٖ وَ مَنْ

رب منهنجو وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي ان کي جو آڻي هدايت کي انهن وٽان ۽ ان کي

تَكُوْنُ لَهٗ عَاقِبَةُ الدَّارِ ؕ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٣٧﴾ وَ قَالَ

جو ٿئي جنهن لاءِ آخرت جو گهر، يقينن نہ ڪامياب ٿيندا ظالم. ۽ چيو

فِرْعَوْنُ يٰٓاَيُّهَا الْمَلَاُ مَا عَلِمْتُ لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرِيْ ج

فرعون اي ڪچهري وارو آءٌ نہ ٿو ڄاڻان اوهان جو ڪو ٻيو خدا پاڻ کان سواءِ ❷

فَاَوْقِدْ لِيْ يٰهَامٰنُ عَلَى الطِّيْنِ فَاجْعَلْ لِّيْ صَرْحًا

پوءِ باھ ٻار مون لاءِ اي هامان مٽي تي پوءِ ٺاهہ منهنجي لاءِ محلات

لَّعَلِّيْٓ اَطَّلِعُ اِلٰٓى اِلٰهِ مُوْسٰى لا وَ اِنِّيْ لَاَظُنُّهٗ

تہ جيئن آءٌ ليئو پايان طرف خدا موسيٰ جي ۽ مون ڀانيان ٿو ان کي

مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٣٨﴾ وَ اسْتَكْبَرَ هُوَ وَ جُنُوْدُهٗ فِي الْاَرْضِ

ڪوڙن مان. ۽ وڏائي ڪئي انهيءَ ۽ سندس لشڪرن ملڪ ۾

بِغَيْرِ الْحَقِّ وَ ظَنُّوْٓا اَنَّهُمْ اِلَيْنَا لَا يُرْجَعُوْنَ ﴿٣٩﴾ فَاَخَذْنٰهُ

نا حق ۽ ڀانيائون تہ اهي اسان ڏانهن ڪين موٽندا. پوءِ پڪڙيوسون ان کي

وَ جُنُوْدَهٗ فَنَبَذْنٰهُمْ فِي الْيَمِّ ج فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ

۽ سندس لشڪرن کي پوءِ اُڇليوسون انهن کي درياءَ ۾ پوءِ ڏس تہ ڪيئن ٿيو

عَاقِبَةُ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٤٠﴾ وَ جَعَلْنٰهُمْ اَئِمَّةً يَّدْعُوْنَ اِلَى النَّارِ ج وَ

انجام ظالمن جو. ۽ ڪيوسون انهن کي اڳواڻ جو سڏين ٿا باهہ ڏانهن، ۽

يَوْمَ الْقِيٰمَةِ لَا يُنْصَرُوْنَ ﴿٤١﴾ وَ اَتْبَعْنٰهُمْ فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا
قيامت ڏينهن نہ مدد ڏنا ويندا. ۽ ڪيڙلڳائي سون انهن کي هن دنيا ۾
لَعْنَةً ۚ وَ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ هُمْ مِّنَ الْمَقْبُوْحِيْنَ ﴿٤٢﴾ ع وَ لَقَدْ اٰتَيْنَا
لعنت، ۽ ڏينهن قيامت اُهي بڇڙا ڪيل هوندا. ۽ اسان ڏنو
مُوْسَى الْكِتٰبَ مِنْۢ بَعْدِ مَاۤ اَهْلَكْنَا الْقُرُوْنَ الْاُوْلٰى
موسىٰ کي ڪتاب ان کان پوءِ جو هلاڪ ڪيون سون قومون اڳيون
بَصَآئِرَ لِلنَّاسِ وَ هُدًى وَّ رَحْمَةً لَّعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٤٣﴾ وَ
سمجهائڻ لاءِ ماڻهن کي ۽ هدايت ۽ رحمت تہ جيئن ياد رکن. ۽
مَا كُنْتَ بِجَانِبِ الْغَرْبِيِّ اِذْ قَضَيْنَاۤ اِلٰى مُوْسَى الْاَمْرَ وَ
نہ هئين تون الهندي طرف جڏهن اسان موڪليو موسىٰ ڏانهن حڪم (1) ۽
مَا كُنْتَ مِنَ الشّٰهِدِيْنَ ﴿٤٤﴾ لا وَ لٰكِنَّاۤ اَنْشَاْنَا قُرُوْنًا
نڪي تون هئين حاضرن مان. پر اسان پيدا ڪيون ڪيئي جماعتون
فَتَطَاوَلَ عَلَيْهِمُ الْعُمُرُ ۚ وَ مَا كُنْتَ ثَاوِيًا فِيْۤ اَهْلِ مَدْيَنَ
پوءِ ڊگهي ٿي انهن جي ڄمار، ۽ نہ هئين تون رهندڙ مدين وارن ۾
تَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِنَا ۙ وَ لٰكِنَّا كُنَّا مُرْسِلِيْنَ ﴿٤٥﴾ وَ مَا
جو پڙهي ٻڌائين انهن کي اسان جون آيتون پر اسان ئي موڪليندڙ آهيون. ۽ نہ
كُنْتَ بِجَانِبِ الطُّوْرِ اِذْ نَادَيْنَا وَ لٰكِنْ رَّحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ
هئين طور جي پاسي جڏهن سڏيو اسان پر رحمت آهي تنهنجي رب جي
لِتُنْذِرَ قَوْمًا مَّاۤ اَتٰىهُمْ مِّنْ نَّذِيْرٍ مِّنْ قَبْلِكَ لَعَلَّهُمْ
جيئن ڊيڄارين ان قوم کي جو نہ آيو انهن ڏانهن ڪو ڊيڄاريندڙ توکان اڳ ۾ جيئن اهي
يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٤٦﴾ وَ لَوْلَاۤ اَنْ تُصِيْبَهُمْ مُّصِيْبَةٌ ۢ بِمَا
نصيحت وٺن. جيڪڏهن ائين نہ هجي ها جو پهچي انهن کي عذاب انهي سبب

قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ فَيَقُوْلُوْا رَبَّنَا لَوْلَآ اَرْسَلْتَ اِلَيْنَا

جو پيش ڪيو سندن هٿن تہ چون ها اي رب اسان جا ڇو نہ موڪليو تو اسان ڏانهن

رَسُوْلًا فَنَتَّبِعَ اٰيٰتِكَ وَ نَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ۝٤٧ فَلَمَّا

رسول پوءِ هلون ها تنهنجي حڪمن تي ۽ ٿيون ها ايمان وارن مان. (1) پوءِ جڏهن

جَآءَهُمُ الْحَقُّ مِنْ عِنْدِنَا قَالُوْا لَوْلَآ اُوْتِيَ مِثْلَ مَآ

آيو انهن وٽ حق اسان جي طرفان چوڻ لڳا ڇو نہ ڏنو ويو اسان کي جهڙو

اُوْتِيَ مُوْسٰى ؕ اَوَ لَمْ يَكْفُرُوْا بِمَآ اُوْتِيَ مُوْسٰى مِنْ قَبْلُ ۚ

ڏنو ويو موسىٰ کي، ڇا نہ ڪفر ڪيائون ان جو جيڪي ڏنو ويو موسىٰ کي هن کان اڳ،

قَالُوْا سِحْرٰنِ تَظٰهَرَا ۟ وَ قَالُوْۤا اِنَّا بِكُلٍّ كٰفِرُوْنَ ۝٤٨ قُلْ

چيائون اهي ٻہ جادو آهن پاڻ ۾ موافق، ۽ چيائون اسان سيني جا منڪر آهيون. تون چؤ

فَاْتُوْا بِكِتٰبٍ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ هُوَ اَهْدٰى مِنْهُمَآ

آڻيو ڪو ڪتاب الله وٽان جو اهو زياده هدايت ڪندڙ هجي ٻنهي کان (2)

اَتَّبِعْهُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ۝٤٩ فَاِنْ لَّمْ يَسْتَجِيْبُوْا

تہ هلان ان تي جيڪڏهن توهان سچا آهيو. پوءِ جيڪڏهن نہ وراڻن

لَكَ فَاعْلَمْ اَنَّمَا يَتَّبِعُوْنَ اَهْوَآءَهُمْ ؕ وَ مَنْ اَضَلُّ مِمَّنِ

توکي پوءِ ڄاڻ تہ رڳو اهي هلن ٿا پنهنجي خواهشن تي، ۽ ڪير آهي وڌيڪ گمراهہ انهي کان

اتَّبَعَ هَوٰىهُ بِغَيْرِ هُدًى مِّنَ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا

جو هليو پنهنجي خواهش تي بنا هدايت الله جي، بيشڪ الله نہ

يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ۝٥٠ ع وَ لَقَدْ وَصَّلْنَا لَهُمُ الْقَوْلَ

تہ هدايت ڪري ظالمن جي قوم کي. ۽ البت لڳولڳ پهچايوسون انهن لاءِ قرآن کي

لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ۝٥١ ؕ اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِهٖ هُمْ

تہ جيئن اهي نصيحت وٺن. جن کي ڏنوسون ڪتاب انهي کان اڳ ۾ اهي

بِهٖ يُؤْمِنُوْنَ ﴿٥٢﴾ وَ اِذَا يُتْلٰى عَلَيْهِمْ قَالُوْٓا اٰمَنَّا بِهٖٓ اِنَّهُ
انهي تي يقين رکن ٿا. (1) ۽ جڏهن پڙهجي ٿو انهن تي چون ٿا مڃيوسون ان کي اهو

الْحَقُّ مِنْ رَّبِّنَآ اِنَّا كُنَّا مِنْ قَبْلِهٖ مُسْلِمِيْنَ ﴿٥٣﴾ اُولٰٓئِكَ
حق آهي اسان جي رب کان اسان هئاسون ان کان اڳي ئي مڃيندڙ. انهن کي

يُؤْتَوْنَ اَجْرَهُمْ مَّرَّتَيْنِ بِمَا صَبَرُوْا وَ يَدْرَءُوْنَ بِالْحَسَنَةِ
ڏنو ويندو سندن اجر ٻہ ڀيرا هن لاءِ جو ثابت رهيا ۽ اهي ٽاريندا هئا چڱائي سان

السَّيِّئَةَ وَ مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿٥٤﴾ وَ اِذَا سَمِعُوا اللَّغْوَ
برائي کي ۽ اسان جي ڏني مان خرچ ڪندا هئا. ۽ جڏهن ٻڌندا هئا اجائي ڳالهہ

اَعْرَضُوْا عَنْهُ وَ قَالُوْا لَنَآ اَعْمَالُنَا وَ لَكُمْ اَعْمَالُكُمْ ز
مِنْ بَيْنِهِمْ ۚ فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْ عَذَابِ يَوْمٍ

پاڻ ۾ (١) پوءِ تباهي آهي انهن لاءِ جن ظلم ڪيا عذاب ڏينهن

اَلِيْمٍ ﴿٦٥﴾ هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّا السَّاعَةَ اَنْ تَاْتِيَهُمْ بَغْتَةً وَّ

دردناڪ جي ڪان. رڳو انتظار ٿا ڪن انهيءَ گهڙيءَ جو ته اچي انهن وٽ اوچتو ۽

هُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٦٦﴾ اَلْاَخِلَّآءُ يَوْمَئِذٍۭ بَعْضُهُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ

اهي بي خبر هجن. سڀ دوست تنهن ڏينهن هڪ ٻئي جا دشمن ٿيندا

اِلَّا الْمُتَّقِيْنَ ﴿٦٧﴾ؑ يٰعِبَادِ لَا خَوْفٌ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ وَ لَآ

سواءِ پرهيزگارن جي. اي منهنجا ٻانهؤ! ناهي ڪوئي ڀؤ توهان تي اڄ ڏينهن ۽ نڪي

اَنْتُمْ تَحْزَنُوْنَ ﴿٦٨﴾ۚ اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاٰيٰتِنَا وَ كَانُوْا مُسْلِمِيْنَ ﴿٦٩﴾ۚ

توهان ڏکارا ٿيندؤ. اهي جن يقين رکيو اسان جي آيتن تي ۽ هئا فرمانبردار.

اُدْخُلُوا الْجَنَّةَ اَنْتُمْ وَ اَزْوَاجُكُمْ تُحْبَرُوْنَ ﴿٧٠﴾ يُطَافُ

داخل ٿيو بهشت ۾ توهان ۽ توهان جون زالون، خوش ڪيا ويندؤ. ڦيرايون وينديون

عَلَيْهِمْ بِصِحَافٍ مِّنْ ذَهَبٍ وَّ اَكْوَابٍ ۚ وَ فِيْهَا مَا تَشْتَهِيْهِ

انهن تي ٿالهيون سونيون ۽ پيالا، ۽ اُتي آهي اهو جو گهرنديون ان کي

الْاَنْفُسُ وَ تَلَذُّ الْاَعْيُنُ ۚ وَ اَنْتُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٧١﴾ۚ وَ تِلْكَ

دليون ۽ نرنديون اکيون، (٢) ۽ توهان اتي هميشه رهندؤ. ۽ هي

الْجَنَّةُ الَّتِيْۤ اُوْرِثْتُمُوْهَا بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٧٢﴾ لَكُمْ

بهشت آهي جو ڏنو ويو توهان کي هن ڪري جو توهان عمل ڪندا هئا. اوهان لاءِ

فِيْهَا فَاكِهَةٌ كَثِيْرَةٌ مِّنْهَا تَاْكُلُوْنَ ﴿٧٣﴾ اِنَّ الْمُجْرِمِيْنَ

اُتي ميوا گهڻا آهن جن مان کائيندؤ. بيشڪ ڏوهاري

فِيْ عَذَابِ جَهَنَّمَ خٰلِدُوْنَ ﴿٧٤﴾ۖۚ لَا يُفَتَّرُ عَنْهُمْ وَ هُمْ فِيْهِ

دوزخ جي عذاب ۾ هميشه رهندڙ آهن. نه هلڪو ڪبو انهن کان ۽ اهي ان ۾

مُبْلِسُوْنَ ۝٧٥ ۚ وَ مَا ظَلَمْنٰهُمْ وَلٰكِنْ كَانُوْا هُمُ الظّٰلِمِيْنَ ۝٧٦

نااميد ٿي رهندا. ۽ نه ظلم ڪيو اسان انهن تي پر هئا اهي ظلم ڪندڙ.

وَ نَادَوْا يٰمٰلِكُ لِيَقْضِ عَلَيْنَا رَبُّكَ ؕ قَالَ اِنَّكُمْ مّٰكِثُوْنَ ۝٧٧

۽ سڏيندا او مالڪ! ❶ موت آڻي اسان تي تنهنجو رب، اهو چوندو بيشڪ اوهان رهڻ وارا آهيو.

لَقَدْ جِئْنٰكُمْ بِالْحَقِّ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَكُمْ لِلْحَقِّ كٰرِهُوْنَ ۝٧٨

بيشڪ آندو سون توهان ڏي سچو دين پر گهڻا توهان مان حق کان نفرت ڪندڙ آهن.

اَمْ اَبْرَمُوْٓا اَمْرًا فَاِنَّا مُبْرِمُوْنَ ۝٧٩ ۚ اَمْ يَحْسَبُوْنَ اَنَّا

ڇا انهن رٿيو هيو ڪو ڪم پوءِ اسين به رٿ ڪندڙ آهيون. ڇا سمجهن ٿا اهي ته اسين

لَا نَسْمَعُ سِرَّهُمْ وَ نَجْوٰىهُمْ ؕ بَلٰى وَ رُسُلُنَا لَدَيْهِمْ

نه ٿا ٻڌون راز انهن جو ۽ صلاح انهن جي، هائو ۽ ملائڪ اسان جا انهن وٽ

يَكْتُبُوْنَ ۝٨٠ قُلْ اِنْ كَانَ لِلرَّحْمٰنِ وَلَدٌ ۖۗ فَاَنَا اَوَّلُ

لکن ٿا. چئو جيڪڏهن هجي ها الله کي ڪو ٻار، ته آءٌ هجان ها پهريون

الْعٰبِدِيْنَ ۝٨١ سُبْحٰنَ رَبِّ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ رَبِّ الْعَرْشِ

پوڄا ڪندڙ. ❷ پاڪ آهي پروردگار آسمانن ۽ زمين جو مالڪ عرش جو

عَمَّا يَصِفُوْنَ ۝٨٢ فَذَرْهُمْ يَخُوْضُوْا وَ يَلْعَبُوْا حَتّٰى يُلٰقُوْا

ان کان جو اهي بيان ٿا ڪن. پوءِ ڇڏ انهن کي ته جهاڳن ۽ راند ڪن جيستائين پهچن

يَوْمَهُمُ الَّذِيْ يُوْعَدُوْنَ ۝٨٣ وَ هُوَ الَّذِيْ فِي السَّمَآءِ

پنهنجي ڏينهن ان کي جنهن جو ڪين وعدو ڏنيل آهي. ۽ اِهو اُهو آهي جو آسمان ۾

اِلٰهٌ وَّ فِي الْاَرْضِ اِلٰهٌ ؕ وَ هُوَ الْحَكِيْمُ الْعَلِيْمُ ۝٨٤ وَ

حاڪم آهي ۽ زمين ۾ حاڪم آهي ۽ اُهو حڪمت وارو علم وارو آهي. ۽

تَبٰرَكَ الَّذِيْ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ مَا بَيْنَهُمَا ۚ

برڪت وارو آهي اُهو جنهن لاءِ آهي حڪومت آسمانن ۽ زمين جي ۽ جيڪي ٻنهي جي وچ ۾ آهي،

وَ عِنْدَهٗ عِلْمُ السَّاعَةِ ۚ وَ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿۸۵﴾ وَ لَا

۽ ان وٽ ئي آهي خبر قيامت جي، ۽ انهيءَ ڏانهن موٽايا ويندؤ. ۽ نہ

يَمْلِكُ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهِ الشَّفَاعَةَ اِلَّا مَنْ

ڪري سگهندا اُهي جن کي پڪارين ٿا الله کان سواءِ سفارش مگر جنهن

شَهِدَ بِالْحَقِّ وَ هُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿۸۶﴾ وَ لَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ

شاهدي ڏني سچي ۽ اهي علم رکن ٿا. ۽ جيڪڏهن پُڇا ڪندين انهن کان تہ ڪنهن

خَلَقَهُمْ لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ فَاَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ ﴿۸۷﴾ لا وَ قِيْلِهٖ

خلقيو اٿن تہ ضرور چوندا الله پوءِ ڪيڏانهن ٿا ابتا وڃن. قسم رسول جي چوڻ جو ❶

يٰرَبِّ اِنَّ هٰۤؤُلَآءِ قَوْمٌ لَّا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۸۸﴾ م فَاصْفَحْ

تہ اي رب هي اهي ماڻهو آهن جيڪي نہ ٿا ايمان آڻن. پوءِ (اي رسول) منهن موڙ

عَنْهُمْ وَ قُلْ سَلٰمٌ ط فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ ﴿۸۹﴾ ع

انهن کان ۽ چؤ سلام ٿيو، پوءِ اجهو اهي ڄاڻي وٺندا.

سُوْرَةُ الدُّخَانِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ تِسْعٌ وَّخَمْسُوْنَ اٰيَةً وَّثَلٰثُ رُكُوْعَاتٍ

سورت دخان مڪي آهي ۽ اها اُٺونجاهہ آيتون ۽ ٽي رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان. ❷

حٰمٓ ﴿۱﴾ ۚ وَ الْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ﴿۲﴾ لا اِنَّآ اَنْزَلْنٰهُ فِيْ لَيْلَةٍ مُّبٰرَكَةٍ

حٰمٓ. قسم آهي ڪتاب پڌري جو. بيشڪ اسان لاٿو ان کي رات ٻلاري ۾ ❸

اِنَّا كُنَّا مُنْذِرِيْنَ ﴿۳﴾ فِيْهَا يُفْرَقُ كُلُّ اَمْرٍ

بيشڪ اسان ئي ڊيڄاريندڙ آهيون. انهيءَ (رات) ۾ طئي ڪيو ويندو آهي هر ڪم

حَكِيْمٍ ﴿۴﴾ لا اَمْرًا مِّنْ عِنْدِنَا ط اِنَّا كُنَّا مُرْسِلِيْنَ ﴿۵﴾ ۚ

حڪمت وارو. ❹ حڪم ڪيل اسان جي طرفان، بيشڪ اسان ئي رسول موڪليندڙ آهيون.

رَحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ ط اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٦﴾ لا رَبِّ

ٻاجھ آهي تنهنجي پاليندڙ جي، بيشڪ اهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. جو پاليندڙ آهي

السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ مَا بَيْنَهُمَا م اِنْ كُنْتُمْ

آسمانن ۽ زمين جو ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي، جيڪڏهن آهيو اوهين

مُّوْقِنِيْنَ ﴿٧﴾ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ يُحْيٖ وَ يُمِيْتُ ط رَبُّكُمْ

يقين ڪندڙ. ناهي ڪو حاڪم مگر اهوئي، جياري ٿو ۽ ماري ٿو، رب اوهان جو

وَ رَبُّ اٰبَآئِكُمُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٨﴾ بَلْ هُمْ فِيْ شَكٍّ يَّلْعَبُوْنَ ﴿٩﴾

۽ رب اوهان جي ابن ڏاڏن اڳين جو. پر اهي شڪ ۾ راند ڪن ٿا.

فَارْتَقِبْ يَوْمَ تَاْتِي السَّمَآءُ بِدُخَانٍ مُّبِيْنٍ ﴿١٠﴾ لا يَّغْشَى

پوءِ جاچ ان ڏينهن کي جو آڻيندو آسمان دونهون پڌرو. ❶ ڍڪيندو

النَّاسَ ط هٰذَا عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١١﴾ رَبَّنَا اكْشِفْ عَنَّا الْعَذَابَ

ماڻهن کي، هي عذاب دردناڪ آهي. اي رب اسان جا ٽار اسان کان عذاب

اِنَّا مُؤْمِنُوْنَ ﴿١٢﴾ اَنّٰى لَهُمُ الذِّكْرٰى وَقَدْ جَآءَهُمْ

بيشڪ اسان يقين ڪندڙ آهيون. ڪيئن انهن کي نصيحت ٿيندي حالانڪ آيو انهن وٽ

رَسُوْلٌ مُّبِيْنٌ ﴿١٣﴾ لا ثُمَّ تَوَلَّوْا عَنْهُ وَ قَالُوْا مُعَلَّمٌ مَّجْنُوْنٌ ﴿١٤﴾ م

رسول بيان ڪندڙ. پوءِ منهن موڙيائون ان کان ۽ چيائون اهو پڙهايل آهي چريو آهي. ❷

اِنَّا كَاشِفُوا الْعَذَابِ قَلِيْلًا اِنَّكُمْ عَآئِدُوْنَ ﴿١٥﴾ م يَوْمَ

بيشڪ اسين عذاب ٽاريندڙ آهيون ڪجھ ته اوهين وري موٽندڙ آهيون. جنهن ڏينهن

نَبْطِشُ الْبَطْشَةَ الْكُبْرٰى ج اِنَّا مُنْتَقِمُوْنَ ﴿١٦﴾ وَ لَقَدْ

اسان پڪڙينداسون وڏي، پڪڙ ته اسان بدلو وٺنداسون. ۽ يقينن

فَتَنَّا قَبْلَهُمْ قَوْمَ فِرْعَوْنَ وَ جَآءَهُمْ رَسُوْلٌ كَرِيْمٌ ﴿١٧﴾ لا

اسان آزمايو آهي انهن کان اڳ فرعون جي قوم کي ۽ آيو انهن وٽ رسول سڳورو.

اَنْ اَدُّوْٓا اِلَیَّ عِبَادَ اللّٰهِ ؕ اِنِّیْ لَكُمْ رَسُوْلٌ

ته حوالي ڪريو مون ڏانهن الله جا ٻانها، بيشڪ مون آهيان توهان جو رسول

اَمِیْنٌ ﴿۱۸﴾ وَّ اَنْ لَّا تَعْلُوْا عَلَی اللّٰهِ ۚ اِنِّیْۤ اٰتِیْكُمْ بِسُلْطٰنٍ

امانتدار. ۽ هي ته نه وڏائي ڪريو الله تي، بيشڪ آءٌ آڻيان ٿو توهان وٽ دليل

مُّبِیْنٍ ﴿۱۹﴾ وَ اِنِّیْ عُذْتُ بِرَبِّیْ وَ رَبِّكُمْ اَنْ تَرْجُمُوْنِ ﴿۲۰﴾

پڌرو. ۽ مان پناهه ورتي پنهنجي رب ۽ توهان جي رب جي جو پٿرهڻو مون کي.

وَ اِنْ لَّمْ تُؤْمِنُوْا لِیْ فَاعْتَزِلُوْنِ ﴿۲۱﴾ فَدَعَا رَبَّهٗۤ

۽ جيڪڏهن نه ٿا مڃيو مون کي ته پاسو ڪريو مون کان. پوءِ سڏيائين پنهنجي رب کي

اَنَّ هٰۤؤُلَآءِ قَوْمٌ مُّجْرِمُوْنَ ﴿۲۲﴾ فَاَسْرِ بِعِبَادِیْ لَیْلًا

ته بيشڪ هي ماڻهو ڏوهاري آهن. پوءِ وٺي هل منهنجي ٻانهن کي راتو واهه

اِنَّكُمْ مُّتَّبَعُوْنَ ﴿۲۳﴾ وَ اتْرُكِ الْبَحْرَ رَهْوًا ؕ اِنَّهُمْ جُنْدٌ

يقينن اوهين ڪيڙا تل هوندؤ. ۽ ڇڏ سمنڊ کي بيٺل، بيشڪ اهو لشڪر آهي

مُّغْرَقُوْنَ ﴿۲۴﴾ كَمْ تَرَكُوْا مِنْ جَنّٰتٍ وَّ عُیُوْنٍ ﴿۲۵﴾ وَّ زُرُوْعٍ وَّ

ٻُڏڻ وارو. ڪيترائي ڇڏيائون باغ ۽ چشما. ۽ پوکون ۽

مَقَامٍ كَرِیْمٍ ﴿۲۶﴾ وَّ نَعْمَةٍ كَانُوْا فِیْهَا فٰكِهِیْنَ ﴿۲۷﴾ كَذٰلِكَ ۚ

جايون سُٺيون. ۽ آرام، هئا جنهن ۾ مزا ماڻيندڙ. ❶ اهڙي طرح،

وَ اَوْرَثْنٰهَا قَوْمًا اٰخَرِیْنَ ﴿۲۸﴾ فَمَا بَكَتْ عَلَیْهِمُ السَّمَآءُ

وارث ڪيوسون انهن جو قوم ٻيءَ کي. پوءِ نه رنو انهن تي آسمان

وَ الْاَرْضُ وَ مَا كَانُوْا مُنْظَرِیْنَ ﴿۲۹﴾ وَ لَقَدْ نَجَّیْنَا بَنِیْۤ اِسْرَآءِیْلَ

۽ زمين ۽ نه هئا دير ڏنل. ❷ ۽ بيشڪ ڇڏايوسون بني اسرائيل کي

مِنَ الْعَذَابِ الْمُهِیْنِ ﴿۳۰﴾ مِنْ فِرْعَوْنَ ؕ اِنَّهٗ كَانَ عَالِیًا

عذاب ذليل ڪندڙ، فرعون جي کان، اهو هئو وڏائي خور

مِّنَ الْمُسْرِفِيْنَ ﴿٣١﴾ وَلَقَدِ اخْتَرْنٰهُمْ عَلٰى عِلْمٍ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿٣٢﴾ج

حد ٽپندڙن مان. بيشڪ اسان پسند ڪيو انهن کي ڄاڻي سڄاڻي جهان وارن تي.

وَ اٰتَيْنٰهُمْ مِّنَ الْاٰيٰتِ مَا فِيْهِ بَلٰٓؤٌا مُّبِيْنٌ ﴿٣٣﴾ اِنَّ

۽ ڏنيون سون انهن کي نشانيون جن ۾ هئي آزمائش پڌري. بيشڪ

هٰٓؤُلَآءِ لَيَقُوْلُوْنَ ﴿٣٤﴾لا اِنْ هِيَ اِلَّا مَوْتَتُنَا الْاُوْلٰى

اِهي (مڪي وارا) چون ٿا. نه آهي اِهو مگر مرڻ اسان جو پهريون پيرو

وَ مَا نَحْنُ بِمُنْشَرِيْنَ ﴿٣٥﴾ فَاْتُوْا بِاٰبَآئِنَآ اِنْ كُنْتُمْ

۽ نڪي اسين اٿاريا وينداسون. ❶ پوءِ آڻيو اسان جي ابن ڏاڏن کي جي آهيو

صٰدِقِيْنَ ﴿٣٦﴾ اَهُمْ خَيْرٌ اَمْ قَوْمُ تُبَّعٍ لا وَّ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ط

سچا. ڇا اهي بهتر آهن يا قوم تبع جي ❷ ۽ جيڪي انهن کان اڳ هئا،

اَهْلَكْنٰهُمْ ز اِنَّهُمْ كَانُوْا مُجْرِمِيْنَ ﴿٣٧﴾ وَ مَا خَلَقْنَا

برباد ڪيوسون انهن کي، بيشڪ اهي هئا ڏوهاري. ۽ نه پيدا ڪيوسون

السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ وَ مَا بَيْنَهُمَا لٰعِبِيْنَ ﴿٣٨﴾ مَا

آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي راند ڪندي. رڳو

خَلَقْنٰهُمَآ اِلَّا بِالْحَقِّ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٩﴾

پيدا ڪيوسون انهن کي حق سان پر ڪيترا انهن مان نه ٿا ڄاڻن.

اِنَّ يَوْمَ الْفَصْلِ مِيْقَاتُهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٤٠﴾لا يَوْمَ لَا يُغْنِيْ

بيشڪ ڏينهن فيصلي جو وقت مقرر آهي سيني لاءِ. تنهن ڏينهن نه ڪم ايندو

مَوْلًى عَنْ مَّوْلًى شَيْئًا وَّ لَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿٤١﴾لا اِلَّا مَنْ

ڪوئي دوست ڪنهن دوست کي ڪجهه ۽ نڪي اهي مدد ڪيا ويندا. مگر جنهن تي

رَّحِمَ اللّٰهُ ط اِنَّهٗ هُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿٤٢﴾ع اِنَّ شَجَرَتَ الزَّقُّوْمِ ﴿٤٣﴾لا

رحم ڪري الله ۾ ❸ بيشڪ اهو زبردست رحم وارو آهي. بيشڪ وڻ ٿوهر جو،

ع ٢ ١٣ ١٥

طَعَامُ الْاَثِيْمِ ﴿٤٤﴾ كَالْمُهْلِ ۚ يَغْلِيْ فِي الْبُطُوْنِ ﴿٤٥﴾ كَغَلْيِ

آهي کاڌو ڏوھاريءَ جو. رجايل ٽامي وانگر، ٽھڪندو پيٽن ۾، جيئن ٽھڪي

الْحَمِيْمِ ﴿٤٦﴾ خُذُوْهُ فَاعْتِلُوْهُ اِلٰى سَوَآءِ الْجَحِيْمِ ﴿٤٧﴾ ثُمَّ صُبُّوْا

گرم پاڻي. وٺوس پوءِ ڌڪو ڏيوس وچ دوزخ ۾، پوءِ پرٽيو

فَوْقَ رَاْسِهٖ مِنْ عَذَابِ الْحَمِيْمِ ﴿٤٨﴾ ذُقْ ۚ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ

ان جي سر مٿان عذاب گرم پاڻيءَ جو. چکُ، بيشڪ تون آهين عزت وارو

الْكَرِيْمُ ﴿٤٩﴾ اِنَّ هٰذَا مَا كُنْتُمْ بِهٖ تَمْتَرُوْنَ ﴿٥٠﴾ اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ

سردار. بلاشڪ ھي اھو آھي جنھن ۾ توھان شڪ ڪندا ھئا. يقينن پرھيزگار آھن

فِيْ مَقَامٍ اَمِيْنٍ ﴿٥١﴾ فِيْ جَنّٰتٍ وَّ عُيُوْنٍ ﴿٥٢﴾ يَّلْبَسُوْنَ مِنْ سُنْدُسٍ

گھر امن واري ۾، باغن ۽ چشمن ۾. پھريندا پَٽُ

وَّ اِسْتَبْرَقٍ مُّتَقٰبِلِيْنَ ﴿٥٣﴾ كَذٰلِكَ ۗ وَ زَوَّجْنٰهُمْ بِحُوْرٍ

۽ پٽيھر ❶ ويھندا آمھون سامھون. اھڙي طرح، ۽ پرڻائيندا سون انھن کي پوريون

عِيْنٍ ﴿٥٤﴾ يَدْعُوْنَ فِيْهَا بِكُلِّ فَاكِهَةٍ اٰمِنِيْنَ ﴿٥٥﴾ لَا يَذُوْقُوْنَ

وڏين اکين واريون. گھرائيندا اتي ھر ميوو قرار سان. نہ چکندا

فِيْهَا الْمَوْتَ اِلَّا الْمَوْتَةَ الْاُوْلٰى ۚ وَ وَقٰهُمْ عَذَابَ الْجَحِيْمِ ﴿٥٦﴾

اتي موت سواءِ موت پھرين جي، ۽ بچايائين انھن کي دوزخ جي عذاب کان.

فَضْلًا مِّنْ رَّبِّكَ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿٥٧﴾

مھرباني آھي تنھنجي رب جي، ئي آھي اھا ڪاميابي وڏي.

فَاِنَّمَا يَسَّرْنٰهُ بِلِسَانِكَ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٥٨﴾

پوءِ بيشڪ سولو ڪيو سون قرآن تنھنجي ٻولي ۾ جيئن اھي سمجھن.

فَارْتَقِبْ اِنَّهُمْ مُّرْتَقِبُوْنَ ﴿٥٩﴾ ع

پوءِ انتظار ڪر بيشڪ اھي بہ انتظار ڪندڙ آھن.

ع ١٧ ٣ ١٦ — مع ١٢ عند المتأخرين ١٢

سُوۡرَۃُ الۡجَاثِیَۃِ مَکِّیَّۃٌ وَّهِيَ سَبۡعٌ وَّثَلٰثُوۡنَ اٰیَۃً وَّاَرۡبَعُ رُکُوۡعَاتٍ

سورت جاثيہ مکي آهي ۽ اها ستٽيهہ آيتون ۽ چار رکوع آهي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

حٰمٓ ① تَنۡزِیۡلُ الۡکِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الۡعَزِیۡزِ الۡحَکِیۡمِ ② اِنَّ

حٰمٓ. نازل ڪرڻ ڪتاب جو آهي الله زبردست حڪمت واري طرفان. ❶ بيشڪ

فِی السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ لَاٰیٰتٍ لِّلۡمُؤۡمِنِیۡنَ ③ وَ فِیۡ خَلۡقِکُمۡ

آسمانن ۽ زمين ۾ گهڻا نشان آهن مڃيندڙن لاءِ. ❷ ۽ پيدا ڪرڻ توهان جي ۾

وَ مَا یَبُثُّ مِنۡ دَآبَّۃٍ اٰیٰتٌ لِّقَوۡمٍ یُّوۡقِنُوۡنَ ④ وَ

۽ اهي جيڪي پکيڙيائين جانور تن ۾ نشانيون آهن ماڻهن لاءِ جي يقين ڪن ٿا. ۽

اخۡتِلَافِ الَّیۡلِ وَ النَّهَارِ وَ مَاۤ اَنۡزَلَ اللّٰهُ مِنَ السَّمَآءِ

بدلجڻ رات ۽ ڏينهن جي ۾ ۽ جيڪي لاٿو الله آسمان مان

مِنۡ رِّزۡقٍ فَاَحۡیَا بِهِ الۡاَرۡضَ بَعۡدَ مَوۡتِهَا وَ تَصۡرِیۡفِ

رزق پوءِ جيئرو ڪيائين ان سان ڌرتي کي بعد غير آباد ٿيڻ جي ۽ ڦير گهير

الرِّیٰحِ اٰیٰتٌ لِّقَوۡمٍ یَّعۡقِلُوۡنَ ⑤ تِلۡکَ اٰیٰتُ اللّٰهِ نَتۡلُوۡهَا

هوائن جي ۾ نشانيون آهن ماڻهن لاءِ جي سمجهن ٿا. اِهي آهن آيتون الله جون پڙهون ٿا

عَلَیۡکَ بِالۡحَقِّ ۚ فَبِاَیِّ حَدِیۡثٍۭ بَعۡدَ اللّٰهِ وَ اٰیٰتِهٖ

توتي صحيح پوءِ ڪهڙي ڳالهه تي الله ۽ ان جي آيتن کان پوءِ

یُؤۡمِنُوۡنَ ⑥ وَیۡلٌ لِّکُلِّ اَفَّاکٍ اَثِیۡمٍ ⑦ یَّسۡمَعُ اٰیٰتِ اللّٰهِ

ايمان آڻيندا. تباهي آهي هر هڪ ڪوڙ ناهيندڙ ڏوهاري لاءِ. اهو ٻڌي ٿو آيتون الله جون

تُتۡلٰی عَلَیۡهِ ثُمَّ یُصِرُّ مُسۡتَکۡبِرًا کَاَنۡ لَّمۡ یَسۡمَعۡهَا ۚ

جو پڙهجن ٿيون مٿس پوءِ ضد ڪري ٿو وڏائي ڪندي جڻڪ نہ ٻڌائين اهي ❸

فَبَشِّرْهُ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿٨﴾ وَ اِذَا عَلِمَ مِنْ اٰيٰتِنَا شَيْـًٔا

پوءِ خبر ڏِج انهيءَ کي عذاب ڏکائيندڙ جي. ۽ جڏهن ڄاڻي ٿو اسان جي آيتن مان ڪجهه

اِتَّخَذَهَا هُزُوًا ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿٩﴾

تہ وٺي ٿو انهن کي مسخري ڪري، اُهي آهن جن لاءِ عذاب خوار ڪندڙ آهي.

مِنْ وَّرَآئِهِمْ جَهَنَّمُ ۚ وَ لَا يُغْنِيْ عَنْهُمْ مَّا كَسَبُوْا شَيْـًٔا

انهن جي پريان دوزخ آهي، ۽ نہ ڪم ايندو انهن کي جيڪي ڪمايائون ڪجھ بہ

وَّ لَا مَا اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَوْلِيَآءَ ۚ وَ لَهُمْ عَذَابٌ

۽ نڪي اهي جن کي ورتائون الله کان سواءِ دوست ڪري، ۽ انهن لاءِ آهي عذاب

عَظِيْمٌ ﴿١٠﴾ ؕ هٰذَا هُدًى ۚ وَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ لَهُمْ

وڏو. هيءَ هدايت آهي، ۽ جن نہ مڃيون نشانيون پنهنجي رب جون انهن لاءِ

عَذَابٌ مِّنْ رِّجْزٍ اَلِيْمٌ ﴿١١﴾ ع اَللّٰهُ الَّذِيْ سَخَّرَ لَكُمُ الْبَحْرَ

عذاب آهي ڪڙڪي وارو دردناڪ. الله اهو آهي جنهن تابع ڪيو توهان لاءِ سمنڊ

لِتَجْرِيَ الْفُلْكُ فِيْهِ بِاَمْرِهٖ وَ لِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ وَ

جيئن هلن ٻيڙيون ان ۾ سندس حڪم سان (١) ۽ جيئن طلب ڪريو سندس فضل کي ۽

لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿١٢﴾ ۚ وَ سَخَّرَ لَكُمْ مَّا فِي السَّمٰوٰتِ وَ

مَنَ توهان شڪر ڪريو. ۽ ڪم ۾ لڳايائين توهان لاءِ جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽

مَا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا مِّنْهُ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ

جيڪي زمين ۾ آهي سڀ پنهنجي طرفان، بيشڪ ان ۾ نشانيون آهن ماڻهن لاءِ

يَّتَفَكَّرُوْنَ ﴿١٣﴾ قُلْ لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا يَغْفِرُوْا لِلَّذِيْنَ لَا

جيڪي سوچ ڪن. (اي نبي) چؤ انهن کي جن ايمان آندو تہ ڇڏي ڏين انهن کي جي نہ

يَرْجُوْنَ اَيَّامَ اللّٰهِ لِيَجْزِيَ قَوْمًا بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿١٤﴾

تا اميد رکن الله جي ڏينهن جي جيئن اهو بدلو ڏئي ماڻهن کي ان جو جيڪي ڪندا هئا.

مَنْ عَمِلَ صَالِحًا فَلِنَفْسِهٖ ۚ وَ مَنْ اَسَآءَ فَعَلَيْهَا ۫

جيڪو ڪم ڪندو چڱو سو پنهنجي لاءِ ۽ جيڪو بڇڙائي ڪندو تہ ان تي آهي (1)

ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمْ تُرْجَعُوْنَ ﴿۱۵﴾ وَ لَقَدْ اٰتَيْنَا بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ

پوءِ طرف پنهنجي رب جي موٽايا ويندو. ۽ يقينن ڏنوسون بني اسرائيل کي

الْكِتٰبَ وَ الْحُكْمَ وَ النُّبُوَّةَ وَ رَزَقْنٰهُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ وَ

ڪتاب ۽ حڪومت ۽ نبوت ۽ رزق ڏنوسون انهن کي سنين شين مان ۽

فَضَّلْنٰهُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۶﴾ وَ اٰتَيْنٰهُمْ بَيِّنٰتٍ مِّنَ الْاَمْرِ ۚ

ڀلائي ڏني سون ڪين جهان وارن تي. ۽ ڏناسون انهن کي چٽا حڪم،

فَمَا اخْتَلَفُوْٓا اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَهُمُ الْعِلْمُ ۙ بَغْيًاۢ

پوءِ نہ جهيڙو ڪيائون مگر ان ڪان پوءِ جو آئي وٽن ڄاڻ ضد ڪندي

بَيْنَهُمْ ؕ اِنَّ رَبَّكَ يَقْضِيْ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ

پاڻ ۾، بيشڪ رب تنهنجو فيصلو ڪندو انهن جي وچ ۾ قيامت ڏينهن جنهن ۾ جو اهي

يَخْتَلِفُوْنَ ﴿۱۷﴾ ثُمَّ جَعَلْنٰكَ عَلٰى شَرِيْعَةٍ مِّنَ الْاَمْرِ فَاتَّبِعْهَا

جهيڙو ڪندا هئا. پوءِ رکيوسون توکي شريعت جي ڪم تي پوءِ هَلُ ان تي

وَ لَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۸﴾ اِنَّهُمْ لَنْ يُّغْنُوْا

۽ نہ ڪڏ لڳ خواهشن انهن جي تي جيڪي نہ ٿا ڄاڻن. بلڪل اهي نہ ٽاريندا

عَنْكَ مِنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا ؕ وَ اِنَّ الظّٰلِمِيْنَ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ۚ

تو تان الله کان ڪجهہ، ۽ بيشڪ ظالم سنگتي آهن هڪ ٻئي جا،

وَ اللّٰهُ وَلِيُّ الْمُتَّقِيْنَ ﴿۱۹﴾ هٰذَا بَصَآئِرُ لِلنَّاسِ وَ هُدًى وَّ

۽ الله ساٿي آهي پرهيزگارن جو. (2) هي سمجهاڻيون آهن ماڻهن لاءِ ۽ هدايت ۽

رَحْمَةٌ لِّقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ ﴿۲۰﴾ اَمْ حَسِبَ الَّذِيْنَ اجْتَرَحُوا

رحمت ماڻهن لاءِ جيڪي يقين ڪن ٿا. ڇا سمجهيو آهي انهن جن ڪيون

السَّيِّاٰتِ اَنْ نَّجْعَلَهُمْ كَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ۙ

بڇڙايون ته ڪنداسون ڪين برابر انهن سان جن ايمان آندو ۽ ڪيا ڪم چڱا

ع ٢ / ١٠ / ١٨ سَوَآءً مَّحْيَاهُمْ وَ مَمَاتُهُمْ ۭ سَآءَ مَا يَحْكُمُوْنَ ﴿٢١﴾ ع وَ

هڪ جهڙو سندن جيئڻ ۽ سندن مرڻ، بڇڙو آهي جيڪي فيصلو ڪن ٿا. ۽

خَلَقَ اللّٰهُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ بِالْحَقِّ وَ لِتُجْزٰى كُلُّ

پيدا ڪيو الله آسمانن ۽ زمين کي رِٿَ سان ۽ جيئن بدلو ڏنو وڃي هر

نَفْسٍۭ بِمَا كَسَبَتْ وَ هُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿٢٢﴾ اَ فَرَءَيْتَ مَنِ

شخص کي پنهنجي ڪمائي جو ۽ اهي نه ظلم ڪيا ويندا. ڇا پوءِ تو ڏٺو اهو

اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ وَ اَضَلَّهُ اللّٰهُ عَلٰى عِلْمٍ

جنهن بڻايو پنهنجو خدا پنهنجي خواهش کي ۽ گمراهه ڪيو ڪيس الله . سمجهه هوندي

وَّ خَتَمَ عَلٰى سَمْعِهٖ وَ قَلْبِهٖ وَ جَعَلَ عَلٰى بَصَرِهٖ غِشٰوَةً ۭ

۽ مُهر هنيائين ان جي ڪنن تي ۽ ان جي دل تي ۽ وڌائين ان جي اکين تي پردو،

فَمَنْ يَّهْدِيْهِ مِنْۢ بَعْدِ اللّٰهِ ۭ اَ فَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿٢٣﴾ وَ قَالُوْا

پوءِ ڪير آهي جو هدايت ڪندس الله کان سواءِ، ڇا پوءِ نه ٿا سمجهو. ۽ چيائون

مَا هِيَ اِلَّا حَيَاتُنَا الدُّنْيَا نَمُوْتُ وَ نَحْيَا وَ مَا

ناهي اهو مگر جيئڻ اسان جو دنيا وارو مرندا آهيون ۽ جيئندا آهيون ۽ نه

يُهْلِكُنَآ اِلَّا الدَّهْرُ ۚ وَ مَا لَهُمْ بِذٰلِكَ مِنْ

ٿو ماري اسان کي مگر زمانو، ❶ حالانڪ نه آهي انهن کي اِنَ جي ڪا

عِلْمٍ ۚ اِنْ هُمْ اِلَّا يَظُنُّوْنَ ﴿٢٤﴾ وَ اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا

خبر، رڳو اهي گمان ٿا ڪن. ۽ جڏهن پڙهجن ٿيون مٿن آيتون اسان جون

بَيِّنٰتٍ مَّا كَانَ حُجَّتَهُمْ اِلَّآ اَنْ قَالُوا ائْتُوْا بِاٰبَآئِنَآ

پڌريون ته نه آهي دليل انهن جو مگر چيائون ته آڻيو اسان جي ابن ڏاڏن کي

اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ۝٢٥ قُلِ اللّٰهُ يُحْيِيْكُمْ ثُمَّ
جيڪڏهن اوهين سچا آهيو. چؤ (اي نبي) الله جياري ٿو توهان کي پوءِ
يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ يَجْمَعُكُمْ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ لَا رَيْبَ فِيْهِ
ماريندو توهان کي پوءِ گڏ ڪندو توهان کي قيامت جي ڏينهن ناهي ڪو شڪ ان ۾
وَ لٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝٢٦ وَ لِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ
پر ڪيترا ماڻهو نہ ٿا سمجهن. ۽ الله لاءِ بادشاهي آهي آسمانن ۽
الْاَرْضِ ؕ وَ يَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ يَوْمَئِذٍ يَّخْسَرُ الْمُبْطِلُوْنَ ۝٢٧
زمين جي، ۽ جنهن ڏينهن قائم ٿيندي قيامت تنهن ڏينهن خوار ٿيندا ڪوڙ هٽندڙ.
وَ تَرٰى كُلَّ اُمَّةٍ جَاثِيَةً ۫ كُلُّ اُمَّةٍ تُدْعٰٓى
۽ ڏسندين هر ٽولي کي گوڏن ڀر، هر ٽولو سڏيو ويندو
اِلٰى كِتٰبِهَا ؕ اَلْيَوْمَ تُجْزَوْنَ مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ۝٢٨
پنهنجي عمل نامي ڏي، اڄ اوهان کي بدلو ڏنو ويندو اهو جيڪي اوهان عمل ڪندا هئا.
هٰذَا كِتٰبُنَا يَنْطِقُ عَلَيْكُمْ بِالْحَقِّ ؕ اِنَّا كُنَّا نَسْتَنْسِخُ
هي دفتر اسان جو ڳالهائي ٿو توهان تي سچ، بيشڪ اسين لکندا هئاسون ❶
مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ۝٢٩ فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا
جيڪي اوهان عمل ڪندا هئا. پوءِ جن يقين ڪيو ۽ ڪيائون
الصّٰلِحٰتِ فَيُدْخِلُهُمْ رَبُّهُمْ فِيْ رَحْمَتِهٖ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ
چڱا ڪم تہ داخل ڪندو انهن کي سندن رب پنهنجي رحمت ۾، اها ئي ڪاميابي
الْمُبِيْنُ ۝٣٠ وَ اَمَّا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۫ اَ فَلَمْ تَكُنْ اٰيٰتِيْ تُتْلٰى
پڌري آهي. ۽ جن انڪار ڪيو، ڇا نہ هيون آيتون منهنجون تلاوت ڪيل
عَلَيْكُمْ فَاسْتَكْبَرْتُمْ وَ كُنْتُمْ قَوْمًا مُّجْرِمِيْنَ ۝٣١ وَ اِذَا قِيْلَ
توهان تي پوءِ توهان وڏائي ڪئي ۽ هئا توهان ماڻهو ڏوهاري. ۽ جڏهن چيو ويو

اِنَّ وَعۡدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّ السَّاعَةُ لَا رَيۡبَ فِيۡهَا قُلۡتُمۡ

بيشڪ وعدو الله جو سچو آهي ۽ قيامت ناهي ڪو شڪ ان ۾ توهان چيو

مَّا نَدۡرِيۡ مَا السَّاعَةُ ۙ اِنۡ نَّظُنُّ اِلَّا ظَنًّا وَّ مَا

نہ ٿا ڄاڻون تہ ڇا آهي قيامت؟ رڳو اسين ان کي ڀانيون ٿا خيال ۽ نہ آهيون

نَحۡنُ بِمُسۡتَيۡقِنِيۡنَ ﴿٣٢﴾ وَ بَدَا لَهُمۡ سَيِّاٰتُ مَا عَمِلُوۡا وَ

اسين يقين ڪندڙ. ۽ ظاهر ٿينديون انهن تي خرابيون سندن عملن جون ۽

حَاقَ بِهِمۡ مَّا كَانُوۡا بِهٖ يَسۡتَهۡزِءُوۡنَ ﴿٣٣﴾ وَ قِيۡلَ الۡيَوۡمَ

پئجي ويندو انهن تي اهو جنهن تي ٺوڪون ڪندا هئا. ۽ چيو ويندو اڄ

نَنۡسٰٮكُمۡ كَمَا نَسِيۡتُمۡ لِقَآءَ يَوۡمِكُمۡ هٰذَا وَ

وساريون ٿا اوهان کي جيئن وساريو توهان ملاقات پنهنجي هن ڏينهن جي کي ۽

مَاۡوٰٮكُمُ النَّارُ وَ مَا لَكُمۡ مِّنۡ نّٰصِرِيۡنَ ﴿٣٤﴾ ذٰلِكُمۡ بِاَنَّكُمُ

جاءِ توهان جي باهہ آهي ۽ نہ آهي توهان لاءِ ڪو مددگار. اِهو هن ڪري

اتَّخَذۡتُمۡ اٰيٰتِ اللّٰهِ هُزُوًا وَّ غَرَّتۡكُمُ الۡحَيٰوةُ

جو ورتو توهان الله جي آيتن کي مسخري ڪري ۽ ڌوڪو ڏنو توهان کي حياتي

الدُّنۡيَا ۚ فَالۡيَوۡمَ لَا يُخۡرَجُوۡنَ مِنۡهَا وَ لَا هُمۡ

دنيا جيءَ. پوءِ اڄ نہ ڪڍيا ويندا ان کان ۽ نڪي انهن جي

يُسۡتَعۡتَبُوۡنَ ﴿٣٥﴾ فَلِلّٰهِ الۡحَمۡدُ رَبِّ السَّمٰوٰتِ وَ رَبِّ

توبهہ گهربل آهي. پوءِ الله جي تعريف آهي جو رب آسمانن جو ۽ پالينڙ

الۡاَرۡضِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿٣٦﴾ وَ لَهُ الۡكِبۡرِيَآءُ

زمين جو ۽ پالينڙ جهانن جو آهي. ۽ ان جي ئي وڏائي آهي

فِي السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ ۖ وَ هُوَ الۡعَزِيۡزُ الۡحَكِيۡمُ ﴿٣٧﴾ ع

آسمانن ۽ زمين ۾ ۽ اهوئي زبردست حڪمت وارو آهي.

ع ٤ ١١ ٢٠

سُوْرَةُ الْاَحْقَافِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ خَمْسٌ وَّثَلٰثُوْنَ اٰيَةً وَّاَرْبَعُ رُكُوْعَاتٍ

سورت احقاف مکي آهي ۽ اها پنجٽيهہ آيتون ۽ چار رکوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

حٰمٓ ۝١ تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ ۝٢ مَا خَلَقْنَا

حٰمٓ. ❶ نازل ڪرڻ ڪتاب جو آهي الله زبردست حڪمت واري ڪان. رڳو خلقيا سون

السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ وَ مَا بَيْنَهُمَآ اِلَّا بِالْحَقِّ وَ اَجَلٍ

آسمان ۽ زمين ۽ جيڪي ٻنهي جي وچ ۾ آهي حق سان ۽ وقت

مُّسَمًّى ؕ وَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا عَمَّآ اُنْذِرُوْا مُعْرِضُوْنَ ۝٣

مقرر سان، ۽ ڪافر جنهن شيءِ ڪان ڊيڄاريا ويا منهن موڙيندڙ آهن. ❷

قُلْ اَرَءَيْتُمْ مَّا تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَرُوْنِيْ مَاذَا

چؤ خبر ڏيو توهان جن کي پڪاريو ٿا سواءِ الله جي ڏيکاريو مون کي ڇا

خَلَقُوْا مِنَ الْاَرْضِ اَمْ لَهُمْ شِرْكٌ فِي السَّمٰوٰتِ ؕ اِيْتُوْنِيْ

خلقيو اٿن زمين ۾ يا انهن جو ڀائيچارو آهي ❸ آسمانن ۾، آڻيو مون وٽ

بِكِتٰبٍ مِّنْ قَبْلِ هٰذَآ اَوْ اَثٰرَةٍ مِّنْ عِلْمٍ اِنْ

ڪو دستاويز انهيءَ ڪان اڳ جو يا پراڻي معلومات جيڪڏهن

كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ۝٤ وَ مَنْ اَضَلُّ مِمَّنْ يَّدْعُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ

سچا آهيو. ۽ ڪير آهي زور ڀليل انهيءَ ڪان جو سڏي ٿو الله ڪان سواءِ

مَنْ لَّا يَسْتَجِيْبُ لَهٗۤ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ وَ هُمْ عَنْ دُعَآئِهِمْ

ان کي جيڪو نه ٿو ورنائي انهيءَ کي ڏينهن قيامت تائين ۽ اُهي انهن جي سڏڻ کان

غٰفِلُوْنَ ۝٥ وَ اِذَا حُشِرَ النَّاسُ كَانُوْا لَهُمْ اَعْدَآءً وَّ كَانُوْا

بي خبر آهن. ۽ جڏهن گڏ ڪيا ويندا ماڻهو ٿيندا هُو انهن جا دشمن ۽ هوندا

بِعِبَادَتِهِمْ كٰفِرِيْنَ ۝٦ وَ اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا
انهن جي مجوتيءَ جا منڪر. ❶ ۽ جڏهن پڙهجن ٿيون مٿن آيتون اسان جون
بَيِّنٰتٍ قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلْحَقِّ لَمَّا جَآءَهُمْ ۙ هٰذَا سِحْرٌ
پڌريون چوندا ڪافر سچي ڳالهه کي جڏهن آئي انهن وٽ ته هي جادو آهي
مُّبِيْنٌ ۝٧ ؕ اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ ؕ قُلْ اِنِ افْتَرَيْتُهٗ فَلَا
پڌرو. يا چون ٿا پاڻ ناهيو اٿس، چؤ جي مان پاڻ ناهيو آهي ان کي ته پوءِ نه
تَمْلِكُوْنَ لِيْ مِنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا ؕ هُوَ اَعْلَمُ بِمَا
ٿا بچايو مون کي الله کان ڪجهه به، ❷ اهو گهڻو ڄاڻندڙ آهي ان کي
تُفِيْضُوْنَ فِيْهِ ؕ كَفٰى بِهٖ شَهِيْدًاۢ بَيْنِيْ وَ بَيْنَكُمْ ؕ وَ
جنهن کي توهان پچاريو ٿا، ڪافي آهي اهو شاهد منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾، ۽
هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ۝٨ قُلْ مَا كُنْتُ بِدْعًا مِّنَ الرُّسُلِ وَ مَآ
اهوئي بخشڻهار مهربان آهي. ٻڌاءِ ته ناهيان ڪو نئون رسول ۽ نه
اَدْرِيْ مَا يُفْعَلُ بِيْ وَ لَا بِكُمْ ؕ اِنْ اَتَّبِعُ اِلَّا مَا يُوْحٰٓى
تو ڄاڻان ٿو ڇا ٿيندو مان سان ۽ توهان سان، ❸ رڳو هلان ٿو ان تي جيڪو حڪم ٿئي ٿو
اِلَيَّ وَ مَآ اَنَا اِلَّا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ۝٩ قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ
مون کي ۽ آءٌ رڳو ڊيڄاريندڙ آهيان پڌرو. چؤ خبر ڏيو جيڪڏهن
كَانَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ وَ كَفَرْتُمْ بِهٖ وَ شَهِدَ شَاهِدٌ
❹ هجي اهو الله جي طرفان ۽ توهان ڪيو ٿا انڪار انهي جو ۽ شاهدي ڏني هڪ شاهد
مِّنْۢ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ عَلٰى مِثْلِهٖ فَاٰمَنَ وَ اسْتَكْبَرْتُمْ ؕ
بني اسرائيل مان پڻ اها ئي پوءِ ايمان به آندائين ۽ توهان ڪئي وڏائي،
اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ۝١٠ ع وَ قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا
بيشڪ الله نه تو هدايت ڪري ظالم قوم کي. ۽ چيو ڪافرن

لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَوْ كَانَ خَيْرًا مَّا سَبَقُوْنَآ اِلَيْهِ ؕ وَ اِذْ
ايمان وارن لاءِ ❶ جي هجي ها پلو ته نه اڳرائي ڪن ها اسان کان ان ڏي ۽ جڏهن
لَمْ يَهْتَدُوْا بِهٖ فَسَيَقُوْلُوْنَ هٰذَآ اِفْكٌ قَدِيْمٌ ﴿١١﴾ وَ
نه هدايت وارا ٿيا اُن سان ته پوءِ چوڻ لڳا هيءُ ڪوڙ آهي آڳاٽو. ۽
مِنْ قَبْلِهٖ كِتٰبُ مُوْسٰٓى اِمَامًا وَّ رَحْمَةً ؕ وَ هٰذَا كِتٰبٌ
هئو ان کان اڳ ڪتاب موسيٰ جو رهبر ۽ رحمت، ۽ آهي هي قرآن
مُّصَدِّقٌ لِّسَانًا عَرَبِيًّا لِّيُنْذِرَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ۖۗ وَ بُشْرٰى
ان کي سچو چوندڙ ٻولي عربيءَ ۾ جيئن ڊيڄاري ظلم ڪندڙن کي ۽ مبارڪ ڏي
لِلْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٢﴾ ۚ اِنَّ الَّذِيْنَ قَالُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوْا
نيڪيءَ وارن کي. بيشڪ جن چيو پالڻهار اسان جو الله آهي وري قائم رهيا
فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَ لَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿١٣﴾ ۚ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ
پوءِ ناهي ڪو خوف انهن تي ۽ نڪي اهي ڏکارا ٿيندا. اهي ئي جنت وارا آهن
خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۚ جَزَآءً ۢ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٤﴾ وَ وَصَّيْنَا
هميشه رهندا ان ۾، عوض ان جي جيڪي عمل ڪندا هئا. ۽ پارت ڪئي سون
الْاِنْسَانَ بِوَالِدَيْهِ اِحْسٰنًا ؕ حَمَلَتْهُ اُمُّهٗ كُرْهًا
انسان کي پنهنجي پيءُ ماءُ سان ڀلائي ڪرڻ جي، ❷ پيٽ ۾ کنيو ان کي سندس ماءُ ڏکيائي سان
وَّ وَضَعَتْهُ كُرْهًا ؕ وَ حَمْلُهٗ وَ فِصٰلُهٗ ثَلٰثُوْنَ شَهْرًا ؕ
۽ ڄڻيائينس ڏکيائيءَ سان، ۽ هئو ان جو پيٽ ۾ رهڻ ۽ ٿڃ ڇڏڻ ٽيهه مهينا، ❸
حَتّٰٓى اِذَا بَلَغَ اَشُدَّهٗ وَ بَلَغَ اَرْبَعِيْنَ سَنَةً ۙ قَالَ
نيٺ جڏهن رسيو پنهنجي طاقت کي ۽ پهتو چاليهن ورهين کي چيائين
رَبِّ اَوْزِعْنِيْٓ اَنْ اَشْكُرَ نِعْمَتَكَ الَّتِيْٓ اَنْعَمْتَ
اي رب منهنجا ڀاڳو بخش مون کي ته شڪر ڪريان تنهنجي احسان جو جيڪو ڪيو تو

عَلَیَّ وَ عَلٰی وَالِدَیَّ وَ اَنْ اَعْمَلَ صَالِحًا تَرْضٰىهُ
مون تي ۽ منهنجي پيءُ ماءُ تي ۽ جيئن كم كريان پلو جنهن كان تون خوش ٿئين

وَ اَصْلِحْ لِیْ فِیْ ذُرِّیَّتِیْ ۚ اِنِّیْ تُبْتُ اِلَیْكَ وَ اِنِّیْ
۽ نيكي آڻ مون لاءِ منهنجي اولاد ۾، بيشڪ مون موٽيس توڏانهن ۽ بيشڪ آءٌ

مِنَ الْمُسْلِمِیْنَ ﴿۱۵﴾ اُولٰٓىٕكَ الَّذِیْنَ نَتَقَبَّلُ عَنْهُمْ اَحْسَنَ
تابعدارن مان آهيان. هي اهي آهن، جو قبول كريون ٿا انهن كان سٺا كم

مَا عَمِلُوْا وَ نَتَجَاوَزُ عَنْ سَیِّاٰتِهِمْ فِیْۤ اَصْحٰبِ الْجَنَّةِ ؕ
جيكي كيا اٿن ۽ معاف كريون ٿا انهن جي برائين كي، صاحبن جنت جي ۾،

وَعْدَ الصِّدْقِ الَّذِیْ كَانُوْا یُوْعَدُوْنَ ﴿۱۶﴾ وَ الَّذِیْ قَالَ
۽ اهو وعدو سچو آهي جو ساڻن كيو ويندو هو. ❶ ۽ جنهن چيو

لِوَالِدَیْهِ اُفٍّ لَّكُمَاۤ اَ تَعِدٰنِنِیْۤ اَنْ اُخْرَجَ وَ قَدْ
پنهنجي پيءُ ماءُ كي تہ حيف هُجيوَ ڇا ڌڙكو ڏيو ٿا مون كي تہ كڍيو ويندس حالانك

خَلَتِ الْقُرُوْنُ مِنْ قَبْلِیْ ۚ وَ هُمَا یَسْتَغِیْثٰنِ اللّٰهَ
گذري ويا آهن زمانا مون كان اڳ، ۽ اهي ٻئي باڏائن پيا الله كي

وَیْلَكَ اٰمِنْ ۖۗ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ ۚۖ فَیَقُوْلُ
(چوَن پيا) ويل پوئيئي ايمان آڻ، بيشڪ بول الله جو سچو آهي، پوءِ چوي پيو

مَا هٰذَاۤ اِلَّاۤ اَسَاطِیْرُ الْاَوَّلِیْنَ ﴿۱۷﴾ اُولٰٓىٕكَ الَّذِیْنَ حَقَّ عَلَیْهِمُ
هي آهن رڳو آڳاٽيون اڳين جون. هي اُهي آهن ثابت ٿيو جن تي

الْقَوْلُ فِیْۤ اُمَمٍ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنَ الْجِنِّ وَ الْاِنْسِ ؕ
عذاب انهن قومن ۾ جيكي گذري ويون انهن كان اڳ ۾ كي جنَ هئا ۽ كي ماڻهو،

اِنَّهُمْ كَانُوْا خٰسِرِیْنَ ﴿۱۸﴾ وَ لِكُلٍّ دَرَجٰتٌ مِّمَّا عَمِلُوْا ۚ وَ
بيشڪ اهي ٽوٽي ۾ آهن. ۽ هر هڪ لاءِ درجا آهن سندن عملن جا، ۽

لِيُوَفِّيَهُمْ اَعْمَالَهُمْ وَ هُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿١٩﴾ وَ يَوْمَ

جيئن پورو بدلو ڏئي کين سندن عملن جو ۽ اهي نہ ظلم ڪيا ويندا. ۽ جنهن ڏينهن

يُعْرَضُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا عَلَى النَّارِ ؕ اَذْهَبْتُمْ طَيِّبٰتِكُمْ

پيش ڪيا ويندا ڪافر باھ تي، زيان ڪيون اٿوَ نعمتون پنهنجون

فِيْ حَيَاتِكُمُ الدُّنْيَا وَ اسْتَمْتَعْتُمْ بِهَا ۚ فَالْيَوْمَ

حياتي پنهنجي دنيا واريءَ ۾ ۽ مزا ماڻيوَ انهن سان، پوءِ اڄ

تُجْزَوْنَ عَذَابَ الْهُوْنِ بِمَا كُنْتُمْ تَسْتَكْبِرُوْنَ

اوهان کي سزا ڏني ويندي عذابَ ذلت جي هن ڪري جو توهان تڪبر ڪندا هئا

فِي الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَ بِمَا كُنْتُمْ تَفْسُقُوْنَ ﴿٢٠﴾ ع وَ اذْكُرْ ع ٣ ٢

زمين ۾ نا حق ۽ هن ڪري جو توهان بي فرماني ڪندا هئا. ۽ ياد ڪر

اَخَا عَادٍ ؕ اِذْ اَنْذَرَ قَوْمَهٗ بِالْاَحْقَافِ وَ قَدْ خَلَتِ

عاد جي ڀاءُ ڪي، جڏهن ڊيڄاريائين پنهنجي قوم کي احقاف ۾ ❶ ۽ گذري ويا هئا

النُّذُرُ مِنْۢ بَيْنِ يَدَيْهِ وَ مِنْ خَلْفِهٖۤ اَلَّا تَعْبُدُوْۤا اِلَّا اللّٰهَ ؕ

ڊيڄاريندڙ انهن جي اڳتان ۽ پوئتان تہ نہ عبادت ڪريو مگر الله جي،

اِنِّيْۤ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿٢١﴾ قَالُوْۤا اَ

بيشڪ مان ڊڄان ٿو توهان تي عذاب ڏينهن وڏي جي کان. چيائون ڇا

جِئْتَنَا لِتَاْفِكَنَا عَنْ اٰلِهَتِنَا ۚ فَاْتِنَا بِمَا

آيو آهين اسان وٽ تہ ڦيرين اسان کي اسان جي مالڪن کان، پوءِ آڻ اسان ڏي ان کي

تَعِدُنَاۤ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٢٢﴾ قَالَ اِنَّمَا

جنهن جو ڏڙڪو ٿو ڏين جيڪڏهن آهين تون سچن مان. چيائين رڳو

الْعِلْمُ عِنْدَ اللّٰهِ ۖ٘ وَ اُبَلِّغُكُمْ مَّاۤ اُرْسِلْتُ بِهٖ

اها خبر آهي الله ڪي، ۽ پهچايان ٿو توهان کي اهو پيغام جنهن سان موڪليو ويس،

وَلٰكِنِّيْٓ اَرٰىكُمْ قَوْمًا تَجْهَلُوْنَ ﴿٢٣﴾ فَلَمَّا رَاَوْهُ عَارِضًا

پر مان ڏسان ٿو ته اوهين قوم جاهل آهيو. پوءِ جڏهن ڏٺائون ان کي ڪڪر

مُّسْتَقْبِلَ اَوْدِيَتِهِمْ ۙ قَالُوْا هٰذَا عَارِضٌ مُّمْطِرُنَا ؕ بَلْ

سامهون ايندڙ سندن نئين تي چيائون هي بادل آهي وسڻ وارو اسان تي، ❶ پر

هُوَ مَا اسْتَعْجَلْتُمْ بِهٖ ؕ رِيْحٌ فِيْهَا عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٢٤﴾ ۙ

هي اهو آهي جنهن جي تڪڙ تي ڪيو، اهو اوتر آهي جنهن ۾ عذاب دردناڪ آهي.

تُدَمِّرُ كُلَّ شَيْءٍۭ بِاَمْرِ رَبِّهَا فَاَصْبَحُوْا لَا يُرٰٓى

جو تباهه ڪندو هر شيءِ کي پنهنجي رب جي حڪم سان پوءِ ٿيا اهڙا جو نه پيا ڏسجن

اِلَّا مَسٰكِنُهُمْ ؕ كَذٰلِكَ نَجْزِي الْقَوْمَ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿٢٥﴾ وَ لَقَدْ

مگر گهر انهن جا، اهڙي طرح سزا ڏيندا آهيون ڏوهاري قوم کي. ۽ بيشڪ

مَكَّنّٰهُمْ فِيْمَآ اِنْ مَّكَّنّٰكُمْ فِيْهِ وَ جَعَلْنَا

اسان جاءِ ڏني سون انهن کي اهڙي هنڌ جو نه جاءِ ڏني سون توهان کي اتي ۽ ڏناسون

لَهُمْ سَمْعًا وَّ اَبْصَارًا وَّ اَفْـِٕدَةً ۖ فَمَآ اَغْنٰى عَنْهُمْ سَمْعُهُمْ وَ

انهن کي ڪَنَ ۽ اکيون ۽ دليون پوءِ نه ٽاريو انهن کان سندن ڪنن ۽

لَآ اَبْصَارُهُمْ وَ لَآ اَفْـِٕدَتُهُمْ مِّنْ شَيْءٍ اِذْ كَانُوْا

نڪي سندن اکين ۽ نڪي سندن دلين ڪنهن شيءِ کي جو ته اُهي

يَجْحَدُوْنَ ۙ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَ حَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ

انڪار ڪندا هئا الله جي آيتن جو ۽ ڪڙڪي پيو انهن تي اهو جنهن تي

يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٢٦﴾ ع وَ لَقَدْ اَهْلَكْنَا مَا حَوْلَكُمْ مِّنَ الْقُرٰى ع ٣ ٦ ٣

ٽوڪون ڪندا هئا. ۽ بيشڪ تباهه ڪياسون جيڪي توهان جي چوڌاري هئا ڳوٺ، ❷

وَ صَرَّفْنَا الْاٰيٰتِ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿٢٧﴾ فَلَوْلَا نَصَرَهُمُ

۽ وري وري ٻڌايون سون آيتون مَنَ اهي موٽن. پوءِ جو نه مدد ڪئي انهن جي

الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ قُرْبَانًا اٰلِهَةً ؕ بَلْ

تن جن کي بڻايائون الله کان سواءِ ويجهي ٿيڻ خاطر معبود، پر

ضَلُّوْا عَنْهُمْ ۚ وَ ذٰلِكَ اِفْكُهُمْ وَ مَا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿٢٨﴾

اهي گم ٿي ويا انهن کان، ۽ اهو هئو سندن ڪوڙ ۽ جيڪي ناهه ناهيندا هئا. ❶

وَ اِذْ صَرَفْنَآ اِلَيْكَ نَفَرًا مِّنَ الْجِنِّ يَسْتَمِعُوْنَ الْقُرْاٰنَ ۚ فَلَمَّا

۽ جڏهن لاڙيوسون توڏانهن ٽولو جنن جو ❷ اهي ٻڌن پيا قرآن، پوءِ جڏهن

حَضَرُوْهُ قَالُوْٓا اَنْصِتُوْا ۚ فَلَمَّا قُضِيَ وَلَّوْا اِلٰى قَوْمِهِمْ

آيا اتي چيائون ماٺ ڪريو، پوءِ جڏهن پورو ٿيو ته موٽيا پنهنجي قوم ڏانهن

مُّنْذِرِيْنَ ﴿٢٩﴾ قَالُوْا يٰقَوْمَنَآ اِنَّا سَمِعْنَا كِتٰبًا اُنْزِلَ

ديجاريندڙ ٿي. ❸ چيائون اي قوم اسان جي بيشڪ اسان ٻڌو اهڙو ڪتاب جو لاٿو ويو

مِنْۢ بَعْدِ مُوْسٰى مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ يَهْدِيْٓ

موسيٰ کان پوءِ سچو ڪندڙ ان کي جيڪي ان جي اڳيان آهي ڏس ڏئي ٿو

اِلَى الْحَقِّ وَ اِلٰى طَرِيْقٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٣٠﴾ يٰقَوْمَنَآ اَجِيْبُوْا

حق ڏانهن ۽ طرف رستي سڌي جي. اي اسان جي قوم سڏ قبوليو

دَاعِيَ اللّٰهِ وَ اٰمِنُوْا بِهٖ يَغْفِرْ لَكُمْ مِّنْ ذُنُوْبِكُمْ وَ

الله جي سڏيندڙ جو ۽ ايمان آڻيو ان تي ته بخشي توهان لاءِ گناهه توهان جا ۽

يُجِرْكُمْ مِّنْ عَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿٣١﴾ وَ مَنْ لَّا يُجِبْ دَاعِيَ اللّٰهِ

بچائي توهان کي عذاب دردناڪ کان. ۽ جيڪو نه ورنائيندو الله ڏانهن سڏيندڙ کي

فَلَيْسَ بِمُعْجِزٍ فِي الْاَرْضِ وَ لَيْسَ لَهٗ مِنْ دُوْنِهٖٓ اَوْلِيَآءُ ؕ

پوءِ ناهي عاجز ڪندڙ زمين ۾ ۽ ناهن انهيءَ لاءِ ان کان سواءِ ڪي مددگار،

اُولٰٓئِكَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٣٢﴾ اَوَ لَمْ يَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ الَّذِيْ

اِهي آهن گمراهي پڌري ۾. ❹ ڇا نه ڏٺائون ته بيشڪ الله اُهو آهي

خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ وَ لَمْ يَعْيَ بِخَلْقِهِنَّ

جنهن پيدا ڪيو آسمانن ۽ زمين کي ۽ نہ ماندو ٿيو انهن جي بڻائڻ ۾

بِقٰدِرٍ عَلٰٓى اَنْ يُّحْيِۦَ الْمَوْتٰى ؕ بَلٰٓى اِنَّهٗ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ

سو ئي قادر آهي تہ جيئرو ڪري مئلن کي، هائو بيشڪ اُهو هر شيءِ تي

قَدِيْرٌ ﴿۳۳﴾ وَ يَوْمَ يُعْرَضُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا عَلَى النَّارِ ؕ

قادر آهي. ۽ (ياد ڪر) ان ڏينهن کي جو پيش ڪيا ويندا اهي جن ڪفر ڪيو باهہ تي،

اَلَيْسَ هٰذَا بِالْحَقِّ ؕ قَالُوْا بَلٰى وَ رَبِّنَا ؕ قَالَ فَذُوْقُوا

چا نہ آهي اهو سچ، چوندا هائو قسم اسان جي رب جو، چوندو پوءِ چکو

الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ ﴿۳۴﴾ فَاصْبِرْ كَمَا صَبَرَ اُولُوا الْعَزْمِ

عذاب کي جو توهان ڪفر ڪندا هئا. پوءِ صبر ڪر جيئن صبر ڪيو همت وارن (1)

مِنَ الرُّسُلِ وَ لَا تَسْتَعْجِلْ لَّهُمْ ؕ كَاَنَّهُمْ يَوْمَ يَرَوْنَ

رسولن ۽ نہ سزا تڪڙي گهر انهن لاءِ، اُهي جنهن ڏينهن ڏسندا

مَا يُوْعَدُوْنَ ۙ لَمْ يَلْبَثُوْٓا اِلَّا سَاعَةً مِّنْ نَّهَارٍ ؕ

وعدي ڪيل وقت کي جڻ نہ رهيا هئا مگر ڪا گهڙي (2) ڏينهن جي،

بَلٰغٌ ۚ فَهَلْ يُهْلَكُ اِلَّا الْقَوْمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿۳۵﴾ ع

اِهو پهچائڻ آهي، پوءِ نہ ٿا تباهہ ٿين مگر ماڻهو نافرمان.

سُوْرَةُ مُحَمَّدٍ ﷺ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ ثَمَانٍ وَّثَلٰثُوْنَ اٰيَةً وَّاَرْبَعُ رُكُوْعَاتٍ

سورت محمد ﷺ مدني آهي ۽ اها اٺٽيھ آيتون ۽ چار رڪوع آهي. (3)

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

اَلَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ صَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَضَلَّ اَعْمَالَهُمْ ﴿۱﴾

جن ڪفر ڪيو ۽ روڪيائون (4) الله جي راهہ کان تہ برباد ڪيائين انهن جي عملن کي.

وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَ اٰمَنُوْا بِمَا نُزِّلَ

۽ جن ايمان آندو ۽ ڪيا چڱا ڪم ۽ مڃيائون جيڪي لاٿو ويو

عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ هُوَ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّهِمْ ۙ كَفَّرَ عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ

محمد تي ۽ اهوئي حق آهي سندن رب کان لاٿائين انهن کان برايون انهن جون

وَ اَصْلَحَ بَالَهُمْ ﴿٢﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوا اتَّبَعُوا

۽ سڌاريائين حال انهن جو. ❶ اهو هن ڪري تہ جن ڪفر ڪيو اهي ڪڍ لڳا

الْبَاطِلَ وَ اَنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّبَعُوا الْحَقَّ مِنْ رَّبِّهِمْ ؕ

ڪوڙ جي ۽ بيشڪ جن ايمان آندو تابع ٿيا سچ جي جو سندن رب طرفان آهي،

كَذٰلِكَ يَضْرِبُ اللّٰهُ لِلنَّاسِ اَمْثَالَهُمْ ﴿٣﴾ فَاِذَا لَقِيْتُمُ

اهڙي طرح بيان ڪري ٿو الله ماڻهن لاءِ مثال انهن جا. پوءِ جڏهن ٽڪرجو

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَضَرْبَ الرِّقَابِ ؕ حَتّٰۤى اِذَاۤ اَثْخَنْتُمُوْهُمْ

ڪافرن سان تہ هڻو گردنون، ❷ ايستائين جڏهن رتو ڇاڻ ڪريو انهن جي

فَشُدُّوا الْوَثَاقَ ۙ فَاِمَّا مَنًّۢا بَعْدُ وَ اِمَّا فِدَآءً حَتّٰى

پوءِ ٻڌو رسا ❸ پوءِ يا ٿورو ڪريو ان کان پوءِ يا عوض وٺو ❹ جيستائين

تَضَعَ الْحَرْبُ اَوْزَارَهَا ۛ ۚ ذٰلِكَ ؕ وَ لَوْ يَشَآءُ اللّٰهُ لَانْتَصَرَ

رکي جنگ هٿيار پنهنجا، اهوئي، ۽ جيڪڏهن گهري ها الله تہ بدلو وٺي ها

مِنْهُمْ وَ لٰكِنْ لِّيَبْلُوَا۠ بَعْضَكُمْ بِبَعْضٍ ؕ وَ الَّذِيْنَ قُتِلُوْا

انهن کان پر آزمائي ٿو توهان مان هڪڙن کي ٻين سان، ❺ ۽ جيڪي مارجي ويا

فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَلَنْ يُّضِلَّ اَعْمَالَهُمْ ﴿٤﴾ سَيَهْدِيْهِمْ وَ

الله جي راهہ ۾ پوءِ هرگز نہ وڃائيندو عمل انهن جا. اجهو هدايت ڪندو انهن کي ۽

يُصْلِحُ بَالَهُمْ ﴿٥﴾ وَ يُدْخِلُهُمُ الْجَنَّةَ عَرَّفَهَا لَهُمْ ﴿٦﴾

سڌاريندو حال انهن جو. ۽ داخل ڪندو کين جنت ۾ جا ڄاڻايائين انهن کي. ❻

ع ١٣ عند المتقدمين ١٢

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنْ تَنْصُرُوا اللّٰهَ يَنْصُرْكُمْ وَ يُثَبِّتْ

اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن مدد ڪندؤ الله جي تہ مدد ڪندو توهان جي ۽ ڄمائيندو

اَقْدَامَكُمْ ﴿٧﴾ وَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَتَعْسًا لَّهُمْ وَ اَضَلَّ

توهان جي قدمن کي. ❶ ۽ جن ڪفر ڪيو پوءِ تباهي آهي ❷ انهن لاءِ ۽ گم ڪيائين

اَعْمَالَهُمْ ﴿٨﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَرِهُوْا مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ

عمل انهن جا. اهو هن ڪري جو انهن ناپسند ڪيو ان کي جو نازل ڪيو الله

فَاَحْبَطَ اَعْمَالَهُمْ ﴿٩﴾ اَ فَلَمْ يَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا

پوءِ بيڪار ڪيائين عمل انهن جا. ڇا پوءِ نہ گهميا زمين ۾ پوءِ ڏسن تہ

كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ دَمَّرَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ ز

ڪيئن ٿي پڄاڙي انهن جي جيڪي انهن کان اڳ هئا، ڍاهو وڌو الله انهن تي

وَ لِلْكٰفِرِيْنَ اَمْثَالُهَا ﴿١٠﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ مَوْلَى الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

۽ ڪافرن لاءِ آهن اهڙيون عقوبتون. هن ڪري تہ الله سڄڻ آهي مؤمنن جو

وَ اَنَّ الْكٰفِرِيْنَ لَا مَوْلٰى لَهُمْ ﴿١١﴾ ع اِنَّ اللّٰهَ يُدْخِلُ

۽ بيشڪ ڪافر ناهي ڪوئي ساٿي انهن جو. ❸ يقينن الله داخل ڪندو

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا

انهن کي جن ايمان آندو ۽ عمل صالح ڪيا باغن ۾ جو وهن ٿيون انهن جي هينان

الْاَنْهٰرُ ؕ وَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يَتَمَتَّعُوْنَ وَ يَاْكُلُوْنَ كَمَا تَاْكُلُ

واهيون، ۽ جن ڪفر ڪيو فائدو وٺن ٿا ۽ کائن ٿا جيئن کائيندا آهن

الْاَنْعَامُ وَ النَّارُ مَثْوًى لَّهُمْ ﴿١٢﴾ وَ كَاَيِّنْ مِّنْ قَرْيَةٍ هِيَ

ڍور ۽ باهہ آهي ٽڪاڻو انهن جو. ۽ ڪيترائي ڳوٺ اُهي

اَشَدُّ قُوَّةً مِّنْ قَرْيَتِكَ الَّتِيْٓ اَخْرَجَتْكَ ۚ اَهْلَكْنٰهُمْ

طاقتور هئا تنهنجي ڳوٺ کان جنهن ڪڍي ڇڏيو توکي، ❹ ناس ڪيوسون انهن کي

فَلَا نَاصِرَ لَهُمْ ﴿١٣﴾ اَ فَمَنْ كَانَ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّهٖ

پوءِ نہ ھئو ڪو ير جھلو انھن جو. ڇا پوءِ جيڪو آھي پنھنجي رب جي سڌي ڏس تي

كَمَنْ زُيِّنَ لَهٗ سُوْٓءُ عَمَلِهٖ وَ اتَّبَعُوْٓا

سو اُن وانگر آھي جو سينگاريو ويو ان لاءِ بڇڙو عمل ان جو ۽ ھليا

اَهْوَآءَهُمْ ﴿١٤﴾ مَثَلُ الْجَنَّةِ الَّتِيْ وُعِدَ الْمُتَّقُوْنَ ط

پنھنجي خيالن تي. بيان باغ جو جنھن جو وعدو ٿيل آھي پرھيزگارن سان،

فِيْهَآ اَنْهٰرٌ مِّنْ مَّآءٍ غَيْرِ اٰسِنٍ ج وَ اَنْهٰرٌ مِّنْ لَّبَنٍ

ھي آھي تہ ان ۾ واھہ آھن پاڻي جا جو ڦريل نہ آھي، ❶ ۽ واھہ کير جا

لَّمْ يَتَغَيَّرْ طَعْمُهٗ ج وَ اَنْهٰرٌ مِّنْ خَمْرٍ لَّذَّةٍ لِّلشّٰرِبِيْنَ ۵ ج وَ

جو نہ بدليو آھي مزو ان جو، ۽ نھرون شراب لذيذ جون آھن پيئندڙن لاءِ، ۽

اَنْهٰرٌ مِّنْ عَسَلٍ مُّصَفًّى ط وَ لَهُمْ فِيْهَا مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ

نھرون ماکيءَ صاف جون، ۽ انھن لاءِ اتي ھر قسم جا ميوا آھن

وَ مَغْفِرَةٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ ط كَمَنْ هُوَ خَالِدٌ فِي النَّارِ

۽ معافي ❷ سندن پروردگار جي، انھن جھڙو آھي ڇا؟ جيڪي ھميشہ ھجن باھہ ۾

وَ سُقُوْا مَآءً حَمِيْمًا فَقَطَّعَ اَمْعَآءَهُمْ ﴿١٥﴾ وَ مِنْهُمْ مَّنْ

۽ پياريا وڃن پاڻي ٽچڪندڙ پوءِ ڪپي آنڊا انھن جا. ۽ انھن مان ڪي

يَّسْتَمِعُ اِلَيْكَ ج حَتّٰٓى اِذَا خَرَجُوْا مِنْ عِنْدِكَ قَالُوْا لِلَّذِيْنَ

ڪَنُ ڏين ٿا توڏانھن، ❸ نيٺ جڏھن نڪرن ٿا تو وٽان چون ٿا انھن کي

اُوْتُوا الْعِلْمَ مَاذَا قَالَ اٰنِفًا قف اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ طَبَعَ

جن کي ڏنو ويو علم تہ ڇا چيائين ھينئر، ھي اُھي آھن جو مُھر ھڻئي

اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ وَ اتَّبَعُوْٓا اَهْوَآءَهُمْ ﴿١٦﴾ وَ الَّذِيْنَ اهْتَدَوْا

اللہ انھن جي دلين تي ۽ ھليا پنھنجي خواھشن تي. ۽ جيڪي ھدايت وارا ٿيا

زَادَهُمْ هُدًى وَّ اٰتٰىهُمْ تَقْوٰىهُمْ ﴿١٧﴾ فَهَلْ يَنْظُرُوْنَ

وڌايائين انهن کي هدايت ۾ ۽ ڏنائين انهن کي پرهيزگاري. (1) پوءِ ڇا رڳو انتظار ٿا ڪن

اِلَّا السَّاعَةَ اَنْ تَاْتِيَهُمْ بَغْتَةً ۚ فَقَدْ جَآءَ اَشْرَاطُهَا ۚ

قيامت جو ته اچي انهن وٽ اوچتو، پوءِ اچي چڪيون آهن نشانيون ان جون،

فَاَنّٰى لَهُمْ اِذَا جَآءَتْهُمْ ذِكْرٰىهُمْ ﴿١٨﴾ فَاعْلَمْ اَنَّهٗ

پوءِ ڪٿان ايندي وٽن، جڏهن آين قيامت، نصيحت انهن جي ! پوءِ يقين ڪر ته

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَ اسْتَغْفِرْ لِذَنْۢبِكَ وَ لِلْمُؤْمِنِيْنَ

ڪوئي ناهي حاڪم مگر الله ۽ معافي گهُر پنهنجي گناهن لاءِ (2) ۽ ايمان وارن

وَ الْمُؤْمِنٰتِ ؕ وَ اللّٰهُ يَعْلَمُ مُتَقَلَّبَكُمْ وَ مَثْوٰىكُمْ ﴿١٩﴾ ع وَ

۽ ايمان وارين لاءِ، ۽ الله ڄاڻي ٿو ۽ ڦِرڻ گهرڻ توهان جو ۽ رهڻ توهان جو. ۽

يَقُوْلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَوْلَا نُزِّلَتْ سُوْرَةٌ ۚ فَاِذَآ اُنْزِلَتْ

چون ٿا جن ايمان آندو ڇو نه لاٿي ويئي ڪا سورت، پوءِ جڏهن لاٿي ويئي

سُوْرَةٌ مُّحْكَمَةٌ وَّ ذُكِرَ فِيْهَا الْقِتَالُ ۙ رَاَيْتَ الَّذِيْنَ

ڪا سورت پڪي ۽ ذڪر ڪيو ويو ان ۾ جنگ جو ڏسندين انهن کي

فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ يَّنْظُرُوْنَ اِلَيْكَ نَظَرَ الْمَغْشِيِّ

جن جي دلين ۾ مرض آهي ته ڏسندا توڏانهن ڏسڻ ان جهڙو بي هوشي آئي

عَلَيْهِ مِنَ الْمَوْتِ ؕ فَاَوْلٰى لَهُمْ ﴿٢٠﴾ ۚ طَاعَةٌ وَّ قَوْلٌ

جنهن تي موت ڪان، پوءِ تباهي آهي انهن لاءِ. ڪپي فرمانبرداري ۽ ڳالهه

مَّعْرُوْفٌ ۫ فَاِذَا عَزَمَ الْاَمْرُ ۫ فَلَوْ صَدَقُوا اللّٰهَ

صحيح، پوءِ جيڪڏهن پڪو ٿئي حڪم، پوءِ جيڪر سچا ٿين ها الله سان

لَكَانَ خَيْرًا لَّهُمْ ﴿٢١﴾ ۚ فَهَلْ عَسَيْتُمْ اِنْ تَوَلَّيْتُمْ اَنْ

ته هئو ڀلو انهن لاءِ. پوءِ ڇا ويجها آهيو هن ڪي جي حاڪم ٿيو ته

تُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ وَ تُقَطِّعُوْٓا اَرْحَامَكُمْ ﴿٢٢﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ

فساد وجهو ملڪ ۾ ۽ ڇِنو مائٽيون پنھنجيون. ❶ اِھي اُھي آھن

لَعَنَهُمُ اللّٰهُ فَاَصَمَّهُمْ وَ اَعْمٰٓى اَبْصَارَهُمْ ﴿٢٣﴾

جن تي لعنت ڪئي الله پوءِ کين ٻوڙو ڪيائين ۽ انڌو ڪيائين سندن اکين کي.

اَ فَلَا يَتَدَبَّرُوْنَ الْقُرْاٰنَ اَمْ عَلٰى قُلُوْبٍ اَقْفَالُهَا ﴿٢٤﴾ اِنَّ

ڇا پوءِ نه ٿا سمجهن قرآن کي يا انهن جي دلين تي ڪرف آهن. بيشڪ

الَّذِيْنَ ارْتَدُّوْا عَلٰٓى اَدْبَارِهِمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمُ

جيڪي ڦري ويا پنھنجين پٺين تي ھن کان پوءِ جو ظاھر ٿي انھن لاءِ

الْهُدَى ۙ الشَّيْطٰنُ سَوَّلَ لَهُمْ ۗ وَ اَمْلٰى لَهُمْ ﴿٢٥﴾ ذٰلِكَ

ھدايت، شيطان گمراھ ڪيو انھن کي، ۽ کين ڍِلَ ڪرايائين. اھو

بِاَنَّهُمْ قَالُوْا لِلَّذِيْنَ كَرِهُوْا مَا نَزَّلَ اللّٰهُ

ھن ڪري جو چيائون انھن کي جن ناپسند ڪيو ان کي جيڪي نازل ڪيو الله

سَنُطِيْعُكُمْ فِيْ بَعْضِ الْاَمْرِ ۚ وَ اللّٰهُ يَعْلَمُ

ته چيو وننداسون توھان جو ڪن ڳالھين ۾، ھوڏانھن الله ڄاڻي ٿو

اِسْرَارَهُمْ ﴿٢٦﴾ فَكَيْفَ اِذَا تَوَفَّتْهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ

سندن ڳجھيون ڳالھيون. پوءِ ڇا حال ٿيندو جڏھن ساھ ڪڍندا انھن جو ملائڪ

يَضْرِبُوْنَ وُجُوْهَهُمْ وَ اَدْبَارَهُمْ ﴿٢٧﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمُ اتَّبَعُوْا

ڌڪَ ھڻي انھن جي مُنھنِ تي ۽ انھن جي پٺين تي. اھو ھن ڪري جو اھي ڪڍ لڳا

مَآ اَسْخَطَ اللّٰهَ وَ كَرِهُوْا رِضْوَانَهٗ فَاَحْبَطَ اَعْمَالَهُمْ ﴿٢٨﴾ ع ٣ ع ٧

ان کي جنھن ڪاوڙايو الله کي ۽ ناپسند ڪيائون رضا ان جي پوءِ ڪيرايائين سندن عمل.

اَمْ حَسِبَ الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ اَنْ لَّنْ يُّخْرِجَ اللّٰهُ

ڇا ڀائين ٿا اُھي جن جي دلين ۾ روڳ آھي ته نه ظاھر ڪندو الله

اَضْغَانَهُمْ ﴿٢٩﴾ وَ لَوْ نَشَآءُ لَاَرَيْنٰكَهُمْ فَلَعَرَفْتَهُمْ
انهن جي ڪوڙاڻ ڪي. ۽ جيڪڏهن گهرون ها تہ ڏيکاريون ها توکي اهي پوءِ تو ڄاتو اٿن

بِسِيْمٰهُمْ ؕ وَ لَتَعْرِفَنَّهُمْ فِيْ لَحْنِ الْقَوْلِ ؕ وَ اللّٰهُ يَعْلَمُ
سندن پارن تي، ۽ ضرور سڃاڻيندين کين غلط گفتار مان، ۽ الله ڄاڻي ٿو

اَعْمَالَكُمْ ﴿٣٠﴾ وَ لَنَبْلُوَنَّكُمْ حَتّٰى نَعْلَمَ الْمُجٰهِدِيْنَ
توهان جي عملن کي. ۽ ضرور آزمائينداسون توهان کي جيئن ڄاڻون اسين مجاهدن

مِنْكُمْ وَ الصّٰبِرِيْنَ ۙ وَ نَبْلُوَاْ اَخْبَارَكُمْ ﴿٣١﴾ اِنَّ
توهان جن کي ۽ سهپ رکندڙن کي ۽ ظاهر ڪريون توهان جي خبرن کي. بيشڪ

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ صَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ شَآقُّوا الرَّسُوْلَ
جيڪي منڪر ٿيا ۽ روڪيائيون الله جي رستي کان ۽ دشمن ٿيا رسول جا

مِنْۢ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمُ الْهُدٰى ۙ لَنْ يَّضُرُّوا اللّٰهَ شَيْـًٔا ؕ
هن کان پوءِ جو پڌري ٿي انهن لاءِ هدايت هرگز نہ زيان ڪندا الله جو ڪجهہ بہ،

وَ سَيُحْبِطُ اَعْمَالَهُمْ ﴿٣٢﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ
۽ اجهو بيڪار ڪندو سندن ڪمن کي. اي ايمان وارو! چيو ونو الله جو ۽

اَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ وَ لَا تُبْطِلُوْۤا اَعْمَالَكُمْ ﴿٣٣﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ
چيو ونو رسول جو ۽ نہ وڃايو پنهنجا ڪردار. اهي جن ڪفر ڪيو ۽

صَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ثُمَّ مَاتُوْا وَهُمْ كُفَّارٌ فَلَنْ يَّغْفِرَ
روڪيائون الله جي راهہ کان پوءِ مري ويا ڪفر جي حال تي تہ هرگز نہ بخشيندو

اللّٰهُ لَهُمْ ﴿٣٤﴾ فَلَا تَهِنُوْا وَتَدْعُوْۤا اِلَى السَّلْمِ ۖۗ وَ اَنْتُمُ
الله انهن کي. پوءِ نہ گيدي ٿيو نہ سڏيو صلح ڏانهن، ❷ هوڏانهن توهان آهيو

الْاَعْلَوْنَ ۖۗ وَ اللّٰهُ مَعَكُمْ وَ لَنْ يَّتِرَكُمْ اَعْمَالَكُمْ ﴿٣٥﴾
مٿانهان ۽ الله گڏ آهي اوهان سان ۽ اهو هرگز نہ گهٽائيندو توهان جي عملن کي.

اِنَّمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا لَعِبٌ وَّ لَهْوٌ ؕ وَ اِنْ تُؤْمِنُوْا وَ

بس حياتي دنيا جي راند آهي ۽ تماشو، ۽ جيڪڏهن ايماندار ٿيندؤ ۽

تَتَّقُوْا يُؤْتِكُمْ اُجُوْرَكُمْ وَ لَا يَسْـَٔلْكُمْ اَمْوَالَكُمْ ﴿۳۶﴾

پرهيز ڪندؤ تہ ڏيندو توهان کي اجورا توهان جا ۽ نہ گهرندو توهان کان مالَ توهان جا.

اِنْ يَّسْـَٔلْكُمُوْهَا فَيُحْفِكُمْ تَبْخَلُوْا وَ يُخْرِجْ

جيڪڏهن گهري اوهان کان اهي پوءِ تنگ ڪريوَ تہ بخل ڪندؤ ۽ ظاهر ڪندو

اَضْغَانَكُمْ ﴿۳۷﴾ هٰۤاَنْتُمْ هٰۤؤُلَآءِ تُدْعَوْنَ لِتُنْفِقُوْا

ڪوٺايون توهان جون. اجهو توهان اهي آهيو جو سڏجي ٿو اوهان کي تہ خرچ ڪريو

فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۚ فَمِنْكُمْ مَّنْ يَّبْخَلُ ۚ وَ مَنْ يَّبْخَلْ

الله جي راھ ۾، پوءِ توهان مان ڪو ڪنجوسي ٿو ڪري، ۽ جيڪو بخل ڪري ٿو تہ ٿو ڏئي

فَاِنَّمَا يَبْخَلُ عَنْ نَّفْسِهٖ ؕ وَ اللّٰهُ الْغَنِيُّ وَ اَنْتُمُ الْفُقَرَآءُ ۚ وَ

اهو رڳو نہ ٿو ڏئي پاڻ کي، ۽ الله آسودو آهي ۽ توهان سڃا آهيو، ۽

اِنْ تَتَوَلَّوْا يَسْتَبْدِلْ قَوْمًا غَيْرَكُمْ ۙ ثُمَّ لَا يَكُوْنُوْۤا اَمْثَالَكُمْ ﴿۳۸﴾ ع

جيڪڏهن ڦرندؤ تہ مٽائي آڻيندو ماڻهو ٻيا ❶ پوءِ اُهي نہ ٿيندا توهان جهڙا.

سُوْرَةُ الْفَتْحِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ تِسْعٌ وَّعِشْرُوْنَ اٰيَةً وَّاَرْبَعُ رُكُوْعَاتٍ

سورت فتح مدني آهي ۽ اها اُڻتيھ آيتون ۽ چار رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

اِنَّا فَتَحْنَا لَكَ فَتْحًا مُّبِيْنًا ﴿۱﴾ لِّيَغْفِرَ لَكَ اللّٰهُ مَا

بيشڪ اسان سوڀ ڏني سون توکي سوڀ پڌري. ❷ جيئن ڍڪي ❸ توکي الله ان ڪان

تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْۢبِكَ وَ مَا تَاَخَّرَ وَ يُتِمَّ نِعْمَتَهٗ

جو اڳي ٿيو گناھ تنهنجو ۽ جو پوءِ ٿيو ۽ پوري ڪري مهرباني پنهنجي

عَلَيْكَ وَ يَهْدِيَكَ صِرَاطًا مُّسْتَقِيْمًا ۝٢ وَّ يَنْصُرَكَ
توتي ۽ هلائي توکي رستي سڌي تي. ۽ جيئن مدد ڪري تنهنجي

اللّٰهُ نَصْرًا عَزِيْزًا ۝٣ هُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ السَّكِيْنَةَ فِيْ قُلُوْبِ الْمُؤْمِنِيْنَ
الله مدد زبردست. اِهو اُهو آهي جنهن لاٿو قرار دلين مؤمنن جي ۾

لِيَزْدَادُوْٓا اِيْمَانًا مَّعَ اِيْمَانِهِمْ ؕ وَ لِلّٰهِ جُنُوْدُ السَّمٰوٰتِ وَ
جيئن وڌن ايمان ۾ گڏ پنهنجي ايمان سان، ۽ الله لاءِ آهن لشڪر آسمانن ۽

الْاَرْضِ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ۝٤ لِّيُدْخِلَ الْمُؤْمِنِيْنَ
زمين جا، ۽ الله آهي ڄاڻندڙ دانش وارو. جيئن داخل ڪري ايمان وارن مردن

وَ الْمُؤْمِنٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا
۽ عورتن کي باغن ۾ وهن ٿيون جن جي هيٺان واهيون سدائين رهندا انهن ۾

وَ يُكَفِّرَ عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ ؕ وَ كَانَ ذٰلِكَ عِنْدَ اللّٰهِ فَوْزًا
۽ جيئن ميساري اُنهن کان برايون اُنهن جون، ۽ آهي اها الله وٽ ڪاميابي

عَظِيْمًا ۝٥ وَّ يُعَذِّبَ الْمُنٰفِقِيْنَ وَ الْمُنٰفِقٰتِ وَ الْمُشْرِكِيْنَ وَ
وڏي. ۽ جيئن عذاب ڏئي منافقن ۽ منافقياڻين کي ۽ شرڪ ڪندڙ مردن ۽

الْمُشْرِكٰتِ الظَّآنِّيْنَ بِاللّٰهِ ظَنَّ السَّوْءِ ؕ عَلَيْهِمْ دَآئِرَةُ
عورتن کي جو اهي گمان ڪن ٿا الله ۾ تمام بڇڙو، اُنهن تي هجي چڪر

السَّوْءِ ۚ وَ غَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ وَ لَعَنَهُمْ وَ اَعَدَّ
برائي جو، ۽ ڪاوڙيو الله انهن تي ۽ لعنت وڌائين انهن تي ۽ تيار ڪيائين

لَهُمْ جَهَنَّمَ ؕ وَ سَآءَتْ مَصِيْرًا ۝٦ وَ لِلّٰهِ جُنُوْدُ السَّمٰوٰتِ وَ
اُنهن لاءِ دوزخ، ۽ اِها بڇڙي جاءِ آهي. ۽ الله لاءِ آهن لشڪر آسمانن ۽

الْاَرْضِ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ عَزِيْزًا حَكِيْمًا ۝٧ اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ
زمين جا، ۽ آهي الله زبردست دانش وارو. بيشڪ اسان موڪليوسون توکي

شَاهِدًا وَّ مُبَشِّرًا وَّ نَذِيْرًا ۙ﴿٨﴾ لِّتُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَ

خبر ٻڌائيندڙ ۽ بشارت ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري. جيئن ايمان آڻيو الله ۽

رَسُوْلِهٖ وَ تُعَزِّرُوْهُ وَ تُوَقِّرُوْهُ ؕ وَ تُسَبِّحُوْهُ بُكْرَةً

ان جي رسول تي ۽ مدد ڪريو ان جي ❶ ۽ عزت ڪريو ان جي، ۽ سبحان الله پڙهو صبح

وَّ اَصِيْلًا ﴿٩﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يُبَايِعُوْنَكَ اِنَّمَا يُبَايِعُوْنَ

۽ شام. بيشڪ جيڪي ماڻهو هٿ وٺن ٿا تنهنجو اهي رڳو بيعت ڪن ٿا

اللّٰهَ ؕ يَدُ اللّٰهِ فَوْقَ اَيْدِيْهِمْ ۚ فَمَنْ نَّكَثَ فَاِنَّمَا

الله سان، ❷ هٿ الله جو مٿان هٿن انهن جي آهي، پوءِ جنهن ڀڃو بيعت کي اهو رڳو

يَنْكُثُ عَلٰى نَفْسِهٖ ۚ وَ مَنْ اَوْفٰى بِمَا عٰهَدَ عَلَيْهُ اللّٰهَ

ڀڃي ٿو پنهنجي سِرَ تي، ۽ جنهن وفائي ڪئي جنهن تي وعدو ڪيائين ❸ الله سان

فَسَيُؤْتِيْهِ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿١٠﴾ ع سَيَقُوْلُ لَكَ الْمُخَلَّفُوْنَ ع ١٠ / ٩

پوءِ اجهو اهو ڏيندو ان کي انعام وڏو. اجهو چوندا توکي پوئتي رهيل

مِنَ الْاَعْرَابِ شَغَلَتْنَاۤ اَمْوَالُنَا وَ اَهْلُوْنَا

واهڻي ❹ ته رُجهايو اسان کي اسان جي ملڪيتن ۽ اسان جي گهر وارن

فَاسْتَغْفِرْ لَنَا ۚ يَقُوْلُوْنَ بِاَلْسِنَتِهِمْ مَّا لَيْسَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ ؕ

پوءِ تون گناهه بخشاءِ اسان جو، اهي چون ٿا پنهنجن زبانن سان جو ناهي سندن دلين ۾،

قُلْ فَمَنْ يَّمْلِكُ لَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا اِنْ اَرَادَ

چؤ پوءِ ڪير مالڪ ٿيندو اوهان لاءِ الله وٽ ڪنهن شيءِ جو جيڪڏهن گهري

بِكُمْ ضَرًّا اَوْ اَرَادَ بِكُمْ نَفْعًا ؕ بَلْ كَانَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ

توهان جو نقصان يا چاهي توهان جو فائدو، پر آهي الله توهان جي عملن جي

خَبِيْرًا ﴿١١﴾ بَلْ ظَنَنْتُمْ اَنْ لَّنْ يَّنْقَلِبَ الرَّسُوْلُ وَ الْمُؤْمِنُوْنَ

خبر رکندڙ. پر توهان ڀانيو ته هرگز نه واپس ٿيندو رسول ۽ مسلمان

اِلٰٓى اَهْلِيْهِمْ اَبَدًا وَّ زُيِّنَ ذٰلِكَ فِيْ قُلُوْبِكُمْ وَ
طرف گهرن پنهجي ڪڏهين بہ ۽ سينگاريو ويو اهو توهان جي دلين ۾ ۽

ظَنَنْتُمْ ظَنَّ السَّوْءِ ۚۖ وَ كُنْتُمْ قَوْمًۢا بُوْرًا ﴿١٢﴾ وَ مَنْ
توهان گمان ڪيو هئو ❶ تمام بڇڙو، ۽ توهان آهيو قوم برباد. ۽ جنهن

لَّمْ يُؤْمِنْۢ بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ فَاِنَّآ اَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ
نہ يقين ڪيو الله ۽ ان جي رسول تي پوءِ اسان تيار ڪئي آهي ڪافرن لاءِ

سَعِيْرًا ﴿١٣﴾ وَ لِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ يَغْفِرُ لِمَنْ
برندڙ باهہ. ۽ الله لاءِ آهي بادشاهي آسمانن ۽ زمين جي، معاف ڪري ٿو جنهن ڪي

يَّشَآءُ وَ يُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿١٤﴾
چاهي ۽ عذاب ڏئي ٿو جنهن ڪي چاهي، ۽ آهي الله بخشڻهار مهربان.

سَيَقُوْلُ الْمُخَلَّفُوْنَ اِذَا انْطَلَقْتُمْ اِلٰى مَغَانِمَ لِتَاْخُذُوْهَا
اجهو چوندا پوئتي رهيل جڏهن توهان ويندؤ مال غنيمت ڏانهن جيئن هٿ ڪريو ان کي

ذَرُوْنَا نَتَّبِعْكُمْ ۚ يُرِيْدُوْنَ اَنْ يُّبَدِّلُوْا كَلٰمَ اللّٰهِ ؕ
تہ اسان کي ڇڏيو تہ اسان توهان سان هلون، اُهي گهرن ٿا بدلائڻ الله جي ڪلام کي،

قُلْ لَّنْ تَتَّبِعُوْنَا كَذٰلِكُمْ قَالَ اللّٰهُ مِنْ قَبْلُ ۚ
چؤ هرگز نہ هلندؤ اسان سان، ائين فرمايو آهي الله اڳي ئي،

فَسَيَقُوْلُوْنَ بَلْ تَحْسُدُوْنَنَا ؕ بَلْ كَانُوْا لَا يَفْقَهُوْنَ
پوءِ جلدي اهي چوندا نہ پر اوهان ساڙ ڪريو ٿا اسان سان، پر اهي نہ سمجهندا هئا

اِلَّا قَلِيْلًا ﴿١٥﴾ قُلْ لِّلْمُخَلَّفِيْنَ مِنَ الْاَعْرَابِ سَتُدْعَوْنَ
مگر ٿورو. تون چؤ پوئتي رهيل بدوين کي اجهو سڏيا ويندؤ

اِلٰى قَوْمٍ اُولِيْ بَاْسٍ شَدِيْدٍ تُقَاتِلُوْنَهُمْ اَوْ يُسْلِمُوْنَ ۚ
قوم سخت طاقتور ڏانهن ❷ توهان وڙهندؤ انهن سان يا اهي مسلمان ٿين،

فَاِنْ تُطِيْعُوْا يُؤْتِكُمُ اللّٰهُ اَجْرًا حَسَنًاۚ وَ اِنْ
پوءِ جيڪڏهن توهان چوڻ وٺندؤ تہ ڏيندو توهان کي الله بدلو ڀلو ۽ جيڪڏهن

تَتَوَلَّوْا كَمَا تَوَلَّيْتُمْ مِّنْ قَبْلُ يُعَذِّبْكُمْ عَذَابًا
ڦري ويندؤ جيئن ڦري ويا هئو اڳ ۾ تہ عذاب ڪندو توهان کي عذاب

اَلِيْمًا ﴿١٦﴾ لَيْسَ عَلَى الْاَعْمٰى حَرَجٌ وَّ لَا عَلَى الْاَعْرَجِ حَرَجٌ وَّ
دردناڪ. نہ آهي انڌي تي ڪو بار ۽ نڪي منڊي تي ڪو بار ۽

لَا عَلَى الْمَرِيْضِ حَرَجٌؕ وَ مَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ
نڪي بيمار تي ڪو بار، ❶ ۽ جيڪو چيو ڪندو الله ۽ ان جي رسول جو

يُدْخِلْهُ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُۚ وَ مَنْ يَّتَوَلَّ
تہ داخل ڪندس باغن ۾ وهن ٿيون جن جي هيٺان واهيون، ۽ جيڪو ڦرندو

يُعَذِّبْهُ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿١٧﴾ۧ لَقَدْ رَضِيَ اللّٰهُ عَنِ الْمُؤْمِنِيْنَ
تہ عذاب ڪندس عذاب دردناڪ. بيشڪ خوش ٿيو الله ايمان وارن کان

اِذْ يُبَايِعُوْنَكَ تَحْتَ الشَّجَرَةِ فَعَلِمَ مَا فِيْ قُلُوْبِهِمْ
جڏهن بيعت ڪن پيا توسان وڻ هيٺان پوءِ ڄاتائين جيڪي انهن جي دلين ۾ هئو ❷

فَاَنْزَلَ السَّكِيْنَةَ عَلَيْهِمْ وَ اَثَابَهُمْ فَتْحًا قَرِيْبًا ﴿١٨﴾ۙ وَّ
پوءِ نازل ڪيائين قرار انهن تي ۽ عطا ڪيائين انهن کي سوڀ ويجهي. ❸ ۽

مَغَانِمَ كَثِيْرَةً يَّاْخُذُوْنَهَاؕ وَ كَانَ اللّٰهُ عَزِيْزًا حَكِيْمًا ﴿١٩﴾
غنيمتون گهڻيون جن کي حاصل ڪندا، ۽ آهي الله زبردست دانش وارو.

وَعَدَكُمُ اللّٰهُ مَغَانِمَ كَثِيْرَةً تَاْخُذُوْنَهَا
۽ انجام ڪيو توهان سان الله غنيمتن گهڻين جو وصول ڪندؤ انهن کي

فَعَجَّلَ لَكُمْ هٰذِهٖ وَ كَفَّ اَيْدِيَ النَّاسِ عَنْكُمْۚ وَ
پوءِ جلدئي ڏنائين توهان کي هي ۽ جهليائين هٿ ماڻهن جا توهان کان، ۽

لِتَكُوْنَ اٰيَةً لِّلْمُؤْمِنِيْنَ وَ يَهْدِيَكُمْ صِرَاطًا مُّسْتَقِيْمًا ﴿٢٠﴾ لا

جيئن تہ هجي اها نشاني مسلمانن لاءِ ❶ ۽ هلائي توهان کي رستي سڌي تي.

وَّ اُخْرٰى لَمْ تَقْدِرُوْا عَلَيْهَا قَدْ اَحَاطَ اللّٰهُ بِهَا ط

۽ ٻي فتح بہ جو قادر نہ ٿيا آهيو انهي تي هوڏانهن گهيرو ڪيو آهي الله ان تي،

وَ كَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَیْءٍ قَدِيْرًا ﴿٢١﴾ وَ لَوْ قٰتَلَكُمُ

۽ آهي الله هر شيءِ تي سگهہ رکندڙ. ۽ جيڪڏهن لڙائي ڪن ها توهان سان

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوَلَّوُا الْاَدْبَارَ ثُمَّ لَا يَجِدُوْنَ وَلِيًّا وَّ لَا

ڪافر تہ پُٺي ڏئي ڀڄن ها پوءِ نہ لهن ها ڪو دوست ۽ نڪي

نَصِيْرًا ﴿٢٢﴾ سُنَّةَ اللّٰهِ الَّتِیْ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلُ ج وَ لَنْ

مددگار. اهو طريقو الله جو آهي جو هليو آيو آهي اڳي کان، ۽ هرگز نہ

تَجِدَ لِسُنَّةِ اللّٰهِ تَبْدِيْلًا ﴿٢٣﴾ وَ هُوَ الَّذِیْ كَفَّ اَيْدِيَهُمْ

لهندين طريقي الله جي ۾ ڪا ڦير گهير. ۽ اِهو اُهو آهي جنهن جهليو انهن جي هٿن کي

عَنْكُمْ وَ اَيْدِيَكُمْ عَنْهُمْ بِبَطْنِ مَكَّةَ مِنْۢ بَعْدِ اَنْ

توهان کان ۽ توهان جي هٿن کي انهن کان واديءِ ❷ مکي ۾ هن کان پوءِ جو

اَظْفَرَكُمْ عَلَيْهِمْ ط وَ كَانَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرًا ﴿٢٤﴾

غالب ڪيائين توهان کي ❸ انهن تي، ۽ آهي الله توهان جي عملن کي ڏسندڙ.

هُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ صَدُّوْكُمْ عَنِ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ

اِهي اُهي ئي آهن جن ڪفر ڪيو ۽ روڪيائون توهان کي مسجد عزت واري کان

وَ الْهَدْیَ مَعْكُوْفًا اَنْ يَّبْلُغَ مَحِلَّهٗ ط وَ لَوْ لَا

۽ قرباني کي جا روڪيل هئي جو پهچي پنهنجي جاءِ تي، ۽ جي نہ هجن ها اتي

رِجَالٌ مُّؤْمِنُوْنَ وَ نِسَآءٌ مُّؤْمِنٰتٌ لَّمْ تَعْلَمُوْهُمْ اَنْ

مرد مؤمن ۽ عورتون مؤمنياڻيون جن کي توهان نہ پيا ڄاڻو جو

تَطَـُٔوْهُمْ فَتُصِيْبَكُمْ مِّنْهُمْ مَّعَرَّةٌۢ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۚ

لتاڙي ماريو ها انھن کي پوءِ پھچي ها توھان کي انھن جي ڪري صدمو بي خبري سبب،

لِيُدْخِلَ اللّٰهُ فِيْ رَحْمَتِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ۚ لَوْ

(پر بچاءُ ٿيو) جيئن تہ داخل ڪري الله پنھنجي رحمت ۾ جنھن کي گھري، جيڪڏھن

تَزَيَّلُوْا لَعَذَّبْنَا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿٢٥﴾

اُھي الڳ ھجن ھا تہ عذاب ڪريون ھا (١) اُنھن مان ڪافرن کي عذاب دردناڪ.

اِذْ جَعَلَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِيْ قُلُوْبِهِمُ الْحَمِيَّةَ حَمِيَّةَ

(يادڪر) جيڪڏھن ڪئي ڪافرن پنھنجي دلين ۾ ھوڏ، ھوڏ

الْجَاهِلِيَّةِ فَاَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِيْنَتَهٗ عَلٰى رَسُوْلِهٖ وَ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ

جاھليت واري پوءِ نازل ڪيو الله قرار پنھنجي پيغمبر تي ۽ مسلمانن تي

وَ اَلْزَمَهُمْ كَلِمَةَ التَّقْوٰى وَ كَانُوْٓا اَحَقَّ بِهَا وَ اَهْلَهَا ۭ

۽ ڪين ثابت رکيائين ڪلمہ توحيد تي ۽ ھئا اُھي حقدار اُنھيءَ جا ۽ لائق ان جا، (٢)

وَ كَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمًا ﴿٢٦﴾ ع لَقَدْ صَدَقَ اللّٰهُ ع ٣ / ٩ / ١١

۽ آھي الله ھر شيءِ جو علم رکندڙ. بيشڪ سچو ڪيو الله

رَسُوْلَهُ الرُّءْيَا بِالْحَقِّ ۚ لَتَدْخُلُنَّ الْمَسْجِدَ الْحَرَامَ

پنھنجي پيغمبر جي خواب کي حق سان، تہ ضرور توھان داخل ٿيندؤ مسجد حرام ۾

اِنْ شَآءَ اللّٰهُ اٰمِنِيْنَ ۙ مُحَلِّقِيْنَ رُءُوْسَكُمْ وَ مُقَصِّرِيْنَ ۙ لَا

ان شاءَ الله بنا خطري ڪوڙائيندڙ مٿا پنھنجا يا ڪترائيندڙ نہ

تَخَافُوْنَ ۭ فَعَلِمَ مَا لَمْ تَعْلَمُوْا فَجَعَلَ مِنْ دُوْنِ ذٰلِكَ

ڊڄندؤ ڪنھن کان، پوءِ الله ڄاتو جيڪي توھان نہ ڄاتو پوءِ ڪيائين ان جي پُٺيان

فَتْحًا قَرِيْبًا ﴿٢٧﴾ هُوَ الَّذِيْٓ اَرْسَلَ رَسُوْلَهٗ بِالْهُدٰى وَ دِيْنِ

سوڀ ويجھي. (٣) اھوئي آھي جنھن موڪليو پنھنجي رسول کي ھدايت سان ۽ دين

الْحَقِّ لِيُظْهِرَهٗ عَلَى الدِّيْنِ كُلِّهٖ ؕ وَ كَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا ؕ﴿۲۸﴾

سچي سان جيئن غالب ڪري انهيءَ کي سيني دينن تي، ۽ الله شاهد ڪافي آهي.

مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ ؕ وَ الَّذِيْنَ مَعَهٗۤ اَشِدَّآءُ عَلَى الْكُفَّارِ

محمد رسول الله جو آهي، ۱ ۽ جيڪي ان سان گڏ آهن اهي ڏاڍا آهن ڪافرن تي

رُحَمَآءُ بَيْنَهُمْ تَرٰىهُمْ رُكَّعًا سُجَّدًا يَّبْتَغُوْنَ فَضْلًا

پاڄهارا آهن پاڻ ۾ تون ڏسندين انهن کي رڪوع ڪندڙ سجدو ڪندڙ گهرن ٿا مهرباني

مِّنَ اللّٰهِ وَ رِضْوَانًا ؗ سِيْمَاهُمْ فِيْ وُجُوْهِهِمْ مِّنْ اَثَرِ السُّجُوْدِ ؕ

الله جي ۽ رضا انهن جي نشاني انهن جي چهرن ۾ آهي سجدن جي اثر کان،

ذٰلِكَ مَثَلُهُمْ فِي التَّوْرٰىةِ ۛۚ وَ مَثَلُهُمْ فِي الْاِنْجِيْلِ ۛ۫ كَزَرْعٍ

اها انهن جي ڳالهه توراة ۾ آهي، ۽ انهن جي ڳالهه انجيل ۾ آهي، جيئن ڪا پوک

اَخْرَجَ شَطْـَٔهٗ فَاٰزَرَهٗ فَاسْتَغْلَظَ فَاسْتَوٰى عَلٰى سُوْقِهٖ

ڪڍي پنهنجو سَلو پوءِ سگهو ڪري ان کي پوءِ ٿلهو ٿئي پوءِ سڌو بيهي تيلي پنهنجي تي

يُعْجِبُ الزُّرَّاعَ لِيَغِيْظَ بِهِمُ الْكُفَّارَ ؕ وَعَدَ اللّٰهُ

اهو وڻي ٿو ڪڙمي کي جيئن ساڙي دل انهن سان ڪافرن جي، ۲ وعدو ڪيو الله

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ مِنْهُمْ مَّغْفِرَةً وَّ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿۲۹﴾ ع

جن ايمان آندو ۽ ڪيا ڪم ڀلا انهن سان بخشش جو ۽ اجر عظيم جو.

سُوْرَةُ الْحُجُرٰتِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ ثَمَانِيَ عَشْرَةَ اٰيَةً وَّفِيْهَا رُكُوْعَانِ

سورت حجرات مدني آهي ۽ اها ارڙهن آيتون ۽ ٻه رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيِ اللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ

اي ايمان وارؤ! ۳ نه اڳرائي ڪريو سامهون الله ۽ سندس رسول جي

وَ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ① يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا

۽ ڊڄو الله کان، بيشڪ الله ٻُڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. اي ايمان وارؤ! نہ

تَرْفَعُوْۤا اَصْوَاتَكُمْ فَوْقَ صَوْتِ النَّبِيِّ وَ لَا تَجْهَرُوْا لَهٗ

بلند ڪريو آوازَ پنهنجا مٿي آواز نبيَّ جي ڪان ۽ نڪي ڏاڍيان ڪريو ان سان

بِالْقَوْلِ كَجَهْرِ بَعْضِكُمْ لِبَعْضٍ اَنْ تَحْبَطَ

گفتگو جيئن ڏاڍيان ڳالهائيندا آهيو هڪ ٻئي ۾ ❶ متان ڇَٽ ٿي وڃن

اَعْمَالُكُمْ وَ اَنْتُمْ لَا تَشْعُرُوْنَ ② اِنَّ الَّذِيْنَ يَغُضُّوْنَ

عمل توهان جا ۽ توهان نہ ڄاڻو. بيشڪ جيڪي جِهڪو ٿا ڪن

اَصْوَاتَهُمْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ امْتَحَنَ اللّٰهُ

آوازَن پنهنجن ڪي رسول الله وٽ اِهي اُهي آهن جو آزمايو الله

قُلُوْبَهُمْ لِلتَّقْوٰى ؕ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ③ اِنَّ

اُنهن جي دلين ڪي ادب ۾ انهن لاءِ بخشش آهي ۽ اجر وڏو. ❷ بيشڪ

الَّذِيْنَ يُنَادُوْنَكَ مِنْ وَّرَآءِ الْحُجُرٰتِ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ ④

جيڪي سڏين ٿا توکي حجرن جي ٻاهران گهڻا انهن مان سمجهہ نہ ٿا رکن.

وَ لَوْ اَنَّهُمْ صَبَرُوْا حَتّٰى تَخْرُجَ اِلَيْهِمْ لَكَانَ

۽ جيڪر اُهي صبر ڪن ها جيسين تون نڪري اچين اُنهن ڏانهن تہ اهو

خَيْرًا لَّهُمْ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ⑤ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنْ

ڀلو هيو انهن لاءِ ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي. اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن

جَآءَكُمْ فَاسِقٌ بِنَبَاٍ فَتَبَيَّنُوْۤا اَنْ تُصِيْبُوْا قَوْمًا

آڻي توهان وٽ ڪو فاسق ڪا خبر پوءِ جاچ ڪريو ❸ متان تڪليف ڏيو ڪن ماڻهن کي

بِجَهَالَةٍ فَتُصْبِحُوْا عَلٰى مَا فَعَلْتُمْ نٰدِمِيْنَ ⑥ وَ اعْلَمُوْۤا اَنَّ

اڻ ڄاڻائيءَ سان پوءِ ٿي پئو پنهنجي ڪئي تي پشيمان. ۽ ڄاڻو تہ بيشڪ

فِيْكُمْ رَسُوْلَ اللّٰهِ ط لَوْ يُطِيْعُكُمْ فِيْ كَثِيْرٍ مِّنَ الْاَمْرِ

توهان ۾ الله جو رسول آهي، جيڪڏهن گهڻين ڳالهين ۾ چيو مڃي توهان جو

لَعَنِتُّمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ حَبَّبَ اِلَيْكُمُ الْاِيْمَانَ وَ زَيَّنَهٗ

ته ڏکيا ٿيندؤ توهان پر الله محبت ڏني توهان کي ايمان جي ۽ سينگاريائين ان کي

فِيْ قُلُوْبِكُمْ وَ كَرَّهَ اِلَيْكُمُ الْكُفْرَ وَ الْفُسُوْقَ وَ الْعِصْيَانَ ط

توهان جي دلين ۾ ۽ بڇان ڏنائين توهان کي ڪفر کان ۽ گناهن کان ۽ بي فرماني کان،

اُولٰٓئِكَ هُمُ الرّٰشِدُوْنَ ۷ فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ وَ نِعْمَةً ط وَ اللّٰهُ

اهي ئي آهن چڱي چال وارا. مهرباني ٿي الله جي ۽ احسان، ۽ الله

عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ۸ وَ اِنْ طَآئِفَتٰنِ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ

علم رکندڙ حڪمت وارو آهي. ۽ جيڪڏهن ٻه ڌريون مسلمانن جون ①

اقْتَتَلُوْا فَاَصْلِحُوْا بَيْنَهُمَا ج فَاِنْۢ بَغَتْ اِحْدٰىهُمَا

وڙهي پون ته ناهه ڪرايو انهن جي وچ ۾ پوءِ جيڪڏهن زيادتي ڪري انهن مان هڪڙي ڌر

عَلَى الْاُخْرٰى فَقَاتِلُوا الَّتِيْ تَبْغِيْ حَتّٰى تَفِيْٓءَ

ٻيءَ تي پوءِ توهان لڙو انهيءَ سان جا زيادتي ڪري ٿي ايستائين جو موٽي اچي

اِلٰٓى اَمْرِ اللّٰهِ ج فَاِنْ فَآءَتْ فَاَصْلِحُوْا بَيْنَهُمَا بِالْعَدْلِ

الله جي حڪم ڏانهن، پوءِ جيڪڏهن موٽي اچي ته پوءِ ناهه ڪرايو ٻنهي جي وچ ۾ برابري سان

وَ اَقْسِطُوْا ط اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُقْسِطِيْنَ ۹ اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ

۽ انصاف ڪريو، بيشڪ الله محبت رکي ٿو انصاف ڪندڙن سان. رڳو مسلمان

اِخْوَةٌ فَاَصْلِحُوْا بَيْنَ اَخَوَيْكُمْ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ

ڀائر آهن پوءِ صُلح ڪرايو پنهنجي ڀائرن جي وچ ۾ ۽ ڊڄو الله کان ته مَن

تُرْحَمُوْنَ ۱۰ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا يَسْخَرْ قَوْمٌ مِّنْ

توهان تي رحم ڪيو وڃي. اي ايمان وارؤ! نه ٺٺوليون ڪري ڪا قوم ڪنهن

ع ١ ١٠ ١٣

قَوۡمٍ عَسٰۤی اَنۡ یَّکُوۡنُوۡا خَیۡرًا مِّنۡهُمۡ وَ لَا نِسَآءٌ مِّنۡ نِّسَآءٍ عَسٰۤی
قومتي شايد اهي هجن يلا انهن کان ① ۽ نکي عورتون ٻين عورتن تي شايد
اَنۡ یَّکُنَّ خَیۡرًا مِّنۡهُنَّ ۚ وَ لَا تَلۡمِزُوۡۤا اَنۡفُسَکُمۡ وَ لَا تَنَابَزُوۡا
اهي هجن ڀليون انهن کان، ۽ نه عيب ڪڍو هڪ ٻئي جا ۽ نه لايوهڪ ٻئي کي
بِالۡاَلۡقَابِ ؕ بِئۡسَ الِاسۡمُ الۡفُسُوۡقُ بَعۡدَ الۡاِیۡمَانِ ۚ وَ مَنۡ لَّمۡ
بچڙا لقب، بُرو ڪونڌ برائي آهي ايمان کان پوءِ، ۽ جيڪي نه
یَتُبۡ فَاُولٰٓئِکَ هُمُ الظّٰلِمُوۡنَ ⑪ یٰۤاَیُّهَا الَّذِیۡنَ اٰمَنُوا اجۡتَنِبُوۡا
توبه ڪندا پوءِ اهي ئي ظالم آهن. اي ايمان وارؤ! پاسو ڪريو
کَثِیۡرًا مِّنَ الظَّنِّ ۫ اِنَّ بَعۡضَ الظَّنِّ اِثۡمٌ وَّ لَا تَجَسَّسُوۡا وَ
گهڻن شڪن گمانن کان بيشڪ ڪي گمان گناهه آهن ۽ نه جاچوسي ڪريو ۽
لَا یَغۡتَبۡ بَّعۡضُکُمۡ بَعۡضًا ؕ اَ یُحِبُّ اَحَدُکُمۡ
نه گِلا ڪري توهان مان ڪوئي ڪنهن جي، ڇا پسند ڪري تو توهان مان ڪوئي
اَنۡ یَّاۡکُلَ لَحۡمَ اَخِیۡهِ مَیۡتًا فَکَرِهۡتُمُوۡهُ ؕ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ
ته ڪائي گوشت پنهنجي ڀاءُ مئل جو پوءِ ڪِريو ٿا ان کان، ۽ ڊڄو الله کان،
اِنَّ اللّٰهَ تَوَّابٌ رَّحِیۡمٌ ⑫ یٰۤاَیُّهَا النَّاسُ اِنَّا خَلَقۡنٰکُمۡ
بيشڪ الله توبه قبوليندڙ مهربان آهي. اي انسانو! بيشڪ اسان پيدا ڪيو توهان کي
مِّنۡ ذَکَرٍ وَّ اُنۡثٰی وَ جَعَلۡنٰکُمۡ شُعُوۡبًا وَّ قَبَآئِلَ لِتَعَارَفُوۡا ؕ
نَر ۽ مادي مان ۽ اسان ڪيون توهان ۾ ذاتيون ۽ پاڙا جيئن هڪ ٻئي کي سڃاڻو، ②
اِنَّ اَکۡرَمَکُمۡ عِنۡدَ اللّٰهِ اَتۡقٰکُمۡ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِیۡمٌ
بيشڪ وڌيڪ ڀلو توهان ۾ الله وٽ آهي وڌيڪ پرهيزگار، بيشڪ الله ڄاڻندڙ
خَبِیۡرٌ ⑬ قَالَتِ الۡاَعۡرَابُ اٰمَنَّا ؕ قُلۡ لَّمۡ
خبر رکندڙ آهي. چيو ٻهراڙي وارن اسان ايمان آندو آهي، ③ چؤ نه

تُؤْمِنُوْا وَلٰكِنْ قُوْلُوْٓا اَسْلَمْنَا وَ لَمَّا يَدْخُلِ الْاِيْمَانُ

ايمان آندو اٿوَ پر چئو تہ اسان تابعدار ٿيا آهيون ۽ اڃا نہ گهڙيو آهي ايمان

فِيْ قُلُوْبِكُمْ ؕ وَ اِنْ تُطِيْعُوا اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ لَا يَلِتْكُمْ

توهان جي دلين ۾ ۽ جيڪڏهن چيو مَڃيندؤ الله جو ۽ ان جي رسول جو تہ نہ گهٽائيندو

مِّنْ اَعْمَالِكُمْ شَيْـًٔا ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۴﴾ اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ

توهان جي نيڪين مان ڪجهہ، بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي. رڳو ايمان وارا

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ ثُمَّ لَمْ يَرْتَابُوْا وَ

اُهي آهن جن يقين ڪيو الله تي ۽ ان جي رسول تي پوءِ نہ شڪ ڪيائون ۽

جٰهَدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَ اَنْفُسِهِمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ اُولٰٓئِكَ

جهاد ڪيائون پنهنجن مالن سان ۽ پنهنجن جانين سان واٽ الله ۾ اُهي

هُمُ الصّٰدِقُوْنَ ﴿۱۵﴾ قُلْ اَ تُعَلِّمُوْنَ اللّٰهَ بِدِيْنِكُمْ ؕ وَ

ئي سچا آهن. ❶ تون ٻڌاءِ ڇا توهان ڄاڻايو ٿا الله کي پنهنجي دينداري، ۽

اللّٰهُ يَعْلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَ اللّٰهُ

الله تہ ڄاڻي ٿو جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي، ۽ الله

بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿۱۶﴾ يَمُنُّوْنَ عَلَيْكَ اَنْ اَسْلَمُوْا ؕ قُلْ

هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. توروٽا ڪن توتي جو مسلمان ٿيا آهن، تون چئو

لَّا تَمُنُّوْا عَلَيَّ اِسْلَامَكُمْ ۚ بَلِ اللّٰهُ يَمُنُّ عَلَيْكُمْ اَنْ

تورو نہ ڪريو مون تي پنهنجي اسلام جو، بلڪ الله تورو ڪيو توهان تي جو

هَدٰىكُمْ لِلْاِيْمَانِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۱۷﴾ اِنَّ اللّٰهَ

رستو ڏيکاريائين توهان کي ايمان جو جيڪڏهن آهيو سچا. بيشڪ الله

يَعْلَمُ غَيْبَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ وَ اللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۸﴾ ع

ڄاڻي ٿو ڳجهہ آسمانن جو ۽ زمين جو، ۽ الله ڏسندڙ آهي جيڪي توهان ڪريو ٿا.

ع ٢ ٨ ١٤

سُوۡرَۃُ قٓ مَکِّیَّۃٌ وَّھِیَ خَمۡسٌ وَّاَرۡبَعُوۡنَ اٰیَۃً وَّثَلٰثُ رُکُوۡعَاتٍ

سورت ق مڪي آهي ۽ اها پنجيتاليهه آيتون ۽ ٽي رڪوع آهي.

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

قٓ وَ الۡقُرۡاٰنِ الۡمَجِیۡدِ ۞ بَلۡ عَجِبُوۡۤا اَنۡ جَآءَھُمۡ مُّنۡذِرٌ
قٓ. ❶ قسم آهي قرآن مجيد جو. پر عجب لڳن جو آيو انهن وٽ ڊيڄاريندڙ
مِّنۡھُمۡ فَقَالَ الۡکٰفِرُوۡنَ ھٰذَا شَیۡءٌ عَجِیۡبٌ ۞ ءَ اِذَا مِتۡنَا
انهن مان پوءِ چيو ڪافرن هِيَ ڳالهه عجيب آهي. ڇا جڏهن مرنداسون
وَ کُنَّا تُرَابًا ذٰلِکَ رَجۡعٌۢ بَعِیۡدٌ ۞ قَدۡ عَلِمۡنَا مَا
۽ ٿينداسون مٽي، اهو موٽڻ ڏور آهي. ❷ بيشڪ ڄاتوسون ان کي
تَنۡقُصُ الۡاَرۡضُ مِنۡھُمۡ وَ عِنۡدَنَا کِتٰبٌ حَفِیۡظٌ ۞ بَلۡ
جيڪي ڪائي ٿي زمين انهن مان، ۽ اسان وٽ دفتر آهي سنڀاليندڙ. پر
کَذَّبُوۡا بِالۡحَقِّ لَمَّا جَآءَھُمۡ فَھُمۡ فِیۡۤ اَمۡرٍ مَّرِیۡجٍ ۞ اَ
ڪوڙو ڪيائون حق کي جڏهن آيو انهن وٽ پوءِ اُهي ڳالهه منجهيل ۾ آهن. ❸ ڇا
فَلَمۡ یَنۡظُرُوۡۤا اِلَی السَّمَآءِ فَوۡقَھُمۡ کَیۡفَ بَنَیۡنٰھَا وَ زَیَّنّٰھَا
پوءِ نه ڏٺائون آسمان ڏانهن پنهنجي مٿان ڪيئن اڏيوسون اُن کي ۽ سينگاريوسون
وَ مَا لَھَا مِنۡ فُرُوۡجٍ ۞ وَ الۡاَرۡضَ مَدَدۡنٰھَا وَ اَلۡقَیۡنَا فِیۡھَا
۽ ناهي اُنَ ۾ ڪوئي دنگو. ۽ زمين کي پکيڙيوسون ۽ وڌاسون اُنَ ۾
رَوَاسِیَ وَ اَنۡۢبَتۡنَا فِیۡھَا مِنۡ کُلِّ زَوۡجٍۭ بَھِیۡجٍ ۞ تَبۡصِرَۃً وَّ ذِکۡرٰی
وزن ۽ ڄماياسون اُنَ ۾ ڪيئي قسم وڻندڙ. اک کولڻ ۽ يادڏيارڻ لاءِ
لِکُلِّ عَبۡدٍ مُّنِیۡبٍ ۞ وَ نَزَّلۡنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً مُّبٰرَکًا
هر ٻانهي رجوع ڪندڙ کي. ۽ لاٿوسون آسمان کان پاڻي برڪت وارو

المنزل السابع - ٧

فَاَنْۢبَتْنَا بِهٖ جَنّٰتٍ وَّ حَبَّ الْحَصِيْدِ ۙ﴿۹﴾ وَ النَّخْلَ بٰسِقٰتٍ

پوءِ ڦٽاياسون انهيءَ سان باغ ۽ اناج لاباري وارا. (١) ۽ ڪجيون ڊگهيون

لَّهَا طَلْعٌ نَّضِيْدٌ ۙ﴿۱۰﴾ رِّزْقًا لِّلْعِبَادِ ۙ وَ اَحْيَيْنَا بِهٖ بَلْدَةً

جن جا ڀوڪا آهن ستيل، خوراڪ ٻانهن لاءِ ۽ آباد ڪياسون ان سان ملڪ

مَّيْتًا ؕ كَذٰلِكَ الْخُرُوْجُ ﴿۱۱﴾ كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ وَّ

غيرآباد، ائين ئي آهي وري نڪرڻ. ڪوڙو ڪيو انهن کان اڳي نوح جي قوم ۽

اَصْحٰبُ الرَّسِّ وَ ثَمُوْدُ ۙ﴿۱۲﴾ وَ عَادٌ وَّ فِرْعَوْنُ وَ اِخْوَانُ لُوْطٍ ۙ﴿۱۳﴾ وَّ

ڪچي کوهه وارن ۽ ثمود، ۽ عاد ۽ فرعون ۽ برادر لوط جي، ۽

اَصْحٰبُ الْاَيْكَةِ وَ قَوْمُ تُبَّعٍ ؕ كُلٌّ كَذَّبَ الرُّسُلَ فَحَقَّ

جهنگل وارن ۽ تبع جي ماڻهن، سمورن ڪوڙو ڪيو رسولن کي پوءِ پيو

وَعِيْدِ ﴿۱۴﴾ اَ فَعَيِيْنَا بِالْخَلْقِ الْاَوَّلِ ؕ بَلْ هُمْ فِيْ لَبْسٍ

عذاب منهنجو. ڇا پوءِ ٿڪيا آهيون پيدا ڪرڻ پهرين کان، بلڪ اهي شڪ ۾ آهن

ع ١ ١٥ ١٥ مِّنْ خَلْقٍ جَدِيْدٍ ﴿۱۵﴾ ع وَ لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ وَ نَعْلَمُ مَا

پيدائش نئين کان. ۽ اسان پيدا ڪيو آهي انسان کي ۽ اسان ڄاڻون ٿا جيڪي

تُوَسْوِسُ بِهٖ نَفْسُهٗ ۖۚ وَ نَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ

وسوسو وجهي ٿو ان کي سندس نفس، (٢) ۽ اسان وڌيڪ ويجها آهيون ان ڏانهن

مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ ﴿۱۶﴾ اِذْ يَتَلَقَّى الْمُتَلَقِّيٰنِ عَنِ الْيَمِيْنِ وَ عَنِ الشِّمَالِ

ساهه جي رڳ کان. جڏهن وٺندا وٺڻ وارا ساڄي کان ۽ کاٻي کان

قَعِيْدٌ ﴿۱۷﴾ مَا يَلْفِظُ مِنْ قَوْلٍ اِلَّا لَدَيْهِ رَقِيْبٌ عَتِيْدٌ ﴿۱۸﴾ وَ

ويهندڙ. نه ٿو ڳالهائي ڪا ڳالهه مگر ان وٽ آهي حفاظت ڪندڙ تيار. ۽

جَآءَتْ سَكْرَةُ الْمَوْتِ بِالْحَقِّ ؕ ذٰلِكَ مَا كُنْتَ مِنْهُ تَحِيْدُ ﴿۱۹﴾

اچي وئي سختي موت جي سچ پچ، اها اٿيئي جنهن کان تون لهرائيندين هئين. (٣)

وَ نُفِخَ فِي الصُّوْرِ ؕ ذٰلِكَ يَوْمُ الْوَعِيْدِ ﴿٢٠﴾ وَ جَآءَتْ كُلُّ

۽ ڦوڪ ڏني ويندي ڪرناءِ ۾، اهو آهي ڏينهن ڌمڪي جو. ۽ حاضر ٿيندو هر

نَفْسٍ مَّعَهَا سَآئِقٌ وَّ شَهِيْدٌ ﴿٢١﴾ لَقَدْ كُنْتَ فِيْ غَفْلَةٍ

جاندار ان سان گڏ هوندو هڪليندڙ ۽ حال ٻڌائيندڙ. ❶ يقينن هئين تون غفلت ۾

مِّنْ هٰذَا فَكَشَفْنَا عَنْكَ غِطَآءَكَ فَبَصَرُكَ الْيَوْمَ

هن ڪان پوءِ پري ڪيوسون توکان پردو تنهنجو پوءِ نگاهه تنهنجي اڄ

حَدِيْدٌ ﴿٢٢﴾ وَ قَالَ قَرِيْنُهٗ هٰذَا مَا لَدَيَّ عَتِيْدٌ ؕ ﴿٢٣﴾

تيز آهي. ۽ چوندو همراهه ان جو ❷ هي آهي جيڪي مون وٽ آهي تيار.

اَلْقِيَا فِيْ جَهَنَّمَ كُلَّ كَفَّارٍ عَنِيْدٍ ﴿٢٤﴾ لا مَّنَّاعٍ لِّلْخَيْرِ

(توهان ٻئي) اُڇليو دوزخ ۾ هر منڪر هٺيلي، ڀلائي کان روڪيندڙ

مُعْتَدٍ مُّرِيْبٍ ﴿٢٥﴾ لا الَّذِيْ جَعَلَ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ فَاَلْقِيٰهُ

حد ٽپيندڙ شبهي وجهندڙ کي، جنهن بڻايو الله سان گڏ خداءِ ٻيو پوءِ اڇليوس

فِي الْعَذَابِ الشَّدِيْدِ ﴿٢٦﴾ قَالَ قَرِيْنُهٗ رَبَّنَا مَآ

عذاب سخت ۾. چوندو ساٿي انهي جو اي رب اسان جا نه

اَطْغَيْتُهٗ وَ لٰكِنْ كَانَ فِيْ ضَلٰلٍۢ بَعِيْدٍ ﴿٢٧﴾ قَالَ لَا

باغي بڻايو مان ان کي پر هئو پاڻ گمراهي پرانهينءَ ۾. الله فرمائيندو نه

تَخْتَصِمُوْا لَدَيَّ وَ قَدْ قَدَّمْتُ اِلَيْكُمْ بِالْوَعِيْدِ ﴿٢٨﴾ مَا

جهڳڙو ڪريو مون وٽ حالانڪ اڳي موڪلي اٿم توهان ڏانهن ڌمڪي. ڪا نه

يُبَدَّلُ الْقَوْلُ لَدَيَّ وَ مَآ اَنَا بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ ﴿٢٩﴾ ع يَوْمَ نَقُوْلُ ع ٢ ١٤ ١٦

مٽائبي اها ڳالهه مون وٽ ۽ ناهيان مان ظلم ڪندڙ ٻانهن تي. جنهن ڏينهن چونداسون

لِجَهَنَّمَ هَلِ امْتَلَاْتِ وَ تَقُوْلُ هَلْ مِنْ مَّزِيْدٍ ﴿٣٠﴾ وَ اُزْلِفَتِ

جهنم کي ڀرجي وئين تون؟ ۽ اهو چوندو ڇا آهي ڪجهه وڌيڪ؟ ۽ ويجهي ڪبي

الْجَنَّةُ لِلْمُتَّقِيْنَ غَيْرَ بَعِيْدٍ ﴿٣١﴾ هٰذَا مَا تُوْعَدُوْنَ

جنت پرهيزگارن لاءِ ! نه پري. (١) هي آهي جنهن جو وعدو ڪجي ٿو توهان سان

لِكُلِّ اَوَّابٍ حَفِيْظٍ ﴿٣٢﴾ مَنْ خَشِيَ الرَّحْمٰنَ بِالْغَيْبِ وَ جَآءَ

هر هڪ توبهه ڪندڙ يادرکندڙ لاءِ. جيڪو ڊنو رحمان کان پرپٺ ۽ پيش ڪيائين

بِقَلْبٍ مُّنِيْبٍ ﴿٣٣﴾ ادْخُلُوْهَا بِسَلٰمٍ ذٰلِكَ يَوْمُ الْخُلُوْدِ ﴿٣٤﴾

دل توبهه واري. هلو جنت ۾ سلامتي سان، اهو ڏينهن آهي هميشه رهڻ جو.

لَهُمْ مَّا يَشَآءُوْنَ فِيْهَا وَ لَدَيْنَا مَزِيْدٌ ﴿٣٥﴾ وَ كَمْ

انهن لاءِ آهي جيڪي گهرندا اتي ۽ اسان وٽ گهڻوئي آهي. ۽ ڪيترين

اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنْ قَرْنٍ هُمْ اَشَدُّ مِنْهُمْ بَطْشًا

تباهه ڪيون سين انهن کان اڳ قومون جو آهي ڏاڍيون هيون انهن کان طاقت ۾

فَنَقَّبُوْا فِي الْبِلَادِ هَلْ مِنْ مَّحِيْصٍ ﴿٣٦﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَذِكْرٰى

پوءِ جاچيائون شهرن ۾، ته آهي ڪٿي ڇوٽڪارو؟ بيشڪ ان ۾ آهي سمجهاڻي

لِمَنْ كَانَ لَهٗ قَلْبٌ اَوْ اَلْقَى السَّمْعَ وَ هُوَ شَهِيْدٌ ﴿٣٧﴾ وَ لَقَدْ

انهيءَ لاءِ جنهن کي دل هجي يا ڏئي ڪَنُ ۽ اهو ڪري توَجُّهه. ۽ البت

خَلَقْنَا السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ وَ مَا بَيْنَهُمَا فِيْ سِتَّةِ

پيدا ڪيوسون آسمانن کي ۽ زمين کي ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي ڇهن

اَيَّامٍ ۖ وَّ مَا مَسَّنَا مِنْ لُّغُوْبٍ ﴿٣٨﴾ فَاصْبِرْ عَلٰى مَا

ڏينهن ۾ ۽ نه پهتي اسان کي ڪا ٿڪاوٽ. (٢) پوءِ تون صبر ڪر ان تي

يَقُوْلُوْنَ وَ سَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ قَبْلَ طُلُوْعِ الشَّمْسِ

جيڪي چون ٿا ۽ سبحان پڙهه پنهنجي رب جي تعريف سان اڳ سِجُ اُڀرڻ کان

وَ قَبْلَ الْغُرُوْبِ ﴿٣٩﴾ وَ مِنَ الَّيْلِ فَسَبِّحْهُ وَ اَدْبَارَ السُّجُوْدِ ﴿٤٠﴾

۽ اڳ لهڻ کان. ۽ رات جو به پڙهه ان جي پاڪائي ۽ پنيان سجدن کان. (٣)

وَ اسۡتَمِعۡ يَوۡمَ يُنَادِ الۡمُنَادِ مِنۡ مَّكَانٍ قَرِيۡبٍ ﴿۴۱﴾ لا

۽ ڪن ڏئي ٻڌ جنهن ڏينهن سڏيندو سڏيندڙ جڳهه ويجهيءَ ڪان. ❶

يَّوۡمَ يَسۡمَعُوۡنَ الصَّيۡحَةَ بِالۡحَقِّ ؕ ذٰلِكَ يَوۡمُ الۡخُرُوۡجِ ﴿۴۲﴾

جنهن ڏينهن ٻڌندا راڙ حق جي، اهو ڏينهن آهي نڪرڻ جو.

اِنَّا نَحۡنُ نُحۡیٖ وَ نُمِيۡتُ وَ اِلَيۡنَا الۡمَصِيۡرُ ﴿۴۳﴾ لا

بيشڪ اسان جياريون ٿا ۽ ماريون ٿا ۽ اسان ڏانهن ئي آهي موٽڻ.

يَوۡمَ تَشَقَّقُ الۡاَرۡضُ عَنۡهُمۡ سِرَاعًا ؕ ذٰلِكَ حَشۡرٌ

جنهن ڏينهن ڦاٽندي ڌرتي انهن کان نِڪرندا تکڙا ٿي اهو گڏ ڪرڻ

عَلَيۡنَا يَسِيۡرٌ ﴿۴۴﴾ نَحۡنُ اَعۡلَمُ بِمَا يَقُوۡلُوۡنَ وَ مَاۤ اَنۡتَ

اسان تي سَولو آهي. اسين گهڻو ڄاڻندڙ آهيون جيڪي چون ٿا ۽ نہ آهين تون

عَلَيۡهِمۡ بِجَبَّارٍ قف فَذَكِّرۡ بِالۡقُرۡاٰنِ مَنۡ يَّخَافُ وَعِيۡدِ ﴿۴۵﴾ ع ٣ ع ١٦ ١٧

انهن تي زور ڪندڙ، پوءِ سمجهاءِ تون قرآن سان ان کي جيڪو ڊڄي منهنجي ڌمڪيءَ کان.

سُوۡرَةُ الذّٰرِيٰتِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ سِتُّوۡنَ اٰيَةً وَّثَلٰثُ رُكُوۡعَاتٍ

سورت ذاريات مڪي آهي ۽ اها سٺ آيتون ۽ ٽي رڪوع آهي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

وَ الذّٰرِيٰتِ ذَرۡوًا ﴿۱﴾ لا فَالۡحٰمِلٰتِ وِقۡرًا ﴿۲﴾ لا

قسم آهي ڇڻڻ وارين جو اُڏائي ڪري، ❷ پوءِ کڻي هلڻ وارين جو بار ڪي،

فَالۡجٰرِيٰتِ يُسۡرًا ﴿۳﴾ لا فَالۡمُقَسِّمٰتِ اَمۡرًا ﴿۴﴾ لا اِنَّمَا

پوءِ هلڻ وارين جو نرمي سان، پوءِ ورهائڻ وارين جو حڪم ڪي، ❸ تہ بيشڪ

تُوۡعَدُوۡنَ لَصَادِقٌ ﴿۵﴾ لا وَّ اِنَّ الدِّيۡنَ لَوَاقِعٌ ﴿۶﴾ ؕ وَ

جيڪي وعدو ڪجيوَ ٿو سچ آهي. ۽ بيشڪ انصاف ٿيڻو آهي. ❹ قَسَمُ آهي

السَّمَآءِ ذَاتِ الْحُبُكِ ﴿۷﴾ لا اِنَّكُمْ لَفِيْ قَوْلٍ مُّخْتَلِفٍ ﴿۸﴾ لا

آسمان واٽن واري جو، ❶ تہ بيشڪ اوهان آهيو ڳالهہ اختلافي ۾.

يُّؤْفَكُ عَنْهُ مَنْ اُفِكَ ﴿۹﴾ ط قُتِلَ الْخَرّٰصُوْنَ ﴿۱۰﴾ لا

ڦيريو ويندو (حق کان) جنهن کي ڦيريو ويو. مارپوي ڳالهين ناهڻ وارن تي،

الَّذِيْنَ هُمْ فِيْ غَمْرَةٍ سَاهُوْنَ ﴿۱۱﴾ لا يَسْـَٔلُوْنَ اَيَّانَ

جيڪي اهي غفلت ۾ ويسلا آهن. پُڇن ٿا تہ ڪڏهن ٿيندو

يَوْمُ الدِّيْنِ ﴿۱۲﴾ ط يَوْمَ هُمْ عَلَى النَّارِ يُفْتَنُوْنَ ﴿۱۳﴾ ذُوْقُوْا

بدلي جو ڏينهن. جنهن ڏينهن اُهي باهہ ۾ ساڙيا ويندا. (چئبن) چکو

فِتْنَتَكُمْ ط هٰذَا الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تَسْتَعْجِلُوْنَ ﴿۱۴﴾

سڙڻ جو مزو، هي آهي اُهو جنهن جي توهان تڪڙي گهر ڪندا هئا.

اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّ عُيُوْنٍ ﴿۱۵﴾ لا اٰخِذِيْنَ مَآ

بيشڪ پرهيزگار باغن ۾ ۽ چشمن ۾ هوندا، وٺندڙ جيڪي

اٰتٰهُمْ رَبُّهُمْ ط اِنَّهُمْ كَانُوْا قَبْلَ ذٰلِكَ مُحْسِنِيْنَ ﴿۱۶﴾ ط

ڏئين سندن رب، بيشڪ اُهي هئا هن کان اڳ ڀلا ڪم ڪندڙ.

كَانُوْا قَلِيْلًا مِّنَ الَّيْلِ مَا يَهْجَعُوْنَ ﴿۱۷﴾ وَ بِالْاَسْحَارِ

اُهي ٿوري رات ننڊ ڪندا هئا. ❷ ۽ اُسرن جو

هُمْ يَسْتَغْفِرُوْنَ ﴿۱۸﴾ وَ فِيْۤ اَمْوَالِهِمْ حَقٌّ لِّلسَّآئِلِ وَ

اُهي بخشش گهرندا هئا. ۽ اُنهن جي مالن ۾ حصو هئو گهُرندڙ جو ۽

الْمَحْرُوْمِ ﴿۱۹﴾ وَ فِي الْاَرْضِ اٰيٰتٌ لِّلْمُوْقِنِيْنَ ﴿۲۰﴾ لا

نہ گهُرندڙ غريب جو. ۽ زمين ۾ نشانيون آهن ويساهہ وارن لاءِ.

وَ فِيْۤ اَنْفُسِكُمْ ط اَفَلَا تُبْصِرُوْنَ ﴿۲۱﴾ وَ فِي السَّمَآءِ

۽ توهان جي وجود ۾ بہ، ڇا پوءِ اوهين نہ ٿا سوچيو. ۽ آسمان ۾

رِزْقُكُمْ وَ مَا تُوْعَدُوْنَ ﴿٢٢﴾ فَوَ

روزي آهي توهان جي ۽ جيڪي توهان سان انجام ڪيل آهي. پوءِ قسم آهي

رَبِّ السَّمَآءِ وَ الْاَرْضِ اِنَّهٗ لَحَقٌّ

پروردگار آسمان ۽ زمين جي جو تہ بيشڪ اهو سچ آهي

مِّثْلَ مَآ اَنَّكُمْ تَنْطِقُوْنَ ﴿٢٣﴾ ع هَلْ اَتٰىكَ حَدِيْثُ

جيئن جو توهان ڳالهائيندا آهيو. ڇا آئي تو وٽ خبر

ضَيْفِ اِبْرٰهِيْمَ الْمُكْرَمِيْنَ ﴿٢٤﴾ م اِذْ دَخَلُوْا عَلَيْهِ

ابراهيم جي مهمانن مانَ وارن جي. جڏهن اندر آيا اُنَ وٽ

فَقَالُوْا سَلٰمًا ط قَالَ سَلٰمٌ ج قَوْمٌ مُّنْكَرُوْنَ ﴿٢٥﴾ ج فَرَاغَ

چيائونس سلام، هن بہ چيو سلام، ماڻهو آهن اوپرا. پوءِ ويو

اِلٰٓى اَهْلِهٖ فَجَآءَ بِعِجْلٍ سَمِيْنٍ ﴿٢٦﴾ لا فَقَرَّبَهٗٓ

پنهنجي آڪهه ڏانهن ۽ آندائين گابو سٿيو. ۽ پيش ڪيائين

اِلَيْهِمْ قَالَ اَ لَا تَاْكُلُوْنَ ﴿٢٧﴾ ز فَاَوْجَسَ مِنْهُمْ

انهن جي اڳيان چيائين ڇا نہ تا کائو؟ پوءِ دل ۾ رکيائين انهن کان

خِيْفَةً ط قَالُوْا لَا تَخَفْ ط وَ بَشَّرُوْهُ بِغُلٰمٍ

خوف، چيائونس نہ ڊڄ، ۽ واڌائي ڏنائونس ٻار

عَلِيْمٍ ﴿٢٨﴾ فَاَقْبَلَتِ امْرَاَتُهٗ فِيْ صَرَّةٍ فَصَكَّتْ

هوشيار جي. پوءِ آئي سندس زال ڳالهائيندي پوءِ هنيائين هٿ

وَجْهَهَا وَ قَالَتْ عَجُوْزٌ عَقِيْمٌ ﴿٢٩﴾ قَالُوْا

پنهنجي منهن تي ۽ چيائين پوڙهي آهيان سَنڍ. چيائونسِ

كَذٰلِكِ لا قَالَ رَبُّكِ ط اِنَّهٗ هُوَ الْحَكِيْمُ الْعَلِيْمُ ﴿٣٠﴾

ائين ئي فرمايو تنهنجي رب، بيشڪ اهو حڪمت وارو ڄاڻندڙ آهي.

ع ١٨ ٢٣ — وقف لازم

قَالَ فَمَا خَطْبُكُمْ اَيُّهَا الْمُرْسَلُوْنَ ﴿٣١﴾ قَالُوْٓا اِنَّآ

چيائين پوءِ ڪهڙو آهي ڪم توهان جو اي قاصدؤ؟ چيائون تہ اسان

اُرْسِلْنَآ اِلٰى قَوْمٍ مُّجْرِمِيْنَ ﴿٣٢﴾ لا لِنُرْسِلَ عَلَيْهِمْ حِجَارَةً

موڪليا ويا آهيون ڏوهاري قوم ڏانهن، ❶ تہ وسايون انهن تي پٿر

مِّنْ طِيْنٍ ﴿٣٣﴾ لا مُّسَوَّمَةً عِنْدَ رَبِّكَ لِلْمُسْرِفِيْنَ ﴿٣٤﴾ فَاَخْرَجْنَا

مٽيءَ جا، نشان ڪيل ❷ تنهنجي رب وٽ حد کان لنگهندڙن لاءِ. پوءِ ٻاهر ڪدياسون

مَنْ كَانَ فِيْهَا مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٣٥﴾ ج فَمَا وَجَدْنَا فِيْهَا غَيْرَ بَيْتٍ

جيڪي هئا اُتي ايمان وارا. پوءِ نہ لڌوسون اُنَ ۾ سواءِ هڪ گهر

مِّنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿٣٦﴾ ج وَ تَرَكْنَا فِيْهَآ اٰيَةً لِّلَّذِيْنَ يَخَافُوْنَ الْعَذَابَ

مسلمانن جي. ۽ ڇڏي اسان اتي نشاني انهن لاءِ جيڪي ڊڄن ٿا عذاب

الْاَلِيْمَ ﴿٣٧﴾ ط وَ فِيْ مُوْسٰٓى اِذْ اَرْسَلْنٰهُ اِلٰى فِرْعَوْنَ بِسُلْطٰنٍ

ڏکوئيندڙ کان. ❸ ۽ پڻ موسىٰ ۾ جڏهن موڪليوسون اُنَ کي فرعون ڏانهن دليل

مُّبِيْنٍ ﴿٣٨﴾ فَتَوَلّٰى بِرُكْنِهٖ وَ قَالَ سٰحِرٌ اَوْ مَجْنُوْنٌ ﴿٣٩﴾

چٽي سان. پوءِ منهن موڙيائين لشڪر سميت ۽ چيائين جادوگر يا چريو آهي. ❹

فَاَخَذْنٰهُ وَ جُنُوْدَهٗ فَنَبَذْنٰهُمْ فِي الْيَمِّ وَ

پوءِ ورتوسون اُنَ کي ۽ سندس لشڪر کي پوءِ اڇلايوسون انهن کي سمنڊ ۾ ۽

هُوَ مُلِيْمٌ ﴿٤٠﴾ ط وَ فِيْ عَادٍ اِذْ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِمُ الرِّيْحَ الْعَقِيْمَ ﴿٤١﴾ ج

اهو هئو ملامت وارو. ❺ ۽ قوم عاد ۾ بہ جڏهن موڪلي سون انهن تي هوا بي برڪت. ❻

مَا تَذَرُ مِنْ شَيْءٍ اَتَتْ عَلَيْهِ اِلَّا جَعَلَتْهُ كَالرَّمِيْمِ ﴿٤٢﴾ ط وَ

نہ پئي ڇڏي ڪا شيءِ گهلي جنهن تي مگر ڪيائينس جهڙي ڳريل هڏي. ۽

فِيْ ثَمُوْدَ اِذْ قِيْلَ لَهُمْ تَمَتَّعُوْا حَتّٰى حِيْنٍ ﴿٤٣﴾

قوم ثمود ۾ بہ جڏهن چيو ويو انهن کي مزا ماڻي وٺو ڪجهه وقت تائين.

فَعَتَوْا عَنْ اَمْرِ رَبِّهِمْ فَاَخَذَتْهُمُ الصّٰعِقَةُ وَ

پوءِ آڪڙ ڪيائون پنهنجي پالينڊڙ جي حڪم کان پوءِ ورتو انهن کي وڄ نڪاءَ واري ۽

هُمْ يَنْظُرُوْنَ ﴿٤٤﴾ فَمَا اسْتَطَاعُوْا مِنْ قِيَامٍ وَّ مَا كَانُوْا

اُهي ڏسندا رهيا. پوءِ نه طاقت رکيائون اُٿڻ جي ۽ نڪي هئا

مُنْتَصِرِيْنَ ﴿٤٥﴾ وَ قَوْمَ نُوْحٍ مِّنْ قَبْلُ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا

بدلو وٺندڙ. ❶ ۽ قوم نوح جي به انهن کان اڳي، بيشڪ اُهي هئا ماڻهو

فٰسِقِيْنَ ﴿٤٦﴾ وَ السَّمَآءَ بَنَيْنٰهَا بِاَيْىدٍ وَّ اِنَّا لَمُوْسِعُوْنَ ﴿٤٧﴾

نافرمان. ۽ آسمان کي اسان بڻايو آهي طاقت سان ۽ بيشڪ اسين سگهه رکندڙ آهيون.

وَ الْاَرْضَ فَرَشْنٰهَا فَنِعْمَ الْمٰهِدُوْنَ ﴿٤٨﴾ وَ مِنْ كُلِّ شَیْءٍ

۽ زمين کي وڇايوسون پوءِ واهه جو اسان پڪيڙيندڙ آهيون. ۽ هر شيءِ مان

خَلَقْنَا زَوْجَيْنِ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿٤٩﴾ فَفِرُّوْٓا اِلَى اللّٰهِ ؕ اِنِّیْ

پيدا ڪياسون جوڙا جوڙا ته مَنَ اوهين ڌيان ڪريو. پوءِ ڀڄو ❷ الله ڏانهن بيشڪ آءٌ

لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٥٠﴾ وَ لَا تَجْعَلُوْا مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا

اوهان کي اُنَ کان ڊيڄاريندڙ پڌرو آهيان. ۽ نه ڪريو الله سان گڏ عبادت جي لائق

اٰخَرَ ؕ اِنِّیْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٥١﴾ كَذٰلِكَ مَآ

ٻيو ڪوئي، بيشڪ آءٌ توهان کي ان کان ڊيڄاريندڙ پڌرو آهيان. اهڙي طرح نه

اَتَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا قَالُوْا سَاحِرٌ اَوْ

آيو انهن کان اڳين ڏانهن ڪو رسول مگر چيائون اهو جادوگر آهي يا

مَجْنُوْنٌ ﴿٥٢﴾ اَ تَوَاصَوْا بِهٖ ۚ بَلْ هُمْ قَوْمٌ

چريو. ڇا انهن هڪ ٻئي کي اها وصيت ڪئي هئي، نه پر اهي ماڻهو آهن

طَاغُوْنَ ﴿٥٣﴾ فَتَوَلَّ عَنْهُمْ فَمَآ اَنْتَ بِمَلُوْمٍ ﴿٥٤﴾

شرير. پوءِ (اي نبي) تون منهن موڙ انهن کان پوءِ ناهين تون ميار ڏنل. ❸

وَّ ذَكِّرْ فَاِنَّ الذِّكْرٰى تَنْفَعُ الْمُؤْمِنِيْنَ۝۵۵ وَ مَا

۽ سمجهائيندو رهه ڇو تہ سمجهاڻ فائدو ڏئي ٿو ايمان وارن کي. ۽ نہ

خَلَقْتُ الْجِنَّ وَ الْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ۝۵۶ مَآ

پيدا ڪيو مون جنن ۽ انسانن کي مگر هن لاءِ تہ عبادت ڪن منهنجي. ❶ نہ

اُرِيْدُ مِنْهُمْ مِّنْ رِّزْقٍ وَّ مَآ اُرِيْدُ اَنْ يُّطْعِمُوْنِ۝۵۷

ٿو گهران مان انهن کان ڪو روزينو ۽ نہ ٿو گهران تہ ڪارائن مون کي.

اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الرَّزَّاقُ ذُو الْقُوَّةِ الْمَتِيْنُ۝۵۸ فَاِنَّ لِلَّذِيْنَ

بيشڪ الله اهوئي روزي ڏيندڙ طاقتور ڏاڍو آهي. بيشڪ انهن

ظَلَمُوْا ذَنُوْبًا مِّثْلَ ذَنُوْبِ اَصْحٰبِهِمْ فَلَا يَسْتَعْجِلُوْنِ۝۵۹

ڏوهارين جو ڀوڪو پريو آهي جهڙو ڀوڪو انهن جي سنگت جو پوءِ نہ تڪڙي گهر ڪن مون کان.

فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ يَّوْمِهِمُ الَّذِيْ يُوْعَدُوْنَ۝۶۰ ع

پوءِ تباهي آهي منڪرن لاءِ سندن ان ڏينهن جنهن جي کين ڌمڪي ڏني وئي آهي.

سُوْرَةُ الطُّوْرِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ تِسْعٌ وَّاَرْبَعُوْنَ اٰيَةً وَّفِيْهَا رُكُوْعَانِ

سورت طور مڪي آهي ۽ اها اٺونجاهہ آيتون ۽ ٻہ رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ۝

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

وَ الطُّوْرِ۝۱ لا وَ كِتٰبٍ مَّسْطُوْرٍ۝۲ لا فِيْ رَقٍّ مَّنْشُوْرٍ۝۳ لا

قسم آهي طور جبل جو. قسم آهي ڪتاب لکيل جو. ❷ ڪليل ورقن ۾.

وَّ الْبَيْتِ الْمَعْمُوْرِ۝۴ لا وَ السَّقْفِ الْمَرْفُوْعِ۝۵ لا وَ الْبَحْرِ

قسم آهي گهر آباد ٿيل جو. ۽ ڇت مٿي ڪيل جو. ❸ قسم آهي سمنڊ

الْمَسْجُوْرِ۝۶ لا اِنَّ عَذَابَ رَبِّكَ لَوَاقِعٌ۝۷ لا مَّا لَهٗ مِنْ

اڀاميل جو. ❹ تہ بيشڪ عذاب تنهنجي رب جو ٿيڻو آهي. ناهي اُن کي ڪو ٻہ

دَافِعٍ ۙ﴿٨﴾ يَّوْمَ تَمُوْرُ السَّمَآءُ مَوْرًا ۙ﴿٩﴾ وَّ تَسِيْرُ الْجِبَالُ سَيْرًا ؕ﴿١٠﴾

هٽائيندڙ. جنهن ڏينهن ٽڙڪندو آسمان زور سان. ❶ ۽ هلندا پهاڙ تِکا ٿي.

فَوَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ۙ﴿١١﴾ الَّذِيْنَ هُمْ فِيْ خَوْضٍ

پوءِ تباهي آهي تنهن ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ. اُهي جيڪي اجائي ڳالهائڻ جي

يَّلْعَبُوْنَ ۘ﴿١٢﴾ يَوْمَ يُدَعُّوْنَ اِلٰى نَارِ جَهَنَّمَ دَعًّا ؕ﴿١٣﴾ هٰذِهِ النَّارُ

وقف لازم

راند ڪندا آهن. ❷ ان ڏينهن اُهي ڌڪيا ويندا دوزخ جي باهه ڏانهن ڌڪا ڏئي. هيءَ باهه

الَّتِيْ كُنْتُمْ بِهَا تُكَذِّبُوْنَ ﴿١٤﴾ اَفَسِحْرٌ هٰذَآ اَمْ اَنْتُمْ لَا

اُها اٿو جنهن کي توهان ڪوڙو ڪندا هئا. ڇا پوءِ جادو آهي هيءُ يا اوهين نه

تُبْصِرُوْنَ ۚ﴿١٥﴾ اِصْلَوْهَا فَاصْبِرُوْٓا اَوْ لَا تَصْبِرُوْا ۚ سَوَآءٌ

ٿا ڏسو. پئو ان ۾ پوءِ صبر ڪريو يا نه صبر ڪريو، برابر آهي

عَلَيْكُمْ ؕ اِنَّمَا تُجْزَوْنَ مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٦﴾ اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ

توهان تي، رڳو بدلو ڏجيو ٿو اهوئي جيڪي توهان عمل ڪندا هئا. بيشڪ پرهيزگار

فِيْ جَنّٰتٍ وَّ نَعِيْمٍ ۙ﴿١٧﴾ فٰكِهِيْنَ بِمَآ اٰتٰهُمْ رَبُّهُمْ ۚ

باغن ۾ ۽ نعمت ۾ هوندا. مزا ماڻيندڙ ان سان جيڪي ڏنو اٿن سندن پروردگار،

وَ وَقٰهُمْ رَبُّهُمْ عَذَابَ الْجَحِيْمِ ﴿١٨﴾ كُلُوْا وَ اشْرَبُوْا هَنِيْٓـًٔا

۽ بچايو انهن کي سندن رب عذاب باهه جي کان. کائو ۽ پيئو رَڄُ ڪري

بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ۙ﴿١٩﴾ مُتَّكِـِٕيْنَ عَلٰى سُرُرٍ مَّصْفُوْفَةٍ ۚ وَ

جو توهان چڱا ڪم ڪندا هئا. ٽيڪ ڏيندڙ پلنگن قطار وارن تي، ۽

زَوَّجْنٰهُمْ بِحُوْرٍ عِيْنٍ ﴿٢٠﴾ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ

پرڻائيندا سون انهن کي حُورنِ وڏين اکين وارِيُن سان. ۽ جن ايمان آندو ۽

اتَّبَعَتْهُمْ ذُرِّيَّتُهُمْ بِاِيْمَانٍ اَلْحَقْنَا بِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ وَ

پٺيان لڳي انهن کي سندن اولاد ايمان سان ملائيندا سون انهن سان سندنِ اولادِ ❸ ۽

مَآ اَلَتْنٰهُمْ مِّنْ عَمَلِهِمْ مِّنْ شَیْءٍ ؕ كُلُّ امْرِیءٍۢ

نہ کاٽينداسون انھن کان سندن عملن مان کا شيءِ سڀ کو ماڻھو

بِمَا كَسَبَ رَهِیْنٌ ۝٢١ وَ اَمْدَدْنٰهُمْ بِفَاكِهَةٍ وَّ لَحْمٍ

پنھنجي ڪئي ۾ ڳھ پيل آھي. ۽ پيا ڏينداسون انھن کي ❶ ميوا ۽ گوشت

مِّمَّا یَشْتَهُوْنَ ۝٢٢ یَتَنَازَعُوْنَ فِیْهَا كَاْسًا لَّا لَغْوٌ فِیْهَا

ان مان جيکي گھرندا. جھٽي وٺندا ھڪ ٻئي کان ان ۾ پيالا ناھي وڦلڻ ❷ اتي

وَ لَا تَاْثِیْمٌ ۝٢٣ وَ یَطُوْفُ عَلَیْهِمْ غِلْمَانٌ لَّهُمْ كَاَنَّهُمْ لُؤْلُؤٌ

۽ نکي گناھ. ۽ ايندا ويندا وٽن نوڪر انھن جا ڄڻڪ اھي موتي آھن

مَّكْنُوْنٌ ۝٢٤ وَ اَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ یَّتَسَآءَلُوْنَ ۝٢٥ قَالُوْۤا

ڍڪيل. ۽ سامھون ايندا ھڪڙا ٻين تي پاڻ ۾ پُڇا ڳاڇا لاءِ. چوندا

اِنَّا كُنَّا قَبْلُ فِیْۤ اَهْلِنَا مُشْفِقِیْنَ ۝٢٦ فَمَنَّ اللّٰهُ

تہ بيشڪ اسين ھن کان اڳ پنھنجي گھرن ۾ ڊڄندڙ ھئاسون. پوءِ ٿورو ڪيو الله

عَلَیْنَا وَ وَقٰىنَا عَذَابَ السَّمُوْمِ ۝٢٧ اِنَّا كُنَّا مِنْ قَبْلُ

اسان تي ۽ بچايائين اسان کي تڪليف لُڪَ جي کان.❸ بيشڪ اسان ھن کان اڳ

نَدْعُوْهُ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْبَرُّ الرَّحِیْمُ ۝٢٨ فَذَكِّرْ

ڪيس پُڪاريندا ھئاسون. برابر اھوئي ڀلائي ڪندڙ ٻاجھارو آھي. پوءِ نصيحت ڪر

فَمَاۤ اَنْتَ بِنِعْمَتِ رَبِّكَ بِكَاهِنٍ وَّ لَا مَجْنُوْنٍ ۝٢٩ ؕ اَمْ یَقُوْلُوْنَ

جو تون پنھنجي رب جي فضل سان نہ ڀوپو آھين ۽ نکي چريو. يا چون ٿا تہ

شَاعِرٌ نَّتَرَبَّصُ بِهٖ رَیْبَ الْمَنُوْنِ ۝٣٠ قُلْ تَرَبَّصُوْا فَاِنِّیْ

ھي شاعر آھي انتظار ٿا ڪريونس گردش زماني جو. چؤ انتظار ڪندا رھو پوءِ آءٌ بہ

مَعَكُمْ مِّنَ الْمُتَرَبِّصِیْنَ ۝٣١ ؕ اَمْ تَاْمُرُهُمْ اَحْلَامُهُمْ بِهٰذَاۤ

توھان سان گڏ انتظار ڪندڙن مان آھيان. يا چون ٿا انھن کي سندن عقلَ اھا ڳالھ

اَمۡ هُمۡ قَوۡمٌ طَاغُوۡنَ ﴿۳۲﴾ اَمۡ يَقُوۡلُوۡنَ تَقَوَّلَهٗ ۚ بَلۡ
يا أهي ماڻهو شرارتي آهن. ❶ يا چون ٿا ته پاڻ ناهيو اٿائين ان کي، بلڪ

لَّا يُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۳۳﴾ فَلۡيَاۡتُوۡا بِحَدِيۡثٍ مِّثۡلِهٖۤ اِنۡ كَانُوۡا صٰدِقِيۡنَ ﴿۳۴﴾
اهي نه ٿا مڃين. پوءِ پل آڻين ان جهڙي ڪا خبر جيڪڏهن آهين سچا.

اَمۡ خُلِقُوۡا مِنۡ غَيۡرِ شَىۡءٍ اَمۡ هُمُ الۡخٰلِقُوۡنَ ﴿۳۵﴾ اَمۡ
يا أهي پيدا ٿيا آهن سواءِ پيدا ڪندڙ جي يا أهي خود پيدا ڪندڙ آهن. ❷ يا

خَلَقُوا السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضَ ۚ بَلۡ لَّا يُوۡقِنُوۡنَ ﴿۳۶﴾ اَمۡ
انهن بڻايو آهي آسمانن ۽ زمين کي، پر أهي ويساهه نه ٿا ڪن. يا

عِنۡدَهُمۡ خَزَآئِنُ رَبِّكَ اَمۡ هُمُ الۡمُصَۜيۡطِرُوۡنَ ﴿۳۷﴾ اَمۡ
انهن وٽ تنهنجي رب جا خزانا آهن يا أهي سنڀاريندڙ آهن. يا

لَهُمۡ سُلَّمٌ يَّسۡتَمِعُوۡنَ فِيۡهِ ۚ فَلۡيَاۡتِ مُسۡتَمِعُهُمۡ
انهن وٽ ڪا ڏاڪڻ آهي جنهن تان، پوءِ پل ته آڻي انهن جو ٻڌندڙ

بِسُلۡطٰنٍ مُّبِيۡنٍ ﴿۳۸﴾ اَمۡ لَهُ الۡبَنٰتُ وَ لَكُمُ الۡبَنُوۡنَ ﴿۳۹﴾ اَمۡ
ڪو دليل چٽو. يا ان لاءِ ڌيئر آهن ۽ توهان لاءِ پٽ آهن. يا

تَسۡـَٔلُهُمۡ اَجۡرًا فَهُمۡ مِّنۡ مَّغۡرَمٍ مُّثۡقَلُوۡنَ ﴿۴۰﴾ اَمۡ
تون گهرندو آهين انهن کان ڪو اجورو جو أهي چٽيءَ کان زير بار آهن. يا

عِنۡدَهُمُ الۡغَيۡبُ فَهُمۡ يَكۡتُبُوۡنَ ﴿۴۱﴾ اَمۡ يُرِيۡدُوۡنَ كَيۡدًا ؕ
انهن وٽ ڳجهه آهي جو أهي لکن ٿا. يا رٿن ٿا ڪا بڇڙي رٿ،

فَالَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا هُمُ الۡمَكِيۡدُوۡنَ ﴿۴۲﴾ اَمۡ لَهُمۡ اِلٰهٌ
پوءِ جنهن ڪفر ڪيو أهي ڏوکي ۾ آهن. ڇا انهن کي ڪو ٻيو حاڪم آهي

غَيۡرُ اللّٰهِ ؕ سُبۡحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا يُشۡرِكُوۡنَ ﴿۴۳﴾ وَ اِنۡ يَّرَوۡا
سواءِ الله جي، پاڪ آهي الله ان کان جو اهي شريڪ ٿا ڪن. ۽ جيڪڏهن ڏسن

كِسۡفًا مِّنَ السَّمَآءِ سَاقِطًا يَّقُوۡلُوۡا سَحَابٌ مَّرۡكُوۡمٌ ﴿٤٤﴾
ڪو ٽڪرو آسمان مان ڪرندي ته چوندا اِهو ڪڪر آهي گهاٽو.

فَذَرۡهُمۡ حَتّٰى يُلٰقُوۡا يَوۡمَهُمُ الَّذِىۡ فِيۡهِ يُصۡعَقُوۡنَ ﴿٤٥﴾ۙ
پوءِ ڇڏ انهن کي تيستائين جو ڏسن پنهنجو اُهو ڏينهن جنهن ۾ بيهوش ڪيا ويندا.

يَوۡمَ لَا يُغۡنِىۡ عَنۡهُمۡ كَيۡدُهُمۡ شَيۡـًٔا وَّلَا هُمۡ
جنهن ڏينهن نه ٽاريندي انهن ڪان سندي بڇڙي رٿ ڪنهن شيءِ کي ۽ نڪي ڪين

يُنۡصَرُوۡنَ ﴿٤٦﴾ؕ وَ اِنَّ لِلَّذِيۡنَ ظَلَمُوۡا عَذَابًا دُوۡنَ ذٰلِكَ
ڪا مدد ملندي. ۽ بيشڪ انهن لاءِ جن ظلم ڪيو عذاب آهي انهي ڪان سواءِ ٻيو

وَلٰـكِنَّ اَكۡثَرَهُمۡ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿٤٧﴾ وَاصۡبِرۡ لِحُكۡمِ رَبِّكَ
پر گهڻا انهن جا نه ٿا ڄاڻن. ۽ صبر ڪر پنهنجي رب جي حڪم تائين

فَاِنَّكَ بِاَعۡيُنِنَا وَسَبِّحۡ بِحَمۡدِ رَبِّكَ
پوءِ بيشڪ تون اسان جي نگاهن ۾ آهين ❶ ۽ تسبيح پڙهه پنهنجي رب جي تعريف سان

حِيۡنَ تَقُوۡمُ ﴿٤٨﴾ۙ وَمِنَ الَّيۡلِ فَسَبِّحۡهُ وَاِدۡبَارَ النُّجُوۡمِ ﴿٤٩﴾ ع
جنهن مهل اٿين ٿو. ۽ رات جو پوءِ پاڪائي پڙهه ۽ تارن جي لهڻ کان پوءِ بہ. ❷

سُوۡرَةُ النَّجۡمِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ اثۡنَتَانِ وَسِتُّوۡنَ اٰيَةً وَّثَلٰثُ رُكُوۡعَاتٍ
سورت نجم مڪي آهي ۽ اها ٻاهٺ آيتون ۽ ٽي رڪوع آهي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ○
شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان. ❸

وَالنَّجۡمِ اِذَا هَوٰى ﴿١﴾ۙ مَا ضَلَّ صَاحِبُكُمۡ وَمَا غَوٰى ﴿٢﴾ۚ
شاهد آهي اهو تارو جڏهن لٿو ❹ ته نه ڀُليو صاحب توهان جو ۽ نڪي مُنجهيو.

وَمَا يَنۡطِقُ عَنِ الۡهَوٰى ﴿٣﴾ؕ اِنۡ هُوَ اِلَّا وَحۡىٌ يُّوۡحٰى ﴿٤﴾ۙ
۽ نه ٿو ڳالهائي پنهنجي خيال کان. ناهي اهو مگر حڪم جو وحي ڪيو ويو.

عَلَّمَهٗ شَدِيۡدُ الۡقُوٰىۙ ۝۵ ذُوۡمِرَّةٍؕ فَاسۡتَوٰىۙ ۝۶ وَ هُوَ

چاڻايو ان کي سخت طاقتن واري. وڏي سمجهدار❶ پوءِ نهي آيو. ۽ اهو

بِالۡاُفُقِ الۡاَعۡلٰىؕ ۝۷ ثُمَّ دَنَا فَتَدَلّٰىۙ ۝۸ فَكَانَ قَابَ

آسمان جي ڪناري مٿئين تي هو. نيٺ ويجهو ٿيو پوءِ جهڪي آيو. پوءِ ٿيو ماپ

قَوۡسَيۡنِ اَوۡ اَدۡنٰىۚ ۝۹ فَاَوۡحٰۤى اِلٰى عَبۡدِهٖ مَاۤ اَوۡحٰىؕ ۝۱۰

ٻن ڪمانن جي تي❷ يا اڃا ويجهو. پوءِ نياپو ڏنائين ان جي ٻانهي کي جيڪي ان حڪم ڪيو.

مَا كَذَبَ الۡفُؤَادُ مَا رَاٰى ۝۱۱ اَفَتُمٰرُوۡنَهٗ عَلٰى مَا

نہ غلط ڪيو ان جي دل جنهن کي ڏٺائين.❸ ڇا پوءِ جهڳڙو ڪيو ٿا ساڻس ان تي

يَرٰى ۝۱۲ وَ لَقَدۡ رَاٰهُ نَزۡلَةً اُخۡرٰىۙ ۝۱۳ عِنۡدَ سِدۡرَةِ الۡمُنۡتَهٰى ۝۱۴

جيڪي ڏسي ٿو. ۽ بيشڪ ڏٺائين ان کي لهندي ٻيهر.❹ تمام وڏيءَ ٻير وٽ.❺

عِنۡدَهَا جَنَّةُ الۡمَاۡوٰىؕ ۝۱۵ اِذۡ يَغۡشَى السِّدۡرَةَ مَا

انهيءَ وٽ آهي جنت الماوٰي. جڏهن ڇانئجي ويو ٻير تي اهو (نور)

يَغۡشٰىۙ ۝۱۶ مَا زَاغَ الۡبَصَرُ وَ مَا طَغٰى ۝۱۷ لَقَدۡ رَاٰى مِنۡ

جو ڇانئجي پيو. نہ ڦري نگاهہ ۽ نڪي حد کان ٽپي. بيشڪ ڏٺائين کي

اٰيٰتِ رَبِّهِ الۡكُبۡرٰى ۝۱۸ اَفَرَءَيۡتُمُ اللّٰتَ وَ الۡعُزّٰىۙ ۝۱۹

نشانيون پنهنجي رب جون وڏيون.❻ ڀلا توهان تہ ڏٺو آهي لات ۽ عزيٰ کي.

وَ مَنٰوةَ الثَّالِثَةَ الۡاُخۡرٰى ۝۲۰ اَلَكُمُ الذَّكَرُ وَ لَهُ

۽ منات ٽئين پوئين کي. ڇا توهان کي پُٽ ۽ انهيءَ (الله) کي

الۡاُنۡثٰى ۝۲۱ تِلۡكَ اِذًا قِسۡمَةٌ ضِيۡزٰى ۝۲۲ اِنۡ هِىَ اِلَّاۤ اَسۡمَآءٌ

ڌيئون. اِها تہ آهي ورهاست ڪوٽي. اِهي رڳو نالا آهن

سَمَّيۡتُمُوۡهَاۤ اَنۡتُمۡ وَ اٰبَآؤُكُمۡ مَّاۤ اَنۡزَلَ اللّٰهُ بِهَا

جيڪي پاڻ رکيا اٿوَ توهان ۽ توهان جي ابن ڏاڏن نہ لاٿي آهي الله انهن لاءِ

مِنْ سُلْطٰنٍ ؕ اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ وَ مَا تَهْوَى الْاَنْفُسُ ۚ
ڪا ثابتي، اهي رڳو هلن ٿا اٽڪل تي ۽ جيڪي چاهي جيءُ

وَ لَقَدْ جَآءَهُمْ مِّنْ رَّبِّهِمُ الْهُدٰى ؕ ﴿٢٣﴾ اَمْ لِلْاِنْسَانِ
هوڏانهن اچي وئي اٽن سندن رب کان هدايت. ڇا آهي انسان لاءِ

ع ١/٢٥/٥
مَا تَمَنّٰى ﴿٢٤﴾ ۖ فَلِلّٰهِ الْاٰخِرَةُ وَ الْاُوْلٰى ﴿٢٥﴾ ع وَ كَمْ مِّنْ مَّلَكٍ
جيڪي گهري. پوءِ الله جي آهي آخرت ۽ دنيا. (1) ۽ ڪيترائي مَلڪ آهن

فِي السَّمٰوٰتِ لَا تُغْنِيْ شَفَاعَتُهُمْ شَيْـًٔا اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ اَنْ
آسمانن ۾ جو نہ ٿي فائدو ڏئي سفارش تن جي ڪجهہ بہ مگر هن کان بعد جو

يَّاْذَنَ اللّٰهُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَ يَرْضٰى ﴿٢٦﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ
اجازت ڏئي الله جنهن لاءِ چاهي ۽ پسند ڪري. بيشڪ جيڪي نہ ٿا مڃين

بِالْاٰخِرَةِ لَيُسَمُّوْنَ الْمَلٰٓئِكَةَ تَسْمِيَةَ الْاُنْثٰى ﴿٢٧﴾ وَ مَا
آخرت کي اُهي نالا رکن ٿا ملڪن تي نالا مادين جا. هوڏانهن ناهي

لَهُمْ بِهٖ مِنْ عِلْمٍ ؕ اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ ۚ وَ اِنَّ الظَّنَّ
ڪين اُنَ جي ڪائي خبر، رڳو هلن ٿا اٽڪل تي، ۽ بيشڪ اٽڪل

لَا يُغْنِيْ مِنَ الْحَقِّ شَيْـًٔا ۚ ﴿٢٨﴾ فَاَعْرِضْ عَنْ مَّنْ تَوَلّٰى ۙ ۵
نہ ٿي فائدو ڏئي سچ جو ڪجهہ بہ. (2) پوءِ منهن موڙ ان کان جنهن منهن موڙيو

عَنْ ذِكْرِنَا وَ لَمْ يُرِدْ اِلَّا الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا ؕ ﴿٢٩﴾ ذٰلِكَ مَبْلَغُهُمْ
اسان جي قرآن کان ۽ انهيءَ نہ گهري مگر حياتي دنيا جي. اها آهي رسائي سندن

مِّنَ الْعِلْمِ ؕ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنْ ضَلَّ عَنْ سَبِيْلِهٖ ۙ
پروڙ جي، بيشڪ تنهنجو رب ئي بهتر ڄاڻي ٿو تہ ڪير ڀُلجي ويو سندس راھ کان

الربع
وَ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنِ اهْتَدٰى ﴿٣٠﴾ وَ لِلّٰهِ مَا
۽ اُهو خوب ڄاڻي ٿو ان کي جنهن هدايت ورتي. ۽ الله جو ئي آهي جيڪي

فِي السَّمٰوٰتِ وَ مَا فِي الْاَرْضِ ۙ لِيَجْزِيَ الَّذِيْنَ اَسَآءُوْا
آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي، جيئن سزا ڏئي اُنهن کي جن ڪئي برائي

بِمَا عَمِلُوْا وَ يَجْزِيَ الَّذِيْنَ اَحْسَنُوْا بِالْحُسْنٰى ﴿۳۱﴾ ۚ اَلَّذِيْنَ
سندن عملن جي ۽ بدلو ڏئي انهن کي جن ڀلائي ڪئي، ڀلائي جو. اُهي

يَجْتَنِبُوْنَ كَبٰٓئِرَ الْاِثْمِ وَ الْفَوَاحِشَ اِلَّا اللَّمَمَ ؕ
جيڪي پاسو ڪن ٿا وڏن گناهن کان ۽ بي حيائين کان سواءِ ننڍن گناهن جي،

اِنَّ رَبَّكَ وَاسِعُ الْمَغْفِرَةِ ؕ هُوَ اَعْلَمُ بِكُمْ اِذْ
بيشڪ رب تنهنجو ڪشادي ۽ بخشش وارو آهي، اُهو خوب ڄاڻي ٿو توهان کي جڏهن

اَنْشَاَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ وَ اِذْ اَنْتُمْ اَجِنَّةٌ فِيْ بُطُوْنِ اُمَّهٰتِكُمْ ۚ
اُپايائين توهان کي ڌرتيءَ مان ۽ جڏهن توهان هئا ڪچا ٻار پنهنجي مائرن جي پيٽن ۾،

فَلَا تُزَكُّوْٓا اَنْفُسَكُمْ ؕ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنِ اتَّقٰى ﴿۳۲﴾ ع
پوءِ پاڪ نه چئو پاڻ کي، اُهو خوب ڄاڻي ٿو اُن کي جيڪو پرهيزگار ٿيو.

اَ فَرَءَيْتَ الَّذِيْ تَوَلّٰى ﴿۳۳﴾ ۙ وَ اَعْطٰى قَلِيْلًا وَّ اَكْدٰى ﴿۳۴﴾ اَ
ڇا تو ڏٺو اهو جنهن منهن ڦيريو. ۽ ڏنائين ٿورو ۽ ڪنجوس ٿيو. ڇا

عِنْدَهٗ عِلْمُ الْغَيْبِ فَهُوَ يَرٰى ﴿۳۵﴾ اَمْ لَمْ يُنَبَّاْ بِمَا
ان وٽ آهي علم غيب جو پوءِ اهو ڏسي ٿو. ڇا ان کي خبر نه ڏني ويئي جا

فِيْ صُحُفِ مُوْسٰى ﴿۳۶﴾ ۙ وَ اِبْرٰهِيْمَ الَّذِيْ وَفّٰٓى ﴿۳۷﴾ ۙ اَلَّا تَزِرُ
موسيٰ جي ڪتابن ۾ آهي. ۽ ابراهيم واري جنهن وفاداري ڪئي. ته نه کڻندو

وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى ﴿۳۸﴾ ۙ وَ اَنْ لَّيْسَ لِلْاِنْسَانِ اِلَّا مَا
ڪوئي بار کڻندڙ بار ٻئي جو. ۽ ناهي ماڻهوءَ لاءِ مگر اُهو جو

سَعٰى ﴿۳۹﴾ ۙ وَ اَنَّ سَعْيَهٗ سَوْفَ يُرٰى ﴿۴۰﴾ ص ثُمَّ يُجْزٰىهُ
ڪمايائين. ۽ بيشڪ سندس ڪمائي اِجهو ڏيکاري ويندي. پوءِ ڏنو ويندو اُن کي

الْجَزَآءَ الْاَوْفٰى ﴿۴۱﴾ وَ اَنَّ اِلٰى رَبِّكَ الْمُنْتَهٰى ﴿۴۲﴾ وَ اَنَّهٗ
بدلو پورو. ۽ بيشڪ تنهنجي رب ڏي ئي پهچڻ آهي. ۽ بيشڪ اهو
هُوَ اَضْحَكَ وَ اَبْكٰى ﴿۴۳﴾ وَ اَنَّهٗ هُوَ اَمَاتَ وَ اَحْيَا ﴿۴۴﴾ وَ اَنَّهٗ
ئي آهي جنهن کلايو ۽ روئاريو. ۽ انهيءَ ئي ماريو ۽ جياريو. ۽ انهيءَ ئي
خَلَقَ الزَّوْجَيْنِ الذَّكَرَ وَ الْاُنْثٰى ﴿۴۵﴾ مِنْ نُّطْفَةٍ اِذَا تُمْنٰى ﴿۴۶﴾ وَ
پيدا ڪيو هر جوڙي نَر ۽ مادي کي. هڪ ڦڙي مان جڏهن وڌو ويو. ۽
اَنَّ عَلَيْهِ النَّشْاَةَ الْاُخْرٰى ﴿۴۷﴾ وَ اَنَّهٗ هُوَ اَغْنٰى
بيشڪ انهيءَ تي ئي آهي جيارڻ ٻيهر. ۽ بيشڪ انهيءَ ئي آسودو ڪيو
وَ اَقْنٰى ﴿۴۸﴾ وَ اَنَّهٗ هُوَ رَبُّ الشِّعْرٰى ﴿۴۹﴾ وَ اَنَّهٗۤ اَهْلَكَ
۽ مالدار بنايو. ۽ اُهو ئي آهي رب شعريٰ (تاري) جو. ۽ بيشڪ انهيءَ تباه ڪيو
عَادَا ۨالْاُوْلٰى ﴿۵۰﴾ وَ ثَمُوْدَاۡ فَمَاۤ اَبْقٰى ﴿۵۱﴾ وَ قَوْمَ نُوْحٍ مِّنْ قَبْلُ
عاد اڳئين کي. ۽ ثمود کي پوءِ نه بچايائين. ۽ نوح جي قوم کي انهن کان اڳ ۾.
اِنَّهُمْ كَانُوْا هُمْ اَظْلَمَ وَ اَطْغٰى ﴿۵۲﴾ وَ الْمُؤْتَفِكَةَ اَهْوٰى ﴿۵۳﴾
اُهي هئا وڌا ظالم ۽ وڌا شرير. ۽ اونڌن ڳوٺن کي هيٺ اڇليائين.
فَغَشّٰىهَا مَا غَشّٰى ﴿۵۴﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكَ
پوءِ ڍڪيو اُنهن کي جنهن ڍڪيو. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن ۾
تَتَمَارٰى ﴿۵۵﴾ هٰذَا نَذِيْرٌ مِّنَ النُّذُرِ الْاُوْلٰى ﴿۵۶﴾ اَزِفَتِ
شڪ ڪندين. هي ڊيڄاريندڙ آهي ڊيڄاريندڙن پهرين مان. ويجهي ٿي
الْاٰزِفَةُ ﴿۵۷﴾ لَيْسَ لَهَا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ كَاشِفَةٌ ﴿۵۸﴾ اَ
ويجهي ايندڙ. ناهي اُن کي الله کان سواءِ ڪوئي هٽائيندڙ. ڇا
فَمِنْ هٰذَا الْحَدِيْثِ تَعْجَبُوْنَ ﴿۵۹﴾ وَ تَضْحَكُوْنَ وَ لَا تَبْكُوْنَ ﴿۶۰﴾ وَ
پوءِ هن ڳالهه تي عجب ٿا ڪريو. ۽ کِلو ٿا ۽ نه ٿا روئو. ۽

أَنْتُمْ سٰمِدُوْنَ ﴿٦١﴾ فَاسْجُدُوْا لِلّٰهِ وَ اعْبُدُوْا ﴿٦٢﴾

توهان راندیون ٿا ڪريو. پوءِ اوهان سجدو ڪريو الله جو ۽ ان جي عبادت ڪريو.

سُوْرَةُ الْقَمَرِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ خَمْسٌ وَّخَمْسُوْنَ اٰيَةً وَّثَلٰثُ رُكُوْعَاتٍ

سورت قمر مڪي آهي ۽ اها پنجونجاهه آيتون ۽ ٽي رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

اِقْتَرَبَتِ السَّاعَةُ وَ انْشَقَّ الْقَمَرُ ﴿١﴾ وَ اِنْ يَّرَوْا اٰيَةً

ويجهي ٿي اها گهڙي ۽ چيرجي پيو چنڊ. ❶ ۽ جيڪڏهن اُهي ڏسن ٿا ڪو معجزو

يُّعْرِضُوْا وَ يَقُوْلُوْا سِحْرٌ مُّسْتَمِرٌّ ﴿٢﴾ وَ كَذَّبُوْا وَ

ته منهن ٿا ڦيرين ۽ چون ٿا هي جادو آهي هلندڙ. ۽ ڪوڙو ڪيائون ۽

اتَّبَعُوْٓا اَهْوَآءَهُمْ وَ كُلُّ اَمْرٍ مُّسْتَقِرٌّ ﴿٣﴾ وَ لَقَدْ جَآءَهُمْ

هليا پنهنجي سڌن تي ۽ هر ڪم آهي وقت مقرر تي ۽ بيشڪ آيون انهن وٽ

مِّنَ الْاَنْۢبَآءِ مَا فِيْهِ مُزْدَجَرٌ ﴿٤﴾ حِكْمَةٌۢ بَالِغَةٌ فَمَا تُغْنِ

ڪي خبرون جن ۾ هئي ڇينڀ. يعني سمجهاڻي پوري ❷ پوءِ نه اثر ڪيو

النُّذُرُ ﴿٥﴾ فَتَوَلَّ عَنْهُمْ يَوْمَ يَدْعُ الدَّاعِ اِلٰى شَيْءٍ

ڊيڄارڻ. پوءِ منهن موڙ انهن کان، جنهن ڏينهن سڏيندو سڏيندڙ شيءِ

نُّكُرٍ ﴿٦﴾ خُشَّعًا اَبْصَارُهُمْ يَخْرُجُوْنَ مِنَ الْاَجْدَاثِ

اوپري ڏانهن. جهڪندڙ هونديون اکيون اُنهن جون نڪرندا قبرن کان

كَاَنَّهُمْ جَرَادٌ مُّنْتَشِرٌ ﴿٧﴾ مُّهْطِعِيْنَ اِلَى الدَّاعِ يَقُوْلُ الْكٰفِرُوْنَ

جهڙڪ اُهي آهن ماڪڙ پکڙندڙ. ❸ ڊوڙندا ويندا طرف سڏيندڙ جي، چوندا ڪافر

هٰذَا يَوْمٌ عَسِرٌ ﴿٨﴾ كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ فَكَذَّبُوْا

هي ڏينهن آهي ڏکيو. ❹ ڪوڙو ڪيو انهن کان اڳي نوح جي قوم پوءِ ڪوڙو ڪيائون

عَبۡدَنَا وَ قَالُوۡا مَجۡنُوۡنٌ وَّ ازۡدُجِرَ ﴿۹﴾ فَدَعَا
اسان جي ٻانهي کي ۽ چيائون چريو آهي ۽ جهڙڪ ڏنو ويو آهي. پوءِ پڪاريائين
رَبَّهٗۤ اَنِّیۡ مَغۡلُوۡبٌ فَانۡتَصِرۡ ﴿۱۰﴾ فَفَتَحۡنَاۤ اَبۡوَابَ السَّمَآءِ
پنهنجي رب کي ته آءٌ عاجز ٿيو آهيان تون بدلو وٺ. پوءِ کولياسون دروازا آسمان جا
بِمَآءٍ مُّنۡهَمِرٍ ﴿۱۱﴾ وَّ فَجَّرۡنَا الۡاَرۡضَ عُیُوۡنًا فَالۡتَقَی الۡمَآءُ
پاڻي وهندڙ سان. ۽ چيرياسون زمين مان چشما پوءِ گڏجي ويو پاڻي
عَلٰۤی اَمۡرٍ قَدۡ قُدِرَ ﴿۱۲﴾ وَ حَمَلۡنٰهُ عَلٰی ذَاتِ اَلۡوَاحٍ وَّ
هڪ انداز تي جو فيصلو ڪيل هو. ۽ سوار ڪيوسون ان کي تختن ۽
دُسُرٍ ﴿۱۳﴾ تَجۡرِیۡ بِاَعۡیُنِنَا ۚ جَزَآءً لِّمَنۡ
ميخن واري (ٻيڙي) تي. ❶ جيڪا هلي پئي اسان جي نگاهن ۾، بدلي وٺڻ لاءِ جنهن جو
كَانَ كُفِرَ ﴿۱۴﴾ وَ لَقَدۡ تَّرَكۡنٰهَاۤ اٰیَةً فَهَلۡ مِنۡ مُّدَّكِرٍ ﴿۱۵﴾
❷ ڪفر ڪيو ويو. ۽ تحقيق ڇڏيوسون ان کي نشاني لاءِ پوءِ آهي ڪو نصيحت وٺندڙ.
فَكَیۡفَ كَانَ عَذَابِیۡ وَ نُذُرِ ﴿۱۶﴾ وَ لَقَدۡ یَسَّرۡنَا الۡقُرۡاٰنَ
پوءِ ڪيئن هئو منهنجو عذاب ڪرڻ ۽ ڊيڄارڻ. ۽ يقينن اسان سَولو ڪيو قرآن
لِلذِّكۡرِ فَهَلۡ مِنۡ مُّدَّكِرٍ ﴿۱۷﴾ كَذَّبَتۡ عَادٌ فَكَیۡفَ كَانَ
سمجهڻ لاءِ پوءِ آهي ڪوئي نصيحت وٺندڙ. ڪوڙو ڪيو عاد وارن پوءِ ڪيئن هئو
عَذَابِیۡ وَ نُذُرِ ﴿۱۸﴾ اِنَّاۤ اَرۡسَلۡنَا عَلَیۡهِمۡ رِیۡحًا صَرۡصَرًا
منهنجو عذاب ڪرڻ ۽ ڊيڄارڻ. بيشڪ اسان موڪلي سون انهن تي هوا تکي
فِیۡ یَوۡمِ نَحۡسٍ مُّسۡتَمِرٍّ ﴿۱۹﴾ تَنۡزِعُ النَّاسَ ۙ كَاَنَّهُمۡ اَعۡجَازُ
هڪ ڏينهن نياڳ واري اڻ کٽ ۾. ❸ اکيڙيائين ماڻهن کي جڻڪ اُهي آهن بُنڊَ
نَخۡلٍ مُّنۡقَعِرٍ ﴿۲۰﴾ فَكَیۡفَ كَانَ عَذَابِیۡ وَ نُذُرِ ﴿۲۱﴾ وَ لَقَدۡ
ڪجين پاڙان نڪتل جا. پوءِ ڪيئن هئو منهنجو عذاب ڪرڻ ۽ ڊيڄارڻ. ۽ يقينن

ع ١ ٢٢ ٨

يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿٢٢﴾ كَذَّبَتْ

اسان سَولو ڪيو قرآن سمجهڻ لاءِ پوءِ آهي ڪو نصيحت وٺندڙ. ڪوڙو ڪيو

ثَمُوْدُ بِالنُّذُرِ ﴿٢٣﴾ فَقَالُوْٓا اَ بَشَرًا مِّنَّا وَاحِدًا نَّتَّبِعُهٗٓ

ثمود ڏيجاريندڙن کي. ❶ پوءِ چيائون ڇا پنهنجي ماڻهوءَ هڪڙي جي ڪڍ لڳون

اِنَّآ اِذًا لَّفِيْ ضَلٰلٍ وَّ سُعُرٍ ﴿٢٤﴾ ءَ اُلْقِيَ الذِّكْرُ

بيشڪ اسين تڏهن گمراهي ۽ چريائپ ۾ آهيون. ڇا لاٿي ويئي اِها سمجهه

عَلَيْهِ مِنْۢ بَيْنِنَا بَلْ هُوَ كَذَّابٌ اَشِرٌ ﴿٢٥﴾ سَيَعْلَمُوْنَ غَدًا

ان تي اسان جي وچان بلڪ اهو وڏو ڪوڙو ڏاڍي آهي. اجهو ڄاڻي وٺندا سڀاڻي

مَّنِ الْكَذَّابُ الْاَشِرُ ﴿٢٦﴾ اِنَّا مُرْسِلُوا النَّاقَةِ

ته ڪير آهي وڏو ڪوڙو ڏاڍي. يقينن اسان موڪليندڙ آهيون ڏاچيءَ کي

فِتْنَةً لَّهُمْ فَارْتَقِبْهُمْ وَ اصْطَبِرْ ﴿٢٧﴾ وَ نَبِّئْهُمْ اَنَّ الْمَآءَ

سندن امتحان لاءِ پوءِ انتظار ڪر انهن جو ۽ مضبوط رهه. ۽ ٻڌاءِ انهن کي ته پاڻي

قِسْمَةٌۢ بَيْنَهُمْ ۚ كُلُّ شِرْبٍ مُّحْتَضَرٌ ﴿٢٨﴾ فَنَادَوْا صَاحِبَهُمْ

ورهايل آهي انهن جي وچ ۾ هر ڪو اُجر تي حاضر هجي. پوءِ سڏيائون ساٿي پنهنجي کي

فَتَعَاطٰى فَعَقَرَ ﴿٢٩﴾ فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِيْ وَ

پوءِ اُن هٿ ڇوهائي ڪئي پوءِ منڊو ڪيائينس. پوءِ ڪيئن هئو عذاب منهنجو ❷ ۽

نُذُرِ ﴿٣٠﴾ اِنَّآ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ صَيْحَةً وَّاحِدَةً فَكَانُوْا

ڏيجارڻ. بيشڪ اسان موڪلي سون انهن تي راڙ هڪڙي پوءِ تي پيا

كَهَشِيْمِ الْمُحْتَظِرِ ﴿٣١﴾ وَ لَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ

جهڙي پُريل واڙ. ❸ ۽ يقينن سَولو ڪيوسون قرآن سمجهڻ لاءِ پوءِ آهي

مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿٣٢﴾ كَذَّبَتْ قَوْمُ لُوْطٍۢ بِالنُّذُرِ ﴿٣٣﴾ اِنَّآ

ڪوئي سمجهڻ وارو. ڪوڙو ڪيو لوط جي قوم ڏيجاريندڙن کي. بيشڪ اسان

اَرۡسَلۡنَا عَلَيۡهِمۡ حَاصِبًا اِلَّاۤ اٰلَ لُوۡطٍ ؕ نَجَّيۡنٰهُمۡ

چڙهيوسون انهن تي پٿرن وارو واءُ سواءِ ڪٽنب لوط جي، نجات ڏني سون انهن کي

بِسَحَرٍ ﴿۳۴﴾ ۙ نِّعۡمَةً مِّنۡ عِنۡدِنَا ؕ كَذٰلِكَ نَجۡزِىۡ مَنۡ

اُسرَ جو. مهرباني ڪندي پنهنجي طرفان، اهڙي طرح بدلو ڏيندا آهيون اُن کي

شَكَرَ ﴿۳۵﴾ وَلَقَدۡ اَنۡذَرَهُمۡ بَطۡشَتَنَا فَتَمَارَوۡا

جيڪو ٿورو مڃي. ۽ پڪ (لوط) ڊيڄاريو انهن کي اسان جي پڪڙ کان پوءِ جهڳڙو ڪيائون

بِالنُّذُرِ ﴿۳۶﴾ وَلَقَدۡ رَاوَدُوۡهُ عَنۡ ضَيۡفِهٖ فَطَمَسۡنَاۤ اَعۡيُنَهُمۡ

ڊيڄاريندڙن سان. ۽ راڻ لڳس سندس مهمان کان پوءِ اسان ميساريون سندن اکيون

فَذُوۡقُوۡا عَذَابِىۡ وَنُذُرِ ﴿۳۷﴾ وَلَقَدۡ صَبَّحَهُمۡ بُكۡرَةً عَذَابٌ

پوءِ چکو منهنجو عذاب ۽ ڊيڄارڻ. ۽ ڪڙڪيو انهن تي صُبُوحَ سويري عذاب

مُّسۡتَقِرٌّ ﴿۳۸﴾ ۚ فَذُوۡقُوۡا عَذَابِىۡ وَنُذُرِ ﴿۳۹﴾ وَلَقَدۡ يَسَّرۡنَا الۡقُرۡاٰنَ

ٽڪندڙ. پوءِ چکو منهنجو عذاب ۽ ڊيڄارڻ. ۽ يقينن سَولو ڪيوسون قرآن

لِلذِّكۡرِ فَهَلۡ مِنۡ مُّدَّكِرٍ ﴿۴۰﴾ ع وَلَقَدۡ جَآءَ اٰلَ فِرۡعَوۡنَ

سمجهڻ لاءِ پوءِ آهي ڪو سمجهڻ وارو. ۽ بيشڪ آيا فرعون وارن ڏي

النُّذُرُ ﴿۴۱﴾ ۚ كَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِنَا كُلِّهَا فَاَخَذۡنٰهُمۡ

ڊيڄاريندڙ. ڪوڙو ڪيائون اسان جي نشانين سمورين کي پوءِ ورتوسون انهن کي

اَخۡذَ عَزِيۡزٍ مُّقۡتَدِرٍ ﴿۴۲﴾ اَ كُفَّارُكُمۡ خَيۡرٌ مِّنۡ اُولٰٓئِكُمۡ اَمۡ

وٺڻ زبردست قادر جيان. ڇا ڪافر توهان جا چڱا آهن اُنهن کان يا

لَكُمۡ بَرَآءَةٌ فِى الزُّبُرِ ﴿۴۳﴾ ۚ اَمۡ يَقُوۡلُوۡنَ نَحۡنُ جَمِيۡعٌ مُّنۡتَصِرٌ ﴿۴۴﴾

توهان لاءِ آهي ڇوٽڪارو ڪتابن ۾. يا چون ٿا اسان سمورا بدلو وٺندڙ آهيون.

سَيُهۡزَمُ الۡجَمۡعُ وَيُوَلُّوۡنَ الدُّبُرَ ﴿۴۵﴾ بَلِ السَّاعَةُ مَوۡعِدُهُمۡ

اجهو ڀڄايو ويندو اهو لشڪر ۽ ڀڄندا پُٺ ڏئي. پر اِها گهڙي سندن انجام جي آهي

وَ السَّاعَةُ اَدْهٰى وَ اَمَرُّ ﴿٤٦﴾ اِنَّ الْمُجْرِمِيْنَ فِيْ ضَلٰلٍ
۽ اهو وقت تمام خوفناڪ ۽ سخت ڪڙو آهي. يقينن ڏوهاري آهن گمراهي ۾

وَّ سُعُرٍ ﴿٤٧﴾ يَوْمَ يُسْحَبُوْنَ فِي النَّارِ عَلٰى وُجُوْهِهِمْ ؕ ذُوْقُوْا
۽ دوزخ ۾. جنهن ڏينهن گهليا ويندا باهه ۾ منهن ڀر، (چيو ويندن) چکو

مَسَّ سَقَرَ ﴿٤٨﴾ اِنَّا كُلَّ شَيْءٍ خَلَقْنٰهُ بِقَدَرٍ ﴿٤٩﴾ وَ
چاٽ عذاب جي. بيشڪ اسان هر شيء پيدا ڪئي سون پوري انداز سان. ❶ ۽

مَآ اَمْرُنَآ اِلَّا وَاحِدَةٌ كَلَمْحٍۭ بِالْبَصَرِ ﴿٥٠﴾ وَ لَقَدْ اَهْلَكْنَآ
رڳو امر اسان جو هڪ اکر آهي جهڙي اک چنڀ. ۽ يقينن اسان ختم ڪيا

اَشْيَاعَكُمْ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿٥١﴾ وَ كُلُّ شَيْءٍ فَعَلُوْهُ
ڪيئي توهان جهڙا پوء آهي ڪوئي سمجهڻ وارو. ۽ جو ڪجهه ڪيو اٿن

فِي الزُّبُرِ ﴿٥٢﴾ وَ كُلُّ صَغِيْرٍ وَّ كَبِيْرٍ مُّسْتَطَرٌ ﴿٥٣﴾ اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ
اهو ڪاغذن ۾ آهي. ۽ هر ننڍو ۽ وڏو لِکيل آهي. ❷ بيشڪ پرهيزگار

فِيْ جَنّٰتٍ وَّ نَهَرٍ ﴿٥٤﴾ لا فِيْ مَقْعَدِ صِدْقٍ عِنْدَ مَلِيْكٍ مُّقْتَدِرٍ ﴿٥٥﴾ ع
هوندا باغن ۽ نهرن ۾. جاءِ سچيءَ ۾ بادشاهه قدرت واري وٽ.

سُوْرَةُ الرَّحْمٰنِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ ثَمَانٌ وَّسَبْعُوْنَ اٰيَةً وَّثَلٰثُ رُكُوْعَاتٍ

سورت رحمان مڪي آهي ۽ اها انهتر آيتون ۽ ٽي رڪوع آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان. ❸

اَلرَّحْمٰنُ ﴿١﴾ لا عَلَّمَ الْقُرْاٰنَ ﴿٢﴾ ط خَلَقَ الْاِنْسَانَ ﴿٣﴾ لا عَلَّمَهُ
الله ٻاجهاري، سيکاريو قرآن. ❹ پيدا ڪيائين انسان. سيکاريائين ان کي

الْبَيَانَ ﴿٤﴾ اَلشَّمْسُ وَ الْقَمَرُ بِحُسْبَانٍ ﴿٥﴾ ص وَّالنَّجْمُ وَ الشَّجَرُ
بيان. سج ۽ چنڊ هلن ٿا قانون سان. وَلِ ۽ وڻ

يَسْجُدٰنِ ﴿٦﴾ وَ السَّمَآءَ رَفَعَهَا وَ وَضَعَ الْمِيْزَانَ ﴿٧﴾ اَلَّا

ڪن ٿا سجدو. ۽ آسمان کي بلند ڪيائين ۽ رکيائين ترازي (انصاف جي). تہ جيئن نہ

تَطْغَوْا فِي الْمِيْزَانِ ﴿٨﴾ وَ اَقِيْمُوا الْوَزْنَ بِالْقِسْطِ وَ لَا تُخْسِرُوا

زيادتي ڪريو ترازيءَ ۾. ۽ پوري رکو تور انصاف سان ۽ نہ کوٽي ڪريو

الْمِيْزَانَ ﴿٩﴾ وَ الْاَرْضَ وَضَعَهَا لِلْاَنَامِ ﴿١٠﴾ فِيْهَا فَاكِهَةٌ وَّ النَّخْلُ

ترازي. ۽ ڌرتيءَ کي رکيائين ماڻهن لاءِ. ان ۾ آهن ميوا ۽ کجيون

ذَاتُ الْاَكْمَامِ ﴿١١﴾ وَ الْحَبُّ ذُو الْعَصْفِ وَ الرَّيْحَانُ ﴿١٢﴾

سپڙين واريون. ۽ اناج تُهه وارا ۽ گل خوشبودار.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿١٣﴾ خَلَقَ الْاِنْسَانَ

پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. ❶ پيدا ڪيائين ماڻهوءَ کي

مِنْ صَلْصَالٍ كَالْفَخَّارِ ﴿١٤﴾ وَ خَلَقَ الْجَآنَّ مِنْ مَّارِجٍ مِّنْ نَّارٍ ﴿١٥﴾

وڄندڙ مٽيءَ مان ٺڪر جهڙو ۽ پيدا ڪيائين جن کي باهه جي جيئَ مان.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿١٦﴾ رَبُّ الْمَشْرِقَيْنِ وَ رَبُّ

پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن انڪار ڪندؤ. رب آهي ٻن اوڀرن ۽

الْمَغْرِبَيْنِ ﴿١٧﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿١٨﴾ مَرَجَ

ٻن اولهن جو. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. هلايائين

الْبَحْرَيْنِ يَلْتَقِيٰنِ ﴿١٩﴾ بَيْنَهُمَا بَرْزَخٌ لَّا يَبْغِيٰنِ ﴿٢٠﴾

ٻن دريائن کي جي ملن ٿا. آهي اُنهن جي وچ ۾ پردو جو نہ ٿا ڳڙجن. ❷

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٢١﴾ يَخْرُجُ مِنْهُمَا اللُّؤْلُؤُ

پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. نڪرن ٿا انهن مان موتي

وَ الْمَرْجَانُ ﴿٢٢﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٢٣﴾ وَ لَهُ

۽ مرجان. ❸ پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ. ۽ ان جا آهن

الْجَوَارِ الْمُنْشَئٰتُ فِي الْبَحْرِ كَالْاَعْلَامِ ﴿٢٤﴾ فَبِاَيِّ اٰلَاۤءِ رَبِّكُمَا

هلندڙ ٻيڙا سڙهه چڙهيل سمنڊ ۾ جبلن جهڙا. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو

تُكَذِّبٰنِ ﴿٢٥﴾ كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ ﴿٢٦﴾ وَّ يَبْقٰى وَجْهُ رَبِّكَ

بدن سان جوڙبا ۽ جڏهن جيئري پُوريل ڌيءُ کان پُڇا ٿيندي ❹ تہ ڪهڙي ڏوهہ ڪري

قُتِلَتۡ ۚ ﴿۹﴾ وَ اِذَا الصُّحُفُ نُشِرَتۡ ۪ۙ ﴿۱۰﴾ وَ اِذَا السَّمَآءُ كُشِطَتۡ ۪ۙ ﴿۱۱﴾

ماري وئي؟ ۽ جڏهن عمل ناما پکيڙيا ويندا ۽ جڏهن آسمان چليو ويندو

وَ اِذَا الۡجَحِيۡمُ سُعِّرَتۡ ۪ۙ ﴿۱۲﴾ وَ اِذَا الۡجَنَّةُ اُزۡلِفَتۡ ۪ۙ ﴿۱۳﴾ عَلِمَتۡ

۽ جڏهن دوزخ ٻاريو ويندو ۽ جڏهن بهشت ويجهو ڪيو ويندو تڏهن ڄاڻندو

نَفۡسٌ مَّاۤ اَحۡضَرَتۡ ؕ ﴿۱۴﴾ فَلَاۤ اُقۡسِمُ بِالۡخُنَّسِ ۙ ﴿۱۵﴾ الۡجَوَارِ

هر ماڻهو جيڪي عمل آندائين. پوءِ قسم آهي پُٺتي هٽندڙن سڌو هلندڙن

الۡكُنَّسِ ۙ ﴿۱۶﴾ وَ الَّيۡلِ اِذَا عَسۡعَسَ ۙ ﴿۱۷﴾ وَ الصُّبۡحِ اِذَا

لڪندڙ ستارن جو ❺ قسم آهي رات جو جڏهن اونده ٿي ڪري ۽ صبح جو جڏهن

تَنَفَّسَ ۙ ﴿۱۸﴾ اِنَّهٗ لَقَوۡلُ رَسُوۡلٍ كَرِيۡمٍ ۙ ﴿۱۹﴾ ذِيۡ قُوَّةٍ

پڌرو ٿئي، تہ بيشڪ اهو ڪلام آهي قاصد يلي جو ❻ جو طاقتور آهي

عِنۡدَ ذِی الۡعَرۡشِ مَكِیۡنٍ ﴿۲۰﴾ مُّطَاعٍ ثَمَّ اَمِیۡنٍ ﴿۲۱﴾ وَ

عرش جي مالڪ (الله) وٽ وڏي عزت وارو، مڃوتي وارو آهي اتي امانت وارو آهي. ۽

مَا صَاحِبُكُمۡ بِمَجۡنُوۡنٍ ﴿۲۲﴾ وَ لَقَدۡ رَاٰهُ بِالۡاُفُقِ

ناهي صاحب اوهان جو (محمد ﷺ) ديوانو. ۽ البت ڏٺائين ان کي اڀ جي ڪناري

الۡمُبِیۡنِ ﴿۲۳﴾ وَ مَا هُوَ عَلَی الۡغَیۡبِ بِضَنِیۡنٍ ﴿۲۴﴾ وَ مَا هُوَ بِقَوۡلِ

چٽي تي. ❶ ۽ ناهي اهو ڳجهي خبر تي بخيلي ڪندڙ. ❷ ۽ نه آهي اهو ڪلام

شَیۡطٰنٍ رَّجِیۡمٍ ﴿۲۵﴾ فَاَیۡنَ تَذۡهَبُوۡنَ ﴿۲۶﴾ اِنۡ هُوَ اِلَّا ذِكۡرٌ

ڪنهن شيطان تڙيل جو. پوءِ ڪيڏانهن ٿا وڃو. رڳو اها سمجهاڻي آهي

لِّلۡعٰلَمِیۡنَ ﴿۲۷﴾ لِمَنۡ شَآءَ مِنۡكُمۡ اَنۡ یَّسۡتَقِیۡمَ ﴿۲۸﴾ وَ

جهان وارن لاءِ. انهيءَ لاءِ جيڪو گهري توهان مان ته سڌو هلي. ۽

مَا تَشَآءُوۡنَ اِلَّاۤ اَنۡ یَّشَآءَ اللّٰهُ رَبُّ الۡعٰلَمِیۡنَ ﴿۲۹﴾

نه ٿا گهرو مگر جيڪي گهري الله پاليندڙ جهانن جو. ❸

ع ١ ٢٩ ٦

سُوۡرَةُ الۡاِنۡفِطَارِ مَكِّیَّةٌ وَّهِیَ تِسۡعَ عَشۡرَةَ اٰیَةً

سورت انفطار مڪي آهي ۽ اها اڻويهه آيتون آهي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

اِذَا السَّمَآءُ انۡفَطَرَتۡ ﴿۱﴾ وَ اِذَا الۡكَوَاكِبُ انۡتَثَرَتۡ ﴿۲﴾ وَ اِذَا

جڏهن آسمان ڦاٽندو، ۽ جڏهن تارا ڇڻي پوندا، ۽ جڏهن

الۡبِحَارُ فُجِّرَتۡ ﴿۳﴾ وَ اِذَا الۡقُبُوۡرُ بُعۡثِرَتۡ ﴿۴﴾ عَلِمَتۡ

سمنڊ اُٿل ڪائيندو، ❹ ۽ جڏهن قبرون اکيڙيون وينديون، تڏهن ڄاڻي وٺندو

نَفۡسٌ مَّا قَدَّمَتۡ وَ اَخَّرَتۡ ﴿۵﴾ یٰۤاَیُّهَا الۡاِنۡسَانُ مَا

سڀ ڪو جيڪي اڳتي موڪليائين يا رهائي آيو، اي انسان! ڪنهن

غَرَّكَ بِرَبِّكَ الْكَرِيْمِ ۙ﴿٦﴾ الَّذِيْ خَلَقَكَ فَسَوّٰىكَ
نگيو توکي پنهنجي رب کريم کان؟ جنهن پيدا ڪيو توکي پوءِ سَنئون ٺاهيائين توکي

فَعَدَلَكَ ۙ﴿٧﴾ فِيْٓ اَيِّ صُوْرَةٍ مَّا شَآءَ رَكَّبَكَ ؕ﴿٨﴾ كَلَّا
پوءِ برابر رکيائين توکي، جهڙي شکل ۾ چاهيائين جوڙيائين توکي.❶ خبردار!

بَلْ تُكَذِّبُوْنَ بِالدِّيْنِ ۙ﴿٩﴾ وَ اِنَّ عَلَيْكُمْ لَحٰفِظِيْنَ ۙ﴿١٠﴾
پر توهان ڪوڙو ٿا ڄاڻيو حساب ڏيڻ کي، ۽ بيشڪ توهان تي سنڀاليندڙ آهن،

كِرَامًا كَاتِبِيْنَ ۙ﴿١١﴾ يَعْلَمُوْنَ مَا تَفْعَلُوْنَ ﴿١٢﴾ اِنَّ الْاَبْرَارَ
پيارا عملن لکڻ وارا، اهي ڄاڻن ٿا جيڪي ڪريو ٿا. بيشڪ نيڪوڪار

لَفِيْ نَعِيْمٍ ۚ﴿١٣﴾ وَاِنَّ الْفُجَّارَ لَفِيْ جَحِيْمٍ ۚۖ﴿١٤﴾ يَّصْلَوْنَهَا يَوْمَ الدِّيْنِ ﴿١٥﴾
جنت ۾ هوندا، ۽ بدڪار دوزخ ۾ هوندا، گهڙندا ان ۾ حساب جي ڏينهن.

وَ مَا هُمْ عَنْهَا بِغَآئِبِيْنَ ؕ﴿١٦﴾ وَ مَآ اَدْرٰىكَ مَا
۽ نه هوندا ان کان لکي ويندڙ. (اي نبي) ۽ ڇا خبر توکي ته ڇا آهي

يَوْمُ الدِّيْنِ ۙ﴿١٧﴾ ثُمَّ مَآ اَدْرٰىكَ مَا يَوْمُ الدِّيْنِ ؕ﴿١٨﴾ يَوْمَ
حساب جو ڏينهن، وري (ٻُڌ) ڇا خبر توکي ڇا آهي حساب جو ڏينهن. جنهن ڏينهن

لَا تَمْلِكُ نَفْسٌ لِّنَفْسٍ شَيْـًٔا ؕ وَ الْاَمْرُ يَوْمَئِذٍ لِّلّٰهِ ۧ﴿١٩﴾
نه ڪري سگهندو ڪوئي ڪنهن لاءِ ڪجهه به، ۽ حڪم ان ڏينهن الله جو هوندو.

سُوْرَةُ التَّطْفِيْفِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ سِتٌّ وَّثَلٰثُوْنَ اٰيَةً

سورت تطفيف مڪي آهي ۽ ان ۾ ڇٽيهه آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○
شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان. ❷

وَيْلٌ لِّلْمُطَفِّفِيْنَ ۙ﴿١﴾ الَّذِيْنَ اِذَا اكْتَالُوْا عَلَى النَّاسِ
تباهي آهي تور ماپ ۾ کوٽ ڪندڙن لاءِ ❸ اُهي جڏهن مَئي وٺن ٿا ماڻهن کان

يَسْتَوْفُوْنَ ۝٢ۖ وَ اِذَا كَالُوْهُمْ اَوْ وَّزَنُوْهُمْ يُخْسِرُوْنَ ۝٣ؕ اَ

تہ پورو تا وٺن، ۽ جڏهن ماپي تا ڏين انهن کي يا توري تہ کوٽو تا ڏين. ڇا

لَا يَظُنُّ اُولٰٓئِكَ اَنَّهُمْ مَّبْعُوْثُوْنَ ۝٤ۙ لِيَوْمٍ عَظِيْمٍ ۝٥ۙ

نہ تا خيال ڪن اهي تہ ضرور ڪين اُٿاريو ويندو، ڏينهن وڏي ۾،

يَّوْمَ يَقُوْمُ النَّاسُ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝٦ؕ كَلَّآ اِنَّ كِتٰبَ

جنهن ڏينهن بيهندا ماڻهو رب العالمين جي آڏو. خبردار! بيشڪ بندِي

الْفُجَّارِ لَفِيْ سِجِّيْنٍ ۝٧ؕ وَ مَآ اَدْرٰىكَ مَا سِجِّيْنٌ ۝٨ؕ كِتٰبٌ

بدڪارن جي سجين ۾ آهي. ۽ ڇا خبر توکي تہ ڇا آهي سجين. اهو آهي دفتر

مَّرْقُوْمٌ ۝٩ؕ وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ۝١٠ۙ الَّذِيْنَ يُكَذِّبُوْنَ

لکيل. تباهي آهي تنهن ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ اهي ڪوڙو تا ڪن

بِيَوْمِ الدِّيْنِ ۝١١ؕ وَ مَا يُكَذِّبُ بِهٖٓ اِلَّا كُلُّ مُعْتَدٍ

ڏينهن انصاف جي کي. ۽ نہ تو ڪوڙو ڪري ان کي مگر هر حدلتاڙيندڙ

اَثِيْمٍ ۝١٢ۙ اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِ اٰيٰتُنَا قَالَ اَسَاطِيْرُ

ڏوهاري، جڏهن پڙهي ٻڌائجن ٿيون ان کي آيتون اسان جون چئي ٿو اِهي آهن آکاڻيون

الْاَوَّلِيْنَ ۝١٣ؕ كَلَّا بَلْ ۜ رَانَ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ۝١٤

اڳين جون. ائين نہ آهي پر ڪَٽُ ڪئي آهي ❶ انهن جي دلين تي سندن ڪرتوتن.

كَلَّآ اِنَّهُمْ عَنْ رَّبِّهِمْ يَوْمَئِذٍ لَّمَحْجُوْبُوْنَ ۝١٥ؕ ثُمَّ اِنَّهُمْ

خبردار! بيشڪ اهي پنهنجي پالڻهار کان تنهن ڏينهن روڪيل هوندا. پوءِ اهي

لَصَالُوا الْجَحِيْمِ ۝١٦ؕ ثُمَّ يُقَالُ هٰذَا الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ

داخل ٿيندا دوزخ ۾. پوءِ چيو ويندِ هي اهو آهي جنهن کي توهان

تُكَذِّبُوْنَ ۝١٧ؕ كَلَّآ اِنَّ كِتٰبَ الْاَبْرَارِ لَفِيْ عِلِّيِّيْنَ ۝١٨ؕ

ڪوڙو پائيندا هئا. خبردار! بيشڪ عمل نامو پلن ماڻهن جو عليين ۾ آهي. ❷

وَ مَآ اَدْرٰىكَ مَا عِلِّيُّوْنَ ﴿١٩﴾ؕ كِتٰبٌ مَّرْقُوْمٌ ﴿٢٠﴾ۙ

(اي نبي) ۽ ڇا خبر توکي ته ڇاهي عليون. اهو آهي دفتر لکيل،

يَّشْهَدُهُ الْمُقَرَّبُوْنَ ﴿٢١﴾ؕ اِنَّ الْاَبْرَارَ لَفِيْ نَعِيْمٍ ﴿٢٢﴾ۙ عَلَى الْاَرَآئِكِ

جو ڏسن ٿا ان کي ويجها فرشتا. بيشڪ فرمانبردار هوندا جنت ۾، پلنگن تي وينا

يَنْظُرُوْنَ ﴿٢٣﴾ۙ تَعْرِفُ فِيْ وُجُوْهِهِمْ نَضْرَةَ النَّعِيْمِ ﴿٢٤﴾ۚ

ڏسندا، تون سمجهي ويندين انهن جي چهرن تي تازگي آرام جي.

يُسْقَوْنَ مِنْ رَّحِيْقٍ مَّخْتُوْمٍ ﴿٢٥﴾ۙ خِتٰمُهٗ مِسْكٌ ؕ وَ

انهن کي پياريو ويندو مشروب مهر لڳل، جنهن تي مهر هوندي مشڪ جي، ۽

فِيْ ذٰلِكَ فَلْيَتَنَافَسِ الْمُتَنَافِسُوْنَ ﴿٢٦﴾ؕ وَ مِزَاجُهٗ مِنْ تَسْنِيْمٍ ﴿٢٧﴾ۙ

ان ۾ پل ته چاهه ڪن چاهيندڙ. ۽ ان ۾ ملايل آهي تسنيم،

عَيْنًا يَّشْرَبُ بِهَا الْمُقَرَّبُوْنَ ﴿٢٨﴾ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ اَجْرَمُوْا

اهو چشمو آهي جو پيئندا ان مان قرب وارا. بيشڪ ڏوهاري

كَانُوْا مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا يَضْحَكُوْنَ ﴿٢٩﴾ۖز وَ اِذَا مَرُّوْا بِهِمْ

(دنيا ۾) ايمان وارن تي کِلون ڪندا هئا. ۽ جڏهن لنگهندا هئا انهن وٽان

يَتَغَامَزُوْنَ ﴿٣٠﴾ۖز وَ اِذَا انْقَلَبُوْٓا اِلٰٓى اَهْلِهِمُ انْقَلَبُوْا

پاڻ ۾ اکيون هٽندا هئا. ۽ جڏهن موٽندا هئا پنهنجي گهر ته ايندا هئا

فَكِهِيْنَ ﴿٣١﴾ۖز وَ اِذَا رَاَوْهُمْ قَالُوْٓا اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ

ٺٺوليون ڪندا، ۽ جڏهن ڏسندا هئا انهن کي چوندا هئا ته اهي

لَضَآلُّوْنَ ﴿٣٢﴾ۙ وَ مَآ اُرْسِلُوْا عَلَيْهِمْ حٰفِظِيْنَ ﴿٣٣﴾ؕ

پڪ ڀٽڪندڙ آهن، حالانڪ نه موڪليا ويا هئا انهن تي نگهبان ڪري.

فَالْيَوْمَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنَ الْكُفَّارِ يَضْحَكُوْنَ ﴿٣٤﴾ۙ عَلَى الْاَرَآئِكِ ۙ

سو اڄ اهي مومن انهن منڪرن تي کِلن ٿا، ❶ پلنگن تي وينا

ع ١٣٦ ٨

يَنْظُرُوْنَ ۞٣٥ هَلْ ثُوِّبَ الْكُفَّارُ مَا كَانُوْا يَفْعَلُوْنَ ۞٣٦ ع

ڏسن ٿا. اجهو بدلو ڏنو ويو ڪافرن کي ان جو جيڪي ڪندا هئا.

سُوْرَةُ الْاِنْشِقَاقِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ خَمْسٌ وَّعِشْرُوْنَ اٰيَةً

سورت انشقاق مڪي آهي ۽ اها پنجويھ آيتون آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۞

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

اِذَا السَّمَآءُ انْشَقَّتْ ۞١ وَ اَذِنَتْ لِرَبِّهَا وَ حُقَّتْ ۞٢ وَ اِذَا

جڏهن آسمان چيرو ويندو ۽ ڪن ڏيندو پنهنجي رب ڏي ۽ اهو حق اٿس ۽ جڏهن

الْاَرْضُ مُدَّتْ ۞٣ وَ اَلْقَتْ مَا فِيْهَا وَ تَخَلَّتْ ۞٤ وَ

زمين پکيڙي ويندي ۽ اڇليندي جيڪي ان ۾ آهي ۽ خالي ٿيندي. ۱ ۽

اَذِنَتْ لِرَبِّهَا وَ حُقَّتْ ۞٥ يٰۤاَيُّهَا الْاِنْسَانُ اِنَّكَ كَادِحٌ

٢ ڪن ڏيندي پنهنجي رب ڏي ۽ اهو حق اٿس. اي انسان! بيشڪ تون جاکوڙ ڪندڙ آهين

اِلٰى رَبِّكَ كَدْحًا فَمُلٰقِيْهِ ۞٦ فَاَمَّا مَنْ اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ

پنهنجي رب ڏانهن گهڻي پوءِ ان سان ملندين. پوءِ جنهن کي ڏنو ويو سندس عمل نامو

بِيَمِيْنِهٖ ۞٧ فَسَوْفَ يُحَاسَبُ حِسَابًا يَّسِيْرًا ۞٨ وَّ يَنْقَلِبُ

ساڄي هٿ ۾ پوءِ جلد ڪيو ويندو ان سان حساب سَولو. ۽ موٽندو

اِلٰۤى اَهْلِهٖ مَسْرُوْرًا ۞٩ وَاَمَّا مَنْ اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ

پنهنجي گهر ڏانهن خوش ٿي. وري جنهن کي ڏنو ويو سندس عمل نامو

وَرَآءَ ظَهْرِهٖ ۞١٠ فَسَوْفَ يَدْعُوْا ثُبُوْرًا ۞١١ وَّ يَصْلٰى سَعِيْرًا ۞١٢

پٺيءَ پويان، اهو تڪڙو پڪاريندو موت کي، ۽ داخل ٿيندو دوزخ ۾.

اِنَّهٗ كَانَ فِيْۤ اَهْلِهٖ مَسْرُوْرًا ۞١٣ اِنَّهٗ ظَنَّ اَنْ لَّنْ يَّحُوْرَ ۞١٤

٣ بيشڪ اهو هئو پنهنجي گهر ۾ خوش. انهيءَ ڀانيو ٿي ته هرگز نه موٽندو.

بَلٰٓی ۚۛ اِنَّ رَبَّهٗ كَانَ بِهٖ بَصِيْرًا ۟ؕ۠ فَلَاۤ اُقْسِمُ بِالشَّفَقِ ۟ۙ وَ

هائو، بيشڪ سندس رب ان کي ڏسندڙ آهي. پوءِ قسم آهي شفق جو، قسم

الَّيْلِ وَ مَا وَسَقَ ۟ۙ وَ الْقَمَرِ اِذَا اتَّسَقَ ۟ۙ لَتَرْكَبُنَّ

رات جو ۽ جنهن تي چائنجي ٿي، قسم چنڊ جو جڏهن ڪامل ٿئي، ته اوهان ضرور چڙهندؤ

طَبَقًا عَنْ طَبَقٍ ۟ؕ فَمَا لَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ۟ۙ وَ اِذَا

هڪ حال ڪان ٻئي حال تي. ❶ پوءِ ڇا ٿيو آهي انهن کي جو ايمان نه ٿا آڻين. ۽ جڏهن

قُرِئَ عَلَيْهِمُ الْقُرْاٰنُ لَا يَسْجُدُوْنَ ۟ؕ۩ بَلِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

پڙهجي ٿو مٿن قرآن ته نه سجدو ٿا ڪن. رهندو ڪافر

يُكَذِّبُوْنَ ۟ؗۖ وَ اللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا يُوْعُوْنَ ۟ؗۖ فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ

ڪوڙو ٿا چون. ۽ الله ڳهٽو ڄاڻي ٿو جيڪي دل ۾ ٿا سانڍين. پوءِ خبر ڏي انهن کي ❷ عذاب

اَلِيْمٍ ۟ۙ اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ اَجْرٌ غَيْرُ مَمْنُوْنٍ ۟۠ع

ڏکوئيندڙ جي، پر جن شخصن ايمان آندو ۽ ڪم ڪيا چڱا تن لاءِ اجر آهي اڻ کُٽ.

سُوْرَةُ الْبُرُوْجِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ اثْنَتَانِ وَعِشْرُوْنَ اٰيَةً

سورت بروج مڪي آهي ۽ اها ٻاويهه آيتون آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

وَ السَّمَآءِ ذَاتِ الْبُرُوْجِ ۟ۙ وَ الْيَوْمِ الْمَوْعُوْدِ ۟ۙ وَ شَاهِدٍ

قسم آهي آسمان برجن واري جو، ۽ ڏينهن وعدي ڪيل جو، ❸ ۽ حاضر ٿيندڙ جو

وَّ مَشْهُوْدٍ ۟ؕ قُتِلَ اَصْحٰبُ الْاُخْدُوْدِ ۟ۙ النَّارِ

۽ حاضر ٿيل جو. ❹ ته تباهه ٿين شال کاهي وارا، ❺ (جنهن ۾) باهه پريل هئي

ذَاتِ الْوَقُوْدِ ۟ۙ اِذْ هُمْ عَلَيْهَا قُعُوْدٌ ۟ۙ وَّ هُمْ عَلٰى مَا

وڏي ٻل واري، جنهن وقت اهي اتي ويٺا هئا، ۽ اهي ان کي

يَفْعَلُوْنَ بِالْمُؤْمِنِيْنَ شُهُوْدٌ ﴿٧﴾ وَمَا نَقَمُوْا مِنْهُمْ اِلَّآ اَنْ يُّؤْمِنُوْا

جيڪي ڪن پيا ايمان وارن سان ڏسندڙ هئا. رڳو بدلو پيا وٺن انهن کان جو ايمان آندو هئائون

بِاللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَمِيْدِ ﴿٨﴾ الَّذِيْ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ

الله زبردست ساراهيل تي، اهو جنهن لاءِ آهي بادشاهي آسمانن ۽

الْاَرْضِ ط وَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ ﴿٩﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ

زمين جي، ۽ الله هر شيءِ جي خبر رکندڙ آهي. بيشڪ جن

فَتَنُوا الْمُؤْمِنِيْنَ وَ الْمُؤْمِنٰتِ ثُمَّ لَمْ يَتُوْبُوْا فَلَهُمْ عَذَابُ

ايذايو مومنن ۽ مومنياڻين کي پوءِ نه توبهه ڪيائون تن لاءِ آهي سزا

جَهَنَّمَ وَ لَهُمْ عَذَابُ الْحَرِيْقِ ﴿١٠﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ

دوزخ جي ۽ تن لاءِ آهي سزا باهه ساڙيندڙ جي. ❶ بيشڪ جن ايمان آندو ۽

عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ؕ ذٰلِكَ

ڪم ڪيا چڱا تن لاءِ باغ آهن وهن ٿيون جن جي هينان واهيون، اها

الْفَوْزُ الْكَبِيْرُ ﴿١١﴾ اِنَّ بَطْشَ رَبِّكَ لَشَدِيْدٌ ﴿١٢﴾ اِنَّهٗ هُوَ

ڪاميابي وڏي آهي. بيشڪ پڪڙ تنهنجي رب جي سخت آهي. بيشڪ اهو

يُبْدِئُ وَ يُعِيْدُ ﴿١٣﴾ وَ هُوَ الْغَفُوْرُ الْوَدُوْدُ ﴿١٤﴾ ذُو الْعَرْشِ

پيدا ڪري ٿو ۽ وري موٽائي ٿو. ۽ اهوئي بخشيندڙ مهر وارو آهي، ❷ تخت جو مالڪ

الْمَجِيْدُ ﴿١٥﴾ فَعَّالٌ لِّمَا يُرِيْدُ ﴿١٦﴾ هَلْ اَتٰىكَ حَدِيْثُ

وڏي شان وارو آهي، ڪري گذرندڙ آهي جيڪي گهري. ڇا آئي تو وٽ خبر

الْجُنُوْدِ ﴿١٧﴾ فِرْعَوْنَ وَ ثَمُوْدَ ﴿١٨﴾ بَلِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

لشڪرن جي، فرعون ۽ ثمود جي. پر اهي ڪافر

فِيْ تَكْذِيْبٍ ﴿١٩﴾ وَّ اللّٰهُ مِنْ وَّرَآئِهِمْ مُّحِيْطٌ ﴿٢٠﴾

ڪوڙي ڪرڻ ۾ آهن، ۽ الله سندن چوڌاري گهيرو ڪندڙ آهي.

بَلْ هُوَ قُرْاٰنٌ مَّجِيْدٌ ۟ۙ فِيْ لَوْحٍ مَّحْفُوْظٍ ۟ ع

بلڪ اهو قرآن وڏي شان وارو آهي، لکيل ڦرهي ساندڻيل ۾. ❶

سُوْرَةُ الطَّارِقِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ سَبْعَ عَشْرَةَ اٰيَةً

سورت طارق مڪي آهي ۽ اها سترهن آيتون آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

وَ السَّمَآءِ وَ الطَّارِقِ ۟ۙ وَ مَاۤ اَدْرٰىكَ مَا الطَّارِقُ ۟ۙ

قسم آهي آسمان جو ۽ رات ۾ ايندڙ جو، ۽ ڇا خبر توکي ڇا آهي رات جو ايندڙ.

النَّجْمُ الثَّاقِبُ ۟ۙ اِنْ كُلُّ نَفْسٍ لَّمَّا عَلَيْهَا حَافِظٌ ۟ؕ

اهو تارو چمڪندڙ آهي، ناهي ڪوئي ساهه وارو مگر ان تي نگهبان آهي. ❷

فَلْيَنْظُرِ الْاِنْسَانُ مِمَّ خُلِقَ ۟ؕ خُلِقَ مِنْ مَّآءٍ دَافِقٍ ۟ۙ

پوءِ پيل ڏسي انسان تہ ڇا مان پيدا ڪيو ويو آهي. پيدا ڪيو ويو پاڻيءَ اڇليل مان،

يَّخْرُجُ مِنْۢ بَيْنِ الصُّلْبِ وَ التَّرَآىِٕبِ ۟ؕ اِنَّهٗ عَلٰى رَجْعِهٖ

جو نڪري ٿو وچان پُٺيءَ ۽ ڇاتيءَ جي. ❸ بيشڪ اهو ان جي ❹ موٽائڻ تي

لَقَادِرٌ ۟ؕ يَوْمَ تُبْلَى السَّرَآىِٕرُ ۟ۙ فَمَا لَهٗ مِنْ

سگهه رکندڙ آهي. جنهن ڏينهن جاچيا ويندا راز دلين جا، پوءِ نہ ان کي ڪا

قُوَّةٍ وَّ لَا نَاصِرٍ ۟ؕ وَ السَّمَآءِ ذَاتِ الرَّجْعِ ۟ۙ

طاقت هوندي ۽ نہ ڪوئي پرجهلو. قسم آهي آسمان مينهن واري جو،

وَ الْاَرْضِ ذَاتِ الصَّدْعِ ۟ۙ اِنَّهٗ لَقَوْلٌ

قسم آهي ڌرتيءَ ڦاٽي ڦُٽائڻ واريءَ جو، تہ بيشڪ اهو آهي ڪلام

فَصْلٌ ۟ۙ وَّ مَا هُوَ بِالْهَزْلِ ۟ؕ اِنَّهُمْ يَكِيْدُوْنَ كَيْدًا ۟ۙ

فيصلو ڪندڙ ❺ ۽ ناهي اهو چرچو. بيشڪ اهي رٿون ٿا رٿين،

ع ١٧ ١١

وَّ اَكِيۡدُ كَيۡدًا ۚۖ ﴿١٦﴾ فَمَهِّلِ الۡكٰفِرِيۡنَ اَمۡهِلۡهُمۡ رُوَيۡدًا ﴿١٧﴾ ع

۽ آءٌ بہ رٿ تو رٿيان، پوءِ (اي نبي) ڍَر ڏجِ كافرن کي ڍر ڏئينِ ٿوري. ❶

سُوۡرَةُ الۡاَعۡلٰى مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ تِسۡعَ عَشۡرَةَ اٰيَةً

سورت اعلىٰ مکي آهي ۽ اها اُڻويهه آيتون آهي

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

سَبِّحِ اسۡمَ رَبِّكَ الۡاَعۡلَى ۙ ﴿١﴾ الَّذِىۡ خَلَقَ فَسَوّٰى ۙ ﴿٢﴾

تون پاڪائي بيان ڪر پنهنجي رب مٿاهين جي نالي جي، ❷ جنهن پيدا ڪيو پوءِ تيار ڪيائين،

وَ الَّذِىۡ قَدَّرَ فَهَدٰى ۙ ﴿٣﴾ وَ الَّذِىۡۤ اَخۡرَجَ الۡمَرۡعٰى ۙ ﴿٤﴾

۽ جنهن پورو ناهيو پوءِ رستو ڏنائين، ❸ ۽ جنهن اياريو گاهه کي،

فَجَعَلَهٗ غُثَآءً اَحۡوٰى ؕ ﴿٥﴾ سَنُقۡرِئُكَ فَلَا تَنۡسٰٓى ۙ ﴿٦﴾ اِلَّا

پوءِ ڪيائينس سُڪو سڙيو. اجهو توکي پڙهائينداسون پوءِ نہ وساريندين، ❹ مگر

مَا شَآءَ اللّٰهُ ؕ اِنَّهٗ يَعۡلَمُ الۡجَهۡرَ وَ مَا يَخۡفٰى ؕ ﴿٧﴾ وَ

جيڪي گهري الله، بيشڪ اهو ڄاڻي ٿو ظاهر کي ۽ جو ڳجهو آهي. ۽

نُيَسِّرُكَ لِلۡيُسۡرٰى ۚۖ ﴿٨﴾ فَذَكِّرۡ اِنۡ نَّفَعَتِ الذِّكۡرٰى ؕ ﴿٩﴾

آسان ڪري ڏينداسون توکي شريعت، پوءِ سمجهاءِ جيڪڏهن نفعو ڏئي سمجهاڻي. ❺

سَيَذَّكَّرُ مَنۡ يَّخۡشٰى ۙ ﴿١٠﴾ وَ يَتَجَنَّبُهَا الۡاَشۡقَى ۙ ﴿١١﴾ الَّذِىۡ يَصۡلَى

سمجهي وٺندو جيڪو ڊڄندو، ۽ پاسيرو ٿيندو ان کان نياڳو، جيڪو پوندو

النَّارَ الۡكُبۡرٰى ۚ ﴿١٢﴾ ثُمَّ لَا يَمُوۡتُ فِيۡهَا وَ لَا يَحۡيٰى ؕ ﴿١٣﴾ قَدۡ اَفۡلَحَ

باهه وڏيءَ ۾. پوءِ نہ مرندو ان ۾ ۽ نہ جيئندو. ❻ بلاشڪ ڇُٽي ويو

مَنۡ تَزَكّٰى ۙ ﴿١٤﴾ وَ ذَكَرَ اسۡمَ رَبِّهٖ فَصَلّٰى ؕ ﴿١٥﴾ بَلۡ

جيڪو پاڪ ٿيو، ❼ ۽ ياد ڪيائين نالو پنهنجي رب جو ❽ پوءِ نماز پڙهيائين، پر

تُؤْثِرُوْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا ﴿١٦﴾ وَ الْاٰخِرَةُ خَيْرٌ وَّ اَبْقٰى ﴿١٧﴾

توهان پسند ٿا ڪريو حياتي دنيا جي، حالانڪ پوين جهان پلو ۽ سدائين رهڻ جو آهي.

اِنَّ هٰذَا لَفِي الصُّحُفِ الْاُوْلٰى ﴿١٨﴾ صُحُفِ اِبْرٰهِيْمَ وَ مُوْسٰى ﴿١٩﴾

بيشڪ هي بيان پهرين ۾ آهي، ❶ ابراهيم ۽ موسيٰ جي ڪتابن ۾. ڪتابن

ع ١ ١٩ ١٢

سُوْرَةُ الْغَاشِيَةِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ سِتٌّ وَّعِشْرُوْنَ اٰيَةً

سورت غاشيہ مڪي آهي ۽ اها ڇويھ آيتون آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

هَلْ اَتٰىكَ حَدِيْثُ الْغَاشِيَةِ ﴿١﴾ وُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ خَاشِعَةٌ ﴿٢﴾

(اي نبي) ڇا پهتي تو وٽ قيامت جي. ڳالهہ ڪيترا ڇهرا تنهن ڏينهن خوار هوندا،

عَامِلَةٌ نَّاصِبَةٌ ﴿٣﴾ تَصْلٰى نَارًا حَامِيَةً ﴿٤﴾ تُسْقٰى مِنْ عَيْنٍ اٰنِيَةٍ ﴿٥﴾

لوڙيندڙ ٿڪجي پوندڙ، ❷ پوندا باهہ سخت گرم ۾، پيارِيا ويندا چشمي ٿهڪندڙ مان.

لَيْسَ لَهُمْ طَعَامٌ اِلَّا مِنْ ضَرِيْعٍ ﴿٦﴾ لَّا يُسْمِنُ وَ لَا يُغْنِيْ

ناهي انهن لاءِ ڪوڪاڌو مگر زهري ڪانڊيرو، ❸ جو نہ سبر ڪندو ۽ نڪي هٽائيندو

مِنْ جُوْعٍ ﴿٧﴾ وُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ نَّاعِمَةٌ ﴿٨﴾ لِّسَعْيِهَا رَاضِيَةٌ ﴿٩﴾

بُک. ❹ ڪي منهن ان ڏينهن تازا، پنهنجي ڪمائيءَ تي خوش ٿيندڙ،

فِيْ جَنَّةٍ عَالِيَةٍ ﴿١٠﴾ لَّا تَسْمَعُ فِيْهَا لَاغِيَةً ﴿١١﴾ فِيْهَا عَيْنٌ

بهشت عاليشان ۾ هوندا، نہ ٻڌندا اتي ڪا اجائي ڳالهہ. ان ۾ هڪ چشمو

جَارِيَةٌ ﴿١٢﴾ فِيْهَا سُرُرٌ مَّرْفُوْعَةٌ ﴿١٣﴾ وَّ اَكْوَابٌ مَّوْضُوْعَةٌ ﴿١٤﴾ وَّ نَمَارِقُ

وهندڙ آهي. ان ۾ آهن تخت مٿي ڪيل، ۽ گلاس رکيل، ❺ ۽ وهاڻا

وقف لازم

مَصْفُوْفَةٌ ﴿١٥﴾ وَّ زَرَابِيُّ مَبْثُوْثَةٌ ﴿١٦﴾ اَ فَلَا يَنْظُرُوْنَ اِلَى الْاِبِلِ كَيْفَ

قطارون تيل، ۽ غاليچا وڇايل. ڇا نہ ٿا نهارين اُٺ ڏانهن ڪيئن

خُلِقَتْ ﴿١٧﴾ وقفة وَ اِلَى السَّمَآءِ كَيْفَ رُفِعَتْ ﴿١٨﴾ وقفة وَ اِلَى الْجِبَالِ

پيدا ڪيو ويو آهي. ❶ ۽ آسمان ڏانهن ڪيئن نہ مٿي ڪيو ويو آهي. ۽ جبلن ڏانهن

كَيْفَ نُصِبَتْ ﴿١٩﴾ وقفة وَ اِلَى الْاَرْضِ كَيْفَ سُطِحَتْ ﴿٢٠﴾ وقفة فَذَكِّرْ ط قف اِنَّمَآ

ڪيئن نہ کوڙيل آهن. ۽ زمين ڏانهن ڪيئن نہ پٿاريل آهي. ❷ پوءِ سمجهاءِ، رڳو

اَنْتَ مُذَكِّرٌ ﴿٢١﴾ ط لَسْتَ عَلَيْهِمْ بِمُصَيْطِرٍ ﴿٢٢﴾ لا اِلَّا مَنْ

تون سمجهائيندڙ آهين. تون ناهين انهن تي ضابطو رکندڙ، ❸ مگر جيڪو

تَوَلّٰى وَ كَفَرَ ﴿٢٣﴾ لا فَيُعَذِّبُهُ اللّٰهُ الْعَذَابَ الْاَكْبَرَ ﴿٢٤﴾ ط

مُنهن ڦيري ۽ منڪر ٿئي، پوءِ سزا ڏيندو ان کي الله سزا تمام وڏي.

اِنَّ اِلَيْنَآ اِيَابَهُمْ ﴿٢٥﴾ لا ثُمَّ اِنَّ عَلَيْنَا حِسَابَهُمْ ﴿٢٦﴾ ع

بيشڪ اسان ڏانهن آهي موٽڻ انهن جو، پوءِ بيشڪ اسان تي آهي حساب انهن جو.

النصف

سُوْرَةُ الْفَجْرِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ ثَلٰثُوْنَ اٰيَةً

سورت فجر مڪي آهي ۽ اها ٽيهہ آيتون آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

وَ الْفَجْرِ ﴿١﴾ لا وَ لَيَالٍ عَشْرٍ ﴿٢﴾ لا وَّ الشَّفْعِ وَ الْوَتْرِ ﴿٣﴾ لا وَ الَّيْلِ

قسم آهي پرھ ڦٽي جو، ❹ ۽ راتين ڏھن جو، ❺ ۽ ٻڌيءَ ۽ اِڪيءَ جو، قسم رات جو

اِذَا يَسْرِ ﴿٤﴾ ج هَلْ فِيْ ذٰلِكَ قَسَمٌ لِّذِيْ حِجْرٍ ﴿٥﴾ ط اَ لَمْ تَرَ كَيْفَ

جڏهن هلي. ❻ بيشڪ آهي انهن ۾ قسم عقل واري لاءِ. ڇا تون نہ ڏٺو ڪھڙي ڪار

فَعَلَ رَبُّكَ بِعَادٍ ﴿٦﴾ لا اِرَمَ ذَاتِ الْعِمَادِ ﴿٧﴾ صلے الَّتِيْ لَمْ يُخْلَقْ

ڪئي تنهنجي رب قوم عاد ❼ ارم ٿنين واري سان، اهي جونہ ٺاھيو ويو

مِثْلُهَا فِي الْبِلَادِ ﴿٨﴾ صلے وَ ثَمُوْدَ الَّذِيْنَ جَابُوا الصَّخْرَ

تن جهڙو شهرن ۾ ۽ قوم ثمود سان جن گهڙيون هيون ڇپون

بِالْوَادِ ۝٩ وَ فِرْعَوْنَ ذِي الْاَوْتَادِ ۝١٠ الَّذِيْنَ طَغَوْا فِي الْبِلَادِ ۝١١

وادي القرٰي ۾، ۽ فرعون ميخن واري سان، (١) جيڪي ظلم پيا ڪن شهرن ۾،

فَاَكْثَرُوْا فِيْهَا الْفَسَادَ ۝١٢ فَصَبَّ عَلَيْهِمْ رَبُّكَ سَوْطَ عَذَابٍ ۝١٣

پوءِ گهڻو ڪيائون اتي فساد، پوءِ وهايو انهن تي تنهنجي رب لڪڻ (٢) عذاب جو،

اِنَّ رَبَّكَ لَبِالْمِرْصَادِ ۝١٤ فَاَمَّا الْاِنْسَانُ اِذَا مَا ابْتَلٰهُ

بيشڪ تنهنجو پالڻهار آهي گهات تي. پوءِ انسان کي جڏهن آزمائي تو

رَبُّهٗ فَاَكْرَمَهٗ وَ نَعَّمَهٗ ۙ فَيَقُوْلُ رَبِّيْٓ

سندس پالڻهار پوءِ عزت ڏئي ٿو ان کي ۽ آسودو ڪريس ٿو تڏهن چوي ٿو رب منهنجي

اَكْرَمَنِ ۝١٥ وَاَمَّآ اِذَا مَا ابْتَلٰهُ فَقَدَرَ عَلَيْهِ

نوازيو آهي مون کي. وري جڏهن آزمائي ٿو ان کي پوءِ تنگ ڪري ٿو ان تي

رِزْقَهٗ ۙ فَيَقُوْلُ رَبِّيْٓ اَهَانَنِ ۝١٦ كَلَّا بَلْ لَّا

سندس روزي، تڏهن چوي ٿو رب منهنجي خوار ڪيو مون کي. (٣) ائين ناهي پر نه

تُكْرِمُوْنَ الْيَتِيْمَ ۝١٧ وَ لَا تَحٰٓضُّوْنَ عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِيْنِ ۝١٨

عزت ڏيندا آهيو ڇوري ٻار کي، ۽ نڪي شوق ڏياريندا آهيو کارائڻ غريب جي تي، (٤)

وَ تَاْكُلُوْنَ التُّرَاثَ اَكْلًا لَّمًّا ۝١٩ وَّ تُحِبُّوْنَ الْمَالَ حُبًّا جَمًّا ۝٢٠

۽ کائيندا آهيو مُئن جو مال سارو ميڙي، ۽ چاهيندا آهيو مال کي تمام گهڻو.

كَلَّآ اِذَا دُكَّتِ الْاَرْضُ دَكًّا دَكًّا ۝٢١ وَّ جَآءَ رَبُّكَ

خبردار! جڏهن سَنئين ڪئي ويندي ڌرتي ڪُٽي ڪُٽي، ۽ ايندو تنهنجو رب

وَ الْمَلَكُ صَفًّا صَفًّا ۝٢٢ وَ جِایْٓءَ يَوْمَئِذٍۭ بِجَهَنَّمَ ۙ يَوْمَئِذٍ

۽ ايندا مَلڪ قطارون ڪري. ۽ آندو ويندو ان ڏينهن دوزخ، (٥) تنهن ڏينهن

يَّتَذَكَّرُ الْاِنْسَانُ وَ اَنّٰى لَهُ الذِّكْرٰى ۝٢٣ يَقُوْلُ يٰلَيْتَنِيْ

سمجهندو ماڻهو ۽ ڪٿي ان کي فائدو ڏيندي اها سمجهه. چوندو جيڪر مون

قَدَّمْتُ لِحَيَاتِيْ ﴿٢٤﴾ ج فَيَوْمَئِذٍ لَّا يُعَذِّبُ عَذَابَهٗۤ

اڳ ۾ موڪليان ها هن زندگيءَ لاءِ. پوءِ ان ڏينهن نه عذاب ڏيندو ان جي عذاب جھڙو

اَحَدٌ ﴿٢٥﴾ لا وَّ لَا يُوْثِقُ وَثَاقَهٗۤ اَحَدٌ ﴿٢٦﴾ ط يٰۤاَيَّتُهَا النَّفْسُ

ڪوئي به، ۽ نه ٻَڌندو ان جي ٻڌڻ جھڙو ڪوئي به. اي نفس

الْمُطْمَئِنَّةُ ﴿٢٧﴾ ق ارْجِعِيْۤ اِلٰى رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً ﴿٢٨﴾ ج

قرار وٺندڙ (دين تي)، موٽي هل پنهنجي پروردگار ڏانهن خوش ٿي اهو توکان خوش آهي.

فَادْخُلِيْ فِيْ عِبٰدِيْ ﴿٢٩﴾ لا وَ ادْخُلِيْ جَنَّتِيْ ﴿٣٠﴾ ع

پوءِ هليو وڃ منهنجي ٻانهن ۾، ❶ ۽ گهڙي پؤ منهنجي جنت ۾.

سُوْرَةُ الْبَلَدِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ عِشْرُوْنَ اٰيَةً

سورت بلد مڪي آهي ۽ اها ويھ آيتون آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله ٻاجھاري مهربان جي نالي سان.

لَاۤ اُقْسِمُ بِهٰذَا الْبَلَدِ ﴿١﴾ لا وَ اَنْتَ حِلٌّۢ بِهٰذَا الْبَلَدِ ﴿٢﴾ لا

قسم آهي هن (مڪي) شهر جو، ۽ تون لهندڙ آهين هن شهر ۾، ❷

وَ وَالِدٍ وَّ مَا وَلَدَ ﴿٣﴾ لا لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ

۽ قسم آهي ڄڻيندڙجو ۽ جيڪو ڄائو، ته بيشڪ پيدا ڪيوسون انسان کي

فِيْ كَبَدٍ ﴿٤﴾ ط اَ يَحْسَبُ اَنْ لَّنْ يَّقْدِرَ عَلَيْهِ اَحَدٌ ﴿٥﴾ م يَقُوْلُ

ڏاکڙي ۾. ❸ ڇا ڀانئي ٿو ته هرگز نه سوگهو ڪندو ان تي ڪوئي. چوي ٿو ته

اَهْلَكْتُ مَالًا لُّبَدًا ﴿٦﴾ ط اَ يَحْسَبُ اَنْ لَّمْ يَرَهٗۤ اَحَدٌ ﴿٧﴾ ط اَ

مون کپايو آهي مال تمام گهڻو. ڇا ڀانئي ٿو ته نه ڏٺو اٿس ڪنهن به. ڇا

لَمْ نَجْعَلْ لَّهٗ عَيْنَيْنِ ﴿٨﴾ لا وَ لِسَانًا وَّ شَفَتَيْنِ ﴿٩﴾ لا وَ هَدَيْنٰهُ

نه ڪيون سون ان لاءِ ٻه اکيون، ۽ هڪ ڄڀ ۽ ٻه چپ، ۽ ڏيکاريا سون ان کي

وقف لازم

النَّجْدَيْنِ ﴿١٠﴾ فَلَا اقْتَحَمَ الْعَقَبَةَ ﴿١١﴾ وَ مَآ اَدْرٰىكَ مَا
ٻہ رستا. پوءِ نہ لنگھيو اهو ڪنهن لڪ مان. ۽ ڇا خبر توکي ڇا هي
الْعَقَبَةُ ﴿١٢﴾ فَكُّ رَقَبَةٍ ﴿١٣﴾ اَوْ اِطْعٰمٌ فِيْ يَوْمٍ ذِيْ مَسْغَبَةٍ ﴿١٤﴾
اهو لڪُ. آزاد ڪرڻ ٻانهي کي، يا کاڌو کارائڻ زماني ڏکار واري ۾،
يَّتِيْمًا ذَا مَقْرَبَةٍ ﴿١٥﴾ اَوْ مِسْكِيْنًا ذَا مَتْرَبَةٍ ﴿١٦﴾ ثُمَّ كَانَ
ڪنهن ڇوري ٻار مائٽي واري کي، يا ڪنهن غريب مٽيءَ هٽي کي. ❶ پوءِ هجي
مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ تَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ وَ
انهن مان جن ايمان آندو ۽ پارت ڪيائون هڪ ٻئي کي صبر جي ۽
تَوَاصَوْا بِالْمَرْحَمَةِ ﴿١٧﴾ اُولٰٓئِكَ
پارت ڪيائون هڪ ٻئي کي ٻاجھ ڪرڻ جي. اهي ئي آهن (سڀاڳا)
اَصْحٰبُ الْمَيْمَنَةِ ﴿١٨﴾ وَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِنَا
ساڄي پاسي وارا. ۽ جن ڪفر ڪيو اسان جي آيتن جو
هُمْ اَصْحٰبُ الْمَشْئَمَةِ ﴿١٩﴾ عَلَيْهِمْ نَارٌ مُّؤْصَدَةٌ ﴿٢٠﴾
اهي آهن (نڀاڳا) کاٻي پاسي وارا. انهن تي باهہ دميل هوندي. ❷

سُوْرَةُ الشَّمْسِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ خَمْسَ عَشْرَةَ اٰيَةً

سورت شمس مڪي آهي ۽ اها پندرهن آيتون آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ
شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

وَ الشَّمْسِ وَ ضُحٰهَا ﴿١﴾ وَ الْقَمَرِ اِذَا تَلٰهَا ﴿٢﴾ وَ
قسم سِجَ جو ۽ ان جي سوجهري جو، ❸ قسم چنڊ جو جڏهن ان جي پويان اچي، قسم
النَّهَارِ اِذَا جَلّٰهَا ﴿٣﴾ وَ الَّيْلِ اِذَا يَغْشٰهَا ﴿٤﴾
ڏينهن جو جڏهن سِجَ کي چٽو ڪري، قسم رات جو جڏهن سِجَ کي ڍڪي ڇڏي،

وَ السَّمَآءِ وَ مَا بَنٰىهَا ۝٥ وَ الۡاَرۡضِ وَ مَا

قسم آسمان جو ۽ ان جو جنهن بنايو انهيءَ کي، قسم زمين جو ۽ ان جو

طَحٰىهَا ۝٦ وَ نَفۡسٍ وَّ مَا سَوّٰىهَا ۝٧

جنهن پکيڙيو انهيءَ کي، قسم نفس جو ۽ ان جو جنهن سڌو ناهيو ان کي،

فَاَلۡهَمَهَا فُجُوۡرَهَا وَ تَقۡوٰىهَا ۝٨ قَدۡ اَفۡلَحَ مَنۡ

پوءِ سمجهايائين ان کي سندس بڇڙائي ۽ چڱائي، بيشڪ ڇٽي ويو اهو جنهن

زَكّٰىهَا ۝٩ وَ قَدۡ خَابَ مَنۡ دَسّٰىهَا ۝١٠ كَذَّبَتۡ

پاڪ رکيو ان کي، ❶ ۽ بيشڪ هارايو ان جنهن گندو ڪيو ان کي. ڪوڙو ڪيو

ثَمُوۡدُ بِطَغۡوٰىهَاۤ ۝١١ اِذِ انۡۢبَعَثَ اَشۡقٰىهَا ۝١٢ فَقَالَ

ثمود وارن پنهنجي شرارت سان، جڏهن اٿيو انهن جو وڏو نامراد، ❷ پوءِ چيو

لَهُمۡ رَسُوۡلُ اللّٰهِ نَاقَةَ اللّٰهِ وَ سُقۡيٰهَا ۝١٣

انهن کي الله جي رسول ته ڇڏيو الله جي ڏاچيءَ کي ۽ ان جي پيئڻ جي واري کي.

فَكَذَّبُوۡهُ فَعَقَرُوۡهَا ۝ فَدَمۡدَمَ عَلَيۡهِمۡ رَبُّهُمۡ

پوءِ ڪوڙو ڪيائون ان کي ۽ ڪنائون ڏاچيءَ کي، پوءِ تباهي آندي انهن تي انهن جي رب

بِذَنۡۢبِهِمۡ فَسَوّٰىهَا ۝١٤ وَ لَا يَخَافُ عُقۡبٰهَا ۝١٥

انهن جي ڏوھ ڪري پوءِ سڌو ڪيائين انهن کي، ۽ نه ٿو ڊڄي انهن جي بدلي کان.

سُوۡرَةُ الّيۡلِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ اِحۡدٰي وَعِشۡرُوۡنَ اٰيَةً

سورت ليل مڪي آهي ۽ اها ايڪيھ آيتون آهي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۝

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

وَ الَّيۡلِ اِذَا يَغۡشٰى ۝١ وَ النَّهَارِ اِذَا تَجَلّٰى ۝٢ وَ مَا

قسم رات جو جڏهن ڍڪي ٿي، ❶ قسم ڏينهن جو جڏهن ظاهر ٿئي ٿو، ۽ ان جو

خَلَقَ الذَّكَرَ وَ الۡاُنۡثٰۤی ۙ﴿۳﴾ اِنَّ سَعۡیَكُمۡ لَشَتّٰی ؕ﴿۴﴾

جنهن پيدا ڪيو نر ۽ مادي ڪي، تہ بيشڪ ڪوشش توهان جي جدا جدا آهي. ❶

فَاَمَّا مَنۡ اَعۡطٰی وَ اتَّقٰی ۙ﴿۵﴾ وَ صَدَّقَ بِالۡحُسۡنٰی ۙ﴿۶﴾

پوءِ جيڪو ڏئي تو ۽ ڊڄي ٿو، ۽ سچو چوي ٿو چڱائي ڪي،

فَسَنُیَسِّرُهٗ لِلۡیُسۡرٰی ؕ﴿۷﴾ وَ اَمَّا مَنۡۢ بَخِلَ وَ

تہ اسان ڪري ڏينداسون ان ڪي سَولو رستو. ❷ ۽ پر جيڪو نہ ٿو ڏئي ۽

اسۡتَغۡنٰی ۙ﴿۸﴾ وَ كَذَّبَ بِالۡحُسۡنٰی ۙ﴿۹﴾ فَسَنُیَسِّرُهٗ

بي پرواهي ڪري ٿو، ❸ ۽ ڪوڙو ڄاڻي ٿو چڱائي ڪي، تہ آسان ڪري ڏينداسون ان ڪي

لِلۡعُسۡرٰی ؕ﴿۱۰﴾ وَ مَا یُغۡنِیۡ عَنۡهُ مَالُهٗۤ اِذَا تَرَدّٰی ؕ﴿۱۱﴾ اِنَّ

ڏکيو رستو. ۽ نہ بچائيندو ان ڪي سندس مال جڏهن ڪرندو ڪڏهِ، بيشڪ

عَلَیۡنَا لَلۡهُدٰی ۫ۖ﴿۱۲﴾ وَ اِنَّ لَنَا لَلۡاٰخِرَةَ وَ الۡاُوۡلٰی ﴿۱۳﴾

اسان تي آهي راهہ ڏيکارڻ، ۽ بيشڪ اسان جي آهي آخرت ۽ دنيا.

فَاَنۡذَرۡتُكُمۡ نَارًا تَلَظّٰی ۚ﴿۱۴﴾ لَا یَصۡلٰىهَاۤ اِلَّا الۡاَشۡقَی ۙ﴿۱۵﴾

پوءِ مون ڊيڄاريو توهان کي باهہ کان جا ڀڙڪي ٿي ڪري. نہ پوندو ان ۾ مگر نياڳو،

الَّذِیۡ كَذَّبَ وَ تَوَلّٰی ؕ﴿۱۶﴾ وَ سَیُجَنَّبُهَا

جنهن ڪوڙو ڪيو ۽ منهن موڙيو. ۽ پري ڪيو ويندو ان کان

الۡاَتۡقَی ۙ﴿۱۷﴾ الَّذِیۡ یُؤۡتِیۡ مَالَهٗ یَتَزَكّٰی ۚ﴿۱۸﴾ وَ مَا

پرهيزگار، جيڪو ڏئي تو پنهنجي مال کي تہ پاڪ ٿئي. ۽ ناهي

لِاَحَدٍ عِنۡدَهٗ مِنۡ نِّعۡمَةٍ تُجۡزٰۤی ۙ﴿۱۹﴾ اِلَّا ابۡتِغَآءَ

ڪنهين جو ان تي ڪو تورو ٿيل جو لاهجي، پر ڏئي تو گهرندي

وَجۡهِ رَبِّهِ الۡاَعۡلٰی ۚ﴿۲۰﴾ وَ لَسَوۡفَ یَرۡضٰی ﴿۲۱﴾ ع

رضا پنهنجي رب وڏي شان واري جي. ۽ سگهو سَرهو ٿيندو. ❹

سُوْرَةُ الضُّحٰي مَكِيَّةٌ وَّهِيَ اِحْدٰے عَشَرَةَ اٰيَةً

سورت ضحيٰ مکي آهي ۽ اها يارهن آيتون آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

وَ الضُّحٰى ۙ﴿۱﴾ وَ الَّيْلِ اِذَا سَجٰى ۙ﴿۲﴾ مَا وَدَّعَكَ

قسم ڪچڙيءَ منجهند جو، قسم رات جو جڏهن ڇانئجي، ❶ ته نه ڇڏيو توکي

رَبُّكَ وَ مَا قَلٰى ؕ﴿۳﴾ وَ لَلْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لَّكَ مِنَ الْاُوْلٰى ؕ﴿۴﴾

تنهنجي پالڻهار ۽ نه بيزار ٿيو. ❷ ۽ بيشڪ پوئين حالت بهتر آهي تولاءِ پهرين کان.

وَ لَسَوْفَ يُعْطِيْكَ رَبُّكَ فَتَرْضٰى ؕ﴿۵﴾ اَ لَمْ يَجِدْكَ

۽ جلد عطا ڪندو توکي تنهنجو رب پوءِ راضي ٿيندين. ❸ ڇا نه ڏٺائين توکي

يَتِيْمًا فَاٰوٰى ۪﴿۶﴾ وَ وَجَدَكَ ضَآلًّا فَهَدٰى ۪﴿۷﴾ وَ وَجَدَكَ

يتيم پوءِ جڳهه ڏنائين، ❹ ۽ لڌائين توکي اڻ واقف پوءِ رستي لاتائين، ❺ ۽ ڏٺائين توکي

عَآئِلًا فَاَغْنٰى ؕ﴿۸﴾ فَاَمَّا الْيَتِيْمَ فَلَا تَقْهَرْ ؕ﴿۹﴾ وَ اَمَّا

مسڪين پوءِ آسودو ڪيائين. پوءِ يتيم تي سختي نه ڪجانءِ. ۽

السَّآئِلَ فَلَا تَنْهَرْ ؕ﴿۱۰﴾ وَ اَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ ع﴿۱۱﴾

ع ١١ ١٨

سوالي کي جهڻڪ نه ڏجانءِ. ❻ ۽ ڇا مهرباني تنهنجي پروردگار جي آهي پوءِ بيان ڪر.

سُوْرَةُ الْاِنْشِرَاحِ مَكِيَّةٌ وَّهِيَ ثَمَانِيَ اٰيَاتٍ

سورت انشراح مکي آهي ۽ اها اٺ آيتون آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

اَ لَمْ نَشْرَحْ لَكَ صَدْرَكَ ۙ﴿۱﴾ وَ وَضَعْنَا عَنْكَ وِزْرَكَ ۙ﴿۲﴾

اي نبي ڇا نه کوليوسون تولاءِ سِينو تنهنجو، ❼ ۽ لاتوسون توکان بار تنهنجو،

الَّذِيْۤ اَنْقَضَ ظَهْرَكَ ﴿٣﴾ وَ رَفَعْنَا لَكَ ذِكْرَكَ ﴿٤﴾

جنهن ٽوڙيو پُٺي تنهنجي کي، ۽ مٿانهون ڪيوسون تو لاءِ تنهنجي ذڪر کي. ❷

فَاِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا ﴿٥﴾ اِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا ﴿٦﴾

پوءِ بيشڪ ڏُک سان گڏ سُک آهي، بيشڪ ڏُک سان گڏ سُک آهي.

فَاِذَا فَرَغْتَ فَانْصَبْ ﴿٧﴾ وَ اِلٰى رَبِّكَ فَارْغَبْ ﴿٨﴾

پوءِ جڏهن واندو ٿئين تہ پوءِ محنت ڪر، ۽ پنهنجي رب ڏي پوءِ ڌيان ڪر. ❸

ع ١ / ١٨ / ١٩

سُوْرَةُ التِّيْنِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ ثَمَانُ اٰيَاتٍ

سورت تين مڪي آهي ۽ اها اٺ آيتون آهي،

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

وَ التِّيْنِ وَ الزَّيْتُوْنِ ﴿١﴾ وَ طُوْرِ سِيْنِيْنَ ﴿٢﴾ وَ هٰذَا

قسم انجير جو ۽ زيتون جو، ❶ قسم طورسينا جو، قسم هن

الْبَلَدِ الْاَمِيْنِ ﴿٣﴾ لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْۤ اَحْسَنِ

شهر امن واري جو، تہ بيشڪ پيدا ڪيوسون انسان کي تمام سهڻي

تَقْوِيْمٍ ﴿٤﴾ ثُمَّ رَدَدْنٰهُ اَسْفَلَ سٰفِلِيْنَ ﴿٥﴾ اِلَّا

انداز ۾، وري هٽايوسون ان کي هيٺاهن کان هيٺ، ❺ مگر

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَلَهُمْ اَجْرٌ

جن ايمان آندو ۽ ڪيا ڪم چڱا تن لاءِ آهي اجر

غَيْرُ مَمْنُوْنٍ ﴿٦﴾ فَمَا يُكَذِّبُكَ بَعْدُ بِالدِّيْنِ ﴿٧﴾

اڻ کُٽ. پوءِ ڪهڙي شيءِ منڪر ٿي بنائي توکي هن کان پوءِ قيامت کان. ❻

اَ لَيْسَ اللّٰهُ بِاَحْكَمِ الْحٰكِمِيْنَ ﴿٨﴾

ڇا ناهي الله ڏاڍو حاڪم سيني حاڪمن کان.

ع ١ / ١٨ / ٢٠

سُوْرَةُ الْعَلَقِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ تِسعَ عَشْرَةَ اٰيَةً

سورت علق مكي آهي ۽ اها اُڻويهہ آيتون آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِيْ خَلَقَ ۚ ① خَلَقَ الْاِنْسَانَ

پڙهہ نالي پنهنجي رب جي سان جنهن پيدا ڪيو. ❶ پيدا ڪيائين انسان کي

مِنْ عَلَقٍ ۚ ② اِقْرَاْ وَ رَبُّكَ الْاَكْرَمُ ۙ ③ الَّذِيْ

رت جي دِڳ مان. پڙهہ ۽ پالڻهار تنهنجو ڏاڍو ڪريم آهي، جنهن

عَلَّمَ بِالْقَلَمِ ۙ ④ عَلَّمَ الْاِنْسَانَ مَا لَمْ يَعْلَمْ ۗ ⑤ كَلَّآ

سيڪاريو قلم سان، ❷ سيڪاريائين انسان کي جيڪي نہ ڄاڻندو هو. خبردار!

اِنَّ الْاِنْسَانَ لَيَطْغٰٓى ۙ ⑥ اَنْ رَّاٰهُ اسْتَغْنٰى ۗ ⑦ اِنَّ

بيشڪ ماڻهو حد کان لنگهي ٿو، جڏهن ياڻي ٿو پاڻ کي بي پرواهہ. يقينن

اِلٰى رَبِّكَ الرُّجْعٰى ۗ ⑧ اَرَءَيْتَ الَّذِيْ يَنْهٰى ۙ ⑨ عَبْدًا

تنهنجي رب ڏانهن موٽڻ آهي. ڇا ڏٺو تو ان کي جو روڪي پيو، ❸ ٻانهي کي

اِذَا صَلّٰى ۗ ⑩ اَرَءَيْتَ اِنْ كَانَ عَلَى الْهُدٰٓى ۙ ⑪

جڏهن نماز پڙهيائين. ڀلا خبر ڏي جيڪڏهن اهو هجي سڌي راهہ تي،

اَوْ اَمَرَ بِالتَّقْوٰى ۗ ⑫ اَرَءَيْتَ اِنْ كَذَّبَ وَ

يا حڪم ڪري پرهيزگاري جو. ڀلا خبر ڏي جي ڪوڙو ڪري ٿو ۽

تَوَلّٰى ۗ ⑬ اَلَمْ يَعْلَمْ بِاَنَّ اللّٰهَ يَرٰى ۗ ⑭ كَلَّا لَئِنْ لَّمْ

منهن موڙي ٿو. ڇا نہ ٿو ڄاڻي تہ الله ڏسي ٿو. خبردار! جيڪڏهن نہ

يَنْتَهِ ۙ ۬ لَنَسْفَعًاۢ بِالنَّاصِيَةِ ۙ ⑮ نَاصِيَةٍ كَاذِبَةٍ

مڙيو، تہ ضرور گهليندا سون ان کي چوٽي کان ونئي، ❹ چوٽي ڪوڙي

خَاطِئَةٍ ۚ ﴿١٦﴾ نَادِيَهٗ ۙ ﴿١٧﴾ سَنَدۡعُ الزَّبَانِيَةَ ۙ ﴿١٨﴾

گنهگار. پوءِ پل تہ سڏي پنهنجي ڪچهري کي، اسان بہ سڏينداسون هڪ پيادي کي،

كَلَّا ؕ لَا تُطِعۡهُ وَ اسۡجُدۡ وَ اقۡتَرِبۡ ۩ ﴿١٩﴾

خبردار!، نہ چيو ونجانءِ انهيءَ جو ۽ تون سجدو ڪر ۽ ويجهو ٿيءُ.

سُوۡرَةُ الۡقَدۡرِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ خَمۡسُ اٰيَاتٍ

سورت قدر مڪي آهي ۽ اها پنج آيتون آهي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

اِنَّاۤ اَنۡزَلۡنٰهُ فِيۡ لَيۡلَةِ الۡقَدۡرِ ۚ ﴿١﴾ وَ مَاۤ اَدۡرٰىكَ مَا

بيشڪ اسان نازل ڪيوسون ان کي قدر جي رات ۾ ❶ ۽ ڇا خبر توکي تہ ڇا آهي

لَيۡلَةُ الۡقَدۡرِ ؕ ﴿٢﴾ لَيۡلَةُ الۡقَدۡرِ ۙ خَيۡرٌ مِّنۡ اَلۡفِ شَهۡرٍ ؕ ﴿٣﴾ تَنَزَّلُ

ليلة القدر. ❷ ليلة القدر وڌيڪ ڀلي آهي هزار مهينن کان. لهن ٿا

الۡمَلٰٓئِكَةُ وَ الرُّوۡحُ فِيۡهَا بِاِذۡنِ رَبِّهِمۡ ۚ

ملائڪ ۽ جبرئيل ان ۾ پنهنجي پروردگار جي موڪل سان

مِنۡ كُلِّ اَمۡرٍ ۙ ﴿٤﴾ سَلٰمٌ ۛ هِيَ حَتّٰى مَطۡلَعِ الۡفَجۡرِ ﴿٥﴾

سيني ڪمن لاءِ، امن آهي، اها رات پرهہ ڦٽڻ تائين.

سُوۡرَةُ الۡبَيِّنَةِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ ثَمَانِيۡ اٰيَاتٍ

سورت بينہ مدني آهي ۽ اها اٺ آيتون آهي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

لَمۡ يَكُنِ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا مِنۡ اَهۡلِ الۡكِتٰبِ وَ الۡمُشۡرِكِيۡنَ

نہ هئا اهي جن ڪفر ڪيو اهل ڪتاب ۽ مشرڪن مان

مُنۡفَكِّيۡنَ حَتّٰى تَاۡتِيَهُمُ الۡبَيِّنَةُ ۙ﴿۱﴾ رَسُوۡلٌ مِّنَ اللّٰهِ
مڙندڙ جيستائين اچي انهن وٽ کو چٽو دليل. ❶ الله جو رسول

يَتۡلُوۡا صُحُفًا مُّطَهَّرَةً ۙ﴿۲﴾ فِيۡهَا كُتُبٌ قَيِّمَةٌ ؕ﴿۳﴾ وَ مَا
جو پڙهي ٻڌائي ٿو سورتون پاڪ، جن ۾ هجن مضمون سِڌا. ۽ نه

تَفَرَّقَ الَّذِيۡنَ اُوۡتُوا الۡكِتٰبَ اِلَّا مِنۡۢ بَعۡدِ مَا جَآءَتۡهُمُ
جُدا ٿيا اهل ڪتاب مگر هن کان بعد جڏهن جو آيو انهن وٽ

الۡبَيِّنَةُ ؕ﴿۴﴾ وَ مَاۤ اُمِرُوۡۤا اِلَّا لِيَعۡبُدُوا اللّٰهَ
چٽو دليل. ۽ نه حڪم ڪيو ويو هو انهن کي مگر جيئن عبادت ڪن الله جي

مُخۡلِصِيۡنَ لَهُ الدِّيۡنَ ۙ۬ حُنَفَآءَ وَ يُقِيۡمُوا الصَّلٰوةَ وَ يُؤۡتُوا
سچائي رکندڙ ان جي دين لاءِ ❷ هڪ طرفا ٿي ۽ قائم ڪن نماز کي ۽ ڏين

الزَّكٰوةَ وَ ذٰلِكَ دِيۡنُ الۡقَيِّمَةِ ؕ﴿۵﴾ اِنَّ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا
زڪوات کي ۽ اهو آهي دين مضبوط. يقينن جيڪي منڪر ٿيا

مِنۡ اَهۡلِ الۡكِتٰبِ وَ الۡمُشۡرِكِيۡنَ فِىۡ نَارِ جَهَنَّمَ خٰلِدِيۡنَ فِيۡهَا ؕ
اهل ڪتاب ۽ مشرڪن مان هوندا باهه دوزخ ۾ يڪو رهندا اتي،

اُولٰٓئِكَ هُمۡ شَرُّ الۡبَرِيَّةِ ؕ﴿۶﴾ اِنَّ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا
اهي ئي بڇڙا آهن سڀني خلق کان. ❸ بيشڪ جن ايمان آندو ۽ ڪيا

الصّٰلِحٰتِ ۙ اُولٰٓئِكَ هُمۡ خَيۡرُ الۡبَرِيَّةِ ؕ﴿۷﴾ جَزَآؤُهُمۡ
ڪم چڱا اهي ئي بهتر آهن سڀني خلق کان. بدلو انهن جو

عِنۡدَ رَبِّهِمۡ جَنّٰتُ عَدۡنٍ تَجۡرِىۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ
سندن پالڻهار وٽ آهن باغ سدائين رهڻ لاءِ وهن ٿيون انهن جي هيٺان واهيون

خٰلِدِيۡنَ فِيۡهَاۤ اَبَدًا ؕ رَضِىَ اللّٰهُ عَنۡهُمۡ
سدائين رهندا ان ۾ هميشه لاءِ، راضي ٿيو الله انهن کان

وَ رَضُوْا عَنْهُ ؕ ذٰلِكَ لِمَنْ خَشِيَ رَبَّهٗ ۸ع

۽ اهي راضي ٿيا ان کان، اهو آهي انهيءَ لاءِ جيڪو ڊنو پنهنجي رب کان.

سُوْرَةُ الزِّلْزَالِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ ثَمَانِيْ اٰيَاتٍ

سورت زلزال مدني آهي ۽ اها اٺ آيتون آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

اِذَا زُلْزِلَتِ الْاَرْضُ زِلْزَالَهَا ۱ لا وَ اَخْرَجَتِ الْاَرْضُ

جڏهن ڌوڏي ويندي ڌرتي پنهنجي ڌوڏي آهر، ۽ ٻاهر ڪيندي ڌرتي

اَثْقَالَهَا ۲ لا وَ قَالَ الْاِنْسَانُ مَا لَهَا ۳ ج يَوْمَئِذٍ تُحَدِّثُ

ڳرا بار پنهنجا، ❶ ۽ چوندو انسان تہ ڇا ٿيو اٿس؟ ان ڏينهن ٻڌائيندي

اَخْبَارَهَا ۴ لا بِاَنَّ رَبَّكَ اَوْحٰى لَهَا ۵ ط يَوْمَئِذٍ يَّصْدُرُ

خبرون پنهنجون. ❷ چو تہ تنهنجي رب حڪم ڪيو آهي ان کي. تنهن ڏينهن نڪرندا

النَّاسُ اَشْتَاتًا ۵ لا لِّيُرَوْا اَعْمَالَهُمْ ۶ ط فَمَنْ يَّعْمَلْ

ماڻهو ٽولا ٽولا ڪري، تہ انهن کي ڏيکاريا وڃن سندن عمل. ❸ پوءِ جنهن ڪئي

مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَّرَهٗ ۷ ط وَ مَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ ۸ ع

ذري جيتري ❹ ڀلائي ڏسندو ان کي. ۽ جنهن ڪئي ذري جيتري برائي ڏسندو ان کي.

سُوْرَةُ الْعٰدِيٰتِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ اِحْدٰى عَشْرَةَ اٰيَةً

سورت عاديات مڪي آهي ۽ اها يارهن آيتون آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

وَ الْعٰدِيٰتِ ضَبْحًا ۱ لا فَالْمُوْرِيٰتِ قَدْحًا ۲ لا

قسم ڀڄندڙن گهوڙن جو هانبارو هڻي، ❺ پوءِ چڻنگون ڪيندڙن جو سُنب ٺوڪي، ❻

فَالْمُغِيْرٰتِ صُبْحًا ﴿٣﴾ فَاَثَرْنَ بِهٖ نَقْعًا ﴿٤﴾ فَوَسَطْنَ بِهٖ

پوءِ لُٽ ڪندڙن جو پرهه ڦٽيءَ پوءِ اُٿاريائون ان مهل دزڪيءَ پوءِ گهڙيا ان مهل

جَمْعًا ﴿٥﴾ اِنَّ الْاِنْسَانَ لِرَبِّهٖ لَكَنُوْدٌ ﴿٦﴾ وَ اِنَّهٗ

لشڪر ۾. ➊ تہ بيشڪ انسان پنهنجي پالڻهار جو ناشڪر آهي. ۽ بيشڪ اهو پاڻ

عَلٰى ذٰلِكَ لَشَهِيْدٌ ﴿٧﴾ وَ اِنَّهٗ لِحُبِّ الْخَيْرِ لَشَدِيْدٌ ﴿٨﴾ اَ فَلَا

انهيءَ تي واقف آهي. ۽ بيشڪ اهو مال جي محبت ۾ سخت آهي. ڇا پوءِ نہ

يَعْلَمُ اِذَا بُعْثِرَ مَا فِي الْقُبُوْرِ ﴿٩﴾ وَ حُصِّلَ مَا

تو ڄاڻي جڏهن اُٿاريا ويندا جيڪي قبرن ۾ آهن، ۽ پڌرو ڪيو ويندو اهو جيڪي

فِي الصُّدُوْرِ ﴿١٠﴾ اِنَّ رَبَّهُمْ بِهِمْ يَوْمَئِذٍ لَّخَبِيْرٌ ﴿١١﴾

سِينن ۾ آهي، ➋ بيشڪ رب انهن جو انهن جي تنهن ڏينهن خبر رکندڙ آهي.

ع ١١ ٢٥

سُوْرَةُ الْقَارِعَةِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ اِحْدٰى عَشْرَةَ اٰيَةً

سورت قارعہ مڪي آهي ۽ اها يارهن آيتون آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

اَلْقَارِعَةُ ﴿١﴾ مَا الْقَارِعَةُ ﴿٢﴾ وَ مَآ اَدْرٰكَ مَا الْقَارِعَةُ ﴿٣﴾

کڙڪائيندڙ. ➌ ڇا آهي کڙڪائيندڙ، ۽ ڇا خبر تو کي تہ ڇا آهي کڙڪائيندڙ.

يَوْمَ يَكُوْنُ النَّاسُ كَالْفَرَاشِ الْمَبْثُوْثِ ﴿٤﴾ وَ تَكُوْنُ الْجِبَالُ

جنهن ڏينهن ٿيندا ماڻهو جيئن پتنگ پکڙيل. ➍ ۽ ٿيندا جبل

كَالْعِهْنِ الْمَنْفُوْشِ ﴿٥﴾ فَاَمَّا مَنْ ثَقُلَتْ مَوَازِيْنُهٗ ﴿٦﴾ فَهُوَ فِيْ عِيْشَةٍ

رنگا رنگي پڃيل اُن جهڙا. ➎ پوءِ جنهن جا ڳرا ٿيا پُڙ تارازيءَ جا، پوءِ اهو گذران

رَّاضِيَةٍ ﴿٧﴾ وَاَمَّا مَنْ خَفَّتْ مَوَازِيْنُهٗ ﴿٨﴾ فَاُمُّهٗ

پسند ڪيل ۾ هوندو. ۽ جنهن جا هلڪا ٿيا پُڙ، پوءِ جاءِ ان جي ➏

هَاوِيَةٌ ﴿٩﴾ وَمَآ اَدۡرٰىكَ مَا هِيَهۡ ﴿١٠﴾ نَارٌ حَامِيَةٌ ﴿١١﴾

هاويه آهي. (اي نبي) توکي ڇا خبر تہ ڇا آهي اها؟ اها باھ آهي تمام گرم.

سُوۡرَةُ التَّكَاثُرِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ ثَمَانُ اٰيَاتٍ

سورت تکاثر مکي آهي ۽ اها اٺ آيتون آهي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

اَلۡهٰكُمُ التَّكَاثُرُ ﴿١﴾ حَتّٰى زُرۡتُمُ الۡمَقَابِرَ ﴿٢﴾ كَلَّا

غافل ڪيو توهان کي گهڻائي ڏيکارڻ، (١) تان جو ڏٺيون توهان قبرون. خبردار!

سَوۡفَ تَعۡلَمُوۡنَ ﴿٣﴾ ثُمَّ كَلَّا سَوۡفَ تَعۡلَمُوۡنَ ﴿٤﴾ كَلَّا لَوۡ تَعۡلَمُوۡنَ

اجهو ڄاڻندا توهان، وري خبردار! اجهو ڄاڻندا توهان. (٢) خبردار! جيڪر ڄاڻو ها

عِلۡمَ الۡيَقِيۡنِ ﴿٥﴾ لَتَرَوُنَّ الۡجَحِيۡمَ ﴿٦﴾ ثُمَّ لَتَرَوُنَّهَا

ڄاڻڻ پڪو. قسم آهي ضرور ڏسندؤ دوزخ کي. پوءِ ضرور توهان ڏسندؤ ان کي

عَيۡنَ الۡيَقِيۡنِ ﴿٧﴾ ثُمَّ لَتُسۡـَٔلُنَّ يَوۡمَئِذٍ عَنِ النَّعِيۡمِ ﴿٨﴾

يقين جي اک سان، (٣) پوءِ ضرور اوهان کان پُڇيو ويندو ان ڏينهن نعمت بابت.

سُوۡرَةُ الۡعَصۡرِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ ثَلٰثُ اٰيَاتٍ

سورت عصر مکي آهي ۽ اها ٽي آيتون آهي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

وَالۡعَصۡرِ ﴿١﴾ اِنَّ الۡاِنۡسَانَ لَفِىۡ خُسۡرٍ ﴿٢﴾ اِلَّا الَّذِيۡنَ

قسم آهي ٽيپهري جو، (٤) تہ بيشک ماڻهو ٽوٽي ۾ آهي، مگر جن

اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَتَوَاصَوۡا بِالۡحَقِّ ﴿٥﴾ وَ

ايمان آندو ۽ ڪيا ڪم چڱا ۽ (٥) هڪ ٻئي کي پارت ڪيائون حق جي ۽

تَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ ﴿٣﴾

هڪ ٻئي کي پارت ڪيائون سهپ جي. ❶

سُوْرَةُ الْهُمَزَةِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ تِسْعُ اٰيَاتٍ

سورت همزة مڪي آهي ۽ اها نَوَ آيتون آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

وَيْلٌ لِّكُلِّ هُمَزَةٍ لُّمَزَةِ ﴿١﴾ الَّذِيْ جَمَعَ مَالًا وَّ

تباهي آهي هر گلاخور ❷ ٽوڪ ڪندڙلاءِ. جنهن ميڙيو مال کي ۽

عَدَّدَهٗ ﴿٢﴾ يَحْسَبُ اَنَّ مَالَهٗٓ اَخْلَدَهٗ ﴿٣﴾ كَلَّا

ڳڻي رکيو ان کي. ❸ ڀانئي ٿو ته سندس مال سَدائين رهائيندو ان کي. ائين ناهي

لَيُنْۢبَذَنَّ فِي الْحُطَمَةِ ﴿٤﴾ وَ مَآ اَدْرٰىكَ مَا الْحُطَمَةُ ﴿٥﴾

ضرور ڪيس اُڇلايو ويندو حطمه ۾. ۽ ڇا خبر توکي ته ڇا آهي حطمه. ❹

نَارُ اللّٰهِ الْمُوْقَدَةُ ﴿٦﴾ الَّتِيْ تَطَّلِعُ عَلَى الْاَفْـِٕدَةِ ﴿٧﴾ اِنَّهَا عَلَيْهِمْ

باهه الله جي ٻاريل، جا چڙهي ايندي دلين تي. ❺ بيشڪ اها انهن تي

مُّؤْصَدَةٌ ﴿٨﴾ فِيْ عَمَدٍ مُّمَدَّدَةٍ ﴿٩﴾

دميل آهي، ڇمنين ڊگهين ۾.

سُوْرَةُ الْفِيْلِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ خَمْسُ اٰيَاتٍ

سورت فيل مڪي آهي ۽ اها پنج آيتون آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

اَلَمْ تَرَ كَيْفَ فَعَلَ رَبُّكَ بِاَصْحٰبِ الْفِيْلِ ﴿١﴾ اَلَمْ يَجْعَلْ

ڇا تو نه ڏٺو ڪيئن ڪيو تنهنجي پروردگار هاٿي وارن سان. ❻ ڇا نه ڪيائين

كَيْدَهُمْ فِيْ تَضْلِيْلٍ ﴿٢﴾ وَّ اَرْسَلَ عَلَيْهِمْ طَيْرًا اَبَابِيْلَ ﴿٣﴾

انهن جي رٿ ردۃ ۾ موڪليائين انهن تي پکي ولر ولر،

تَرْمِيْهِمْ بِحِجَارَةٍ مِّنْ سِجِّيْلٍ ﴿٤﴾ فَجَعَلَهُمْ كَعَصْفٍ مَّاْكُوْلٍ ﴿٥﴾

جو هڻن پيا انهن تي پٿريون ساڪر جون، پوءِ ڪيائين انهن کي جيئن گاهه اوڳڙ.

سُوْرَةُ قُرَيْشٍ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ اَرْبَعُ اٰيَاتٍ

سورت قريش مڪي آهي ۽ اها چار آيتون آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

لِاِيْلٰفِ قُرَيْشٍ ﴿١﴾ اٖلٰفِهِمْ رِحْلَةَ الشِّتَآءِ وَ

قريش کي، چاهه ڏيارڻ لاءِ ‏٢ چاهه ڏيارڻ لاءِ انهن کي سياري سفر ۽

الصَّيْفِ ﴿٢﴾ فَلْيَعْبُدُوْا رَبَّ هٰذَا الْبَيْتِ ﴿٣﴾ الَّذِيْٓ اَطْعَمَهُمْ

اونهاري جي ۾. پوءِ پيل تہ عبادت ڪن هن گهر جي مالڪ جي، جنهن ڪارايو انهن کي

مِّنْ جُوْعٍ ٥ وَّ اٰمَنَهُمْ مِّنْ خَوْفٍ ﴿٤﴾

بُک کان، ۽ بچايو انهن کي ڊپ کان.

سُوْرَةُ الْمَاعُوْنِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ سَبْعُ اٰيَاتٍ

سورت ماعون مڪي آهي ۽ اها سَت آيتون آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

اَ رَءَيْتَ الَّذِيْ يُكَذِّبُ بِالدِّيْنِ ﴿١﴾ فَذٰلِكَ الَّذِيْ

(اي نبي) ڇا ڏٺو تو اهو جو ڪوڙو ڪري پيو بدلي ملڻ کي. پوءِ هي اهو آهي

يَدُعُّ الْيَتِيْمَ ﴿٢﴾ وَلَا يَحُضُّ عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِيْنِ ﴿٣﴾

جو لوڏي ٿو ڇوري ٻارڪي، ‏٣ ۽ نہ ٿو شوق ڏياري ڪارائڻ غريب جي تي.

فَوَيْلٌ لِّلْمُصَلِّيْنَ ۙ﴿٤﴾ الَّذِيْنَ هُمْ عَنْ صَلَاتِهِمْ سَاهُوْنَ ۙ﴿٥﴾

پوءِ تباهي آهي انهن نمازين لاءِ، جيڪي اهي نماز پنهنجي کان ويسلا آهن، ❶

الَّذِيْنَ هُمْ يُرَآءُوْنَ ۙ﴿٦﴾ وَ يَمْنَعُوْنَ الْمَاعُوْنَ ﴿٧﴾ ع

جيڪي اهي ڏيکاءُ ڪن ٿا، ۽ روڪين ٿا اُڌاريون شيون. ❷

ع ١ ٧ ٣٢

سُوْرَةُ الْكَوْثَرِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ ثَلٰثُ اٰيَاتٍ

سورت ڪوثر مڪي آهي ۽ اها ٽي آيتون آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

اِنَّآ اَعْطَيْنٰكَ الْكَوْثَرَ ؕ﴿١﴾ فَصَلِّ لِرَبِّكَ وَ

بيشڪ اسان عطا ڪيوسون توکي ڪوثر. ❸ پوءِ تون نماز پڙهه پنهنجي رب لاءِ ۽

انْحَرْ ؕ﴿٢﴾ اِنَّ شَانِئَكَ هُوَ الْاَبْتَرُ ﴿٣﴾ ع

اُٺ ذبح ڪر. بيشڪ ويري تنهنجو لنڊو آهي.

ع ١ ٣ ٣٣

سُوْرَةُ الْكٰفِرُوْنَ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ سِتُّ اٰيَاتٍ

سورت ڪافرون مڪي آهي ۽ اها ڇهه آيتون آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

قُلْ يٰٓاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ ۙ﴿١﴾ لَآ اَعْبُدُ مَا تَعْبُدُوْنَ ۙ﴿٢﴾

(اي نبي) چؤ اي ڪافرو! نہ عبادت ڪندس مان جنهن ڪي اوهان پوڄيو ٿا،

وَ لَآ اَنْتُمْ عٰبِدُوْنَ مَآ اَعْبُدُ ۚ﴿٣﴾ وَ لَآ اَنَا

۽ نہ اوهان عبادت ڪندڙ آهيو جنهن جي مان عبادت ڪريان ٿو. ۽ نہ مان

عَابِدٌ مَّا عَبَدْتُّمْ ۙ﴿٤﴾ وَ لَآ اَنْتُمْ عٰبِدُوْنَ

عبادت ڪندڙ آهيان جنهن جي اوهان پوڄا ڪئي، ۽ نہ اوهان عبادت ڪندڙ آهيو

مَآ اَعۡبُدُ ﴿۵﴾ لَكُمۡ دِيۡنُكُمۡ وَ لِيَ دِيۡنِ ﴿۶﴾

جنهن جي مون عبادت ڪريان ٿو. توهان لاءِ توهان جو دين آهي ۽ مون لاءِ منهنجو دين.

سُوۡرَةُ النَّصۡرِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ ثَلٰثُ اٰيَاتٍ

سورت نصر مدني آهي ۽ اها ٽي آيتون آهي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

اِذَا جَآءَ نَصۡرُ اللّٰهِ وَ الۡفَتۡحُ ﴿۱﴾ وَ رَاَيۡتَ النَّاسَ

(اي پيغمبر) جڏهن اچي مدد الله جي ۽ ٿئي فتح مڪي، ۽ تون ڏسين ماڻهن کي

يَدۡخُلُوۡنَ فِيۡ دِيۡنِ اللّٰهِ اَفۡوَاجًا ﴿۲﴾ فَسَبِّحۡ بِحَمۡدِ

داخل ٿيندي الله جي دين ۾ ٽولا ٽولا ڪري، پوءِ تون پاڪائي پڙهه حمد

رَبِّكَ وَ اسۡتَغۡفِرۡهُ ؕ اِنَّهٗ كَانَ تَوَّابًا ﴿۳﴾

پنهنجي رب جي سان ۽ معافي گهُر اُن کان، بيشڪ اهوئي آهي توبه قبوليندڙ.

سُوۡرَةُ اللَّهَبِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ خَمۡسُ اٰيَاتٍ

سورت لهب مڪي آهي ۽ اها پنج آيتون آهي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

تَبَّتۡ يَدَاۤ اَبِيۡ لَهَبٍ وَّ تَبَّ ﴿۱﴾ مَاۤ اَغۡنٰى عَنۡهُ مَالُهٗ وَ

ويڄن ڀڳي هٿ ابولهب جا ۽ ويڄي وڃي پاڻ. نه ڪم آيو ان کي سندس مال ۽

مَا كَسَبَ ﴿۲﴾ سَيَصۡلٰى نَارًا ذَاتَ لَهَبٍ ﴿۳﴾ وَّ امۡرَاَتُهٗ ؕ حَمَّالَةَ

سندس ڪمائي. اجهو پوندو باهه جيئ واريءَ ۾ ۽ زال ان جي به، جا کڻندڙ آهي

الۡحَطَبِ ﴿۴﴾ فِيۡ جِيۡدِهَا حَبۡلٌ مِّنۡ مَّسَدٍ ﴿۵﴾

ڪاٺيون. ۴ ڪنڌ ان جي ۾ رسو هوندو ڪاٻر جو.

سُوْرَةُ الْاِخْلَاصِ مَكِّيَّةٌ وَّهِيَ اَرْبَعُ اٰيَاتٍ

سورت اخلاص مڪي آهي ۽ اها چار آيتون آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۚ ① اَللّٰهُ الصَّمَدُ ۚ ② لَمْ يَلِدْ ۙ ۵ وَ

(اي نبي) چؤ تہ اهو الله هڪڙوئي آهي. الله بي پرواھ آهي. ① نہ ڄڻيائين، ۽

لَمْ يُوْلَدْ ۙ ③ وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ④ ع

نہ ڄڻيو ويو، ۽ نہ آهي ان جو مَٽ ڪوئي.

سُوْرَةُ الْفَلَقِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ خَمْسُ اٰيَاتٍ

سورت فلق مدني آهي ۽ اها پنج آيتون آهي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ ۙ ① مِنْ شَرِّ مَا

(اي نبي) چؤ مان پناھ ٿو وٺان صبح جي سائين جي، ② انهن جي بڇڙائي کان

خَلَقَ ۙ ② وَ مِنْ شَرِّ غَاسِقٍ اِذَا

جن کي پيدا ڪيائين، ۽ بڇڙائي اونداهيءَ رات جي کان جڏهن

وَقَبَ ۙ ③ وَ مِنْ شَرِّ النَّفّٰثٰتِ فِي الْعُقَدِ ۙ ④

گگهہ ٿئي، ۽ بڇڙائيءَ ڦيٽن ڦوڪيندڙ رنن جي کان ڳنڍين ۾، ③

وَ مِنْ شَرِّ حَاسِدٍ اِذَا حَسَدَ ⑤ ع

۽ بڇڙائي ساڙيلي جي کان جڏهن ساڙ ڪري.

سُوۡرَةُ النَّاسِ مَدَنِيَّةٌ وَّهِيَ سِتُّ اٰيَاتٍ

سورت ناس مدني آهي ۽ اها ڇهه آيتون آهي.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ النَّاسِ ① مَلِكِ النَّاسِ ②

(اي نبي) چؤ مان پناهه ٿو وٺان ماڻهن جي پروردگار جي، ماڻهن جي بادشاهه جي،

اِلٰهِ النَّاسِ ③ مِنۡ شَرِّ الۡوَسۡوَاسِ ۙ الۡخَنَّاسِ ④

ماڻهن جي سچي اِلاهه جي، بڇڙائيءَ وسوسي وجهندڙ جي کان، پٺتي پرکي ويندڙ کان،

اَلَّذِيۡ يُوَسۡوِسُ فِيۡ صُدُوۡرِ النَّاسِ ⑤ مِنَ الۡجِنَّةِ وَ النَّاسِ ⑥

جيڪو ڪٽڪو وجهي ٿو ماڻهن جي دلين ۾، جِنن ۽ ماڻهن مان.

ختم قرآن مجيد کان پوءِ دُعا

اَللّٰهُمَّ اٰنِسۡ وَحۡشَتِيۡ فِيۡ قَبۡرِيۡ، اَللّٰهُمَّ ارۡحَمۡنِيۡ

اي الله! ورونهه ڏي منهنجي اڪيلائپ کي قبر ۾، اي الله! رحم ڪرمون تي

بِالۡقُرۡاٰنِ الۡعَظِيۡمِ وَ اجۡعَلۡهُ لِيۡ اِمَامًا وَّ نُوۡرًا وَّ هُدًى

قرآن عظيم سان ۽ ڪر ان کي منهنجي لاءِ رهبر ۽ نور ۽ هدايت

وَّ رَحۡمَةً، اَللّٰهُمَّ ذَكِّرۡنِيۡ مِنۡهُ مَا نَسِيۡتُ وَ عَلِّمۡنِيۡ

۽ رحمت، اي الله! ياد ڏيار مون کي ان مان جيڪي وساريم ۽ سيکار مون کي

مِنۡهُ مَا جَهِلۡتُ وَ ارۡزُقۡنِيۡ تِلَاوَتَهٗ اٰنَاءَ الَّيۡلِ

ان مان جيڪي نه ڄاتم ۽ نصيب ڪر مون کي تلاوت ان جي رات جي وقتن

وَ اٰنَآءَ النَّهَارِ وَ اجۡعَلۡهُ لِيۡ حُجَّةً يَّا رَبَّ الۡعٰلَمِيۡنَ

۽ ڏينهن جي وقتن ۾ ۽ ڪر انهيءَ کي منهنجي لاءِ دليل اي پروردگار جهانن جا.